ميين شاهه عنات جو ڪلام

"الٰهي! عنات جا اَگهاپِين ڪلامَ"

تحقيق ۽ تصحيح

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2010ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن

ڇاپو پهريون	آڪٽوبر 1963ع	تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو	2010ع	تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٽي سؤ پنجاهه روپيا
[Price Rs: 350 -00]

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
Website: www. Sindhiadabiboard.org

هيءَ ڪتاب پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌيءَ جي ڪلاسيڪل شاعر ”شاهه عنات الله‘ عرف ميين شاهه عنات‘ جو ڪلام“ شايع ڪري دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون، چو ته هن ڪتاب جي وقتاً فوقتاً علمي حلقن طرفان گهُر ٿيندي پئي رهي. پر ڇپائيءَ جو اهتمام هاڻي پيدا ٿيو آهي. هن ڪلام جو پهريون ڇاپو آڪٽوبر 1963ع ۾ ڇپيو هو، 46 سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ هيءُ ٻيو ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

ميين شاهه عنات جو خاندان سنڌ جي رضوي ساداتن سان تعلق رکي ٿو، جنهن ڇهين صدي هجريءَ ۾ لڏي اچي بکر ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ٻن ٽن صدين کان پوءِ اتان اچي نصرپور کي وسايو، جتي شاهه عنات جو جنم ٿيو. ميين شاهه عنات جا ناناڻا ”رمضان ڏل“، ڊگهڙي جي ڀريان ٽي ميل ڏکڻ- اوڀر پراڻ جي ڪپ تي ويٺل هئا. ميين شاهه عنات جي تعليم ۽ تربيت بابت ڪو احوال موجود نه آهي، پر وقت جي دستور موجب شاهه عنات جو مڪتب ۾ ويهڻ ۽ ابتدائي تعليم پرائڻ قرين قياس نظر اچي ٿو. ميين شاهه عنات جوانيءَ ۾ اميراڻي ۽ شاهاڻي زندگي گذاري ۽ ڀلن گهوڙن جو وڏو شوقين رهيو. پنهنجي اصطبل ۾ تمام ڀلا گهوڙا رکندو هو.

اندازي موجب ميين شاهه عنات جوانيءَ کان پوءِ فقيريءَ ڏانهن رغبت اختيار ڪئي ۽ پهريان بزرگن ۽ درويشن جي شان ۾ بيت چيا. ميين شاهه عنات جي شادي هاليپوٽن مان ٿي، هاليپوٽا سندن والد جا معتقد هئا. ميين شاهه عنات هڪبئي پٺيان ٽي شاديون ڪيون. پهريون ٻه شاديون هاليپوٽن مان ۽ ٽين ڏل قبيلي مان ڪيس ڇهن فرزندن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو.

ميين شاهه عنات جي هن ڪلام تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو لکيل فڪر انگيز مهاڳ ۽ مقدمو شامل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن ميين شاهه عنات جي ڪلام تي تفصيلي ۽ عالمانه روشني وڌي آهي، ان بابت وڌيڪ ڪجهه لکڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ جي برابر آهي.

بورڊ هن ڪتاب جو نئون ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، اميد ته ڪجي ته هيءُ رسالو لائق پڙهندڙن کي پسند ايندو.

پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

عنوانن جي فهرست

مهاڳ 19-5

مقدمه 82-20

سرود	متن	سمجهاڻي ۽ اشارا
1. ڪلياڻ	85	321
2. جمن	91	322
3. ڪنيات	98	325
4. سرود سريراڳ	115	330
5. رامَڪلي	125	332
6. مارئي	134	334
7. پرڀات	158	339
8. ڌناسري	169	341
9. جيتسري	201	344
10. پورب	203	345
11. ليلا	212	346
12. آسا	215	346
13. ڪاپائتي	218	347
14. ڌهر	224	348
15. مومل راڻو	226	349
16. بلاول	233	350
17. ديسي	240	352

.18	سورٺ	267	355
.19	سارنگ	275	356
.20	توڏي	286	358
.21	ڪاموڏ	294	359
.22	ڪارائيڙو	299	360
•	اضافا	305	361
•	عام روايتي بيت	312	

مهاڳ

شاھ عنايت الله عرف 'ميين شاھ عنات' جو ڪلام اعليٰ سنڌي شاعري جو پهريون شاهڪار آهي، مگر اتفاق سان ورهين جي وٿيءَ بعد سڀ کان پوءِ شايع ٿي رهيو آهي. هن قيمتي ڪلام جي قلمي نسخن جو محفوظ رهڻ ئي هڪ معجزو آهي، ۽ ان جي اشاعت 'ڪلاسيڪي سنڌي شاعري' جي ميدان ۾ هڪ وڏي انقلاب کان گهٽ نه آهي. هن ناياب ذخيري جي شايع ٿيڻ سان سنڌي شاعري جي عروج جي تاريخ ۾ پنجاھ سٺ سالن جو اضافو ٿئي ٿو.

هن وقت تائين سنڌ جي سدا حيات ۽ سرتاج شاعر، بلڪ دنيا جي عظيم ترين شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي شعر جو تاريخي پس منظر مبهم هو. ائين پئي لڳو ته ڄڻ سنڌي شاعري بنا ڪنهن ارتقاء جي، شاھ جي شعر ۾، اوچتو پنهنجي بلوغت کي پهتي. ميين شاھ عنات جو ڪلام سنڌي شاعري جي مسلسل ارتقائي اوج ۽ عروج تي شاهد آهي، ۽ شاھ جي شعر جي تاريخي پس منظر جو چٽو آئينو آهي.

تحقيق جي ابتدا:

سنه 1944ع ۾ سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق ڪندي نصرپور وڃڻ ٿيو، جتي مرحوم ميان مريد حسين شاھ (وفات 1954ع) وٽ ميين شاھ عنات جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو نظر مان گذريو. جنهن جي ڏسڻ سان هن قيمتي ڪلام جي اهميت معلوم ٿي ۽ خيال آيو ته بيڪر هوند اهو ڪلام ڇپجي پوي ته سنڌي علم ادب ۾ اهم اضافو ٿئي. اها هڪ دلي خواهش هئي، پر وقت گذرڻ سان اهو خيال البت دل تان ميسارجي ويو. سنه 1950ع کان جڏهن 'شاھ جي رسالي' جو قدري گهرو مطالعو شروع ڪيو ويو ته ڇپيل نسخن ۾ ڪن سُرن هيٺ شاھ عنات جي شامل بيتن پڙهڻ سان ائين پئي معلوم ٿيو ته ڄڻ شاھ عبداللطيف انهن بيتن پران پنهنجا ڪي بيت چيا هجن يا انهن بيتن مان ڪن جون سٽون يا ڪي فقرا تضمين طور پنهنجي بيتن ۾ ڪنيا هجن. ان بعد سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهرين ڪندي، ميين شاھ عنات ۽ شاھ عبداللطيف جي هڪٻئي سان آشنائي ۽ ڪن بيتن ۾ سندن طبع آزمائي جون ڪافي روايتون مليون، جن ۾ شاھ عنات جي عظمت جا اهڃاڻ پڻ قدري نمايان هئا. انهيءَ دوران مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي وٽ نصرپور واري قلمي نسخي جو نقل، جو کين تازو مليو هو، پڻ مطالع ڪيو ويو. انهيءَ مطالعي، رسالي ۾ شاھ عنات جي شامل بيتن، توڙي سگهڙن وٽ عام مروج حڪايتن کي مدنظر رکي، بنده، شاھ عنات کي علمي دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ خاطر، شاھ عنات ۽ شاھ عبداللطيف جي هڪٻئي پران چيل ڪن بيتن جي پيٽ ڪئي، ۽ "شاھ عنات رضوي ۽ شاھ عبداللطيف ڀٽائي" جي عنوان سان هڪ مضمون پٽ شاھ تي، شاھ عبداللطيف جي ٻه سوءَ ساله سالگره (1951ع) جي موقعي تي پڙهيو، جو پوءِ رسالي "نئين زندگي" (فيبروري 1952ع) ۾ شايع ٿيو.

انهيءَ ابتدائي ڪوشش بعد، ميين شاھ عنات جي بيتن جي تلاش ۽ تحقيق جو ذوق دامنگير ٿيو، ۽ وڌيڪ جستجو جاري رهي. انهيءَ عرصي ۾ ميرپورخاص تعلقي ۾ سَنهڙي جي 'شاھ پوٽن' ساداتن سان آشنائي

ٿي ۽ ميان امام بخش شاهہ عرف وڏل شاهہ کان پهريون پيرو معلوم ٿيو تہ 'شاهہ پوٽا' ميين شاهہ عنات جو اولاد آهن. ميين شاهہ عنات جي سوانح ۽ شعر بابت پڻ هن بزرگ کان مفيد معلومات مليا ۽ اهو پڻ معلوم ٿيو تہ ٽنڊي الهيار کان اتر طرف پورل شاهہ جي ڳوٺ ميان نبي بخش شاهہ وٽ شاهہ عنات جي بيتن جو ذخيرو موجود آهي. انهيءَ تلاش ۾ هڪ پيري محترم عطا حسين شاهہ صاحب موسوي سان گڏ ميان پورل شاهہ جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو ۽ اتي سندس مهربانيءَ سان ميين شاهہ عنات جي ڪن ذاتي تُبرڪات (دستار، جامي، حمائل، وٽي ۽ تسبيح) توڙي سندس ڪلام جي هڪ ڪهني قلمي نسخي ڏسڻ جو موقعو مليو. ۽ پڻ ڳوٺ لڳ، شيخ موسي جي مقام ۾، شاهہ عنات جي مزار جو ديدار حاصل ٿيو. اهڙيءَ طرح ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي ٻن قلمي نسخن جي ڄاڻ ۽ سندس اولاد جي سربرآورده شخصن سان آشنائي، سندس ڪلام ڪي سهيڙڻ ۽ سنوارڻ لاءِ اسان جي ارادي ڪي پختو ڪيو ۽ ان وقت کان وٺي انهيءَ ڏس ۾ پوري ڪوشش سان ڪم شروع ڪيو ويو.

ڪلام ۽ سوانح جا سر چشما:

ميين شاهہ عنات جهڙي آڳاٽي شاعر جي ڪلام ۽ سوانح کي پوريءَ طرح سهيڙڻ خاطر، اسان پنهنجي تحقيق جو رخ ٽن مکيہ سر چشمن ڏانهن ڪيو: (الف) قلمي ذخيرو، (ب) خانداني روايتون، ۽ (ج) سگهڙن وٽ هلندڙ بيت ۽ حڪايتون. انهن ٽنهي سرچشمن جي جانچ ۽ تلاش اٽڪل يارهن سال کن (1950ع - 1961ع) جاري رهي. انهيءَ عرصي ۾ جن مکيہ قلمي ذخيرن، خانداني روايتن، ۽ سنڌ جي سگهڙن جي صدري روايتن مان مواد سهيڙيو ويو، سي هي آهن:

(الف) قلمي ذخيرو: هن ذخيري مان هيٺيان ماخذ قابل ذڪر آهن.

1. ڪلام جي مجموعي جا ٻہ قلمي نسخا، جن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ايندو.

2. شاهہ جي رسالي جا مختلف ڇاپا، جن مان خصوصاً 'بمبئي ڇاپي' مان شاهہ عنات جا جملي بيت نقل ڪيا ويا، ۽ انهن کي 'سرڪاري ڇاپي' ۽ مرزا قليچ بيگ جي مرتب ڪيل رسالي ۾ آيل بيتن سان ڀيٽيو ويو. رسالي جي ڪن قلمي نسخن ۾ آيل بيتن کي پڻ هن ذخيري ۾ شامل ڪيو ويو. 'شاهہ جي رسالي' جي جملي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل نسخن جي مطالعي مان شايد شاهہ عنات جا ڪي ٻيا بيت پڻ هٿ اچن، پر جيئن تہ جملي قلمي نسخن تائين في الحال اسان جي پهچ نہ آهي، انهيءَ ڪري اهڙي تحقيق کي مجبوراً ملتوي ڪيو ويو آهي. 'رسالي' جا جيڪي ڇاپا يا قلمي نسخا مطالعي هيٺ آيا آهن، تن مان ميين شاهہ عنات جي اندازاً اوڻهتر (69) بيتن ۽ ڇهن (6) واين جو پتو لڳايو ويو آهي، جن جا حوالا جابجا هن ڪتاب جي متن جي حاشين ۾ (بمبئي ڇاپي جي سرن ۽ داستانن مطابق) ڏنا ويا آهن.[1]

3. نصرپور ۾ سؤ ورهيہ کن اڳ جو هڪ قلمي بياض نظر مان گذريو، جنهن ۾ ميين شاهہ عنات جا ٽي بيت قلمبند ٿيل مليا[2].

---

(1) ص ص 87، 92-94، 102، 104-105، 108-111، 114، 116-117، 119، 122، 126، 132، 134، 142، 160، 167، 169-170، 174، 176-178، 182-183، 204، 207-208، 214، 221-223، 227، 231، 233-234، 240-241، 243-244، 250، 256، 258، 260، 262، 264، 267، 269، 274، 277، 279-280، 284، 286، 292، 295، 297، 306، 309.

(2) 'سرود پرڀات' بيت[1] ۽ [3]، ۽ سرود بلاول، فصل ٻيو بيت[2].

4. محمد صديق فقير (وفات 11- رمضان 1265هہ) جي 'رازنامـہ' ۾ هڪ بيت لکيل مليو.[1]

5. خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي ڪن قلمي نسخن ۾ 'سر ڏناسري' هيٺ ميين شاهہ عنات ۽ سندس معتقدن جا ڇيل بيت مليا.

6. تاريخ 21 ڊسمبر 1958ع، تعلقي ماتلي ۾ شهر 'ٽري' جي قدير ڪندرن جو معائنو ڪندي 'ديواني شاهہ' جي شاهي قبرستان ۾ 'ديواني شاهہ' جي مزار لڳ ڪلهوڙن جي دور جي جهوني مسجد ۾ وياسون، جنهن جي ديوار تي ڪاري مس ۽ قلم سان اندازاً ڏيڍ سؤ ورهيہ ڪن اڳ جا لکيل بيت نظر آيا، جن مان 6 بيت ميين شاهہ عنات جا ۽ 1 بيت شاهہ بلال جو هو[2]. اهي بيت آڳاٽي سنڌي صورتخطي ۾ لکيل هئا ۽ ڪافي سوچ ويچار بعد پورا پڙهي قلمبند ڪيا ويا.

7. مرحوم سيد علي شاهہ گوهري جي لکيل ڪتابڙي "گلزار غوثيـہ" (سنہ اشاعت 1927ع) ۾ ٻين بيتن سان گڏ شاهہ عنات جا 23 بيت ۽ 4 وايون، شاهہ بلال جا 2 بيت مليا.

(ب) خانداني روايتون: اسان 'شاهہ پوٽن' ساداتن (ميين شاهہ عنات جو اولاد) مان مڙني عمر رسيده بزرگن سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هيٺين صاحبن ڪان روبرو رهاڻ ۾ يا خط و ڪتابت ذريعي ميين شاهہ عنات جي ڪلام ۽ سوانح جو ڪافي ذخيرو هٿ ڪيو ويو، جنهن جي بناء تي سوانح حيات جو مڪيہ پاڳو مرتب ڪيو ويو ۽ پڻ ڪلام جي ٻن قلمي نسخن ۾ شامل بيتن کي پيئيو ويو.

1. حاجي امام بخش شاهہ عرف وڏل شاهہ (پير شاهہ پوٽو) وينل ڳوٺ غلام حيدر شاهہ لڳ مير واهہ گورچاڻي، تعلقو ميرپورخاص، جنهن سان 10- آڪٽوبر 1951ع تي ڪافي رهاڻ ٿي، ۽ ان بعد بہ ساڻس گهڻا پيرا ملڻ ٿيو. ڪانئس ميين شاهہ عنات جي سوانح ۽ شاهہ پوٽن جي پوئين شجري بابت مفيد معلومات ملي.

2. حاجي پير شاهہ ولد مهر شاهہ (پير شاهہ پوٽو) وينل مجري واهہ[3]، لڳ سنهڙو، (ميرپورخاص ڪان 4 ميل ڏکڻ)، تعلقو ميرپورخاص. مرحوم سان بہ دفعا هلي وڃي سندس ڳوٺ ملاقات ڪئي وئي. اسي سالن کان مٿي عمر هئس ۽ علمي لياقت وارو ۽ جهانديده پير مرد هو. وٽس ميين شاهہ عنات جا ڪافي بيت قلمبند ٿيل هئا، جن مان ڪي سندس زباني نقل ڪيا ويا. سندس وفات بعد بيتن جو اهو ذخيرو ميان امام علي شاهہ جي گڏ ڪيل ذخيري ذريعي حاصل ٿيو.

3. حاجي بخش علي شاهہ ولد الله بخش شاهہ (پير شاهہ پوٽو) وينل سنهڙو، تعلقو ميرپورخاص. هن نيڪ مرد سان 25- فيبروري 1955ع تي ميين شاهہ عنات بابت ڪافي رهاڻ ٿي ۽ ان بعد پڻ ڪيئي دفعا ڪچهريون ٿيون، ۽ وٽانئس ميين شاهہ عنات جي سوانح تـوڙي بيتن جو ڪافي مواد مليو. ويندي ڪلام جي ڇپائيءَ تائين سندس مهربانين جو سلسلو جاري رهيو ۽ وقت بوقت ڪانئس مفيد معلومات ملندي رهي.

4. فتح محمد شاهہ ولد امير شاهہ (بلال پوٽو) وينل ديهہ 175، تعلقو ڊگهڙي. حيدرآباد ۾ سندس علالت واري عرصي ۾ ساڻس ملاقات ٿي. وٽانئس ڪي بيت قلمبند ڪيا ويا.

---

(1) 'سرود ڪاپاٽي'، فصل ٻيو، بيت [5].

(2) شاهہ عنات جا بيت: سرود ڪنڀات، فصل 2، بيت [11]: سرود رامڪلي فصل 1، بيت [4]:سرود پرڀات، فصل 2، بيت [10]: سرود بلاول، فصل 2، بيت [2] ۽ [3]، سرود ديسي، فصل [3]، بيت [9]. شاهہ بلال جو بيت: سرود رامڪلي، فصل 1، حاشيہ ص 45، بيت [13].

(3) بالڪل آخر عمر ۾ لڏي وڃي لڳ ڳوٺ ٽالهي، تعلقي عمرڪوٽ ۾ وينو. ساڻس اسان جي ملاقات مجري واهہ واري ڳوٺ ۾ ٿي.

5. محمد علي شاهه ولد عباس علي شاهه (پير شاهه پوٽو) وينل ڳوٺ پنهنجو (لڳ جهڏو) تعلقو ڏگهڙي. ساڻس ملاقات ڪانه ٿي سگهي، پر غائبانه تعارف جي بناء تي هن بزرگ بيتن جو ڪجهه ذخيرو قلمبند ڪرائي موڪليو.

6. الله ڏنو شاهه ولد الله بخش شاهه (پير شاهه پوٽو)، وينل سنهڙو، تعلقو ميرپورخاص. ڪانئس ميين شاهه عنات جي سوانح بابت ڪافي ٽاٽا ۽ اهڃاڻ قلمبند ڪيا ويا.

7. امام علي شاهه ولد لاکو شاهه (پير شاهه پوٽو)، وينل سنهڙو، تعلقو ميرپورخاص. هن نوجوان ميين شاهه عنات جي ٻاهرئين ڪلام سهيڙڻ ۾ دل کولي مدد ڪئي ۽ بيتن جو زياده ذخيرو گڏ ڪري موڪليو.

8. عباس علي شاهه ولد روشن علي شاهه (پير شاهه پوٽو) وينل ڳوٺ پنهنجو (لڳ نئون ڪوٽ)، تعلقو ڏگهڙي، جنهن ڪان ڪن بيتن جون روايتون مليون ۽ پڻ سندس مهربانيءَ سان سگهڙ حاجي عمر چانڊيي سان ڀيريون ڀيرو ڪچهري جو موقعو مليو.

(ج) سگهڙن جون صدري روايتون: 1950ع ڪان 1961ع واري دور ۾، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سگهڙن ۽ سالڪن سان رس رهاڻيون ٿيون، جن ۾ ڪيترن ئي سگهڙن ڪان ميين شاهه عنات جي سوانح ۽ ڪلام بابت ڪي نه ڪي معلومات مليون. جن سگهڙن ڪان هن سلسلي ۾ ڪافي مفيد مواد مليو، تن ۾ هيئين جا نالا قابل ذڪر آهن.

1. حاجي محمد سوڍو بگهياڙ (وينل لڳ ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو)، جنهن سان اسان جي آڳاٽي ڏيٺ ويٺ هئي. ساڻس ميين شاهه عنات بابت 6 – مئي 1952ع تي ۽ ان ڪان پوءِ پڻ ٻه ٽي خاص ڪچهريون ٿيون، جن ۾ ميين شاهه عنات جي سوانح توڙي ڪلام بابت نهايت مفيد معلومات ملي.

2. حاجي عمر چانڊيو (وينل ڳوٺ محمد علي شاهه، تعلقو ڏگهڙي)، جو 'شاهه پوٽن' ساداتن جو مريد ۽ معتقد آهي، ۽ ميين شاهه عنات جي بيتن جو وڏو چاڻو آهي، ساڻس 7 – فيبروري 1959ع تي ميان عباس علي شاهه جي ڳوٺ تفصيلي ڪچهري ٿي، ۽ ميين شاهه عنات جا ڪافي بيت قلمبند ڪيا ويا. ان بعد، حاجي عمر مهرباني ڪري حيدرآباد آيو ۽ ساڻس ڪچهري ڪندي ميين شاهه عنات جي سوانح بابت ڪافي روايتون قلمبند ڪيون ويون. آخر ۾ حاجي عمر چانڊيي جي روايت سان بيتن جو ٻيو ذخيرو پڻ ميان محمد علي شاهه لکارائي موڪليو.

3. خليفو محمود نوحاڻي (عمر 65 ورهيه، وينل لڳ ترائي تعلقو بدين)، جنهن سان 15- نومبر 1958ع ڪان ڏيٺ ٿي ۽ خاص طرح 4- مارچ 1962ع تي ميين شاهه عنات بابت رهاڻ ٿي، جنهن ۾ 'شاهه جي رسالي' ۾ ميين شاهه عنات جي بيتن ۽ ٻين ٻاهرين بيتن بابت ڪافي معلومات حاصل ٿي.

4. سالار خان پٽ ميوو خان، ساڪاڻي چانڊيو (عمر 60 ورهيه، وينل ڳوٺ ميون حسن علي، تعلقو ٽنڊو محمد خان) ساڻس 16- نومبر 1958ع تي ڳوٺ ميين حسن علي ۾ ڪچهري ٿي، جنهن ۾ 'سرود سر سريراڳ' مان ميين شاهه عنات جا ڪي بيت قلمبند ڪيا ويا.

5. حاجي اسمعيل راڏو، بنديچو (وينل لالوکيت، ڪراچي) جنهن ڪان ميين شاهه عنات جا ڪي بيت مليا.

6. سارنگ فقير جت (وينل ڳوٺ الله بچايو خان جلباڻي، تعلقو گهوڙاٻاري) جنهن ڪان سارنگ جي سر مان ميين شاهه عنات جا بيت قلمبند ڪيا.

ڪلام جا ٻہ قلمي نسخا:

موجوده تحقيق جي دوران اسان کي ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي ٻن قلمي نسخن جو پتو لڳي سگهيو. جن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي.

(الف) نسخو (ن): هيءُ نسخو مرحوم ميان نبي بخش شاهہ (وينل ڳوٺ ميان پورل شاهہ. لڳ شيخ موسى، تعلقو ٽنڊو الهيار) وٽ محفوظ هو. ۽ پير ميان غلام رسول شاهہ صاحب جي سفارش ۽ ميان پورل شاهہ جي مهربانيءَ سان اسان کي مليو.

هيءُ نسخو آڳاٽي سنڌي صورتخطيءَ ۾ نهايت پڪي ۽ سهڻي قلم سان لکيل آهي. ڪتابت جي تاريخ ڏنل ڪانهي. پر اندروني اهڃاڻن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هيءُ مجموعو مير غلام علي خان ٽالپر جي دور حڪومت ۾، ميان اميد علي شاهہ گڏ ڪرايو. ڇاڪاڻ تہ هن نسخي جي شروع وارن ورقن ۽ پڻ دوباره آخري ورقن ۾ ڪي متفرقہ بيت لکيل آهن، جن ۾ هينيان ٽي خود ميان اميد علي شاهہ جا چيل آهن، جن ۾ مير غلام علي خان کي دعا ڪيل آهي:

1. ميرل موچارو هُئين غلام علي گلزار[1]
هند، سنڌ، ڪڇ، ڪابل، قنڌار توکي ڏيهہ پريندا ڏاڻ
هندن جا هٿ ٻڌي آندا حيدر هاڻ
پرور توسان پاڻ، آهي أميد علي چوي اڳ ۾.

2. ميرل موچارو هئين، برڪت مديني جام
تو جي کهڻا ڪلام[2]، سي اگهڻا در الله جي.

3. ميرل موچارو هئين، برڪت عالم جي سردار
پنج پٽ ڏييئي[3] پاتشاه، اي ڪئو عرض أمت جي آڌار
خير دين ڪي خير جي منهنجي وهلي وهار
حيدر همت ڏار، آهي آذر اميد علي چوي.

مير غلام علي خان 16- محرم سنہ 1217ھ (1802ع) تي حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ 6- جمادي الثاني، سنہ 1227ھ (1811ع) تي وفات ڪيائين. جيئن تہ انهن شروع وارن بيتن توڙي ان بعد ميين شاهہ عنات جي سُروار بيتن جو ڪاتب ساڳيو آهي، تنهنڪري هيءُ نسخو يقيني طور 1217ھ ۽ 1227ھ جي وچ واري عرصي ۾لکيو ويو. نسخي جي آخر ۾ (سرود ڪارائيڙو جي خاتمي تي) هيٺين فارسي عبارت ڏنل آهي، جنهن ۾ ميان اميد علي شاهہ طرفان ڪلام جي هن مجموعي کي گڏ ڪرائڻ جو ذڪر ٿيل آهي:

"ابيات حضرات قطب الا قطاب قدوة العرفاء زبدة الصلحاء حضرت شاهہ
صاحب غريق رحمت و مغفرت حضرت شاهہ عنات جيو نورالله مرقده و
صاحب ميان محمد شريف جيو قدس سره و حضرت شاهہ صاحب ميان بلال

---

[1] اصل ائين.
[2] ٻيءَ جاءِ تي پڙهڻي 'تنهنجا کهيا ڪلام'.
[3] ٻي پڙهڻي 'ڏنئي'.

شاه جيو نورالله مضجعه و حضرت شاه صاحب ميان قطب شاه جيو رحمه ربه بسيار بودند- آنچه در حفظ محافظ جماعه از فقراء بودند اڪثري از سبب بعد مسافت نَسبياً مَنسيا گشته اند- بقيه ڪه در حفظ و ياد گيري زبدة الاقران ساون فقير مگنهار بود حضرت شاه صاحب والا مواهب عظيم الشان ميان اميد علي شاه جيو در اين رساله ڪه نام او 'تنبيه الطالبين' داشته شد جمع ڪنانيده- اميد ڪه طالبان مستعدان از دُرر غُـرر نصائح آن مستفيد و متنبه گرديده بياد الـهي جلشانه مشغول و سرگرم باشند ڪه موجب سعادت اخروي تواند شد."

يعني ته:

"قطب الاقطاب، قدوة العرفاء، زبدة الصلحاء، مرحوم مغفور حضرت شاهه صاحب جناب حضرت شاهه عنات (نور الله مرقده)، جناب حضرت شاهه صاحب محمد شريف (قدس سره)، جناب حضرت شاهه صاحب ميان بلال شاهه (نورالله مضجعه) ۽ جناب حضرت شاهه صاحب قطب الدين شاهه (رحمه ربه) جن جا چيل بيت تمام ڪي گهڻا هئا، ۽ (معتقدن) فقيرن جي جماعت مان جن ڪي جيڪي ياد هئا تن مان پڻ گهڻا (فقيرن جي) پراهين پنڌ (تي رهڻ) سببان (قلمبند ٿي نه سگهيا ۽) ضايع ٿي چڪا آهن. باقي جيڪي زبدة الاقران سانوڻ فقير مگڻهار کي ياد هئا، سي حضرت شاهه صاحب والا مواهب عظيم الشان جناب ميان اميد علي شاهه جن هن رسالي ۾، جنهن جو نالو "تنبيه الطالبين" رکيو ويو، گڏ ڪرايا. اميد ته باهمت طالب نصيحت جي هنن بي بها موتين مان فائدو پرائي بيدار ٿي حق تعاليٰ جي ياد ۾ مشغول ۽ سرگرم رهندا، جيئن آخرت جي سعادت جا لائق ٿي سگهن.

هن عبارت مان ظاهر آهي ته ميين شاهه عنات ۽ سندس پٽ ۽ پوٽن جي ڪلام کي گڏ ڪرڻ جي هي پهرين ڪوشش هئي، جا ميين شاهه عنات جي وفات کان تمام گهڻو پوءِ، اندازاً هڪ سؤ سال بعد، سندس ٽڙ پوٽي ميان اميد علي شاهه پنهنجي والد قطب شاهه جي وفات بعد ڪئي. پيو ته هن نسخي ۾ صرف اهو ڪلام قلمبند ٿي سگهيو، جو سانوڻ فقير مگڻهار کي ياد هو.

هن نسخي ۾ اندر ڪن جاين تي متن ۾ ٿورا خال ڇڏيل آهن، جن ۾ غالباً ڪو رهيل بيت لکڻو هو پر رهجي ويو. نسخي جي پوين ورقن ۾ مجيد نالي شاعر جا ٻه بيت لکيل آهن ۽ هينان ڪاتب جو نالو "محمد هاشم" ڏنل آهي. انهن بيتن ۽ ٻئي سڄي متن جي صورتخطي ساڳي آهي ۽ انهيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ميان اميد علي شاهه جي ارشاد تي 'محمد هاشم' نالي ڪاتب هي نسخو لکيو. سندس سنڌي خط نهايت ئي پڪو ۽ سهڻو آهي (ڏسو عڪس-1) پر سنڌس علمي لياقت البت ايتري گهڻي نه ٿي معلوم ٿئي، جنهنڪري ڪن جاين تي اصل پڙهڻي سمجهي نه سگهيو آهي، ۽ پڻ ڪن جاين تي ڪن لفظن ۽ فقرن کي پوريءَ طرح صحيح نه لکيو اٿس. هن نسخي ۾ شروع کان آخر تائين سروار متن جملي 127 ورقن ۽ 252 صفحن



1. نسخه ن جي صفحي جو عکس

(پهريون ۽ پويون صفحو خالي) ۾ سمايل آهي. ازانسواءِ شروع ۾ ٽي ورق ٻيا لکيل آهن، جن ۾ ڪي متفرقا بيت ۽ سرن جي فهرست شامل آهن. متن جا بيت 3 انچ ويڪر ۽ 6 انچ ڊيگهه واري گهر ۾ لکيل آهن ۽ هر گهر ۾ سراسر 11 سٽون آهن، جن مان هرهڪ بيت جي هڪ پوري سٽ آهي. ان مرڪزي گهر جي چوڌاري ٽن پاسن کان ٻه انچ حاشيه ڏنل آهي، جنهن ۾ پوءِ هٿ آيل بيت گهڻو ڪري ساڳئي ڪاتب جا لکيل آهن. ڪي بيت جدا خط ۾ پوءِ پڻ لکيا ويا آهن.

هين قلمي مأخذن جي پيڙه سان معلوم ٿئي ٿو تہ سانوڻ فقير مڱڻهار ڪافي سمجهدار ۽ معتبر راوي هو، جنهن کي ميين شاهہ عنات توڙي سندس پٽ، پوٽن ۽ معتقدن جو ڪافي ڪلام ياد هو ۽ ان کي نسبتاً صحيح طور لکايائين.

(ب) نسخو (ق): هي نسخو پهريائين اسان 1944ع ۾ مرحوم ميان مريد حسين شاهہ وٽ نصرپور ۾ ڏٺو هو. نسخي ن جي تحقيقي مطالعي بعد، اسان ڪلام جي هن مجموعي کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ميان غلام قادر شاهہ (ولد مرحوم مريد حسين شاهہ) پنهنجي مهربانيءَ سان هي قلمي ڪتاب اسان جي حوالي ڪيو. هيءُ نسخو نسبتاً وڏي تختي تي سهڻي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهي (ڏسو عڪس-2). ڪتابت جي تاريخ ڏنل ڪانهي، پر ان جي موجوده سنڌي صورتخطي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ نسخو گهڻو پوءِ جو لکيل آهي. خانداني روايت موجب هي نسخو ميان قادر شاهہ وڏي (ميان مريد حسين شاهہ جي والد ۽ نوجوان ميان غلام قادر شاهہ جي ڏاڏي) خود پنهنجي هٿن سان لکيو. قادر شاهہ وڏي تاريخ 27- رمضان 1345ھ/ 1927ع ۾ وفات ڪئي، جنهن جي معنيٰ تہ هيءُ نسخو ان کان اڳ اندازاً هن صدي جي شروع واري عرصي ۾ لکيو ويو. هي نسخو جملي 119 ورقن ۽ 238 صفحن تي شامل آهي. هر صفحي تي بيتن جو متن ساڍا 6 انچ ويڪر ۽ سوا 9 انچ ڊيگهه واري گهر ۾ سمايل آهي، جنهن جي چوڌاري پوڻا 2 انچ ويڪرو حاشيه ڇڏيل آهي جنهن جي اندر ساڳئي قلم ۾ ٻيا بيت اضافي طور لکيا ويا آهن. هن نسخي ۾ ن وارا اڪثر بيت شامل آهن، ۽ پڻ ٻيا ڪافي وڌيڪ بيت لکيل آهن، جن ۾ گهڻا ٽڪا 'شاهہ جي رسالي' جا آهن، ۽ گهڻن ۾ خود شاهہ عبداللطيف جو نالو موجود آهي. 'سرود رپ' هيٺ 13 بيت لکيل آهن، جن مان 12 بيت شاهہ جي رسالي ۾ موجود آهن[1]. حاشين ۾ ڪٿي ڪٿي مثنوي يا رسالي جا بيت توڙي ٻيون تحريرون لکيل آهن. صحت جي لحاظ سان نسخي ق کان نسخو ن نہ فقط آڳاٽو آهي پر وڌيڪ معتبر آهي.

(ج) نسخن ٻيٽ: ن توڙي ق ٻئي مستقل نسخا آهن، يعني تہ هرهڪ جي روايت جدا جدا آهي. ق ۾ جيتوڻيڪ ن وارو گهڻو مواد شامل آهي، مگر اهو ن جو نقل ڪونهي. ٻنهي نسخن جي سرن جي ترتيب پڻ هيٺين طور جدا جدا نموني ڏنل آهي:

---

[1] هيٺيون بيت اسان کي في الحال 'شاهہ جي رسالي' ۾ ڪونہ مليو پر غالباً هي بيت شاهہ عبداللطيف جو ٿي آهي:

من منجهہ هـــي وهٽو، گونـدر هٽ نـہ پيـر
ڪُـڙه ۾ قطَـارون ڪـري، سـورن لايـا سـير
مون جيڏ گهاري ڪير، هيڪلي ري سڄڻين.

ن

متفرقہ بيت
سرودن جي فهرست
در بيان سرود ڪليان
" " سرود جمن
" " سرود ڪنيات
" " سرود سر سريراڳ
" " سرود رامڪلي
" " سرود مارئي
" " سرود پرپات
" " سرود ڌناسري
" " سرود جيتسري
" " سرود ليلا
" " سرود آسا
" " سرود ڍول عرف مومل
" " سرود بلاول
" " سرود ديسي عرف سسئي
" " سرود سورٺ
" " سرود سارنگ
" " سرود توڏي
" " سرود پورب
" " سرود ڪاموڏ
" " سرود ڪارائيڙو
متفرقہ بيت

ق

در بيان سرود مارئي
" " سرود پرپاتي
" " سرود ڌناسري
" " سرود جيتسري
" " سرود پورب
" " سرود ڪاموڏ
" " سرود ڪارايل
" " سرود ليلا
" " سرودآسا
" " سرود مومل و راڻو
" " سرود بلاول
" " سرود ديسي
" " سرود سورٺ
" " سرود سارنگ
" " سرود سهڻي
" " سرود ڪلياڻ
" " سرود ڪنيات
" " سرود سُر سريراڳ
" " سرود رامڪلي
بقيہ سرود ڪنيات
بقيہ سرود مومل و راڻو
بقيہ سرود آسا
سرود آسا
متفرقہ سرود ڌهر
سرود رپ

ٻنهي نسخن ۾ مواد جي ترتيب جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ اول جيڪو مواد وٽن موجود هو سو ڪاتبن سر وار ڪري لکيو. ان بعد جڏهن بيا بيت هٿ آيا تہ ن ۾ هرهڪ سر جي متن سامهون حاشين ۾ لکيا ويا، ۽ ق ۾ اهڙا باقي بيت آخر ۾ سر وار قلمبند ڪيا ويا. ساڳين سرن ۾ بيتن جي ترتيب پڻ ٻنهي نسخن ۾ جدا طور ڏنل آهي. ڪاتبن جي ان ڄاڻائي سبباں، هرهڪ سر ۾ فقط انهي سر جي مضمون وارا بيت قلمبند ڪين ڪيا ويا آهن، پر ٻين سرن سان تعلق رکندڙ ڪي بيت پڻ گڏي لکيا ويا آهن. ن ۾ پڻ اها غلطي آهي (جيئن تہ 'سرود آسا' هيٺ 'ڪاپائتي' جا بيت گڏي لکيا ويا آهن) پر قدري گهٽ آهي، البت ق ۾ اهڙي غلطي گهڻي



بسم الله الرحمن الرحيم

در بيان سر د مارئي:

ڏوس قرنني عرب ڏنيي توکي رب سنيا ميان

اول نور نبي جو نانءُ رکياءِ دسي ڏيه ڏٺين

التحيات آيا منجها بهشت براق سينگاري سا

ملائڪ مڳاءِ آءُ موجن محمد اي توکي ڏات

ڏناءِ آدم عالم عارف سڀ مرسل خاطر تو خلقياءِ

2. نسخه ق جي صفحي جو عکس

آهي- مثلاً: 'سرود ليلا' کان پوءِ رکيل 'سرود آسا' جي عنوان هيٺ ڏنل سيئي بيت 'ڪاپائتي' جي سر جا آهن، 'سرود ڪلياڻ' هيٺ لکيل ڪافي مواد 'ڌناسري' جي سر جو آهي، ۽ 'سرود سر سريراڳ' هيٺ 'رامڪلي' جي مضمون جا بيت لکيل آهن. اهڙيءَ طرح ٻين سرودن هيٺ پڻ ٿورو گهڻو گڏيل مواد شامل آهي[1]. البت ٻنهي نسخن ۾ هڪ خصوصيت ساڳي آهي: يعني تہ هرهڪ سُر ۾ ميين شاهہ عنات جي بيت يا بيتن پويان ڪوشش ڪري ساڳئي مضمون وارا شاهہ شريف، شاهہ بلال، قطب شاهہ يا ٻين مريدن معتقدن جا چيل بيٺ لکيا ويا آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ قسم جي ڪوشش جا اُهڃاڻ ٻنهي نسخن ۾ ملن ٿا، مگر ن ٽوڙي ق ۾ اِها ڪوشش بالڪل ابتدائي ۽ اڻپوري آهي ۽ گهڻو ڪري سيني سُرن ۾ ڪن جاين تي ميين شاهہ عنات ۽ ٻين جا بيت ٻنا ڪنهن خاص ترتيب جي گڏي لکيا ويا آهن. ٻنهي نسخن ۾ هرهڪ سُر جو مواد پڻ مضمون جي لحاظ سان جدا جدا فصلن ۾ ورڇيل نہ آهي.

ڪلام جي ترتيب:

هن ڇاپي خاطر اسان جملي ڪلام جي ترتيب هيٺين اصولن موجب قائم ڪئي آهي.

(الف) سُرن جي ترتيب: سُرن جي سٽاء جو بنياد آڳاٽي ۽ وڌيڪ معتبر نسخي ن ۾ ڏنل ترتيب تي رکيو ويو آهي، جو 'سرود ڪلياڻ' سان شروع ٿي 'سرود ڪارائيڙو' تي ختم ٿئي ٿو. البت ان ۾ هيٺين مختصر اصلاح ڪئي وئي آهي:

1. 'سرود پورب' ن ۾ 'توڏي' بعد لکيل آهي ۽ ق ۾ 'جيتسري' بعد رکيل آهي. 'جيتسري' ۽ 'پورب' جي مضمونن ۾ مناسبت جي لحاظ سان، هن حالت ۾ ق واري ترتيب کي ترجيح ڏني وئي آهي، ۽ 'سرود پورب' کي 'سرود جيتسري' بعد رکيو ويو آهي.

2. ن ٽوڙي ق ۾ 'ڪاپائتي' جي مضمون وارا بيت 'سرود آسا' هيٺ شامل آهن. اهي بيت اتان ڪڍي جدا 'سرود ڪاپائتي' قائم ڪيو ويو آهي، جو 'سرود آسا' بعد رکيو ويو آهي.

3. ن ۾ 'سرود ڏهر' ڏنل ڪين آهي، ق ۾ 'سرود آسا' جي متن جي حاشيہ تي 'متفرقہ سر ڏهر' جي عنوان سان 'ڪونج' بابت ٽي بيت لکيل آهن، جي ٽيئي 'شاهہ جي رسالي' جا بيت آهن. البت ن ٽوڙي ق ۾ ٻين سرن هيٺ ڪي بيت 'سر ڏهر' جي مضمون (شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل 'سر ڏهر' جي مضمون جي لحاظ سان) وارا مليا، جن کي گڏ ڪري 'سرود ڏهر' جدا طور قائم ڪيو ويو آهي ۽ ان کي 'سرود ڪاپائتي' بعد رکيو ويو آهي.

(ب) سُرن جي اندروني مواد جي ترتيب: مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ ن ٽوڙي ق ۾ هر 'سرود' هيٺ ڏنل ڪلام جي ترتيب مختلف آهي، ۽ نڪي اهو ڪلام مضمون جي لحاظ سان جدا جدا فصلن ۾ ورڇيل آهي، تہ نڪي وري سيئي بيت انهيءَ ساڳئي 'سرود' جا آهن. گهڻو ڪري هر 'سرود' ۾ ٻئي ڪنهن 'سرود' جي مضمون جا ٿورا يا گهڻا بيت شامل آهن. ازانسواءِ، ميين شاهہ عنات جي بيتن پران ٻين جا چيل بيت پڻ سڄي سر ۾ پوريءَ ترتيب سان نہ لکيا ويا آهن. انهيءَ ڪري اسان هر 'سرود' جي اندروني مواد کي هيٺين اصولن موجب بالڪل نئين سر مرتب ڪيو آهي:

---

[1] ڏسو عڪس- 2، جنهن ۾ 'سرود مارئي' ساراهہ واري وائي سان شروع ڪيل آهي، جنهن جو 'مارئي' جي مضمون سان تعلق ڪونهي.

1. پهريائين هر سرود جو مواد جملي جاين تان ڪٺي ڪري جدا ڪيو ويو: يعني تہ اول ن ۽ ق مان ساڳئي سرود تائين سرودن مان ساڳئي مضمون وارو مواد ڪٺي ڪري جدا ڪيو ويو. ۽ ان بعد ان ۾ انهيءَ مضمون وارا بيت (ميين شاهہ عنات ۽ ٻين متعلقين جا) 'شاهہ جي رسالي' ۽ ٻين قلمي مأخذن توڙي شاهہ پوٽن جي خانداني روايتن ۽ سگهڙن جي صدري روايتن واري ذخيري مان چونڊي شامل ڪيا ويا.
2. اهڙيءَ طرح هرهڪ 'سرود' جي جملي مواد کي يڪجاءِ گڏ ڪرڻ بعد، ان کي ضرورت موجب مضمون جي لحاظ سان جدا جدا فصلن ۾ ورهايو ويو. انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ کي 'خيال' جي ارتقاء يا 'ڳالهہ' جي سلسلي کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي[1].
3. ان بعد هرهڪ فصل هيٺ ميين شاهہ عنات ۽ سندس اولاد ۽ معتقدن مان ٻين شاعرن جي بيتن ۽ واين کي ڪافي محنت ۽ ڌيان سان اهڙي طرح مرتب ڪيو ويو، جيئن عبارت توڙي مضمون جي مناسبت جي لحاظ سان ميين شاهہ عنات جي پران ٻين متعلقين شاعرن جا بيت پٺيان اچن.
4. ميين شاهہ عنات ۽ ٻين شاعرن جي بيتن ۾ تميز ڪرڻ خاطر، ميين شاهہ عنات جي بيتن کي متن ۾ ڇپائيءَ وارن اکرن ۾ ڇاپيو ويو آهي ۽ هيٺ وڃئين حاشيي ۾ ٻين شاعرن جا بيت صاف سادن اکرن ۾ ڇاپيا ويا آهن. پر ٻنهي ۾ عبارت ۽ مضمون جي لحاظ سان جا مناسبت آهي، سا بيتن جي آڏو ڏنل انگن ذريعي نروار ڪئي وئي آهي. مثلاً: 'سرود ڪلياڻ' جي پهرئين فصل هيٺ متن ۾ ميين شاهہ عنات جي ٻئي بيت (سائر لهريون- الخ) آڏو (2) انگ ڏنل آهي، جنهن جي پران شاهہ بلال جا بہ بيت ڇيل آهن، جن کي پڻ هيٺ حاشيہ ۾ (الف/2) ۽ (ب/2) جي انگن سان لکيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح هرهڪ 'سرود' هيٺ ميين شاهہ عنات جي بيتن ۽ انهن جي پران ٻين شاعرن جي ڇيل بيتن کي ساڳيا انگ ڏنا ويا آهن.

اهڙي اهتمام سان، هرهڪ 'سرود' جي مواد کي نئين سر مرتب ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ مضمون جي سٽاءَ قائم رهي، ميين شاهہ عنات جا بيت ۽ وايون متن جي منڍ ۾ نمايان ٿي بيهن، ۽ پڻ ٻين متعلقين شاعرن جا بيت، عبارت ۽ مضمون جي لحاظ سان، ميين شاهہ عنات جي بيتن هيٺان جُڙي بيهن.

---

[1] 'فصلن' جي هي ترتيب بالڪل منطقي نہ آهي پر بيتن ۽ مضمونن جي مناسبت سان آساني ۽ سهٽي سٽاء خاطر قائم ڪئي وئي آهي. اڪثر 'سرودن' ۾ مجموعي طور سان مضمون ساڳيو آهي، پر 'خيال' جي ارتقاء يا 'ڳالهہ' جي سلسلي جي لحاظ سان فصل قائم ڪيا ويا آهن. 'سرود ڏهر' (ص ص 140 - - 141) ۾ ٽي جدا مضمون سمايل آهن ۽ هر هڪ لاءِ جدا فصل قائم ڪيو ويو آهي.

ڪلام جي تحقيق ۽ تصحيح:

ميين شاهہ عنات ۽ سندس گروه جي شاعرن جي ڪلام جي تصحيح ۾ ڪافي دشواريون پيش آيون. اول تہ ميين شاهہ عنات جي زبان نهايت ڳوڙهي ۽ لغت آميز آهي، جنهن کي سمجهڻ ايترو آسان نہ آهي. ٻيو تہ نسخو ن آڳاٽي سنڌي صورتخطي ۾ لکيل آهي، جنهن کي سولائيءَ سان پڙهڻ مشڪل هو. البت نسخي ق جي صاف سنڌي صورتخطي ۽ سگهڙن جي ڪن زباني روايتن مان قدري رهنمائي ٿي، پر تنهن هوندي بہ ڪافي انوکا الفاظ ۽ اصطلاح تحقيق طلب رهيا. ٽيون تہ اهڙا بيت جي ن توڙي ق ۾ ڪين هئا ۽ فقط ڪنهن هڪ قلمي مأخذ يا زباني روايت ذريعي مليا، انهن کي پيڻ لاءِ ٻيو ڪو ذريعو ڪونہ هو، جنهنڪري انهن جي تحقيق ۽ تصحيح تي ڪافي غور ڪرڻو پيو. مثلاً: ڪي بيت فقط 'ديواني شاهہ جي درگاه' جي مسجد جي ديوار تي نهايت مشڪل ۽ ميساريل صورتخطيءَ ۾ مليا، جن جي صحيح پڙهڻي قائم ڪرڻ ۾ ڇڻ جبل ٽاڪڻو پيو. مجموعي طور سان ڪلام جي هن ذخيري جو ڪافي وڏو حصو بالڪل نئون ۽ غير مانوس هو، جنهنڪري ان جي عبارت توڙي معنيٰ سولائي سان ذهن ۾ نٿي آئي. هن انوکي ۽ ڳوڙهي ڪلام جي ڳوڙهي سٽاء ذهن تي ڪافي بار وڌو، مگر مسلسل غور ۽ مشوري سان ۽ مختلف روايتن کي پيڻ سان اندازاً 99 سيڪڙو ڪان بہ زياده مواد کي پوريءَ طرح سمجهي ان جي تصحيح ڪئي وئي آهي ۽ ان کي زيرن زبرن سان شايع ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ کي آسانيءَ سان ذهن نشين ٿي سگهي.

ڪلام جي مختلف روايتن کي پيڻ وقت زياده ترجيح ن ۽ ق جي متفقہ پڙهڻي کي ڏني وئي آهي، ان بعد ن يا ق يا 'شاهہ جي رسالي' ۾ ڏنل پڙهڻي کي وزن ڏنو ويو آهي، ۽ ان بعد ٻين قلمي مأخذن يا عام مروج روايتن کي اختيار ڪيو ويو آهي. هر صفحي تي هيٺين ڪاري ليڪ بعد آخري حاشيہ ۾ اهڙيون اختلافي پڙهڻيون ڏنيون ويون آهن جي قدري وزندار آهن. بالڪل معمولي اختلافن کي درگذر ڪيو ويو آهي، انهي لاءِ تہ خواه مخواه نڪي ذهن منتشر ٿئي تہ نڪي پنو ضايع ٿئي.

هر بيت جي اصولي مأخذ کي پهرئين سٽ جي سامهون کبي پاسي هيٺين نشانين ذريعي نروار ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن مکيہ مأخذ ۾ پڻ بيت موجود آهي، يا ڪنهن بہ ٻئي مأخذ ۾ ڪنهن لفظ يا سٽ جي پڙهڻي ذرا وزندار آهي تہ اهڙو مأخذ ۽ ان جي اختلافي پڙهڻي هيٺ حاشيہ ۾ ڏني وئي آهي. مگر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ماخذ جي پڙهڻي ساڳئي اصولي مأخذ واري آهي تہ ان ڏانهن اشارو لازمي نہ آهي.

[ن ق] اهو بيت ن ۽ ق ٻنهي نسخن ۾ موجود آهي.

[ن] اهو بيت ق ۾ ڪونهي پر ن ۾ موجوده آهي.

[ق] اهو بيت ن ۾ ڪونهي پر ق ۾ موجود آهي.

[ر] اهو بيت ن ۽ ق ۾ ڪونهي (۽ ٻئي ڪنهن ٻاهرئين مأخذ: مثلاً: 'شاهہ جي رسالي'، ڪنهن ٻيءَ لکيت يا زباني روايت ذريعي مليو.)

جيڪڏهن ڪنهن بيت جي سٽ يا وائي جي مصرع جا ڪي الفاظ يا فقرا ڪٽل هئا ۽ ڪنهن مأخذ مان ملي نہ سگهيا، تہ اسان مضمون جي لحاظ سان مناسب لفظن يا فقرن جو اضافو ڪيو آهي ۽ انهن کي چورس ڏنگين [ ] ۾ رکيو ويو آهي.

ميين شاهہ عنات ۽ ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ فرق ڪرڻ نهايت ڏکيو آهي، خصوصاً انهيءَ حالت ۾ جو جڏهن شاعر جو نالو ڏنل ڪونهي، يا 'سيد' جو نالو آيل آهي: جو ميين شاهہ عنات توڙي ڀٽائي صاحب ٻنهي استعمال ڪيو آهي. ازانسواءِ 'شاهہ جي رسالي' جي قلمي نسخن توڙي اڳاٽن ڇاپن ۾ شاهہ عبداللطيف جي ڪلام سان گڏ ڪيترن ٻين شاعرن ۽ خصوصاً شاهہ عنات جا ڪافي بيتَ شامل آهن، جن کي هن کان اڳ پروڙڻ مشڪل هو، ڇاڪاڻ تہ شاهہ عنات جي بيتن بابت سندس خاندان ۾ پيڙهي بہ پيڙهي هلندڙ ڳالهيون، توڙي ڪن سڄاڻ سگهڙن وٽ آڳاٽيون روايتون جمع ٿيل ڪين هيون. انهيءَ سڄي ذخيري هٿ اچڻ بعد، 'شاهہ جي رسالي' ۾ ميين شاهہ عنات جي شامل ڪلام جي تصديق ۾ ڪافي قدر آساني ٿي آهي، مگر مختلف زباني روايتن ۾ ڪي ساڳيا بيت ميين شاهہ عنات توڙي ڀٽائي صاحب ڏانهن منسوب آهن، ۽ پڻ پوئين ويجهي دور ۾ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي لڪايل نسخي ق ۾، ڪن جاين تي متن ۾ توڙي متن جي ٻاهران حاشيي ۾ ڀٽائي صاحب جا بيت سندس نالي سان شامل ڪيا ويا آهن. غالباً ڪلام گڏ ڪرائيندڙ کي ڀٽائي صاحب جا اهي بيت پسند هئا، انهيءَ ڪري اهي پڻ لکايا ويا؛ جيئن ڀٽائي صاحب جن ڪن موقعن تي شاهہ عنات جا بيت مثال طور پڑهيا ۽ اهي پڻ 'رسالي' واري مجموعي ۾ شامل ڪيا ويا.

انهيءَ ڪري ڪافي محنت ۽ تحقيق کان ڪم ورتو ويو، جيئن خالص ميين شاهہ عنات جو ڪلام پوري صحت ۽ تصديق سان پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو وڃي، ۽ هيءَ ڪتاب خود 'شاهہ جي رسالي' جي تحقيق لاءِ هڪ پيش خيمو بنجي. انهيءَ سلسلي ۾ تحقيق ۽ تنقيد جا هيٺيان طريقا اختيار ڪيا ويا:

1. ميين شاهہ عنات ۽ سندس گروهہ جي ڪلام جي سڄي ذخيري کي سامهون رکي، ان کي 'شاهہ جي رسالي' سان ڀيٽيو ويو ۽ اهي بيت جي خود 'شاهہ جي رسالي' ۾ 'عنات' جي نالي سان موجود هئا، سي لکيا ويا. اهڙا بيت جيڪي ميين شاهہ عنات جي ڪلام واري ذخيري ۾ معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان انوکا نظر آيا ۽ پڻ ساڳئي وقت 'شاهہ جي رسالي' ۾ شاهہ عبداللطيف جي نالي سان موجود هئا، سي ڇڏيا ويا.
2. اهي بيت جيڪي متفقہ طور ن توڙي ق ٻنهي ۾ شاهہ عنات جا مجيل هئا، يا اهي بيت جيڪي ن يا ق مان ڪنهن بہ هڪ ۾ موجود هئا ۽ ساڳئي وقت ٻين ٻاهرين ماخذن مان پڻ تصديق ٿي تہ شاهہ عنات جا آهن، سي ڪنيا ويا.
3. اهو بيت جو فقط ن ۾ فقط ق ۾ ڏنل هو تہ ق جي ڀيٽ ۾ ن واري کي زياده وزن ڏنو ويو. ان بعد ڏنو ويو تہ جيڪڏهن 'شاهہ جي رسالي' ۾ اهو بيت ڪنهن اهڙي ٻئي بيت سان لاڳيتو ڏنل آهي، جنهن ۾ شاهہ عنات جو نالو آهي يا ان بيت ۾ استعمال ٿيل مخصوص الفاظ ۽ اصطلاح اهڙا آهن، جي ميين شاهہ عنات جي ٻين بيتن ۾ موجود آهن، تہ اهو شاهہ عنات جو ڪري ڪنيو ويو.
4. اهو بيت جو فقط ق يا فقط ر (فقط هڪ زباني روايت) ۾ هو، پر 'شاهہ جي رسالي' ۾ پڻ موجود هو تہ ان کي اڪثر ڇڏيو ويو[1].

---

[1] هن ڪتاب جي خصوصاً پهرين سرن ڇپائڻ وقت پل سببان هن اصول جي پيروي نہ ٿي، جنهن ڪري ڪي روايتي بيت جي "شاهہ جي رسالي" ۾ موجود هئا، سي پڻ متن ۾ ڇپجي ويا آهن. ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل "سمجهاڻي ۽ اشارا" ۾ اها درستي ڪئي وئي آهي، جنهن ڏانهن توجهہ ضرور آهي.

5. ڪي ٿورڙا بيت البت اهڙا هئا جن بابت ڪابہ ٻاهرين ثابتي ڪارآمد نہ ٿي سگهي. اهڙي حالت ۾ انهن کي اندروني سٽاءُ واري ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو: يعني تہ جيڪڏهن بيت جي ٻولي ڳوڙهي (شاهہ عنات جي خصوصيت) ناهي پر نهايت عام فهم ۽ فصيح (ڀٽائي صاحب جي خصوصيت) آهي، يا بيت ۾ ڳالهہ جي بيان (شاهہ عنات جي خصوصيت) بدران فڪر ۽ خيال (ڀٽائي صاحب جي خصوصيت) سمايل آهي تہ غالباً اهو بيت شاهہ عبداللطيف جو آهي، پر جيڪڏهن سٽاءُ ان جي برعڪس آهي تہ غالباً اهو بيت ميين شاهہ عنات جو آهي.

قلمي نسخن ۽ روايتن کي اُتاري، ڇپائي لاءِ آخري بياض تيار ڪرڻ وقت ڪن 'سرودن' مان ڪي بيت رهجي ويا ۽ انهيءَ ڪري ڇاپي هيٺ ڪين آيا. اهڙا جملي رهيل بيت ۽ وايون، "اضافا" جي عنوان سان متن جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن، ۽ اُميد تہ ڪتاب جي ٻئي ڇاپي وقت متن ۾ موزون جاين تي رکيا ويندا.

قلمي ذخيري توڙي سگهڙن جي عام روايتن مان ڪي بيت شاهہ عنات جي نالي سان مليا آهن، مگر مشڪوڪ آهن. اهڙا بيت جي فقط ڪنهن هڪ مأخذ ۾ موجود هئا يا مختلف سگهڙن ۽ راوين کان شاهہ عنات جي نالي سان مليا، پر نڪي 'شاهہ جي رسالي' ۾ موجود هئا ۽ نڪي في الحال ڪنهن ٻئي ذخيري مان انهن جي تصديق ٿي، اُهي 'عام روايتي بيتن' جي عنوان هيٺ 'اضافن' کان پوءِ شامل ڪيا ويا آهن، انهيءَ لاءِ تہ محفوظ رهن.

ميين شاهہ عنات جو ڪلام، ٻوليءَ جي لحاظ سان آڳاٽو ۽ عبارت جي لحاظ سان ڪافي ڳوڙهو آهي. انوکن لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن کان سواءِ ان ۾ ساٿهن ۽ ماڳن ڏانهن پڻ اشارا موجود آهن، جنهنڪري ان کي سمجهڻ، سوڌڻ ۽ سنوارڻ ايترو آسان نہ هو. اسان ڪوشش ڪري ميين شاهہ عنات جي خاندان مان سمجهدار فردن توڙي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سڃاڻ سگهڙن سان ملي، انوکن لفظن ۽ فقرن جي معنائن جي تحقيق ڪئي ۽ ڪلام ۾ آيل ڪن درويشن، شهرن ۽ ماڳن جي نالن بابت پڇا ڪئي. البت هڪ تہ هيءَ ڪم مشڪل هو، ٻيو تہ وقت ٿورو هو، ۽ ٽيو تہ اسان جا وسيلا محدود هئا. انهيءَ ڪري في الحال اسان پنهنجي محدود سعيي ۽ ڇاڻ جي آڌار تي ڪتاب جي آخر ۾ هرهڪ سرود جي مختصر سمجهاڻي لکي آهي، انهي لاءِ تہ هن ڪلام جي پڙهڻ ۽ پروڙڻ ۾ قدري آساني ٿئي.

شامل ڪلام جو تفصيل:

مختلف مأخذن مان هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪلام جمع ڪيو ويو آهي، يا ميين شاهہ عنات ۽ سندس گروه جي هرهڪ شاعر جو جيترو ڪلام شامل آهي، ان جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙن کي جملي ڪلام ۽ ان جي نوعيت جو آساني سان اندازو ٿي سگهي.

(الف) سڄي ڪتاب ۾ جملي 842 بيت ۽ 44 وايون شامل آهن، جن ۾ سواءِ ڪن ٿورڙن بيتن ۽ واين جي، آڳاٽي سنڌي شعر جو هي قيمتي ۽ وڏو ذخيرو پهريون دفعو شايع ٿي رهيو آهي.

(ب) مختلف مأخذن مان ورتل بيتن ۽ واين جو تفصيل هيٺينءَ طور آهي:

ن ۽ ق نسخن	مان	733	بيت	۽	38	وايون
'شاهہ جي رسالي'	مان	22	بيت	۽	4	وايون

’ٻين لکيتن‘	مان	40	بيت ۽ 2 وايون
’زباني روايتن‘	مان	47	بيت

(ج) ميين شاھ عنات ۽ سندس گروھ جي ٻين شاعرن جي ڪلام جو جدا جدا تفصيل هيٺينءَ طور آهي:

1. ميون شاھ عنات	469 بيت ۽ 42 وايون	13. لاکو	1 بيت
2. شاھ شريف	82 بيت ۽ 1 وائي	14. لکمير	1 بيت
3. شاھ بلال	63 بيت ۽ 1 وائي	15. عبدالله	1 بيت
4. قطب شاھ	150 بيت	16. قاسم	1 بيت
5. پيرو	5 بيت	17. عليم	1 بيت
6. رنگريز	4 بيت	18. منون	1 بيت
7. ڪٽي	1 بيت	19. راول	1 بيت
8. يوسف	13 بيت	20. صمد	2 بيت
9. مالڻ	1 بيت	21. مگٺهار	1 بيت
10. صابر	2 بيت	22. ڄام	1 بيت
11. هوندل شاھ	2 بيت	23. ٻنا نالي	36 بيت
12. اوپايو	1 بيت	24. اميد علي شاھ	1 بيت

هي ڪشالو اسان محض سنڌي ٻوليءَ سان محبت ۽ ان جي اڳاٽي علم ادب کي اجارڻ خاطر ڪڍيو آهي، مگر هيءَ مشڪل آسان نہ ٿئي ها، جيڪڏهن مخلص سائين جي مدد شامل حال نہ هجي ها. سڀ کان اول آءٌ محترم ماسٽر محمد يعقوب صاحب ميمڻ جو شڪرگذار آهيان، جنهن وقت بوقت ڏنل هدايتن موجب قلمي نسخن ۽ ڪلام جي ٻئي ذخيري کي اتارڻ، ان بعد سڄي ڪلام کي هڪ مسودي جي صورت ۾ يڪجاءِ گڏ ڪرڻ ۽ بيتن کي پيٽڻ خاطر جدا جدا پڙهٽيون قلمبند ڪري ڏيڻ جو بار کنيو ۽ ان ڪم کي نهايت سهڻي سليقي سان پورو ڪيو. ان بعد محترم ممتاز مرزا ڪتاب جي آخري مُبَيضي کي اتارڻ جو ڪم نهايت خوبيءَ سان سرانجام ڏنو ۽ مواد کي پريس ۾ پهچائڻ ۽ پهرين پروفن پڙهڻ جي جوابداري پنهنجي ذمي ڪئي. محترم محمد اسماعيل شيخ پروفن جي دوباره چڪاس ۽ ڇپائي جي سڄي ڪم جي نظرداري ڪئي، ۽ پڻ ’صحت نامي‘ تيار ڪرڻ ۽ ڪتاب ۾ شامل مواد جي تفصيل ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي. سنڌ يونيورسٽي پريس جي ڪمپازيٽرن هن ڪتاب جي صفحي صفحي کي مختلف ٽائيپن ۽ سهڻي سٽاء سان ڪمپوز ڪرڻ ۾ وڏي محنت ڪئي ۽ انهيءَ فن جي اڳواٽي جو سهرو سڄاڻ ڪمپازيٽر محترم محمد حسن بلوچ جي سر سونهي. پريس مئنيجر محترم اعجاز محمد صديقي ڪتاب جي سهڻي ۽ سگهي ڇپائي طرف خاص توجهہ ڏنو. بندہ انهن مڙني مخلص سائين ۽ ڪارڪنن جو تهدل شڪرگذار آهي.

انهن سڀني صاحبن ۽ سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن جو پڻ شڪرگذار آهيان، جن جي ذريعي هن ڪلام جو ذخيرو جتي بہ موجود هو، اتان اسان کي ملي سگهيو. خصوصاً پير ميان غلام رسول شاھ ۽ ميان پورل شاھ جي سفارش سان مرحوم ميان نبي بخش شاھ کان ڪلام جو اڳاٽو قلمي نسخو مليو ۽ نصرپور مان ميان غلام قادر

شاهه جي مهرباني سان ڪلام جو ٻيو قلمي نسخو حاصل ٿيو. شاهه پوٽن ساداتن مان شروع ۾ ميان امام بخش شاهه عرف وڏل شاهه ۽ ان بعد خاص طرح حاجي بخش علي شاهه صاحب هن ڪم جي تڪميل ۾ هڙان وڙان مدد ڪئي. سڀ کان زياده آءُ پنهنجي مهربان دوست ۽ ڪرم فرما محترم محمد اسماعيل خان نون جو ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي ميين شاهه عنات جي ڪلام جي تصحيح ۽ تحقيق لاءِ وقت بوقت همٿايو ۽ ڪم جي شروعات کان وٺي آخر تائين منهنجي دل و جان سان مدد ڪئي. هن صاحب منهنجي لاءِ ميين شاهه عنات جي خاندان جي ڪن سر بر آورده فردن توڙي پري پري ٻهرارين ۾ رهندڙ سگهڙن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جا ذريعا پيدا ڪيا ۽ پڻ پاڻ پنهنجي سر ڪوشش ڪري ڪلام جو ڪافي ذخيرو مون تائين پهچايو. آخر ۾ هن صاحب سڄو ڪلام مون سان گڏ ويهي پڙهيو، ۽ خصوصاً سر مارئي ۽ سر سارنگ ۾ ٿرپارڪر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن سمجهڻ توڙي اتي جي ماڳن ۽ مڪانن کي متعين ڪرڻ ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي.

محبت ميڙي، ڳوٺ ٻڌجي هيڪڙو
تنين جي ويڙهي، پاٺي ايندو پاتشاه.

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ — خادم العلم

5- صفر 1383هه — نبي بخش بلوچ

(27- جون 1963ع)

باسمہ تعالیٰ

مقدمه

ميون شاهہ عنات، ڪلهوڙن جي اوائلي دور جو بلند پايي شاعر ۽ درويش ٿي گذريو آهي. هو نصرپور ۾ رهندڙ "رضوي" ساداتن جي هڪ برک ۽ بينل قبيلي جو فرد هو، ۽ پاڻ هڪ وڏي اهل عيال وارو هو. ڪافي وڏي عمر پاتائين ۽ پنهنجي اولاد توڙي معتقدن مريدن جي تربيت ڪيائين. سنڌ جي خصوصاً لاڙ ۽ ٽرپارڪر وارن پاڳن (موجوده حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن) سان سندس گهڻو واسطو رهيو ۽ عام توڙي خاص سندس برگزيده شخصيت ۽ دلپذير بيتن کان گهڻي قدر متاثر ٿيا. ازانسواءِ وقت جي حڪمرانن، سندن نائبن توڙي وقت جي بينل ماڻهن وٽ پڻ هن درويش جي وڏي عزت هئي. سندس مشهور نانءُ نالي سبيان سندس اولاد، وڏن جي موروثي نالي "رضوي" جي بدران، سندس ذاتي نالي پويان "شاهہ پوٽا" سڏجڻ لڳا، جن ۾ پڻ شاعر، درويش، نيڪ مرد، عالم، ۽ بااثر زميندار پيدا ٿيا. خاندان جي نيڪ مردن ۽ سربرآورده شخصيتن توڙي مريدن ۽ معتقدن جي ڪافي وڏي گروه سببان شاهہ عنات جي درويشي ۽ شاعري بابت مسلسل روايتون هلنديون آيون ۽ اڄ ڏينهن تائين رائج آهن. مگر سواءِ ڪن سڄاڻ سگهڙن جي اهي اڪثر سندس اولاد ۽ مريدن جي دائري تائين محدود رهيون آهن. عوام ۾ البت "شاهہ عنات ۽ شاهہ ڀٽائي" جي چيل هر خيال بيتن جون مقالون مشهور رهيون آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌ جو گهڻو پاڱو "شاعر شاهہ عنات" جي نالي کان پڻ واقف آهي. انهن عام اهيڃاڻن کان سواءِ، شاهہ عنات جي سوانح عمري توڙي ڪلام بابت پڙهيل طبقي جا معلومات هن وقت تائين محدود آهن، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي جي هن عظيم الشان آڳاٽي شاعر جو اڄ تائين ڪماحقہ قدر نہ ٿيو آهي. سندس وفات کان پوءِ وڏي عرصي گذرڻ ۽ ان عرصي ۾ سندس ڪلام ڏي توجهہ نہ هئڻ سببان، شاهہ عنات بابت معلومات جا ذريعا پڻ ميسارجي ويا آهن. اسان موجوده وقت ۾ هٿ آيل ڏاڻن ۽ اهيڃاڻن جي بناء تي "اعليٰ سنڌي شاعري" جي هن نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر جي سوانح ۽ ڪلام تي قدري تفصيلي روشني وجهون ٿا.

سوانح حيات

(الف) خاندان:

ميين شاهہ عنات جو خاندان سنڌ جي رضوي ساداتن سان تعلق رکي ٿو، جن ڇهين صدي هجريءَ ۾ اڇي بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ٻن ٽن صدين بعد اتان هڪ شاخ لڏي اچي نصرپور کي وسايو، جنهن جي "مبارڪ پوٽا" پاڙي مان شاهہ عنات پيدا ٿيو. رضوي ساداتن توڙي ميين شاهہ عنات بابت "تحفة الڪرام" ۾ مختصر حوالا ملن ٿا، پر زياده ۽ قدري معتبر تفصيل هڪ آڳاٽي ڪتاب "شجره طيبہ سادات نصرپور" [1] ۾ ڏنل آهي، جنهن مان هيٺيان حالات روشن ٿين ٿا.

---

[1] هي ڪتاب نصرپور جي عالم سيد ضياء الدين رضوي، سنہ 1149هہ ۾ لکيو، جنهن جو نقل ميان محمد صديق رضوي نصرپوري، سنہ 1215هہ ۾ ڪيو. ان بعد نصرپور جي مشهور شاعر جناب مصري شاهہ جي ارشاد تي آخوند عبدالڪريم بن آخوند محمد بچل حيدرآبادي (جنهن پوءِ نصرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي)، ميان محمد صديق جي لکيل نسخي تان سنہ 1313 هجري ۾ هڪ نقل تيار ڪيو، جنهن جي حاشين تي توڙي پويان ڪافي مفيد اضافا ڪري هن شجره کي مڪمل بنايو ويو. اسان جي آڏو آخوند عبدالڪريم وارو لکيل نسخو آهي.

1. رضوي ساداتن جو سنڌ ۾ اچڻ: امام موسيٰ رضا جي اولاد مان سيد ابوالمڪارم زيد [1] پنهنجي وقت جو هڪ عالم، عابد، زاهد ۽ مڪي شريف ۾ اثر ۽ اختيار جو صاحب هو. ان جي فرزند سيد قاسم (اول) جو اولاد سنڌ ڏانهن آيو (ڏسو شجره - 1). سيد ابوالمڪارم زيد جي فرزند سيد قاسم جا ٻه پٽ سيد محمد ۽ سيد علي پهريائين پهريائين امام موسيٰ ڪاظم جي اولاد مان سيد چڱي (چنگه) بن علي بن عباس سان گڏجي سنڌ ڏانهن آيا. باقي سندس ٽيون پٽ سيد ابراهيم (اول) مڪي شريف ۾ رهيو. سيد ابراهيم (اول) کي پنج پٽ ٿيا، جن مان سيد محمد شجاع ۽ سندس پٽن ۽ سيد قاسم (ثاني) جي فرزند سيد ابراهيم (ثاني) ۽ سندس فرزندن، ۽ ٻين واسطيدارن شوال سنه 545هه ۾ مڪي شريف مان هجرت ڪئي. سيد محمد شجاع کي ٻه فرزند ٿيا، سيد علي ۽ سيد محمود، جو "محمود مڪي" جي نالي سان مشهور ٿيو. "تحفة الڪرام" ۽ ٻين روايتن ۾ هن بزرگ جو نالو متفقه طور "سيد محمد مڪي" ڄاڻايل آهي.

سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ هنن بزرگن جو سهروردي طريقي جي باني مباني حضرت شيخ شهاب الدين سان مريدي ۽ مائٽيءَ جو رشتو ٿيو، ۽ انهيءَ ڪري پوءِ سنڌ ۾ سندن اولاد پڻ سهروردي طريقي سان شامل رهيو. 'تحفة الڪرام' جي بيان موجب سيد محمد شجاع جي شيخ شهاب الدين سهروردي سان عقيدت ٿي ۽ ڪيس مرشد ڪري ورتائين. حضرت شيخ مٿس نهايت مهربان هو ۽ ڪيس پنهنجي نياڻي نڪاح ۾ ڏنائين. جنهن مان سيد محمد ڪيس مڪي شريف ۾ ڄائو، جو 'محمد مڪي' جي نالي سان مشهور ٿيو، ۽ پوءِ سنڌ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. 'شجره' مطابق، سيد 'محمود' مڪي ۽ سندس پٽ صدرالدين محمد خطيب، سيد ابراهيم ثاني ۽ سندس پٽ علاؤالدين، زيد بن علي، شيخ حامد انصاري جا پٽ، شيخ ابواسحاق، شيخ ايوب ۽ شيخ صدر ۽ سيد نورالدين بن سيد حسن باڪ. اهي نو ڄڻا [2] پنهنجي عيال اولاد ۽ خادمن سميت جملي 45 ڄڻا، سال 549هه ۾، 'هرسنه' قلعي اندر ڏکڻ طرف پنهنجون حويليون ناهي اُتي مقيم ٿيا. 'تحفة الڪرام' جي ڇاپي ۾ هن ماڳ جو نالو 'فرشته' لکيل آهي [3]، جو غالباً 'هرسنه' جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ پڻ ڄاڻايل آهي ته سيد محمد مڪي جي آمد ۽ برڪت سبب ان ماڳ جو نالو مٽجي 'بکر' ٿيو [4]. 'شجره' ۾ ڄاڻايل آهي ته دهليءَ جي بادشاهه طرفان هن پاسي جي ترڪ ناظمن (متصدين) مان علي بن شاهه محمد بن علاؤالدين شاهه دهلي مان 'ماڇه' ۽ 'ڪماڇه' نالي عملدارن کي درياءَ جي وچ ۾ ٽڪر تي قلعي ٻڌڻ لاءِ موڪليو ۽ هنن اچي 'بکر' جو قلعو تعمير ڪرايو. ان بعد 'هرسنه' جي بستي واري آبادي نئين قلعي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اول سيد ابراهيم بن علاؤ الدين بن ابراهيم ثاني پنهنجي عيال لاءِ بکر جي نئين قلعي ۾ ڏکڻ طرف پڪين ڇتين سان سهڻيون جايون نهرايون ۽ ان بعد سيد 'محمود' (محمد مڪي) ۽ سندس اولاد پڻ بکر جي قلعي اندر جايون جوڙائي مقيم ٿيا. ان وقت سنه 555 هه ۾ سيد 'محمود' (محمد) وفات ڪئي ۽ ڪيس اوير طرف ٽڪر جي دامن ۾ دفن ڪيائون. ٻن مهينن بعد 'ابو اسحٰق' بن شيخ حامد انصاري وفات ڪئي ۽ ڪيس سندس پاءُ (ايوب) جي قبر لڳ دفن ڪيائون. اهڙيءَ طرح اهي ٽيئي قبرون گڏ آهن.

---

[1] شجره مطابق: ابوالمڪارم زيد بن جعفر بن حمزه بن هارون بن عقيل بن ابي عقيل بن اسمٰعيل بن ابي عبدالله جعفر ثاني بن علي نقي بن محمد تقي بن موسيٰ رضا.

[2] 'شجره' جي اصل عبارت 'اين هشت نفر' (اهي اٺ ڄڻا) آهي ۽ شيخ صدر مٿان ڳاڻيٽي جو انگ لڳل نه آهي. بکر ۾ آيل انهن بزرگن لاءِ ڏسو 'شجره - 1'.

[3] ڏسو 'تحفة الڪرام'، ڇپايل 'سنڌي ادبي بورڊ'، ص ص 311 ۽ 313.

[4] 'بکر' جي نالي لاءِ ڏنل دليلن لاءِ ڏسو 'تحفة الڪرام' ص 311.

شجره — ۱

سيد قاسم جو اولاد ۽ پيا، جي پهريائين اچي بکر ۾ مقيم ٿيا

** اول سنڌ ملڪ ۾ آيا
* سڀ ڪڏهن اچي بکر ۾ مقيم ٿيا



* سيد نورالدين بن سيد حسن باڪ
* شيخ ابو اسحاق بن حامد انصاري
* شيخ ايوب بن شيخ حامد انصاري
* شيخ صدر انصاري

شجره -۲

سيد علاءالدين بن سيد ابراهيم ثاني جو اولاد جن نصرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي

سيد سلطان بايزيد (اول)

(بن محمود بن فخرالدين بن ابي الفتح محمّد بن علاءالدين بن سيد ابراهيم ثاني)

- محمود (هڪ پٽ، جو لاولد)
- جلال الدين (هڪ نياڻي)
- سيد مبارڪ (اول)
  - شهاب الدين
  - بايزيد (ثاني) عرف سيد ستار
    - سيد اسمٰعيل (اسمٰعيل پوٽا)
    - سيد مبارڪ (ثاني) (مبارڪ پوٽا)
    - سيد جلال الدين (جلال پوٽا)
    - سيد عباس (عباس پوٽا)
    - ڪمال الدين
  - اسمٰعيل
  - محمّد (محمّد پوٽا)
- علاءالدين (لاولد)
- شهاب الدين (لاولد)

2. نصرپور ۾ سڪونت: سيد علاؤالدين بن سيد ابراهيم ثاني جا پويان بکر مان لڏي اچي نصرپور ۾ سڪونت پذير ٿيا. پوري تصديق سان چئي نٿو سگهجي تہ اهي سادات نصرپور ۾ ڪڏهن آيا. نصرپور جي شهر جو اوج ۽ عروج اٺين صدي جي آخر (752 هہ بعد) ۾ شروع ٿيو [1] ۽ ڏهين صدي جي شروع ۾ شاهہ بيگ ارغون جي حملن، بکر تي سندس قبضي ۽ قلعي جي نئين سر تعمير سببان غالباً اتي جي خاندانن هجرت اختيار ڪئي، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ رضوي ساداتن جي هيءَ شاخ پڻ اندازاً 752 - 928هہ واري عرصي ۾ بکر مان لڏي اچي نصرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

نصرپور ۾ اڪثر سيد سلطان بايزيد (بن محمود بن فخرالدين بن ابي الفتح محمد بن علاؤالدين بن سيد ابراهيم ثاني) جي فرزند سيد مبارڪ (اول) جو اولاد نظر اچي ٿو، جنهن مان گمان نڪري ٿو تہ شايد سلطان بايزيد يا سندس فرزندن بکر مان لڏي اچي نصرپور کي وسايو. سيد مبارڪ (اول) جي پٽ سيد محمد ۽ سندس پوٽن هرهڪ سيد اسماعيل، سيد مبارڪ (ثاني)، سيد جلال الدين ۽ سيد عباس جي پٽ مان پيڙهيون پڏريون ٿيون، جن مان اڄ تائين 'محمد پوٽا'، 'اسماعيل پوٽا'، 'مبارڪ پوٽا' ۽ 'جلال پوٽا' مشهور و معروف آهن (ڏسو شجره - 2).

محمد پوٽا: سيد محمد، سيد مبارڪ - جو پٽ هو، انهيءَ ڪري نصرپور جي رضوي ساداتن جو پڳدار پڻ 'محمد پوٽن' مان ٿيندو رهيو آهي. هن پاڙي مان وڏا درويش، عالم، مصنف ۽ شاعر ٿي گذريا. خود سيد محمد عربي جو وڏو عالم ۽ مصنف هو ۽ شيخ عرب يمني جي گهران شادي ڪيائين. سندس پٽ محمد هاشم (هاشم شاهہ) توڙي پوٽو عبدالخالق وڏا عالم ۽ مصنف هئا. سيد عبدالخالق جو پٽ سيد نور الله فارسيءَ جو وڏو شاعر هو، ۽ سندس پوٽو عبدالقادر فقه، حديث ۽ تفسير جو وڏو عالم هو، ڪانئس پوءِ سندس پٽ سيد عبدالسلام مشهور ٿيو. هن پاڙي مان هن پوئين دور ۾ سنڌي 'ڪافي' جو بلند پايي شاعر مصري شاهہ ٿي گذريو آهي.

اسماعيل پوٽا: 'اسماعيل پوٽا' مقامي طور 'مالهياڻي سادات' جي نالي سان مشهور ٿيا، جو نصرپور لڳ ڏکڻ - اولهہ طرف سندن هڪ شاهي باغ هو. مشهور ولي شاهہ محمود سيوستاني (رحہ) جي موجوده درگاهہ سندن باغ واري اراضي ۾ آهي. هن پاڙي مان نامور عالم فاضل ۽ مدبر ٿي گذريا. سنہ 1047هہ ۾ سيد عبدالحڪيم (بن عبدالغفور بن ابي الحسن بن اسماعيل) هڪ مشهور مدبر ۽ داناء ٿي گذريو، جو احمد آباد، آگري ۽ اڪبر آباد طرف ويو، ۽ مٿس شاهي نوازشون ٿيون. 'اسماعيل پوٽن' مان غالباً ڪو مرد ماڻهو ڪونہ بچيو آهي.

جلال پوٽا: سيد جلال الدين پاڻ هڪ وڏو فاضل ۽ مدبر هو. سندس پٽ مير سيد خواجہ سنڌ ۾ 'سرڪار چاچڪان' جو صوبہ دار هو. سلطاني فرمانن ۾ کيس 'وزارت پناه عالي دستگاه مير خواجہ امير بيگ' جي لقب سان خطاب ڪيو ويو آهي. وڏو سخي ۽ بهادر هو. بدينءَ ۾ وفات ڪيائين، جتي سندس پڪي رانئڪ غالباً جيلاني بزرگن جي درگاه ڪان لڳ-اولهہ طرف هئي، جا هينئر ڊهي وئي آهي. ان جا ڪي پٿر جيلاني درگاه جي آس پاس پيا آهن. سندس پٽ نظام الدين فقہ، حديث، تفسير، نجوم، ترڪيبات ڪيميا ۽ نقش دائره جو وڏو ڄاڻو هو. سيد جلال الدين جي پٽ سيد ابو محمد جي اولاد سان سيد عبدالولي ۽ ٻيا نالي وارا ٿي گذريا.

---

[1] 'تاريخ معصومي' مطابق سنہ 752هہ ۾ سلطان فيروز شاهہ ساڪري جي ڪناري تي قلعو ٻڌائي امير 'نصر' کي هڪ هزار سوارن سان اتي مقرر ڪيو. غالباً امير 'نصر' جي پويان ئي هن شهر تي 'نصرپور' نالو پيو.

شجره ــ ۳


سید مبارک ثانی
(بن سید بایزید ثانی بن سید مبارک اول بن سید سلطان بایزید اول)
سید عثمان
سید اباںکر
سید ابراهیم
سید ابوالقاسم
سید نصیرالدین
سید میران محمّد
سلام اللّٰه
عمر
عبدالعزیز
نورمحمّد
شاه محمّد
محمّدشاه
سید جنید
سید احمد
شاه عنایت اللّٰه
(شاه عنات)
نورمحمّد
کمال الدین
عبدالصمد
سلیمان
ابوبکر
عبدالعلیم
ابوالقاسم
مبارک
عطاء اللّٰه
جلال الدین
طاهر
نصیرمحمد
عبدالملک
محمدشاه
شاه محمد
سید میران محمّد
سید صالح
عبدالواسع
عبدالشکور
فتح محمّد
شاه نواز
عبدالغنی

’جلال پوٽا‘ هن وقت ڳوٺ بائو خان پناڻ (لڳ اسٽيشن اڏيرو لال)، ٽنڊي ڄام، ٽنڊي الهيار، ٻڙ جي ڳوٺ، جيمس آباد ۽ ڊوري ناري طرف رهن ٿا[1].

عباس پوٽا: سيد عباس کي پنج پٽ ٿيا. ٽن مان پُـري پڌري ڪانہ ٿي، باقي ٻن پٽن عبدالرحمـن ۽ عبدالملڪ کي اولاد ٿيو، پر انهن جو سلسلو بہ اڳتي ختم ٿي ويو.

مبارڪ پوٽا: سندن وڏو ڏاڏو سيد مبارڪ (ثاني) بن سيد بايزيد (ثاني) عرف سيد ستار هو. سيد مبارڪ کي سيد عثمان، سيد ابابڪر ۽ سيد ابراهيم نالي ٽي فرزند ٿيا ۽ ٽنهي کي اولاد ٿيو (ڏسو شجره - 3). اسان جو نامور شاعر ميون شاهہ عنات، سيد عثمان جو پوٽو ۽ سيد نصرالدين جو پٽ هو. سيد عثمان کي ٽي پٽ ٿيا: سيد ابوالقاسم، سيد نصر الدين ۽ سيد ميران محمد، جن مان ٽنهي کي اولاد ٿيو. شاهہ نصرالدين کي بہ پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون. سندس وڏو پٽ سيد احمد ۽ ننڍو پٽ شاهہ عنات الله هو، جي ’شاهہ پوٽا‘ سڏجڻ لڳا[2].

(ب) شاهہ نصرالدين: ميين شاهہ عنات جو والد:

سيد عثمان، شادي سهتي صالح پوري جي نياڻي بيبي فاطمہ سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ٿيا، جن مان شاهہ نصرالدين ٻيو نمبر فرزند هو ۽ ننڍي هوندي کان ئي نيڪ سيرت، نيڪ دل ۽ عابد هو. سندس پهرين شادي عباس ڇچر جي نياڻي سان ٿي، جنهن مان سيد احمد ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. ان بعد ٻي شادي ڪمال خان لانگاه جي گهران ڪيائين، جنهن مان پٽ ڪونہ ٿيو پر بہ نياڻيون ٿيون. ان بعد ٽي شادي افغان مان ڪيائين، پر اولاد ڪونہ ٿيو. سندس اهليا فوت ٿي ويا ۽ سندس عمر پڻ وڏي ٿي چڪي هئي، جو راه طريقت ۾ اهل الله ۽ عارفن جي فيض جي تلاش ۾ راهي ٿيو.

خانداني روايت موجب[3]، ننڍا ڀيريائين پنهنجن وڏن کان خدا جو نالو پڇندا هئا، جي مورثي طور سهروردي طريقي جا بزرگ هئا. شاهہ نصرالدين پڻ ائين ڪيو، ۽ پوءِ وڏي وهيءَ ۾ سهروردي طريقي جي علمبردار ملتان جي سجاده نشين بزرگن وٽ فيض لاءِ ويو. اتان بزرگن جو ارشاد ٿيس تہ اوهان سنڌ ۾ شاهہ خيرالدين وٽ وڃو. شاهہ خيرالدين (جنهن جو مزار پراڻي سکر ۾ آهي ۽ ’جئي شاهہ‘ جي لقب سان مشهور آهي) ان وقت سنڌ ۾ قادري طريقي جو هڪ وڏو عارف ۽ ولي هو. شاهہ نصرالدين روهڙي ۾ پهچي، ٻيڙي ڪري درياه اڪريو ۽ شاهہ خيرالدين جي حضور ۾ ويو، جنهن سندس نالو پڇيو. جواب ڏنائين تہ: ’منهنجو نالو شاهہ نصرالدين آهي.‘ بزرگ اهو جواب ٻڌي چيو تہ: ’هن کي ٻيڙيءَ تي چاڙهي پار اُڪاري ڇڏيو‘. ان بعد بہ دفعا موٽي بزرگ وٽ آيو پر ساڳيو جواب مليس. دروازي جي هڪ عابد ٻانهي هي حال ڏسي ڪانئس حقيقت پڇي ۽ چيائينس تہ ”شاهي ڦٽي ڪر تہ فيض حاصل ٿيئي“. پوءِ وري وڃي بزرگ وٽ حاضر ٿيو ۽ پڇڻ تي جواب ڏنائين تہ ”سائين! منهنجو نالو ’نصرالدين‘ آهي“. اهو ٻڌي شاهہ خيرالدين مٿس مهر جي نظر ڪئي ۽ ڏٺيءَ جو نانءُ ڏسي ڪيس پنهنجن مريدن ۾ داخل ڪيائين. شاهہ نصرالدين پوءِ ڪافي عرصو اتي رهي مٽي پرڻ لڳو ۽ وڏي مٽيا

---

[1] ماستر محمد يوسف ابڙو شاڪر: ’انتخاب ڪلام، معرفت عام، شاهہ مصري امام رضوي نصرپوري . ‘، پرنٽنگ پريس، ميرپورخاص، 1957ع، ص 5.

[2] ميين شاهہ عنات الله جو اولاد گهڻو ٿيو ۽ انهيءَ ڪري عام طور اهي ’شاهہ پوٽا‘ سڏجڻ ۾ آيا. پر ميان امام بخش شاهہ عر ‘، شاهہ تازو (4 جولاءِ 1963ع) دوباره تصديق ڪئي تہ سيد احمد جو اولاد پڻ ’شاهہ پوٽن‘ ۾ داخل آهي ۽ اهو نالو شاهہ نصر الدين جي اولاد جو سمجهڻ گهرجي.

[3] روايت حاجي ميان بخش علي شاهہ.

وارو ٿيو. شاهہ خيرالدين مٿس گهڻو مهربان هو ۽ کيس هڪ دفعي چيائين تہ: 'ابا! اسان کي ڌڻي جي درگاهہ مان هڪ گل عطا ٿيو آهي، جو تنهنجي حوالي ٿا ڪريون. هاڻي تون موٽي پنهنجي وطن وڃ ۽ وڃي شادي ڪر جو توکي هڪ صالح پٽ ٿيندو'. شاهہ نصرالدين عرض ڪيو تہ: 'قبلا! آءٌ هاڻي اچي پيريءَ کي رسيو آهيان ۽ هن ڪان پوءِ شادي ۽ اولاد لاءِ ڪهڙا حيلا ڪريان.' شاهہ خيرالدين کيس دوباره چيو تہ: 'ابا! تون پنهنجي وطن وڃ ۽ وڃي شادي ڪر! توکي ڌڻي پٽ ڏيندو جو اڳين پوين جو اوجر ٿيندو، ۽ سندس اولاد چڻ اسان جو اولاد ٿيندو'. انهيءَ روايت جي تصديق شاهہ عنات جي هيٺئين بيت مان پڻ ٿئي ٿي:

جٿي - شاهہ ، سکر ڌڻي، اسان جو سوال سٿو
نيڪ گڏيس نصردين جنهن تي خاصو نظر ڪٿو
جيــنءَ پاچــائين پٿــو، تيــنءَ عناتــاٽي اڳــرا[1].

مرشد جي امر موجب شاهہ نصرالدين واپس وطن وريو ۽ اچي سڱ جي تلاش ڪيائين. ڏل قوم مان هڪ نيڪ مرد ڪمال الدين نالي پنهنجي نياڻي بيبي حنيفہ شاهہ نصرالدين جي نڪاح ۾ ڏني، جا هڪ نهايت نيڪ سيرت خاتون هئي. انهيءَ گهر مان فقط هڪ فرزند ڄائو[2]، جو 'ميين شاهہ عنات' جي نالي سان مشهور ٿيو.

'شجره طيبہ سادات نصرپور' ۾ شاهہ نصرالدين جي هن نامور فرزند جي ولادت وارو نالو 'سيد شاهہ عنات الله' لکيل آهي، ۽ ٻين جاين تي جابجا "شاهہ عنات الله" ڄاڻايل آهي. هيءُ شجرو سنہ 1149هہ تصنيف ٿيو ۽ خانداني نسب جي سلسلي ۾ آڳاٽو مأخذ آهي. ان بعد ٻئي معتبر ڪتاب "تحفــة الڪرام" ۾ پڻ سندس نالو "شاهہ عنات الله" ڄاڻايل آهي[3]. انهن حوالن مان تصديق ٿئي ٿي تہ اسان جي شاعر جي ڄائي ڄم جو نالو "شاهہ عنات الله" هو، پر جڏهن وڏو ٿيو تہ "شاهہ عنات" جي آسان ۽ عام مقبول نالي سان سنڌ ۾ مشهور ٿيو، ۽ عزت احترام مان کيس "ميون شاهہ عنات الله" سڏيو ويو[4].

(ج) ميون شاهہ عنات:

ولادت، ننڍپڻ ۽ بلوغت (1-17 سال): مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ شاهہ نصر الدين چار شاديون ڪيون، جن مان ڪمال الدين ڏل جي نياڻي بيبي حنيفــہ جي پيٽان شاهہ عنــات الله ڄائو. شـاهہ عنات جي ولادت جو سال تصديق سان معلوم ڪونهي. حاجي بخش علي شاهہ جي روايت موجب شـاهہ خيرالديـن جي وفـات (27- رمضان 1027هہ) کان پوءِ شاهہ عنات ڄائو. غالبا شاهہ خير الدين جي وفات کان ٿورو اڳ سندس امر موجب شـاهہ نصر الدين واپس نصرپور آيو ۽ شادي جو سعيو ڪيائين. "رمضان ڏل" (پاڙو) ان وقت وڏي اثر رسوخ وارا هئا ۽ وڏيري ڪمال الدين پهريائين تہ سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. آخر من ۾ چڱي پيس، ۽ تئي ڏينهن شاهہ نصرالدين کي سڏي سڱ ڏيڻو ڪيائين. ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ خير الدين جي وفات سبحان شادي 1028هہ ۾ ٿي هجي. شـاهہ عنات جي آخري زندگي جي احوالن کي مد نظر رکندي سندس ولادت اندازاً 1030-1035هہ واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي.

---

[1] سرود ڏناسري، فصل 4، ص 182.
[2] شجره طيبہ سادات نصرپور.
[3] تحفة الڪرام، فارسي متن، جلد سيوم، مطبع ناصري دهلي، ص 157.
[4] سندس اولاد يعني شاهہ پوٽن ساداتن توڙي سندن مريدن معتقدن ۾ اڄ تائين 'ميين شاهہ عنات' جي نالي سان مشهور آهي.

شاهہ عنات جا ناناڻا "رمضان دل"، ڏکڻڙي جي پريان ٽي ميل ڏکڻ - اوڀر، پراڻ جي ڪپ تي وينل هئا[1]، جن پنهنجي طرفان ڪا سچاڻ دائي موڪلي جنهن ٻارڙي جي ناڙي مروڙڻ لاءِ آڇاڙو پاڻ سان آندو. جمر ڪرائڻ وقت جڏهن اهو آڇاڙو ڪنيائين تہ چيائونس تہ: مائي ناناڻن وارو اهو آڇاڙو ڇڏي ۽ هتان جو اباڻو آڇاڙو جاري مان ڪڍي ٻارڙي جو ناڙو موڙ[2]. اڄان ننڍڙو هو جو نصرپور ۾ رضوي ساداتن مان درويش نور الله شاهہ وٽ ڪيس ڪٺي ويا جنهن ڪيس دعا ڪئي[3].

شاهہ عنات جي تعليم ۽ تربيت بابت ڪو احوال موجود ڪونهي. وقت جي دستور موجب شاهہ عنات جو مڪتب ويهڻ ۽ ابتدائي تعليم پرائڻ قرين قياس نظر اچي ٿو، پر غالباً مدرسي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪانہ ڪيائين. نصرپور جي رضوي ساداتن ۾ فارسي تعليم عام هئي، پر شاهہ عنات ڏهن ٻارنهن سالن جي عمر جو مس هو جو غالباً سندس والد شاهہ نصرالدين وفات ڪئي، جنهن ڪري شاهہ عنات جي تعليم تي پڻ اثر پيو.

والد جي وفات بعد شاهہ عنات جي سنڀال وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ ڪئي، پر خانداني روايتن مان گمان نڪري ٿو تہ ميون شاهہ عنات ننڍي هوندي قدري خود خيال ۽ رسمي پابندين کان آزاد هو. ڪيس راڳ ٻڌڻ جو شوق هو ۽ هو آزاديءَ سان عام ڪچهرين ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو. شروع ۾ وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ ڪيس منع ڪئي، پر آخر بيوس ٿي پنهنجو پاڻ پليائين. مقامي طور ڪي لنگها ڳائيندڙ هئا جن وٽ شاهہ عنات گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو. خادمن وجي ميين احمد کي ٻڌايو تہ شاهہ عنات لنگهن جي صحبت ۾ اٿي ويهي ٿو ۽ ماٺهو پيا ٽوڪين تہ "ناناڻا دل اٿس". ميين احمد چيو تہ: مون وٽ وٺي اچوس. جڏهن شاهہ عنات کي وٺي آيا تہ ميين احمد ڪينڪار طور چيس تہ: "اچو ميان شاهہ عنات لنگها!" شاهہ عنات نهہ پهہ جواب ڏنو تہ: "اسين آهيون لنگهيا- اوهين ٿيندو ڪنگهيا". چون ٿا تہ انهيءَ ڪلام سببان ئي ميين احمد شاهہ جي اولاد ۾ ڪنگهہ جو عارضو هميشہ لاءِ باقي رهيو. ميين احمد شاهہ پوءِ لنگهن کي تنبيهہ ڪئي تہ شاهہ عنات کي پاڻ وٽ اچڻ نہ ڏين. ان بعد ساداتن ۾ ڪا شادي ٿي ۽ لنگهن پئي ڳايو، جو شاهہ عنات ٻين سيدن سان گڏ ويهڻ جي بدران وجي لنگهن سان گڏ وينو. جن ڪيس منع ڪرڻ جي بدران جاءِ ڏيئي سولو ڪري ويهاريو. انهيءَ تي ميون احمد شاهہ رنج ٿيو ۽ لنگهن تي مثال طور هي بيت آندائين تہ:

لنگهن کي لنگهڻ، هوندو ڏينهن قيام سين
هڪ جا لالچ لڃن کي، ٻي طمع ترو تر
وينا منجهہ قبر، تيسين دانهون ڪندا دل سان[4].

ساڳئي وقت شاهہ عنات کي پڻ تنبيهہ ڪيائين ۽ ٽوڪيائين. مجلس پريل هئي ۽ وينلن مان چچرن ۽ شاهوڪن پڻ شاهہ عنات تي ٽوڪ ڪئي ۽ ڪليا. چچر شاهہ نصرالدين جا ساهرا ۽ ميين احمد شاهہ جا ناناڻا هئا[5] ۽ انهيءَ حيثيت ۾ شاهہ عنات کي ٽوڪڻ کان ڪين هبڪيا. شاهہ عنات پڻ پري مجلس ۾ مٿن بيت چيو تہ:

چچر چتو راڄ، رهي متي ساگري
نڪا پٽڪ پنگن ۾، نڪا پڪن منجهہ پچار
چچراڻا ٻار، پنندا وجي پرديس ۾.

---

[1] روايت ميان الله ڏنو شاهہ . اڄان تائين انهيءَ ماڳ تي دل رهن ٿا ۽ "جمعي رمضان" جو ڳوٺ پڻ موجود آهي.

[2] روايت حاجي بخش علي شاهہ ، جنهن چيو تہ عام طرح ائين مشهور آهي تہ خود ميين شاهہ عنات ڳالهايو ۽ دائي کي سمجهايائين.

[3] عوامي روايت موجب، ميين شاهہ عنات ان وقت پڻ هڪ بيت ڏنو.

[4] ٻي روايت موجب، ميون شاهہ عنات مسافري ڪندي، لنگهن وٽ ترسڻ لاءِ لٿو پر هنن سندس دعوت نہ جهلي جنهن تي پاراتي طور اهو بيت چيائين.

[5] شاهہ نصرالدين جي پهرين شادي عباس چچر جي نياڻي ٻيبي دوسي سان ٿي. جنهن مان ميون احمد شاهہ ۽ ٻيون نياڻيون ٿيون (شجره طيبہ سادات نصرپوري).

شاهوڪ شاھ نصرالدين جا خاصا مريد معتقد هئا. شاھ عنات سندن واسطي شاھ نصرالدين جي پوڪيل نم ڪي سامهون ٿي بيت چيو تہ:

نم! ڪجئين نياء، اسانهجو عنات چئي
جنهين توکي پوکيو، آهيان اُن جو وياء
شاهوڪاٽي باھ، وسامي ورهين کي[1].

چون ٿا تہ شاھ عنات جي پاراتي سببان پوءِ اهي ڇڄر توڙي شاهوڪ سقيم ٿي ويا.

جواني، شاديون ۽ شغل (18 - 40 سال): مٿئين واقعي وقت ميين شاھ عنات جي عمر سترهن سال کن تسليم ڪري سگهجي ٿي: يعني تہ اندازاً 1048 - 1050ھ وارو عرصو. جنهن ۾ ميون شاھ عنات چوڪراٽي وهي مان جواني واري دور ۾ قدم وڌائي رهيو هو. مٿين مثالن مان ظاهر آهي تہ هو ننڍي هوندي خود خيال هو ۽ رسمي پابندين کان طبعاً آزاد هو. عام ڪچهرين جو شوقين هو. راڳ سان ڪيس دلچسپي هئي ۽ بيتن چوڻ طرف مائل هو. جيئن تہ پنهنجي وڏي ڀاءُ ميين احمد شاھ جي ضابطي جو محتاج نہ هو، انهيءَ ڪري غالباً جوانيءَ واري دور ۾ قدم رکندي ئي ميين شاھ عنات پاڻ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي، ذاتي طور پنهنجا ناتا وڌايا ۽ مريد خادمي جو سلسلو پڻ جدا طور قائم ڪيو.

هاليپوٽن جا راڄ شاھ نصر الدين جا مريد ۽ معتقد هئا، ۽ 'دل' خود ميين شاھ عنات جا ناناٽا هئا. انهن راڄن ميين شاھ عنات جي پنيرائي ۽ سندس هر طرح مدد ڪئي. انهن راڄن مان ئي ميين شاھ عنات شاديون ڪيون. سندس پهرين شادي طالب هاليپوٽي جي نياٽي بيبي ڏياٽي سان ٿي، ٻي شادي اسمار هاليپوٽي جي نياٽي بيبي صحت سان ٿي، ۽ ٽين شادي دل قوم (غالباً ناناٽي پاڙي "رمضان دل") مان بيبي همي سان ٿي[2]. غالباً پهريون ٻئي شاديون جواني واري دور ۾ ئي ٿيون. چاڪاڻ تہ پهرئين گهر مان بہ فرزند ۽ هڪ نياٽي ٿي پر ٻئي فرزند گذاري ويا. جنهنڪري سندس ٻي شادي پڻ غالباً ٽيهن سالن جي عمر اندر ئي ٿي[3]، جنهن مان ڪيس چار فرزند ۽ بہ نياٽيون ٿيون[4]. سندس والد شاھ نصر الدين جي گادي ۽ پڳ وڏي ڀاءُ ميين احمد شاھ جي حوالي سان هئي ۽ انهيءَ ڪري شاھ عنات ڪي پنهنجي جدا حويلي ۽ اوطاقن جو مندل مچائڻو پيو.

مڙني مروج روايتن مان تصديق ٿئي ٿي تہ ميين شاھ عنات کي اوائلي جواني کان ونئي پلن وهڻن جو شوق هو. پلا گهوڙا ۽ خصوصاً پليون گهوڙيون ذاريائين ۽ سندس ڪڙهہ جي گهوڙين جو نسل "شاھ پوٽن جي گهوڙين" جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ نسل جون گهوڙيون سندس اولاد وٽ پيڙهي بہ پيڙهي هلنديون آيون ۽ ويندي هن پوئين دور تائين انهيءَ نسل جون گهوڙيون شاھ پوٽن ساداتن وٽ موجود هيون. ميين شاھ عنات وٽ ڪافي گهوڙيون هونديون هيون، جي آسپاس سندس مريدن ۽ دوستن وٽ گاھ جي سٽي سان چرنديون هيون. موجوده پليجاڻي اسٽيشن لڳ پليجن جي ڳوٺ ۾ راءِ ڏياچ پليجي جي پل پائي هئي. وٽس ميين شاھ عنات جون گهوڙيون بيهنديون هيون. راءِ ڏياچ سکيو ستابو ٿيو تہ هڪ سال شاھ جون گهوڙيون موٽائي موڪليائين. اها خبر هر

---

(1) روايت حاجي عمر چانڊيو.
(2) شجره طيبہ سادات نصرپوري.
(3) ميين شاھ عنات پنهنجا پوٽا ۽ غالباً پڙ پوٽا پڻ ڏٺا، جنهن مان اوائلي جوانيءَ واري دور ۾ ئي شاديءَ جو گمان نڪري ٿو.
(4) تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ "ميين شاھ عنات جو اولاد".

جاءِ هلي وئي ته وڏيري راءِ ڏياچ شاه جون گهوڙيون نه جهليون. موجوده ديهه "ڳاهڪي" ۾ ان وقت ڪامل ڳاهو هڪ هرهاري هو. جنهن جي مين شاه عنات سان محبت واڻ هئي. سندس گهر واري ڪيس چيو ته: 'پنهنجو هڪ هرلو آهي ۽ انَ جو خرار ڪن ٿئي ٿو. تون شاه جون گهوڙيون جهل. ٻاجهري چاڻ لٿي ۽ گهوڙين لاءِ گاه انَ ٿي پوندو. پاڻي آءٌ پرينديس'. پوءِ ڪامل ڳاهي اهي گهوڙيون جهليون. انهيءَ موقعي تي مين شاه عنات بيت چيو ته:

ڳـــاهڪي ڳـــُــڙ ڪـــر[1]، پليجـــاڻي پـــاءِ
واري جـــا ولات جـــــي، هـــــالا حويلـــــي لاءِ
ٿٽـي سـنديون نڪريـون، لهريـن منجهـه لڙهـاءِ
خواجه خضر خير جي[2]، ڳالهـ هنيـين سـين لاءِ[3].

چون ٿا ته سگهوئي پليجن واري زمين درياء پائي ويو ۽ پليجن جي آسودگي ختم ٿي وئي. ٻئي طرف ڳاهڪي ديهه ۾ پاڻي جي اٿاث ختم ٿي وئي ۽ ڳاهن جا راڄ سکيا ستابا ٿي ويا[4].

انهيءَ جواني واري دور ۾ مين شاه عنات جو پلن گهوڙن سان چڻ عشق هو. هڪ ڪچهريءَ ۾ هي بيت چيائين جو پلي گهوڙي جي وصف ۾ هڪ مثالي بيت آهي[5]:

رنـگ روجهـو رهـوار[6]، قـد پـورو ڪاسـو چـري
مـُنهن مـينو، نـه آڪـُري، سنئون تيـز سـچار[7]
هنيـڙو تئـي قـرار، اهـَـڙي اسـب عنـات چئـي.

گهوڙن ۽ گهوڙين سان گڏ مين عنات وٽ ٻيـو مـال ٻڻ جهجهـو هو. خصوصاً مينهون ۽ اُٺيون گهڻيون هيون ۽ سندس انين جا وڳ نصرپور جي آسپاس توڙي مهراڻي لڳ ٽر توڙي سنڌ واري اراضي ۾ چرندا هئا. ترڪ پاڙي[8] جي ڪنهن ماڻهو ۽ "احمد عطائي" نالي ڪنهن شخص اهي وڳ ڪنهن تـَـلءُ مان تڙيا جنهن تي مين شاه عنات چيو ته:

نڪـو تـُـرڪ تـَـلءُ ۾، نڪـو احمـد عطـائي
ڪڏهن ٻڌيسون ڪانڪا، تن ولهن جي وائي[9].

مين شاه عنات جا وڳ چرندا رهيا پر ترڪ توڙي احمد عطائي هن پاراتي سببان پوئتي پئجي ويا.

ارجڻ نالي رانوڙ همت ڀريو مڙس ۽ پنهنجي راڄ جو وڏيرو هو. مين شاه عنات سان سندس محبت ۽ عقيدت هئي. هڪ ڀيري مين شاه عنات کي چيائين ته: سائين، راڄ وارو آهيان پر پٽ پـَـهي ڪونهي. ٻيو ته

---

[1] ڪن روايتن ۾ "ڳاهيجي ڳڙ ڪر" يا "ڳاهياري ڳڙ ڪر".
[2] ڪن روايتن ۾ "خواجه خضر حيات پيرا".
[3] روايت امام بخش شاه، حاجي بخش علي شاه ۽ الله ڏنو شاه.
[4] ڪامل ڳاهي جي اولاد مان وڏيري امام بخش ڳاهي (جنهن جي زمينداري ميرپور ساڪري ۽ پير پٺي جي وچ ۾ آهي) خود اسان سان خبر ڪئي ته اها ڳالهه وڏن ڪان وٺي مشهور آهي.
[5] نسخه ن جي شروع ۾ هي بيت ٻين متفرقه بيتن سان لکيل آهي ۽ ٻڻ عام روايتن ذريعي مشهور آهي.
[6] زباني روايتن موجب "روڏار".
[7] ن. "تيزي سچار".
[8] تـُرڪ سمن جو هڪ پاڙو آهي.
[9] روايت حاجي بخش علي شاه.

پاڙيسري زميندار نتا سهن ۽ جهيڙا لڳا پيا آهن. جي آءُ پورو ٿي ويس تہ پويان خير وجي رهندو. انهيءَ تي ميين شاهہ عنات کيس دلداري ڏني ۽ چيائين تہ ادا:

ارجڻ منجهان آٿ، اَنن منجهان سَتِ

ڪير جهلي لَٿِ، ارجڻ جي راڄ جي.

ان بعد ارجڻ جو دلن جي راڄ سان جهيڙو ٿيو. 'رمضان دل' ميين شاهہ عنات جا ناناڻا هئا. انهيءَ ڪري دلن ميين شاهہ عنات کي امين چونڊيو تہ اچي ڌرين ۾ صلح ڪرائي. ميين شاهہ عنات ارجڻ کي سڏيو ۽ سمجهايو پر هن ڪانہ مڃي ۽ چيائين تہ: مون کي تنهنجي دعا آهي ۽ آءُ دلن سان پاڻهي پاڻ فيصلو ڪندس. انهيءَ تي ميون شاهہ عنات رنج ٿي اٿيو ۽ چيائين تہ هاڻي:

نڪي ارجڻ منجهان آٿ، نڪي اَنن منجهان سٿ

اَرجڻ جي ڪا پٽ، جو دڙي ٿو دلن سان!

پوءِ جهيڙي ۾ ارجڻ مارجي ويو ۽ سندس پيڙهي ختم ٿي وئي [1].

انهن ڳالهين ۽ اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جواني واري دور ۾ ميين شاهہ عنات شاديون ڪيون ۽ اولاد وارو ٿيو. ۽ هن جدا پنهنجون حويليون ۽ اوطاقون وسايون. پهرئين گهر مان بہ فرزند ٿيا جي گذاري ويا ۽ انهيءَ ڪري ٻئي گهر مان کيس جڏهن پٽ ٿيا تہ ساڻن سندس بي انتها محبت ٿي. اولاد جي محبت سان گڏ کيس مال ۽ پلن وهڻن جو شوق ٿيو. ۽ گهوڙيون، مينهون ۽ انن جا وڳ ڌاريائين. آسپاس جي ٻيلن ماڻهن. پاڳين ۽ راڄن سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿي، ۽ موقعي بہ موقعي بيت پڻ چيائين، جي عوام ۾ مشهور ٿي ويا. ارڙهن ڪان چاليهن سالن تائين سندس جوانيءَ وارو دور اندازاً سنہ 1050هہ کان 1070هہ وارو دور هو. ان وقت سنڌ ۾ مغلن جي حڪومت جو زوال شروع ٿي چڪو هو ۽ ڪلهوڙن جي طاقت ميان نصير محمد جي اڳواڻي هيٺ دادو - لاڙڪاڻي واري پاڳي ۾ اسري رهي هئي.

<u>جواني جي موٽ ۽ فقيري ڏانهن لاڙو (40 کان 60 سال):</u> ميون شاهہ عنات، شاهہ خيرالدين جي دعا سان ٿيو. ۽ اها حقيقت عزيزن ۽ مريدن ذريعي کيس معلوم هئي. خود سندس والد شاهہ نصرالدين هڪ درويش صفت انسان هو. انهيءَ ڪري آخر جوانيءَ ۾ يا جوانيءَ جي موٽ بعد، ميين شاهہ عنات جي ٻين شوقن جو گهٽ ٿيڻ، بزرگن ۽ درويشن ڏانهن لاڙو ٿيڻ، ۽ انهيءَ تبديل سببان سندس مريدن ۽ معتقدن جي حلقي جو وسيع ٿيڻ قريب قياس نظر اچي ٿو. هن عرصي ۾ ميين شاهہ عنات جو گهڻو وقت درگاهن ۽ درويشن جي زيارتن، ۽ مريدن سان صحبت ۽ مسافريءَ ۾ گذريو. غالباً هن دور ۾ ئي ميين شاهہ عنات بزرگن ۽ درويشن جي ساراهہ ۾ بيت چيا، ۽ سندس حقيقي شاعري هن عرصي ۾ ئي شروع ٿي.

خانداني روايت موجب، ننڍا اول پنهنجن وڏن کان ڏٽيءَ جو ناءُ پڇندا هئا ۽ بعد ۾ پنهنجي روحاني رهنما يا مرشد سان رشتو ڳنڍيندا هئا. شاهہ عنات اڃان ننڍو هو جو سندس والد فوت ٿي چڪو هو. پنهنجي وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ ڏانهن روحاني سلسلي ۾ غالباً ميون شاهہ عنات متوجهہ ڪونہ ٿيو. پنهنجي والد شاهہ نصرالدين جو مسلڪ سندس آڏو هو- يعني تہ قادري طريقي جي مرشد شاهہ خير الدين سان خاص عقيدت ۽ وڏن جي سهروردي طريقي موجب ملتان جي بزرگن جي عزت. غالباً جوانيءَ ۾ ئي ميين شاهہ عنات، شاهہ خيرالدين رحہ جي درگاهہ ۽ ملتان ۾ غوث بهاوالدين زڪريا ۽ شيخ رڪن الدين جي روضن جون زيارتون ڪيون ۽ هن موٽ جواني

[1] روايت ميان امام علي شاهہ.

واري دور جي آخر ۽ ٻيريءَ جي اوائلي دور ۾ ملتان جي گادي وارن ۽ ٻين بزرگن خصوصاً پاون شاھ، محمد غوث، ضياء الدين ۽ محمد باقر سان پاڻ مليو ۽ عقيدتمنديءَ سان ڪين ڳايائين. سرود ڏناسري جي هيٺين بيتن ۽ مصراعن مان اهياڻن جي تصديق ٿئي ٿي:

روضي شاھ رڪن جي، ڏنم رات رهي
پيءُ، پٽ، پوٽو پاڻ ۾ مٿي سيج صحي
پلي پاون شاھ کي پسيم پيرين پئي
ڪوڙين جي ڪهي، اچن ات عنات چئي.
فصل - 2 [10]

روضو شاھ رڪن جو، گوهر مٿس گل
سماع جا، سيد چئي، هاتڪ ڪرين هل
فصل - 2 [11]

غازي محمد غوث کي، اکيين لال مٿان
پرڏيهان پند ڪري، اچن گهوٽ گهڻان
الله لڳ، عنات چئي، تنهنجي واڳ وٽان
ڪلئو خاڪ ڪٽان، روضي رڪن شاھ جي.
فصل - 2 [12]

پلا پاون شاھ جي! جي، ضياء دين
ات هئا هزارين هاٿيا، ٻيا گهوڙا تازين.
فصل - 2 [13]

پلي پاون شاھ کي نوئي دست چڙهندا.
فصل - 2، وائي - 1

تنهنجي پاون شاھ پلائي، سچي سيئي ديس ۾
وهر ودودي، جي ضياء دين، اڳڻ هون الاهي
سورندن کي رسي سگهوئي، محمد باقر پائي.
فصل - 2، وائي - 2

شيخ بهاؤالدين عرف پاون شاھ (بن شيخ ڪبير ثاني) ملتان جي بزرگن مان سورهون سجاده نشين هو، جنهن 18- جمادي الثاني سنہ 1090ھ ۾ وفات ڪئي. شيخ ضياء الدين محمد ثاني (بن شيخ ڪبير ثاني) اوڻويهون سجاده نشين هو ۽ محمد باقر، شيخ ڪبير جو پنجون نمبر فرزند ۽ سيني ۾ ننڍو ڀاءُ هو جو لاولد فوت ٿيو. مين شاھ عنات جون انهن بزرگن سان معتقدانہ ملاقاتون اندازاً 1080 کان 1100 ھ واري دور ۾ جدا جدا موقعن تي ٿيون. بهرحال سندس ملتان جا پنڌ محض پنهنجن اڳين بزرگن جي پيروي مطابق هئا. جيئن تہ سندس بيتن مان ان جي تصديق ٿئي ٿي تہ "اڳين جو عنات چئي، آهي ايڏاهين گس"[1] يا "اڳين جو عنات چئي آهي پاڻ امين"[2].

[1] سرود ڏناسري، فصل - 1، وائي - 3 ۽ فصل - 2 بيت [2]
[2] سرود ڏناسري، فصل - 2 بيت [3]

سندس ذاتي عقيدت ۽ ارادت پنهنجي والد جي مرشد شاهہ خيرالدينؒ سان هئي جو پنهنجي وقت ۾ قادري طريقي جو اڳواڻ هو. شاهہ نصرالدين پڻ قادري طريقو اختيار ڪيو ۽ ميين شاهہ عنات پڻ اها واٽ ورتي. سرود ڏناسري جي فصل - 1 ۾ قادري طريقي جي باني مباني حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني سان مريد واري عقيدت جو اظهار ڪيو اٿس تہ:

پلوءِ تنهنجو پير، سهڻان ونتر شيخ جي!
لڳاسون لغام سين، دلئان دستگير
اوسيڙو امير! ميران لاهہ مريد تان.
فصل - 1 [1]

شاهہ خيرالدين کي پنهنجو "ڪامل پير" ۽ "استاد" ڪري مڃيائين:

وجي پانڌي پس، ڦبو ڪامل پير جو
فصل - 4 [1]
اصلائي استاد ڏونهہ حب هنيين ۾ پاءِ
فصل - 4 [2]
اصلائي استاد ڏونهہ، جيءُ پنهنجو جوڙ
فصل - 4 [3]

شاهہ نصرالدين کي شاهہ خيرالدين جي ڏنل فيض جو ڪيس پورو احساس هو، ۽ غالباً بزرگ جي درگاه تي خود سندس دعائون پڻ مقبول پيون ۽ انهيءَ ڪري سندس اقرار تہ:

اسان هن در جي اصل آهہ چڪي
(فصل - 4، وائي)

شاهہ خيرالدين جي درگاه تي ميون شاهہ عنات جواني ڪان وٺي پيري تائين ويندو رهيو ۽ انهيءَ ڪري عوام توڙي خواص ۾ شاهہ خيرالدين جي مريد جي حيثيت ۾ مشهور ٿيو. خانداني روايت موجب "ميون شاهہ عنات، شاهہ خيرالدين جو پورو معتقد ۽ قادري طريقي جو پائبند هو"[1]. مير علي شير قانع 'تحفة الڪرام' ۾ پڻ ان جي تصديق ڪئي آهي ۽ ميين شاهہ عنات کي شاهہ خيرالدين جي مريدن ۾ شمار ڪيو اٿس[2].

غور طلب حقيقت هيءَ آهي تہ ميون شاهہ عنات خود سنئون سڌو شاهہ خيرالدين سان دست بيعت ڪونہ ٿيو. شاهہ خيرالدين فوت ٿي چڪو هو ۽ ميين شاهہ عنات جي هن بزرگ سان ارادت ۽ عقيدت 'اويسي طريقي' مطابق هئي. تصوف جي سلسلي ۾ ميين شاهہ عنات جي اها ارادت رسمي پائبندي جي برعڪس سندس آزاد طبع جي ساک پري ٿي ۽ سنڌ ۾ تصوف جي سلسلي ۾ هڪ نمايان ۽ قدري اوائلي مثال آهي.

ميين شاهہ عنات روحاني عقيدت ۽ ارادت جي سلسلي ۾ اجان بہ قدم وڌائي رکيو، ۽ سنڌ جي گهڻو ڪري هر ولي، پير، فقير سان محبت ۽ ارادت کي پنهنجو شعار بنايائين. سرود ڏناسري جا بيت سندس روحاني وسعت تي شاهد آهن. پنهنجي مرشد شاهہ خيرالدين ۽ پنهنجي وڏن جي روحاني رهنمائن ملتان جي بزرگن کان

---

(1) تصديق حاجي بخش علي شاهہ .

(2) "شاهہ عنات الله رضوي بن سيد نصرالدين از مريدان شاهہ خيرالدين" (تحفة الڪرام، جلد 3، ص 157، فارسي متن، مطبع ناصري، دهلي.)

سواءِ قلندر شهباز (فصل - 3)، شيخ موسيٰ آهيداڻي (فصل - 5)، شيخ فريد (3)، مخدوم جهانيان (4)، مشائخ هوتي (5)، ٺٽي جي بزرگن سيد حسين (شاهہ مراد) ۽ سيد علي شيرازي (1)، جکري نندو ۽ آمري جي مقام ۾ مدفون بزرگن، ٻڍاپور لڳ مدفون بزرگ اويس قرني، حيدر شاهہ سنائي، مخدوم پريي، مخدوم ساهڙ لنجار، ابوبڪر هارون ولي، درس مبو، شيخ ڪرئو (پانداري؟)، درس آري، پير برڊائو ۽ ٻين متعدد درويشن ۽ ولين سان سندس محبت ۽ عقيدت هئي جن جو جابجا اظهار ڪيو اٿس [1]. ٻين بزرگن جي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪو مثال ورلي ملي ٿو جو سيني سلسلي جي بزرگن ۽ درويشن لاءِ عزت ۽ احترام بلڪ محبت ۽ ارادت جو اظهار ٿيل هجي. انهيءَ لحاظ سان ميين شاهہ عنات جو فقيري حال ۽ درويشي خيال هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو.

اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ ميين شاهہ عنات جو فقيري حال ڏانهن لاڙو غالباً جوانيءَ جي موٽ ڏاري ٿيو. سُکر ۾ شاهہ خيرالدين ۽ ملتان ۾ پنهنجن وڏن جي بزرگن جي درگاهن جون زيارتون جوانيءَ کان وٺي پيريءَ جي اوائلي دور سوڌو ڪيائين، پر جوانيءَ جي موٽ واري دور ۾، يعني تہ اندازاً 1070 - 1090ھ واري عرصي ۾، سنڌ جي ٻين بزرگن جي خانقاهن ۽ درگاهن جون عقيدت وچان زيارتون ڪيائين. ازانسواءِ غير مسلم طبقي وارن مان توحيد ڏانهن مائل فقيرن، جهڙوڪ جوڳين، ڪاپڙين، آديسين، سناسين ۽ سامين — سان بہ سندس ذاتي صحبتون ٿيون. ميون شاهہ عنات غالباً پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن انهن فقيرن جي ڪن خاص فرقن، جهڙوڪ سيپٽوري، راميسري، ۽ مهيسري جا اُهڃاڻ ڏنا آهن ۽ گرو گورکناٿ ۽ سامي سڌناٿ جا نالا ڪنيا آهن [2].

سيوهڻ، هالا، ٻڍاپور، ٺٽي، آمري (ٽنڊو جان محمد لڳ) ۽ نصرپور جي آسپاس مدفون درويشن ۽ فقيرن جي درگاهن تي ويو. مهراڻي ۽ ٿر سان بہ سندس ڪافي تعلق رهيو، ۽ ونگو، پراڻ، لڪڙي، سامارو، ترائي، ڳاڙهي سنڌر واري ولهار، عمرڪوٽ، چاچرو، سمن شاهہ ، بدين، ڍٽ، ۽ جيسلمير، جن جا 'سر سارنگ' ۾ نالا ڪنيا اٿس سي غالباً ذاتي طور گهمي ڏٺائين.

فقيري حال اختيار ڪرڻ، بزرگن سان محبت ۽ عقيدت رکڻ ۽ سندن درگاهن جي زيارتن سببان ميين شاهہ عنات جي معتقدن ۽ مريدن جو گروه وڌڻ لڳو ۽ هن پنهنجي خاص فقيرن سان صحبتن ۽ مريدن جي دعوتن تي ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ سير سفر جو سلسلو اختيار ڪيو، جنهن بابت ڪي حڪايتون اڄ تائين مشهور آهن جن مان ڪي خاص قدري اختصار سان هيٺ ڏجن ٿيون [3].

---

(1) فصل - 3: وائي - 1.

(2) ڏسو سرود رامڪلي ۽ سرود پورب، ۽ انهن سرودن بابت اشارا ص-332 ۽ 347.

(3) ميون شاهہ عنات بابت گهڻيون ئي ڳالهيون هلندڙ آهن جن مان هڪڙيون اُهي آهن جي سندس قولن ۽ ڪرامتن بابت آهن ۽ اڪثر سندس مريدن ۾ رائج آهن: مثلاً، هيءَ ڳالهہ عام رائج آهي تہ وڻجارن جا ٻيڙا ڪين موٽيا ۽ پويان گهرن ۾ روڄ راڙو هو. ميين شاهہ عنات کي ترس آيو ۽ دعا ڪيائين جنهن تي اهي ٻيڙا موٽيا ۽ وريتين ۾ خوشيون ٿي ويون. ان ڳالهہ جي شاهدي طور اڪثر سرود سرسريراڳ (فصل 2 بيت 7) جو بيت آڻيندا آهن تہ : "جني واسيا وار، گهر سوريا جر پوڄنا- الخ" (ص-121). اهي ڳالهيون اڪثر خوش اعتقادي سببان رائج ٿيون آهن. ٻيون ڳالهيون اهڙيون آهن جي ساڳئي وقت شاهہ عبداللطيف سان ٻڌ منسوب ڪيون وڃن ٿيون. جيئن تہ ڪي ڳالهيون خاص طور ميين شاهہ عنات جي مريدن جي حلقي ۾ هلندڙ آهن انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اهي شاهہ عبداللطيف جي دور کان اڳ جون هجن. مثلاً گهوٽائي واري ڳالهہ ۽ جيسلميراڻين واري ڳالهہ، جي ٻئي معتبر راوين جي تصديق موجب ميين شاهہ عنات سان تعلق رکن ٿيون. ٽيون ڳالهيون اُهي آهن جي ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف جي ملاقاتن ۽ رهاڻين ۾ آمهون سامهون چيل بيتن بابت آهن، يا ميين شاهہ عنات، شاهہ عبداللطيف ۽ مدن جي ڪچهرين ۽ بيتن بابت آهن. انهن مان گهڻيون ڳالهيون غالباً پوءِ جون آهن جي سگهڙن جي ڪچهرين ذريعي رائج ٿيون. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ عنوان "ميين شاهہ عنات جي شاعري".

هڪ ڀيري ميون شاھ عنات ساماري لڳ سندس مريدن 'رمضانن' (رمضان پاڙو، ذات جا دل) جي ڳوٺ ۾ وڃي لٿو. اوڙي پاڙي جا 'رمضان' اچي گڏ ٿيا. ميين شاھ عنات پڇيو تہ: ابا! اوهان ڏانهن ڀيو مڙيئي خير آهي؟ چيائون تہ: سائين! خير ڪهڙو آهي، مند پرجي آئي آهي پر مولئ مينهن ئي ڪونہ ٿو وسائي. شاھ چيو تہ: ابا، اجان مند پري آهي، ڏٽي ڪندو مينهن وسندو. چيائون تہ: سائين! وسي تہ هينئر وسي، هن کان پوءِ وري ڪهڙو وسندو! شاھ چيو تہ: ابا، خير گهرو تہ خير جو مينهن وسي. چيائون تہ: سائين خير وري ڪهڙو! تو ۾ ڪا پهچ آهي تہ مينهن ٻوڙان ٻوڙ وسي ۽ سگهو وسي. ميون شاھ عنات سندن گستاخي ۽ ابهرائي تي رنج ٿي اٿيو ۽ دعوت کانہ کاڌائين، وهٽن تي چڙهندي هي بيت چيائين تہ:

کمندائتا مينهڙا، تون واءِ لڳندي وس
ائئي پهر، عنات چئي، وسئو پيو وس
سورهن پهر، سيد چئي، رڙهي رمضانن رس
نندي وڏي ٽبهين، ٻنا ٻڌندا پس
ڪونہ ڏئين ڪس، جو رڙهي نڪري رمضان ڪو[1].

چون ٿا تہ سگهو واءُ ڇريو ۽ مينهن اچي ڪڙڪيو ۽ سچا سورهن پهر بيهي ويو، جنهن ۾ رمضانن جو ڳوٺ ٻڏي ويو. ميين شاھ عنات وارا وهٽن تي چڙهيا مينهن وسائيندا آيا تہ آڏو لنگهن جا گهر ڏٺائون ۽ ڪين چيائون تہ: اسين پسي پيا آهيون، جاءِ ڪريو تہ لهون. آڏو ڪنهن جواب ڏنو تہ: اسين پاڻ لنگهڻ تي آهيون، اوهين آڏو ڪٽين ۾ وڃي لهو. جنهن تي ميين شاھ عنات چيو تہ:

لنگهن ۽ لنگهڻ، پريون پاتو پاڻ ۾[2].

پوءِ اڳتي ڪٽين ۾ آيا تہ هنن وڏي آڏر ڀاءُ ڪئي، ۽ جاءِ ڏنائون مچ ٻاريائون ۽ خدمتون ڪيائون. ميين شاھ عنات جو دل گهريو فقير پيرو ڪٽي بہ سانگي سان اتي موجود هو، جنهن چيو تہ: سائين! هاٿي ذات ڪٽي کي دعا ڪر. اتي ميين شاھ عنات بيت چيو تہ:

ڪٽي خوش رهن، جي جتي سي تتي
ڪوڏ وڃائن ڪپڙا، ڪامل ڪارون ڪن
اڳڻ آئي تن، لٿو سيءُ سيد چئي[3].

---

[1] روايت حاجي بخش علي شاھ ۽ حاجي محمد سوڊو بگهياڙ. ميان محمد علي شاھ کان پهتل روايت ۽ حاجي عمر چانڊيي جي زباني موجب:
ويندڙ وري آءُ تون، اچي واءُ لڳندي وس
اسين پهچون اوطاقين، تون اچي رمضانن رس
هڪڙيون ڪٽنديون دانگيون، ٻيون ڪٽنديون تس
توکي چونديون بس، تہ بہ تون وراکا ڏيو پيو وس
اهو نہ ڏجائن ڪس، جتان رڙهي رمضان نڪرن.

[2] حاجي عمر چانڊيي جي روايت موجب:
لنگهن کي لنگهڻ، هوندو پيڙهيءَ سوڏو پاڻ ۾
ڪن روايتن موجب ميين شاھ عنات هن موقعي تي "لنگهن کي لنگهڻ، هوندو ڏينهن قيامر سين الخ" بيت پڙهيو جو هن کان اڳ مٿي (ص 25) بيان ٿي چڪو آهي تہ ميين احمد شاھ مثال طور لنگهن بابت پڙهيو.

[3] روايت مرحوم حاجي پير شاھ . حاجي بخش علي شاھ ۽ حاجي محمد سوڊو بگهياڙ. حاجي عمر چانڊيي جي روايت موجب پوين ٻن مصراعن جي پڙهٽي:
هڪڙا ڪوڏ رڱين ڪپڙا، ٻيا ٻڏي ڪارون ڪن
اڳڻ آئي تن، لٿو سيءُ عنات چئي.

ميين شاهہ عنات جو پيرو ڪٽي سان خاص اُنس هو. ۽ سندن رس رهاڻين ۽ نياپن پيغامن بابت ڪافي حڪايتون اڄ تائين هلندڙ آهن. غالباً ميون شاهہ عنات ۽ پيرو ڪٽي ننڍڙي هوندي جا يار هئا، جيئن تہ هيٺ ڏنل ٻهرئين حڪايت سندن جوانيءَ واري دور جي خوش طبعي جي ساک پري ٿي.

پيرو ڪٽي هڪ سڄاڻ سگهڙ هو ۽ ڪا بہ پرولي ملندي هئس تہ پيچي ڇڏيندو هو. ميون شاهہ عنات ۽ ٻيا رفيق ساگري درياء جي ڪنڌيءَ تي وينا هئا جو پيرو جي سگهڙپائي جي ڳالهہ نڪتي. ان وقت ڪو ماڻهو پيرو جي ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو ۽ ميين شاهہ عنات پيرو ڏانهن سلام موڪليا. ان ماڻهو چيو تہ سائين اڄ تہ اوهان بہ ڪا پرولي ڏيو تہ سلامن سان گڏ اها پيرو کي پهچايان. انهن ڳالهين ۾ هئا جو ڇوڪرن ڪنڌي تي راند پئي ڪئي ۽ راند ڪندي اُتي ڏٻڻ تي پئي. اتفاق سان هڪ ڇلو وڃي ڏٻڻ واري جاءِ تي ڪريو ۽ جيئن ان کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون تيئن اندر گڇڻ ۾ قابو ٿي ويو. ميين شاهہ عنات چيو تہ ادا اها پرولي وڃي پيرو کي ڏجان تہ:

گهُمر منجهہ گهڙي ويو، گهُمر منجهہ گهڙي ويو.

ان ماڻهو وڃي پيرو کي ميين شاهہ عنات جا سلام پهچايا ۽ ان سان گڏ پرولي بہ ڏني. پيرو ٻڌي چيو تہ: ادا!

شاهہ اسان ڏانهن موڪلي، سا واهہ اسان کي وڻي
اسين شاهہ عنات جي آهيون پيرن جي پٺي
راند ڪڏندي ريل ۾، متان ڪو ڇلو پيو ڇٽي!

هڪ ڀيري ميون شاهہ عنات پيرو جي ڳوٺ آيو. پيرو پاڻ ڪونہ هو، پر پٽس هو، جنهن ٻيون سڀ خدمتون ڪيون، پر گهوڙن لاءِ پوري گاهہ ۽ داڻي ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏنائين. موڪلائڻ وقت ميين شاهہ عنات چيو تہ: ابا! پڻهي کي سلام ڏج ۽ چئج تہ "بني ولج ٻوڙا! بني ولج ٻوڙا!" [1]. جڏهن پيرو آيو تہ کيس سلام ڏنائون ۽ چيائون تہ چڙهندي وقت شاهہ هينئن چيو. تڏهن چيائين تہ هائو:

'مانيون مهمانن کاڌيون،
لنگهڻ پيا گهوڙا، لنگهڻ پيا گهوڙا!'

پيرو هڪ ڀيري ميين شاهہ عنات ڏي پيرون سوکڙي ڪري موڪليا. جڏهن ميين شاهہ عنات کي پهتا تڏهن چيائين تہ:

پير پيرون موڪليا، موتين جان موچار
تن ۾ اڇا، ڳاڙها، ڪارا پيا ريشمي رنگدار
اي ڪٽي خبردار، هوندين شال حضور ۾.

ان بعد پيرو سال بسال پيرون سوکڙي طور موڪلڻ لڳو. هڪ سال پيرن واري مند ۾ بيمار ٿي پيو ۽ پيرون تہ ڪونہ موڪليائين پر گهٽي وقت تائين سنيهو سلام بہ ڪونہ موڪليائين. انهيءَ تي ميين شاهہ عنات جوائي موڪليس تہ:

پر مڪئي پيرون، هيل سنيهو نہ مڪوء
ائين پيچجن نہ هيرون، اي ڪٽي خاص خدا جا!

[1] هڪ ٻي روايت موجب: "بني نہ ڪيئي ٻوڙا! بني نہ ڪيئي ٻوڙا!".

اهو ڏوراپو جڏهن پيرو کي پهتو تہ هو اجان بيمار هو. جيڪي ماڻهو ڪيس پڇڻ تي آيا تن پڻي ڏکيا ڏنس تہ: ميين شاهہ عنات سان تنهنجي ايتري پريت آهي، پوءِ اتان ڇو نٿو دعا ڪرائين تہ ڇڱو ڀلو ٿين! ويتر جو ميين شاهہ عنات جو ڏوراپو پهتو تہ جواب ۾ پيرو چوائي موڪليو تہ:

ڏکيا ڏاڏي پوٽيين، ڪن ڏنا ڪي ٿيون ڏيـن
پيرو چئـي: پنهـور ڪـي، نيئـر نهوڙيـو نيـن
جي مان لوهہ لهين، تہ هوند ڪوٽن ۾ ڪين هئان.

اهو بيت جڏهن ميين شاهہ کي پهتو تہ سمجهائين تہ بيمار آهي، ۽ دعا دلداري طور ڏانهن چوائي موڪليائين تہ:

ڪوٽـان ڪـڍي سـومري، لاٿـس لوهـہ هميـر
سا سمگجي، سيد چئـي، پيئـي منجهـہ مليـر
گهـر سـواڏيون سـڄڻين، تـر ڪٽيريـن ڪيـر
اي پيـرو! تـو سـين پيـر، مـڙي مـدت آئيـا.

پيرو هي پيغام ٻڌي سرهو ٿيو ۽ سگهوئي چاڪ ٿي ميين شاهہ عنات کي ملڻ لاءِ سنڀريو. پيرو ڪٽين وارو اباڻڪو ڌنڌو ڪندو هو پر سندس حالت سقيم هئي. سندس گهر واري، مائي متي، جي بہ ڪفايت سان اصل ئي ڪانہ پئي هئي. پيرو ڪجهہ چوندو هوس تہ چوندي هئي تہ: ميون شاهہ عنات توتي مهربان آهي، ڇو نٿو ڪانئس دعا گهرين تہ رزق ڪشادو ٿئي جو مونکي بہ سوني ساهہ (جملي ڳهہ) پهرائين. پيرو ويچارو ٻڌي ڪٿي مات ڪندو هو. هينئر جو پيرو هڪيو تڪيو ميين شاهہ عنات ڏانهن ٿي ويو سو متي ڪيس مجبور ڪيو تہ ضرور شاهہ سان حال ڪج. پيرو اچي ميين شاهہ عنات سان سليو، ۽ شاهہ ڪيس ڏسي خوش ٿيو. پوءِ ڪچهريءَ ۾ گهر جي جهيڙي جي خبر ڪندي بيت چيائين تہ: سائين!

پـاڻ پنـي، ڳـل ڳـاپرو، بنـا ڪيـر نـہ ڪـاءِ
ايءَ متـــي تـي موجـون ڪـري تـہ جئيـن شـال!
مـون لاءِ سـوني سـاهہ سـنباهہ
پيرو چئي پهراءِ، ايءَ لنگهي ٿيو تي لاڳ گهـري[1].

ميين شاهہ عنات ڪيس دعا ڪئي ۽ چيائين تہ: ڌٽي توکي ڌنڌي ۾ برڪت ڏيندو. اتي پيرو صلاح پڇي تہ: سائين، ڌنڌو ڇڱو، پر جيڪر هني ڪريان تہ سيڪجهہ ٿي پوي. اتي ميين شاهہ عنات چيو تہ:

ڪٽي! ڪيڏ مَ ڪيڙ، توڙي سونا ٿينئي سنگڙا
هيـج منجهـارئون هٽـڙا، متـي پينـديءَ پيـر
پيءُ ڏاڏي جي پير، سُڪيو هوندين، سيد چئي.

---

[1] ڏسو پيرو جو سرود پريات (فصل - 1، حاشيه بيت 9) ۾ ڇپيل بيت. هيءُ بيت پڻ انهيءَ رنگ ۾ چيائين. اصل پڙهڻي: 'پيرو چئي پهچاءِ.'

انهن متعدد روايتن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هن موٽ- جواني واري دور ۾، خصوصاً 45 کان 60 سالن واري عمر ۾، ميين شاهہ عنات جي طبعي شاعري جا سلا وڌي وڻ ٿيا. سرود ڏناسري جو گهڻو ڀاڱو، مارئي، مومل، سسئي، ليلا، جيتسري، پورب ۽ ڏهر غالباً انهيءَ عرصي ۾ ميين شاهہ عنات ڳايا [1].

پيري جو پڇاڙيون دور (60 کان 75 سال): خانداني روايتن موجب، ميون شاهہ عنات وڏي عمر کي رسيو. ۽ انهيءَ لحاظ سان سندس پيريءَ جو هيءُ پڇاڙيون دور (1090 - 1105هہ) پڻ همت ۽ حوصلي وارو دور هو. هن عرصي ۾ ميين شاهہ عنات جي شخصيت هڪ شاعر ۽ درويش طور مسلم ٿي، جنهن جو خود ميين شاهہ عنات کي پڻ احساس هو. هن دور ۾ پڻ سندس ملتان وڃڻ ٿيو، مگر شاهہ خيرالدين جي درگاهہ تي پيرو ڪونہ پڳائين. سندس اولاد پڻ هاڻي وڏو ٿيو جن سان محبت ۽ صحبت ۾ سندس گهڻو وقت صرف ٿيو. شيخ موسيٰ جي درگاهہ سان سندس محبت وڌي ۽ اتي پنهنجي والد شاهہ نص الدين جي مقبري جي ديدار ۽ سنڀال خاطر سندس گهڻي اچ وڃ ٿي. آسپاس جي فقيرن ۽ درويشن جي درگاهن تي توڙي مريدن وٽ سندس اچڻ وڃڻ جو سلسلو باقي رهيو.

هن دور ۾ سنڌ جي سياست ۾ هڪ انقلاب اچي رهيو هو. دادو ۽ لاڙڪاڻي طرف ميان نصير محمد پنهنجي پوري طاقت قائم ڪئي، بلڪ ڪلهوڙن جي اينڌڙ حڪومت جا بنياد مضبوط ڪيا. سنڌ جي سياسي نڪتہٴ نظر سان هي ميان نصير محمد وارو دور هو. ۽ شاعري جي لحاظ سان هي ميين شاهہ عنات جو دور هو جنهن ۾ بيو ڪوبہ سندس همسر يا ثاني ڪونہ هو. هن عرصي جي آخر ڌاري جڏهن ميين شاهہ عنات جي عمر اندازاً 65 - 70 سال ڪن هئي تڏهن شاهہ عبداللطيف ڄائو. هن دور جي ڪن خاص توجهہ طلب اُهڃاڻن تي هيٺ قدري روشني وجهجي ٿي.

پنهنجن وڏن جي سلسلي موجب، ميين شاهہ عنات ملتان جي بزرگن سان محبت ۽ عقيدت جو ناتو قائم رکيو ۽ ملتان ويو جتي جي بزرگن پاون شاهہ ، ضياء الدين، محمد غوث، محمد باقر سان مليو ۽ ساڻن ذاتي سڄاڻپ جو سلسلو قائم ڪيائين. هينئر جڏهن شاهہ عنات شاعر ۽ درويش جي حيثيت ۾ نصرپور واري تر، توڙي سنڌ جي لاڙ واري گهڻي ڀاڱي ۾، عزت ۽ عظمت حاصل ڪئي تہ ملتان جا بزرگ پڻ سنڌ ۾ سندن اولاد ۽ جماعت جي مدد لاءِ ميين شاهہ عنات ڏانهن متوجهہ ٿيا. انهي سلسلي ۾ هيٺيون روايتون مشهور آهن.

● چون ٿا تہ جڏهن ملتان کان 'سنڌوَر' پير [2] سنڌ ۾ آيو ۽ بڪيرن ۾ پنهنجي خانقاہ بنائڻ جو خيال ڪيائين تہ اتي لانڊين جا قلعا نہ پيا ڪپن. غالباً پرسان حڪومت جي ڪاردارن يا ڪن ٻين زميندارن جون ڪناتون لڳل هيون جن جي مخالفت سببان پير کي اتي قلعا کوڙڻ نٿي ڏنائون. ميون شاهہ عنات مدد لاءِ چڙهي ويو جنهن تي مخالفت ختم ٿي، ۽ ميين شاهہ عنات پاڻ بيهي قلعا کوڙايا. ان موقعي تي هڪ ميمڻ مائي جا پير جي سچي مريدياڻي هئي سا اوائلي مخالفت سببان نااُميد ٿي، پر ٻڌي رواني ٿيڻ تي هئي جو ميين شاهہ عنات سڄو معاملو سولو ڪري قلعا کوڙايا، ۽ چيائين تہ:

---

[1] اهڙي يقيني راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي. البت سرود ڏناسري جي اندروني اهڃاڻن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ فصل 1، 2، 3 ۽ 4 گهڻي ڀاڱي انهي دور جا آهن. مارئي، مومل ۽ سسئي جي مشهور عنوانن تي پڻ شروع واري دور ۾ بيتن چوڻ جو ڪافي امڪان نظر اچي ٿو. پيري واري دور ۾ جيڪي سرود ڳايائين تن سندس پڻن پوٽن کي پڻ متاثر ڪيو ۽ انهن پڻ سندس پران بيت چيا. جيتسري ۽ ڏهر ۾ ٻئي ڪنهن جو بيت شامل ڪونهي، ۽ پورب ۽ ليلا ۾ پڻ ٻيا اڪثر بيت پيرو جا چيل آهن جو سندس دل گهريو فقير هو.

[2] مقامي روايتن موجب شيخ شهرالله. جيڪڏهن ان مان مراد ملتان جو چوڏهون سجاده نشين شيخ شهرالله تسليم ڪجي تہ پوءِ اهو زمانو 1053هہ کان اڳ جو هو جڏهن ميون شاهہ عنات ننڍو هوندو.

... ...، ميمڻ وچ م رسي
ڪناتن ۾ ڪات پوندو، اتان ايندينءَ مسي
بڪيرا باغ ٿيندا، عالم ٿيندي خوشي [1].

هالن کان ڏکڻ طرف گهوٽاڻن ۾ به پائر رهندا هئا، جن مان وڏو ”گهوٽاٽي“ جي نالي سان مشهور هو ۽ ننڍي جو نالو ”هوتي“ هو. ٻئي اول ملتان وارن بزرگن جا مريد هئا، پر انهيءَ فيض سببان جڏهن درويشي واري منزل کي پهتا تہ پاڻ کي ڪامل درويش ڇاتي، ملتان کان منهن موڙيائون، بلڪ جيڪي جماعتون راهہ جي پنڌ سان، ملتان ڏانهن وينديون، پرسان لنگهنديون هيون، تن کي پڻ تنبيهہ ڪرڻ لڳا تہ ملتان وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. وڏو ڀاءُ پاڻ کي ’سمنڊ پير‘ سڏائيندو هو ۽ هوتي پاڻ کي ’هاٿي‘ يا ’فيل‘ چوائيندو هو. پانڌين فقيرن وڃي ملتان ۾ بزرگن کي دانهن ڏني تہ ’سمنڊ‘ ۽ ’فيل‘ کي ڪو سمجهائي. فقير، ميين شاهہ عنات وٽ آيا، جو ويهہ ماٺهو ساڻ ڪري هنن پائرن کي سمجهائڻ لاءِ گهوٽاٽن ۾ پهتو. جڏهن ميين شاهہ عنات ’گهوٽاٽي‘ کي تنبيهہ ڪئي تہ هن جواب ڏنو تہ: شاهہ ! توکي ساگري جو زور آهي[2] پر ساگرو تہ درياءَ جي هڪ ڇاڙهہ آهي، آءٌ ’سمنڊ پير‘ آهيان، تون مون تي ڪهڙي آذار تي چڙهي آيو آهين. ميين شاهہ عنات چيو تہ: جي تون سمنڊ آهين تہ آءٌ ايٽ آهيان ۽ توکي سمجهائي سگهان ٿو. ان وقت ميين شاهہ عنات بيت ڏنو تہ:

ايٽ تارو اپريو، لڪاپور متاهہ
سؤ سؤ گز سمنڊ جا ٿو سوسيو ڪدي ساهہ
گهوٽاٽي کي گهاءِ، پهرين آهي پڙ ۾ [3].

غالباً ميين شاهہ عنات جي ماڻهن مان ڪنهن جي ڏڪ سان يا پنهنجي ڪنيءَ گهوٽاٽو اتي جو اتي ڪريو ۽ مئو. [4]

● موٽ جواني واري دور جي آخر ۽ پيريءَ جي سن پهرئين دور جي شروعات واري وقت ۾ ملتان جي سترهين سجاده نشين بزرگ شيخ قائم الدين بن شيخ بهاؤالدين عرف پاون شاهہ جي تبليغ ۽ هدايت جو عوام تي ڪافي اثر ٿيو. ميين شاهہ عنات جي آڏو جڏهن هن بزرگ جي پلاين جو ذڪر نڪتو تہ سندس باري ۾ هي بيت چيائين تہ:

ڪوئنو قائم دين، تو اواتا واٽ ڪري
پيٽو پاون شاهہ جو، اصلاٽي امين
جن جو جاءِ يقين، تن اوڏا پير، عنات چئي.

---

(1) روايت حاجي بخش علي شاهہ .
(2) ساگري جي ڪنڌي تي مدفون ملتان جي بزرگن جي سلسلي جي ولي شيخ موسيٰ ۽ سندس سائين. ۽ خود شاهہ عنات جي والد شاهہ نصر الدين ڏانهن اشارو.
(3) روايت حاجي عمر چانديو ۽ حاجي محمد سوڍو بگهياڙ. ٻنهي معتبر راوين پوري تصديق سان چيو تہ اهو واقعو ملتان جي پانڌين جي دانهن سببان ٿيو ۽ اهو بيت انهي موقعي تي ميين شاهہ عنات جو چيل آهي. شاهہ عبداللطيف جي سلسلي جي راوين وٽ اهو بيت شاهہ عبداللطيف ڏانهن منسوب آهي. پر البت انهيءَ روايت جو بنياد ايترو پختو نہ آهي.
(4) ٻي روايت موجب ”هاٿي“ گهوٽاٽي جو مامو هو. جڏهن گهوٽاٽو مئو تہ سندس ماءُ جا پڻ وڏي پرهيزگار ۽ پهچ واري هئي سا پنهنجي ڀاءُ ”هاٿي“ وٽ وئي جو مقابلي لاءِ چڙهيو پر پهچي نہ سگهيو.

قائم دين ڪرم ڪر، پيٽا پاون شاهہ
پوٽا شيخ ڪبير جا، تو سبحاني صلاح
اوڏا پير، عنات سين، عاجز لڳ الله
سنئين سونهايو راه، ڪوڙين ڪرنشون ڪريان[1].

● هن دور ۾، رعايا مان، ڪلهوڙن فقيرن جي طاقت، ميان نصير محمد جي اڳواڻي هيٺ عروج کي پهتي. ڪلهوڙا فقيري ۽ مريد خادمي جي ذريعي ميان آدم شاهہ ڪان وٺي ماڻهن ۾ روحاني رهنما طور مقبول ٿيا ۽ سندن طاقت درجي بدرجي اسرڻ لڳي. ميان شاهل محمد جي وفات بعد سندس پاٽئيو ميان نصير محمد بن الياس محمد سنہ 1968هہ / 1657ع ۾ موروثي مسند تي ويٺو. ان وقت سندس سڪونت موجوده ميهڙ تعلقي ۾ هئي، جتي سندس شاهي مسجد اڃان تائين موجود آهي. انهيءَ مسجد کي ميان نصير محمد ديني تعليم توڙي پنهنجي فقيرن جي گروه بندي جو مرڪز بنايو ۽ پندرهن ويهن سالن ۾ هن سڄو 'ڪاڇو' پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ 'چانڊڪي' (موجوده لاڙڪاڻو ضلعو) ۾ پڻ پنهنجي طاقت ڄمايائين. انهيءَ وقت ڌاري، يعني تہ سنہ 1090هہ ڌاري، سندس شهرت سڄي سنڌ ۾ عام ٿي وئي. سنڌ جي عوام جي پڻ زوال پذير مغليہ حڪومت سان دلچسپي ڪانہ هئي ۽ هو سنڌ جي آزادي جا خواهان هئا. انهيءَ ڪري ڪلهوڙن اڳواڻن سان سندن همدردي هئي. ميون شاهہ عنات پنهنجي دور جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ مشهور درويش هو جنهن پڻ حب الوطني جي جذبي هيٺ ميان نصيرمحمد جي پنيرائي ڪئي ۽ هيٺيون بيت [2] دعا طور چيو:

نسرئو نصير، چانڊڪي ۾ چنڊ ٿي [3]
ڪاڇو ڪوڙي ۾ ڪري، ملي ويٺو مير [4]
دمامي جي دونس سان، ڦري ٿو فقير [5]
آهي هيءُ، عنات چئي، سندو سنڌ همير [6]
سي وٺا هلي ڏاڍري، ڪٽي ڪروڙئون ڪير [7]
تن کي گڏئو ڪين گس تي، بدو نہ بدگير [8]
خاصي خدا آباد منجهہ، عطر ۽ عنبير
جان جان ندي نير، تان تان طبل تنهنجي تجلو [9].

---

(1) سرود ڌناسري، فصل - 2، بيت [14] ۽ [15].

(2) هي بيت ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن ۾ ڏنل آهي، ۽ پڻ خانداني روايتن ۾ توڙي سگهڙن وٽ مشهور آهي. بيت جو متن ن موجب قائم ڪري، هت حاشيي ۾ روايتن جا اختلاف ڏنا ويا آهن.

(3) ر. 'چانڊونيءُ مان چنڊ ٿي، نسرئو نصير.'

(4) ر. 'ڪاڇو ڪوڙي هيٺ ڪري، ملي وهندين مير.'

(5) ر. 'دمامي جي دهل سان ڦريو ٿي فقير.'

(6) ن. 'هي آهي ڄام عنات چئي - الخ.' ر. 1- 'آهين ڄام عنات چئي سندو سنڌ همير' 2- 'آهين شاهہ عنات چئي، سڄي سنڌ امير.'

(7) هيءَ مصرع معنيٰ خيز آهي، مگر ان جي اصلي پڙهڻي نہ معلوم ڪهڙي هئي. ن مطابق 'سوا هلي ڏاڍري، ڪٽي ڪيرتيءُ ڪير.' امام علي شاهہ ڪان پهتل روايت موجب: 'سوا هلي ڏاڍ وري ڪٽي ڪيراڻي ڪير'. ٻي روايت: " سي ويا سنڌ ڏي، ڪٽي ڪيريتيون ڪير".

(8) ر. 1- "اڳيان گڏيس ٻر ۾، نہ بدو بدگير". 2- "اڳيان گڏيس گس ۾، بدو نہ بزگير".

(9) ر. 1- "جانسين ندي نير، تانسين طبل تانهنجو". 2- "جيسين ندي نير، تيسين طبل تنهنجو".

ميين شاھہ عنات جو هيءُ بيت هڪ درويش جي پيشن گوئي طور ان وقت عوام ۾ ڪافي هـلـي ويـو هوندو، جو ذري گهٽ ٻن سو سالن بعد اڃان تائين پڻ ماڻهن کي ياد آهي. نـہ معلوم تـہ ميان نصير محمد جي ڪنن تائين پهتو يا نہ. مگر سندس مقصد واسطي هڪ وڏي حمايت ۽ تبليغ هو. ميان نصير محمد جي اوج ۽ عروج تي سندس همعصر شاعر ۽ مقتدر شخصيت جي زباني هي بيت هڪ اهم تاريخي حيثيت رکي ٿو. ان وقت ڪاڇي (سيوهڻ کان وٺي ميهڙ تعلقي تائين، جبل جي ڪنڌي جي دامن وارو علائقو) تي ميان نصير محمد جو مڪمل قبضو ٿي چڪو هو. ۽ لاڙڪاڻي طرف هن هڪ مقبول اڳواڻ ۽ حاڪم جي حيثيت ۾ شهرت حاصل ڪئي. هو شاهي دمامي ۽ نوبت سان پنهنجي لشڪر سان ملڪ جو نظام قائم ڪري رهيو هو. ۽ غالباً شڪارپور واري ٻاگي کان اڳتي وڌي خود پاڻ يا سندس فوجي اڳواڻ سبي ۽ ڏادر تائين وڃي پهتا هئا. "ڪٽي ڪروڙئون ڪير" مان غالباً مراد آهي تہ ڪلهوڙن فقيرن ۽ سندن ساٿين، ميان نصير محمد جي ڳاڙهي واري مسجد (جا سندس طاقت جو مرڪز يا گادي جو هنڌ هئي) مان دعا جو ڪير يا دعائون ساڻ ڪري وڃي ڏادر تائين پنهنجو قبضو ڄمايو. مگر اهو فقرو اڃان وڌيڪ تحقيق طلب آهي. 'خدا آباد' ميان يارمحمد جي ڏينهن ۾ گاديءَ جو مرڪز بڻي، پر هن بيت مان گمان نڪري ٿو تہ شايد ميان نصير محمد اهو ماڳ پهريائين منتخب ڪيو ۽ ان تي خدا آباد نالو رکيو[1]. اهي واقعات دير ۾ دير تہ بہ 1090 - 1095ع واري عرصي يا اڃان بہ قدري اڳ جا سمجهڻ گهرجن ۽ بيت پڻ انهيءَ دور جو آهي.

هن وقت ڌاري ميين شاھہ عنات جا ٻئي ڏيري وارا فرزند وڏا ٿي چڪا هئا. جيڪڏهن سندس ٻي شادي ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ تسليم ڪجي ۽ پهريان چار فرزند کيس ٽيهن کان چاليهن سالن جي عمر اندر ڄاوا هجن (پنجون پير شاھہ سيني ۾ ننڍو هو جو غالباً اڃا بہ دير سان ڄائو) تہ پنجاسي ورهين جي ڄمار واري دور ۾ سندن عمر ڪم از ڪم 35 کان 45 ورهيہ کن هوندي. عبدالمعالي وڏو هو، ٻيو نمبر سائينڏنو شاھہ، ٽيون نمبر سيد محمد شريف، چوٿون نمبر مصري شاھہ ۽ پنجون نمبر پير شاھہ هو[2]. ميين شاھہ عنات جي شاعري واري ورڇ شاھہ شريف کي ملي، جو هن وقت هڪ پختہ شاعر هو. جيڪڏهن شاھہ شريف ويهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي هجي تہ سندس پٽ بلال شاھہ پڻ هن وقت پندرهن ويهن سالن کن جي عمر جو هو. بلال شاھہ پڻ ذهين ۽ فطري شاعر هو. ميين شاھہ عنات جي پنهنجي اولاد سان تمام گهڻي محبت هئي، ۽ ويتر جو شاھہ شريف ۽ بلال شاھہ شاعر ساماڻا تہ گهر جو گهر ۾ شعر و شاعري جون ڪچهريون قائم ٿي ويون. انهيءَ ڪري زندگي جي هن دور ۾ ميين شاھہ عنات جو ڪافي وقت اولاد جي صحبت ۽ ساڻن رس رهاڻين ۾ گذريو، حالانڪ اهو سلسلو غالباً موٽ جواني واري آخري سالن کان شروع ٿي چڪو هو.

● ميين شاھہ عنات جو پٽ عبدالمعالي مست طبيعت جو هو. ڪنهن ڇوڪريءَ سان سندس نينهن لڳو ۽ کيس وٺي اچي پاڻ وٽ وهاريائين. ڇوڪريءَ جي مالڪن اچي ميين شاھہ عنات کي دانهن ڏني جنهن چيو تہ عبدالمعالي گهر ڪونهي، ۽ اوهان پنهنجي ٻانهن وٺي وڃو. جڏهن عبدالمعالي آيو تہ ميين شاھہ عنات کيس تنبيھہ ڪئي. هڪ هن تنبيھہ جو اثر ٻيو ڇوڪريءَ جو فراق، سو عبدالمعالي انگ ڀڀوت مَلي، بدن تي زخم ڪري، ڪنهن پيٽيءَ ۾ ٻارائي پاڻ کي ايذائڻ لڳو. جڏهن اها خبر پئي تہ ميون شاھہ عنات، شاھہ شريف کي ساڻ ڪري

(1) البت يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ هيءَ سٽ ميين شاھہ عنات جي اصل بيت ۾ موجود هئي يا پوءِ جو اضافو آهي.
(2) تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ عنوان: "ميين شاھہ عنات جو اولاد".

اتي پهتو، ۽ عبدالمعالي کي سمجهايائين تہ ائين ڪرڻ نہ جڳائي. هن جواب ڏنو تہ: مونکي نينهن نانگو ڪيو آهي. ۽ آئون خلق جي ملامت پر ڪونہ ٿو ڏڄان. اتي پاڻس شاهہ شريف کيس سمجهائڻ خاطر اول بيت چيا تہ:

عاشق سڄ ايئن، لڪون لڪائڻ نڪٽين
جيئن پرو پاهر نہ نڪري، تن ۾ رکج تيئن
سانيڄ گهٽو، شريف چئي، نينهن نهائين جيئن
تہ ميڙائي جا مينهن، وينئي ٿي وسائيين[1].

لڪج سڪج لوڪ کان، ڊڪ مَ ڊورن جيئن
جو من مشاهدي گڏئو، سو قطرو سلين ڪيئن!
سانيڄ گهٽو، شريف چئي، نينهن نهائينءَ جيئن
تہ ميڙائي جا مينهن، وينئي وسائيين[2].

ان بعد ميين شاهہ عنات چيو تہ:

مچڻ روئين رت، پاٽي ڳاڙ مَ پڌرو
اولي اور، عنات چئي، سڪڻ اي شرط
وحدت گڏئو وت، مچڻ خبر تئي ڪرڻ کي[3].

اهڙي طرح ريجهائي، عبدالمعالي کي گهر وٺي آيا[4].

نصرپور ۾ ميين شاهہ عنات جي اوطاق، مريدن معتقدن ۽ ٻين پاڙيسري چڱن ۽ راڄن جي اچ وڃ توڙي شاعرن فقيرن جي ڪچهرين جو مرڪز رهي. هن دور ۾ ميين شاهہ عنات جي بيتن پران شاهہ شريف بيت پئي چيا ۽ انهن صحبتن جي اثر شاهہ شريف جي فرزند بلال شاهہ جي طبع کي پڻ پئي نکيڙيو.

درويشن ۽ درگاهن مان، هن دور ۾ ميين شاهہ عنات جو خاص انس ساگري جي ڪنڌيءَ تي شيخ موسيٰ جي درگاهہ سان رهيو. 'حديقة الاولياء' جو مصنف سنہ 1016هہ ۾ شيخ موسيٰ بابت لکي ٿو تہ: "اصل ۾ هي بزرگ هند جو آهي ۽ سلطان علاؤالدين جي زماني ۾ سنڌ آيو. مرشد ڪامل ۽ وڏو ولي خدا جو هو. سندس مزار ساگري درياءَ (نهر سانڪره) جي ڪناري تي واقع آهي ۽ وڏي زيارت گاهہ آهي" [5]. مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" ۾ هي ساڳي عبارت نقل ڪئي آهي، البت بزرگ جو مقامي نالو "شيخ موسيٰ آهيداڻي" ڏنو اٿس تہ سندس ڪرامت جو ذڪر ڪيو اٿس(2). غالباً شيخ موسيٰ مخدوم بهاؤالدين زڪريا جي سلسلي جي وڏن خليفن مان هو. پنهنجي دور ۾ سنڌ ۾ سهروردي طريقي جو علمبردار هو. انهي ڪري نصرپور جي رضوي ساداتن جي سندس درگاهن سان عقيدت رهي. شاهہ نصرالدين جي شيخ موسيٰ جي درگاهہ سان خاص عقيدت هئي، ۽ غالباً

---

[1] هي بيت سرود جمن، فصل - 1 ۾ شامل آهي.
[2] هي بيت سرود جمن، فصل - 1 ۾ شامل آهن.
[3] روايت حاجي بخش علي شاهہ.
[4] حديقة الاولياء، تصنيف سيد عبدالقادر حسيني (ذاتي قلمي نسخو.)
[5] تحفة الڪرام جلد - 3 (154) مطبع ناصري، دهلي.

سندس وصيت مطابق ٿي وفات بعد ڪيس نصرپور جي بدران شيخ موسيٰ جي مقام ۾ دفنايو ويو[1]. انهيءَ ڪري ميين شاهہ عنات جي خاص طرح شيخ موسيٰ جي درگاهہ سان عقيدت هئي، ۽ جيتوڻيڪ ننڍي عمر کان وٺي پنهنجي والد شاهہ نصرالدين جي مزار جي زيارت لاءِ شيخ موسيٰ جي درگاهہ تي پيرا ڪيائين مگر موٽ جواني واري دور کان وٺي سندس عقيدت وڌي جنهن جي تصديق هن بيت مان ٿئي ٿي تہ:

ساڻي وجي شيخ ڏونه، تہ ڪرنش ڪج ڪهي:
پاڙي، ڪير، پٽن کي، نظر ڪج سهي
وجن سڀ لهي، اهڪايون، عنات چئي [2].

هن بيت ۾ پاڙي، مال ۽ ڪير ۽ پٽن لاءِ دعا گهريل آهي، جنهن جي معنيٰ تہ هيءُ بيت موٽ جواني واري دور جو چيل آهي جنهن وقت اجان ميين شاهہ عنات کي پوٽا ڪين ٿيا هئا جن بابت پوئين دور وارن بيتن ۾ دعائون گهريل آهن. اهو دور ميين شاهہ عنات لاءِ اجان ڪشمڪش ۽ ڪوشش وارو دور هو. غالباً ساگري جي ڪنڌي سان سندس مال چرندو هو ۽ پڻ اتي سندس زمين ۽ آبادي هئي، انهيءَ ڪري شيخ موسيٰ جي درگاه کي سامهون اولهہ (ذرا اتر) طرف پنهنجي اوطاق يا پاڻ قائم ڪيائين، جتي گاهي بگاهي اچي رهڻ لڳو. ان بعد اوائلي پيريءَ واري دور ۾، شيخ موسيٰ جي مقبري ۽ والد جي مزار تي پيرن خاطر لاڳيتا ہ - ٽي ڏينهن يا راتيون انهيءَ ماڳ تي ترسي صبح سانجهي شيخ موسيٰ جون زيارتون ڪيائين ۽ دعائون گهريائين جيئن تہ سرود ڏناسري جي فصل - 5 هيٺ ڏنل بيتن جون هينيون مصراعون انهيءَ طرف اشارو ڪن ٿيون:

- آهيداڻي پير کي، ڪج صبح جو سلام [بيت - 3]
- وجينءُ وير وري، جن سهجان ڏنو شيخ کي [بيت - 5]
- سانجهيءُ ڪئو سلام، جن سهجان اچي شيخ کي [بيت - 6]
- سهماڻيءُ، سيد چئي، جني پريا پير [بيت - 7]

ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ شريف جا 'شيخ موسيٰ' جي ساراهہ ۾ چيل بيت اڪثر هن دور جا تا معلوم ٿين. ساگري جي ڪنڌيءَ واري ماڳ تي ميين شاهہ عنات جي اچ وڃ ۽ رهڻ سببان ان جو نالوئي سندس پويان "شاهپور" مشهور ٿيو. جنهن جا آثار اڄ تائين شيخ موسيٰ جي مقام سامهون، ننڍي الهيار کان ٽنڊي آدم ڏانهن ويندڙ پڪي رستي جي اولهہ طرف لڳو لڳ موجود آهن. جتي اجا تائين ڪي گهر ۽ نمون بيٺل آهن. ڪانئس پوءِ سندس اولاد نصرپور ڇڏي اچي شاهپور ۾ وينو[3] ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ شريف 'شيخ موسيٰ' جي ساراهہ ۾ جي بيت چيا آهن تن ۾ سندن عقيدت جي اظهار کان سواءِ، خود شيخ موسيٰ ۽ سندس درگاهہ جي ماحول بابت ڪي اهم اشارا سمايل آهن. ميين شاهہ عنات (توڙي سندس پٽ ۽ پوٽي شاهہ شريف ۽ بلال شاهہ ۽ ٻين) شيخ موسيٰ کي 'ڪوريجو' ۽ 'آهيداڻي پير' سڏيو آهي:

جني ڏنو جت، قبو ڪوريجو پير جو (فصل - 5 بيت [1])
آهيداڻي پير کي ڪج صبح جو سلام (فصل - 5 بيت [2])

---

(1) تصديق لاءِ ڏسو سرود ڏناسري، فصل - 5 بيت (شاهہ بلال) [ج/13] "شاهہ عنات، شاهہ نصردين، اولادي امير". ۽ وائي (شاهہ بلال) حاشيہ 116 "شاهہ نصردين، شاهہ عنات، پاڙي سڀ سونهاري."

(2) سرود ڏناسري، فصل - 5 بيت [9].

(3) ڏسو هيٺ عنوان "ميين شاهہ عنات جو اولاد".

جنهن مان گمان غالب آهي تہ شيخ موسو ذات جو 'ڪوريجو' هو ۽ سندس پاڙو 'آهيداڻي' هو. انهيءَ لحاظ سان 'حديقة الاولياء' جي مصنف (۽ سندس پويان مير علي شير قانع) جو قول تہ هي بزرگ اصل هندوستان جو آهي وڌيڪ تحقيق طلب آهي. شيخ موسي جي درگاه جي ماحول جا اهڃاڻ مبين شاهہ عنات ۽ شاهہ شريف جي بيتن ۾ هن طرح ملن ٿا تہ: بزرگ جي قبي جي پرسان ڪنڊي بيٺل هئي ۽ چوڌاري سهڻن خاصن ڪيڙن جي ساوڪ هئي، جيئن تہ مبين شاهہ عنات چيو آهي تہ:

پسئو ڪنڊيءَ لام، اسين جيئون تا جهان ۾.

—

خاصا ڪيڙ خاص جا، چوڪنڊي چوڌار.

—

خاصا ڪيڙ خاص جا، جاڳهہ نور پري.

شاهہ شريف جي بيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ، قبي جو گنبذ گچ مان ٺهيل هو ۽ درگاه تي مولودن جا شغل ٿيندڙ هئا:

تنهنجي گنبذ نور گچ ٿئي، تڪ نہ پئي تور
منجهہ مولودي محبوب جا، ويٺا ڪرن وور
سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [الف/13]

اهي اهڃاڻ اڄ تائين موجود آهن. بزرگ جو گچ سان ٺهيل ساڳيو قبو موجود آهي، جنهن جي آسپاس اڃان تائين ڪيڙ بيٺل آهن ۽ ميلي جي موقعي تي اڄ تائين مولودي اچن ٿا.

هن دور ۾ ساڱري جي ڪنڊي تي شيخ موسي جي درگاهہ تي مبين شاهہ عنات جي گاهي بگاهي آمد ۽ رهائش سببان ساڱري طرف پڻ مبين عنات جو توجهہ ٿيو. هن عرصي کان پنجاهہ ورهيہ ڪن اڳ ساڱرو موجن ۾ هو[1] جيئن تہ ان وقت مبين شاهہ عنات جي چيل بيت "ڳاهيجي ڳڙ ڪر، پليجاڻي پاءِ ـ الخ" مان ظاهر آهي، جنهن جو بيان هن کان اڳ تي چڪو آهي[2]. البت انهيءَ بيت مان اهو پڻ ظاهر آهي تہ پليجاڻي وٽان درياءَ پاتو پئي ۽ غالباً انهيءَ پائيندڙ سببان ئي درياء جي ساڱري واري وهڪري تي پوءِ اثر پيو، ۽ 1100هہ ڌاري ساڱري واري شاخ ۾ پاڻي گهٽجي ويو. ساڱري جا اهي لاها چاڙها مبين شاهہ عنات جي اکين آڏو هئا ۽ انهن کان متاثر ٿي هينيون بيت چيائين تہ:

شال م سُڪين ساڱرا! برڪت محمد مير
جي نوازيل نبيءَ جا، سي توکي ٻنهي پاسي پير
تو ۾ جهُلن جهالارين واريون، متي ڪئو ملير
سائر تنهنجي سير، وهي ولاسيي سامهين[3].

---

[1] غالباً ساڱرو، درياء جي هڪ مکيہ شاخ هو، ۽ ان کان سواء بي بہ ڪا شاخ هئي.
[2] ڏسو مٿي ص 35
[3] سرود ڏناسري، فصل - 5 بيت [14]

ان بيت جي پِران سندس معتقد رنگريز (پيرو ڪٽي؟) پڻ بيت چيو تہ:

شال م سڪين ساڱرا! برڪت رب جبار - الخ [1].

عام روايت موجب چون ٿا تہ ان بعد ساڱرو وري ساھُـو درياء تي وڙھو ۽ ولاسيي (تعلقو بدين) وارا پٽ آباد ڪيائين. ان جي تصديق يوسف جي بيت مان پڻ ٿئي ٿي، جو ھن غالباً ميين شاھ عنات جي وفات بعد[2] چيو:

سَر سُپِر سُرھو ساڱرو، جنھن جي لھر سيڪا لال [3]

جنھن جي معني تہ ميين شاھ عنات جي وفات بعد پڻ ساڱرو "سُپِر ۽ سُرھو" پيئي وڙھو.

پيريءَ جو پوين دور (75 - 90؟ سال): ھي ميين شاھ عنات جي زندگيءَ جو آخري دور ھو جو اندازاً 1150ھ يعني تہ يارھين صدي جي خاتمي سان شروع ٿيو. ھن وقت ميين شاھ عنات جي عمر 75 کن سال ھئي. ھن پيري واري دور ۾ نصربور ۾ پنھنجي حويلي ۽ اوطاق تي سندس اڪثر يڪجاءِ مقيم رھڻ جو اندازو ٿئي ٿو ۽ ھن دور جي کن بيتن مان پڻ اھوئي گمان نڪري ٿو.

ھي دور سندس پٽ شاھ شريف جي پختہ شاعري ۽ سندس پوٽي شاھ بلال جي اوائلي شاعريءَ وارو دور ھو. شاھ شريف جي عمر ھن عرصي ۾ اندازاً پنجاه - پنجونجاه سال ۽ شاھ بلال جي عمر ويھ - پنجويھ سال کن ھئي. ميين شاھ عنات جي يڪجاءِ مقيم ھئڻ سببان سندس پٽن ۽ پوٽن جو ساڻس گھڻو ۽ گھرو وقت گذريو ۽ خصوصاً شاھ شريف ۽ شاھ بلال ميين شاھ عنات جي اوائلي سرن جي بيتن پران بيت پئي چيا ۽ ميين شاھ عنات کي پئي ٻڌايا ۽ اھڙي طرح سندن وچ ۾ شعر شاعري جون رس رھاڻيون پئي ٿيون، جن کان بيا ٻڌندڙ پڻ متاثر پئي ٿيا، ۽ ميين شاھ عنات جي بيتن جو ذوق شوق سنڌ جي وچولي ۽ لاڙ واري پاڳي ۾ عام مقبوليت واري درجي کي وڃي پھتو. سندس پوٽو شاھ بلال شاعر ساماٿو ۽ غالباً سندس بيا پوٽا[4] پڻ درويش ۽ اثر رسوخ وارا ٿيا. انھن ڏانھن ھن دور جي ھڪ بيت ۾ اشارو تہ: "پوٽا ائين، عنات جا، ڪل نيزي نيزي پير" [5].

● ھڪ پيري ڪچھري ۾ جيسلمير جي ھڪ نيڪ سيرت ۽ نيڪ دل مائي جي ڳالھ نڪتي جا غالباً سنڌ ۾ اڳ گھڻي وقت کان وني مشھور ھئي. ان حڪايت موجب ڪو بزرگ اچي جيسلمير طرف پنھنجي ھڪ مريد جي گھر لٿو. مرد توڙي زال وڏي اعتقاد وارا ۽ ڏٽيءَ جا نيڪ ٻانھا ھئا، پر سندن حال سقيمي ھو. ان وقت کين ھڙ ۾ ڪي ڪين ھو جو پنھنجي مرشد لاءِ محض ماني تيار ڪري سگھن. ٻئي ويچار ۾ پئجي ويا. نيٺ گھر واري پنھنجي خاوند کي چيو تہ ھڪ خيال آيو اٿم- فلاڻو سيٺ مون تي ڏينھن.کان وني عاشق آھي، پر مون ڏانھس ڪوبہ توجھ نہ ڪيو آھي- چئو تہ ھن وقت ڪانئس وڃي ڪجھ وني اچان. خاوند کي پنھنجي گھر واري جي پاڪدامني تي پورو پروسو ھو، پر ڪڏھن نٿي چاھيائين تہ ان سيٺ جا محتاج ٿين. ھن موقعي تي الله ڪارڻ درويش جي خدمت خاطر پنھنجي گھر واري کي اجازت ڏنائين. مائي ان سيٺ وٽ وئي ۽ چيائين تہ، مونکي ڪجھ رقم جي ضرورت آھي، آءٌ تو وٽ لنگھي آئي آھيان، وڌيڪ تنھنجي مرضي. سيٺ پڻ سمجھي ويو تہ

---

(1) ڏسو سرود ڌناسري، فصل - 5، حاشيہ بيت (ج/14]

(2) ميين شاھ عنات جي وفات بعد، غالباً سندس پٽن ۾ نا اتفاقي ٿي، جنھن ڏانھن ھن بيت ۾ اشارو آھي تہ. "ڪرھو پلاڻي پال،پير پرچو پاڻ ۾."

(3) سرود ڌناسري، فصل - 5، حاشيہ بيت [ب/13]

(4) يعني تہ شاھ عبدالمعالي، سائينڏني شاھ ۽ سيد محمد شريف جا پٽ. پير شاھ ميين شاھ عنات جو سڀ کان ننڍو پٽ ھو جنھن کي پڻ ھن دور ۾ شايد اولاد ٿيو ھجي.

(5) سرود ڌناسري ص 169.

جنهن عورت ڪڏهن بہ ڏانهس ڏيان نہ ڏنو سا اڄ ڪنهن اڙيءَ ويل لنگهي آئي آهي. مائي ڪان عاجزيءَ سان حقيقت پڇيائين. جنهن ڪيس سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. سيٺ ايترو تہ متاثر ٿيو جو ڪيس پيڻ سڏي ٻيٽي رقم ادا ڪيائين ۽ ان ڏينهن کان پوءِ هو پڻ هڪ نيڪ اخلاق شخص بنجي پيو. انهيءَ مذڪور بابت، ميين شاهہ عنات چيو تہ ادا:

جي الله ڪارڻ لنڌيون، تن جيسلميراٿين جس
اُني ڪي، عنات چئي، ڪونہ لڳو هو ڪس
هت رهايائون رس، هت بہ ڳڏيون هوت ڪي[1].

● چون ٿا تہ خيرو ڪوڪر (ٻيڙي خان بهادر خان وارن جو وڏو) ميين شاهہ عنات جو مريد هو. ۽ وڏي مال وارو ڀاڳيو ماڻهو هو. عزيزن جي ساڙس اٿٻٽ ٿي جنهن تي ميين شاهہ عنات وٽ دعا لاءِ آيو. ميين شاهہ عنات ڪيس دعا ڪئي تہ:

خيرا! خير ٿيو وجي چر ٿر
توکي ڪونہ وجهندو ور
جو ڪسندو، سو ڪُسندو
جو گسندو، سو وَسندو.

پوءِ خيرو وجي مهراڻي ۾ نهٽي کان ست ڪوهہ ڏکڻ اوپر، 'منڙيي' ۾ وينو جو پوءِ ڪوڪرن جي نالي سان 'منڙيو ڪوڪر' سڏجڻ لڳو. خيري ۽ سندس اولاد اتي نهايت سکيو ۽ شاناڻو وقت گذاريو. پوءِ خيري جي پريءَ مان مانجهي ڪوڪر وڏو پهلوان ۽ همت پريو مڙس ساماڻو. جنهن کي شادي خان ڪوسي وارا پڻ شيخون (هنيل مال جي پتي) ڏيندا هئا[2].

● ميان نصير محمد، جو سنہ 1068هہ/1657ع ۾ وڏن جي موروثي تخت تي وينو ۽ جنهن جي اوج عروج بابت سنہ 1090هہ ڌاري ميين شاهہ عنات دعا جو بيت (نسرئو نصير - الخ.) چيو. تنهن سنہ 1103هہ/1692ع ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميان دين محمد ۽ ميان يارمحمد ڪلهوڙن جي اسرندڙ طاقت جا اڳواڻ بنيا. سندن اوج ۽ عروج بابت پڻ ميين شاهہ عنات دعا جا بيت چيا:

ڪڇ، انجارڻ، پارڪر، پڇ ڍڇي پر ڌاءِ
پيلي بندوقن سين، جڏ جارو جوڙيندا
اوچتا، عنات چئي، ڪڏ پيلاٽي پونداءِ [3]
... ...

هن بيت جي سٽاءَ مان ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات هي بيت ڪنهن مخالف کي مخاطب ٿي چيو آهي. غالباً بيت جي آخري وراڻي واري مصرع پڻ ڪٽل آهي. مٿئين بيت بعد هينيون بيت شامل آهي تہ:

---

[1] ميان محمد علي شاهہ ۽ حاجي عمر چانديي جي روايت موجب، اهو بزرگ خود ميون شاهہ عنات هو. جو پاڻ جيسلمير ڏانهن سفر تي ويو ۽ سندس مريد ۽ ان جي گهر واري سان اهو واقعو پيش آيو. جو مٿيون بيت چيائين. روايتن ۾ اهو بيت شاهہ عبداللطيف ڏانهن پڻ منسوب آهي پر البت ان ۾ نالي واري ٻي مصرع ڇڏيل آهي.

[2] روايت محمد اسمٰعيل خان نون.

[3] هي بيت نُ جي شروع ۾ ٻين متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل آهي. نُ مطابق لفظ 'پيلاٽي' لکيل آهي جو تحقيق طلب آهي.

پيلاٽي پيلي، تمن سيئي تورئا
آئي سنڌ سلام تي، ڪر نايو پيلي
رڻ وانگي ريلي، اڃا ملينڊا ميريءَ ڪي.

هن بيت ۾ غالباً ميان دين محمد ۽ ميان يار محمد جي وڌندڙ طاقت ڏانهن اشارو آهي ۽ ڇڻ واڌائي ڏنل آهي تہ هو اڃا 'ميري' (قلات) پڻ فتح ڪندا. پرڪلهوڙن جي وڌندڙ طاقت تي دهلي جي مرڪزي مغليہ سلطنت جي پڻ نظر هئي، ۽ بالاآخر شهزادو محمد معزالدين لشڪر وٺي اچي وارد ٿيو. ۽ سنہ 1111هہ ۾ ميان دين محمد کي نظربند ڪري وٺي ويو. ان هوندي بہ ميان يارمحمد جنگ جاري رکي. غالباً ان موقعي تي ميان يارمحمد جي باري ۾ ميين شاهہ عنات هيٺيون دعا جو بيت چيو تہ:

دعا ڪريين تو دائما، هردم منجهہ هنيان
مغل موٽي ويا، ايهي ڏس ڏيان
ميريءَ منجهہ ميان! اڃا طبل وڄندا تانهجا [1].

واقعات جي لحاظ سان، ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات هيءُ بيت سنہ 1111هہ ڌاري چيو، جڏهن مغلن جو لشڪر ميان دين محمد کي ساڻ ڪري في الحال موٽي ويو، ۽ ميان يارمحمد همت ۽ مردانگيءَ سان جنگ جاري رکي.

وفات: خانداني روايتن موجب ميين شاهہ عنات وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. سندس ولادت سنہ 1030 - 1035هہ واري عرصي ۾ ٿي ۽ جيڪڏهن 'وڏي عمر' مان مراد نوي سال وٺجي تہ سندس وفات 1020 - 1025هہ واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي. ميان يارمحمد کي مٿئين دعا واري بيت جي بناء تي قدري وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سنہ 1111هہ ۾ ميون شاهہ عنات حيات هو ۽ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي لشڪر جي مقابلن جي ڪيس پوري چاڻ هئي. ميان يارمحمد کي سندس دعا مان اهو پڻ گمان نڪري ٿو تہ ميان شاهہ عنات تي اڃا پيري غلبو ڪونہ ڪيو هو. سندس عقل جوان ۽ ذهن صاف هو، جو مقامي سياسي حالات جي اندازي جي بناء تي ڪيس ميان يارمحمد جي ڪاميابي تي يقين هو.

مٿين بيتن کان سواءِ ميان يارمحمد بابت هيٺيون بيت پڻ ملي ٿو، جو تاريخي اهڃاڻن جي لحاظ سان نهايت اهم آهي:

تون طرو طريلن جو، تنهنجي خانيءَ ڪاڌا ڪگ
يار محمد يار خدا جا! وهلا وارج وڳ
هي جا نڳي ڪي آهي نڳ، سا وڃي لاهي آءِ [لک] لانگاهہ جي [2].

بالڪل يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ هي بيت ميين شاهہ عنات جو آهي يا نہ. البت اندروني اهڃاڻن جي بناء تي گمان نڪري ٿو تہ هي بيت پڻ ميين شاهہ عنات جوئي چيل آهي. اول تہ ميان نصير محمد بابت چيل بيت (نسرئو نصر - الخ.) جنهن ۾ ميين شاهہ عنات جو نالو آهي، ان جي لاڳيتو پويان هي بيت لکيل آهي. ٻيو تہ ميون شاهہ عنات وڏي مال وارو هو ۽ وٽس انن جا وڳ هئا جن ڏانهن هن بيت ۾ اشارو قرين قياس نظر اچي ٿو. اهي وڳ ڪنهن سرڪش لانگاهہ قبضي ۾ ڪيا جن جي ورائڻ لاءِ بيت ۾ ميان يارمحمد کي استدعا ٿيل آهي.

---

[1] هي بيت ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن ۾ لکيل آهي.

[2] هي بيت ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن طور لکيل آهي. اصل صورتخطي: "ترو تريلنجو". آخري مصرع ۾ [لک] جو اضافو، هن بيت جي جواب ۾ (بلال شاهہ جي) چيل بيت جي آخري مصرع (چڙهي ڪيئي چٽ، جا هئي لک لانگاهہ جي) جي مد نظر ڪيو ويو آهي.

عرضي جي لحاظ سان هي بيت انهيءَ دور جو آهي جڏهن ميان يارمحمد کي 'خدايار خان' جو خطاب ("خاني") مليو هو، ۽ ميان يارمحمد حملا ڪري قلات جي فوجن کي شڪستون ڏنيون هيون ("تنهنجي خانيءَ ڪاڌا ڪڳ"). اهو عرصو اندازاً 1113هہ کان پوءِ جي ستن اٺن سالن (1113 - 1120هہ) وارو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو لانگاہ شاهہ نصرالدين جي ساهريجن لانگاهن واري آکهہ مان هجي.[1]، پر غالباً اهو لانگاہ ڪو بيو طاقت وارو شخص هو جنهن تي ميان يارمحمد طرفان پوءِ لشڪر ڪشي پڻ ٿي، جيئن تہ ان واقعي بعد چيل هيٺين بيت مان (جو غالباً شاهہ بلال چيو) ظاهر آهي:

تو ونگو ونگو نائيو، ڪڇ، پارڪر، پٽ
سودا سلامي ٿئا، ڍل ڀريندو ڍٽ
چڙهي ڪيئي چٽ، جا هئي لک لانگاہ جي[2].

تاريخي تصديق موجب يارمحمد ڪلهوڙي نتي جي نواب اعظم خان جي لشڪر سان گڏ جهوڪ جي لانگاهہ بزرگ شاهہ عنات الله صوفي تي چڙهائي ڪئي[3] جو بالاآخر شهيد ٿيو.

انهن اهڃاڻن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ مين شاهہ عنات جي بيت ۾ 'لانگاہ' مان مراد شاهہ عنات صوفي آهي. نواب حاجي محمد علي خان لغاري تاجپوري (جو جهوڪ شريف جي درگاہ جو مريد آهي ۽ ان درگاہ بابت تاريخي توڙي زباني روايتن مان ڪافي واقف آهي) خبر ڪئي تہ: صوفي شاهہ عنات تي حملي جو بنيادي ڪارڻ سندس مغليہ حڪومت سان مخالفت ۽ بغاوت هو. شهادت واري واقعي کان ڪافي عرصو اڳ صوفي شهيد پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي گروہ کي منظم ڪري جهوڪ واري پرڳڻي تي چڻ هڪ آزاد حڪومت قائم ڪري ڇڏي هئي. سندس مريد، ماڻهن کان ڍل ونندا هئا ۽ ويندي نصرپور تائين سندن تسلط هو. جيڪڏهن ڪو ڪين ڍل نہ ڏيندو هو تہ ان جو مال ضبط ڪندا هئا. اهو بالڪل قرينِ قياس آهي تہ صوفي شهيد جي فقيرن نصرپور لڳ مين شاهہ عنات جي اُنن جو وڳ هنيو هجي، جنهن ڏانهن هن بيت ۾ اشارو آهي.

جيڪڏهن هن روايت تي ڀروسو ڪجي تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ اهو بيت صوفي شاهہ عنات جي شهادت (1130هہ) کان پنج ست سال اڳ واري عرصي (1120 - 1125هہ) ۾ چيل هجي.

انهيءَ بيت کان سواءِ هيٺين وائي پڻ مين شاهہ عنات جي زندگيءَ جي انهيءَ آخري دور جي معلوم ٿئي ٿي:

عاشقن امارو، مورائين مخدوم ڏي
اهل اولادي، تنهن گهر شادي، محمد زمان پير موچارو. [4]

شيخ مخدوم محمد زمان ملتان وارن بزرگن مان اناويهون سجاده نشين هو. سندس تاريخ وفات معلوم ناهي مگر 1128هہ ۾ هو زنده هو.[5] مٿين وائي غالباً انهيءَ سال کان ڪجهہ عرصو اڳ (اٺ - ڏهہ - ٻارنهن

---

[1] شاهہ نصر الدين جي هڪ شادي ڪمال خان لانگاہ جي نياڻي بيبي سرڪني سان ٿي هئي (شجره طيبہ).

[2] ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل.

[3] صوفي شهيد جي ڪوٽ کي گهيري وقت ميان يار محمد موجود هو جنهن جو ذڪر هن هڪ خط ۾ ڪيو آهي جو پنهنجي پٽ ميان نورمحمد ڏي لکيائين (ڏسو 'منشورالوصيت' (ضميمہ)، تحقيق سيد حسام الدين راشدي، ڇاپيل سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع).

[4] سچي وائي لاءِ ڏسو اضافا ص ص 312 - 311 .

[5] هي حوالو اسان کي مولانا نور احمد فريدي کان مليو جنهن ملتان جي بزرگن جي سلسلي ۾ گذريل پنجن سالن ۾ ٽي ڪتاب (مخدوم بهاء الدين زڪريا، شيخ صدر الدين عارف ۽ شيخ رڪن الدين بابت) شايع ڪيا آهن.

سال؟) مخدوم صاحب جي گهر ۾ (سندس پٽن جي) شادي بابت چيل آهي. ميين شاهہ عنات جي هڪ بيت ۾ 'غازي محمد غوث' ڏانهن پڻ اشارو آهي تہ:

غازي محمد غوث کي اکيين لال مٽان

محمد غوث غالباً شيخ مخدوم محمد زمان جو فرزند هو ۽ ان وقت هو جوان هو. اهي حوالا پڻ اندازاً 1115هہ کان وٺي 1128هہ واري عرصي جا معلوم ٿين ٿا.

بهرحال مٿيان بيت ۽ وائي ميين شاهہ عنات جي زندگي جي بالڪل آخري سالن جا آهن جن موجب ميين شاهہ عنات جي وفات ميان يارمحمد جي دور ۾، اندازاً سنہ 1120هہ - 1125هہ واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي. انهيءَ لحاظ سان، وفات وقت سندس عمر اندازاً نوي سال کن هئي.

(د) ميين شاهہ عنات جا آثار:

وفات بعد ميين شاهہ عنات کي سندس والد شاهہ نصرالدين جي پرسان شيخ موسي جي قبرستان (ٽنڊي الهيار کان 5 ميل اتر طرف، موجوده ڳوٺ پورل شاهہ لڳ) دفن ڪيو ويو. شيخ موسيٰ جو پاڙو شاهہ نصرالدين توڙي شاهہ عنات کي منظور هو: "شاهہ عنات، شاهہ نصردين، پاڙي سپ سونهاري" (بلال شاهہ). شاهہ نصرالدين اڳ شيخ موسي جي قبي جي ويجهو اتر طرف رکيل هو، ۽ جيئن تہ ولي شيخ موسي سان سندس عقيدت هئي انهيءَ ڪري مٿس قبو ڪونہ ناهيو ويو. ميين شاهہ عنات پڻ وفات وقت قبي کان منع ڪئي. چيائين تہ: قبو صرف نبي ڪريمؐ تي آهي ۽ اسين پاڻ تي جائز نٿا سمجهون. اسين گودڙي پوش درويش آهيون، مٿي پچاٽان پڻ قبر تي گودڙي وجهجو. انهيءَ وصيت موجب مٿس قبو ڪونہ ناهيو ويو ۽ ڪچي صفحي سان هڪ چوڪندي اڏائي وئي، جا پوءِ سنہ 1200هہ ۾ فقير عثمان فاروقي نالي هڪ معتقد پڪي ڪرائي[1] ۽ اڄ ڏينهن تائين موجود آهي.

ميين شاهہ عنات جي قبر تي ڪجهہ وقت اڳ تائين گودڙي پيل هوندي هئي. هاڻي پڙ پيل آهي. قبر جي سيراندي کان ڪاشيءَ جي هڪ سر رکيل آهي، جنهن تي هيٺين عبارت لکيل آهي:

شاهہ عنات رضوي اولاد امام علي موسيٰ رضا هي جاءِ جوڙائي فقير عثمان فاروقي تاريخ 12 ماه ربيع الاول سنہ 1200

ميان امام بخش شاهہ عرف وڏل شاهہ سنہ 1951ع ۾ خبر ڪئي تہ: ميين شاهہ عنات جي وڏي فرزند شاهہ عبدالمعالي جي اولاد وٽ ميين شاهہ عنات جا چار ٽول محفوظ هئا: عصا، وٽو، حمائل شريف ۽ ترار. پڇا تي اسان کي معلوم ٿيو تہ معصومن وٽ جيڪي ٽول هئا سي ميان نبي بخش شاهہ (ميان پورل شاهہ جو چاچو مرحوم) وٽ محفوظ آهن. اسان انهن ٽولن جي ديدار لاءِ ميان پورل شاهہ جي ڳوٺ پهتاسون. ميان نبي بخش شاهہ ان وقت موجود ڪونہ هو، پر ميان پورل شاهہ مهرباني ڪري جيڪي ٽول رکيل هئا سي اسان کي ڏيکاريا،

[1] ميين شاهہ عنات جي قبر تي رکيل ڪتبي واري سر جي عبارت مان اهو گمان نڪري ٿو.



ميين شاهہ عنات جا آثار

پويان سڄي کان کبي: 1. پيالو جنهن تي عربي عبارتون نقش ٿيل 2. ڪلام جو قلمي نسخو 3. ميين شاهہ عنات جي دستار (آڌو) تسبيحون ۽ ترار.



(ٽنڊي الهيار پرسان ميين شاهہ عنات رحہ جو مزار شيخ موسيٰ جي روضي کان اتر طرف، پڪي چوڪندي اندر)



شاھ نصرالدين ۽ ميين شاھ عنات جي چوکنڊي



شيخ موسيٰ جو روضو

جن ۾ ميين شاهہ عنات جي دستار ۽ تسبيحون پڻ موجود هيون. انهن سان گڏ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو پڻ محفوظ هو، ۽ اسان انهن مڙني آثارن جو عڪس ورتو جو هت شامل آهي. اهي آثار هن وقت ميان پورل شاهہ وٽ محفوظ آهن.

(هہ) ميين شاهہ عنات جو اولاد:

'شجره طيبہ سادات نصرپور' مطابق، سيد شاهہ عنات الله کي ٽي گهر هئا: بيبي ڏجاٽي بنت طالب هاليپوٽو، بيبي صحت بنت اسمار هاليپوٽو، ۽ بيبي همي جا دل قوم مان هئي. بيبي ڏجاٽي مان ہ فرزند ۽ هڪ نياٽي ٿي. فرزند ننڍي هوندي گذاري ويا باقي نياٽي بيبي شريف خاتون سيد محمد شاهہ رضوي جي گهر ۾ ڏنائون. بيبي صحت مان چار پٽ ۽ ہ نياٽون ٿيون. پٽن جا نالا هن طرح ڄاڻايل آهن: سيد ابوالمعالي، سائينڏنو، محمد شريف ۽ مصري. بيبي همي مان هڪ فرزند ۽ هڪ نياٽي ٿي. پٽ جو نالو 'سيد مصري' ڄاڻايل آهي. ظاهر آهي تہ ڪاتب کان سهو ٿي آهي جو 'مصري' نالو ہ دفعا لکيل آهي. ٽئين ديري يعني بيبي همي مان جو فرزند ٿيو تنهن جو نالو پير شاهہ هو جو سيني ۾ تنيو هو. 'پير شاهہ' جو نالو سندس اولاد وٽ اڄ تائين تصديق سان معلوم آهي. بيبي همي مان جا نياٽي ٿي ان جو نالو غالباً بيبي رحمت هو جا سيد محمد طاهر ولد سيد جنيد جي گهر ۾ هئي[1]. ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي قلمي نسخي ن جي شروع وارن ٻن ورقن ۾ پڻ ميين شاهہ عنات جو شجره قلمبند ٿيل هو[2] جنهن ۾ "عبدالمعالي" ۽ سائينڏنہ بعد ٽئين فرزند جو نالو 'سيد محمد' ڄاڻايل هو جو غالباً صحيح 'محمد مصري' هجي جنهن کي 'شجره طيبہ' ۾ 'مصري' ۽ ن ۾ 'محمد' لکيو ويو آهي. ٽيون شجره سيد قادر شاهہ مرحوم نصرپوري جي هٿ اکرين لکيل مليو جنهن ۾ ميين شاهہ عنات جا پنج فرزند صاف طور ابوالمعالي، سائينڏنو، محمد شريف 'سجاده نشين'، شاهہ مصري ۽ پير شاهہ لکيل آهي، ۽ ائين ئي صحيح آهي.

اڳ سڀ رضوي سادات سڏبا هئا، پر پوءِ ميين شاهہ عنات جي نالي پويان سندس اولاد "شاهہ پوٽا" سڏجڻ لڳو، ۽ اڄ ڏينهن تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي. ميين شاهہ عنات جي پنهنجي اولاد سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ پنهنجن پٽن پوٽن ۽ جملي اولاد کي دلي دعائون ڪيائين ۽ سندن واسطي ولين کان دعائون پنيائين:

- عنات جي اولاد تي ڪر پالوٽيون پير (سرود ڏناسري فصل - 1 بيت [3])
- پاڙي پٽن ڪير ڪي، نظر ڪج سهي (سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [9])
- وهر هوءِ وزير! ساڻ اولاد عنات جي (سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [16])
- اٽيئي پرن پٽي، اسان ۽ اولاد جي (سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [17])
- عنات جي اولاد جو پردو رکج پير (اضافا: وائي ص 226)
- پوٽا ائين عنات جا، ڪل نيزي نيزي پير (سرود ڏناسري فصل - 4 بيت [5])
- جيئن پاڇاٽائين پئو، تيئن عناتاٽي اڳرا (سرود ڏناسري فصل - 4 بيت [4])

بزرگ جون اهي دعائون صاب پيون، سندس اولاد جو راڄن سان رس رهيو ۽ هو سکيا ستابا ٿيا ۽ اڄ ڏينهن تائين آسودا ۽ عزت وارا آهن. گهڻو ڪري سڀ لوڃيندڙ، محنتي، مال وارا ۽ زمينداري پيشي ۾ برک

(1) شجره طيبہ.
(2) شجره وارا اهي ورق ميان نبي بخش شاهہ مرحوم جي تقاضا تي جدا ڪري سندس حوالي ڪيا ويا.

آهن. ميين شاهہ عنات جي وفات بعد پنجاهہ سٺ سالن تائين هو يڪمشت ۽ يڪجاءِ مقيم رهيا. مير علي شير قانع جنهن سنہ 1182هہ ڌاري تحفة الڪرام تاليف ڪيو سو لکي ٿو تہ ميين شاهہ عنات الله جو اولاد 'ديهہ لکمير' ۾ رهي ٿو. يعني تہ ان وقت ڌاري سڄو خاندان يڪجاءِ شاهپور ۾ مقيم هو جا ديهہ لکمير ۾ آهي. البت نا اتفاقي اهڙو مرض آهي جو محبت کي ميساري ڇڏي. پٽن بعد جڏهن پوٽن کي پڻ اولاد ٿيو تہ منجهن رسامو شروع ٿيو. ۽ يوسف نالي هڪ معتقد مريد پنهنجي بيت ۾ استدعا طور چيو تہ: "ڪرهو پلاڻي پال، پير پرچو پاڻ ۾"[1]. اهي ابتدائي رساما پوءِ وڌي وڻ ٿيا، ۽ 'شاهہ پوٽا' شاخون شاخون ٿي جدا جدا جاين تي وڃي آباد ٿيا. رسامن ۾ 'شاهہ پوٽا' اڄ تائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

ميين شاهہ عنات جي پنجن فرزندن - عبدالمعالي، سائينڏني، محمد شريف، مصري شاهہ ۽ پير شاهہ - کي اولاد ٿيو[2]، جن مان سواءِ سيد سائينڏني ۽ مصري شاهہ جي، جن جي پيڙهي ختم ٿي چڪي آهي، باقي ٽن پائرن جو اولاد هن وقت تائين موجود آهي.

معالياڻي: سيد عبدالمعالي (يا ابوالمعالي) ميين شاهہ عنات جو وڏو فرزند هو ۽ درويش هو، جو چوندا هئا تہ: 'عبدالمعالي جنهن جو لفظ نہ خالي'، البت هو مستانو هو انهيءَ ڪري ميين شاهہ عنات جو جانشين ڪونہ ٿيو پر ميين شاهہ عنات جا فاقيرا ٿول- دستار، وٽو، تلوار، منڊي، تسبيحون وغيره وسلا وٽس ۽ ڪانئس پوءِ سندس اولاد وٽ تبرڪ طور محفوظ رهيا. عبدالمعالي جو اولاد معالياڻي سڏجي ٿو. سندس هڪ پٽ سولنگين مان شادي ڪئي جنهن تي ميين شاهہ عنات دعا طور چيو تہ، "سدا سک وسن، سيڻ اسان جا سولنگي." اهي سولنگي نوشهري فيروز جي پاسي جا هئا. عبدالمعالي چيو تہ: اسين هت وينا آهيون، باقي هي پلي وڃي نوشهري ويهن. سندس انهيءَ فرزند جو اولاد پوءِ نوشهري فيروز ۾ وڃي هميشہ لاءِ مقيم ٿيو. انهيءَ پيڙهيءَ مان خدا ڏنو شاهہ نسبتاً پوئين دور ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ "مائين" (لڳ ڏگهڙي) اچي رهيو پر موٽي نوشهري فيروز ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. قربان علي شاهہ ۽ جاني شاهہ وارا جي هن وقت نوشهري فيروز ۾ مقيم آهن سي 'معالياڻين' جي هڪ شاخ آهن. عبدالمعالي جو فرزند پاون شاهہ ، هڪ درويش هو جو ساگري جي ڪنڌي تي 'شاهپور' ۾ مقيم رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. عبدالمعالي جي ٻئي فرزند عزت شاهہ جو پوٽو جاني شاهہ (بن آيل شاهہ) بہ هڪ درويش هو ۽ 'جاني شاهہ جو مقام' جو ميرپورخاص کان چار ميل کن ڏکڻ طرف پڪي رستي لڳ آهي، سندس نالي پويان سڏجي ٿو.

بلالاڻي: ميين شاهہ عنات جو فرزند سيد محمد شريف هڪ اعليٰ شاعر ۽ درويش هو، ۽ انهيءَ لحاظ سان هو پنهنجي والد جو صحيح معنيٰ ۾ جاءِ نشين ٿيو. شاعريءَ جو ورثو پڻ سندس اولاد ۾ باقي رهيو ۽ سندس اولاد پٽ بلال شاهہ توڙي پوٽو قطب شاهہ (بن بلال شاهہ) وڏا شاعر ٿيا ۽ پڻ هن شاخ مان هونڊل شاهہ ۽ اميد علي شاهہ شاعر هئا. شاهہ شريف جو اولاد سندس پٽ بلال شاهہ جي نالي پويان 'بلالاڻي' سڏجڻ لڳو، جن مان هينئون شاخون هن وقت موجود آهن: فتح محمد شاهہ ۽ ماڪن شاهہ وارا جن جا وڏا پهريائين 'سنهڙي' تي ڳوٺ لاکي شاهہ (تعلقو ميرپور) مان لڏي وڃي ' مائين' (ڏگهڙي کان ٻہ ميل ڏکڻ) ۾ وينا ۽ ويندي امير شاهہ تائين اُتي ئي رهيا. ان بعد فتح محمد شاهہ ۽ ماڪن شاهہ لڏي وڃي خيرپور گنبي پراڙي (تعلقو ٽنڊو باگو) ۾

---

[1] سرود ڌناسري، فصل - 5 بيت [ب/14]

[2] ڏسو شجره نمبر - 4

مقيم ٿيا. جتي ماڪن شاهہ جو پٽ جڙيو شاهہ هن وقت مقيم آهي. ان بعد فتح محمد شاهہ لڏي اچي پراڻ لڳ ديهہ 175 (دونهائو) تعلقي ڏگهڙي (لڳ اسٽيشن ڪاڇيلا) ۾ پنهنجو ڳوٺ ٻڌو ۽ هن وقت پڻ اتي ئي مقيم آهي[1]. (2) مرحوم نبي بخش شاهہ ۽ پورل شاهہ وارا جي شيخ موسي (تعلقو ٽنڊوالهيار) لڳ رهيا ۽ هن وقت پڻ پورل شاهہ اتي سندس ٻڌايل پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي ٿو. (3) جلال شاهہ وارا جي موهر ۾ ڳوٺ غلام نبي شاهہ رهن ٿا. (4) علي محمد شاهہ ۽ ٻچل شاهہ وارا جي ميرپورخاص کان پنج ڇهہ ميل ڏکڻ اوڀر طرف پراڻ جي ڪپ تي (ٻچل شاهہ جي والد جي ٻڌايل) 'ڳوٺ علي حسن شاهہ' ۾ رهن ٿا.

پير شاهہ پوٽا: ميين شاهہ عنات جو سندس ننڍي پٽ 'پير شاهہ' تي ڪافي پيار هو، ۽ سندس باري ۾ هڪ پيري چيائين تہ: 'پيا سڀ مير وزير، پيرل، منهنجو پاتشاهہ'. پير شاهہ کي جهجهو اولاد ٿيو. جن مان هينئون شاخون هن وقت موجود آهن: (1) مرحوم حاجي پير شاهہ جي ميرپورخاص کان 4 ميل ڏکڻ سنهڙي لڳ مجري واهہ تي وينل هو، جتي 1952ع ۾ ۽ هڪ دفعو ان بعد اسان جون ساڻس ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون. ڇهہ ست سال ڪن ٿيا جو لڏي وڃي 'ديهہ هيدي' (تعلقي عمرڪوٽ ۾) ۾ هاڪڙي ڍوري جي ڪنڌي تي پنهنجي زمين تي وينو. سندس پٽ علي اڪبر شاهہ ۽ علي انور شاهہ هن وقت اتي ئي رهن ٿا. حاجي پير شاهہ گهوڙن جو مشهور سوار هو ۽ پير شاهہ پوٽن مان هن پوئين دور ۾ هڪ چڱو شاعر ٿي گذريو. (2) امام بخش شاهہ عرف وڏل شاهہ ، شجاع محمد شاهہ ۽ حاجي قائم محمد شاهہ وارا جي سندن والد جي ٻڌايل ڳوٺ غلام حيدر شاهہ (ڍورو پراڻ، تعلقو ميرپورخاص) ۾ آباد آهن. (3) بخش علي شاهہ وارا جي اصلي ڳوٺ سنهڙي (ميرپورخاص کان 4 ميل ڏکڻ طرف) ۾ ساڪن آهن. (4) محمد علي شاهہ ۽ عباس علي شاهہ وارا جي جهڏي کان ڇهہ ست ميل اوڀر طرف روشن آباد (روشن علي شاهہ جو ٻڌايل) ۾ رهن ٿا. (5) جيئندل شاهہ ۽ جمن شاهہ وارا جي تلهار کان چار ميل اولهہ طرف 'بني' تي وينل هئا ۽ هينئر جهڏي ۾ رهن ٿا.

(و) شاهہ عنات جي اولاد مان شاعر:

ميين شاهہ عنات جو فرزند سيد محمد شريف، ان جو پٽ بلال شاهہ ۽ ان جو پٽ قطب شاهہ - ٽيئي پنهنجي وقت جا درويش ۽ نامور شاعر هئا. انهن کان سواءِ هوندل شاهہ ۽ اميد علي شاهہ ٻئي چڱا شاعر ٿيا. پوئين دور ۾ غلام حيدر شاهہ ، عباس علي شاهہ ۽ حاجي پير شاهہ ۽ بين پڻ مداحون، مولود ۽ ڪافيون چيون.

سيد محمد شريف عرف شاهہ شريف: پنهنجي والد ميين شاهہ عنات جي صحبت ۽ تربيت سان گڏ چڻ ڪيس درويشي ۽ شاعري ورثي ۾ ملي. اندازاً 1050ھ بعد ڄائو ۽ 1115ھ ڌاري غالباً ميين شاهہ عنات جي حياتيءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام مان 82 بيت ۽ 1 وائي هن جلد ۾ شامل آهن. سندس بيت ميين شاهہ عنات جي بيتن جي پران ۽ ساڳئي رنگ ۾ چيل آهن، جن مان ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ شريف جي هڪبئي سان بيتن ۾ رس رهاڻ ٿي. شاهہ شريف جي بيتن مان سندس نهٺائي، دل ۽ زبان جي صفائي ۽ فڪر جي گهرائي واريون وصفون نمايان طور نظر اچن ٿيون. شاهہ شريف حقيقي معنيٰ ۾ ميين شاهہ عنات جو همعصر ۽ هم صحبت شاعر هو.

بلال شاهہ: سيد محمد شريف جو پٽ ۽ ميين شاهہ عنات جو پوٽو. اندازاً 1075ھ بعد ڄائو ۽ ميان نورمحمد جي دور ۾ وفات ڪيائين. پنهنجي ڏاڏي ۽ پنهنجي والد جي صحبت ۾ سندس تربيت ٿي، ۽ هو پڻ

[1] تازو خبر ملي تہ فتح محمد شاهہ چار پنج مهينا ٿيا جو گذاري ويو.

هڪ اعليٰ شاعر ساماڻو. سندس ڪلام مان 63 بيت ۽ 1 وائي هن جلد ۾ شامل آهن. سندس اڪثر بيت ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ شريف جي بيتن پران ۽ ساڳئي رنگ ۾ رڃيل آهن، جن مان ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات جي پيري واري دور ۾ جڏهن شاهہ شريف پڻ حيات هو تڏهن پيءُ، پٽ ۽ پوٽي جون هڪبئي سان بيتن ۾ رس رهاڻيون ٿيون، ۽ انهن ڪجهرين سببان سندن بيت زبان زد عام ٿيا. بلال شاهہ جي ٻولي ۾ عام مقبول محاورن ۽ دلنشين اصطلاحن جو عڪس نمايان آهي، ۽ ڪنهن حد تائين بيان جي قوت ۽ فصاحت ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هن جلد ۾ شامل ڪلام کان سواءِ بلال شاهہ جا هينيان بہ بيت تاريخي اهميت رکن ٿا ۽ پڻ بلال شاهہ جي حياتيءَ جي پوئين دور تي روشني وجهن ٿا. ميين شاهہ عنات جي زندگيءَ جي آخري دور تي روشني وجهندي اسان مٿي (ص 61) سندس بيت جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هن ميان يارمحمد ڪلهوڙي کي اُنن جي وڳ ورائڻ ۽ 'لانگاهہ' کي آڻ مڃائڻ بابت استدعا ڪئي هئي تہ:

تون طرو طريلن جو، تنهنجي خانيءَ ڪاڏا ڪڳ
يار محمد يار خدا جي، وهلا وارج وڳ
هي جا ڏڳي ڪي آهي نڳ، سا وجي لاهي آءُ لڪ لانگاهہ جي.

تاريخ مان ثابت آهي تہ جهرڪ جي بزرگ 'شاهہ عنات صوفي لانگاهہ' تي ٺٽي جي نواب جي لشڪر حملو ڪيو ۽ ميان يارمحمد ڪلهوڙي بہ لشڪر پڻ نواب جي فوج جي مدد لاءِ چڙهي آيل هو، ۽ بالآخر صوفي شاهہ عنات کي 15 صفر سنہ 1130 تي شهيد ڪيو ويو. جيڪڏهن ميين شاهہ عنات واري بيت ۾ 'لانگاهہ' مان مراد صوفي شاهہ عنات هجي، تہ پوءِ بلال شاهہ جي هينين بيت جي آخري سٽ مان پڻ صوفي شاهہ عنات خلاف ميان يارمحمد جي لشڪر جي چڙهائي ۽ صوفي صاحب جي شڪست ۽ شهادت جو گمان نڪري ٿو:

تو ونگو ونگو نائيو، ڪيچ، پارڪر، پٽ[1]
سوڍا سلامي ٿئا، ڍل پريندو ڍٽ
چڙهي ڪيئي چٽ، جا هئي لڪ لانگاهہ جي[2].

پهرين ٻن سٽن ۾ آئنده جي ڪاميابين لاءِ دعا آهي تہ: جاڻ تہ تو ونگو، ڪيچ ۽ پارڪر نمائيا ۽ جاڻ تہ سوڍا سلامي ٿيا. ٽئين سٽ ۾ صوفي شاهہ عنات ڏانهن اشاري واري گمان موجب، بلال شاهہ هي بيت يقيني طور صفر - 1130هہ بعد ئي چيو هوندو.

11 - ذوالقعد سنہ 1131هہ/1719ع تي ميان يارمحمد وفات ڪئي ۽ ميان نور محمد 11 محرم سنہ 1132هہ ۾ گاديءَ تي ويٺو. ميين شاهہ عنات، ميان نصيرمحمد جي حق ۾ دعا جو بيت چيو هو ۽ پڻ ميان يارمحمد کي همتايو هو تہ "تنهنجي خانيءَ ڪاڏا ڪڳ". انهيءَ لحاظ سان بلال شاهہ وري ميان نورمحمد کي دعا ڪئي. ميان نورمحمد کي قلات جي حاڪم عبدالله خان تي فتح حاصل ٿي، عبدالله خان مارجي ويو ۽ 1145هہ ڌاري سنڌ خلاف قلات جون ڪارروايون ختم ٿي ويون. رمضان 1152هہ ۾ نادر شاهہ سنڌ تي ڪاهيو ۽ ميان نورمحمد جو ستارو غروب ٿيڻ وارو هو، پر صلح ٿيو ۽ نادر شاهہ پوئتي موٽي ويو. غالباً انهيءَ موقعي تي بلال شاهہ ، ميان نور محمد لاءِ دعا جو بيت چيو تہ:

---

[1] اصل. 'ڪيچ پارڪر ٿر'.
[2] ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل آهي.

بروهنئـــان بـــس ٿـــي، پٽـــو پـــانهون پنـــاڻ
اســـانهجي دعـــا جـــو، آهـــي ايءُ اُهجـــاڻ
ميـــان نـــور محمـــد تـــي، آڳـــو مهربـــان
تنهن جو مشڪل سڀ آسان، برڪت ساڻ بلال چئي.

نادرشاهہ ذوالقعد 1152ھ ۾ سنڌ مان روانو ٿيو ۽ بلال شاهہ جو هيءُ بيت پڻ انهيءَ موقعي جو آهي. بلال شاهہ جي عمر ان وقت 65 سال کن هئي ۽ شايد هن 1160ھ کان اڳ وفات ڪئي. بلال شاهہ جي حياتي واري دور مان اندازو ٿئي ٿو تہ بلال شاهہ ۽ شاهہ عبداللطيف همعصر هئا. جيتوڻيڪ بلال شاهہ عمر ۾ قدري وڏو هو.

قطب شاهہ: هو بلال شاهہ جو پٽ ۽ ميين شاهہ عنات جو پڙپوٽو هو. اندازاً 1130ھ ڌاري ڄائو ۽ سندس والد بلال شاهہ جي صحبت ۽ تربيت سان گڏ شاعري پڻ ڪيس ورثي ۾ ملي. سندس بيت ميين شاهہ عنات، شاهہ شريف ۽ بلال شاهہ جي پيران ۽ ساڳئي رنگ ۾ چيل آهن. سندس ٻولي زياده عام فهم آهي. هن جلد ۾ قطب شاهہ جا 150 بيت شامل آهن.

وڏن جي روايت جي برعڪس، قطب شاهہ ڪلهوڙن جو مخالف ۽ ٽالپورن جو طرفدار ۽ حامي هو. انهيءَ جو سبب هيءُ هو جو جڏهن ٿا تہ ڪلهوڙن طرفان ڪو حڪم ٿيو جو انصاف جي خلاف هو. ڪا بلوچاڻي مائي، جنهن کي قطب شاهہ پيڻ ڪري سڏيو هو، ڪيس ميڙ ڪري ڪلهوڙي حاڪم وٽ وني وئي. ان دربار ۾ ڪلهوڙي چار امير - ليکي، پٽافي، سُهري ۽ جهنجهڻ - وينا هئا. جن کي ڪلهوڙي حاڪم چيو تہ: شاهہ عنات جو پوٽو هلي آيو آهي، اوهين ڇا ٿا چئو؟ جواب ڏنائون تہ: سندس ڏاڏو اوهان کي دعا ڪري ويو آهي تہ، ”جانسين ندي نير، تانسين طبل تانهجو“. هاڻي پوٽو ڏاڏي جي ڪلام کي ڪهڙو ڦيريندو! اهو ٻڌي ڪلهوڙي قطب شاهہ کي مان نہ ڏنو. جنهن تي چيائين تہ:

نڪـي طبـل تـانهجو، نڪـي نـدي نيـر
ڪلهوڙي جو ڪيـر، پٽيوسين پاتـار مـان.

ائين چئي قطب شاهہ اٿي ڪڙو ٿيو. مائي کي نااُميد ٿيندو ڏسي تسلي ڏنائين تہ اسان جي توڪل ڌڻي تي آهي:

الله حســبي، ڪلهـــوڙي کـــان کســبي
تـــالپر کـــي ڏســبي، تنهـــان پـــوءِ پســبي.

ڪلهوڙن جي صلاحڪارن جي باري ۾ چيائين تہ:

ڪاهـہ لڳئـي باهـہ، لـــيکي ليکـي متـان لاهـہ
پٽـــــافي ڪــــــڻ ڪـــــــر راهـــــــہ
جس نہ ملي جهنجهڻ کي، جنهن جي جي ڳالهہ نہ ڪيو ناهہ[1]
شـاهي تنهنجـي شـاهہ ! ڪـاري تـي قطب چئـي.

جڏهن تہ الله بخش شاهہ جهنجهڻ، ميرن جي فتح بعد بغاوت ڪئي ۽ ٿرپارڪر طرف 'پوريلي' (تعلقو ڇاڇرو) جي نڪرن مان ماڻهو ساڻ ڪري ڪڇ طرف نڪري ٿي ويو. جو ٽالپورن جي سردارن تاجي خان نون ۽

[1] ن ۾ فقط 1، 2، ۽ 4 سٽ آهي. هن سٽ جو اضافو عام رائج روايتن جي بناء تي ڪيو ويو آهي.

فتح خان رند سان سندس مقابلو ٿيو. جنھن ۾ الله بخش مارجي ويو. ۽ ڪيس چيلھار لڳ دفن ڪيائون. جتي 'شاھ جو مقام' موجود آھي.

سھري جي باري ۾ قطب شاھ چيو تہ:

جني ساڻ سھري، سي لنگھيا ڪچ واري ڪُھري
سھري اُتھين پيو اُھري. (1)

ي پنھنجا ماٺھو ساڻ ڪري سنڌ مان پِٺي نڪتو ۽ وڃي ڪڇ ۾ ٻَني واري اراضي ۾ ويٺو. جتي سندس پويان ھن پوئين دور تائين رھندا ھئا.

چون ٿا تہ قطب شاھ بلوچن جي فتح جي واڌائي ھينين بيت ۾ ڏني ھئي تہ:

گھگھيريون گامن ۾، پڙيريون پٽ
ٻولي ٻروچن جي، ڪونہ سڃندو ڇٽ
رڱي راڻوڙن جي، اُجا پُري ڪندا پٽ
ڏول ورندي ڏٽ، ڪاھيندا قطب چئي. (2)

پوين ٻن سٽن ۾ ٿرپارڪر واري پاڳي تي ٽالپورن جي فتح ڏانھن اشارو آھي: عمرڪوٽ تي جوڌپور جي راجا جو قبضو ھو. پر سگھوئي ٽالپورن اھو قلعو فتح ڪيو.

زباني روايتن ذريعي اسان کي قطب شاھ جو ھينيون بيت مليو. جنھن جي پھرين سٽ ساڳي مٿئين بيت واري آھي. پر غالباً ھي بيت جدا سر سارنگ مان چيل آھي ۽ نھايت دلپذير آھي:

گھگھيليون گامن جون، پرھيڙيون پٽ
ڏول م وڃ ڏٽ، ڪارڻ لڳ، قطب چئي.

مٿين بيتن جي ٽاڻن ۽ اھڃاڻن مان ظاھر آھي تہ قطب شاھ ، ڪلھوڙن جي حڪومت جي خاتمي ۽ ٽالپورن جي فتح (1184ھ/1770ع) بعد پڻ زنده ھو.

اُميد علي شاھ: اُميد علي شاھ ، قطب شاھ جو پٽ ھو. جنھن ميين شاھ عنات جو ڪلام شاھ شريف. بلال شاھ ۽ پنھنجي والد قطب شاھ جي بيتن سميت سانوڻ فقير مڱڻھار جي زباني، مير غلام علي خان واري دور ۾ گڏ ڪرايو. جنھن جو ذڪر مٿي (ص ص 9 - 6) اچي چڪو آھي. اُميد علي شاھ پڻ شاعر ھو. ۽ سندس چار بيت اسان تائين پھتا آھن. جن مان ٽي مير غلام علي خان کي دعا طور چيل آھن (ص 7) ۽ ھڪ بيت سرود ڏناسري (فصل - 5، [ب/2]) ۾ شامل آھي.

ھوندل شاھ: نسخہ ن جي شروع ۾ ڏنل شجري ۾ سندس نالو 'ھوندن شاھ' ڄاڻايل آھي. پر بيتن ۾ 'ھوندل شاھ' آھي. ھوندل شاھ (پٽ سيد محمد يوسف پٽ بلال شاھ) اُميد علي شاھ جو سوٽ ھو. سندس ٻہ بيت سرود ڏناسري (فصل - 5 [ب/2] ۽ [ج/11]) ۾ شامل آھن. غالباً ھن گھڻا بيت چيا جي اسان تائين نہ پھتا آھن. جيئن تہ زباني روايتن ذريعي اسان کي سندس ھڪ ٻيو بيت پڻ مليو جو ھيءُ آھي:

[ھادي!] ھوندل شاھ چئي، تلڙ پونِ مَ تول
آتڻ تئي مَ اُڪول، ويچاريءَ جو وڃ تي.

---

(1) ن جي ...ع ۾ متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل.
(2) ايضاً ني سٽ جي پڙھڻي 'پِري'.

مٿيان شاعر ميين شاهہ عنات جي فرزند سيد محمد شريف جي اولاد مان ٿيا. هن پوئين دور ۾ 'پير شاهہ پوٽن' مان هيٺيان شاعر ٿيا، جن جون مداحون ۽ ڪافيون اسان تائين پهتيون آهن.

غلام حيدر شاهہ (بن امام بخش شاهہ بن عباس علي شاهہ بن غلام حيدر شاهہ بن قائم محمد شاهہ بن شاهہ پير شاهہ بن ميون شاهہ عنات) ميين شاهہ عنات جي ستين پيڙهي ۾ هو. سندس ڇيل هيٺين مناجات محفوظ آهي، جنهن ۾ خود چيو اٿس تہ، "ستين پيڙهي پوٽو آهيان، جو عنات جو بحر".

اغثني فرياد رس يا مصطفيٰ خير البشر
غورجيٰ غمگين ڏي نامِ خدا ڪريو نظر

1. انت محبوبي لقب تو لئي ٿيو سرور سڌر
پيا ڪري قدمن مٿي حب مان هلي شوقاً شجر
اذن سان شجدو ڪيو آن ڪي اچي قرباً قمر
تون رحمة للعالمين، بيشڪ پلارو بيشتر.

2. معجزا مشهور انهجا، سين قيامت مصطفيٰ
خاڪ آٽي پيش ڪيائون، ڪر شجر هن مان پيدا
پهڻ مان پيدا پکي ٿيو، ادب ۾ ڪافر اُيا
وڻ وڏي تنهن ويل ۾ تازي جهلي ترتاً تمر.

3. تو ڪڏي ڦاهيءَ منجهان هرڻي اچي سرور سچا
جي ڇڏائين تان ڇٽان، بيشڪ بچان ويرين وچا
احمدا! آزاد ڪر، توڪان ٿئي منهنجو بچا
باجهہ ڪر باجهاءِ تون ورنهہ سگهيري ڪر وهر.

4. توتي لقب لولاڪ جو، تون صاحب حمدِ لوئي
تون شفيع المذنبين هيٺن حمايت ڪيئي خدا
تو ۾ رکن ايرا اُميدون، جن نہ بي پيٽي پوا
ڏي امن عربي اجها تان سڀ لهن خطرا خطر.

5. قرآن ۾ تعريف تنهنجي يا نبي نور الهديٰ
ڪامل قريشي سڻ سگهي سائل سندي سرور صدا
سڀ تنهنجي اوصاف ۾ پيدا ڪيا خاوند خدا
مصطفيٰ مشڪلڪشا نامِ خدا لهہ تون خبر.

6. بي وسيلن جو وسيلو هڏ نہ بيو توڪان سوا
تون شفيع المذنبين رحمت الــهي رهنما
ٿي اجهو اڙين سندو آذار اڙين جا اجها
فضل سان فائق لنگهائي ڪر سگهو فيضي اثر.

7. سئينَ سائل جي سڄ تون لگ خدا خيرالوريٰ
سڀ ڇڪا چارا، سوا تنهنجي نہ بي پيٽي پوا
ڪير ڪهلون بيو ڪري سردار سيد تو سوا
بي وسيلن جا وسيلا ڪر سگهي وارث وهرَ.

8. سام تنهنجي سر لڪايم سامر پرتئي لگ خدا
جا سرڻ تو سام پيئي ڪر تنهين جي ڪهل ڪا
هٿ رکج تون هاشمي جي سام تنهنجي ۾ لڪا
بيشڪ بچائج يا نبي، مونکي لڪا دامن اندر.

9. ترهو اچي ٿي تار ۾ لائق لنگهائج تون لڏا
جي ڇڏائين تان ڇٽان، نہ تہ دام ۾ پٽڙا هڏا
مچ مانگر ڪئين مٿم ويتر وڳن واڳون وڏا
هٿ رکج هيٺن مٿي تن جو لهي هينئين حذر.

10. سڀ ذڪر ظاهر اوهان تي ڇا ڇئي آءٌ ڇا چوان
تون اجهو آذار اڙين جي ڇڏائين تان ڇٽان
هٿ رکي تون هاشمي جي مون بچائين تان بچان
معلوم توکي مصطفيٰ مظلوم جو سارو ذڪر.

11. آزي ڪري احمدَ اڳيان سائل ڪري سرور صدا
تون نوازين يا نبي! سائل سَري سڀ مدعا
نامِ خدا نرمل نبي ڪر تون گداگر تي عطا
لاهہ لحظي ۾ سيئي ارمان اوسيڙا فڪر.

12. ٿي اصل خاطي ڪنان آهي خطائن ڪي خطا
پنجتنن جي تون محابي ڪر سگهو منهنجو بچا
ڦيريئين محفوظ ڪي تان تو ڦري تنهنجي هٽا
بخش ۽ بخشاءِ تون نرمل نبي نامِ خدا
ميٺئين تون مصطفيٰ اُبتا اڪر جيڪي لڪيا
بيو لنگهائج لطف سان سهنجو ملي سؤ ڪو ثمر.

شجره ـ ۴

ميين شاه عنات جو اولاد

54




سید مصري
(بنا اولاد)
پیر شاه
؟
؟
سید شیر؟
فتح محمدشاه
قائم محمدشاه
سید میر متارو
غلام حیدرشاه
خان محمدشاه
سیدولي محمد
غلام نبي شاه
عباس علي شاه
با زید شاه
لطف علي شاه
میرمهدي شاه
مهر شاه
امام بخش شاه
ذتو شاه
ولي محمدشاه
حاجي پیرشاه
جهندل شاه
تاج محمدشاه
قائم محمد شاه
جان محمد شاه
خان محمدشاه
ابن شاه
الله بخش شاه
پلو شاه
علي اکبرشاه
علي انورشاه
ذتوشاه
حاجن شاه
کامل شاه
علي اکبرشاه
احمدشاه
قربان علي شاه
جمن شاه
بخش علي شاه
الله ذتوشاه
غلام محمد شاه
عباس علي شاه
غلام حیدرشاه
خان محمدشاه
لاکو شاه
شاه محمد شاه
روشن علي شاه
محمدعلي شاه
عنایت علي شاه
خادم علي شاه
غلام محمدشاه
میرعلي شاه
عباس علي شاه
امام بخش شاه
شجاع محمدشاه
حاجي قائم محمدشاه
مجل شاه
امام علي شاه
غلام رسول شاه
روشن علي شاه
شاه محمدشاه
اعجاز حسین شاه
قربان علي شاه
غلام حیدرشاه
عابد علي شاه
علي قطب شاه
نوازعلي شاه
امدادعلي شاه
منظور علي شاه
شفیع محمد شاه
علي انور شاه

13. تون مسيحا اصل آهين ڪٿي هلي عيسيٰ عطا
تون نماڻن کي نوازين لطف لائق تو سندا
جابر سندي پٽڙن مٿي ارشاد ٿيو انهنجي هٿا
مهر ڪر مسڪين تي نامِ خدا تون نامور.

14. ڪر نوازش يا نبي مرسل محمد مجتبيٰ
تي حمايت هاشمي حيدر سندم تون دلربا
هٿ رکج نامِ خدا مرسل مداحي جي مٿا
معجزو مسڪين تي ٿئي سرس سڪندر ڪنا.

قلب سان ڏج ياد ڪلمون صاحبِ شق القمر!

15. ٻاجهہ ڪر ٻاجهاءِ تون اُپٽ دري احسان جي
نامِ خدا نورالهديٰ منهنجي پلا ڪر تون پلي
مصطفيٰ مشڪلڪشا دامن تنهنجي مون جهلي
تون آهين محبوب ربي محو مازاغ البصر.

16. مرسل مداحي تو گهري احمد اوهان کان آبرو
عاصي گهرائي احمدا تنهن کي ڪريئين سرخرو
مهر ڪر مسڪين تي ڪوٺي مديني روبرو
ڇڏ نہ سوالي کي تون خالي صاحبِ يوم الحشر.

17. جي گهرائين تان ڏسان احمد اچي عرفات کي
'مينا' اندر مون مصطفيٰ ثابت رکج ايمان تي
خطبو خطيبن جو سٽي پرتئون پڙهان لبيڪ لئي
'حجر اسود' کي چمان ڊوڙان اچي 'مروي' اندر.

18. آس آهہ احمدا پينار تسي توکان پنان
نامِ خدا يا مصطفيٰ اضحيٰ سندي نعمت ڏجان
پوءِ طوافن بعد مون ڪعبي اندر داخل ڪجان
پوءِ ٿيان آجو گناهن کان ڪيمَ زيانيون صدر!

19. پوءِ مديني ماڳ آءٌ حاضر حرم هردم هجان
صبح سانجهيءَ جو پڙهي صلواة چانئٺ کي چمان
لک درودن بعد ٻيون آءٌ ڪُرنشون ڪوڙين ڪريان
مهر پريا مهر ڪر تان آءٌ رسان اعليٰ اجر.

20. ميڙ آندم مصطفيٰ ٻيو لڳ خدا توکي چوان
حرم ۾ حاضر اچي آءٌ پاڪ پڃري کي چمان
آس آهہ احمدا آءٌ ماڻڪي مرسل ڏسان
نامِ خدا نرمل نبي تون پاڻ کان پاسي نہ ڪر.

21. ساڻ ڏاڙهي جي ٻهاريان حرم تنهنجو هاشمي
مهر ڪر مسڪين تي تان آءٌ ڏسان چانئٺ چمي
ڪوٺ ڪر قسمت منهنجي ناهہ تو وٽ ڪا ڪمي
سوال سائل جا سٽي سرور سگهيرا پيش ڪر.

22. مرسل مداحي جي رکج نامِ خدا تون آبرو
پنج - تنن جي پشت پاڙي شل هجان آءٌ سرخرو
عجز آزيون مون سٽي ڪوٺي ڪجان تون روبرو
نامِ خدا نرمل نبي تون رک نوازش جي نظر.

23. آبرو رک احمدا شافع گهران توکان شرم
يا قريشي ڪارٽي کهلون ڪري ڪرڪو ڪرم
مان ڏيئي مصطفيٰ منهنجو پلا رک تون پرم
مهت ڏيين سرور سگهير و دير دم جي ڪيمَ ڪر.

24. صحت ڏي سرور سگهيري تو عطا احمد گهران
تو ۾ اُميدون جڳ سنديون آءٌ پڻ توڪل تو رکان
مرض موڙا معاف ڪر مشڪلڪشا حيدر مٿان
لاهہ جاني جيءَ جفا شاعر سگهيرو شاد ڪر.

25. تو پنان اولاد جي احمد اوهان کان لڳ خدا
ڪر نوازش تون 'وڏي' تي ٻيو اعليٰ 'قائم' 'شجاع'
ڏي هدايت هاشمي ٻي صحت ڪر تنهن کي عطا
سرس ساري ڪر تنين جي تون سڄي عالم اندر.

26. دل گهريا جي دوست منهنجا تو گهران تن لئي دعا
دين ۽ ايمان ڏي تون مصطفيٰ مشڪلڪشا
ڪانہ اوکي تن اچي احمدا! رهن آجا اڇا
دين دنيا ڏي تني دولت خوش و خوشنود ڪر.

27. جي حسيني آل سمجهي مانُ مرسل مون ڏين
اوصاف تنهنجي احمدا الله لڳ تعظيم ڪن
ننگ سجاڻي تو سندو نرمل نبي ننگ جي رکن
هت هتي رک مان تن ٻي جاءِ ڏي جنت اندر.

28. ٽيس حسيني آل ۽ اولاد ڪان زين العبا — رضوي لقب منهنجو ٽيو خونچ علي موسيٰ رضا
پارنهن امامن پشت منهنجي جا لکيل ظاهر صفا — ستين پيڙهي پوٽو آهيان جو عنات جو بحر.
29. سؤ سوالي تو اڳيان، سردار ڪر ڪا سروري — مون مدي مسڪين ڪي ڏي تون دلاسو دلبري
روز محشر مصطفيٰ نام خدا ڪر بنگري — لڳ الله، پاسي ڪجان سختي اتي پاٽي پگهر.
30. سؤ صلواتن جا چوان تنهنجي مٿان سهسين سلام — آبرو ڏي احمدا، عزت گهران هت هُت مدام
مرسل مداحي جي اٿيئي پارت چوي حيدر غلام — قلب مان ڪلمون پڙهان تحليل جو ظاهر ذڪر.

لا الــه الا لله محمد رسول الله.

عباس علي شاهہ: (بن امام بخش شاهہ) غلام حيدر شاهہ جو پاءُ هو. سندس ڇيل ڪافيون محفوظ آهن. مثلاً:

ننگ نرمل تون نيائج، آءُ تہ آهيان عيبدار

1. قالو نيندو قول سين، پرير ڪري تنهنجي پچار.

عبد ٽيٽڙس عهد ڪان، نرمل اوهان جو نامدار

2. بانهپ سندي بولي بڌي آيس هلي هادي هتي

ڪانہ ڪيڙم ڪار تنهنجي ٽيس غافل گنهگار

3. عيب مون ڏي لک هزارين، ٽيون بديون بيحد شمار

قال کهڙي آءُ ڪريان، سڀ سمجهي تو سائين ستار

4. لا تقنطوا پروسو مونکي مليو محمد ميان

عاشق اجهو اڙين سندو 'عباس علي' کي ڏي آڌار

حاجي پير شاهہ: (بن مهر شاهہ) غلام حيدر شاهہ ۽ عباس علي شاهہ جو سوٽ هو ۽ پنج چار سال ٿيا جو وفات ڪيائين. پنهنجي ڪلام ۾، نالي ڪان سواءِ پنهنجو تخلص 'ڪوثر' پڻ آندو اٿس. حاجي پير شاهہ مداحون، مولود ۽ ڪافيون چيون جن جو هڪ مجموعو "مدحيات سرور ڪائنات بمع مولودات و ڪافيات" جي عنوان سان، مير غلام محمد خان ٽالپور جاگيردار ٽنڊي باگي جي سعيي سان، مسافر پريس حيدرآباد مان سنہ 1334هہ/1916ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جو ديباچو خود مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپور جو لکيل آهي. جنهن ۾ چاٽايل آهي تہ هن ڪتاب ڪان سواءِ "ٻيا ڪيترا سندن ڪتاب نعت گوئي ۾ موجود آهن جي انشاء الله الرحمان هن ڪان پوءِ ڇپايا ويندا. انهن مان هڪ "ديوان ڪوثر" ۽ ٻيو "مناقب مرتضوي" جو عنقريب تيار ٿي نڪرڻو آهي."

هن ڇپيل مجموعي ۾ جملي 55 مولود، 1 معجزو، 12 مداحون، ۽ 21 ڪافيون آهن، جن مان نمُوني طور ڪافيون هيٺ ڏجن ٿيون:

ساهہ سڄڻ سڪي تو ري تو ري — آءُ عجيب تون اوري اوري

1. اڄ اڱڻ تون عجيبا منهنجي — ماهہ مٿو ڏيان ڪوري ڪوري

2. پرين نٿو هڪ ساعت سهان — عشق اهنجو اڄو چوري چوري

3. دانهن درد جي دم دم دلبر — ڏيهہ تو لئي بينس ڏوري ڏوري

4. 'پير شاهہ' پينار اوهان جو — هڏ لحم ڪري گهوري گهوري

عشق ديان ڪتان رتيان رتيان ميـن ڪنيـن هـن پتيـان پتيـان
1. برهہ پڙهايا سبق اسان ڪون يـاد ڪيتي ميـن وتيـان وتيـان
2. نينهـن رکينـدا نـازک چـالي اور حڪـر دي گتيـان گتيـان
3. ہٺي نہ ہڏاوڻ ديان هن باتيان سـيل صبـر وچ سـتيان سـتيان
4. اولون عقل ڪون عشق جو ڪيتا يـاد 'پيـر شاهہ' هن متيان متيان

بـادل بلڪـل ٿيـا بسـيار — رت موسـر منـد مسـت مـلار
1. گـوڙن جـا ٿيـا گـاج گرهـرا — چنـگ اپنـگ سـپ سـاز سـنهرا -
چمر چمر چيرن جا چمڪار
2. سرمنڊل ڪٺين سارنگيون سر ٿيون — خوب خوشيون ڏس سي هر گهر ٿيون -
نـاچ نسـورا ٿيـا نـروار
3. ڪـوڻ ڪـواڪي بلڪـل خـاصي — خلـق خـدا جـي ڏاڍي اُداسـي -
واڏو ونـا سـي ولهـار
4. هـر هنـڌ سـهڻي سـبزي ٿـي جـا — 'پيـر شاهہ' قـادر بيشـڪ ڪي جـا -
چوطرف چنن ۾ ٿي چنڪار.

جيڪي سر جو سانگہ لاهينديـون — اهي پانهون پيـر نـہ پائينديون.
1. سسـئي وانـگر گهوريـون ٿينديـون — گهـورپ ۾ نـہ گهٽـائينديون.
2. ليلـيٰ وانـگر ليـاقت رمنديـون — بـر ۾ چـو نـہ بيهـاريندـيون.
3. سـهڻي وانـگر گهيـڙ نـہ ڏسـنديون — ڪـن ڪان ڪيـن ڪبـائينديون.
4. مـارئي وانـگر محـل نـہ وسـنديون — لوئـي ڪيـن لڄـائينديون.
5. نـہ ليـلان وانـگر لـوپ ڳوليندـيون — هـار تـي ور نـہ مٽـائينديون.
6. هيـر وانـگر سـي سـهمان سـهنديون — طعنـي ڏي نـہ نهـاريندـيون.
7. مومـل وانـگر 'پيـر شاهہ' ڪـنديون — جـيءَ ڪـي چـونہ جلائينديون.

ميين شاهہ عنات جي شاعري

ميين شاهہ عنات جي سوانح جي تفصيلي جائزي مان سندس شخصيت هيٺين طور نمودار ٿئي ٿي، جا سندس ڪلام کي سمجهڻ لاءِ ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي: ميون شاهہ عنات هڪ خود خيال ۽ آزاد طبع شخص هو. جواني ۾ شاديون ڪيائين ۽ وڏي اهل اولاد وارو ٿيو. پنهنجون حويليون ۽ اوطاقون قائم ڪيائين، پلا گهوڙا ۽ گهوڙيون رکيائين، اُنن جا وڳ ڌاريائين، ۽ راڄن سان ناتا ڳنڍيائين. پنهنجي اولاد سان ڪيس محبت هئي ۽

پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ساڻ سندس برتاءُ بي تڪلفي بلڪ دوستيءَ وارو هو. پنهنجي مرشد شاهہ خيرالدين سان سندس دلي عقيدت هئي، وڏن جي مرشدن (ملتان جي صاحبن) لاءِ کيس عزت هئي، ۽ پڻ ٻين درويشن سان کيس محبت هئي، محض وڏن ولين سان پنهنجي ارادت مخصوص ڪانہ ڪيائين، بلڪ حسب نسب جي فرق کان سواءِ سنڌ جي هر فقير ۽ درويش جو احترام ڪيائين، جوڳين ۽ سامين سان پڻ صحبتون ڪيائين، ۽ سندن حال ۽ قال تورڙي سندن تڪين ۽ تيرٿن بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين. کيس ٻالي جي هر پير فقير سان عقيدت ڪانہ هئي، بلڪ نيڪن ۽ موحدن جي طلب ۽ تانگهہ هئي، جن وٽان کيس هدايت ۽ حقيقت حاصل ٿي: "اٿر اسانهين ٿئو، منجهان موحدن"[1]. هو توحيد جو طالب هو ۽ توحيد ئي سندس مول مقصد هو: "توڪان مڱان تون آهيين، ٻئو در ڪونہ سڄاڻان"[2].

شاهہ ڪريم وفات ڪئي (1030هـ) تہ ميون شاهہ عنات ڄائو، ۽ ميين شاهہ عنات وفات ڪئي (1120 - 1125هـ) تہ ڀٽائي صاحب جوان ٿيو. سنڌي شاعري جي ارتقاء جي سلسلي ۾، ميون شاهہ عنات ڄڻ شاهہ ڪريم ۽ ڀٽائي صاحب جي وچ واري عرصي ۾ تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو ۽ سنڌي شاعري جي مقدار توڙي اقدار جي لحاظ سان هو انهيءَ وچ واري دور جو نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر هو.

مقدار جي لحاظ سان، ميين شاهہ عنات کان اڳ سنڌي شاعري جو سرمايو البت محدود هو. قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم پنهنجي دور جا وڏا شاعر شمار ڪري سگهجن ٿا، مگر قاضي قادن جا فقط 7 بيت محفوظ رهيا آهن، ميين شاهہ ڪريم جي ملفوظات (بيان العارفين) سربستي موجود آهي پر ان ۾ سندس عملي 93 بيت شامل آهن. ان بعد ميون شاهہ عنات ٻهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جا 469 بيت ۽ 42 وايون سرودن وار ۽ ٻيا وڌيڪ موقعي وار بيت اسان تائين پهتا آهن.

ڪلام جي عام مقبوليت: ميين شاهہ عنات جو ڪلام سندس زندگي ۾ قلمبند ڪونہ ٿيو، بلڪ سندس وفات کان سؤ کن سال پوءِ سندس تڙپوٽي اُميد علي شاهہ بن قطب شاهہ جي ڪوشش سان ٻهريون ڀيرو سهيڙيو ويو. انهيءَ وڏيءَ وٿيءَ سببان ڪافي ڪلام ضايع ٿي ويو، جيئن تہ خود اُميد علي شاهہ واري نسخي (ن) ۾ بيان ڪيل آهي تہ ميين شاهہ عنات توڙي سندس پٽ ۽ پوٽي جا "چيل بيت ڪي گهڻا هئا، ۽ جماعت مان جن فقيرن کي جيڪي ياد هئا تن مان پڻ گهڻا پراهين پنڌ سببان (قلمبند ٿي نہ سگهيا ۽) ضايع ٿي ويا. باقي جيڪي زبدة الاقران سانوڻ فقير مڱڻهار کي ياد هئا" سي ميان اُميد علي شاهہ جمع ڪرايا. هڪ سو سالن گذرڻ بعد بہ فقط هڪڙي ئي راوي سانوڻ فقير کي بيتن جو ايترو ذخيرو ياد هجڻ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي عام مقبوليت جي ساک ڀري ٿو. سندس وفات کان اندازاً سٺ سال کن پوءِ سنہ 1182هـ ۾ مير علي شير قانع تحفة الڪرام لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ ميين شاهہ عنات بابت لکي ٿو تہ "سنڌي زبان جو ڪامل شاعر (ٿي گذريو) آهي، ۽ سندس بيت معرفت جي صاحبن جي زبان جو ورد آهن ۽ يقين جي حقيقتن کان واقف ڪندڙ آهن"[3]. حقيقت ۾ ميين شاهہ عنات جو ڪلام عالمن توڙي عوام ۾ مقبول پيو ۽ نہ صرف اڳاٽي راوي سانوڻ فقير کي ياد هو پر اُن بعد پڻ صدري روايتن ذريعي ان جو ذوق عام رهيو ۽ ويندي هن موجوده دور تائين سنڌ جي سگهڙن وٽ ان جي ريجهہ رهاڻ باقي آهي.

---

[1] ڏناسري، فصل - 2، وائي - 3.

[2] پرڀات، فصل - 2، وائي - 1.

[3] "شاعر ڪامل سنڌي زبانست چنانچہ اشعارش ورد زبان ارباب عرفان مشعر حقائق ايقان مي باشد" (تحفة الڪرام جلد ٽيون، برٽس ميوزيم ۽ انڊيا آفيس لئبرري جي قلمي نسخن جي پيٽل عبارت موجب. دهلي جي ڇاپي ص 157 ۾ هيءَ عبارت، وچ ۾ آيل هڪ جملي معترضہ سببان، مبهم پئي لڳي).

• ميان امام بخش شاهہ (عمر 70 ورهيہ) خبر ڪئي تہ: ٻيو ڪوڪر ويٺل "هرپار ڪوڪرن جي" (تعلقو مٺي، ضلعو ٿرپارڪر) اسان ننڍي هوندي ڏٺو هو ۽ ان وقت هو پيرسن هو. کيس ميين شاهہ عنات جا گهڻا بيت ياد هئا ۽ چوندو هو تہ هي بيت مون کان ڪوبہ لکي يا سکي ڪونہ ٿو ۽ ضايع ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح زماني جي لٽ پوڻ سببان ميين شاهہ عنات جو ڪافي ڪلام ضايع ٿيو. مگر ان جي عام مقبوليت سببان ذوق وارن ڪي ڪي نہ ڪي بيت ياد رهيا ۽ ويندي هن وقت تائين ڪن سڃاڻ سگهڙن کي ياد آهن. هن جلد لاءِ ڪلام سهيڙڻ وقت پڻ اسان کي عام ڪچهرين ۾ ڪم از ڪم چوڏهن شخصن[1] کان سچا سارا 47 نوان بيت هٿ آيا [2]، جي قلمي نسخن ۾ ٻين لکيتن ۾ ڪين هئا.

عام قصن کي ڳائڻ: ميين شاهہ عنات کان اڳ مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان سنڌي شاعر ٻن گروهن ۾ وراهيل هئا: هڪڙا چارڻ، ڀٽ، ڀان ۽ سگهڙ جن عوامي قصن ۽ داستانن، واقعن ۽ جنگين کي ڳائي عوام کي پيش وندرايو، ۽ ٻيا عالم، سالڪ، صوفي ۽ درويش جن توحيد ۽ طريقت، دين ۽ اخلاقيات جي بلند نظرين جي تبليغ خاطر شاعري پيش ڪئي. ميون شاهہ عنات پهريون ممتاز شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ هن ٻہ - درياهي جو پورو سنگم نظر اچي ٿو. ميين شاهہ عنات کان اڳ ڪن ٿورن بالغ نظر شاعرن توحيد ۽ طريقت جي تبليغ لاءِ عوامي عنوانن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو، مگر اهي محض شروعات هئي، مثلاً: سيد ميين علي شيرازي، ميين شاهہ ڪريم ۽ ٻين جي بيتن ۾ اسان کي سنڌ جي عام قصن ۽ داستانن، مثلاً: مورڙيي ۽ مڇ، سسئي پنهون، عمر مارئي، ليلان ۽ چنيسر، مومل ۽ راڻي، سهڻي ۽ ميهار، ڪاهوڙين ۽ سپڙ ڇام جا اُهڃاڻ ملن ٿا. ميون شاهہ عنات پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ انهن قصن سان گڏ سنڌ جي ٻين عام مشهور داستانن مثلاً: راءِ ڏياچ ۽ مگڻي، نوري ۽ تماچي، ڪاري ڪيڙائن، جوڳين، سامين ۽ پوربين، آتڻ ۽ ڪاپاتين، لاکي ۽ ريباين، ابڙي ۽ سامن، جکري، ۽ ڪرن جهڙن سخي مردن کي دل کولي ڳايو. ميين شاهہ عنات سنڌي شاعري کي انهن عنوانن ۾ سموهي نہ فقط هڪ نئون ۽ وسيع ميدان هموار ڪيو، بلڪ انهي رسم ۽ راه کي آئينده لاءِ شاهراه بنائي ڇڏيو.

بيتن ۾ بيان جي وسعت: ميين شاهہ عنات جي ڪلام ۾ سنڌي شعر جا مکيہ قالب - بيت، مولود ۽ وائي - پهريون ڀيرو پنهنجي گوناگون خوبين سان چمڪندا نظر اچن ٿا. سٽاء جي لحاظ سان سنڌي بيت جي هيئت ۽ صورت جي تشڪيل آڳاٽي وقت کان ٿي ۽ قاضي قادن جي ستن بيتن ۾ 'سنڌي دوهي' کان وٺي ان جي ارتقاء جون مڙيئي مکيہ صورتون نظر اچن ٿيون [3]. معنوي لحاظ سان قاضي قادن توڙي شاهہ ڪريم جا بيت هڪ بالغ حيثيت رکن ٿا، مگر بيان جي لحاظ سان ڇڻ اهي مس جڙي راس ٿيا آهن ۽ اڪثر ٿورين سٽن ۾ سهڻن مگر سادن لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل آهن. ميين شاهہ عنات جي بيتن ۾ پهريون ڀيرو لغت جي ڳوڙهائي ۽ بيان جي رواني ۽ رنگيني نظر اچي ٿي. مثلاً:

---

(1) اٺ فرد ميين شاهہ عنات جي اولاد مان ۽ ڇهہ ٻيا سگهڙ راوي(ڏسو مٿي ص ص 7 - 8).
(2) ڏسو مٿي ص12.
(3) ڏسو اسان جي "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ" حيدرآباد، 1962ع، ص 133.

ڪلياڻ

- سائر لهريون، ريج وڻ، جيئن سي پکين پک
وڏا وڻ ويڙين ۾، ڪير ڳڻيندو ڪک
اونهون ڏيهہ عظيم جو، پيئم تان نہ پرک
تهان متي لک، پال پلي جا پانيان.

مارئي

- اچو آب، عنات چئي، ڊرئو متي ڊٽ
نوٽيون نيل اُلٽيون، پاڪ رُهيائين پٽ
نيجل پريا توپڙا، پاٽي ٽئو پلٽ
وليون چڙهيون وٽن سر، موئڻ سڳنڊي چٽ
تون سونهين سومرين ورا وينو متي ڪٽ
جتي چُلن چٽ، سو آءٌ ڏيهہ ڏاڏاٽو گهران.

- اودا، گوندا، تنديا، نيهيرا، نيٽا
فائق ٽئا فقير سي، سومرا! سيٽا
پريا تڙ ترائيون، گهيڙين تا گهيٽا
ڪن عيش، عنات چئي، وسين ۾ وينا
خاڪين تان ڪيٽا، عمر لاهہ عڪس جا.

سسئي

- اونهان، گونهان، گهاٽيون، جت آڏا جاڏا لڪ
زهري، بحري، باز برن ۾، چلئو پائن چڪ
نيون، نڪون، نوندڙا، جت اڙلون، آما، لڪ
منجها اُڪند، عنات چئي، هلي ڪارڻ حق
جت جهولا لڳن جهڪ، اُت قيرج واڳ فقير تي.

- راڪس ريڪس، گڏ، گورڪر، گَوَ گينور، لڪ لس
آرياٽي جا، عنات چئي، ڏونگر ڏيندءِ ڏس
سنديٰ چانگن چس، وجي پير نرندءِ پپ ۾.

- ڪٽ ڪهونر نيٽ نڻ، جت ورڪ وسيهر ويڙ
اونهان ڪن، عنات چئي، پون پوارئين پيڙ
سا منڌ مَين سين ميڙ، جا واقف نہ وٽڪار جي.

سارنگ

- نو ڪند نباڏ ٿيا، ڪٿا وڄن ونڪا ويس
پلٽيا پاريون ڪري، مٿي نوٽن نيس
اهرُو اوطاقن ۾، ماري وينا ميس
سچڻ ديسان ديس، پڪا رکن پاڻ ۾.

- ڏاڏر ڏوڪي اُٿيا، توارئو تاڙي
سٽي سنگهارن سعيو ڪئو، ساموٺا ساٽي
پٽا ڏهن ڏهائن ۾، وچ وجهئو واڙي
پين پٽن ۾ پر ڪئو، جي ڳوٺ سڪيا ڳاڙي
پرين جي پاڙي، هيهون سسانگ سيد چئي.

انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ ميون شاهہ عنات هر مضمون ڪي نيائڻ خاطر لفظن ۽ محاورن جي اٿاهہ ذخيري ڪي بيتن جي قالب ۾ پلٽي رهيو آهي، ۽ چڻ هر باب بيان ۾ سنڌي ٻولي جي وسعت ڪي نروار ڪري رهيو آهي. لفظن جي ڪفايت ۽ معنيٰ جي وسعت جا پڻ بيتن ۾ نهايت ئي سهڻا مثال موجود آهن، جيئن تہ:

- اوڳڻ پائي پاند، پرين آيس تو مٿي.
- سڪر سائي سڪ، جا نہ آڇجي عام کي.
- تارا اوتارا، ونيون وڃاٽو پرين جو.
- جينءَ جو اُتر مٿ، تينءَ سي وهسن ولهہ ۾.
- وليون ٿيون ويهين، انا مينهن، عنات چئي.
- ڏڏ تي ڏان گهر، ات وڃا تا نہ ورَي.
- هن سر آئي ڪو، آب اچيوئي نہ رهي.
- ڪانگ تهنجي چانگ، منهنجو جڏو جيءُ جيارئو.
- ڳٽين پرين رنام، اوڳڻ رسي سيڪو.
- پاڻ جيئڻ، پرين ملڻ، اي سڌائتين سڌ.
- چرخو ائين چور، جينءَ پونءَ پٽڪو نہ سٽي.
- سمون سنڌ سمن ۾، جڪري جهو نہ ڪو.
- سمون سانوڻ جيئن ۽، رات وسي ۽ ڏينهن.
- گولي بندي ڏاهہ، زر خريد جتن جي.
- جٺان گهڙي تٺان گهيڙ، اوتڙائين تڙ ٿئي.
- تڪان تڪ گهٽي، سڪ تهان ئي اڳري.
- تخت، بخت، تڙ، تماچي، نوريءَ سپ نون.

بيتن ۾ مجازي رنگ: ميون شاهہ عنات پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي بيتن ۾ مجازي حسن کي ڳايو. ڪانئس اڳ توحيد ۽ تصوف، نصيحت ۽ هدايت، حال ۽ حقيقت جو بيان بيتن جو مکيہ مضمون هو. ميين شاهہ عنات پڻ ان روايت مطابق ڪن سرودن، خصوصاً ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سر سريراڳ، رامڪلي، پرڀات، ڏناسري، آسا، ڪاپائتي، ۽ ڪارائڙي ۾ توحيد ۽ طريقت، نصيحت ۽ عقيدت جا پيوند هنيا. مگر جيئن تہ ميين شاهہ عنات پنهنجي بيتن ۾ وصف ۽ بيان جي وسعت پيدا ڪري قصن ۽ داستانن جي سورمين جي سونهن ۽ سينگار کي موثر انداز ۾ ورجايو. ۽ اهڙي طرح 'اعليٰ سنڌي شاعري' ۾ پهريون پيرو مجازي حسن جي تعريف جي نئين باب جو اضافو ڪيو. مثلاً:

محبوب

- چنڊ چوڏس ايري، سهسين ڪري سنگار
پلڪ پريان جي نہ پڄي، جي حيلا ڪري هزار
جهڙو سڀ چمار، تهڙو دم دوس جو.
- سج سياڻي جا ڪري، تهڙي لالائي لڳن
پلڪ پريان جي نہ پاڙيان، چنڊ اي سين تارن
شمس سهائي اڳرو، منهن ۾ محبوبن
ڪئين قنديلن اڳري، پيشاني پرين
هيءُ جو جلوو جوت سندين، تنهن تان ڪوڙين
قربانيون ڪريان.

مارئي

- سڻ ڏيو سر جهوپڙين، ايي اَجوهي
اڳڻ منجهہ، عنات چئي، پني پاهوهي
ڪوٺي پانهون ڏي، لوڪان ليکي وڃڙي.
- سڻ ڏيو سر جهوپڙين، ايي جوهي جوءِ
سا وڃون پسي وماسيون، جا سونهن سندياسي هوءِ
اوهس پسئو اتهين، پتنگ سيکو پوءِ
جڏ مارئي مٿو ڏوءِ، تڏ سورج سونهن جهڪو ٿئي.
- سڻ ڏيو سر جهوپڙين، ايي جوهي جوءِ
تهن جي لڳن تان لهي پيو، ڪر لوئي پلؤ لال
وڃون وسڻ آئيون، ان اباڻي آهال
ڪامڻ ٿئي ڪهال، سورج جي شرماڻ جي.

- ايـي جوھـي جھوپڙيـن، سـڻ ڏيئـي سـڻ جھـل
پدمـڻ جـو پـڌرو ٿئـو، تنھيــن منھــن مھـل
وڃــون وســڻ آئيــون، ان ابــاڻي اھـــل
ڪـامڻ ٿئـي ڪھـل، سـورج جـي شـرماڻ جـي.

مومل ۽ سندس سھيليون

- گلبـــدن جـــون گجريـــون، ارم اوڍيـــائون
چوتـا تيـل قليـل سـين، واسـنگ ويڙھيـائون
مشــڪ محبــت پــاڻ ۾، لڳيــن لايــائون
ڪــوڏان پوتــائون ڪچـان، سـيلا ســنڌيائون
اھــڙي پــر، عنــات چئــي، راڻــو رانيــائون
سو موٽـي ڪينءُ پاھون، جو وڃي ڪاڪ قرارئو.
- راڻـو ريجھـايو جيـڏيين، سـڻ پنـن سـندا پـار
ڪـن سينگار، سـيد چئـي، وجھـن ھـزاري ھـار
وار وسـيھر اڳـرا، متـي ڪيـسَ ڪپـار
ھئـا سـائو سـوار، پـر مومـل مـاٺي مينـڌري.
- بـاغ، باغيچـا، بنگـلا، راڻيـون جـت رمـن
اوئـس اپرئـو عنبريـن، ڪـر ڪھٽيـون تيـون ڪـون
اتـان ئـي عنبيـر جـا، چِنـا تـا چـُـلن
عـاقل ڪـي اڃـن، ڪـاھي انھـي ڪـاڪ تـي.

نوري

- جھڙي سونھ سندياس، تھڙو ڪنجھر ۾ ڪين ٻيو
طـول تنھيـن جـي سـين، راڻيـون اڃـن نـه راس
مورچـــل متـــاس، اِيـــو تمـــاچي ھٽـــي.

سنڌي وائي جي سٽاء جي تڪميل: ميون شاھ عنات پھريون شاعر آھي جنھن جي ڪلام ۾ سنڌي وائي ھيئت توڙي مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان اوج تي نظر اچي ٿي. 'وائي' جا موجد سنڌي صوفي شاعر ھئا ۽ وائي سنڌ ۾ آڳاٽي دور کان وني رائج ھئي، پر ميين شاھ عنات کان اڳ جي شاعرن جون چيل وايون غالباً محفوظ نـہ رھيون آھن ۽ بھرحال ھن وقت تائين معلوم نـہ ٿي سگھيون آھن. ميين شاھ عنات جون سڄيون ساريون ٻائيتاليھ وايون ملن ٿيون، جن جي مضمون ۽ سٽاء جي مطالعي مان سنڌي وائي جي ماھيت قدري معلوم ٿئي ٿي.

معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان ميين شاهہ عنات جون وايون تيرهن جدا مضمونن تي مشتمل آهن، جن مان 3 خالص مولود [1]، 14 مدحيہ [2]، 2 دعائيہ [3]، 1 نصيحت [4]، 3 سر مارئي [5]، 1 سر ليلان [6]، 2 سر مومل راڻو [7]، 6 سر سسئي [8]، 1 سر سورٺ [9]، 1 سر سارنگ [10]، 1 سر ڪاموڏ (گنڊري) [11]، 2 هنجهن بابت [12]، ۽ 5 غنائي [13] آهن. انهن مضمونن بابت ميين شاهہ عنات کان اڳ جي ڪا وائي ورلي دستياب ٿي آهي. خود 'مولود' جو لفظ پهريون پيرو ميين شاهہ عنات جي وائي ۾ ملي ٿو: "چئو صلواة صدق سين، ايءُ مولود مدام" [14]. غالباً سندس چيل مولودن سببان شيخ موسي جي درگاهہ تي مولودن جي شغل جا منڊل متا جن ڏانهن شاهہ شريف جي بيت ۾ اشارو آهي تہ: "منجهہ مولودي محبوب جا وينا ڪرن وور." مارئي، سسئي ۽ ٻين سرن ۾ چيل وايون زبان توڙي بيان جي لحاظ سان برک آهن. انهن کان سواءِ پنج وايون خالص 'غنائي' آهن، جن ۾ صدق ۽ محبت جا ذاتي احساسات اظهار ڪيل آهن. اهي وايون حال توڙي قال جي لحاظ سان نهايت ئي دلپذير آهن.

سٽاء جي لحاظ سان، ميين شاهہ عنات جي واين ۾ ٿلهہ بعد هڪ کان وٺي سورهن تائين مصراعو ن ملن ٿيون، جيئن تہ:

7 وايون هڪ مصرع واريون [15]
11 وايون ٻن مصرعن واريون [16]
3 وايون ٽن مصرعن واريون [17]
10 وايون چئن مصرعن واريون [18]
4 وايون پنجن مصرعن واريون [19]
3 وايون ڇهن مصرعن واريون [20]

(1) ص ص 87، 89، 168
(2) ص ص 172-173، 183-184، 187-188، 190، 197-198، 309-310
(3) ص ص 118، 101
(4) ص 163
(5) ص ص 139، 148، 157
(6) ص 214
(7) ص ص 230-231
(8) ص ص 245، 252، 259-260، 265
(9) ص 274
(10) ص 285
(11) ص 198
(12) ص ص 203، 204
(13) ص ص 114، 202، 214، 293
(14) سرود پريات، فصل-2، وائي-2
(15) ڏسو ص ص 172، 188، 211، 265، 274، 298 ۽ 309
(16) ص ص 114، 163، 167، 184، 202، 211، 230، 260، 285، 293
(17) ص ص 183، 187، 190
(18) ص ص 139، 148، 157، 172، 197، 214، 252، 265، 303 ۽ 304
(19) ص ص 173، 245، ۽ 310-311
(20) ص ص 87، 118، 168

1 وائـــي انـــن مـــصرعن واري[1]
1 وائـــي نـــون مـــصرعن واري[2]
1 وائـــي ڏهـــن مـــصرعن واري[3]
1 وائـــي ســـورنهن مـــصرعن واري[4]

هڪ مصرع وارين واين کي پهريون پيرو پڙهنديءَ گمان ٿيو تہ شايد اهي اٿپوريون آهن، مگر جيئن تہ سڀيون ساريون سٽ وايون هڪ مصرع واريون آهن انهيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اها سٽاء اصلي آهي. ۽ غالباً 'واين'جي ابتدا ٿلهہ بعد هڪ يا ٻن مصرعن سان ٿي.

مِيين شاهہ عنات جي ٻائيتاليهہ واين جي ٿلهن جي سٽاء ٻن قسمن جي آهي:

ڳهٽي ۾ گهٽيون، يعني تہ 33 وايون، اهڙيون آهن، جن جي ٿلهن ۾ قافيو وچ تي آيل آهي، مثلاً:

- ساريان موڪ مليـر، پيـرون کيـرون جيـڏيون.
- آءُ پرين گهر پيهي، چنيسرا هار هٿان مون ڇڏيو.
- هوت هاڙهي ڏاري هوندا، وانءُ وهلي سات سين.

نو وايون اهڙيون آهن، جن جي ٿلهن ۾ قافيا آخر ۾ آيل آهن، مثلاً:

- دوس قريشي، عرب ديسي، توکي رب سنيالي ميان سائين.
- توکي مڱان تون آهين، بينا در ڪونہ سجاٽا.

قافين کي ٿلهہ جي وچ يا آخر ۾ آڻڻ واري انهيءَ مٽ سٽ سان 'وائي' جي لئي ۾ نت نئين تبديل پيدا ٿي سگهي ٿي. وائي ڳائڻ خاطر وجود ۾ آئي ۽ ڀِيين شاهہ عنات ٿلهہ توڙي مصراعن جي ڪجھ وهڻ ۽ انهن ۾ قافيي جي بيهڪ ۽ لفظن جي پوڄ سان واين ۾ لئي ۽ ترنم جي واڌاري لاءِ ڇڻ نت نوان اسباب پيدا ڪيا. مثلاً:

- ٿلهہ ۾ ٻٽن قافين جو جوڙ:

اڄ گهر، اڄ گهر ايندا سپرين، وينني ڪانگ اڏايان
ايهين پانيان.

- ٿلهہ ۾ اندروني قافين جو جوڙ:

سمـن صالحن، تـوڙان طـالبن، اصـل آهـي آمـري

●

هلي هلي ماءِ، مون ڳالهہ سٽاءِ، ڪيچين جي ڪاءِ

●

اوڏا آهيـــن آري، تـــون تـــي مر کهـــاري
اٿي هل هاڻ ملنديـنءَ هوت کي.

---

(1) ص ص 184-185
(2) ص 89
(3) ص ص 231-232
(4) ص ص 197-198

- ٽلھہ توڙي مصرع ۾ قافيي ۽ رديف جو جوڙ:

تي من موهڻو چامر، جو سونهن سين ۾ وتري گندري
تي من موهڻو چامر
سمي سونهاڻي، محبت هاڻي، مهاڻي مها سوندري گندري
تي من موهڻو چامر

راڳ جي چاڻ: وائي جي 'لفظن' کي وائي جي 'لئي' سان هم-آهنگ ڪرڻ واري نڪتي جو موجد غالباً ميون شاهہ عنات ئي آهي، ۽ ان جو وڏو سبب اهو هو جو ننڍي هوندي راڳ جي مجلسن ۾ اٿيو ويٺو ۽ راڳ جي ڪافي چاڻ ۽ پروڙ حاصل ڪيائين. انهيءَ ڪري ئي پهريون پيرو پنهنجي بيتن ۽ واين کي 'سرودن' ۾ سموهيائين، جن مان ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سر سريراڳ، رامڪلي، پرڀاتي، (پرڀات)، ڌناسري، جيتسري، پوربي (پورب)، آسا، بلاول، سورٺ، سارنگ، توڏي (توڙي؟) ۽ ڪاموڏ تسليم شده راڳ ۽ راڳڻيون آهن. سندس راڳ ۽ سرن جي چاڻ ان مان ظاهر آهي جو خود بيتن ۾ 'وهاڳ' جو نالو ڪنيو اٿس:

- چائين جان چارڻ، تان ويلا لهہ وهاڳ جي[1]
- جاجڪ آهيين ذات، تہ ويلا لهہ وهاڳ جي[2]

'جيتسري' جو نالو پهريون پيرو ميين شاهہ عنات جي سرن ۾ ملي ٿو، ۽ راڳ جي علم موجب 'جيتسري' پوربي ناٽ مان هڪ راڳڻي آهي. ڪن واين جي ٽلھہ ۽ مصراعن جي سٽاء مان ڳائڻ جي لئي نروار ٿئي ٿي. مثلاً: هيئين وائي 'ڳيچ' جي لئي ۾ رچيل آهي، تہ:

ميندي لال لائينديون ،مهيليون، هٿ ڳل هار گلاب تني کي
سيد شهباز ڪامل قلندر، در ذولهہ سي ايندون
ميندين لال لائينديون[3]

اهڙي طرح 'سرود ڪاموڏ' جي وائي (تي من موهڻو چامر - الخ.) جنهن جو ذڪر مٿي قافيي جي سلسلي ۾ اچي چڪو آهي، توڙي سرود ڌناسري جي هيئين وائي، جا قلندر شهباز جي مدح ۾ چيل آهي، انهن پنهي جا ٽلھہ ۽ مصراعون پڪي راڳ جي استائي ۽ انترن جو اهڃاڻ ڏين ٿا:

شهباز لال، گنبذين نور جي ٿيو
هند سنڌ هاڪ هريل، آواز اصفهاني

قلندر شاهہ ڪمال، گنبذين نور جي ٿئو - الخ.

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ ميين شاهہ عنات هر رنگ ۾ رڱجي شاعري ڪئي. توحيد ۽ طريقت، سلوڪ ۽ نصيحت جا نڪتا پڻ بيان ڪيائين، مگر عوامي قصن ۽ داستانن کي دل کولي ڳايائين، ۽ سنڌي شاعري جي عنوانن کي وسيع ڪيائين. بيتن، مولودن، ۽ واين کي لفظن جي پوچ ۽ بيان جي وسعت سان

---

[1] سرود پرڀات، فصل - 1 بيت [3].
[2] ايضاً، بيت [4].
[3] سرود ڌناسري فصل - 3، وائي - 2.

سينگاريائين. بيتن ۾ مجازي رنگ جي شاعري کي چمڪايائين ۽ واين جي سٽاء ۾ ڳائڻ جي لئي پريائين. سندس پيش رو قاضي قادن توڙي ميون شاهه ڪريم اصولي طور صوفي ۽ درويش هئا، جن سلوڪ ۽ طريقت جي نڪتن کي بيان ڪرڻ خاطر بيت چيا. سندن واسطي شاعري مقصد نه مگر ذريعو هئي. ميون شاهه عنات پنهنجي طبعي ذوق سببان شاعر ساماڻو ۽ شاعريءَ مان پورو حظ حاصل ڪيائين. ميين شاهه عنات هڪ صوفي درويش جي حيثيت ۾ شاعري ڪانه ڪئي، بلڪ شاعريءَ جي ذات سندس واسطي درويشي جو باعث بني.

ميون شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف[1]: 'عام سنڌي داستانن ۽ مشهور عنوانن جي تاجي پيٽي ۾ اُٽيل ۽ سُر وار بيتن ۽ واين جي سٽاء ۾ سمايل شاعري' جي سنواريندڙن ۽ سينگاريندڙن ۾ ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف جو شرف مڙني کان مٿانهون آهي: ٻئي هن نئين تحريڪ ۾ پائيوار آهن، بلڪ ٻئي هن تخليق لاءِ فطرت طرفان چٽيل جاڙا ٻار آهن. ٻئي ساڳي صورت جون ٻه اکيون آهن ٻئي ساڳي سپ جا ٻه موتي آهن. البت سنڌي شاعري جي فن ۽ ان جي اُسرندڙ فڪر جي ارتقائي تقاضا موجب ٻنهي مان هرهڪ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو: ميين شاهه عنات قالب گهڙيا ته ڀٽائي صاحب اهي سوڍي سنواري پريا. ميين شاهه عنات ديواريون ڪنيون ته ڀٽائي صاحب عمارتون اڏيون، ۽ ميين شاهه عنات صورتون ايجاد ڪيون، ته ڀٽائي صاحب اهي روح ڦوڪي جاڳايون. ميون شاهه عنات ڇڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ بنجي آيو ۽ اڇي ميدان سنواريائين جنهن ۾ ڀٽائي صاحب پوءِ ڪوئنتل ڪڏايا.

ميين شاهه عنات جي سوانح جي ٿاڻن ۽ اُهڃاڻن واري تفصيل مان ظاهر آهي ته ميين شاهه عنات جي عمر 65 کان 70 سال کن هئي جو ڀٽائي صاحب سنه 1102هه ۾ ڄائو. ۽ ڀٽائي صاحب جي عمر 18 کان 23 سال کن هئي جو ميين شاهه عنات وفات (1120 - 1125هه) ڪئي. عمر جي لحاظ سان ڀٽائي صاحب ميين شاهه عنات جي پوٽي بلال شاهه جو سن هو، جو پڻ ڀٽائي ۽ انگر ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دور جو شاعر هو.

جيڪڏهن تسليم ڪجي ته ڪم از ڪم 13 - 14 ورهين جي عمر ۾ لطيف جو ذهني لاڙو پرجهڻ ۽ پروڙڻ، سلوڪ ۽ صحبت طرف ٿيو، ۽ هن شاهه حبيب جي حويلي کان قدم وڌائي ٻاهر ڪائنات ۾ رکيو، ته اول جنهن شاعر جو نالو يا جنهن بزرگ جو ذڪر سندس ڪنين پيو هوندو، سو غالباً ميين شاهه عنات جو ئي هوندو. ميين شاهه عنات جي عمر ان وقت اسي ورهين کان مٿي هئي ۽ سندس بيتن توڙي بزرگي جو مذڪوره جاء بجاء مشهور هو. ميين شاهه عنات جي سڪونت ۽ شاهه حبيب جي حويلي وارا ماڳ مڪان ڇڻ ساڳي ٿي تر ۾ هئا ۽ وچ ۾ مفاصلو ڀنڌرنهن ميلن اندر هو. انهيءَ ڪري باوجود ننڍپڻ جي ڀٽائي صاحب جو ميين شاهه عنات وٽ پهچڻ ۽ ساڻس صحبتون ڪرڻ قرين قياس نظر اچي ٿو.

ميين شاهه عنات ۽ ڀٽائي صاحب جي ملاقاتن ۽ رس رهاڻين بابت ڪيئي حڪايتون هلندڙ آهن جي سڄاڻ سگهڙن جي ڪچهرين جو هڪ اهم عنوان آهن. انهن حڪايتن مان جي نتيجا نڪرن ٿا سي هي آهن ته ميون شاهه عنات ۽ ڀٽائي صاحب همعصر هئا، ميون شاهه عنات وڏي عمر جو هو ۽ ڀٽائي صاحب اڃا ننڍو هو. ڀٽائي صاحب ميين شاهه عنات وٽ رس رهاڻ لاءِ ايندو هو، ميون شاهه عنات ڀٽائي صاحب کي گهڻو پائيندو هو، ۽ ڀٽائي صاحب کي ميين شاهه عنات لاءِ گهڻي محبت ۽ عزت هئي. سندن ملاقاتن ۽ مجلسن بابت اڪثر روايتون

---

[1] هن موضوع تي اسان سنه 1952ع ۾ هڪ مضمون لکيو هو جو ٻهريائين رسالي نئين زندگي (ماه فيبروري) ۾، ۽ تازو "شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي" (ڀٽائي صاحب بابت مضمونن جو مجموعو، پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي، 1963) ۾ شايع ٿيو آهي. ان مضمون جو مدار اڪثر زباني روايتن تي هو جن جي ڀيٽ ۾ هن عنوان هيٺ ڪيل بحث ۽ نظريا وڌيڪ مستند آهن.

سُـيون ہڏيون ڳالهيون آهن جن ۾ ڪچهري جي رس خاطر سگهڙن پنهنجي طرفان گل وڌا آهن. ساڳين مضمونن ۽ معنائن ۾ ميين شاھ عنات ۽ شاھ عبداللطيف جي چيل بيتن جي آڌار تي اڪثر ائين سمجهيو ويو تہ ملاقات وارن موقعن تي ڀٽائي صاحب ميين شاھ عنات جي بيتن ڪي رد ڪد ڏيندي سامهون بيت چيا. اهڙيون روايتون غيروزندار ۽ حقيقت جي خلاف معلوم ٿين ٿيون، ڇاڪاڻ تہ ننڍي عمر جو نيڪ نوجوان ويهي اسي ورهيہ جي شاعر ۽ درويش ميين شاھ عنات کي سامهون بيتن ۾ رد ڪد ڏئي، سو اعتبار کان ٻاهر آهي. هڪ تہ نياز ۽ نئڙت، ادب ۽ اخلاق، سنجيدگي ۽ صلح شاھ عبداللطيف جي طبع جا فطري جز هئا ۽ ٻيو تہ ميون شاھ عنات کيس گهڻو ڀائيندو هو، انهي ڪري ٻنهي جي وچ ۾ مناظري ۽ مقابلي لاءِ ڪو سبب ئي ڪونہ هو. سندن ملاقاتن بابت مختلف روايتون هلندڙ آهن جن مان ڪي وڏيڪ وزندار ۽ قابل اعتبار هيٺ ڏجن ٿيون.

چون ٿا تہ هڪ ڀيري جڏهن شاھ عبداللطيف ميين شاھ عنات سان مليو تہ ميين شاھ عنات کيس شعر چوڻ جي ترغيب ڏني، جنهن تي نوجوان لطيف چيو تہ: 'زمين سڄي ڪڙي پئي آهي، پوءِ مونکي کهڙو ٿا ڏس ڏيو.' ميين شاھ عنات چيو تہ: 'ابا! تون وڃي سمنڊ ڪيڙ'[1].

هڪ دفعي شاھ عبداللطيف سوز ۽ درد واري حالت ۾ اهڙي وقت اچي پهتو، جو ميون شاھ عنات اندر حويلي ۾ هو ۽ ٻاهر ڪا پهر ڪانہ هئي. در تي ڪا ٻانهي هئي جنهن کي لطيف چيو تہ اندر شاھ کي وڃي ٻڌاءِ تہ ڪو ماڻهو آيو آهي ۽ چوي ٿو تہ وڃي اندر چئو تہ:

در تي ڪري دانهن، در تي ڪري دانهن

ميون شاھ عنات ڀيرسن هو ۽ ستو پيو هو. اهو نياپو ٻڌي اُٿيو. ڏگهو مڙس هو ۽ عصا ڪٽي هلندو هو. در ڏانهن آيو تہ عبداللطيف تي نگاھ پيس ۽ چيائينس تہ :

ڪلهي لائي ٻانهن، ڪٽي پرين ڪندس پانهجو.

ائين چئي اچي عبداللطيف کي ڳرهاٽي ڏنائين ۽ کيس هر طرح جي تسلي ڏيئي پاڻ وٽ رهايائين[2].

شاھ عبداللطيف کي ميين شاھ عنات لاءِ جا محبت ۽ عزت هئي سا هيٺين عام مشهور حڪايت مان ظاهر آهي. اسان مٿي (ص 35) پليجي ۽ ڳاهي واري ڳالھ جو ذڪر ڪيو آهي. تازو هن مقدمي لکندي اسان کي مرحوم قادر شاھ نصرپوري جي هٿ لکيل اها ساڳي ڳالھ ملي، جا هن تاريخ 28 ذوالقعد سنہ 1320هہ نصرپور جي مشهور شاعر مصري شاھ مرحوم (سندس مامي) کان ٻڌي قلمبند ڪئي. مصري شاھ جي زباني مطابق پليجي زميندار جو نالو 'ڏهيسر' هو ۽ هن ميين شاھ عنات جي پاءِ ميين احمد شاھ جي اشاري تي ميين شاھ عنات جون گهوڙيون، جي سندس ماڻهو سانوڻ جي مند ۾ اُتي چارڻ لاءِ وٺي ويو هو، ديهہ پليجاڻي مان تڙي ڏنيون. ان تي ميين شاھ عنات رنج ٿي پاراتي طور بيت چيو جو اسان مٿي (ص 35) نقل ڪري آيا آهيون. ان ۾ هڪ مڪيہ سٽ[3] هيءَ هئي تہ:

جو ڏهيسر سڄي ڏيهہ ۾ سو وڃان ئي وڃاءِ.

---

[1] روايت حاجي بخش علي شاھ .

[2] روايت حاجي عمر چانديو.

[3] ص 27 تي ڏنل بيت ۾ اها سٽ چوٿون نمبر سمجهڻ گهرجي.

لکيت ۾ اها ڳالهہ سيني کان اڳ (1305ھ) مير عبدالحسين سانگي "لطائف لطيفي" ۾ هن طرح قلمبند ڪئي آهي: "چون ٿا تہ هالا قوم جا ڪي گهر شهر شاهپور لڳ[1] هئا، جتي جو وڏيرو ڏهيسر پليجو هو. ڏهيسر ميين شاهہ عنات سان بدسلوڪي ڪئي، جنهن تي ميين شاهہ عنات کيس پاراتو ڏنو. ان تي کيس (ڏهيسر کي) اچي ڏپ ورايو ۽ جڏهن اولياء صاحب (ڀٽائي صاحب) جي اچڻ جو ٻڌائين تڏهن ان ارادي سان سندس دعوت ڪيائين تہ ڪانئس خير جي دعا گهري. عرض ڪيائين تہ 'شاهہ عنات رنج ٿي مونکي پاراتو ڏنو آهي، اوهان دعا ڪري ان جي اثر کي دفعي ڪريو.' حضرت (شاهہ صاحب) فرمايو تہ: **'شاهہ عنات درويش آهي، ساڻس سهڻو سلوڪ واجب هو.'** (بالآخراهو ڳوٺ ڦٽي ويو ۽) هن وقت اتي راهوجن جا ڪي هڪ ٻہ گهر آهن."[2]

مشهور روايت آهي تہ هڪ ڀيري نوجوان عبداللطيف سوز ۽ درد واري حالت ۾ ميين شاهہ عنات وٽ آيو ۽ اچي ساڻس حال اوريائين، جنهن تي ميين شاهہ عنات کيس ڳرهائي ڏيئي دلداري طور هي بيت ڏنو تہ:

پسي ڏونگر ڏار، جم هلڻ ۾ هيٺي ٿئين مجازاٽيون موٽيون سٽي پنڌ پچار
تون پهري پائج پرين لئي حقيقت جو هار سگهي لهندئي سار، آرياڻي عنات چئي.

سگهڙن جي روايت موجب ڀٽائي صاحب ميين شاهہ عنات جي بيت جي جواب ۾ وري هيءُ بيت ڏنو تہ:

پسي ڏونگر ڏاهہ، جم هلڻ ۾ هيٺي وهين لانچي لڪ، لطيف چئي، پنيءُ ڪيچين ڪاهہ
پڇي پورج سسئي، بلوچاڻي باهہ ان وڙائتي ور جو، آسر هڏ مَ لاهہ
جو اڪنئون اوڏو آهہ، سو پرين پراهون مَ چئو.

موقعي جي نزاڪت مان ظاهر آهي تہ ڀٽائي صاحب کي سامهون هن بيت چوڻ لاءِ ڪو سبب ڪونہ هو. اهو بيت غالباً ڀٽائي صاحب پوءِ ميين شاهہ عنات جي بيت کان متاثر ٿي چيو. مرحوم مولانا دين محمد وفائي پڻ "لطف اللطيف" ۾ هيءُ روايت نقل ڪئي آهي[3]، ۽ صورتحال جو صحيح جائزو ورتو اٿس تہ "نوجوان عارف سيد عبداللطيف، جو قبض ۽ بسط جي ڪشش ۾ قاتل هو، تنهن کي ڏسندي شاهہ عنات الله جو ڪجهہ پهريائين فرمايو" سو مٿيون بيت هو. ڪي سگهڙ هن حڪايت ۾ ميين شاهہ عنات جي بدران صوفي شاهہ عنات الله جهوڪ واري جو نالو آڻيندا آهن، حالانڪ صوفي شاهہ عنات شهيد سنڌي ۾ شاعري ڪانہ ڪئي. مولانا وفائي مرحوم کي پڻ هي روايت شاهہ عبداللطيف ۽ صوفي شاهہ عنات الله جهوڪ واري جي نالن سان ملي، ۽ نظر پل کان ساڳيا نالا ڏنا اٿس. البت ڀٽائي صاحب جي چيل بيت کي هن طرح ورجايو اٿس تہ. "حضرت ڀٽائي شاهہ عنات الله کي سندس آگيا جو جواب چڻ هائو ۾ ڏئي ٿو چوي تہ ور کهڙو بہ اڻ وڙائتو هجي پر اُن کي ڪيئن ڇڏبو. هو پرانهون آهي پر ڪشالا ڪنڊڙ محبتي لاءِ بالڪل ويجهو آهي."

هن روايت مان جو خاص نڪتو نروار ٿئي ٿو، سو هيءُ آهي تہ نوجواني وارن سالن ۾ ڀٽائي صاحب تي محبت ۽ مجاز جو غلبو هو، ۽ جيئن تہ ميين شاهہ عنات جي مٿس والدانہ شفقت هئي ۽ سندس تسلي واسطي وٽس هر وقت ٻاجهہ جي ٻڪي موجود هئي، انهي ڪري نوجوان عبداللطيف اچي ساڻس حال اوريندو هو. ٻيو

[1] پليجاڻي اسٽيشن جي ويجهو 'شاهپور' جو شهر جو پوءِ ميان غلام شاهہ ٻڌايو.
[2] لطائف لطيفي (راقم جو قلمي نسخو). اها ساڳي ڳالهہ مير عبدالحسين خان سانگي کان مليل مواد جي آڌار تي مرزا قليچ بيگ "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" (ڇاپايل منشي پوڪر داس تاجر ڪتب شڪارپور، دفعو ٽيون، سنہ 1910، ص 66) ۾ اختصار سان ڏني آهي.
[3] لطف اللطيف، وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي، 1951ع، ص ص 70 - 71.

نڪتو جو هن روايت مان ذهن نشين ٿئي ٿو. سو هيءُ آهي تہ لطيف جي سڪ ۽ سوز واري حالت ۾ ميين شاهہ عنات سسئي جي سر مان پنهنجي چيل بيت جي ذريعي ڪيس تسلي ۽ دلداري ڏني. ان مان انهن عام روايتن جي ترديد ٿئي ٿي جن ۾ ائين ڄاڻايو ويجي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف ميين شاهہ عنات کي سسئي جي ڳالهہ سمجهائي ڪيس سسئي بابت بيتن چوڻ تي آماده ڪيو.

حقيقت هن ريت آهي تہ ميين شاهہ عنات جو مهراڻي ۽ ٿر سان گهڻو واسطو هو ۽ انهيءَ ڪري جڏهن مارئي بابت بيت چيائين تہ مارن جي رهڻي ڪهڻي توڙي ٿر جي ماڳن ۽ تڙن، ڳاهن ۽ ڏٿن جو تفصيل سان دلڪش پيرائي ۾ نقش چٽيائين. جڏهن نوجوان لطيف جي ميين شاهہ عنات وٽ اچ وڃ ٿي تہ هو انهن بيتن کان نهايت متاثر ٿيو. اهو مذڪور غالباً خود ڀٽائي صاحب جي مجلسن ۾ هليو، ۽ ڪانئس پوءِ جڏهن ان بابت ڳالهيون هليون تہ ڪن ابوجهن ڄاتو تہ ان ۾ ڀٽائي صاحب جي گهٽتائي ٿي ٿئي. البت ان حقيقت جي انڪار ڪرڻ بدران ائين چوڻ شروع ڪيائون تہ ميين شاهہ عنات ڀٽائي صاحب کي مارئي طرف متوجهہ ڪيو تہ ڀٽائي صاحب وري ميين شاهہ عنات کي سسئي جي واٽ ڏسي.

اهڙي روايت کي غالباً پهريون ڀيرو آخوند عبدالرحيم محمد وفا عباسي گذريل صدي جي آخر ڌاري قلمبند ڪيو، جا هوبهو سندس لفظن ۾ هيٺ ڏجي ٿي: پڊرو هجي تہ هن سنڌ ڏيهہ ۾ گهڻا شاعر ٿي لنگهيا آهن.... تن مڙني شاعرن مان بہ شاعر وڏا ناميارا آهن: هڪڙو سيد شاهہ عنات، ۽ ٻيو سيد شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ٻئي ڪامل اولياء الله جا ۽ سالڪ هئا. انهن پنهنجن ڪتابن يعني رسالن ۾ بيت مارئيءَ جا چيا آهن. پر سيد شاهہ عنات ساري ڇمار مارئي جا بيت پيو چوندو هو. ۽ سيد شاهہ عبداللطيف، جو ڇمار ۾ شاهہ عنات کان نندو هو، سو سسئي جا بيت ڏيندو هو. جڏهن شاهہ عنات ماڻهن کان ٻڌو تہ سيد شاهہ عبداللطيف سسئي جا بيت ٿو ڏئي، ۽ اڃا ڇمار جو ننڍو آهي، ۽ ٻيو ساڻس هڪڙو خليفو تمر فقير نالي همراهہ آهي، تڏهن انهن ماڻهن کي چيائين تہ "سسئي جا ستر ڇڏي ٻاهر نڪتي، تنهن جا بيت پلا ڇا ڏيا! تنهنڪري جي شاهہ عبداللطيف هوند مون کي گڏجي، تہ انهن بيتن ڏيڻ کان جهليانس". پوءِ هي ڳالهہ ڪن ماڻهن وڃي شاهہ عبداللطيف کي ٻڌائي. تڏهن پنهنجي خليفي کي چيائين تہ "سيد شاهہ عنات صاحب جي زبان ڏٺي تعاليٰ وٽ مقبول پيل آهي، جي جهل وجهندو تہ پوءِ آءٌ بيت ڏئي ڪين سگهندس تنهن ۾ هاڻي هيئن ٿا ڪريون جو آءٌ پاڻهي وٽس وڃي ٿو حاضر ٿيان. پر اسان جي گڏجڻ کان اڳي تون بيت سسئيءَ جا پيو ڏج، تہ سسئيءَ جي سچائيءَ کي ڄاڻي." پوءِ گڏجڻ جي وير تمر فقير هي بيت ڏنا:

ڪڙي ۽ رڙي، پرپٺ پير پنهونءَ جا
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب ڪاڻ جڙي
لڪن ساڻ لطيف چوي، مر منڊ پاڻ مڙهي
عمرائين ڪڙهي، تہ بہ پلڪ پريان جي نہ پري.

پرينديئي پنڌ ٿي، جتن پنيءَ جوءِ
واڪا ڪيو ويڙهين ۾، ريهون ڪيو روءِ
طالب کي تمر چوي، ور ڏس ڏيرن جو پوءِ
ڪيچان اوري ڪوءِ، من ٿئي غور غريب جو.

پوءِ هي بيت ٻڌي سيدشاهہ عنات فرمايو تہ: "ابا عاشق الله جا! هيءَ تہ سسئي ڪين هئي، پر سئن ۾ سئي ڇٽبي جنهن جا تو اهڙا بيت ڏنا آهن. ڇا ڇئجي هنن بيتن جي ڳالهہ! هي تہ بيشڪ حقيقي آهن. ۽ جيڪا مون عمر سڳوري گذاري سا خير سان گذري. باقي اڄ کان پوءِ اڳتي آءٌ پڻ سسئي جا بيت ڏيندس ڇا ڪان جو

ضمير هنن بيتن جو حضرت نبي ڪريم شفيع جي پار رجوع آهي. سسئيءَ جي ڳالهه تو ڪيئن ٻڌي آهي؟" تڏهن سيد شاهه عبداللطيف ساري ڳالهه پيراتي ڪري ٻڌايس. پوءِ ان مهل سيد عبداللطيف، سيد عنات کي چيو تہ "مهرباني ڪري مارئيءَ جي ڳالهه سٽائينم ۽ موڪل ڏينم، تہ آءٌ پي مارئيءَ جا بيت چوان." تڏهن سيد شاهه عنات ساري ڳالهه مارئيءَ جي ڪري ٻڌايس، ۽ چيائينس تہ "جي دل چويئي، تہ پلي ڪري مارئيءَ جا بيت ڏي." مارئيءَ جي ڳالهه هن پر آهي[1].

سچي سٽاءَ مان هيءَ روايت بالڪل عامي پئي نظر اچي. تمر فقير پٽائي صاحب کان عمر ۾ وڏو ڪونہ هو. فرض ڪجي تہ پٽائي صاحب ننڍي ڇمار ۾ سسئي جو داستان ڪٿي ڳايو هجي، پر ڪانئس بہ قدري ننڍي عمر جي يا سندس سن تمر فقير ميين شاهه عنات کي ويهي پنهنجا بيت ٻڌايا سو مجڻ کان ٻاهر آهي.

هن روايت کي پوءِ پيرومل نقل ڪيو جنهن جو حوالو مولانا دين محمد وفائي 'لطف اللطيف' ۾ ڏنو آهي، پر مولانا مرحوم شروع ۾ ئي هن روايت جي انهيءَ حصي کي اهميت ڏني آهي، جنهن مطابق پٽائي صاحب ميين شاهه عنات کان مارئي جي سلسلي ۾ متاثر ٿيو. سندس الفاظ هي آهن:

"هڪ روايت آهي تہ شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن عمر مارئي جي ڪهاڻي تي ڪي بيت چيا هوا ۽ شاهه عبداللطيف کي مارئي جو مذڪور سٽائي هن ۾ مارئي جي بيتن چوڻ جو چاهه پيدا ڪيائين.

پروفيسر پيرومل لکي ٿو تہ شاهه عنات بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هو اول ۾ مارئي جا بيت چوندو هو. شاهه عبداللطيف جا سسئي وارا بيت ٻڌائين تہ ڏاڍا وڻي ويس جو پاڻ بہ اهڙا بيت چوڻ لڳو:

اڏر، نـــڌر، ايـــري، ڪوجهـــي، ڪميڻـــي
تنهن سان ٻاروچل ٻاجهون ڪيون، هوت ڏسي هيٺي
اگهـــائي عنـــات چئـــي، تـــي تڪـــر ۾ ٽيڻـــي
جا هئي ور جي وهيٺي، تنهن کي محب مليو مُنهبار ۾[2]

لطيف جي ننڍي عمر، صالح طبيعت ۽ ميين شاهه عنات ڏانهن سندس دلي رغبت مان صحيح گمان اهوئي نڪري ٿو تہ نوجوان لطيف اسي ورهيہ جي هن شاعر ۽ بزرگ وٽ کي سوچڻ ۽ سکڻ لاءِ ۽ نہ ڪيس سمجهائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ٿي ويو. ميين شاهه عنات ۽ پٽائي صاحب جي سُروار بيتن کي غور سان پڙهندي چٽيءَ طرح معلوم ٿيندو تہ پٽائي صاحب هن بزرگ کان گهڻو ڪي پرايو. ميين شاهه عنات جي بيتن ۽ واين پٽائي صاحب کي گهڻو متاثر ڪيو ۽ ميين شاهه عنات جي وفات بعد پڻ سندس ڪلام سان پٽائي صاحب جي تمام گهڻي محبت رهي جنهن جو عڪس پٽائي صاحب جي ڪيترن ئي بيتن ۾ بالڪل نمايان طور نظر اچي ٿو. عام زباني روايتن وارن بيتن کي ڇڏيندي، هيٺ اسان ميين شاهه عنات ۽ پٽائي صاحب جا ڪي مستند بيت يا بيتن جون مصراعون مثال خاطر ڏيون ٿا[3]. انهي لاءِ تہ اسان ٻنهي جي قريبي رشتي کي پوريءَ طرح پرکي سگهون:

---

[1] "عمر مارئي جو قصو (بنا زاتين)" جوڙيل آخوند عبدالرحيم محمد وفا عباسي جو، پريمئر پريس حيدرآباد، ڇاپو ڏهون، سنہ 1911ع تان ورتل.

[2] لطف اللطيف، وفا پبلشنگ هائوس، ڪراچي، 1951، ص 73. اصل متن ۾ هن بيت جون آخري بہ سٽون هيٺينءَ طرح آهن جن جي مستند روايتن مطابق تصحيح ڪئي وئي آهي:

اگهـــائي عنـــات چـــوي تنهنجـــي تڪـــر مـــان ٽيڻـــي
جا هي ور جي وهٽي، تنهن کي محب مليو مهياڙ ۾

[3] اهي مثال هن ڪتاب "ميين شاهه عنات جو ڪلام" ۽ علامہ امداد علي صاحب قاضي جي مرتب ڪيل "رسالو (پيغام) شاهه عبداللطيف جو" (سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع) مان ورتل آهن.

ميون شاهہ عنات

اوڳڻ پائي پاند، پرين آيس تو مٽي
(ڪلياڻ فصل 1: بيت 3)

برڪت محمد مير، پار پهتا پهيڙا
(ڪلياڻ1:7)

الست ارواحن کي جڏهن جاڳايو جبار
(ڪلياڻ 1:2)
ڪبير ڪئام ڪيترا، هئي هٿي پاٽان هيچ
سهسين صغير وٽا، ڏونگر ريچ اريچ
(ڪلياڻ 2:2)

اولي اور، عنات چئي، سڪڻ ايُ شرط
(جمن 2:1)
ٻُڪي ڏيندا ٻاجهہ جي، نهاري نارون
(جمن 7:1)

تارا اوتارا، ونيون وچاٽو پرينءُ جو
(ڪنيات 1:1)
سچ سونهارا، سيد چئي، خبر ڏجاهون
هت آهين اتاهون، هت تو پسين پرين کي
(ڪنيات 3:1)
سچڻ سويارا، ٻيچ ٻنيءَ گهر آئيا
(ڪنيات 4:1)
جن هميشہ هيڪاند، تن سانگ م پئي، سيد چئي
(ڪنيات 5:1)
چنڊ تنهنجي ٻات، مونکي آهي من ۾
الله لڳ، عنات چئي، تون اڄو منجهہ رات
تن جنهن جي تات، سي ڏسي تون ڏيکارهون
(ڪنيات 7:1)

شاهہ عبداللطيف

اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا
(ليلان چنيسر داستان 3: بيت 5)
پائي آيس پاند ۾، اوڳڻ عيب اپار
(مارئي 8: وائي)
سرڻ تنهنجي سير، تون پار لنگهائيين پهيڙا
(ڏهر 2:2)

الست ارواحن کي جڏهن جاڳايو جليل
(سهڻي 10:1)
مون هٿان منهنجا ڏٺي، سهسين ٿٺا صغير
پکي منجهہ پنوهار جي، ڪوڙين ڪئم ڪبير
(مارئي 5: وائي)

سائو منهن، سونهن وئي، سڪڻ ايُ شرط
(يمن ڪلياڻ 6:7)
ٻُڪي ڏيندا ٻاجهہ جي، آيا سور ڏٺي
(يمن ڪلياڻ 1: وائي)

ونين ۾ تي ويهہ، تارن ۾ ڪر تڪيو
(آسا 13:3)
هت تو پسين پرين کي، تون چنڊ اهوئي
آڏت چئج ان کي، ڏيانءُ جو روئي
(ڪنيات 3:1)
سچڻ سويارو، ٻيچ ٻنيءَ گهر آئيو
(ڪنيات 10:1)
هيڪاندي هوئي، سانگ مَ پوي سڄڻين
(ڪنيات 3:1)
چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تان نہ پرين سين
تون اڄو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو
(ڪنيات 14:1)

اُٺ اٺاسو تو گهمِي، تو ٿوهي ۾ ٿاٽو
(ڪنيات 2:4)
سُوٽَ وٽي سيٽ، جهل تہ لاٿڇهون ڪرهو
(ڪنيات 2:5)
دودستيون دوران، جنهن کي سيني سنگهر رُڪ جي
(ڪنيات 2:6)
نوَ نوَ نَيرَ نهرا، پيرين پَيڏَ پنجاهہ
(ڪنيات 2:7)
چارين چندن ڏاريون، تازيون توهي تَوڏ
(ڪنيات 2:9)
الله لڳ، عنات چئي، وک وڏندي پاءِ
(ڪنيات 3:2)
نيٽ چنايو نِت، اُپيو اوڏاهين اُسري
(ڪنيات 3:5)
محبوبن جي ملڻ جي، رک حاضر منجهہ هيين
(ڪنيات 3:6)
رات سهائي پُون سنئين، تيزين سر جوان
(ڪنيات 3:8)

ميي کي مجاز جو، توهُي ۾ ٿاٽو
(ڪنيات 2:25)
وني سيٽ سُوٽَ، پاءِ پنهنجي ڪرهي
(ڪنيات 2:26)
دو- دستي دوبير، سيني سنگهر رک جي
(ڪنيات 2:14)
نو نير، ڏِهہ ڏاوٽيون، پندرهن پينڊ پياس
(ڪنيات 2:32)
چاريئين چندن چوٽيون، نايو مينديءَ ڏار
(ڪنيات 2:24)
ڪرها ڪسر چڏ، وک وڏندي پاءِ
(ڪنيات 2:15)
ٽاٽيو تيڏاهين، نيٽ چنايو نڪري
(ڪنيات 2:37)
ميا! محبوبن جي هلي وانءُ حضور
(ڪنيات 1:8)
رات سهائي، پون سنئين، پٽين وڏو پنڌ
(ڪنيات 1:6)
رات سهائي، پون سنئين، پائي گهرجي پَل
(ڪنيات 1:7)
سڄڻ سويارو، پيچ پنيءَ گهر آئيو
(ڪنيات 1:10)

ڪامل ڪنت سجان، پيچ پنيءَ گهر آئيا
(ڪنيات 3:10)

•

توهہ جي وٽ طراز، پاءِ اسباب اخلاص جو
متان کي من لوڏيين، پسي جنگ جهاز
عدنٿان عنات چئي، تنهنجي حاصل ٿئي حاج
جُـہ ناڪون ٿئو نواز. تہ اگهہ مڙني هيڪڙو
(سر راڳ 1:3)
نئين بنائج ناڪئا، بيڙي پراڻي
ڪپر ڪارونيار جو، پڇاڙي پاٽي
(سر راڳ 1:5)

سڙهہ سنوان، لاڄو نوان، اولا سندن عاج
ساٿي سفر هليا، پري جنگ جهاز
حاصل ڪريين حاج، واحد وڻجارن جي
(سر سريراڳ 2:12)

بيڙي پراڻي، وکر پاءِ مَ وترو
تري ۾ تُن بيا، پاسنئون پاٽي
(سر سريراڳ 3:1)

قرقل، قوتا، پارچا، اگر ۽ عنبير
ههڙو وڻج وني ڪري، وجهہ وڻجارا وير
پُتي پاڙ مَ مڪري، اگيان سائر سچي سير
ڪونهي اهڪ، عنات چئي، جر جو ڪاري نير
گهر تني جي ڪير، سات جني جي سچيون
(سر راڳ 6:1)

قرقل قوتا، پارچا، پاتائون پُٽڙيون
أني ڪي عنات چئي، قير نہ ڪن ڦڙيون
جي ڇُهي منجهہ ڇُڙيون، سي بيڙيون رکين ٻاجهہ سين
(سر راڳ 7:1)

لڙ لهرين لس ليٿ تان عربي مون أڪار
(سر راڳ 1: وائي)
تڙ سبر تواري، أيي مگي اوسهيون
(سر راڳ 1:2)
ڪلي ڪيڪاري، تہ آنءُ ڳالهاري ڳر لائيان
(سر راڳ 1:2)
جر تڙ ڏٺا ٻوهيان، الاهي اڇن
(سر راڳ 2:2)
وجي ولاتن ۾، جُڳ لڳا ڪي جن
(سر راڳ 3:2)
پرين او پيهي، ڪند ڪيڙائو آئيا
(سر راڳ 4:2)
مُلا معلم خبرون، پڇي پروڙيج
(سر راڳ - اضافا 2)

•

اتر اوٺ نہ ڏين، صرفو ڪن نہ سيءُ جو
(رامڪلي 3:1)
آڏيَ جو عنات چئي، اوءِ الڪ سين اورين
(رامڪلي 3:1)
پنن ڪين پٽ ڪٽي، گهرن ڪين گهرا
مهيسري مخلوق جي، ايين دور درا
(رامڪلي 5:1)

تون ويسرو وير، ساٿين سنيت پنڌ جي
جوڙي جنگ جهاز ڪي، ڪوڏ هٺائج ڪير
وهي وڻجارن جي، بندر ڏانهن ٻهير
گهر تنين جي ڪير، جن لاڳيدار لنگها ٿئا
(سر سريراڳ 18:4)

قر قل قوتا، پارچا، پاٽيٺ پاتائون
ڪوٺيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون
لاڄن منجهہ لطيف چئي، بيڙا ٻڌائون
نذر نبي جام جو چڙهندي چيائون
جي ڇُهي ڇوڙيائون، سي بيڙيون رکين ٻاجهہ سين
(سريراڳ 19:4)
لڙ لهريون لس ليٿ، جت انت نہ ليي آب جو
(سريراڳ 11:1)
ايي اوسهہ پائيان، ڪارڻ وڻجاري
(سامونڊي3: وائي 2)
آيل ڏولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان
(سامونڊي 24:3)
جر تڙ ڏيا ڏي، وڻ تڻ ٻڌي وانڌيون
(سامونڊي 23:3)
جڳن جا جڳ ٿيا، تئان نہ موٽيو ڪوءِ
(سامونڊي 10:1)
ڪيڙي ڪيڙ ڪند، ماءِ سامونڊي آئيا
(سامونڊي 43:3)
ملا معلم خبرون، پڇي پروڙيائون
(سامونڊي 17:3)

سدا وهن سامهان عاشق اتر هير
(رامڪلي 4:3)
لاهوتي لطيف چئي، آڏيءَ ڏين اُلير
(رامڪلي 6:7)
پنن جو پٽ ڪٽي، سو جي سڄاڻن
تہ بر ۾ بيڪ لهن، پهر نہ پنن ڪاپڙي
(رامڪلي 5:7)

چراٽي چيري سين، ڪارا ڪنائون ڪوڙا
(رامڪلي 8:1)
طمع جي تمام، مور نه اٿن من ۾
(رامڪلي 9:1)
جتان لوڪ لڄ ٽٽي، اُت آديسين آرام
(رامڪلي 9:1)
ڪنوٽي موٽي، آيل! آيا مون ڳري
ترڪ ما شغلاً جو، لينگ نه لانگوٽي
ڪمر بستا ڪاپڙي، ڪدين نه ڪاڇوٽي
باهر بارڻ سڪئا، بابو باهوٽي
پوءِ مَ ويڇوٽي، اني سين عنات چئي.
(رامڪلي 13:1)

جي پائين جوڳي ٿيان، ته پر جوڳيَ ڪي پار
(رامڪلي 1:2)
ڪويساها ڪاپڙي، پرٿا پراهين پند
هي هنين هند، هوءِ هليا هنگلاج ڏونه
(رامڪلي 5:2)
مرڻ آمنا جن، واحد تن نه وسري
ڪپر متي ڪاپڙي، اوءِ نانگا نند نه ڪن
اڪيون سنديون تن، اوجاڳي اُجاريون
(رامڪلي 7:2)

آنءُ پڻ تنهين ڪي، چنديان، ڪِهه اڪين سين
(مارئي 1:1)
ڏهه ڏونه ايي ڏي، سنيها جسيد چئي
(مارئي 1:1)
مارو ڏن نه ڏين، عمر جي اوصاف ۾
(مارئي 3:1)

ڪارنئان ڪڪا ٿيا، چراٽيا چيري
(رامڪلي 5:6)
جي پائين جوڳي ٿيان ته طمع ڇڏ تمام
(رامڪلي 4:4)
سو ڪنائون روپ، جٿان لوڪ لڄ ٽٽي
(رامڪلي 17:10)
نه گندا نه گبري، نه ڪڇ نه ڪاڇوٽي
سامين باري سُج ۾، بابن باهوٽي
(رامڪلي 5:10)
ڪڇي ڪاڇوٽي، نانگن هڏي نينهن جي
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي
سک نه ستا ڪاپڙي، لاهي لانگوٽي
اُنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري
(رامڪلي 6:10)
جي پائين جوڳي ٿيان ته پر گروءَ جي پار
(رامڪلي 3:4)
پريا پورب سامهان، راول ٿيا رند
هي جي هئا هند، آءٌ نه جيندي ان ري
(رامڪلي 31:1)
مرڻ مسلم جن، واحد تن نه وسري
متي سگر ڪاپڙي، نانگا نند نه ڪن
نيڻ سدائين تن، اوجاڳي اجاريا[1]
(رامڪلي 13:10)

چنديان، ڪِهه اڪين سين، پيرين رجهان هٿ
(رپ 2: وائي - 2)
ڪريو مهاڙ ملير ڏي، روءِ اُيي چوءِ
(مارئي 8:4)
عمر جي انصاف جا ويٺي واساما ڳاءِ
(مارئي 8:4)

---

[1] شايد شاهه عبداللطيف جو بيت نه هجي، مگر رسالي ۾ شامل آهي.

گهيٽــا ٻڪــر چــاريو، وريتيــون واريــن
(مارئي 3:1)
لڱنئـان لوهـہ لهـي پئـا، تئـو بنـد بـدا
(مارئي 5:1)
جـرڙا تئـو جنجير، ايءُ سـنيهو سـُٽي ڪـري
(مارئي 6:1)
اڪيـون آب اُڪنـديون، پنهنجـي ڪـوڻ ڪٽـن
(مارئي 7:1)
آڏيَ رات عنــات چئـــي، ســانيڪا سـنجن
(مارئي 8:1)
سڻ سيارچ ساڏوهيون ساريان منجهہ سرير
(مارئي 9:1)
اُني جي اوطاق، پسان [اڪيـن] شال عنات چئي
(مارئي 15:1)
وجــي آنءُ وطــن ۾، واســيان پنهنجـــا وار
(مارئي 1: وائي)
سـائون سيارچ مڪٽـي، سـاريان سـاڻ هييـن
(مارئي 1:2)
اونـي رات عنــات چئـي، آنـدي خبـر ڪـري
(مارئي 3:2)
پيرون چـُنديان پريـن سـان پلوءُ منجهـہ پـائي
(مارئي 4:2)
سوئي سـاريم سـومرا، جـو پـائر جـو پنهـوار
(مارئي 18:2)
سـرتين سـاڻ سمــن، اُنـُـي آهـر اُتهيـن
(مارئي 8:2)

ڇڇيــا ڇيڪــاريو ڇيلــڙا، پٽيــن پهرائيــن
(مارئي 4:9)
پيڙيـون نيئـي ٻـار، تـو تـان بنـد بـدا ٿيـو
(مارئي 21:10)
سـٽي سـاٽيهہ ڳـالهڙي، لهـي ويـا لوهـہ
(مارئي 10:11)
اڪيـــون آب پريـــو، انهيـــن ڪـــوڻ ڪٽـــان
(مارئي 6:11)
ســنجن ســانيڪن تــي وڏيءَ ويــر وهــون
(مارئي 9:8)
نٽيـن ننـد وهـہ تـي، سـاري سـاڏوهيون
(مارئي 11:10)
مـاروءَ جـي اوطـاق، گهٽـو اُڪنـدي آهيـاَن
(مارئي 25:10)
واسي وار نہ ويڙهيـان، مـر ڇڳـون رهـن ڇيـڙ
(مارئي 10:2)
سـائون سيارچ مڪٽـي، جيـڏيون آٽيـن جـال
(مارئي 5:9)
اُتـــان اونـــي آئيـــو، خبـــر ايَ ڪـــري
(مارئي 4:10)
پٽـي سـاڻ پتـار، پـائر پيـرون چونديـان
(مارئي 9:7)
ستيءُ سيئي ساريا، جـي پـائر جـا پنهـوار
(مارئي 4:4)
سمـــن ســـچاٽي، اُنـــي آهـــر اُن ســـين
(مارئي 24:3)
ســرتين ســاڻ سمـن، آهــر اُنــي مينهــڙي
(مارئي 18:6)

اتـان گهـُري گهــَري، چنـدا لاٽـي چـارٽين
(پريات 2:1)

سمــي ســامائي، چنتــا لٽــي چـــارٽين
(بلاول 6:3)

ڏاتــار ۾ مڱڻــي ڪٺــا ٻيلــي جــا ٻــول
(پرِيات 9:1)
سـاڻ نــہ نيـو سـگهڙين، پهـہ مــَتـي پرِيــات
(پرِيات 13:1)
راءِ رونجهــي ريلــي، ڏڏ جيــنءُ ڏهــر رجــائيو.
(پرِيات 14:1)
ٻيلــي ۾ ٻــاجهون ٿيــون، ســپ سـرهي ڪيــر
(پرِيات 3:2)
ونءُ داتــا جــي در تــي، ســرود ڪٺــي ســاڄ
(پرِيات 9:2)

ٻوليـون ٻيلـي جـون ڪـري، پاسـي پـر پيـو
(پرياتي 19:1)
نـہ ڪنهن نيو پاڻ سين، نـہ ڪنهن ڪيو ڳـڏ
(پرياتي 22:1)
سڄڻ سـانوڻ مينهـن جئـن رُجـون ٿـو ريلـي
(بلاول 13:1)
ٻجهـان ٻاجهہ تـَنـئـِـي، ٻاجهـاڻون ٻيلـي ڏٺـي
(پرياتي 11:1)
ويهہ داتــا جــي در تــي، لنگهــا لائــي لــڏ
(رپ 1: وائي)

•

هلو تہ تڪئا پسون تن جا، جي جهنگين جهونگارين
(پورب 8:1)
اوڏو تــي چئــو اونڻــن، ســنيها ســيڻن جــا
(پورب 1:2)
ڪانگــا قريبــن جــي، ڪــا ڳالهہ ڳريئي آهہ
(پورب 3:2)
ڳڻيــن پريــن رُنــام، اوڳــڻ رســي ســيڪو
(پورب 3:3)

جي راتو ڏينهن رمن، هلو تہ تڪيا پسون تن جا
(رامڪلي 1:3)
آءُ ســڻان تــون ٻــول، ســنيهو ســڄڻ جــو
(رامڪلي 26:1)
پريــا سـندي پـار جـي، ڪـانگل ڳالهہ ڳـري
(پورب 25:1)
اوڳــڻ رســي ســيڪو، ڳڻيــن پريــن رُنــام
(آسا 25:4)

•

سوپي! تــون ســُهاڳ ڪـي پـوري پـر مَ ڏيـج
(ليلا 6)
ليــلا! ليلائيــج، اتئــي مـــاڳ منــٺ جــو
(ليلا 6)
هار هٽـان مـون ڇڏيو، ڪـين ڇـَنيسر ڇتاءِ
(ليلا 8)

سوپي! ان سـهاڳ ڪـي، پـوري پــر مَ ڏيــج
(ليلا 11:3)
جــي ليلائــي نــہ لهيــن تــہ پــڻ ليلائيــج
(ليلا 21:2)
آءُ پرين گهر پيهي، ميان چنيسر، هار هٽان مون ڇڏيو
(ليلا 1: وائي)

•

تہ چـَني چارئي پوت، اوسـَهہ وتـي اڪريـن
(آسا 4)
رهــي نــہ رَتـِـي جيتـري، ڏنـي جـن ڏئـار
تــون تنــي ســين گهــار، اوڏا اڏي پڪــڙا
(آسا 5)

تــہ چــارئي چــادر پــاند، اوســا ڪئــي اُڪريــن
(آسا 43:4)
وينـــي جــــن وٽ، ڏڪنـــدو ڏور ٿئـــي
تـــون تـــن ســـين ڪـــٽ، اوڏا اڏي پڪـــڙا
(يمن ڪلياڻ 26:8)

هلي تن حضور، ڪوهه ولليـن وات سين
(آسا 7)
ننڍي وڏي ڳالهڙي، جوڙيو جمع ڪن
(آسا 8)
فڪر سين ڦيراءِ، تہ همہ ڪي حق چوين
(آسا 10)
لتاڙيو لوڪ ڪي، وجيو پرين پسن
مون تي اڪڙين، وڏا تورا لائيا
(آسا 11)
سڏي پاڻ سچو ڪري، عشق نہ ڪري آڏ
ايَ تان سائر سڌ، ڪئي جا قوال سين
(آسا 12)

تون ڪئن اڳيان تن، وجيو ولليـن وات سين
(پرياتي 9:1)
ننڍي وڏي ڳالهڙي، سچي تا سمجهن
(پرياتي 9:1)
ڏسڻ ڏسين جي، تہ همہ ڪي حق چئين
(آسا 10:4)
مون تي اڪڙين، وڏا تورا لائيا
تہ پڻ پرين پسن، ڪٺان جي ڪر سامهيون
(آسا 3:2)
ايڪ پيالو بہ چٺا، عشق نہ ڪري اڏ
ايَ جا ساعر سڌ، ڪيئي جا قوال سين
(يمن ڪلياڻ 3:4)

•

رنڊيا جني رهڙيا، محبت پائي من
تني سندي سٽ ڪي، صراف ئي سڪن
سي ڪٺي هڻ نہ وجن، ان جو گهر ويني ئي اگهيو
(ڪاپاتي 4:2)
ڪو وهہ ڪاپاتيين، جئن ڪتن ۽ ڪنبن
(ڪاپاتي 7:2)
پائي مال ارٽ ۾، ڪتين نہ ڪوڙي
(ڪاپاتي 9:2)

محبت پائي من ۾ رنڊيا روڙيا جن
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو
(ڪاپاتي 16)
ائـي پهر ارٽ سين، ڪتن ۽ ڪنبن
(ڪاپاتي 17)
پائي ڏور ارٽ ۾، ڪتين نہ ڪوڙي
(ڪاپاتي 7)

•

چوٽا تيل ڦليل سين، واسنگ ويڙهيائون
(مومل راڻو 1)
جوڳي تينءَ جهرڪئو، جئن چوڏهين ماه چنڊ
(مومل راڻو 5)
ڪاهي آيا ڪاڪ تي، لڙي لوڊاڻي
(مومل راڻو 9)

چوٽا تيل چنبيليا، ها ها، هو هميش
(مومل راڻو 1:3)
مڙهيا گهٽو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن
(مومل راڻو 2:3)
چوڏهين ماه چنڊ جئن، ڪيو سامي سهائو
(مومل راڻو 1:9)
ڪاهي آئيا ڪاڪ تي، ڏنائون ناتر
(مومل راڻو 11:2)

•

سمون سِنڌ سمن ۾، جکري جِهو نہ کوءِ
انو پهر عنات چئي، اُپو ايئن هي چوءِ
الا اچي کوءِ، ڏڏ وڏو ڏان گهري
(بلاول 1:1)
پاٽوندر پاتار ۾، جاءِ جکرو جُهار
(بلاول 7:1)
سمون سانوڻ مينهن جئن، رات وسي ۽ ڏينهن
(بلاول 8:1)

آءُ جکري جيهو، پُرس پسان کونہ پيو
وائي جنهن جي رات ۾ ڏيو ۽ ڏيو
وجي چو نہ وهو، ان در متي مڱتا
(بلاول 14:1)
کوه نہ جُهاريين جکرو، جنهن ڏيهہ ڍيا ڏيئي
(بلاول 9:3)
سڄڻ سانوڻ مينهن جئن، رُجون تو ريلي
(بلاول13:1)

ٻانهي ٻانهوٽي، کنيزک کيچين جي
(ديسي 2:1)
آنءُ گولي آهيان گل بوءِ، تون سجاڻج ساٽ ڏٽي
(ديسي 4:1)
سسئي اُت سيد چئي، ريڏي پسي روءِ
(ديسي 4:1)
آٽي اُت جهيڪئا، مهري مزمانن
(ديسي 5:1)
ٻانيڻ کي ٻروچ جو آسرو آهي
(ديسي 8:1)
کوءِ وجڻ وائي، هلڻ سهان نہ هوت جو
(ديسي 10:1)
ستيس تيلاهہ سرتيون، اديون هيس اجاڻ
(ديسي 1:2)
کوهہ کچاڙئا روءِ، جتن لئي نہ جاڳهين
ايينين چو نہ عنات چئي، جڏهن سونچل ساٿين سوءِ
ٻانيڻ چوءِ ٻروچ ڏونہہ، کيچ هلندي کوهہ
اِيَ پر کُپر هوءِ، جينءُ هوءِ سانگي تون سمهين
(ديسي 2:2)

کنيزک کيچين جي، ٻانهوٽي ٻانهي
(ديسي3:11)
گولي تيان گل بوءِ، جي سجاڻان ساٽ ڏٽي
(کوهياري 5:3)
بوتي ۽ بلوچ جي، رڙهي پسان روءِ
(ديسي 10:3)
مزمانن مهري، آٽي جهوکيا جهوک ۾
(ديسي 13:3)
ٻانيڻ کي ٻروچ ري ٻيلي ناهہ ٻيو
(ديسي 16:1)
هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ آءُ گهوريان
(کوهياري 3:4)
اديون آءُ اجاڻ، مون سڳ سجاڻي نہ کيو
(آبري 7:2)
ساٿين سئين نہ جاڳين، پوءِ کچاڙئا روءِ
اِيَ پر کُپر هوءِ، جئن هو سانگي تون سمهين[1]
(حسيني 7:4)

کرڙا ڏونگر کيچ جا، جت سُڄن نر نيلا
اچن ات عنات چئي، هيڪلي حيلا

وڏا وڻ وٽکار جا، جت نانگ سڄن نيلا
اَتي عبداللطيف چئي، کيا هيڪلين حيلا

[1] غالباً ميين شاهہ عنات جي بيت جون ٻہ مصراعون، جي جدا بيت طور رسالي ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

جن جا ور نہ وَسيلا، تن ہاناڙن ہيلي ٿئين
(ديسي 5:2)
آرياڻي جا عنات چئي، ڏونگر ڏينديءِ ڏس
(ديسي 8:2)
سندي چانگن چس، وجي پيہر نرنديءِ پبَ ۾
(ديسي 8:2)
ڏوري ڏُهہ عنات چئي ٽڪ تني لئي تاتِ
روجهن گڏي راتِ، هوت پچندي حب ۾
(ديسي 1:3)
سرهہ گڏبئي سسئي، سوڙهي منجهہ سهي
(ديسي 1:4)
آئين جي ورن واريون، وڃو سپ موٽي
(ديسي 5:4)
تتي ڪوسي ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي
(ديسي 10:4)
هئڙا ہاروچن جا، چوڏاري تو چاري
(ديسي 4: وائي - 2)

جت ڪڙم نہ قبيلا، اُت رهبر رسج راهہ ۾
(آبري 5:3)
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏينديءِ ڏس
(حسيني 43:12)
سنديءِ چانگن چس، پيہر نرنديءِ پبَ ۾
(ديسي 16:5)
روجهہ ڏنائين رات، هوت ڳولين‌دي حب ۾
ڪيچين جي ڪڙي ٿيي، توءِ تنين جي تات
(ديسي 12:5)
سرهہ گڏبئي سسئي، سوڙهي منجهہ سبيل
(ديسي 14:5)
وڃو سپ وري، آئين جي ورن واريون
(آبري 10:2)
تتيءَ ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي
(معذوري 7:5)
ڏنئي نہ ڏيرن جا، چوڏاري چاري
(ڪوهياري 12:1)

تنهن ڪي دل ۾ دوجي ڳالهڙي، مڱ نہ تسي مال
(سورٺ 4:1)

مڱ نہ تسي مڱڻو، نہ ملڪ نہ مال
(سورٺ 13:2)

تاڙي ڪي تـوار، پپيهل پتيو هيون
هارين هر سنپائيا، سرها ٿئا سنگهار
(سارنگ 1:1)
اُنا پٽ پراڻ جا، لڪڙي سامارو
(سارنگ 3:1)
سڄڻ هئڙا ڏور، مونکي مينهن ميڙئا
(سارنگ 4:2)
سرهيون سنگهاريون ٿيون، پيارين پهي
(سارنگ 13:2)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، تاڙي ڪي توار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
(سارنگ 8:1)
ونا پٽ پراڻ جا، ونيون سا ماري
(سارنگ 9:4)
جي پرين هئڙا ڏور، سي مونکي مينهن ميڙيا
(سارنگ 22:4)
سرها ڪيائون سير، سرهيون سنگهاريون ٿيون
(سارنگ 27:1)

جٿان گهـَڙي ٺـاِن گهيـڙ، اوتڙائيـن تـڙ ٺـئي
(توڏي 1:1)
سا ندي پاڻئي نيڙ، جهن اهڙي سڪ سيد چئي
(توڏي 1:1)
مهـاران مهـي، ڪاجـا پيتـائين پريـم ڪـي
تنهن سُرڪ مـُرڪ مستان ڪي، لڳس ڏڌ ڏهي
تان تان تان نہ رهي، جان پيرو نہ ڪيائين پاڻ ٿي
(توڏي 1:4)
هـادي لـڳ هنيـان، پچـج پـار پريـن ڪـي
جن اکين سڪ، عنات چئي، تن کهڙو ڏوهہ ڏيان
مـِهارن ميان! مونکي سنئون سُنهايو پيچرو
(توڏي 1:2)
ميـرا مـَنهــَن مـچ، سـانپاران سـاهڙ جـا
(توڏي 3:2)
لڌيس نينهن نڌاڻ، ناتہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي!
(توڏي 6:2)

ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙي، جٿن اوتڙا تڙ تيوس
(سهڻي 5:4)
نـدي تـن نيـڙ ٺـئي، جـي ريءَ ترهـي تـرن
(سهڻي 21:11)
ميهــاران مهــي پيتــائين پريــم جــي
اُرڪ سـرڪ سـيد چـئي، لڳس ڏوت ڏهـي
سـَگهي تان نہ سهي، مـِلـي جان نـہ مهار کي
(سهڻي 9:5)
گهڙو پڳو تـہ گهوريو، تـون ڪيـن تـر هنيـان!
ادب اکڙيــــن ڪـــــي، ڏيهـــاڻي ڏيـــــان
ميهــارن ميــان، ســنئون ســنهايم پيچـــرو
(سهڻي 11:11)
لـَــيا ڏنــم لار، ســانپاران ســاهڙ جــا
(سهڻي 15:7)
اي ڪم الاهي، ناتہ ڪـُنن ۾ ڪيـر گهـڙي
(سهڻي 14:3)

•

آن گنـدرو غريـب، رهـان ڪينجهــر ڪنڌيـن
توســين چــام قريــب، ڏن ڏينــدو ڏيــج ۾
(ڪاموڏ 9:1)

تـون تمـاچي تـڙ ڏٺـي، آءُ گنـدري غريـب
توسين چام قريب، ڪي ڏن چڏائي ڏيج مون
(ڪاموڏ 7:1)

•

جيلاهہ ڪوڙن منجهہ ڪکون، تيلاهہ پونر پٽڪن پال سر
(ڪارائيڙو 2)
چـِلڙ ۾ چنـج هٿـي، جـم پسـايين پـڪ
(ڪارائيڙو 8)
جو سر سرهو سوجهرو، هنجهہ هـُتيئي هـُون
(ڪارائيڙو - وائي: 2)

ڪوئنر پـاڙون پاتـار ۾، پونـر پـَـري آڪـاس
(ڪارايل 23:1)
چـلر ۾ چهنـب هٿـي، مچـي ڪيـن نــہ اي
(ڪارايل 27:1)
لـَلـِـي لنئي رات، سـِـر ۾ ڪيـو سـوجهرو
(ڪارايل 28:1)

مٿين مصراعن ۽ بيتن ۾ لفظن، فقرن، اسلوب بيان توڙي معنيٰ جي لحاظ سان بالڪل ويجهي مناسبت آهي. ظاهر آهي تہ ڀٽائي صاحب جي ميين شاهہ عنات جي ڪلام سان گهڻي محبت هئي، ۽ شاعريءَ جي واٽ ۾ ڀٽائي صاحب هن عمر رسيده بزرگ ۽ شاعر کان گهڻو ڪجهہ پرايو. ميين شاهہ عنات جي فقرن ۽ مصراعن ڀٽائي صاحب کي ايتري قدر متاثر ڪيو، جو هن اهي تضيمن طور کنيا ۽ پنهنجي بيتن ۾ انهن کي پوئي اسلوب توڙي معنيٰ جي لحاظ سان انهن کي ويتر وڌيڪ چمڪايو. نتيجي طور ائين چئي سگهجي ٿو تہ ميون شاهہ عنات اصولي طور شاعر هو ۽ ڀٽائي صاحب حقيقي معنيٰ ۾ مفڪر هو. پيش - رو شاعر جي حيثيت ۾، ميون شاهہ عنات بلند

درجي جو مالڪ آهي: اول هن سنڌي شاعري لاءِ نوان گس گهڙيا جي پٽائي صاحب پوءِ وڌيڪ سوڌيا ۽ سنواريا. شاعري جي وراثت ۾ ميين شاهه عنات ۽ ڀٽائي صاحب جو رشتو ڇڻ والد ۽ فرزند وارو آهي: بيتن ۽ واين واري سلسلي جي نئين تخليقي شاعري ۾ ڀٽائي صاحب ئي ميين شاهه عنات جو حقيقي جگر گوش ۽ جاءِ - نشين آهي.

خاتمو

ميين شاهه عنات جي ڪلام جي ترتيب توڙي سوانح جي تنصيل تي ڪافي توجهه ڏنو ويو آهي. اهي ٻئي پهلو ذرا پيچيدا هئا. پر گهڻي حد تائين انهن کي قدري سليقي سان سلجهايو ويو آهي. انهيءَ هوندي بہ مقدمي جي هن خاتمي لکڻ تائين ڪي نيون ڳالهيون ۽ نوان نڪتا ذهن نشين ٿيا. جن بابت هيٺيان اشارا ضروري آهن.

ترتيب جي سلسلي ۾، سرود ڏناسري جو فصل 4، جو قادري طريقي جي بزرگ شاهه خيرالدين بابت آهي، سو معنوي لحاظ سان فصل - 2 طور اڳ ۾ اچڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ شاهه خيرالدين سان ميين شاهه عنات جي عقيدت خاص طور هڪ مريد واري آهي. سرود ڏناسري جي فصل -2 جو [22] بيت، " تو سنپارا شاهہ ! ڪوڙين ڪرنشون ڪريان - الخ" (ص 22) پڻ غالباً شاهه خيرالدين بابت چيل آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان شاهه خيرالدين واري فصل هيٺ اچڻ گهرجي.

صحت جي لحاظ سان ڪ (زباني روايتن) وارا بيت تحقيق طلب آهن. جن مان ڪن بيتن جي اسان پويان "مختصر سمجهاڻي ۽ اشارن" (ص ص 237 - 294) هيٺ تصحيح ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح "سرود آسا" جا بيت پڻ تحقيق طلب آهن. 'شاهه جي رسالي' جي قلمي نسخن جي گهري مطالعي مان شايد اجان بہ ڪي اهڙا بيت ملن جي ميين شاهه عنات يا سندس سلسلي جي شاعرن جا هجن. مثلاً: 'رسالي' جي ڪن نسخن ۾ ڏنل 'سر ڏناسري' جو هيٺيون بيت غالباً شاهه بلال جو آهي:

منهن مناري سامهون ڏٺم نوري نور
پرن پاهر منجهہ تا ڪوڙين جت قنديل
حضرت جي حضور ۾، زاريون ڪن ذليل
سيد پير سبيل، تو پوچ پياري پهيڙا[1].

مرحوم قادر شاهه نصرپوري جي بياض[2] ۾ چاڻايل آهي تہ "تاريخ 27 شوال سنہ 1323هہ" تي شاعر بزرگ مصري شاهه مثال ڏيندي چيو تہ، "ميين شاهه عنات جو بيت آهي تہ:

تو نہ سئو سپرين، نينهن اڳئي شينهن
پوليو تہ پهر پئو، ستيو سانوڻ مينهن.

"مراد بہ اها فرمايائونس تہ نينهن شينهن آهي جي ٻاهر نڪتو زبان ڪان تہ ڪائي مارينديس، ۽ جي سيني ۾ هوندس تہ مثل سانوڻ مينهن جي فيض ۽ آبادي ڪندس."

سوانح حيات جي سلسلي ۾ هڪ اهم نڪتي جي وضاحت ضروري آهي. ڪن بيتن ۾ سمايل اندروني اشارن جي بناءَ تي، ۽ خصوصاً سرود ڏناسري ۾ ساڳري درياهہ ۽ شيخ موسي بابت اُهڃاڻن جي آڌار تي، بنده کي قوي گمان هو تہ ميين شاهه عنات ساگري جي ڪنڌي تي ئي غالباً سڪونت اختيار ڪئي، مگر جيئن تہ

[1] پيٽيو. سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [3] "مٿي نور نيلڪن جنهن کي آڏي ڪانهي ايل - الخ"
[2] هي بياض سندس پوٽي ميان قادر شاهه جي مهرباني سان مطالعي هيٺ آيو.

"تحفة الڪرام" توڙي ٻين عام روايتن ۾ ڪيس "نصرپوري" سڏيو ويو آهي. انهيءَ ڪري مٿي مقدمي ۾ (ص 21) اسان پڻ سندس سڪونت نصرپور ۾ ڄاڻائي: البت ساڱري جي ڪنڌيءَ تي سندس اچ وڃ ۽ اتي سندس قائم ڪيل پاڻ ۽ اوطاق جنهن ڪي سندس نالي پويان 'شاهپور' سڏيو ويو، ان جو تفصل سان ذڪر ڪيو آهي[1].

تازو حاجي بخش علي شاهہ کي اسان "شاهپور" جي نالي ۽ اهميت بابت پڇا ڪئي، جنهن تي هن خانداني روايتن جي بناءَ تي پوري وثوق سان تصديق ڪئي تہ ميين شاهہ عنات نصرپور مان لڏي اچي شاهپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي ۽ ويندي وفات تائين اتي ئي رهيو. سندس اولاد پڻ ڪافي عرصو شاهپور ۾ رهيو[2] جتي سندن ٻارهن مشهور اوتارا هئا، جي گهٽو پوءِ تائين پڻ قائم رهيا.

غالباً ميين شاهہ عنات اولادي ٽيڻ بعد جواني واري دور ۾ ئي نصرپور مان لڏي اچي شاهپور وسائي. جيئن تہ وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ جي غالباً ڪيس گهٽي سهہ ڪانہ هئي، انهيءَ ڪري پنهنجي جدا سڪونت اختيار ڪيائين. شاعر مصري شاهہ مرحوم جي روايت موجب وڏيري ڏهيسر پليجي پڻ ميين احمد شاهہ جي اشاري تي ميين شاهہ عنات جون گهوڙيون ترڻيون[3].

نصرپور مان لڏي وڃڻ بعد بہ هر جمعي ڏينهن ميون شاهہ عنات جمعي نماز اچي نصرپور ۾ پڙهندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ مرحوم مصري شاهہ جي زباني هيٺين روايت نقل ٿيل آهي[4]:

ميون شاهہ عنات رحمة الله عليہ جن جمعي جي نماز اچيو نصرپور ۾ ادا ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن پاڻ آيا نصرپور ۾ جمعي جي نماز تي، گهوڙا ٻڌائون مغلن جي نم هيٺ جو اتي سندس ڀاءُ هو ميون احمد شاهہ رحمة الله عليہ. پاڻ اُسهيا مسجد ۾. پنيان ماڻهن يعني مغلن هيئن ڪيو جو گهوڙن جون واڳون وڍي گهوڙا هڪلي ڪديا. پاڻ وري اچي نماز تان ڏسن تہ گهوڙن جون واڳون وڍيون پيون آهن. معلوم ٿين تہ فلاڻن واڳون وڍيون آهن، تڏهن سندن سنگتن مان ڪن چيو تہ، سائين هاڻ هن ڳالهہ جو ڪهڙو نياءُ ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ، بيت:

ڪنـــدو نم نيـــاءُ، نيـــاءُ پيـــو نم تـــي
ڪونہ رهيو پوياڻ، شهر وڪاڻي شاهہ چئي[5].

مرحوم مصري شاهہ جي روايتن موجب ميين احمد شاهہ جا ناناڻا مغل هئا، پر "شجره طيبہ" جي بيان موجب سندس ناناڻا ڇچر هئا، جو وڌيڪ صحيح آهي.

ميين شاهہ عنات جي شعر ۽ سوانح جي سلسلي ۾ هي حالات تازو دستياب ٿيا آهن جي هت قلمبند ڪيا ويا آهن. وڌيڪ پڇا ۽ ڪوشش سان ممڪن آهي تہ ڪي وڌيڪ اهڃاڻ ملي وڃن.

20 - جون 1964ع — خادم العلم
حيدرآباد سنڌ — نبي بخش

---

[1] ڏسو مٿي ص ص 26-27.

[2] جنهن ڏانهن مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" ۾ اشارو ڪيو آهي تہ: سندس اولاد 'ديهہ لڪمير' ۾ رهي ٿو. شاهپور وارو ماڳ ديهہ لڪمير ۾ ئي آهي.

[3] هن روايت ڏانهن مٿي (ص ص 34 - 35) اشارو ڪيو ويو آهي. مرحوم قادر شاهہ سندس مامي شاعر مصري شاهہ جي زباني هي الفاظ لکيا آهن: "شاهہ نصر الدين رحہ بہ گهر پرڻيا هوا: هڪڙو دلن مان، ٻيو نصرپور وارن مغلن مان. دلن واري گهر مان ميون شاهہ عنات تولد ٿيو ۽ مغلن واري گهر مان ميون شاهہ احمد پيدا ٿيو. انهيءَ وقت ۾ ڏهيسر نالي پليجو حاڪم ديهہ جو زور وارو هو. پوءِ هڪڙي ڏينهن سانوڻ جي موسم ۾ ديهہ پليجاڻي ۾ ميين شاهہ عنات الله جون گهوڙيون بہ سندس ماڻهو چارڻ لاءِ وٺي آيو پر ٻاڻن. خصوصاً شاهہ احمد جي تعصب ڪري مٿئين زميندار شاهہ عنات رحہ جون گهوڙيون ديهہ مان سندس ماڻهو هڪلي ڏنيون جو اتاهين ڪاهي ويو ديهہ ڳاهڪي ۾. اها خبر اولياءُ کي پئي تڏهن فرمايائين - بيت:
ڳاهڪي ڳڙ ڪر پليجاڻي پاءِ - الخ"

[4] هي روايت مرحوم قادر شاهہ نصرپوري "تاريخ 28 - ذوالقعد سنہ 1320هہ تي خود جناب مصري شاهہ مرحوم کان ٻڌي.

[5] پڻ پيشبو مٿي ص 33.

مـتـــن

ميين شاهہ عنات جو ڪلام

سر ڪلياڻ

فصل پهريون

[۱] اسين بندا تُهنجا، تون آسانهجو ڏڻي [ذق]
ڏنا ڏوهه بخشيين، خاڪين تان ڪٽي
مڙيئي ڏول نهارئان، جان هنيين ساڻ هٽي
تان سپنئان ئي گهٽي، رحمت تُهنجي راڄيا!

[۲] سائر لهريون، ريج وڻ، جينءَ سي پکين پک [ذق]
وڏا وڻ ويڙُين ۾، ڪير ڳڻيندو ڪک
اونهون ڏيهه عظيم جو، پيم تان نه پرک
ڏهان مٿي لک، آنءَ پال پلي جا پانئيان.

[۲ الف] آب تارا، ميهن ڦڙا، جن سڀ ڏنهن وٿان [ذق]
ڌرا وڻ، پٿر، پاڻي، واريءَ ذرا ڪيتا
شهر، بحر، بلال جيئي، جان هنيين ساڻ هٿان
طرح نه پيم طومار جي، ڪيڏانهن نظر ڪٿان
اونهون علم الله جو، آءُ پاڻي سڌو پڙهان
تيتهان ئي گهٽا، آءُ پال پلي جا پانئيان.

[۳] آوَڳڻ پائي پاند، پرين! آيس تو مٿي [ن ق]
تون پانهجيءَ ڪاند، ڪرِ ڳُڻَ اسان سامُهان.

[۴] آوَڳڻ آنتُ نہ ڪوءِ، تُونهين ڄاڻين سپرين! [ن ق]
آسَرُ آهہِ پوءِ، جينءَ اوڳڻ مَٿائي ڳُڻَ ڪرين.

[۵] پَلءَ جي پائين، تن جو خالق! خالي نہ ڪرين [ن ق]
گُهرون گهٽ(۱)، گهٽين پرين تن کي اُميدون آهين
آسَرَ تنهن آهين، جينءَ مڱندا تون نہ موٽائيين.

[۶] ڄاڻي پڄهي جي ڪمِ، ننيا وڏا ڏوهَ [ن ق]

[۴ب] پالَ پلي جا پانڌيان، اٿ گهڻا اپار [ن ق]
رحمتون رحيم جون، ڪوڙين لک هزار
بندا! بندگي، بلال جٺي، ڪر پرين جي پچار
جنہ صاحب ڏٺي ستار، پانهجي سين پاڄهون ڪري.

[۵الف] صاحبُ سدائين، جنپ جانڪيتان جيءَ ۾ [ن ق]
متچڻ وهين ويسرو، چاڪر تو چائين
پلءَ مهين ڪي(۲)، ڏيهاڙنو پائين
عالمُ آتائين، ستانا شريف جٺي.

[۵ب] ڪيم جي ڪلتارا سي پسيو پائي هاريان [ن ق]
مديون سپ معاف ڪرين، بخشين بخشڻهار!
صاحب در، شريف جٺي، آهيون اُميدوار
سپاڄها ستار! عيب منهنجا ڍڪئين.

(۱) ن. گهرئون گهٽ. (۲) پلو مهين کي (ڪذا؟)

تنشان اوباهو ٿئي، ربّ! تُهنجي تـوهَ
جي لکيا منجهہ لوحَ، سي ميان! تون ميٽائيين.

[٧] مِيان! تون ميٽائيينِ، ڪَئِہِ ڏوهَ ڪبيرَ [ن‌ق]
آلا! هن عاجزَ جا، سيئي ڪَٽ صَغير
بَرڪتَ مُحمّدَ ميرَ، پار پهتا پَهيڙا.

[٨] پار پهتا پهيڙا، شفيعِ سنياريو جَنَ [ن‌ق]
آگـي اڳاهون ڪئو، مَـگَـرُ متان تَـنَ
ذوق ۾ جَنَتِنِ، مُحمّدينِ موڪَ ڪَرِيين.

[٩] ڄاڻو ڪوهُ جمارَ، غفلت ساڻ گذاريين [ن‌ق]
پَهرا پُونِ پرينَ جا، سُتين کھڙي سارَ
پال پلي جا پاڻ تون، جينءُ پکَ پکيين، واري وار
سُهائي سَچ ستارَ، آتي ڪوه نـ اوريين.

وائي *

[١] منهجي سيّدُ سارَ لهندو، سونکي آهي اميد الله ۾
سجدي پَٽـي سُپريـن، زاري زور ڪـندو.
سونکي آهي اميد الله ۾

* ميان امام علي شاه کان مليل.

امت ڪارڻ احمد اچي، پرمل پاڪ پسندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
جڏهن صُور ڏَڪاءَ ڏيندو، اڪيون سچ ڪيندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
مهت ڏيندو مومنين، ات محمدؐ مير ملندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
'نَفسيِ نَفسيِ' سيڪو ڪري داتا ڏي ڊڪندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
اچي ات، عِناتُ چئي، بديون بخشائيندو.
مونکي آهي اميد الله ۾

فصل ٻيو

[١] "آلَستُ" ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جبارَ [ر]
رڙهي رهبر رسٺا، سي سُلُ مون نبيءَ يارَ
مُلڪين فَلڪين پڌرا، آڳي ڪٺا اظهار
ساڪن ڪٺا ستار، اوڏا سي، عِناتُ چئي.

[٢] ڪَبيرَ ڪٺامِ ڪيترا(١)، هئي هئي پاڻان هيجِ [ن ق]
سَهسين صَغيرَ وَٺا، ڏونگَرَ ريجَ آريجِ
ٻاجهہ سٻاجها سڏڙا، شفيعَ! تون سٺيجِ
ڪوڙن سندا ڪارٽي! رَهيس، ڏاڻ رسيجِ

(١) ن. ڪبير ڪيائين ڪيترا - الخ. ق. ڪيئم ڪوڙن ڪبير ڪيترا - الخ.

آسانهجي، عنات چئي، ڪٿهين (۱) ڪا ڪريج
سائينءَ لڳ سڃيج، اڪيون عاجز سامهيون.

[۳] شفيع ٿي سٽيج، هن عاجز جون آهون [ذق]
جيلاهه آجهو عالم آهين، اوناڀين ڏانهون
تيلاهه ڪٿان تو مٿي، ٻاڪاريو ٻانهون
آچان اوراهون، جي مان قرب ڪوٺيين.

[۴] ڪني سهاڻن ٿئي، عرب ڏي آڪير [ذق]
وڪ برابر هيڪڙي، لهن ڏوه ڪبير
روشن ٿيان ٿي ٿئي، جتي عالمن آمير
گهر تني جي ڪير، مرسل جني مَن ۾.

وائي *

درس قريشي! عرب ديسي! توکي رب سنڀالي،
ميان سائين!

اول نـــور نبيَّ جـــو، تـــاري ۾ رکيائين-
ميان سائين!

ڏسي ڏيهه ڏٿين ڪـي، 'آلتحيات' آتائين-
ميان سائين!

---

(۱) ن. ڪيٿهين
* ن نوڙي ق ۾ شي واني مارئي جي سُر عيث آهي.

منجهان بهشت بُراق سينگاري، پيا ملائڪ مُڪائين -
مِيان سائين !

آءُ موجن سين محمّدا! اِيَ توکي ذات ڏنائين -
مِيان سائين !

آدمُ، عالِمَ، عارِفَ، مُرسَلَ، سڀ خاطر تو خلقيائين -
مِيان سائين !

جت سَڀُ نہ ملائڪن جو، اُت گُجهاندر ڳَرهيَائين -
مِيان سائين !

جِنْبيِ جبرئيل سين، پاوَنْگِ پير ڏَريائين -
مِيان سائين !

ڳَس غُربَتَ، خاصِ خلوتَ، اُوپر چڙهِ اُتائين -
مِيان سائين !

عرض ڪري، عنات چئي، امت انعام لڌائين -

مِيان سائين !

سرود جمن

فصل پهريون

[١] مَٿي دائم دَرَنِ، آڻِينا عِناتُ چئي [ن]
تن جولِڪَ نہ لحظو لنگهئو، ڪِئو خلاف ڪَرَنِ
ويرو تار وڏي گهڻو، سندو شوق سَڄَنِ
سي پٽ رُوندا رَتُ وَڃَنِ، جن پرينءَ پرين سين.

[٢] مَڇُڻ روئين رَتُ، پاٽي ڳــاڙِ مَ پڌرو (١) [ن، ر]

[٢ الف] عاشقَ سڀيج ايئن، لِتون ليڪا ئج نہ ڪٽين [ن]
جيئن پَرو پَڌرُ نہ ڪيري، تَنَ ۾ رکج تيئن
سانڍِجِ گهڻو، شريف چئي، تهن نينهن نڀائين جيئن
تہ ميڙائي جا مينهن، وڃي ني وسائيين.

[٢ ب] ليڪ ميڪ سدائين توهي، پڌر وڃه ۾ پريتو (٢) [ذق]
جيئن پَرو پاڙيچي نہ پئي، تيئن ڪجهڙي تون روءُ (٢)
ڪر شڪرانا، شريف چئي، آدب پڌر اِهوءُ (٣)
ڪنهن کي ايئن ۾ چوءُ، تہ لگي پرت پرينءَ سين.

---

(١) ر. پاڻي ڳاڙ ۾ پڌرو، اندر روئيج رت.
(٢) هي ٻئي مصراعون ق ۾ ڪين آهن.
(٣) ن. پڌوني هوءُ.

اولـي اور، عنات چئي، سڪڻ ايُ شَرطُ

وَحدت گڏڏو وَتُ، مَڇڻ خبر ٿئي ڪَرن ڪي.

[٣] خَبَرَ ٿي ڪَرنِ ڪي، ته مانُ(١) ڪندا ڪوهُ [ن]

صُورَت سُپيرينِ جي، ڏِني ڪونهي ڏوهُ

لوري لڳِم لوهُ، جنهن مونکي رَت رُئاڙيو.

[٤] وَڃُ ۾ وات تَنهينُ، جتان ڪَرن وَهٽو [ن]

تهن پرسڪ سيرن ڪي، جين ۽ خير ٿئي ذڪنهين

سائي راه سنئين، جنهن ۾ نهمت نه ترِ جيتري.

[٢/ب] ايڪيج سيڪيج لوڪ ڪڍن، ڏيکي ڪم ڏورن جيئن [ذق]

جو مٽن مشاهدي ڳڌيو، سو قطرو سمان ڪيئن

سانڍيج گهڻو، شريف چئي، نينهن نهائين جيئن

نه ميڙائي جا سينهن، ويڻي ني وسائيهن.

[٢/د] نينهن اکيين سينئين، تو نه سٿو سپرين (٢)! [ذق]

ٻوليو ته ٻڌو ٻيهو، سٽيو سانوڻ سينهن

سنئون تني جو ڏينهن، سانڍيو جن، شريف چئي.

[٢/هه] روح ۾ ويٺا رون، ملاحظي مارهن جي (٣)

ڪا ٻچار ٻيرين جي، چوپائي نه چون

جن حقيقي حال ٿيو، سي ٻڌ ر هڏ نه ٻون

او حضوري هون، جن ايڏو بار، ٻلال چئي.

---

(١) ر. مان ڪي.

(٢) ق. تو نه سٿو سپرين، نينهن اکيين سينهن.

(٣) ق. ملاحظي مارهن جي، روح ۾ ويٺا رون.

[٥] اڻ چُوندَنِ ڪِيمَ چڙ، چوندن چيو وسارِ [ر]
انئي پهرِ عناتُ چئي، پَرِ اِهائي پارِ
پايو مُنهن مونن ۾، غربت ساڻ گذارِ
مفتي منجهه وهارِ، تہ قاضي ڪاڙيارو نڌئين(١).

[٦] رَهينَ پاس پِرينَ، تہ ڪوهُ طَبيبَ طَلَبئينَ(٢) [ن ق]
آندرِ جا، عِناتُ چئي، ڏيکارِ مَ ڏڏنِ
هٿئون حَبيبنَ، دِلِ جو درد دفع ٿئي.

[٦ الف] جهڙائيي حبيبَ، جي تون تنُ تهڙو ڪريين (٣) [ن ق]
تہ سدائين، شريف چئي، پڇين ڪوهُ طبيبَ
لڌون ڪَلّ قَريبَ، دَمُ دَمُ ۾ دوس اچي.

[٦ ب] دلِ دُروغين وَٽ، ويهي جيم وڃائيين (٤) [ن ق]
تن سين شامل ٿي ۾، شريف چئي، جي گهڙي اچن نہ گهٽ
اهڙا لکئ لَٽ، ڪر صحبت سچن سين.

[٦ ج] پَر پڌا، مَن ڪڌا، ڪَتهہ ڪتهہ جي ڪَرين. [ن ق]
سي پيئڊ ۾ پانهج پانهجا، جي دليون داڙ ڏڙين.
جي اهڙا ڪمَ ڪرين، تن سين شامل ٿي ۾، شريف چئي.

---

(١) ميان امام علي شاه ڪان مليل. (٢) ق. ڪوهُ طبيب طلبئين، جي رهين پاس پرين.
(٣) ق. جي تون تنُ تهڙو ڪرين، جهڙائي حبيب. (٤) ق. ويهي جم وڃائيين، دل دروغين وٽ.

[٧] دارُونءَ لئي ڪارُون، آنءَ نہ ڪندي ويڄ سين(١) [ن،ق]
ٻُڪي ڏيندا ٻاجھہ جي، نهاري نارُون
جن جون سِينءِ لَهَن سارُون، تن ڪان ڏُڪندو ڏورِ تئي.

[٨] ڪوءَ سِي ويڄ طبيبَ، دارون درد گھوريان(٢) [ن،ق]
جن جي ڪَل لهن قريب، تن ڪان ڏڪندو نہ تئي.

[٧ الف] ويڄن ويٺي آئيا، پرين گهر پيهي (٣) [ن،ق]
صحت جي، شريف چئي، ڪل ڪري پيئي
پيڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي.

[٧ ب] ويڄنئون وري، پرين پيهي آئيا (٤) [ن،ق]
صحت جي، شريف چئي، ڏينءَ تڪ تري
وينءَ لپ لري، جو پُڄڻ وارن پُڄهيو.

[٧ ج] عين آڻائي اڄ، پڇيائون، بلال چئي (٥) [ن،ق]
جنهن تَن تسيا ڪيا، تنهن روح پسي ڪيو رڄ
سور سويرئي ڀڄُ، مونکي پرين ساڻ پسائيو.

[٧ د] ڪريان ڪوه، قطب چئي، تن حڪيمن هاٿي (٦) [ن،ق]
جيڪي وهي وجود ۾، تنهن ڪَرَ تئون جاٿي
پرين ني پاڻهي، ٻُڪي ڏني ٻاجھہ جي.

---

(١) ق. 'آنءَ نہ ڪندي ويڄن سين، دارون لئي ڪارون'. هيءُ بيت 'شاهہ جي رسالي'، ۾ بہ من بہ پڻ موجود آهي. (٢) ق. دارو درد گھوريان، ڪوءَ سي ويڄ طبيب. (٣) ن. ويڄنئون ويٺي آيا، پرين گھر پيهي. (٤) ق. پرين پيهي آئيا، ويڄنئون وري. (٥) ق. پڇيائون، بلال چئي، عين آڻائي آڄ. (٦) ق. ڪريان ڪوهہ چئي، تن حڪيمن هاٿي.

فصل ٻيو

[ان] سَڪَر ساقي سِڪ، جا نہ آڇجي عامَ کي
سڀئي رهہ، سيد چئي، پي پيالي پڪ
ڏيئون جني جو ناٿہ سين، تني ڏني ٽڪ
لوڪان ڇڳي لِڪ، جي هوءِ حضورِ حبيبَ سين.

[٢] [ر] پيالي پريَن جي، مون کي پر ڪيو
ساقي! ان شراب سان پوري ڏي پيو
گهمان مست ٿيو، اڳيان دَرِ دوست جي(١).

[ان] [انق] پيالي پرين جي، ڏيکاريو ڏيو
مون متن مستان ٿيو، خمارئو ڪيو
آب انهيءَ آچ جو، پُر ڪيئو پيو
تہ جاڳيتان جيو، بقا سان، بلال چئي.

[ب ٢] [انق] عاشق زهر پياڪ، پسي وهہ وهسيا
ڪڙي ۾ قاتل جا، اصلان ئي هيراڪ
بازُو آنہ، بلال چئي، چارئي چڪن چاڪ
توئي آئت اولاڪ، تہ پڻ آهہ نہ سلن عام کي(٢).

(١) ميان امام علي شاه ڪدان مليل. (٢) شاه جي رسالي، سر ڪليان د ٢، ب ٢. ساڳي معنيٰ ۾ ساڳيي ڪافي سان لطيف جو بيت ذيل آهي تہ: "عاشق زهر پياڪ، وهہ پسيو وهسن گهڻو الخ"

[٣] پروڪو پرو، ڏنو موکي ستارن کي
تهن ٻارهي ماهہ پڏائيو، تہ هو سپاڙو سرو
ڳالهائي هون ڳرو، پر ساهہ ڏنائون ست ۾.

[٤] هٿ ڪٿيو سڏڪا ڪري، موکي ماءُ ڳري [ر]
نہ ڪنهن مارئا جنگ ۾، نہ ڪنهن سور ڀري
هاڏي رئان ڪيئن ڪري، مادر! ستارن کي.

[٣ الف] وڻُ وڻُ وڻيءَ ورترو، مستَ مستَ ملهہ پيو [انق]
قدر ڪيفَ ڪمال جو، پياڪن پيئو
سُرها سر ڏيئو، تا چکن مرڪ، شريف جٺي.

[٣ ب] وڻُ وڻُ وڻي ورترو، مستَ مستَ ملهہ پيو [قن]
اڄن درس ڏکان تي، ڪنڌ قبول ڪيئو
موکين موتُ ٿئو، بٺيءَ تي، بلال جٺي.

[٣ ج] موکي! ستارا آئيا، آئي هٿُ آيت [انق]
تهن جي ٻها وٺ، بلال جٺي، جو سنڌُ ساڏيوءِ مست
ساقي! ان شراب جي، وٺي ڏٺي وٺ
ميسين آهي مست، جي پروکو پياريئن.

[٣ د] ٿي سرو ٻڌ نہ سيڻکو(١)، مت جو ملهہ پيو [انق]
دارو دو-آستو (٢) تهن جو، ڪلالن ڪئو
پسي وٺڪ وهَ جي، ڏين خمار ٿئو
پرو تن پئو، جن قاتل پيتو، قطب جٺي.

---

[٤] ڏان [٦] تائين بيت ميان امام علي شاهہ ڏان مليل.
(١) ن. سنوڪو.
(٢) ن. دُ آستو.

[٥] ڪامي ڪوري وچ ۾، پتنگ وئا پچي [ر]
اُني وَٽِ آتِش جِي، سيڪا سُڏ سچي
مونٿو ڪونہ بچي، ڪامي سڀ خاڪ ٿئا.

[٦] اچي اُجهايو آڳ، ڪي، پتنگ ڪري پرواز [ر]
ڪامي خاڪ ٿئڻ جو، اُني وٽِ انداز
رمز پَروڙڻون راز، جيري جي جِيي جو.

سرود ڪنيات

فصل پهريون

تارا اوتارا، وڻيون وچائڻو پرين جو [انق]
سيئي اڳڻ آئيا، جي جي جا جيارا
پسي پيارا، اکين آسون پُنيون.

[ا] چوڏهن ڏائي چوڏهيون، توڻي چنڊهي سين تارن [انق]
پونهہ پات(۱) نہ سي پسان، جي سنڌا سپيرين

[۱ الف] آيهين پوڻهين اوهڻاو، جلوو [illegible] جونهي [انق]
اي [illegible] سوجهرو، شريف [illegible]، سڀ [illegible] [illegible]
جتي نور حبيب جو، [illegible] [illegible]
[illegible] [illegible] جونهي، حقيقت هن حال جي

[۲ ب] هيڪڙ چنڊي چنڊ جي، [illegible] سهڻن جو [illegible] [انق]
آجو [illegible] آکين تي، آني [illegible] آهه
[illegible] تون خالق! جوليهين، ڏيپ جني جو ڏاءُ
محبوبن [illegible]، ڪا سڳيءَ بات، بلال چئي.

[۳ پ] هيڪ چمڪي چنڊ جي، [illegible] جيهن سڳيڻو [illegible] [انق]
جهڙي ونڪ وچ جي، تهڙا نت سڄڻانون نين
ڏرونهن [illegible] سي ورئن، جي اکين آڻيا سڄڻين.

---

(۱) ق. پوڻين پات.

اُوئِسُ آنتُ، عِنات چئي، مُنهن ۾ مَحبوبَنِ
جهڙا ڏينهن ڏسَنِ، راتيون تيهي رنگ ۾.

[۳] راتِيون باتِيون چَنڊ سين، مَجِيان سُڪائُون [ن ق]

[۳ الف] هيءُ چنڊ اهڙئي، جو ڀَسي هُٺ حبيبَ کي [ن ق]
آڏِتَ! چِٽِ عجيب ڪي، ڏنم جو روئي
واريهين واءَ وصال جو، سپاجها سوئي
هيڪاندي هوئي، شال سانگ ۾ پوءِ، شريف چئي (۱).

[۳ ب] آءُ جي ڏيکين سَنيهڙا، سي سائينءَ لڳ سُڻيج [ن ق]
حقيقت هن حالَ جي، چنڊ! تون پرين چئيجَ
مقابل محبوب کي، اڳ ۾ آکيج
قرين ڪئيج، تہ سارهون ڪيٺو، شريف چئي.

[۳ ج] سارين سڄي رات، اکيون عجيبن کي [ن ق]
اوجاڳي نيڻ پيا، تن تني جي تات
آءُ نہ آکان عامَ کي، بالله سندين بات
پرين پَسيا پرڀات، ابندا سپير، شريف چئي.

[۳ د] چنڊ! چَئُن ڏسين جي، توکي نيي نگاهَ [ن ق]
سَنهسَ اٿارين عامهين، آنءُ کي آهي آگاه (۲)
الله لڳ اماڻجي، سڄيج سڄڻ سان صلاح
اندر جن جي آه، ٻئي آه، بلال چئي.

[۳ هه] چنڊ! چارني ٻار، آنءُ کي آهين اوڏڙا [ن ق]

(۱) شاہ جي رسالي، سر ڪنيات د – ا، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:
هُٺ جو تو پسي پرينءَ کي، هيءُ چنڊ اهوئي
آنت چٽيج ان کي، ڏيان جيو روئي
هيڪاندي هوئي، سانگ ۾ پوي سڄڻ.
(۲) ن. آن کي آهي اڳيان. ق. اڳيا آن کي ماه.

پرهه جو پانڌي پچان، اُڪنڊي اُئون
سڄَ سونهارا، سيّد چئي، خَبَرَ ڏجاهُون:
هت آهينْ اُتاهُون، هُت ڏو پَسين پرينَ کي.

[۴] چَنڊُ قُطب ۽ ڪَتيُون، سانجهيَ ساتيرا [نق]
ڏيا ڏيهه ڏٽينِ جا، مٿان موچارا
سُونهنَ تا، سيّدُ چئي، نُورَ تَجَلّي تارا
سَڄَڻَ سوڀارا، ٻيڃ ٻِني گَهرِ آئيا.

[۵] جينِ تو آندي جوت جليلَ کان، چنڊ پهنجيَ کاند [نق]
تي وِجهي سيڃ وصالَ جي، ڪَلي ڪارڻ ڪانڌ
ماڙِڪَ ٻاري مٿُون، جهيڻي پَلَڪن پاند
جَنِ هميشه هيڪاند، تَن سانگ مَ پئي، سيّدُ چئي.

[٦] چَنڊَ! تنهنجي ايَّ، مونکي آهي مَنَ ۾: [نق]

اللّٰه لڳ اسانهجا، ڏج سنيها سردار
ٻارهو انين پانهنجا، قطب چئي، قرار
آهيت جا آڌارَ، آڳهه! آهيو اکهين.

[٦] چَنڊَ! تهنجي سڪ، مونکي آهي من ۾ [ن]
منجهان سونهن، شريف چئي، پوچ جهلي تو پيڪ
نهاريندي نيٺر سين، هڏ نہ ٻگي هيڪ
جينءَ تون تارن ٽيڪ(۱)، تينءَ سٺ منهنجا سپرين.

(۱) اصل. جئن تون تارن ۾ ٽڪ.

اوٺــو آتــر سُپرِين، ڪِيـنَ مَرِبـو سِيُّ
جي جَڙيا منجهہ جيءُ، سي ڏسي تون ڏيکار مون.

[٧] چَنڊَ! تُـهنجي بات، مونکي آهي مَنَ ۾ [انق]
الله لڳــ، عِنات چئي، تون آچو منجهہ رات
تَنَ جنهين جي تات، سي ڏسي تون ڏيکار مون.

[٨] چنڊَ! تُـهنجا ويڻَ، مونکي آهينِ مَنَ ۾ [انق]
الله لڳــ، عنات چئي، اِنَ نياپي نيڻَ
سوِيرائِي سيڻَ، ڏسي تون ڏيـڪار مون.

[٩] ڪَـر چِنائـِـي چَنڊَ، سَهائـِـي، سَيد چئـي [انق]

[٩ الف] [illegible] آهيو چنڊ، ڪري سهائي [انق]
اِن ... ڏهري، شريف چئي، لاٿي اونداهي
جتي نور حبيب جو، آنهون آتِ ڌائي
وهٽي وائي، پيرو ڏيندا پرين کي.

[٩ ب] سيڻين سنبل، آيرندي چنڊ جا ڪري [انق]
آڌ پاڙيان اُن سين، ڪوڙيين پيا قنديل
[illegible] پسي تنهن کي، آڌي ڪانهي ايل
ڏٺيس جوت جليل، اهڙي سونهن، شريف چئي.

[٩ ج] آيرنو آڌت، ڪري سهائي [انق]
ويٺي نت نهاريان، جوڙس چٽائي
مون گهر منهنجا سپرين، آئين الاهي!
ته ڪر سهائي، بڌي بات، بلال چئي.

سَرَها ساڻِي پنڌَ تي، ڪِڙيا مٿي ڪنڌَ
جهن سورِچي مَنڌَ، لاهِيئي سو لوڪ ڏٺِي.
[١٠] پيشانيِ پريِنِ ڪي، پلائيَ جا پيرَ [انق]

[٩ د] چنڊين ڏسين، چوڏهين ڪنڊين، چنڊ جي سهائي [انق]
اڱڻ مٿي آئيا ڳنهي واڌائي
ڪيِ جا ڪاله، قطب چئي، پلن پلائي
چوڏس چيٽائي، محبوبن سلڻ جي.

[٩ هہ] چوڏهينءَ چيٽائي چنڊ ڪي، آنتان آنت گهٽي [انق]
تار نيڻون تيز ڪري، آڏتَ جي آئي
اوءَ پلڪ پيريان جي نہ پاڙيان، چائي هيڪ ڏٺي
مائيڪ پرن مٿيي، جن جيءَ قوس، قطب چئي.

[٩ و] چنڊ! تون پسين جيت، سدا سُپيرين ڪي [انق]
اڪيون پار عجيب جي، تن مُنهنجو تيت
قلوب منجهہ، قطب چئي، چارو پهر چيت
هائي اچي هيت، ڳالهيون ڇنج ڳجهيون.

[٩ ز] ڳالهيون اچي ڳجهيون، چنڊ تو چيئون جي [انق]
اوءَ مونکي آهين متن ۾، پڌايان نہ تي
سانديم گهڻو سرير ۾، سُپيرين جئون سي
اِيُ نيئي نياپو نيي، ڪارڻ ڏٺي، قطب چئي.

[١٠ الف] پيشاني پيلُ سوج (١)، پرن آڪاسين (٢) اڪيون [انق]
سندين سهائيي، شريف چئي، ڏي اونداهيَ اوج
پلي اڱڻ آئيا، اهڙا سهڻ سروج (٣)
جن ڪرن ڪيي نہي ڪوج، سي آڳي آڳاهان ڪئا.

---

(١) ن. پيشتوز. (٢) ن. آنڪاسيي، ق. آن ڪان سهہ. (٣) ن. سروز، ق. سروج.

سيئي اڳڻ آئيا، هنيين جني جي هير
لوڏامون(۱) لڪ لهي، جين ڏين پاٻوهي پير
سيئي سُرها ٿيا، جهن سڄڻ آيا سير
قمر پاڙي ڪير، شمس سُپيرين سين(۲).

[۱۱] چيو تاري جو ڪري، آيو چنڊ چڙهي [د]
ٻيئو اُت آڙي، پسي پيشاني پرينءِ جي(۳).

[۱۱/ب] ڪري پاڻ پرين سين، ناموديو نظرُ [ن ق]
آپيئو عرصات ۾، قطب جوءِ، قمرُ
چٽائيءَ ۾ چنڊ جي، پوکهي ڪُلَ پنُورُ
معافيءَ جو محضرُ (۴)، ليکايائون لطفَ سين.

[۱۱/ج] جلوو ڪري جهان تـي، آڌميئو عنڌبانُ [ن ق]
تنهن سين پندرهن ٿيون نه پاڙيان، جو سپيريان جو شانُ
ڪري ڪُرنشون، قطب چئي، آت ميڪوني سُلطانُ
ڪنڌ جني ڪُنڌرانُ، پاسي ۾ ٿيون پلڪ سي.

[۱۱/د] تجلو تارن اڪرو، نڪت نوراني [ن ق]
تنهن سين جوڙيان ڪون جهان ۾، جا پرين پيشاني
ٻئو خالق ڪون خلقئو، ڪو سپيريان ثاني
جتڪ پلا جاني، آونچي قد، قطب چئي.

---

(۱) ق، لوڏائون. (۲) شاه جي رسالي، مز ڪنبات، د-۱، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:

پلانيءَ جا پير، پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي
اڳڻ اڪنڊن جي، ڏي پاٻوهيَ پير
قمر پاڙي ڪير، شمس سپيرين سين.

(۳) ميان امام علي شاه ڪان مليل. (۴) ن، محضر.

[١٢] چنڊ چوڏِس اُڀري، سهسين ڪري سنگار [ن]
پَلَڪَ پرِيان جي نہ پُڄي، جي حيلا ڪري هزار
جهڙو سڀ جمار، تهڙو دم دوس جو(١).

[١٣] سِڄُ سُياڻي جا ڪري، تهڙي لالائي لڳَنِ [انق]
پَلَڪ پرِيان جي نہ پاڙيان، چنڊُ اي سين تارنِ
شمسُ سَهائي اگرو، مُنهن ۾ محبوبَنِ
ڪئين قنديلَنِ اگري، پيشاني پِرينِ(٢)
هِي جو جُلوو جوت سندين، تنهن‌تان ڪوڙين
قربانيون ڪريان.

[١٤] ڪَتيون رَتيون پاڻ ۾، منجهن ناهہ ڪَپَتِ [انق]
سِکو سڀ، سيّد چئي، تِنِي ڪنان مَتِ
گُوڙهيون گُوڙهي پِتِ، هميشه هيڪانديون.

[١٤] قطب تاري جيئن، آڇُرَ آهين سڀئين [انق]
اچن ڪيئن ادب منجها، سيري ساتيرن سيئن
پيئا آت، بلال چئي، نرتان منجهان نيهن
تن کي ڪتر ڪسيندو ڪيئن، جي طلب تاري کان مکيا.

(١) شاه جي رسالي، سر ڪنيات، د-١، ۾ هي بيت هن طرح ڏنل آهي:
چوڏهين ۾ چنڊ تون ايرين، سهسين ڪرين سينگارَ
پَلَڪ پريان جي نہ پڄين، جي حيلا ڪرين هزار
تون جهڙو سڀ جمارَ، تهڙو دمُ دوست جو.
(٢) ن. ڪئي قنديلن تي اگري، ڪا پيشاني پرين.

فصل پهريون

[۱] چانگا! چت منجهاءِ، مَڇُڻ ويڻُ وساريين [ان ق]
اوني جو، عِنات چئي، توکي ڏپ نہ ڏاءِ
وَني وَڳ منجهاءِ(۱)، ڪڏهن ڪرہَ ڪاهيندءِ
ڪاڪ ڏي.

[۲] تون نئيو ءِ ناقص، اڳيان بَرُ وڏو بارُ گهڻو [ان ق]
سلطاني سَراءِ تـي، راهَ رَڙنـدا(۲) پَـسُ
هت ويڙ چري ڪٿو ءِ وس، هت ريهون ڪاريندءِ راه ۾.

[۳] اڳ نہ ڪَسئو ڪرهو، هيڪ ڪَچو ٻي ڪاهَ [ر]
واڏان پـاسي وِرچـي، گـونـرو پَسئو گـاهَ
ڪٿيندڙي ڪاسن سين، ريهون ڪندين راهَ
اَت ڪانهي ٻي واهَ، جت واڳون وس ڏٿين جي(۳).

[۴] اَتَ! آٿاسو ڏو گُهمي، ڌو ڏوهي ۾ ٿاڏو [ر]
جت سجي ڏو جوءِ ۾، جنهن جو گهمي ڌو گهاڏو

[۱ ب ق] هڏي ناڪڙي نڪتہ ۾، ڪڏهن نوڏ تاڻيدا تو [ان ق]
جو پهنجو پاڻ پلاڻئو، تنہ نہ چوندو ڪو(۴)

---

(۱). ن. وني ورڪت منجهان، ق. وني وڳ منجهاءِ. (۲) ن ق. رڙهندا. (۳) روايت حاجي عمر چانڊيو، ڳڙهي مياڻ امام علي شاه ڪان مليل. ٻڙ هيءَ بيت شاه جي رسالي، مرديسي د- ٥، ۾ ڏنل آهي. (۴) ق. جن پهنجو پاڻ پلاڻئو، تن نہ چوندو ڪو.

تاڙ هٿنءِ تڪڙي، ڪنڌ سرواڻُ سياڻو

ميڙل اُتي مهري، تون ميا! چڏ ماڻو

آڏو نِي، عِناتُ چئي، ٽيندين نماڻو

جو لَس چڻءِ لاڏو، سا ويل ويندءِ وسري (١).

[د] سُوٽَ وڏي سيٽ، جهل ته لانڇون ڪرهو [انق]

سُڏَڏيڪو، سيڌ چئي، ڪَرها! اُتي ڪيٽ

ڪونڌچونڊئي قيتِ (٢) جي سڱون هنڌهن سرواڻَ سين.

ڪَسينڌءِ، قطب چئي، چڏيندءِ نه، چڱو

راتو ڏينهان رڱو (٣)، اي بوتا سڻو باتيون.

[٣/ب] ايندءِ ڪم، قطب چئي، اي بوتا منجهه بَرنِ. [انق]

آتِ اڪيئي ڳوٺا، پٻا چانڪا تا چرنِ.

جايون گهڻيون ان جُوءِ ۾ ٻي ڪانهي ڪونس ڪَرنِ.

سي ڏاڳها ڪيم ڏرنِ، ماڙ جني جي مصطفىٰ.

[٥] ڪَڙي ڪرهو، قطب چئي، واڳي جهل وهيتِ (٤) [انق]

متان چوڙيين چيڪ ۾، سور نه ٽيندو ميتِ

ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، اِن ميي (٥) ريئي رتِ

چانڪا ٻسين چيتِ، جي هٿين سنئون سرواڻ سهين.

---

(١) شاهه جي رسالي، مرثيات د - ٢ ۾ هيٺيون بيت ذَئل آهي:

اٺ نه وجي وڪ سين، چري نه لاڏو

ميي ڪي مجاز جو، ٽوهي ۾ ڏاڏو

پٺاري پاڏو، مرندي سين نه مٺيو.

(٢) ن. بيت (٣) ن. رڱهو. (٤) اصل. ڪُري ڪرهو، قطب چئي، واڳين جهل وهٽ.
(٥) اصل. مٺي.

[٦] دودَستيونَ دُوراَن، جنهن ڪي سيني سنگهر رُڪ جي [ان‌ق]
مَٿي آڪن آڪُڙي وينو منجهه وٿاڻ
جنهن جا اهڙائي اُهڃاڻ، سوهاڙهيو(۱) تون هٿ ڏيين.

[٧] ڏو ڏو نيرَ نهرا، پيرين پيڏَ پنجاهَ [ان‌ق]
آڪُڙئو آڪن تي، ڏي ليوئي لاهَ
جنهن ڪي سنئين ناه صلاح، سوهاڙهيو(۱) تون هٿ ڏيين.

[٧ الف] سڌو سنگهرون سيني ۾، تنهن ڪي پنجاه پيڏرين پاءِ [ان‌ق]
ڪنول جون ڪرهي، جنهن شاخون اچن نہ ساءَ
چانگو چيو نہ ڪري، مون نہ وهيٺو ماءَ!
تنهن ڪي واحد تون وراءِ، پهنجي ڪرين، قطب چئي.

[٧ ب] هيٺو هٿ وتيڪ سو، متو تو مڪراءَ [ان‌ق]
سڌو سيلهيي سوکها، تنهن ڪي نيرَ نهرا پاءَ
ڪرهو ڪين، قطب چئي، متان چانگو چرهو ڪاءَ
پهارج بر جاءِ، اهان نيو ايءَ نقاش ۾.

[٧ ج] سيٺ سوٽ سوکها، پاتم ڪرهي ڪٺين [ان‌ق]
ليڙو لائي ڏسو، پوءِ نيئر ساڻ نٿين
چانگو چيو نہ ڪري، تنهن ڪي صاحب وجهہ سٿين
اوباهيوس آئين، ڪنهين پٽ، قطب چئي.

[٧ د] ڪڏاتورو ڪرهه، ڏي ماڻهي تي ماڻهي [ان‌ق]
ايٺيءَ مٿي آڪڙي، آڪہ ٿيئي آهي
ناحق نيرَ پچئو، آٿُ تو آڙاڻهي
ڏاتوري ڏتارنو ڪيردارُ ڪهاڻهي
جا ول ورهائي، اوڏو وانءِ ۾ آن ڪي.

(۱) اصل. هتاره

[٨] ڪانئي نہ ڪٺهار، چندن جا چوپا ڪري [اِنق]
آڳر(١) اوڏو ئي نہ وڃي، سَرڪَنڊ لهي نہ سار
لاٽِيَ جي لڳارَ، مِيو مٽارو ڪيو(٢).

[٩] چالَ مَ جُهڪي سوڌ، مَيو مَٽارو هُئي [اِنق]

[٧ هه] ٿيو ٽَرڙيري توڏو، مٿي آڪَنَ آڪڙي(٣) [اِنق]
نِيرو پاڻي نيهرو، پَتَڏُ گونڊري جو گوڏو
ڦيڪي ڦُلي جنهن جي، آنَ مَ تنهن اوڏو
تہ لَهِي نہ اوڏو، ڪَسَنَ ويل، قطب چئي.

[٧ و] ڪي ون پَسي ڪرهو، ڏاري چڏ مَ ڏيلو [اِنق]
ڏسيج ڏيهہ ڌڻين جــو، هئي زوراورُ زلو
ٿيُ سروانڻ سوکهو، ڪيچ پوڻي جو پيلو
رڪانئج رهڻ ـ واتَ م تهن چانگي کي چيلو
تہ محبوبن ملو، قراربن، قطب چئي.

[٨ الف] ڪَرهي مندي ڪَرَ، پيئي نہ ممد سروانڻ ڏي [اِنق]
سَرڪنڊون، شريف چئي، ڦريو، چَري ڦر
اِنَ ايڏي سين پَرتَ، ويئو آهي وڪ پر.

[٨ ب] چري گل گلاب جا، جايُون پڻو جتبات
اٿين آڪڙو ون جي، تنهن توڏي کي تات
نيزا، نباتون، ناگپيل ول، روڙي(٤) آيو رات،
اِن ڪرهي جي، قطب چئي، جت پروڙج ذات،
پوءِ ڦٽي پريات، هيءُ اکيين آتانهين آئيو.

---

(١) اصل. عطر. (٢) ق ۾ هيءُ بيت ٧ الف بعد درج ٿيل آهي. ۽ هيءُ بيت شاهہ جي رسالي، سرڪنڊ د - ٢، ۾ ڏنل آهي. (٣) ميان بخش علي شاهہ جي روايت موجب: "آڪ پڙوي اکن تي، تو پڙي تو ڏو". (٤) ن. روڙهي.

چارئين (١) چَندن ڏارِيون، تازيون تو هِي توڙَ
پُويو پائين پَٽَ ۾، ڪوڙيون منجها ڪوڙَ
جن لاڪيڙي لوڙ، تان نه تَرسهُونْ تِنِ ڪي.

اجهان ڪَره ٻِهاڻ، ڏَٺين ڏُٺي هَٽ ڪئو [١٠] [ق]
ڳِچِيَ ڳَانا، مُنهن ماڻڪيون، پُنِيَ پاڪ پَلاڻ
پرين چڙهندا پاڻ، والي ٿيندو وڳَ جو.

ڪَچو پَڪو ڪرهو، ڪَهَ ٿيندياڻي ڪانَ [١١] [ر]
سوڌهون جو سات جو، سو مهند لهندو مانَ
هي هتي جا هاوانَ، هت آهڪي ناه، عِنات چئي (٢).

[٨ ج] اوڪاري الاچيون، آڻيو ڪٿوري ڪاءِ [ذق]
اصلان ڻي نه آئيو، انگهڻ تنهن جي لاءِ
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، تنهن ڪي جت جتاءِ
ميو تيلانه ماءِ، تو ڪوڙ ڪري، قطب چئي.

[٩] پُويو پُويو پائيين، لائن جون لارون [ذق]

---

(١) چارئين = چارڻين، يعني آءٌ توکي چاريان. (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو ۽ ٻن ميان امام علي شاهه کان مليل. ميان امام علي شاهه جي روايت موجب "هتي جا هاوان، اڳيان ڪانهي اهڪي، عنات چئي". هي بيت، شاهه جي رسالي، سُر ديسي د- ٥، ۾ ڏنل آهي، ۽ ٻئي سنڌ ۾ سگهڙن وٽ مختلف روايتن سان مروج آهي، جي هيٺ ڏجن ٿيون:

ڪَهَ ٿيندياڻي ڪانَ، ٿُر نه ڪاڄو ساٿيا!
اهي آهن هتي جا هانگار، هت ڪانهي اهڪي، عنات چئي.
(روايت سالار چانڊيو)

ڪَهَ ٿيندياڻي ڪانَ، ستو ٻوٽندا ساٿيا!

(باقي حاشيه صفحي ٢٦ تي)

فصل ٻيو

[١] ڪامون سهه م ڪرها! ٻانڻا سهه م ٻٽ! [١]
الله لڳ عنات چئي، هورين هل م آٽ!
پرين پرچايون رٽ، جن وڏوٽي وره ٽئا (١).

ميا! موتي جنه ۾، سي وڄهين مهارون(٢)
سونهري، شريف چئي، ڏُرنگ تنه تارون
چوئو چندن چاريين، لٽيي سپ سارون
ڪرها! سچ ڪارون، ت هونديءَ رات هٿ ميڙ هئون.

(هلندڙ حاشيه صفحي ٢٥ جو)

بورائو بهشت جو، اڇي سُوٽ لهندو مان
اهي سپ هتيجا ها ڪار، هت ڪانهي اوڪي، عنات چئي.
(روايت خليفو محمود نوحاڻي)

ڪنهن ٿينديانءِ ڪانءِ، سهڪي آئين سائيا!
سائين جو سات وڏيرو، سو ٻهت لهندو مان
هي سپ هتي جا هاڪار، اڳيان ڪونهي اهڪ، عنات چئي.
(ديواني شاه جي درگاه جي مسجد جي
ديوار تي سؤ ڪن سال اڳ جو لکيل)

ڪنهن ٿينديانءِ ڪانءِ، سوڪي پانجاه سائيا!
سونهون اڳيان سات جو، اڇي محمد لهندو مان
هي هتيجا هل هاڪار، هتي ڪونهي اهڪ، عنات چئي.
(روايت حاجي عمر چانڊيو)

انهن عام روايتن موجب هيءُ بيت ميين شاه عنات ۽ شاه عبداللطيف جي آمهون سامهون بيتن مان آهي. (١) هيءُ بيت خليفي محمود نوحاڻي ڪان مليو. شاه جي رسالي (سرڪاري ڇاپو)، سر ڪنڀات فصل ٢، ۾ اٿ هيءُ بيت ذنل آهي جنهي آخري مصرع جي پڙهڻي هن طرح آهي: "ت پرين پرچائي رٽ، جن وڏوڙي وره ٽئا". (٢) اصل. وڄهين سي مهارون.

[۲] ڪامونءَ سھہ ۾ ڪرھا! بانئا ڪيمَ ھٺاءِ [ن]
اللہ لڳ، عنات چئي، وڪ وڌندي پاءِ
پرينءَ سي پرچاءِ، جنِ وڏوڻي وَرِہ ٽٺا(۱).

[۳] چَرھو سَرھو سَقُرو، چندنَ چارِيين جاءِ [ان‌ق]
مَيا! مائو ۾ وَھينءَ، ھَل حبيبن لاءِ
ڪَرھا ڪُرَ سَنداءِ، ڪَسئا تہ رَسئا.

[۴] لَڪ لاڪيٽو آڳرو، ڪوڙيونءَ ڏيٺي چوڙ [ان‌ق]
اِھڙي سَٽ، سيدُ چئي، جينءَ ٽينءَ ڪَري جوڙ
تُرتَ رَسَندو توڙِ، جو پلاڻٿو پرينءَ مٿي.

[۴ الف] ھل تہ ھيڪاندو ٽئين، ڪرھا! وجھہ ۾ ڪاٺ، [ان‌ق]
جيڏانہ عالم آسرو، تون توڏ! تيڏاھين تاڻ،
ڪاميل آت، قطب چئي، ڀھجانجاھون ڀاڻ
تہ رات ھيي ڪريون رھاڻ، ھٿي ھٿليي حبيب سين.

[۴ ب] سآئي رات ھيي وجي رَسئا، جي تنھين جو جوٽُ [ان‌ق]
آناما! اللہ لڳ، منزل تان ۾ موٽُ
ڪڍي چڏج، قطب چئي، خاطر منجھان کوٽُ
اچان تون آپوٽُ، ڪيجائين ڪنڪام سين.

---

(۱) ھيءُ بيت خليفي محمود نوحاڻي کان مليو، ۽ سندس روايت موجب آخري مصرع جي پڙھڻي: 'پرين سي پرچاءِ، جن ڏمري ڏينھن ٽٺا'. شاہ جي رسالي (سرڪاري ڇاپي)، سرڪنيات، فصل ۲، ۾ پڻ ھي بيت ڏنل آھي، جنھن مطابق آخري مصرع جي پڙھڻي ڏني وئي آھي، البت لفظ 'وڏوڙي' کي 'وڏوني' ڪري لکيو ويو آھي.

[د] پيشانيءَ ۾ پرين جي، چانگي رکيو چِت [د]
نيتَ چِنايو نتُ، اَيِو اوڏاهِينَ اُسري (١).

[٦] ڪَرها! چَرِجَ ڪيمِ ڪينَ، وليون اِيَ وهينَ (٢) [انق]
توڏا! تاڻيندءِ تَڪڙو، اصل آهِ اِئين (٣)
محبوبن جي ملڻ جي، رک حاضر منجهہ هيين (٤)
هُت معلومَ مِيينَ، بوڏا! تهنجون ٻاتيونَ (٥).

[اب ش] ڪرهي ڪا، قطب جني، چانگي آئي چَسَ [انق]
پسڻ ڪارڻ پرين جي، تو وڏا ڪري وَسَ
او سونهي (٦) آيو ڪَسَ، جايُون جنهين جوءِ ۾.

[اب ش] جاين سندري جُوءِ ۾، چانگي لايو چارُ [انق]
سدائين سرڪند جو، سترُ چري ڏيهاڙي ڏارُ
اعڙي ڪرهي، قطب جي، صاحب آهِ سوارُ
آو اٿ ڏيندو آلتڪارُ، پهچائيندو پرين کي.

[اب ف ٦] ڪرها چرج ڪيمِ ڪينَ، ليڙا اِيَ لائيي [انق]
ڏينهين آهُرَ ايلاچين جي، پنو سرڪند سچائيي (٧)
ڪَرڙلن جي، قطب چئي، اج مَتهي مهمائيي
جهَڙيُ جا جوهر جي، اوءِ پايٽيِن پَلائيي
وِهه ۾ وِهائيي، هل تہ گڏجهون دوست کي (٨).

---

(١) ميان امام علي شاهہ ڪان مليل. (٢) ن. ايُ وِهِي. ق. وليون ئي وِهِينُ.
(٣) ن. اصل آهي ائين. ق. ڪيڏي توري ڏيهين. (٤) ق ۾ لفظ 'رک' ڪونهي. (٥)
اصل. معلوم آهہ. (٦) ق. سونهين. (٧) اصل. تہ آئي ڏينهن آهُر ايلاچين جي، پنو
سرڪند سچائي'. (٨) ن ۾ ٻئي ڪنهن صفحي جي حاشيہ تي هي بيت هن طرح ڏنل آهي:

ڪرها! چرج ڪير ڪي، ليڙا اِيَ لائي
ڪر چاهہ چندن سين، سرڪند سچائي
ڪرڙلن ۽ ڪافور جي، توکي ميا مهمائي
وِهہ ۾ وِهائي، هل تہ پسيهُون حبيب کي.

[۷] کهڙي چاريئين(۱) ڪرها! سَندي سَر ڪنڌ شاڪَ [ن ق]
آڏيو آهَر ۾ ڏيئين(۲)، ڊَسا پايو ڊاڪَ
موتن گُتو مُهرو، لنڪڻ لوڏيئين لاڪَ
برِ ۾ ڦُنائج باڪَ، تہ ڏِڪي مِلهُون ڍولَ کي.

[۸] رات سَهائِي، پُونْ سَنئين، تيزين سرّ جوانَ [ن ق]
وَنْڪا وَڇيرن تَي، سُرْتَا آپ سجانَ
گهوري تَن وجهانَ، وجهي هنيين هڻن سين(۳).

[۹] سوارَ سَرتا، چوڏَس رَينَ، آنڻ ڪاهيا ڪيڪانَ [ن ق]
پِههَ هيڪڙي پاڻ ۾، جاڳيا رات جوانَ

[۶ ب] سڪين هڻين(۴) سرواڻ ڪري، ليڙا ڪنهين لَل [ن ق]
ڦوڪ ڦرائي ڦرڏيهه ۾، تنهن جي ڪر، قطب چئي، ڪَل
ڏاتُوري ڏُتارئو، پاڻ تنان نسي پَل
جا ورهائي وَل، اوڏو وانءُ ۾ آنَ ڪي.

[۹ الف] چوڏَس چڙهي، ڏَر سَٽين، پاتانون پلاڻ [ن ق]
آتڃ(۵) عراقي پنڌ ۾، مٿن جوپ جوانَ
ڏيوڙن ڪهَلون چت ڪيون(۶) آت اکا ڦيرن پاڻ (۷)
ڏئر ڪيجاڻي آئيا، قطب چئي، ڪيڪانَ
پلنگ ويڻا پاڻ، اوءِ ڍول ڏيکي کُنر آئيا.

---

(۱) اصل . چارئين . (۲) اصل . ڏيئين . (۳) ن. گهوري تَن وجهانَ، وجهي هڻي هڻتيس، ق. گهوڙنين تين وڃهانَ، وجهي هڻني هڻن سين'. (۴) ق. سڪي هڻين.
(۵) اصل ن ق ۾ انين آهي، ۽ انهي لحاظ سان ’اصح عراقي‘ جي معنيٰ ٿيندي ’صحيح نج عراقي نسل جا گهوڙا‘. شاه جي رسالي ۾ ’آسپ عراقي‘ محاورو عام آهي. (۶) ن. ڏورن ڪنهون چت ڪيون. ق. ڏورن ڪنهو چت ڪيو. (۷) ن. ڦيرن ق. ڦيرن.

آچن آوءِ، عنات چئي، جين ءِ ڪرڙي ڪان ڪمان
ڪامل ڪنت سڄان، پيچ پني گهر آئيا.

[١٠] رات سهائي، پون سنئين، پائي گهرجي پل [ن،ق]
آگر(١)، انب، ايلاچيون، چندن ڪايو چل
مون توهي(٢) سين ڳالڙي، ٻئي ڪنهين سين مسل
ها هر ڪندو هل، ته ڪجاهيون ڪرن ڪي(٣).

وائي

ڪا جاڳالهه ڪيائون، يا الا! مون من تهين موهيو. [ن]
حال حقيقت، منهن معرفت، ڏسي ذات ڏنائون.
يا الا! مون من تهين موهيو.
زر خريد جهان ۾، انسي جي آئون.
يا الا! مون من تهين موهيو.

[ب-٩] تهه تڙ ڪين(٤) تيز ڪري، واءِ جيئڻ ءِ تا ورن. [ن،ق]
پلانين پهه ڪيئو، متي ڪوٽ ڪرن(٥)
ڪنت ڪثوري، چوڏس رين، مالڪ مٿين پرن.
ايندي ره، رنگريز چئي، خبر تني م ڪرن.
اچي ڏول ڏرن، اڱڻ آڪنڊڻ جي.

[١٠] چوڏهينءَ چٽاني چنڊ جي، سهاني سترس [ن،ق]
پونيهي ماه پند ۾، چانڪي ڏنيم چس
قدم ساڻ، قطب چئي، تيهن ڪرهي لاٽا ڪس
رات رهاڻي رس(٦)، آيو پاڻ پرين سين.

(١) اصل. آڪرن. (٢) اصل. توهين. (٣) شاهه جي رسالي ۾ سر ڏينهات ۽ - ١١ ۾ هي بيت ٿوري لفظي ڦيرگهير سان نقل آهي. (٤) ق. ته تڙڪي. (٥) ن. ڪوٽ ڪرن. ق. ڪوٽ ڪرن (متي ڪهوٽ ڪهرن؟). (٦) ن. جو رات رهاڻي رس.

سرود سراڳ

فصل پهريون

[١] جڏهن جَرَ ڏُونگھ جهازَ جُنبيا، ڪَري ياد جَبّارُ [ان ق]
اکيُون وڏائون الله ڏي، پئو وِساري پارُ
سَنپاريائون، سيّد چئي، اُمّت جو آڌارُ
تيلانگھ بصري لنو بارُ، سُتَرُ ساموندين جو.

[٢] قيمت پِري ڪوءِ، آلا هارَ آهارين (١) [ان ق]
سَنئُون ٿئي، سيّد چئي، جَرَ ۾ جَهازوءِ

---

[١] جڏهن 'تون' هي 'تون'، تڏهن سڱو سڌ سُرراڳ جو [ان ق]
پئيو پُٽ، بلال چئي، نہ ڪجهي رتَ رکيون
سڱي لهڻ سُرود جو، لئون لئون وڃي لئون
تيهان پيڙَ ٿيوسون، پسي تن پرين ڪان.

[٢] رکي توڪل تن ۾، پوريين جوڙ جهازُ [ان ق]
آئي رکج ان تي، ساري سيونَي سازُ
ڪنج ڳهئو، قطب چئي، ڪيج 'آلا' 'آلا' آوازُ
تہ سُورهين تُنهنجو سڪُرو، بالله، نہ ڪائي بازُ
سنڀالج شفيع کي، تہ متعلم پوءِ مجازُ
رهي تُنهنجو رازُ، جيڏانان جتس پيرائيين.

---

(١) ن. الا آر اهاريين.

سامونڊي سندوءَ، جڏي ۾ جَسُ رهي.

[٣] توهَ جي وَٽ طَرازَ، پاءَ آسبابُ اِخلاصَ جو(١) [ن ق]
متان ڪِي مَنُ لوڏِيِن، پَسي جُنگَ جهازَ
عَدَنئانُ(٢)، عنات چئي، تُهنجي حاصل ٿئي حاجَ
جُه ناڪُون ٿيوُ نوازَ(٣)، تہ آگهُہ مڙني هيڪڙو(٤).

[٤] تن ۾ توهُ طرازَ جو، گهِٽو رَکِجَ گهوري [ن ق ر]
ادب ۽ اخلاص جو، سڙه پڏج سوري
وَکَـرُ وينَتينِ جو، تَهنُ ۾ پاءَ توري
تہ عَدَنئانُ اوري، تُهنجو تَوائي نہ ٿئي(٥).

(١) ن. 'توه جي وٽ تراز، تنهن ۾ پاءِ اسباب اخلاص جو.' ق 'پاءِ اسباب اخلاص جو، وٺي توءِ تراز.' (٢) اصل. عادنئان (٣) ن. جو ناڪون ٿيو نواز، ق. جه ناڪئا ٿيا نواز.
(٤) شاه جي رسالي، سرراڳ د - ٥، ۾ هي بيت هن طرح ڏنل آهي:

تنهن ۾ پاءِ اسباب اخلاص جو، توه جي وٽ طراز
متان ڪِين من لوڏيهن، پسي جنگ جهاز
عادنئون، عنات چئي، حاصل ٿيئي حاج
ناڪئا ٿيءِ نواز، تہ اگهہ مڙوني هيڪڙو.

(٥) شاه جي رسالي، سرراڳ د - ٥، ۾ هي بيت لفظي ڦير ڦار ۽ هڪ وڌيڪ مصرع سان ڏنل آهي جنهن جي آڌار تي ن ۽ ق جي روايت ۾، جا هيٺين طرح آهي، اضافو ڪيو ويو آهي:

تن ۾ توه طراز جو، گهٽو رکج گهوري
وکر وينتن جو، چاڙهج منجهہ توري
تہ عدنيئان اوري، تُهنجو توائي نہ ٿئي.

رسالي جي روايت موجب ٻئين مصرع ۾ 'گهٽو ابه گهوري' ۽ آخري مصرع ۾ 'عدنئون اوري' آهي.

[٥] نئين بنائج نـاڪئا، پيـڙي پرُاڻـي [ر]
ڪپـر ڪاروٽيار جـو، پَڇاڙي پاڻي
سالم ونج سڦرو، ڪـو سودو سُڪاڻي
اِن پرَ جي آڻي، ڏوير وڙهنديئي ڪينڪي(١).

[٦] قرقُـلَ، قـوٽـا، پارچا، آگَرَ ۽ عَنبير [ر]
ڌهڙو وَنج وڏي ڪري، وجهہ وڻجارا وير
پُني ياڙ ۾ مَڪُري، اڳيان سائرُ سُڄي سير
ڪونهي آهک، عنات چئي، جرَ جوڪاري نيرَ
گَبيرِ تني جي ڪير، سات جِني جي سڄيون(٢).

[٧] قَـرقُـلَ، قوٽا، پارچا، پاتائـون پڙيون [ر]
اُني ڪي، عناتُ چئي، ڦير نہ ڪَن ڦڙيون
جي ڇهي منجهہ ڇڙيون، سي ٻيڙيون رَکين پاجهہ سين(٣).

[٨] آوي سُلڪ سنڌون، جِئان آيا وڻج ڪي [ن.ق]
جڏ سو(٤) وڻج ڏئون، جاوي ويندا ناڪئا.

(١) ميان امام‌علي شاه ڏنن ملبل. هي بيت شاه جي رسالي، سرواڳ د-٥ ۾، شاه عنات جي بيت "ويڙي جر جهاوبان پاڻي لاءِ ڏرين". الخ. (ڏسو فصل پهو) جي پويان لاڳيتو ڏنل آهي.
(٢) هيءُ بيت، شاه جي رسالي سرواڳ د-٥، ۾ ڏنل آهي. هي روايت: "سات جيني جي سڄيون". (٣) هيءُ بيت، شاه جي رسالي، سرواڳ د-٥، ۾ ڏنل آهي. ٻئي روايت حاجي عمر چانڊيو ۽ خليفو محمود نوحاڻي. (٤) ن. جو سو.

وائي

اي ميان! آسونهن ڏيکار، پريان سندو پيچرو. [ن ق]

جهر جهنگ جهاڳي پٽيون، آيا سون توپار(۱).

اي ميان!

شاهه سونهارا، صاحب دولت! تنين ڏونه نهار(۲).

اي ميان!

آنءَ آگلي آهيان، ڪم نہ ڄاڻان ڪار.

اي ميان!

مدين(۳) مٿان منهنجو، واحد ڪارڻ وار.

اي ميان!

آيرن آسونهن ڪي، سائينءَ لڳس سنپار(۴).

اي ميان!

لڙ لهرين لس ليٽ تان، عربي! مون آڪار(۵).

اي ميان!

---

(۱) اصل. 'آيا سون تو در بار'. هيءَ مصرع فقط ن ۾ آهي. (۲) هيءَ مصرع فقط ن ۾ آهي. (۳) ن. مندين (۴) هيءَ مصرع فقط ق ۾ آهي. (۵) هيءَ مصرع فقط ق ۾ آهي.

فصل پهرو

تَتَ سرِ تـواري، اُڀي مَڱي اُوسَهيُونَ [ن،ق]
آڪَڙيون اوڙاهہ ڏُونَه، نئَين سِج نِهاري
آلا! اڱڻ آئـيـن، سو وَڻجـارو واري (١)
ڪِلي ڪيڪاري، تہ آنءُ ڳالهاري ڳِرِ لائيان.

[٢] اُلَٿي سِـجَ آئي، دُعا مَڱڻَ درياءَ تي [ن،ق]
جَرِ تَڙِ ڏِئا ٻوهيانُ (٢)، آچِن اِلاهي!
خَبَـرَ ڪيـانتِنَ جـي، پيـسِ سَيائـي
ويساهَ واڏائي، پلئہ پـاڌِسِ پاتشاه.

[٣] اُڀي جـَر جُهارِيَان (٣) پاڻي لئـي پرِيَنَ [ن،ق]
خضِرِ پيرُ خداء جو، مانَ موٽائي تِنَ
جَنِ گَڏئـا تن چيو، اِجهي تّا آچِنَ

[١] کهـَرَ سورِيا، جـَرَ پوڇيا، موں ٻڻ جيـٽي لاءِ [ن،ق]
تن جي خبر ڪيائنتا آئهين، قطب چئي، ڪـَل ڪاءِ
جڳ لنگهي ويا جن ڪَي، سي مولا! مون ملاءِ
وڻـجـارا وراءِ، تہ آنءُ ڳالهاري ڳـَرِ لائيان.

---

(١) اصل. "سي وڻجارا واري". (٢) ن. ٻوڻيان ق. ٻوڻيان. (٣) ن جوجر هاريان، ق. جرجه هاريان.

وچي ولاتن ۾، جڳ لڳا ڪي جن (١)
سئين سُرهايون لائيان، تن ڪي ڪارڻ تن
الاهي! عنات چئي، سيئي محب ملن
آنءُ سڀ ڳرهيان اُنَ، ڳالهڙيون فراق جون(٢).

[٣] وچينءَ جو ويهي، جان جر پلو پائيين (٣) [انق]

[٣/الف] ڪين وطن، ڪين وات، ڪين ساموندين، شريف چئي (٤) [انق]
سنقر سرها [سي] گهڻو، سُئين سندرين مات (٥)
تن ڪي سُونگي سُونڪ بخشيو، ڪوٽ ڪلن تي ڳهات (٦)
پاٿيت ڳنيي (٧) پسات، ساءِ! مسافر آئيا.

[٣/ب] ڪارو ڪارونيار، جيت پترو پاڻي ناه ڪو [انق]
اونهون آب، عميق جر، تنال پسن پتريون پار!
سُنترُ سندن (٨)، شريف چئي، بندر پهتو پار
سو سنگنو(٩) نه ساهوڪار، ميم جينهين جي من ۾.

---

(١) ق. لڳا ڪي جن. (٢) شاه جي رسالي، سر راڳ ف ٤، ۾، هيءُ بيت لفظي فير فار سان هيئنءَ طرح ڏنل آهي:

ويٺي جر جهاريان، پاڻي لاءِ پرين — خضر پير خداءِ جو، سان سوڻائي تن
وچي ولاتن ۾ جڳ ننڪيڻا ني جن — جن ڏٺا تن جيا تہ اجهي ٿا اجن
سهسين سُراهيون لائيان تن ڪي ڪارڻ تن — الئي، عنات چئي، محب سان مان
واڌايون ورتن، ننڊ ڏيوانو آئيا.

سالار چانڊيي جي روايت موجب "خضر پير خداءِ جا، اهن آئيهون تن". حاجي عمر چانڊيي جي روايت موجب "واڌيون ڏيون ورتن، اڄ ننڊ ڏيوانو آئيا". (٣) ق. پائيان. (٤) ن ۾ 'تين' جي بدران 'ڪين' آهي. ق. "ساموندي شريف چئي، تين وطن تين وات". (٥) ق. سندرين. (٦) ن. اصل. 'ڪوٽ ڪلن تي ڪات' (= ڪوٽ قلعن تي ڪات؟) ق. 'ڪوٽ ڪلين نہ اهي ڳات' (٧) ن. 'ڪني' (= ڪٿي؟) (٨) ن. سندس. (٩) ن. سنڪئو.

تان صحي مِلنديۡءِ سڄڻين، اوسھ اِي پيئي
حُرمت سانڻ حبيب جي، سُنگيا نہ سيئي
وَکر وڻجارن سين، سُرھا سيپيئي
پرينءَ آءُ پيھي، کنڌ ڪيڙائو آئيا (۱)

[۵] تئِم سِڪندي سال، تِرسندي تڙن سرِ [اڻق]

[الفؐ] جيڪي وڻجارا (۲)، سي سڀ سنيارا ٿيا، جيڏيون! [اڻق]
تنھن تيرٿ تڪيا، سيئي پڙنا (۳)
برڪت سان، بلال جي، پوريون تين پرنا (۴)
تيلانهه ور ورنا (۵)، وڃي گهوٽ گهرن تي.

[بؐ] سڃاتائُم (۶) سڪاڻ، باد وان، بلال جي [اڻق]
مُئوري مٺي ماڻيان، پيرين پيچن پاڻ
سيئي اڳھ آئيا، تن جي جيجي تاڻ
آڪي ڪيي احسان، تن سين ستيائي سونڊ جي.

[جؐ] وڏيا جي ولات ۾، الله تن آئيي [اڻق]

---

(۱) موجوده زباني روايتن موجب ھيءُ بيت ٿوري ڦيرڦار سان پڙھيو وڃي ٿو. ميان بخش علي شاھ جي روايت مٿين پڙھڻي سان ملي ٿي، سواءِ ڪن لفظن جي ڦيرڦار جي. جيئن تہ "ٻيٺي جر جھاريين"، "حيات پير خضر سان موٽائي تن"، "جن ڏٺو تن چيو" ۽ "وايون ٿيون ورتن".
سالار چانڊيي جي روايت موجب:

وڇڻ ۾ جان وڻئي جر ڀاڻ پانئيان — ٿڙ پيڙا گهر سوريءَ منجهي اوسه ايئن بيٺي
حرمت سان حبيب جي ٿي سرھا سيئي — واسيائون وارن ني واري سرھايون ڏيئي
سڀ رڪي سيئي، کنڌ ڪيڙائو آئيا.

حاجي عمر چانڊيي جي روايت مطابق:

وڇڻ جو وڻئي، جر ڀاڻ پانئيان — گهرن ۾ واڏيون ٿيون اوسه ايئن بيٺي
حرمت سانڻ حبيب جي سنگيا نہ سيئي — گهر پرڀان پيھي، کنڌ ڪيڙائو آئيا.

(۲) ق. وڻ خريا (۳) ق. پڙيا (۴) ن. پرنان، ق. پريا (۵) ق. وريا (۶) ن. سڃاتائم.

آيَل سَگَي (١) اوسهيُون، مون ڪَتندِيَ ڪالَ
سَؤنٽ ٿئاسُون سَڦرا، جِينءُ چِڙِيَ آرتَ مالَ
اِيَ پِلِي جا پَال، جِينءُ ماءُ! مسافر آئيا.

[٦] سڙهہ پِرِ سَکاڻي! آبُ اوڙِڪي (٢) آکئين [ن،ق]
مُعلِمَ (٣) ماڳُ منجهہ ٿئو، پَسينُ (٤) تو پاڻي
سنهِي ڏِنم سپِرين، رُوحَ ۾ رهاڻي
آيل! سِڪ آکينِ ۾، اِيَ مونکي نہ ماڻي (٥)
سُنُڙِ سي ساڻي، شل ماڳ موٽندا مون پرين.

[٧] جِني واسيا وارَ، گهرَ سورِيا، جَرَ پوڇئا [ن،ق]
پَرلڪانُ پَري هٿا، اُنــي جا پِتار
ايندَنِ جِي، عِنات چئي، سُئائون تڙِ تنوار
سمنڊَ ساهوڪارَ، اوءِ سيلُ رَکي سَنجهہ آئيا (٦).

ڪل اندران (٧)، قطبُ چئي، سڙهہ تي سجائي
دوران دوربين ۾، جهوليي جهاتي
پرڏن اوءِ پاڻهي، وري وطن آئيا.

---

(١) ق. سگيون. (٢) ن. اوڙڪي (٣) ن. معلمر (٤) ق. پسي (٥) ق. نماڻي (٦) شاهہ جي رسالي، سر راڳ د ـ ـ، ۾ هيءُ بيت لفظي ڦيرڦار سان هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

تڙ پوڇيا، گهر سوريا، پڻا جن واسيا وار
پرلڪان پري هٿا، اني جا پتار

(باقي حاشيه صفحي ٣٩ تي)

[٨] ڏَٽين جو ڏاڍو، پڙو جن جهاز ڪي(١) [ان‌ق]
آني جـو، عنِاتُ چئـي، سَفَرُ سياڳو
تن ڪي بندر شاه بخشئو، لحظي جو لاڳو
اڪينِ اوجاڳـو(٢)، وَريا وَرَ سهاڳڻئين(٣).

[٩] جني جي جهاز ڪي، سڳو سلطاني [ن]
قند، قـلات، بصرو، ٿئا عرب انعامي
جاوي وجي جونڪي ٿئا، جو بندر سُڄي باني
ڏيهہ ڪئي ڏاني، صوبا سلامت آئيا(٤).

[٨] ڪـارو ڪـيـڙيائون، سيئي پهچون متڪـريـون [ان‌ق]
جيتي ستمن شين، شريف چئي، آني ڊويائون (٥)
ڪتئي چمئي ڪــيـــون ســيـن، نتڪر ڪنيائون
اچـــي ڏرئائون، ســلامت سائينءَ ڪـــي.

(آندل حاشيہ صفحي ٣٨ تان)

آيا سڀ، عنات چئي، ان جي پهڻين پوءِ پچار
سنڌ ساهوڪار، سيل رکي سڀ آئيا.

سالار چانڊيي جي روايت موجب "آني جي، عنات چئي، پئي ٻڌن منجهہ ٻچار".
حاجي محمد سوڍي جي روايت موجب "سي آيا، عنات چئي، ان جي ٻڌن پوءِ ٻچار".
(٧) ن. اصل. ڪندران.

(١) ق. جن جي جهاز ڪي، ڏٿين جو ڏاڍو. (٢) ق. "آ ڪهڻن اوجاڳو". (٣) حاجي عمر چانڊيي جي روايت هيٺين طرح آهي:

جنين جي جهاز ڪي، ڏٿيءَ جو ڏاڍو
بندر ڏني بخشيو تن ڪي لقب ۽ لاڳو
لٿو اکين اوجاڳو، وريا ور سهاڳڻين.

(٤) روايت حاجي عمر چانڊيو. پڙ ميان اسلم علي شاه ڪان مليل. (٥) ن. تورڙي ق بر دويائون (= دوهائون؟ ڏويائون؟).

[١٠] ڪيائون تاڪيد تَرازُئين، هُرمجِ ڏُونه هَلِنِ [انق]
پيتيون پاٽيــنِ(١) جــون، وِڏيون وڻجارن
وَڪر وِلاتُـنِ جا، سُرهــا سپ سَندنِ
بَنَدَرَ شاهَ بخشئا، لاڳيــا (٢) لَقَبَ تنِ
ڪِلَـنِ ۽ مِلَـنِ، گهوٽ ڪَتِي گهر آئيا.

---

(١) ق. پاٽيئن (٢) ق. لاڳايا.

سرود رامڪلي

فصل پهريون

[۱] سِيتپِرِي، رامِيسرِي، جن ڏِٺو ڪرناٽڪ [ن‌ق]
وِڏو آنِ، عِناتُ چئي، فانيَ سين فَرقُ
تَنَ ۾ جني تَرڪ، سي آديسي ايندا قِري.

[۲] آديسي ’جگناتَ‘ ڏُونه، ڪي ’رَنگاماڻي‘ رَمَنِ(۱) [ن‌ق]
ڪيِ ڪَهيا ’ڪوڪَنَ‘ ڏُونه، ڪي ’مَليوار‘ پسنِ
وَڏامنِ(۲) منَتَ ڪري، جيجان! جوڳيڙنَ
ڪيڙائُو ڪَندَنِ، اُوءِ آچن وري، عِناتُ چئي.

[۳] آتَرَ اوتَ نہ ڏِينِ، صرفو ڪَنِ نہ سِيَّ جو [ن‌ق]
پُوَنَ پُواڙا ڪَرِي، تڏهن سمرِٽيون سورينِ

[۳] پوَنَ پواڙا ڪـــري، پارو جڏهن پوءِ (۳) [ن‌ق]
آديسين الله جو، تڏ شوق سنياسين هوءِ
اوت نہ ڏين آتر ڪي، پورو تائين پوءِ (۴)
آوءِ لاهوتي لوءِ، ڪامل ٿيا، قطب چئي.

---

(۱) اصل. ’ڪي رنگاماڻي ڏونه رمن‘. (۲) اصل. لفظ ائين آهي. (’وڏان من‘؟ ’وڏان مون‘؟)
(۳) ن. ’پارو تڏهن پوءِ‘. (۴) ن. ’آتر اوت نہ ڏين اوءِ، پورو تائي پوءِ‘.

آڏيَ جو، عناتُ چئي، اُوءِ آلَڪ سين اوُرِينِ

جُهوپا نہ جوڙِينِ، مَچڻ پوَي وِٽ وِصالَ ڪَي.

[۴] جِينْءَ جو اُتَر مُت، تِينْءَ سي وِهسن وِلَهہ ۾[۱] [ن ق]

ڪنهن لالچ لانگوٽ بِندَ ٿا ڪَن جُٺي سين جُٺ

اُوءِ پِوَنَ ڏِين نہ پُٺ، آديسي، عناتُ چئي[۲].

[٥] پِنَنِ ڪينَ پَت[۳] ڪٿي، گُهرنِ ڪينَ گُهرا[۴] [ن ق]

مَهيسرِي[٥] مخلوق جي، اُپِينَ دورِ دَرا[٦]

تَن سامين شُهرتَ ناه ڪا، ويراڳِينَ وَرا[۷]

لنءِ جي سُڃي لَڪَ ڙِي[۸]، ڳولين تن ڳرا[۹]

يٰاَيها الذين آمنوا تُوبُوا اِلَى الله تَوْبَةً نَّصُوحاً،

اِيَ ڏَ ٿائون ڏُرا

پُچِن توءِ شَرا، جُهہ اندر عدالت اُنِ وَهِي.

[٥] جڏهن اتر آوري، تڏهن ڳهاريِن. ميڻهن ميدان ۾ [ن ق]
بيراڳي، بلال جئي، ٿيا ڪنهن سناسي سُور.
آسڻ آئي ان جي، ڏکٽ مڙيئي ڏور
هٿليي پرينءِ حضور، وڃي ناٿگا ڳڌيا ناٿ سين.

---

(۱) ن. ”جڏهن اُتر مت، تڏهن ويٺا وِهسن ولہ ۾“. (۲) ٻئ هي بيت ’شاه ديواني‘ جي درگاه واري مسجد جي ديوار تي لکيل مليو. (۳) ن. ”پَتَ“، ق. ”پَٽُ“. (۴) ن. گهوران. (۵) ق. مهيسي. (۶) ن. دران. (۷) ن. وڃا. (۸) اصل. لکَ ري. (۹) ن. ڳولي تن ڳران.

وِلهون آتَرَ واءِ(١)، گهارِينِ مينهَنْ ميدانَ ۾ [ن ق]
ويراڳـي وجـود کي، ڏيـنِ تَپيسَرَ تاءِ
بات ٻريائي نہ سُئِي، تن مانيڻَن مُلاءِ
سچاتائون، سيّـد چئي، آديسين اللّٰهُ
جوڳي جڳَـ وِچاءِ، اوءِ سناسي ثابت رهيا.

ڏُکَن تا ڏُونهان، سُرڳـ(٢) سناسين ٻاريا [ن ق]
راتِ ڏِکـيَ(٣) رَمتا، راوَلَ راهَ سُونهانْ
ورهَ ويراڳين جي، عامَ نہ آنْءَ چِٺانْ
راتو ڏيہَين رئان، ساريو لکَ لاهوتين جا.

[۶ الف] پِرت جنهين جي پوءِ، محبت سندي مَنَ ۾ [ن ق]
ويڙا وِهمَنَ وِلَہِ ۾، آتر لڳندي اوءِ
سناسين، شريف چئي، نيڻين ننڊ نہ هوءِ
تڪي اوچن نوءِ، آن کي محبت مڙهيائي گڏيو.

[۶ ب] وِلهون آتر ڏينهن، گهارين مينهن ميدان ۾ [ن ق]
ويراڳين وسائيا، مٿي آسي مينهن
ٻري بات، بلال چئي، سيڪا پائين سينهن
ناٿڪنيءَ جي نيڻهن، سناسي ثابت رهيا.

[ت] جوڳي جوڳ جوڳا ٿيا، جوڳ ڄي جوڳيائون [ن ق]
مٿان راه رفيق جي، مَنُ ۾ موڙيائون
ثابت شرع پيرَ تي، خيما کوڙيائون

(١) ق. نجت ولهون آتر واءَ. (٢) اصل. سُرڳ. (٣) ق. ڏکيءَ.

[٨] تَڪينِ سين (١) توڙا، ڪاپڙين ڪينَ وٽي [انق]
جَرانئي جيري سين، ڪارا ڪٺائون ڪوڙا
اَنِ نه ڪَنيا پاڻَ سين، جامَن جا جوڙا
اوچِتَ آجوڙا، سَجوڙا ڪي سچٽين.

[٩] طمع جِني تمام، مُور نه آتَنِ مَن ۾ [انق]
پنِنِ ڪينَ پَتَ ڪَئي، گونڌڙيارا گامُ
جِتان لوڪ لَجَ ٿئي، اُتِ آديسين آرامُ
راوَل گُهرِي رامُ، ڪونَرَنِ جينءَ ڪڪورڻا.

[١٠] طمع سندي تِنِ ڪي، لِکَ نه آهي لَبُ [انق]
ڏنائون ڏينهين گهٽين، آگي جو عَجَبُ
رَاوَل گُهرِي رَبُّ، ڪونَرَنِ جينءَ ڪڪورڻا.

ڪارون ڪريان، قطب چئي، تن آديسين آئون
مونکي ڏنائون، منڊو قيمت قطرو.

[٨] دم دونهين تي نه هٿن، اوء ولهن ۾ وهسن [انق]
ڪيئي ڳالهه، قطب چئي، ڪئي قبول ڪاپڙين
هوء عليا هنگلاج ڏونهن پيون ڏيئي پن
تر نه طمع تن، توڪل تڪئو تن جو.

[١٠] سامين پاڻ سڪائيو، مٿي سيء مدام
ڪو وهه، ويراڳين ڪي، جيئن ترسي ڪيئن. نه طعام

---

(١) ق. تڪئي سين.

[١١] اوڳا ليکي عامَ جي، اِيَ خاڪي خبردارَ [انق]
ڪهڻ پئي پڇي پورا ٿئا، جين ءِ جانِ نہ ڪن پچارَ
مات سڄائي مات ڪئائون، مائٽان ٿئا موچارَ
ڇڳون چاٺي چيڙسين ڪئائون ڳرئين ڳاڙهاوارَ(١)
نانگن نظر نہ ڪنيو (٢) ڏرِ ڏرتئان ڏارَ
تيلانهَ ڪن نہ تَوارَ، آديسي، عنات چئي.

[١٢] تن سامين ساجهر چڙيو، جوڳين جاڳي لو [انق]
تن کي لُنگ لانگوٽئا جانِ تي، ڪونهي قبيلو
جن جو همتِ هي حيلو، هُتِ ڳرڳروئين ڳڏئا.

[١٣] ڪنوڻي موڻي، آديل! آيا مون ڳري [انق]
ڏرڪَ ما شُعلاهُ جو، لينگ نہ لانگوڻي
ڪَمَر بستا ڪاپڙي، ڪين نہ ڪاچوڻي
باهر بـارڻ سکئا، بابو باهوڻي
پوءِ مَ ويچوڙي، اسان سين، عِنات چئي.

ڪاپڙين، قطب چئي، نيئين نہ حرار
راول ڳهري رار، ڪوڙن جيٺن ڪکورئا.

[١٣] نيئي پس تان لانگ بند (٣)، رُوني جن رومال [ر]
ڪستين بستين ڪمرين، لُنگ چاڙهيائون لال

(١) ر. ڳرئين ڪاڙا وار، ق. ڳريون ڳاڙها وار. (٢) ق. ڪيو. (٣) اصل. نيئي پسداء ذانک بنا

[۱۴] مون سُمهڙا ڪٿا، سُنهن مونسا ۽ هٿ [انق]
سَناسڪي سَٽ، آهي مَرڪ مراقبو.

فصل ٻيو

[۱] جي ٻائين جوڳي ٿئان، تہ پر جوڳيڪي پارِ [انق]
آدب، اخلاص، صبر، شڪرانو، ذڪر، ڏُک وسارِ
انو ٻيھر، عنات چئي، 'مھر پري' ۾ گھارِ(۱)
جي سکين اِيَ ڪارِ، تہ 'ويرنات' ويجھو ٿئين.

[۲] جوڳي ٿئين تہ 'ويرنات' تي، ناتہ نالو ڳنهہ جوڳ [انق]
آدب ڪر، عنات چئي، ڇڏي رياڻون روڳ
اندر عظمت اوڳ، تہ نات نظاري سين ٿئين.

وجي دونھيون دوست لاءِ، تن جوڳين کيون جال
صبح ويل سڱن ڪندا (۲) [توئي] ڏوڪ ڏمال
ٻيکاري، بلال چئي (۳)، وجي حبان رتائون حال (۴)
مچي سوري سال، ڪڙنر ڪڪورنا ڪاپڙي (۵):

[۱] ويرا! وهلو رَسُ، جوڳي سڄي جوءِ ۾ [انق]
نهاري هئون نيڻن سيين، ڪُهُرُ (۶) پنهنجو ڪَسُ
ڏري هئون ڏرعاتي ڏَسُ (۷)، شرڙ جو، شريف چئي.

---

(۱) ن. مھر پُري ۾، ق. مرڙُ پوري منجھہ گھارُ. (۲) اصل. سڱن ڪندا. (۳) اصل. ٻيڪو چئي. (۴) اصل. حبانرتائون حال. (۵) هيءُ بيت شاهہ ديواني جي درگاهہ جي مسجد جي پٽ تي لکيل هو، جتان قلمبند ڪيو ويو. (۶) اصل. ڪُهر (۷) اصل. ورعاتي ڏس.

[۳] رکي توڪل تَنَ ۾، پهرين پڇائج پاڻُ [ذق]
سناسي، سيّد چئي، اهوئي(۱) جاڻج جاڻُ
ڪِري ڇڏج ڪاپڙي، سندو غير گماڻُ (۲)
پهرين پلئج پاڻُ، پوءِ پڇِائج پريتمو.

[۳ الف] ڪيٺيءَ ڪينن، قطب چئي، رهڻيءَ جي ورهين [ذق]
شمشير جا صبر جي، سا ميني منجهه سکهين
ته اهڙي سامي سچ سين، وٺ تون ونءِ وهين
لوچي تيئن لهين، ٻيرُ ٻريان جي ٻڌ جيءَ.

[۳ ب] پڇر ڪچاڙئا پارئين، اندر سچُ مچاءِ [انق]
آئي آڳ عشق جي، چاتيءَ ڪي چٽاءِ
ڪاپڙي! قطب چئي، ايءَ هنين سين لاءِ
ته راول! روءِ سنڌياءِ، هوند جوڳي گڏجيئي جوڳ ۾.

[۳ ج] داتي ڏيکائج دل کي، لائج ڪيمر لباسُ [انق]
ڪنوتي، قطب چئي، تن ۾ دکج تپاسُ
پائي ڪائج پانهجو، مڙهيئان اندر ماسُ
ته ويراڳي تو واسُ، پابو ٻُويڻون موڪلي (۳).

[۳ د] پڇائيين پريتمو، ته خاڪي رکج خوءِ [انق]
يوسف چئي، ان جوڳ ۾ ٿئي هدايت هوءِ
نانگا! گڏجين ناٿ کي، وڃي روءِ ٻروءِ
هدايت جي هوءِ، آني منجهان اپري.

---

(۱) ن. اِنهون ئي. (۲) ن. غير جو گمان (۳) هيءَ بيت، شاه جي رسالي سر رامڪلي
د - ۹، ۾ هيٺئين طرح ڏنل آهي:

داتي ڏيکائج دل کي، لائج ڪوهِ لباسُ
پوري ڪائج پانهجو، مڙهيان اندر ماسُ
ته ويراڳي تو واسُ، ٻترن ۾ ٻويڻون موڪلي

[۴] نڪي ڳولين ڳوٺ ۾، پيهي ڪين پَنِ [ن،ق]
ويٺي بک بس ڪري، اُتان آديسين (۱)
آڻ-گهريو، عنات چئي، تن کي ڏنو ڏيهه ڏڻين
گورک گودڙين، آسڻ ويٺي آئيو (۲).

[۵] ناٿ جتي ٿي نٿ، اُت نه پڇئو جوڳيين [ن،ق]
ڪُويساها (۳) ڪاپڙي، پُرئا پراهين هنڌ
هي (۴) هنهين هنڌ، هوءِ هليا هنگلاج ڏونه.

[۶] ناٿ جتي ٿي نجهرو، اُت جوڳين ڪيو نه جُهارُ [ن،ق]
ڪُويساها (۳) ڪاپڙي، مَنٿائون (۵) پورب سندو پار
گُرَ جو هت گذارُ، هوءِ هليا هنگلاج ڏونه.

[۷] مرڻُ آمنا جسِ، واحدُ تنُ نه وسري [ن،ق]
ڪَپرَ مٿي ڪاپڙي، اوءِ ناڻگا نند نه ڪَنِ
اکيون سنديون تنِ، اوجاڳي اجاريون.

[۷] مرڻ مُشاهدو جن جوءِ، سي جيئڻ پائئين جارڙ [ن،ق]
ڪڍي چڏيا ڪاپڙيين، اي سور سيئي سارڙ
ايءَ انڪُ اکيئي لکيو، ناڻگن جي نرارڙ
آنيي پچ آهارڙ، ته ڏيندءِ ڪَلَ، قطب چئي.

(۱) هيءَ مصرع نقط ق. ۾ آهي. (۲) ق. سي متاٿي جاڳن، نند عبادت آن جي. (۳) ن. ڪويساهي. (۴) ق. هون. (۵) ق. مٿائون.

[٨] اوجاڳي کي آڪرا، اوءِ سُمهڻ ڀانئين سورَ [ن ق]
اِيَ پَرِ آديسين جي، گَهر ڏانهُ ڪن نہ گهورَ
ڪَنهن پِريان جي پورَ، اوءِ وَڍي ويراڳي ڪئا.

[٨ الف] ننڊ نہ ڏين نيڻن کي، ڪن اوجاڳو اوءِ [ن ق]
ڪاپڙين، قطب چئي، باللہ! آئـــي ٻوءِ
تن نفسانيت ناہ ڪي، خاڪي سَنديِن خوءِ
ناڻگا ڪنڌيا نانگ ڪـــي، وڃي روءِ ٻروءِ
هدايت جـــي هـُوءِ، آني منجهان آيري.

[٨ ب] ڪن اوجاڳو اڪئين، نيڻين ننڊ نہ ڏين. [ن ق]
پيهـرَ ڇتايو پانهجو، مٽي ڏَرَ ڏريــن.
آديسي الـڪ کي، ان ڀر اوڏا ٿين.
نيڻين نيايو ٿين، انهيءَ ڪمال، قطب چئي.

سرود مارئي

فصل پھريون

[۱] ڏہَ ڏُونہ آيِي ڏي، سنيھا، سيّد چئي [ن ق]
نياپا ڏيھن ڳاڏُئان، ڪو(۱) پائُر پانڌي ڏي
آنءَ پڻ تنھينءَ کي، چَنديان ڪِھہَ اکينِ سين.

[۲] بيٺڪ جن ٻرن ۾، کِھہَ ڪاڏونبا ڪاڄُ [ذ ق]
آنو ڀِھَرَ، عِنات چئي، تن واچوڙو وھاڄ
ڪَنين ڪڏھين نہ پئو، تن اُڏي جو آواڄ(۲)
جِمَ رُلا ئين راڄ، عُمَرَ! آباڻنِ جو(۳).

[۳] آرھہ جَھليو ڳانجرو، ٿا مٿي ڪوہ ڪڙين(۴) [ن ق]
گھيٽا ٻَڪَر چاريو، وَريٽيون وارينِ
تاسياريُون ڏَڙنِ تي، ساريو ٿا سانگينِ(۵)
آڏيَ رات، عِناتُ چئي، ڏيٺَنِ کي ڏاٺينِ
سُنّت جا رسولَ جي، پچُئو ٿا پارينِ
مارُو ڏُنُ نہ ڏينِ، عُمَرَ جي اوصافَ ۾.

---

(۱) اصل. ڪا (۲) اصل. آواز (۳) هي۴ بيت شاه جي رسالي جي ڪن قلمي نسخن ۾ بہ موجود آهي (ڏسو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو مضمون "شاه جا ڪم ڏيل بيت"، رسالو "نئين زندگي"، ماه آڪٽوبر، ۱۹۵۶ع) (۴) ن. ڪرين ق. ڪرين (۵) ن. سا ڪين.

[۴] رات رڀاري آئيو، اُني جو اونٖي [ن ق]
تِليُون سڀ تارِ ٿيون، سڀ جُوء سَٿونٖي
ڪوء(۱) ڪانا ڪوني، لگنئون لوهَ لهي پٺا.

[۵] لگنئان لوهَ لهي پٺا، ٿئو بَندُ بدا [ن ق]
سُٺومِ ويڻُ وِصالَ جو، کَهندي ڪانگ مُلا
آئو پَهر، عِنات چئي، آسَ مَ لاهِ هنيا!
سَتِي! سَنجهه صَباحَ، ملندء مَتَ مَلير ۾.

[۶] اُئو موڪ مليرُ، مون پانڌيڙو(۲) پچئا [ن ق]
اوء اُٿان ئي آئيا، سِڪي جن سَرير
سَتِي! آء سائيهه ۾، ثابتُ رکي سِير
جرڙا ٿئو جنجيرُ، اِيُ سَنيهو سُٺي ڪري.

[۷] مِناڙِي(۳)موڪ دهُ، جيڪُونجر ڪُوري(۴)ڪَنِ [ن ق]
پائرُ پَسايو، مِيرُ جَهپُ(۵)، اِيُ وطنُ ويڙهيچن

....

[۸] وَري وِيڙهي جب (۶) ۾، آيا پٽي آس [ن ق]
هيڪ سونياڻون ماڏوهيون، پيا ڪَرڙ اڏياڻون خاص
چڙهي رهيا چوٽيين، پَلي جي پَرواس
ڪيي مَڪ ڏِنين جاس، آنجيي ڪوڪڙ، قطب چئي.

---

(۱) ن. ڪوء پيا (۲) ن. پانڌيڙو (۳) نٌ. سيناريين ق. سيناري (۴) ن. ڪوڙي.
(۵) اصل ائين (وِير جهپ = ويڙهي جهپ؟). (۶) ق. ويڙهين وچ ۾.

آسرو ۽ آڪرو، ملڪي (١) موڪ رهن
راڄاري ۽ رتڻون، مهنجي هنيين منجهہ هون
اڪيون آب اڪنڊيون، پهنجي ڪوٽ ڪٽن،
عمر! اباڻن، لا هي بند بدا ڏيين (٢).

[٨] آب آڳاٽي ڏاڪڙين، ٿا جميان جر ڪين [ن،ق]
تاڻيـو تيئن سر تا مٿي آنهن وجهن
آڏي رات، عنات چئي، سانيڪا سنجن
ٿون ڪين مٿي تن، تو ستم ڪريين سومرا!

[٩] ڪهہ ڪوڙي ڏه مڪٿي، جت ڳاڳيون ڳم ڳنڍير [ن،ق]
پيريو(٣)، پيرت، پچٽي، ميڙين منجهہ ملير
هلرو للرو، لنب، لاٽي، هنجن(٤)واڇوڏو وير
ڏيهي، ڏامڻ، ڏڪٽي، ڪانو، ڪرڙو، ڪرير
سڻ(٥) سيارچ، ساڏوهيون، ساريان منجهہ سرير

[٨] تيڻ تليانون، ڪوه ڏاڻهيانون، ڳوسي ويا ڳهترين [ن،ق]
مونيي ملير آنيـــا، عشوا جـــي برين
ســرها گهٹو، شريف چئي، آئن ميئهن ترين
ويٺا جٿون وطن ۽ : مارئي شال ورين!
لڳي تن ڳرين، ميڪون لاهين سومرا!

---

(١) ن. ملڪي ق. ملڪي (٢) ن. ڏي. (٣) ن. پيريئون (٤) ن. هنجڻ (٥) ن. سگر.

تن ڪي واحد سيهن وسائيا، ٿاهرِئا ٿر ڏير(۱)
سيّد چئي، ساڻيهہ جي گهرِ ڪٿيرينِ ڪير
ثابت رکي سير، پرچي اوءِ پهنوار سين.

[۱۰] ڪين آڻين، ڪين چاڙهين(۲) ڪين واڻين ڪٿن [ا ذ ق]
قوت ڪکائون سومرا! پاتائون پٽن(۳)
عمر! آهراڙي(۴) جا، سنيوڻا سٽن
تن جا ڏڏن ڏيل نپائيا، پلاءَ تان نہ پڇن
دور ڏو پيازا آڳهين، آگر ڏونه نہ آچن
عادت ناهِن آس جي، اُسٽ آڪوري(۵) پين
ڪانا قيد ڪونيون، ڏک م ڏيکار تن
شالَ سدا سک وسن، الاهي! عنات چئي(۶).

[۱۱] اُوڏا، گُونڊا، تنڊيا، نيهيرا، نيٽا [ا ذ ق]
فائق ٿئا فقير سڀي، سومرا! سيٽا
پِريا تڙ ترائيون، گهيڙين ٿا گهيٽا
ڪن عيش، عنات چئي، وسين ۾ ويٽا(۷)
خاڪين تان ڪيٽا، عمر! لاهہ عڪس جا.

---

(۱) ٻي پڙهڻي: 'ڏير' (۲) ن. 'ڪين آڻين، چاڙهين' (۳) پاتائون پٽن؟ (۴) ق. آهڙن.
(۵) ن. آڪوڙي (۶) (۷) 'الاهي عنات چئي، شال سدا سک وسن' ق. 'شال سدا سک وسن،

[۱۲] اُوِدا، گُونـدا، تـِنديَا، ڦـرڪُرا ۽ لار [نق]

ڦوهَرا (۱) ڪَيِي پاڻ سين، وَجنِ ڏار ڏٽار

ڇيڪَتَ ڇيلاڏَن جي، تَلِيِنُ پوءِ تَوار

ٻِٽا ٻِڪرِيـنِ ٻِر، ٻُـرَنِ سَـئِينءُ سَنيـار

تہ پڻ پورا پَت پهنوارَ، جي اڏو ٻَنڌِ ڪَٿِيينُ.

[۱۳] اُوْدا، گـونْدا، تنْـديَـا، نـورانيا پانـور [نق]

واهوندي وَڻ موريا، ڦانگن مُڪي ڦور

چارڏائين چـــاه پئـي، آٿاهــــا آجهور

هَميراٿا هـور، ويـــا ويڙهيچن وسري.

[۱۴] هَٽ ڪُهاڙيون، ٻاڌِين ويڙهيون، چارِي ڪامَ چڻڪَ (۲) [نق]

ڳِچِنِ (۳) ڳانا پَٽَ جا، لُڏن لالَ لَٽَڪَ

آڏيا آن، عنات چئي، جهوپا مَنجهہ جهَٽَڪَ

سدائين هَميرَ جي، ڪَنبَنِ ڀَرِ ڪَٽَڪَ

اُنِي ساڻ آٽَڪَ، سَچِي آهِــم سومرا!

[۱۵] هَٽ ڪُهاڙيـون، چـارين چـاڙهيون (۴) [نق]

ويڙهِن (۵) واهِنِ واڪ

[۱۶] وڻ وريو واڙيون ڪيون، اڃيو راڄ رهن [نق]

(۱) ن. ڦورا (۲) ن. چارِي ڪام چڻڪَ، ق. چاڙيڪا مِ چڻڪَ، (۳) اصل. ڦبسن (ڪذا) (۴) ن. چاهريون (۵) ن. ويڙهن

آڻين پڪا، ڏؤنرن ڏڪا، هنڌ اُنهي هيراڪ
سُڪي سوڪڙ، ڪانبي ڪوڪڙ، مُنهن مِ ميَرماڪ
سَتيون سيلَن وَتيونِ(١) مَتن ڪتيون، حقّ وهيٺيون هاڪ
اُنِي جي اوطاقَ، پسان [اڪيين] شال، عنات چئي.

[١٦] جَرِ جا قُراهوءِ آڳرو، اوءِ ٿاهرُٿا منجهه ترن(٢) [ن ق]
ڪاهو، وڪاهو، پانڌيو، سدا سُک وسن
سُئائون(٣) سَيد چئي، راڻاهُٺا رڙڪن(٤)
آلا! ويڙسينِ(٥) وارُ ونگوئي نه ٿئي.

وائي

چُوندِيس حالُ پهنوارَ، جي تِروِجان، پائِرُوِجان، آءٌ اجان [ن ق]
چالَ م تيان ڪڌهين، ويڙهيچنئان ڌار.
چوندِيس حالُ پهنوار
منانْ مور نه وسريِن، ساٿهه جا سنگهارَ!
چوندِيس حالُ پهنوار

لَمّا ڪن ڪٽهاڙيين، لاڪيون لوڻون جن.
منجهان متجـر رتيون، پائون پهنوارن.
تون ڪيئن سندا تن، آئيو قيد ڪبوتر پائيين.

(١) ن. 'سيلن وتيون' (٢) ن. 'ٿاهرُٿا او منجهه ترن' (٣) ق. "سئوائه" (٤) ق. راڪن.
(٥) ق. ٻي ٽڙهٽي: 'ويڙيچن'.

وَڃي آنءُ وطن ۾، واسيان پهنجا وارَ-
چوندِيس حالُ پهنوار
الاهي! عنات سين، سيلَ لَهندم سارَ-
چوندِيس حالُ پهنوار

فصل ٻيو

[۱] وَليون ٿيون وِيهين، اُنا ميهَن، عنات چئي [ن‌ق]
سائُونَ، سِيارِچ مَڪٽِي، سارِيان ساڻ هنيين
بند بَندياڻي لاهيين، تون جانڪيتان جيين
موڪَل مون ڏيين، تہ ڏسان ڏاڏائن کي.

[۲] آچو آب، عنات چئي، ڏِرئو مٿان ڏيت [ن‌ق]

[۲ الف] ڏيهي ريهي راڄ، وطن وسَ وَسنديون (۱) [ن‌ق]
مون سگيٺ سومرا! هيتِ نہ آچن هاج
پائُرَ منجهہ پچي پيا، خوبُ ڪٿيرين ڪاڄ
سٽين جا، شريف چئي، اکڙيهن آواج
لوئڙياريءَ (۲) لاڄ، قادر! وجهہ، مَ ڪوٽ ۾.

[۲ ب] چترَ هيئون وارڻ، ڪونيت ٻارڻ، پنوڻ پڪن جت (۳) [ن‌ق]
عمر اباڻن کي آڻ، آڪندي آتِ
سٽين لئي، شريف چئي، ڪوڙي لڳي ۾ ڪٽ
ميلُ پچڻ جي سومرا! مونکي آهِ، ۾ مت
ٻي ڏاڏاڻي پتَ، وٺيي شال ويڙهہ ٻٽان.

---

(۱) ق. ڪتن پهنون، ٻين مهنون، ڏاس جني جا ڏاج. (۲) ن. لوورياڙيءَ ق. لوبڙيارن.
(۳) ن. ٻر ڪن.

نوٽيون نيل اَلٽيون، پاڪ رهيائين پٽ
نيجَل پَريا نوپڙا، پاٽي ٽئو پَلٽَ
وَليُون چڙهيون وَٽِن سِرَ، مُوئَن سُڱنديِ چَٽَ
تون سُونهين سوسرين وَرَ! وينو متي ڪَٽَ
جتي جُلن جَٽَ، سو آنءُ ڏيهه ڏاڏاٽو گُهران(١).

[٣] ڪِينَ اُڏو، ڪِينَ وُڏو، ڪِينَ وَسَندو وري [ن ق]
اوڏي(٢) راتِ، عنات چئي، آندي خبر ڪري
مَچي سوچارا ٽئا، اُن جا ڏِڳا ڏورَ ڏِري
جي بَرن جا بَري، تن بَنديڙن ٻِدا ڏيين(٣).

[٣] پيرُون چُنديان پرينَ سان، پلؤ منجهه پائي [ن ق]
پَسان ماڳَ مليرَ جا، جي پلو پلائي

[٣ الف] سانيءِ ساريم سومرا! مارو منهنجي مَنَ. [ن ق]
ڪِجهيون آهيم ڳالهڙيون، ويندي آءُ وطَنَ.
ڪونيِن ڪَنِي، قطب چئي، ته پَسان پهنوارن.
هُتَ ٿا هيئن چَوَن، ته مونهِ (٤) گهرجي مارئي.

[٣ ب] مرڪن متيرَ جائيُون، جي رِيلُن منجهه رَهن. [ن ق]
سدائين سرتيون، وَٽُ پَسِي وِهسَنِ.
قراريون، قطب چئي، سدا سائيهه ڪَنِ.
تيني جن ٻڪَنِ، عمر! آڪنڊي آهيان.

(١) اصل. 'سو آنءِ ڏاڏاٿو گهران' (٢) اصل. 'راٿي'. ذات جا 'راٿي' ٻئي ٺر موجود آهن.
(٣) ن. ڏي. (٤) اصل. موت.

سيّد چئي، سَببَ جو، مونکي آسرو آهي
مولـو مِلائي، پِنُـون پينـر پيٽيُون!

[٥] مهنجون مارن سان، هَڏَ هي روح رَڳون(١) [ر]
آني رِي، عِنات چئي، جدا ڪينَ جِئانَ
پَلرُ شال پِئانْ، وڃــي ويڙيچن سين(٢).

[٦] پَلرَ پيتر جن سيـن، سي مارو مون ميڙِ [ر]
پَهرِي ويا پِٽَن تي، مَٿـي وَنهيان ويڙِ
تن جهانگين ساڻ مَجهيڙِ، جن جا ٿاڪ ٿرن ۾(٣).

[٧] مــارُو مائــٽَ مُهنجـا، سومــرا! سيـِئي [ثق]
وهَندِي ڪينَ وَسَ لَڳِي، جا اُنَ پَنارِي پيئي
سَتين ڪي، سيّد چئــي، اُماڻـج نيئي
وٽان جن ويئي، تَن گَذجي گامُوڻِ ڪي.

---

[٧] گَذجي گاموڻ ڪي، عـُمر! لاهج ايل [انق]
جانِڪيتان، يوسف چئي، سَنتَ وَذي سان سيل
سرتين ساڻ سَتيِيل، وطن جي وَسَ چڙان!

---

(١) اصل. 'هذهي روح رڳون، مهنجون مارونئون سان' (٢) هي بيت 'شاه جي رسالي' جي مختلف قلمي نسخن ۾ ڏنل آهي (ڏسو شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي جو مضمون "شاه جا ڪم ٿيل بيت" رسالو 'نئين زندگي'، ماه آڪٽوبر ١٩٥٦ع).(٣) هي بيت بہ 'شاه جي رسالي' جي مختلف قلمي نسخن ۾ ڏنل آهي (ڏسو شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي جو مضمون "شاه جا ڪم ٿيل بيت"، رسالو 'نئين زندگي'، ماه آڪٽوبر ١٩٥٦ع).

[٨] سارو ماڳ مُهَرَ ۾، ڦِنا ڪر فقير [ن ق]
ڪانا(١) قيدَ ڪوئيون، زيرِيون لاهِ زنجير
موڪَل ڏِهينم سومرا! عمر! چڙ اسيرَ(٢)
وَڃان وَطن سامُهين، ثابتُ رَکِي سِير(٣)
مِلان منجهه ملير، ڏسان ڏاڏاڻن کي.

[٩] پُسي پيڪيان(٤) پاندَ ۾، سا مون گهڻو سُهاءِ [ن ق]
هِت ڪينءَ ڪِيڻ ڪائي خوش ٿئان، ويئي رات وهاءِ(٥)
ڍاٽي ڍولُ اڪين ۾، رِهندوئي رِهاءِ
سوٽا ڪِيمَ سَهاءِ، مونکي سندا ماڙيين.

[١٠] ڇيڇرا ڇٽي پٽا، خبرَ راڄ ڪَرِي [ن ق]

[٩] پلنگَ پاسو نه ڏيان، ڍاٽي منهنجا ڍولَ [ن ق]
متان سُور نه وسرن (٦)، آءٌ پڌي تن جي پولَ
ايندا عمر چام جا، سڀ ڪشالي ڪولَ
قطب چئي تو قولَ، آءٌ وري ايندس ويهڙه ۾.

[الف] چار ڏين ۽ وار ڏين، پَڇُون پانڌُر وَٽ ۾ [ن ق]
مانَ منهنجا سومرا! اڳڙو ڏڻ ڏاريِن
ڪارڻ ڦَوت، قطب چئي، سوڍيون مارين.
ڍاٽِر جي ڏارين، تين جو سيل ۾ پڇج سومرا!

---

(١) اصل. ائين (ڪاٽا؟) (٢) ن. 'عمر لاه ايل' (٣) ن. سيل (٤) 'پيڪيان' (ڪذا) (٥) ق. 'خوش ٿئي جا ويئي رات وهاءِ' (٦) ق. وسرين

وانديِن وَڳــ وِهارئـا، ٻَرَنِ منجهه ٻَري
آچو پِي اُڪتيُون، وِهَــڪُن منجهه وَري
اُني جي، عنات چئي، آئي پِهر پَري
سُڄِي ڳالهه ڳَري، سِيل م پيڄج سومرا!

[١١] آڇِي واءُ وِٽن تان، گَهٽِي(١) رات گَرمُ [ن ق]
اُتاهون عنات چئي، پَٽِي ڪنيو پرم (٢)
ڏهن سَهائِي ڏَم، ٻر ٻر چنو روجهڙيين.

[١٢] وَس چَرَن، ويڙه رَهن، ڪَنڊنِ ڪيت قرارُ [ن ق]
سوئِي سارِيم سومرا! جو ٻاٿر جو پهنوارُ
لٽو ڏهه ڏڪارُ، عمر جو، عِنات چئي.

[١١/ب] ڏاپرَ ڪٽين ڏيريون (٣) آنِ عمَرا! اوڏِ ٿُ آنَ [ن ق]
ڪٿيريون ڪيرن ٻه، تاڻيو ٻانين تڻن
ڪارڻ قُوت، قطب چئي، جهُريون جها ڳين جهڻن (٤)
اوچئو لوو ر يا ڙيون، اچن ساڻ آسُن
سانجهيءَ آنِ سڻن، واڇيرُو وَرن سين.

[١٢/ج] ويڙهيچا وٿراه ٻه، جوڙي ويڻا جاءِ [ن ق]
تن ڪيا ٿاڪ ٿَرن ٻه، ڏيپ تنهنجي ڏاءِ
اوءِ چنڊين لائي، ڪين ڏعائي (٥)، قطب چئي، م ڪنباءِ
ڏوٿي ڪيم ڏڪاءِ، جن زور نه ذري جيترو.

(١) ن. ڪتري ق. ڪتري (ڪهڙيءَ؟ ڪهيڙي؟ ڏيڙي؟) (٢) ق. ٻرم (٣) ق. ’ڪتن ڏيريون‘ (٤) ن. جهُن“ (٥) ن. ڏعاڙي ق. ’اوءِ چندن لائيون، ڪين ڏعاڙيون‘.

[١٣] ڦريون(١) اوَيڙ ڦونگيون، پَکو منجهه پَٽَن(٢) [ن ق]
سريڙا سوڪ ٽٺا، ويڄها ولهارَن
ڇنڊيو چاڙهين جيڏيون، ٻارڻ ڪونيت ڪَن
اُن جون ڦهون پُوڄ ويائيون، ڏهي ڏڏ ڏهن
هينئڙو وِيرِ وندرِي، سيد چئي، سيڻن
موڪل ڏينهينم سومرا! ته وڃان وِڙهيچن
رڙي رتولن، مڇڻ مليرَ ري سري رهان.

[١٤] اَنو اويڙ ڦونگيون(٣) پَکو منجهه پَٽن [ن ق]
هيڪاندريون ٿي هليون، پُسي ڪي پَکن
ميڙين ڏٿ ملير ۾، سدا ساڻه ڪن
تني جن پکن، عمر! آڪنديي آهيان.

[١٣] ڦوڙين وس پَٽن ۾، ٿيا سريڙا سوڪ [ن ق]
ڪنوڙي پَڪي، قطب چئي، تنهن ۾ چڱا ٿوڪ
عمر! اباڻن جهي، جهنگهين ٻاڦلي جهوڪ
ور ويڙهيچا لوڪ، ٻَن سنهجين سومرن جهو.

[١٤] ڀرٺا تن تراڻيون، ڀيارڻيون ڀتيون [ن ق]
آئا ميڻين ملير ۾، تيئن ڏبيئه(٤) ڏهون
فراريون، قطب چئي، ويڙهيچن وهون
اهين ساعت ڪين سهون، تون تو سال جئايين سومرا!(٥)

---

(١) اصل: ڦوريون. (٢) ق ۾ هيءُ مصرع ڪانهي (٣) ن. انو ويڙ ڦونگيون ق. آنو ويڙ ڦونگيون (٤) ق. ڏينهن (٥) هيءُ بيت عمر چانڊيي جي زباني ٻڌ ائين ٿي ملي.

[١٥] جهڙا ڪِرڙ ڪَڪورِئا، تهڙيون لوِيون سِر لڳن [انق]
هيڪانديون تي هليون، پُسيءَ ڪي پَڪَن
ميڙين ڏُٽ مليرِ ۾، سدا ساڻهَ ڪَنِ
تِني جن پکن، عمرا! اُڪنڊي آهيان.

[١٦] ويڙهہ پَڪِي وڙاءِ، ڏارتِ پِڪِي ڏيهہ تان [انق]

[١٥ الف] تو جو سَنهجُ پانيو سومرا! آءٌ بالله پانيان بندُ [انق]
متَن ۽ سُهرو چاڻان، هَميراڻو هندُ
مارُئيءَ ڪي مارن جي، تن ۾ رهي تندُ
تين کي ڏاڏئون ڏيج ۾ ڏندُ، جن جي ڪوڪرڙ ڦوتُ،
قطب چئي.

[١٥ ب] منهنجو من مارن ري، رهي ڪينَ رتيي [انق]
هت لُڙيم لوئي لاڪ جي، ڪيم، قطب چئي، ڪَتِي
ڪَڏهن سڪ لاهيندس سومرا! آءٌ ويڙهيچن وَتِي
هيءَ جاڪارڻ ميل ستيي، تنهن جو پرورا! پَٽن رُهائين.

[١٥ ج] ڪيهَ، مانڌاڻو، مکڻي، ڦرهَ پَکِي ڦيلَ [انق]
پَڪا پيرُون پت جا، سرتين وت سبيلَ
رَڪي پَٽنُ پنهور جو، قطب چوءِ، ڪنيلَ
موڪل ڏينهيئم سومرا، عُمَرَ! لاهي ايلَ
ايءَ جا ستي ڪارڻ ميلَ، تنهن جو پروَرا! پَٽنُ رُهائين.

[١٦ الف] جيئن هيت گلَ گلاب جا، تيئن هت پُسيءَ جا پالارَ [انق]
پيرُون پَڪا پَٽَ ۾، ميوَنئون موچارَ
آهين وَڻَ وطنَ جا، مونکي هنيڙي منجهہ هزارَ
بينڪون، بلال چئي، آني هيٺ آپارَ
ساڙهَ جا سنگهارَ، مولي مون سين ميڙئين.

پَڪا پيرُون پَٽَ جا، سَرتين آيا ساءَ
چُنڊين ماڻ، ڪتين ڪاڻ، جيڏيون جاءِ بجاءِ
اِيءَ سَهَہ ساري سومرا! ڪوٽ وِهندي ڪاءِ
لِڳين اوڍين لوئُون، سرتيون سيلَن لاءِ
مارن مِڙان ماءُ! مُهت ساڻ مَلير ۾.

[١٦ ا] جينءِ ساڪوڻ ڪهاءِ، اَت پِتُون پينر پيٽُيون (١)
سا وِجُ پسئو وندري هنيون(٢)، ويني رات وهاءِ
ڍاڍِي ڍول اڪين ۾، رِهندوئي رِهاءِ [ذق]

[١٦ ب] عمَر! آباڻ ڪي، ڀُسي ڀڪي ڀَتَ
ڏوڏرا چُنڊيان ڏيهہ ۾، نجي ويڙهيچن وَٽ
ڪوءِ چنجا، ڀَن، ماڙيون، مونکي ڪِيڙِي اچن نہ ڳهٽ
هوءِ جي ڍاڻي ڍٽ، سي ڪاڻ ميڙ، قطب چئي. [ذق]

[١٦ ج] آئي آڏيا اوڏڙا، ويڙهيچن وٿاڻ
ڪونيان ڪڏ، قطب چئي، عمَرا! لاهي آڻ
تہ سي سرتين منجهہ ساڏوهيون، پرون چُنڊيان پاڻ
تن جيڻي جي تاڻ، اوءِ مارُو ملير آئياء. [ذق]

[١٦ د] ڪُهڙيون ڪوڙيون (٣)، قطب چئي، آن الاتوهار (٤)
آبُ آڏُوءِ (٥) تان وريو، سترها تيا سنگهار
آڏي آتخيين ٿئي، پُوڻن (٦) جي پڪار
پهنوارن جا پار، عمر! آهين اعزاء. [ذق]

---

(١) ق. 'پتون پينر پيٽيون، جئن سا ڪوڻ ڪهاءِ' (٢) ن. 'سا وج پسئو وندران' (٣) ن. ڪُهڙيون ڪوريون ق. ڪُهڙيون ڪوڙيون (٤) اصلي الاتوآهار (٥) اصلي آڏين. (٦) ن. پوڙن.

سونا ڪِيم سهاءِ، مونکي سندا ماڙيين.

[١٨] ڪُونڌُ ڪهائـي وَنُ(١)، ڏِسِ ڏاڏاڻن جـي [انق]
گاهَنِ گلزاريون ڪيون، جهنگين مورئا جُنُ
وَنهين ويڙهيچَنِ سين، آڳي ڪي آمُنُ
سرتين ساڻ سُمنُ، اُنِي آهِم اُتهين.

[١٩] سَنجهـي سنجن ڪـوهَ، صبحِ ساڏوين ۾ [انق]
پونياڙِي پڪـن ۾، لاڻِي جي لَهَ چُوهَ
سُونهِن سَبزَ، سيد چئي، ٻُونگَرَ مٿي ٻُوهَ
راتئو ڏينهان رُوحَ، مـهنجون اکيون مهڙ ملير ڏي.

[٢٠] هَي هَي نہ هونديا، ساري عمرِ سومرا! [انق]
چِچا، محل، ماڙيون، توڙ نہ نبهَنـداءِ
وِهامي ويندءِ، تينـدءِ ڏُک ڏينهن ڪـي.

وائي

ساريان موڪ ملير، پيرُون ڪيرُون جيڏيون! [انق]
پَرچون پهنوارن سين، هاجا چڙيين همير.
ساريان موڪ ملير
وِجان وطن سانهِين، شرم نِباهي سير.
ساريان موڪ ملير

(١) ن. اونُ

جھڙي گُسَّ گَسَنِ جي، تھڙو تانْ نہ عَنبير ـ
ساريان موڪ ملير

ڏسانڏيھي، آنْءَ جِنن جيھِي، ڪاڄِ جِني جو ڪير ـ
ساريان موڪ ملير

فصل ٽيو

[١] ڪِلو، خير تَئو، مارُوئَڙا! ملَير ۾ [انق]
صلح وارئو سومري، وِچان وير وِئو
الاھي! عنات چَئي، ڏَسَنِ ڪو مَ ڏُئو
اِي ڏَنُ ڏوتيڙن ڪي، پُوندو ڪونہ پئو
سُرهو سَپ هُئو، وطن ويڙهيچن جو.

[٢] آبُ جَندين، آنُ پورئينْ، جن جا پَڪا جُھوپا پالَ [انق]
اوپر تَرِ، عنات چئي، تَنِ جهجها آڏيا جالَ(١)
سِجُ سُياڻي جا ڪَري، تھڙي لوئِنِ وِڻڪ لالَ

[١ايف] لوئي عذ نہ لاهيان، جا ڪنهين چن چنيي وتي وڃان ويڙ ڏي، ڳڻن ساڻ ڳنهي سالان (٢) سکر پانئيان، جا ڏاڏاڻن ڏني ميڙيان ڏٽ ملير ۾، تسي(٣) ساڻ تيني جا ڳيس لئي جني، سي ڪامڻ ميڙ، قطب چئي. [انق]

(١) اصل ۾ ھيءُ مصرع ٽيو نمبر آھي. (٢) اصل. شالا (٣) اصل. تنهين.

جن جي ڪالَ برابر سال(۱)، تن بنديئڙن بدا ڏئين.

[۳] سونهن ڪرڙ خاص، وڏيڻ ويڙهيچن جا [ان ق]
’اُنَّ‘ انهيَ ڏيهه ۾، ڏيجُ جني جو ’ڏاسَ‘
پَٽولي نه پاڙيان، لوئيَ جي لباسَ
آلا! پُڇي آسَ، اُڪنڊين، عناتُ چئي.

[۴] ڪينءَ ٿرين، ڪينءَ ٿوهَرين، ڪينءَ آباٽي چئجاءِ [د]
پائُرَ جي پيرن ڪي، آئين ڪو عرض ڪجاءِ
اللهُ! اُت نجاءِ، ته لوئيَ جي لجَ رهي(۲).

[۵] مارُو مارِ مَ سومرا! ماريو مال وڏين [د]
آجائيَ جو، عناتُ چئي، تون صاحب سڌ سڻين
هي بند لاهِ تنين، جي قيد نه وينيون ڪڏهين(۳).

[۳ ب] عمر! مون نه، آئڙن (۴) محل، چڇا ۽ ماڳ [ان ق]
دل دوپيازو نه وٺي (۵) وَرُ مارُهه جو ساڳ
ڪوءِ پيرم (۶) پن بادلا، لوئي منهنجو لاڳ
جڏ پربو بندياڻيءَ پاڳ، تڏ لٿو قيد، قطب چئي.

[۴ الف] ڪوئي وهي نه، قطب چئي، پلنگ ڏني نه پير [ان ق]
اهڙي ستهل سهاڳ ڪي، قبوليندي ڪيرا!
ڪوءِ چڇا، پن مارُيون، وَر هٿي جي هير
پلئي، پايو پير، ڪينءَ ۾ ڪاڏم ڪيت سين.

(۱) ن. سال برابر ڪال. (۲) ٻي روايت: ’الله ڪي چئجاءِ، ته لوئي ۾ لج رهي‘. هيءُ بيت ميان امام علي شاه کان مليو. (۳) هيءُ بيت ميان امام علي شاه کان مليو. (۴) اصل. آئڙي (۵) ق. دور دوپيازا پانئيان (۶) ن. پيرم.

[٦] سَتَ سيهڙيون سَائرا، ڏَڏُر ڪاڪارو [انق]
سوڍِرو ۽ سَڌرو، ڏُنبُ، ڏُڪا، ڏارو
مُنهن ماڙيچو سِنڙو، سُڪئو سِمِرو، ڪانڊُ ۽ ڪارو
پَندُ پٽنئانْ آڳِرو، جت اُنن جو آرو
ڪانگڙ جو گابن ڪي، مِڙنئانْ موچارو
ڏنوسون ڏينهين گهٽي، بانڊُ ويچارو
'اِذا هوَ(۱)'، عِناتُ چئي، ڏسن موچارو(۲)
جيلانه اڏر آمارو، ٽين وَهندِ وَسنڌي پانئيان.

[٧] اوريون ٽَرُ اوري، تنهان پريون پارڪَرُ [انق]
وِهن ويڙهيچا وچ ۾، سانِيڪا سوري
ڪير تڙيندو تن کي، تڙن تان تو ري
بخش ٿئي بريِن کي(۳) تہ اچن ڏِڪاڏي ڏوري

[الف] لنگهي آڏتري، ڪنهن آڏي اڳانهان اوهريا [انق]
سائين ۽ ڪارڻ سومرا! چڙهہ فقير تري
اچن ويڙ وري، ساڙه منجهہ، شريف چئي.

[ب] پهچي سانگ، شريف چئي، ويا منجهہ ڏرن [انق]
سارو سُهڙ سليمر ۾، الا! شال اچن
اوڏا اباڻن جا سنيها سچن
پيلا شال بچن، هيبتان همير جي.

(۱) اصل. ازاعو (۲) ق. بسڙ پيارو. [۳] اصل. برين تي

اُنـي سين اوري، گڏ گذارئان ڏينهڙا.

[٨] مَٿي چڙهي ماڙيين، ڏہ وَڻ ڏنائين(١) [انق]

ڪؤنـرا ڏؤنـرا پَـڪڙا مَلير مُـڪائـين

نياپا نينهن گاُڏئـان، پانديـن پُڇيائين

اڇان ايڏاهين، جي سپاجهو پاجهہ ڪري(٢).

[٩] مارو ڏان محتاجَ، آهي جان آووٽُ ڏہُ [انق]

مَليرَ اُڏَنِ مينهڙا، تہ ڪَر پُنا ڪاجَ

---

[٨] مليرانؐ مـــارُن جـــون، آلا! ڪو اڇـــي [انق]
صلح وارڻو سومري، ميلُ نياپو مـتـي
بنديائـــي، بـــلال چئي، بيلي تنهن بچي(٣)
صاحب نهئي سچي، منهنجو بندُ پِدا ڪيو.

[٩ الف] ڪوڏ ڪـسـتُ ڪانپايون، مٿي ڦهڦن ڦار(٤) [انق]
ونهين ويڙهيچن جـــي تـــڙ تـــڙ منجهہ تـــوار
سـرها گهٽو، شريف چئي، آئـــن مينهن اپار
سرتين سان ستار! شال وطن جي وس چران.

[٩ ب] آئا مينهن اڪئونـــدرا، ٿيون ساٿيڙيون سرهيـون [انق]
ڏوٿين پريون ڏٺ منجهان، قطب چئي، ڪـرَهيـون
ساٿـي نيچ سنيهڙو، ڪِجهانـــدر ڪِـرَهيـون
سالون سومرين جـــون، پنهن نــــہ پـرهيـون
پاڪيزيـون پَـر هيـون، سون منان مور نہ وسريون.

---

(١) ن. ”ڏٺائين“ اهڙي طرح ٻيا جملي ڦانيا (٢) ”سانين پاجهہ ڪري، تہ اسين اچون ايڏاهين“
(٣) اصل. ”تنهن جي بلي بچي“ (٤) ن. ”ڀار“.

پِٽن سيئن، سيدُ چئي، رهي رهندا راج
ڪٽيو چاڙهين ڪاجَ، لَٽين ڏارتِ ڏُڌ جي.

[١٠] ٽَڏو واءُ ٽَرن جو، مُنهَنُ سامهون ماءُ! [انق]
سُپيريان جي ساءُ، وهند وَسَندي پانئيان.

[١١] وهندِ تو سين وينتي، مون سين سوُنهين ٿيءُ [انق]
تَڙ تَڙ اُتي تهنجي، اڇئو پاٽي پيءُ
تن ساٿين لڳي م سيءُ، ڪهه ۾ تينِ م ڪهِرا.

[١٢] هَڪَلَ ميرَ هميرَ جي، جڏهن بُڏائون [ر]

[٩/ج] آئا مينهن ملير ۾، واحد ڪيئن. وراڻِ [انق]
ترايئون ترڻ ۾ پريون هزارين هاڻِ
اتان گهيڙين گهيتا، ٻڪر پيتا، ڪن ريلن منجهہ رهاڻ(١)
چتا کيتا، مٿن رپتا، لٿين، قطب چئي، ڪاڻ(١)
عمر! سون آماڻ، تہ ڏسان ڏاڏاڻن کي.

[٩/د] آئا مينهن ملير ۾، [ٿيون] وڻين واڏايون [انق]
مون جيڏيون ان ماڪ ۾، ڪن ولوڙڻ وايون
جانڪيتيان، يوسف چئي، ان کي سرهايون
آءٌ ڪيئن پرعيان تنهنجون، سومرا! ماهيون
ٻلئہ منجهہ پايئون، پيرون چنڊيان پرينءَ سين.

[١٢/الف] هيئون هميرا ڪر م ڪَکَ- چرنِ تي [انق]
سڪي هئونِ سارهہ ۾، ڦٽا ڪر فقير

---

(١) ن ۾ هڪ ڪڏيل مصرع هن طرح ڏنل آهي: 'اتان گهيڙين گهيتا، ٻڪر پيتا، چتا کهتا، مٿن ريتا، لٿن، قطب چئي، ڪاڻ'.

تنهين ويل ملير مان، ڪرجينون ڪنيائون
ان اوسيڙي، عِنات چئي، لڙ نہ لاتائون
ڪنبندي ڪنيائون، جيڪي هُئن حياتيءَ ڏينهڙا(١).

[١٣] اُنَن اونِي آئيو، اُنِي تِين وَراڻِ [ن ق]
لـتي لـووَڙيارئين، مـڙيائي مُنهن ڪاڻِ
هَميرنئون هاڻ، مُهتُ لَهندينءَ مارئي!

[١٤] اُنَن اونِي آئيو، پڇئوسـون پاندي [ا ذ ق]
خَبَر سَندي سَڄڻين، جُـه الله آندي
جا مارُوئن ماندي، سا سانِيين ميڙ، سيد چئي.

سـتين ڪي، شريف چئي، جـڙون لاهہ جنجير
ڪتهيريـون سون ڪـير، ڏيـن ڏاڏائـن ۾.

[١٢ ب] لنگهي ڪالهہ، قطب چئي، ڪنهن اونهي ترئيا [ا ن ق]
هيبتان (٢) همير جي، وري ويهڙ ويـا
جـن رڻ ساعت نہ سـري، پهر تـن پيا
سنيها سيڻن جـا، ٻـچن ڪـين پيا
اوءِ هـلي منڍ هيا (٣)، شرم هٿيڪي سومرا!

[١٣] ستٌ وڏائي سـيل رکيائين، مارو ڪيائين مـنٌ [ا ن ق]
جهڪـين چيس سومري، سو نہ لاياڻين ڪـنٌ
ٻـڏمـن وڏي ٻـنٌ (٤)، سانيين ميڙ، شريف چئي.

---

(١) هيءُ بيت حاجي محمد سودي جي روايت موجب لکيو ويو آهي. حاجي عمر چانڊيي جي روايت ۾: 'هاڃو مير همير جو'، 'انيءَ مهل ملير مان'، 'ادي ڪان'، عنات چئي، لڏون نہ لاتائون' (٢) ن. هيبت ڪان (٣) اصل. هيٺيان. (٤) ق. سانٻـمن وڏئي ٻن.

[١٥] اُٿَنِ اُونِي آئيو، اُٿي تين وس [ن ق]
ڪڍهن ڪانَ پَسيُونِ، ڪتيرياٺينِ ڪَسَّ
سا ماڙين جوڳِي سَّسَ، جهن جو محب ملير ۾.

[١٦] عُمَرُ اُماڻي، آيو سامَ، سيّد چئي [ن ق]
ٿانيرَ تي ٿَرنِ ۾، پيٺو لٿو پاٺي
مارُئي مِلي مائٽين، ڏِکي ڏاڏاٺي
هيبتان هاٺي، ڇٽو مُلڪ مليرَ جو.

---

[١٥] آٿــن اوڻــي آئيو(١) وڻ ڦٽا، ٿـــي وَسَّ [ن ق]
مرتيون ۽ ساهيڙيــون ڪن رهاڻيون رَسَّ
ڏسان ڏيهايــن جــا گهو، گامون ۽ گَسَّ
سندا بندَ، بـــلال چئي، قادر لاٿا ڪَسَّ
سا ماڙين جوڳي مسَّ، جنهن جــو محب ملير ۾.

[١٦ الف] پسٺو بـــازر بنگلا، ٿيي منهنجو ڏيلُ ڏريو [ن ق]
سنهڙي سيڻن جڙي، هنڙو ڪـــــو هريو
سڻائـــيءَ جـــو سومرا! وهلو واء وريو
پوريـــون قـــول، قطب چئي، پنهور جـــو پريو
جونو چيڙهه پريو، وجي واسيند پس ويڙهه ۾.

[١٦ ب] قيد منجهه، قطب چـــئـــي، وڏو فيض ٿيو [ن ق]
صلح واريو سومري، ايءَ قادر ڪم ڪيو
ڀُونڊو ڪونه ٻيو، آڏو آجڙيـــن ڪي.

---

(١) اصل. ’آئيا‘.

[١٧] سِڻ ڏيو سِرِ جهوپڙين، آئِي آجوهي [نق]
اڱڻ منجھ، عناتُ چئي، پَئي پابوهي
ڪوٺي پانهُون ڏي، لوڪان ليکي وِڄڙي.

[١٨] سِڻ ڏيو سِرِ جهوپڙين، آئِي جوهي جوءِ [نق]
سا وِجُون پَسي وِماسيون، جا سُونهن سنديامي هوءِ
اوَهَس پَسئو آتهين، پتنگ سيڪو پوءِ
جڏ(١) مارئِي متو ڏوءِ، تڏ(٢) سورج سُونهن جَهڪوٽئي.

[١٩] سِڻ ڏيو سِرِ جهوپڙين، آئِي جوهي زالَ [نق]

[١٧ الف] آئِي جوهي جهوپڙين، سِڻ ڏيئي سڻ پَرَ [نق]
ڪنهين ويلَ، قطب چئي، ڪاسڻ موڙي ڪَرَ
ويو اوهَس امبرين، داوَڻ ڪينوي دَرَ
اِنَ سَهانِيُ سَنِرا، تا ٿُلين چَرَنِ ٿرَ
منجهہ ٿاهَرِئا ٿَرَ، ڏنانون ڏينهن ٿيو.

[١٧ ب] آئِي جوهي جهوپڙين، سِڻُ ڏيئي سِڻَ وٽِ [نق]
تنهن کي چيو ڪانڌ، قطب چئي، اکيون تون آپَٽِ
تنهن جي لالي لالڻيان اکري، ماڻيڪ تَنهين نہ مَٽِ
ٿيا سَرها ڏاڏي ڏِٽِ، تہ ڪينوي داوَن دِ پس تي.

[١٨] جهڙي چانڊ چڪور، آنگن آنٺان ني اکري(٣) [نق]
ڪيلي مُٽي سيج تسي، ور سين ڪري وور
سنهنيندي شريف چئي، منڌ مُڙي جڻ مور
چئني ڏسيين چورَ، تا وانجهُ(٤) نہ ڪن ويڙهہ سين.

---

(١) اصل. جڏهن (٢) اصل. تڏهن (٣) ق. اکوڻان ني اکري. (٤) ق. وانجهڻ.

تهن جي لڱن تان لهي پيو، ڪر لوئي پلؤ لال
وڃون وسڻ آئيون، اِن آباڙيَ آهال
ڪامڻ ٿئي ڪهال، سورج جي شرماڻ جي.

[۲٠] آيي جوهي جهوپڙين، سڻ ڏيئي سڻ جهل [انق]
پدمڻ جو پدرو ٿئو، تنهين منهن مهل
وڃون وسڻ آئيون، اِن اباڙي آهل
ڪامڻ ٿئي ڪهل، سورج جي شرماڻ جي.

وائي

[ن] ٿر تاريلن ساڻ، يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
تو مل ڏڪئا توشڪون، تون عمر سلطانُ-
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
مون ڪٿا ستا کهه جا، تن ويڙهيچن وچاڻُ-
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
پئي م عمرڪوٽ ۾، ڏهن ڪشيريَ ڪرجاڻُ-
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
الاهي، عنات چئي، ايُ سيلُ رهندم ساڻُ-
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي

سرود پرياتي*

فصل پهريون

[۱] ڏَرَ مَ پيائنج ڏورِ، اوڏو گهڻو، عِناتُ چئي [انق]
ڪوه چينيائين پاڻ کي، هلي وڃ حضور (۱)
پيلي ڏُونده ٻئن سين، پَهُ ڪري تون پُورِ
مالَ ماڻڪين موتيين، توتي عاقل ڪندو اوُرِ
پَنگُرئا ڳالهه پرورِ، هِي ڏاتارُ ئي ڏِڏَنِ جو.

[۲] ڏَ ڏُ تي ڏانُ گهرُ(۲)، اِت وِجا تا نه وري [انق]
عاجزيون، عناتُ چئي، آيو پانُ پِرِي(۳)
اِتان گُهرِي گُهري(۴)، چِنڊا(۵) لاڏي چارڻين.

[۱] صبح سو سوار، جوڙ جنهن جو ناه ڪين [انق]
هدل هاشمي ء سامهون، ٻئي ڏُونده ڪيم نهار
بخشين بوڄ (٦)، بلال چئي، وجهي ڏيل ڏُنار
دانهن جي ء دربار، ناآميد نساه ڪو.

* ق. سرود پرياتي.

(۱) ميان امام علي شاه کان مليل روايت موجب: 'ڪلهي پائي ڪينرو، هلي هوت حضور.' ء پڻ نصرپور جي بياض مطابق.

(۲) ن. 'ڏڏ تيين تان ڏان گهر.' (3) اصل. 'ايا پان پري.' (4) ن. 'اُتان گهري گهڻي.'

(5) ن چتان. (6) ن. بوجهه.

[٣] چائين جانءِ چارڻ! تان ويلا لهه وهاڳ جي [ن،ق]
ڪَنجهيون، ڪُماچا، ڪِينرا، دُرست آئئي دارڻُ
اڳين جي، عِنات چئي، جي سڪين پِر پارڻُ
تہ ڪوڙيين پَتين ڪارڻ، تُهنجو ڏاتَر
ڏيهاڙيون ڪَري(١)

[٤] جاجڪُ آهيين ذات، تہ ويلا لَهہ وهاڳ جي(٢) [ن،ق]
ڪَنجهيون، ڪُماچا، ڪِينرا، ڪَر تِنيءَ جي تات
ڪيرَتُ رَڪُ قُلوبَ ۾، ڏينهن سڄوئي رات
تہ ڏاتَرَ مُلا ڏات، جيڪا مڱين سا لهين.

[٥] مڱڻا مَڱُ ۾ تن ڪي، ڏيڻ ڏُهلو جَنَّ [ن،ق]
سعيو وانءِ سَپِڙ دَر، جو صاحبُ سِرُ سَخينَ
ڏيهاڙيو ڏانَ ڏي، اوڳڻ آڪاڄڻ
جي پُرزو لَهنِ نہ پنئو، تُريون بَخشي تَنِ
جُه اوڙِڪيو(٣) اڪين، تہ ويلهَہ وڃي وسري.

[٦] ويلون ڏي ولِهنَ، ناڻ سَڄائي ناڪُرو [ن،ق]
مَنڊا ڏُنڊا مڱڻا، تو دَرِ چانگُون ڪنُو چُلنِ

(١) ق. ڏينهاڻئو ڪري. (2) ق. 'ويلا لهه وهاڳ جي، جان جاجڪ چايين ذات' (3) ن. ۽ نصرپور جي هڪ بياض مطابق.

ٻئا ڏاتار ڏسين ۾، هزارين هلن

توسين تو ۽ نہ تلن، جو تون آڄهو اڀوجهن جو.

[٧] اڀوجها اوڏا، ڏرن پرن سي گهٽو [ن ق]

پاڻ پسي جن پليو، حجت ۽ هوڏا

ڪوٺيو ڏي ڪوڏا، آن ڪي سپڙ ڄام سڏيو(١).

[٨] تون رُونجهن سنڌ راڄئو، سپڙ ڄام سردار! [ن ق]

آهين ڏُهنجي آسري، لنگهي(٢) ٻچا ٻار

جانب پرورئم ٻئي پار، تان جيڏ ڪونہ جهان ۾.

[٩] ڏکي آئي ڏول! سنجهي جاڳ، سيد چئي [ن ق]

ڏاتار ۽ مڱڻي، ڪئا ٻيلي جا ٻول

راءِ ريڏو، پاڻ ايندو، ڏاڻ ڏيندو، چڙهي ڇوڏول

[٩] سنڌا رُونجهن راڄيا! تون ڳاله، هنئين سين لاءِ [ن ق]
لنگهي تي لاڳ کڙي، تنهن کي، ٻرُو چئي، ٻرچاءِ
پاڻ پٽي، گهر ڳايئرو، ڏاران ڪير نہ ڪاهہ
مونکي، مڱڻهار، چئي، موني ساہ ڪراءِ
سپڙ ڄام! سنڌياءِ، آءٌ سٽي سوياڳت آئيو (٣).

(١) ق. سڏو ڪيئو (٢) ن. لنگهي (٣) حاجي محمد سوڍي جي روايت موجب:
پاڻ پٽيي، ڳل ڳايرو، ٻئا ڪير نہ ڪاهہ
ايءَ سٽي تي موجون ڪري، جئين شاه! موني ساه سنباءِ
ٻرو چئي ٻچاءِ، ايءَ لنگهي ٿيو تي لاڳ کڙي.

مَرُ لَنگهِي ڪَرِي لَولَ(١)، سَپَرَ جِي سُهاڳَ ۾(٢).

[١٠] چوناٽِي! ڇيو ڪرِيين، آسائُن جو اِيءُ [ن،ق]
ڪامڻِ ڪوٺِي هيرِئين(٣)، سَهِي نہ سگهي سيءُ
تو مُنهن وڏو ويءُ، جي ڏئين تہ ڏُهُ سٺي.

[١١] سُٺي سوياڳَت، سپرَ تُهنجي(٤) آئيو: [ن،ق]
تہ ڪريان ڪُڙماين سين، پاڻَ پنيرا پت

[١١ الف] ڪَڏهِي آيو ڪالَ، مگڻو پَسَڻَ ملوڪ کي [ن،ق]
ڏَڏُ چوءِ ڏاتار کي، عرض ۾ احوالَ
ساز نہ سگهيو، شريف چئي، تَنهِنَ نہ چاڻي تالَ
گهڻا مڇي پالَ، جي نالائق نوازيين.

[١١ ب] آيو ڪالهہ، ڪَڏهِي، مگڻو پَسَڻَ ملوڪ کي [ن،ق]
عرض ڪري عاجزيون، رونجهي پاس رهي:
حالُ منهنجو هڙو، تون پساريين پَهي
نظرُ ڪَرَ صحي، تہ لنگهو لاڪيٺو ٿئي.

[١١ ج] ڪُڙماين ڪڍي ڇڏيو، سگهڻ سؤ وار [ن،ق]
مُنهن تي چئون منڊي کي: ڏاريون آهين ڏار
ڪانهو گهڻو، قطب چئي، عاجز ٿيو آيار
ڪي ستاري ستار، تنهين وِڌل تنهن سين.

---

(١) اصل. 'لوڏ'. لول = آنول = خوشيون. (٢) حاجي محمد سوديءَ کان هن بيت جون هيٺيون مصراعون مليون:

ڏاتار ۾ مگڻي، ڪنا هٿا پيلي منجهہ پول
سو ايندو، ڏانُ ڏيندو، چڙهي ۾ چوڏول
اِيءَ لنگهي ڪندي لوڏ، سپر جي سهاڳ ۾.

(٣) ن. هيريين. ق. هيرائي. (٤) ن. تهنجو.

آسائُنِ(۱) البت، چوڏاڻي! ڇيو ڪريين.

[۱۲] جو پائُني(۲) پوءِ، رُونٿو رُسائي ڪَيئُو [انق]
تهنڪي تڪيو رهيو تهنجو، سپڙ چامِ سندوءِ
ڏَڏُ ڏَڏائي پانهجي، تو چوڏاڻي ڪي چوءِ:
جو لينگو(۳) لوءِ بلوءِ، سو محتاج ملهائيين.

[۱۱] رُونٿو منجها راتِ، ڪين پرُوڙي پنگرُئو [انق]
ساڄ سُڙيائي نه لهي، نه تهنُ ڏال نه ڏات
ساڻ نه نيو سگهڙين، پهه متي(۴) پرپاتِ
ڏڏُ ڪي ڏيئي ڏاتِ، سو محتاج ملهائيين.

[۱۳ الف] تنهنجي گهڻر گهڻرائيو، ڏاتر ڏڏُ ڏ عاءَ [انق]
ٿري پري(۵) پتڪري، ڏڏو رونجهو راءَ
سپ پروڙي، شريف چئي، عاقل ني اڳياهَ
ڪُڄيو ڪين مڱهاءِ، درست تون دانُ لهين.

[۱۳ ب] چوڏائيءَ کي چاءَ، ڏيهائي ڏيئي جـو [انق]
جڪيي لٿي جاجڪين، طاماعُن تڻاءَ
ڏڏُ چـارڻ پانهجا، آنائي آئاءَ(۶)
تنهن کي ڏنائين سونُ، شريف چئي، تازي طبيلاءَ
تهون سو پيلاءَ، رُونٿو گهٽو رائي ٿئو.

(۱) ن. آسائُن. (۲) ق. پاءَ ني. (۳) ن. ليکئون. (اجو ڪان سواءِ). (۴) ق. متي.
(۵) ن. قيري. (۶) ن. ڏڏ چارڻ ڏي پانهجو، آنائي آناءَ. ق. ڏڏ چارڻ پانهجا،
آئايائين آناءَ.

[١٣] وَنئِنُ پارَٽَ! پيلي، تہ چارڻ! اُتَ چگي تئي(١) [ن،ق]
ڪُڙمَ(٢) سَرتيين، مائٽين، ڏَنَ ڪيئو ڏيلهي
راءِ رُونجهي ريلي، ڏَڏُ جينءِ ڏهرَ رِجائيو(٣).

وائي

ٻئي دَر وچ مَ ڪيڏاهين، جان تون ڄام ـگَنڊين مگڻا! [ن،ق]
اکيون ڦير مَ ڪند ڪياڙي، ڏيندءِ ڪم اِناهين.
ٻئي در وچ مَ ڪيڏاهين
موتي، ماڻڪ، مال گهڻيرو، ڏيندءِ پيلي سائين.
ٻئي در وچ مَ ڪيڏاهين

فصل ٻيو

[١] ڏمر سوڙ سُهاڳَ، آجها گُهرجي آڄڪو [ن،ق]
اِيُ وَسَ تو هِي(٤) وَلهَا! جي پِرِينَ تہ پِري پاڳ

[١٤] ڏڏُ ڏٺي ڏاتارَ، ڪوٺايو ڪوڏِ پٺيي [ن،ق]
رونجهي ڄامَ راضي ڪيئو، سمنگيئو سردارَ
تنيز تُهان ڏارَ، ماري ڪانَ، شريف چئي.

(١) ق. چارڻ چگو ٿيو وڃي، پارٽ منجهہ پيلي. (٢) ق. جو ڪڙم. (٣) ن. ريجهائيو.
(٤) ق. توهين.

جن وَٽ وَرُ وهي، تن کي ويهين ڏين وهاڳُ(۱)
ڏُکَ ڏُ جهاندِ ڏُهاڳُ، اُنٿان الڳ(۲) عنات چئي.

[۲] جهوپو سهي نہ سيُ، اوچِتُ گهرجي آجڪو [ا ن ق]
الله لڳ، عنات چئي، ويٺ وساسجِ ايُ
اڳتُ آيو تِيُ، تہ ڏولا! ڪهن ڏِنگ ٿيان.

[۳] رونجهاڻيَ راجاڻَ ڏِي جن پرتان پرئا پير [ا ن ق]
مال ماڻڪين موتئين، تن ڏوڙي ڪيا ڏير
پيلي ٻر ٻاجهون ٿيون، سپ سرهي ڪير(۳)
ويندي تنهين وير(۴)، اڳيان نتُ نوازئا.

[۴] غافل گرناري، آريون آزُڏِيونُ ڪري [ا ن ق]
سڱَ سڱَتين چڏيو، سي ڪن بيزاري
ڏولي مُنج ڏيهہ ڏٺي! مون ڏونہ موچاري
تہ آنءُ ڳالهہ ٻهنجي حال جي، سلانُ سواري
طامائن تاري، چوڏاڏي ري ناہ ڪا.

[۲] جنهن کي سڪائي جيءُ، سو پسان پيءُ اکين سين [ا ن ق]
سپاجهڙا! شريف چئي، عرض اگهائج ايءُ
اڳتُ آيو تيءُ، تہ ڏولا! ڪنهن ڏِنگيءَ ٿيان.

(۱) ق. 'ڏيهي ڏين وهاڳ'. (۲) اصل. ارڳ. (۳) ق. 'سپ سرها ڪير'. (۴) ن. ڪنهن وير.

[٥] مڱڻا! مڱج جامَ کي، صُبحَ جو ساري [انق]
پِي سپيئي پرُ تَئا، جي اچنِ ان جي اوتاري
سيّد چئي، سوالين کي، کِليو کِيڪاري
وڃيون ٿـو واري، چوڻائي چِتِ ڪئو.

[٦] هِنَ سَرَ آئي ڪو، آبَ آجيوئي نہ رهي [انق]
راءِ وٽ رهي جو، تهن کي جُکي جانڪيتان نہ ٿئي.

[ش - الف] سـڙي منگتا آئيا، داتـــا پنن دانُ [انق]
اکين تي پڻ اکرو، سـپـڙ جو ستهانُ
ڪوڻايو، قطب چئي، ٿو ڏي ڏڏن کي ڏانُ
سو مڱجي مهربانُ، رونجهن سندو راڄئو.

[ش - ب] رونجهي وٽ رهاڻ، سدا سوالين جي [انق]
پيٽيون پائيوٽن جون، پٽهئو (١) بخشي پاڻ.
چِتُ چوڻائيءَ آکرو، انهي ئي آهجاڻ.
ٿئي، قطب چئي، ڪاڻ، جو ٻلي ڏٺي ٻاجهون ڪيون.

[ش - ج] رات وهاميو ڏينهن ٿئي، ڪيا ساج سُکيڙن سَرِ [انق]
ڪريين ڪيڏُ، قطب چئي، غافل ويٺو گهرِ
پانهئون پائنج پاڻ کي، هُت آزرديءَ آپرِ
رُونجهئو تن ريجهائيو، جني ڪُرنگيءَ (٢) ڪَرِ
پارج اهڙي پَرِ، تہ دارين جو دانُ لهين.

[ش - د] صبح جو سلطان کي، آئيو عرض ڪن [انق]
تازي طيلن مال، ٿو ترت ڏياري تن
آسانو، اوپايو چئي، تا منگتا مرڪن
جني پارس کي پيٽن، تن کي جُکي جانڪيتان نہ ٿئي.

---

(١) ن. پهئو ف. پٽهون. (٢) ق. ڪُرنگئي.

[۷] تَندُون جوڙ تُنبيرَ ! اُتي، ساجُ سَنياء تون(۱) [انق]
مگٽهارَ ! ملوڪ اڳيان آتَئِي(۲) وَڄاڻَ وِيرَ
دائم اِنهي دَرَ جِي، جنِي آهِي هيرَ
تن ڏوئي ڪئا ڏيرَ، خاصِ خَزانِ منجها.

[۸] پئو ليئين لُٽَ ! اُتي اَللهُ نہ گُهرين(۳) [انق]
رُونجهي راتِ اُپَٽئا، پيتَين ٿان پاٽِٽَ(۴)
ٿئانْ چُندِي چارِٽين(۵)، ميڙِي پِرَئا مَٽَ
تن پَرَهئا پَٽَ، جي لينگ نہ لائق هيڪَڙِي.

[۹] وَنْء داتا جي دَرَ تي، سُرودَ ساجَ ڪٿي [انق]
ريجهائج رُونجهِي ڪي، هتن ساڻ هَٿِي
تندُ تُنْبيرِي تهنجِي، سا جِي وِيرَ وَڍِي
تہ ڏيندء ڏيهہ ڏٿي، ڪاڻيون خزانن جون.

[۸] چوٽاٽيي چِتائيپين، تہ مُهت پِرّپيٺِي مانُ [انق]
کهوڙا، مينهون، مال کهٽونِيي، ڏي ڏڏن ڪي ڏانُ
يوسف چئي، جهان ۾، سپڙ جو سڄانُ
سو مڱج مهربانُ، تہ پڙيپين سيئن پڙ ٽئين.

(۱) ق. ساج سنياڻي تون، اُتي چور تنبيرُ. (۲) ن. ٿئي، ق. ٿيي. (۳) ن. نڪُهي.
(۴) اصل. پاٽيٽ. (۵) ن. چارٽن، ق. چارٽي.

[١٠] ڏَڏُ تـي ڏانُ گهرُ، ڇڏ وِڃا جِي واء [ر]
اٺئي پهر، عناتُ چئي، پاند ڳِچي ۾ پاء
سَڀَڙَ جامَ سنياهيا، [تازي توئِي] لاء
هوء جي جاڻن ڳاء، سي مُهت لهندا مڱڻا (١).

[١١] جاجڪَ جاڻَن جا، سا پَر آڻَء نه سڪئو [ر]
سُڻي نه نينِ پاڻ سين، سَڳا جي سِيَا
جي رِيجهين ڏونرا، ڏان پڻ ڌاري تَران تُنهنجي (٢).

[١٢] آجهو نڪي آڳ، مهنجو جهوپو سهي نه سِيءَ [ر]
آگهايين، عناتُ چئي، عرضُ مهنجو اِيءَ
ڍوليا! ڍڪڻُ تِيءَ، ته لوئيَ جِي لڄ رهي (٣).

وائي – ١ *

ڏوکي مڱان، تون آهين، ٻئو در ڪونه سڃاڻا [ن ق]
اندا ڪري اڳ ۾، ڪونائين ڪاڻا.
ٻئو در ڪونه سڃاڻا
الاهي! عناتُ چئي، نوازي نماڻا.
ٻئو در ڪونه سڃاڻا

(١) هي بيت 'شاه ديواني' جي درگاه (نري، تعلقو ساتلي) واري مسجد جي ديوار تي لکيل هو، جتان قلمبند ڪيو ويو. (٢) اصل. 'جي ريجهايين را'. هيءُ بيت ميان امام علي شاه ڪان مليو. (٣) هيءُ بيت ميان امام علي شاه ڪان مليو.
* هيءَ وائي ميان امام علي شاه ڪان پهتي. (١) ق. بدذ. (٢) ن. ديسو. (٣) ق. مڱورا.

وائي-٢

مدت(١) مديني جامَ، تِي' اسان سِين عربي! [انق]

اسان انديشو(٢) جن جو، سيئِي ڪن سلامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

هِي جِي داوَنِ دوسَ جِي، آجا سِين انعامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

سَنگہ ڙِڻا(٣) سڀ سات سلامت، اوباهيين آيامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

نندِيا وڏا پَهيَڙا، سَرَنِ تهنجي سامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

چئو صلواة صدق سين، اِي' مولوذ مدامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

اِلاهي! عنات جا، آگهايين ڪلامَ(١).

تِي' اسان سِين عربي!

---

(١) ن ۾ هيءَ پهرين مصرع طور ڏنل آهي.

سُر ڏناسري

فصل پهريون

[١] پلؤ تُهنجو پِيرا! سهڄان وَنِئم شيخ جِي! [ان ق]
لڳاسون لغام سين دِلئان دستگير
اوسيڙو اميرا! ميران لاءِ مريد تان.

[٢] تون بغدادي بادشاهہ، اسين سنڌ فقير [ن ق]
جانڪيتان جيلان ڏونهن، آهہ عنات اڪير
جوسؤنڪو منجهہ سرير، سو غم گيلاني ڪٽئين(١).

[٣] ڏُن تون ڏناسري، ڏُن تون داتهہ وِير(٢) [د]
ڏن جهنڊا پاتئي، ڏُن ماهِيا ڪِير

[٤] متان منهنجا پيرا! ڏينگر ڏيهلي ڇڏيين [د]
آجهي جهڙو آهيين، پانءِ مڃائج پيرا!
تون بادشاهہ بغداد جو، اسين سنڌ فقير
شاهہ رُڪن سُڌير، رهيو آهي روح ۾ (٣).

(١) ن ۽ ق ۾ هيءُ بيت پهرئين بيت سان ملايل آهي، جنهن جي آخري مصرع هن طرح ڏنل آهي: 'ميران لاءِ مريد تان، اوسيڙو امير'. مگر جملي زباني روايتن موجب هيءُ بيت جدا پڙهيو وڃي ٿو، انهيءَ ڪري هت پڻ جدا ڪري رکيو ويو آهي. ميان بخش علي شاهہ جي روايت موجب هيءُ بيت هن طرح آهي:

تون بغدادي بغداد ۾، اسين سنڌ فقير، ڪا جا هير هيلڙي، گيلاني ڏي اڪير
عنات جي اولاد تي، ڪر پالوٽيون پير، سونڪو منجهہ سرير، غم گيلاني ڪٽئين.

(٢) اصل: پير (-) هيءُ بيت خلقي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي ۾ 'سر ڏناسري' هيٺ مين شاهہ عنات جي بيتن سان گڏ مليو، جتان قلمبند ڪيو ويو. شاهہ جي رسالي، سر ڏناسري د - ١، ۾ بيت هيٺين ڏنل آهي:

متان منهنجا پير، ڏينگر ڏيهلي ڇڏئين، اونون تؤن اڪارين صاحب شيخ سڌير
جيلاني جهانگير، هت جواج ڪانءُ مون.

عنات جي اولاد تي، ڪر پالوڻيون پير (١)
سانوڻ وَهي سِير، غم گيلاني ڪٽئين (٢).

[٣] سٿي پاڙيَ پانهجي، ڪر قادر پيرا! ڪرم [د]
جو منجهِن مون مَرم، سو غم گيلاني! ڪٽئين (٣).

....

[٣/الف] تون پيرن ۾ پاتشاهہ، تون پيرن ۾ پَرمُ [نق]
الله لڳ احسان ڪرين، نهارج نــرم
بغدادي! بلال چئي، رکين شيخ شـــرم
هيءُ جو گوندر غمُ، سو ميران لاهہ مريد تان (٤).

[٣/ب] پيرُ منهنجو پــدرو، عالم ۾ اظهارُ [نق]
بغدادي جو، بلال چئي، آگا! رک اعتبارُ
جي مريد محي الدين جا، تن جو ونگو ٿئي نہ وارُ
شاهہ سخي سردارُ، جو ڪندو سڀجوڙي سيڪا.

[٣/ج] دل ۾ دستگير جي، تاڻي جهَل تڪيي [د]
وڃي ٿيي ويري تي آتر جي آڻيي
خالق هڻ ڪٽيي، مدعي جو مريد جو (٥).

---

(١) 'گلزار غوثيہ' جي پڙهڻي موجب 'مير'. (٢) هيءُ بيت 'گلزار غوثيہ' ۾ ميان امام علي شاهہ ڪان پهتل روايت مطابق ڏنو ويو آهي. شاهہ جي رسالي، سر ڌناسري د-١، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:
ڏنُ تون ڌناسري، ڏنُ تون بالا پير،
ثابت لنگهائين سير، مڪي سندا پاتڻي.

(٣) هيءُ بيت شاهہ جي رسالي، سر ڌناسري د-٢، ۾ شاهہ عنات جي بيتن جي سلسلي ۾ ڏنل آهي، ۽ هن جي پيران بلال جو چيل بيت [٣/الف] ثابت ڪري ٿو تہ هيءُ بيت شاهہ عنات جو آهي. (٤) هيءُ بيت، شاهہ جي رسالي، سر ڌناسري د-١، ۾ هيٺين طرح ڏنل آهي:
تون پير پيرن جو پاتشاهہ، تون پيرن جو پرم، الله لڳ احسان ڪرين نهارج نرم
بغدادي، بلال چئي، رک وڏا شيخ شرم، جو منجهين مون مرم، سو غم گيلاني ڪٽئين.
(٥) هيءُ بيت خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي ۾ 'سر ڌناسري' هيٺ ميين شاهہ عنات جي بيتن سان گڏ مليو، جتان قلمبند ڪيو ويو.

[٥] گيلاني غمر ڪَٺِ، آهي آپوجهن جو [ن‌ق]
ڏي آپٽي ڏانيين، هِيري ماڻڪ هَٺُ
جن ويلو نہ وَٺُ، پِير پُرهائي تن کي.

[٦] پُر پيراڻي پنڊ، اڪڙيون پير ڪَري [ن‌ق]
مِيرانُ مُريدن سين، حاضر هِتِ مَهند
سورٺو جن، سيدُ چئي، تن رسئو هنڌوهنڌ
تِهنُ ڪامل نائي ڪنڌ، دلگيري دُور ٿئي.

[٧] اڳيان اُجاري اُنّ، جي ڪَنجي آئيا [ن]
وير نہ وِساري تنِ، جن پاند پڇتو پِير جو.

[٦/الف] ميران! مريدن کي، ڪريهين دانهہ! دلاسو [ن‌ق]
الله لڳ احسان سين، لهي وسواسو
اسان آهي آنهيجو، پـلا! پرواسو
نظر ڪرِ خاصو، بالله! لڳ، بلال چئي.

[٦/ب] آسين آسرَ پـرنا آهيون، داتا! تنهنجي دَر [ن‌ق]
ميران مريدن جي، سڀ پچائيهين سَر
جِٺن بازي چڏي نہ پانهجا، ايءَ پير صاحب جي پَـر
وَهلي ڪندو وَر، بغدادي، بلال چئي.

[٦/ج] جوڙ جنهن جو ناه ڪي، صبح سو سوار [ر]
هل هاشميءَ سامهون، ٻئي ڏانهن ڪيم نهار
بخشي بوڇَ، بلال چئي، وڃي ڏبل ڏوار
دانهہ جي دربار، ناآميد ناهہ ڪو (١).

---

(١) هيءُ بيت 'گلزار غوثيه' تان ورتل آهي.

وائي - ۱ *

مُحيُ الدِّينَ مِيران! آسُونهَن ڪي واٽ ڏيڪارِ [ن ق]

گيلاني جيلاني تون ٿيون صاحب سَپُوران (۱)-

اسونهن ڪي واٽ ڏيڪار

نالي ڳِــڌِي آنهِنجِي لَهن تَقصِيران (۲)-

اسونهن ڪي واٽ ڏيڪار

ڪوڙين ٿيا ڪيترا، آنْ ڪان آجا آسيرانْ (۲)-

اسونهن ڪي واٽ ڏيڪار

الاهي! عِناتُ چئي (۳) شالَ ٿئي فيض فقيران-

اسونهن ڪي واٽ ڏيڪار

وائي - ۲ ↑

غوث قطب گيلاني، حضرت ميران تاج پيران [ن]

....

الاهي! عِناتُ چئي، رحم مڱان رحماني-

حضرت ميران تاج پيران

* هيءَ وائي ن توڙي ق ۾ 'سرود رامڪلي' هيٺ ڏنل آهي، جتان ٽپالي هٿ آندي وئي آهي. (۱) هيءَ مصرع فقط ن ۾ ڏنل آهي. (۲) هي ٻئي مصراعون فقط ق ۾ ڏنل آهن. (۳) ق. 'نيڙ' ٻَــي عنات چئي'. ↑ ن ۾ هيءَ وائي حاشيه تي 'سرود آسا' هيٺ ڏنل آهي، جتان ٽپالي هٿ آندي وئي آهي.

وائي - ٣ *

پٿو وسيلو نہ وَسُ، تو بنا ناهي شاه تَڪئو. [ر]

بغدادي پالَ ڪري، داتا! دشمن دَسُ-
پٿو وسيلو نہ وَسُ

اسان اُداسين ڪي، راجا رُڪنَ! رس-
پٿو وسيلو نہ وَسُ

داتا! مُهنجي دل جو، لاهِ قريشي! ڪَسُ-
پٿو وسيلو نہ وَسُ

روضو شاه رُڪن جو، هلي پانڌي! پَسُ-
پٿو وسيلو نہ وَسُ

اڳين جو، عِنات چئي، آه ايذاهين گَسُ-
پٿو وسيلو نہ وَسُ

* هيءَ وائي 'گلزار غوثيه' تان ورتل آهي.

فصل پهريون

[١] غَوثانْ خَتمُ بَهاؤدين، نَبيانْ خَتمُ رَسولُ [ان ق]
حاضر حضرت پِيرُ، جو موليٰ دَر مقبولُ
قادر ڪِجِ قَبولُ، آگلايون، عِناتُ چئي (١).

[١/الف] سُبحاني صُبحَ جو، جين وَسِي مَن. ملتانُ [ان ق]
سي دين دنيا جي ڪم ۾ (٢)، هَنڌ نہ تِنِ. حيرانُ
جتي شيخ بهاؤدين، ميون (٣) مِهربانُ
شيخ صدر دين، صاحبُ دولتَ، شاه رُڪن سلطانُ
اسان سين احسانُ، جيئن سگهو ٿئي، شريف چئي.

[١/ب] مخدوم شيخ بهاؤدين، آءٌ تو پير! پرنيان پاڻُ (٤) [ان ق]
هست منهنجو آرسي، نسورونئي نادانُ
ڪئُم بوڇ، بلال چئي، آهيان گهڻو آڃاڻُ
مَڱَر پنهنجي ساڻُ، مونکي راهه رسائين.

---

(١) شاه جي رسالي، سر ڌناسري، د - ٢، ۾ هي بيت هيئين طرح ڏنل آهي:
شيخان سونه بهاؤالدين، نبيان سونه رسول حضرت پير حضور ۾ موليٰ در مقبول
قادر ڪر قبول، اڳلو آءٌ عنات چئي
خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي ۾ هيءُ بيت هن طرح لکيل آهي:
شيخان سونهن بهاؤدين، نبيان نور رسول حضرت پير حضور ۾، موليٰ در مقبول
قادر ڪج قبول، مهنجون اڳلايون، عنات چئي.
ميان محمد علي شاه جي زباني روايت پڻ مٿين روايت سان ملي ٿي، سواءِ آخري مصرع جي، جا هن طرح آهي: 'قادر ڪيو قبول، آڳنو آءٌ، عنات چئي'.
(٢) ق. ڪمين. (٣) اصل. ميو. (٤) ن. آءٌ تو پير پرنان پاڻ؛ ق. آءٌ ٿو پرنيان پاڻ. هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر ڌناسري د - ٢، ۾ اڻ ڏنل آهي جتي پهرئين مصرع جي پڇاڙي هن طرح آهي: "آءٌ اسانُو آهيان، پير پرنيان تو پاڻ".

[۲] پُر پنجاب، ملتان مَنِ، شيخ بهاؤدين پَسُّ [ن،ق]
اڳينِ جو، عناتُ چئي، آهہ ايڏاهين ڳَسُّ (۱)
توکي ڏيندا ڏَسُّ، سَنئون جو سبحانَ جو.

[۳] پُر پنجاب، ملتان مَنَ، وجي ديک بهاؤدين [ر]

....

[۱/ج] ڏَڏُ ڏُهاري آهيان، منهنجو ميل مٿي پار [ن،ق]
بهاؤدين، بلال چئي، مون ڏانهن نيڪ! نهار
پيرُ لنگهائي پار، ڪنڌيءَ ڪَٺيهُون ڪارٺي.

[۱/د] راوي ربل ڪنڌين ۾، جت جاءِ جڙي جڳ پير [ر]
بهشت جي، بلال چئي، لڳي هندوري هير
گهر تني جي ڪير، جن بهاؤدين پيٺو (۲).

[۱/هہ] راوي ربل ڪنڌين ۾ ڪر ’آلي‘ جي وائي [ر]
پٽي جا پنجاب جي، سُرهي سيائي
لاکو چئي، لال ٿئا، جن اڳن کي لائي
لڏ مَ لاڙائي، توکي سائين سڏئو (۳)*.

[۱/و] راوي پوءِ مَ رات، مَيارڙهن شاه پيٺيان [د]
آئي اکڙين سان، پيرَ پسان پرڀات
جڳنگ قريشي ذات، پرَاهي پالوٽ سان*.

[۳] مکي ۽ ملتان، بنهي پاڙو پاڻ ۾ [ر]
هُت محمّد عربي، هيت داڙي سو ديوان
آڌاريندو ان کي، حشر ڏينهن حشام
دوزخ تن حرام، جن بهاؤدين پيٺو*.

---

(۱) گلزار غوثيه ۾: ’اوڏاهين‘. (۲) هيءُ بيت ’گلزار غوثيه‘ تان ورتل آهي. (۳) اصل. ”لڙ ۾ لاڙائي، توکي شاهن جو سڏ ٿئو“.

(*) حاشيي ۾ [۱/هہ] کان [۳] تائين بيت خليفي نبي‌بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان ۾ ميين شاه عنات جي بيتن سان گڏ لکيل هئا جتان قلمبند ڪيا ويا.

اڳين جو، عِنات چئي، آهي پاڻ امين
ميران محي‌الدين! پيڙو اُڪارين پاڄه سان (١).

[٣] مَلَ مُلتاني پير ڪي، نَوَنِ نَوَئين ڪَنڌَ [ا.ق]
آڪـڙيـنِ، عِنات چئي، اوڏاهين اُڪنڌَ
جينءَ تارن ۾ چنڊ، تينءَ شيخان سُونهن بهاؤدين (٢).

[٥] شاهون شيخ بهاؤدين کي، کُرمش ڪِجِ ڪَهي [ر]
پاڻي کير پُٽنِ کي، ڪا نظر ڪِجِ صَحِي
وِجن شال لِهِي، اُهڪايون، عِنات چئي (٣).

[٦] روضو شاه رُڪن جو، پرِي جي پَسنِ [ر]

[٥/الف] لاڙاڻي لکمير چئي، منڌي پير مڏيا [ر]
ڳُنهه جي ڳسن ۾، چاڻي سڀ چڏيا
وِجي غوث گڏيا، جڙين وَٽَ وصال جي (٤).

[٥/ب] جڙين وٽ وصال جي، پيتئون طهورا [ر]
آيا، عبدالله چئي، ٿيا سڀ سُورا
پير ڪيا پورا، مطلب مريدن جا (٤).

[٦/الف] روضو شاه رُڪن جو، جنبي ڏنو جن [ر]

---

(١) روايت ميان محمد علي شاه. (٢) شاه جي رسالي، سرڏنامري د - ٢، ۾ پڻ هيءُ بيت ذيل آهي ۽ ٻهرين ٻن مصراعن جي پڙهڻي هن طرح آهي:

ميل ملتاني پير کي نوئي نائي ڪنڌ
آڪڙين شاه عنات چئي آه اوڏاهين ڀنڌ

(٣) هيءُ بيت پيٽ جي هڪ فقير کان مليو. (٤) هي ٻئي بيت خليفي نبي بخش جي هڪ قلمي نسخي ۾ 'سر ڏنامري' هيٺ شاه عنات جي بيتن پويان ذيل هئا، جنان قلمبند ڪيا ويا.

آن تان اهڪ، عنات چئي، لحظي منجهه لهن
سڳر سي سڄڻ، جن ٻهاؤدين پيٽئو *.

[٧] روضو شاه رُڪن جو، جن جُهارئو جامُ [د]
ڪندا سي ڪرم سان، عدن ۾ آرام
اِرمُ تن انعام، جن ٻهاؤدين پيٽئو *.

[٨] پنبٽيون پير ڪري، پُر پيرائي پار [د]
روضي شاه رُڪن ڏي، نئين سج نت نهار
ڏٺي جهن ڏڻار، رهي نه رتي جيتري(١) *.

[٩] پنبٽيون پير ڪري، پڙ پيراڏو پس [د]

....

قرض جي، قاسم چئي، تنڪي لٿي تن
آهي انهن پار جي، دعوىٰ درويشن
پرين سي ٻچن، جني درد دل ۾ (٢).

[٦/ب] روضي منجهاه رات، وٺ ڪٺوري موهيا [د]
وهائي پريات، وڪ مڙيئي واسيا (٢).

[٩/الف] اوائي لڳج اوڙ، پاندڙا پرين جي [د]
توڪي نيندا توڙ، پٽيءَ لائي پانهجي (٢).

(*) [٦] کان [٨] تائين بيت 'گلزار غوثيه' تان ورتل آهن. (١) شاه جي رسالي، سر ڏهاسري د - ١، ۾ هيءُ بيت هن طرح ڏنل آهي:

پنبٽيون پير ڪري، پر پيرائي پار
ڏٺي جن ڏڻار، رهي نه رتي جيتري.

(٢) بيت [٦/الف]، [٦/ب] ۽ [٩/الف] خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيا ويا.

آسائو ! عِنات چئي، رِڙهي روضي رَس
آهُکيَ ۾ آوَسُ، مدد ڪن مُريد جي(۱).

[۱۰] روضي شاه رُڪن جي، ڏٺم رات رَهي [ر]
پيءُ، پٽ، پوٽو پاڻ ۾، مٿي سيجَ صَحِي
پَلي پاوَن شاه ڪي، پَسيم پيرين پئي
ڪوڙيين ڪي کهي، اچن اَت، عنات چئي(۱).

[۱۱] روضو شاه رُڪن جو، گوهر مٿس گلّ [ر]

[۹/ب] آئي پنڌ، عليم چئي، ڪم جون کهون [ر]
بادشاه بهاؤدين ڪي، اڪنڊنو آئون
واقع 'واهنند' تنها، منزل ماريائون
پڪو پنڌ پنجاب جو، چڪي چنائون
ڏوران ڏنائون، منارا مخدوم جا * .

[۹/ج] اچ لنگهندي آرُ، ڪٽائون ڪوٽ ڏئين سان [ر]
مناري مخدوم جي، تنها طاماعو تيار
پائيت وَهي پار، روضي رڪن شاه جي * .

[۹/د] اچ لنگهي اوڏا تنها، گهوڙيا منجهه 'گهاري' [ر]
ويهي وٺون ڏنيون، شاه رُڪن ماري
پانڌي پراشي، واريا پير وطن تي * .

[۹/هہ] 'گهتلو' گهوٽن لنگهئو، پرنا مٿي پاڪ [ر]
موچاري ملتان ۾، ڪئا مريدن ماڪ
چئيون منجهان چاڪ، آندائون ايمان جون * .

(۱) بيت [۹] ۽ [۱۰] 'گلزار غوثيه' تان قلمبند ڪيا ويا. * حاشيي ۾ ڏنل بيت نمبر [۹/ب] کان
[۹/هہ] تائين خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيا ويا.

سِماعَ جا، سيّد چئي، هاتڪ ڪَرِينِ هُلُ
اهڙو پِيرُ آمُلُ، پيئيو ڪوه نہ پيئيين (١).

[١٢] غازي محمد غوث ڪي، اکيين لال مٽان [ر]
پر ڏيهان پند ڪري، اچن گهوٽ گهٽان
الله لڳ، عِنات چئي، تهن جي واڳ وٽان
ڪلئو خاڪ ڪٽان، روضي رڪن شاه جي (٢).

[١٣] يَـلا پاوَن شاه جِـي! جِيءُ ضياءُ ديـن! [انق]
آت هٿا هزارين هاتيا، ٻٽا گهوڙا تازين (٣)،
سدا سِي شادِين (٤)، جن قريشي قلوب ۾.

[٩/و] 'لاٻاٽي' تان لنگهي، مارڪ مريدن جو [ر]
لڪيو ڏي لڪن ڪي، ايمان سندو انگ
سي نيڪن ننگ، اچي سات سَمَيڪيا (٥).

[٩/ز] اچـــي ســات سَمَيڪيا، نسوري نيهان' [ر]
ڪرم ٿئو، قاسم چئي، 'واهُنڊ ۾ ويهان'.
هليو هٿ ڏيان، پَلي پاوَن شاه ڪي (٥).

[١٣/الف] آتـــر آتياريو، مـــاء منهنجو جنڊڙو [ر]

(١) روايت ميان محمد علي ... ... ۾ ... .
(٢) هيءُ بيت خليفي نبي بخش صاحب جي قلمي رسالي جي هڪ نسخي ۾ شاه عنات جي بيتن سان گڏ قلمبند ٿيل آهي. اصل نسخي ۾ ٽالي واري سٽ هن طرح ڏنل آهي: 'الله لڳ، قاسم چئي، تنهن جي واڳ وٽان'. ظاهر آهي تہ تجنيس حرفي جي لحاظ سان 'الله لڳ، قاسم چئي' موزون ناهي. غالبا صحيح 'الله لڳ، عنات چئي' آهي، ڇاڪاڻ تہ 'مرود ڪنيات' هيٺ 'الله لڳ عنات چئي' جو فقرو هڪ ڪان وڌيڪ بيتن ۾ ملي ٿو. (٣) اصل. تازي.
(٤) اصل: 'سداتن شادي'. (٥) بيت [٩/و] ۽ [٩/ز] خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيا ويا.

[۱۴] ڪوٺئو قائمردينُ، تو آوائا واٽ ڪَري [انق]
پيٺو پاوَن شاه جو، اصلائي آمينُ
جِن جو جاء يقينُ، تِن کي اوڏا پير، عناتُ چئي(۱).

[۱۵] قائمردين ڪرم ڪر، پيٺا پاوَن شاهَ [انق]
پوٽا شيخ ڪبير جا، تو سبحاني صلاحَ
اوڏا پيرَ، عناتَ سِين، عاجز لڳ الله
سنئين سونهايو راهَ، ڪوڙين ڪُرنشون ڪريان(۲).

[۱۶] تو سبحاني صلاح، ڪوڙين ڪُرنشون ڪريان [انق]

پِلي پاوَن شاه کي، صبح مون ماريو
نيڻن نهاريو، مٿئون چئي، مُلتان ڏي *.

[۱۳/ب] ڏٺم سوني پير، هنيون جنهن جي حق ۾ [ر]
سرهو ٿيو سرير، من مرادون پنيون *

[۱۳/ج] ڏوران ڏٺائون، روضو رُڪن شاه جو [ر]
سرها ٿيا سرير ۾، وڪئون وڏائون
دست ڏنائون، پلي پاوَن شاه کي *.

---

(۱) هيءُ بيت 'گلزار غوثيه' ۾ ڏنل آهي، ۽ پڻ ميان بخش علي شاه کان مليو. انهن ٻنهي روايتن موجب ٻي مصرع هن طرح آهي: 'پيٺو مهرشاه جو، اصل کان امين'.

(۲) هيءُ بيت ق مطابق لکيو ويو آهي؛ ن ۾ هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

قائمردين ڪرم ڪر، پيٺا پاون شاه! پوٽا شيخ ڪبير جا، تو سبحاني صلاح
عاجز لڳ الله، اوڏا پير، عنات چئي.

گلزار غوثيه' ۾ پڻ هيءُ بيت ڏنل آهي جتي پهرين مصرع جي پڙهڻي هن طرح آهي
' قائمردين ڪرم ڪر، پيٺا مهر شاه'.

* حاشيي ۾ [۱۳/الف] کان [۱۳/ج] ٽائين بيت خليفي نبي بخش صاحب جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيا ويا.

عاجزَ لڳ اللهہ، اوڏا پيرَ، عِنات سين.

[۱۷] غوث العالمين غورَ سان، ڪرڻ تُهنجو ڪَرمُ [د]
اچن جي آندوهيا، لاه تِني جو غَمُ
ويلَهہ جو وَهمُ، قريشي تون ڪاٽئين [1].

[۱۸] غوث العالمين غور سان، ڪر غريبن ڪَرمُ [د]
پِر ہر پرديسين جو، رکين شاهَ! شَرمُ
نهارج ذرمُ، اُهکيَ ہر عِناتُ چٽي [2].

[۱۹] اسين اُهيٽِي، جي ڈُريان آنهِنجا داريا [انق]
آوڳڻ ڪري، عِناتُ چٽي، آياسون پيهي
سجڻ سيٽِي، اوڳڻ مَتائي ڳڻ ڪريين.

[۲۰] ڳڻُ نہ ساريان هيڪڙو، آوڳُڻَ آنت نہ پارِ [انق]
ڳڻيو ڳڻيان ڪيترا، بِاللّٰه! بيشمارِ
ڪج پردو پڙديوارِ، مهنجن مَتاين جو.

---

[۲۰] آوَ ڳڻي آهيتان، مون ہر ڳن نہ ڪو [د]
وڏو آهم آسرو، شاه رُڪن سندو
لائق ہرين سو، ولايت ٿي وِترو [3].

---

(۱) روايت 'گلزار غوثيہ'. (۲) روايت 'گلزار غوثيہ'. (۳) هيءَ بيت خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيو ويو.

[٢١] اگلا يُون، عِنات چئي، خطائـون ڪَميجِ [ر]
رِجن ۾ رحم سـان، رُڪن الدين رَسيجِ
واسي جِينءَ وَسيجِ، آسان آساتن تي (١).

[٢٢] تو سانپارا شاهَ، ڪوڙيين ڪُرنشُون ڪريان [انق]
نظرُ ڪَٽ نواز جو، اکيين (٢) آسان ڏانهَ
مِهر تِئي مُرشد جي، موجن سين مَهنداهَ
طالبَ توهِي ڏانهَ، حُبَ هنياريَ هَليا(٣).

[٢٣] مُنهن مُنارِي سامهُونْ، مَتِي پَٽن پير (٤) [انق]

[٢١/الف] قريشي! ڪر ڪٽي، اچي حال پسيج [ر]
رائي ۾، راول چئي، رڪن شاه رسيج
واسي جينءَ وسيج، اچي آسائن تي (٥).

[٢١/ب] هيڏيءَ ويڙ ورن ۾، واهر پير! ڪرين [ر]
لک سو لنگهائين، جو ڏوهارن ڏاڪڙو(٥).

[٢٢] نوئي نور نوازئا، جهـلئي جهـل نہ ڏين [ر]
هدايت جو هٿ ڪٽي، قريشي ڪوئين
پلا جي پيئين، مُکي هُون. صمد چئي (٥).

[٢٣] مُنه مَ موڙ ملتان ڪان، وَڃ مَ ٻي ولات [ر]
شاهن جي، صمد چئي، جڙي ٿي جمات
ڪندو پير پتهات، مخدوم مريدن تي (٥).

---

(١) روايت ’ گلزار غوثيہ ‘. (٢) ق. اکيون. (٣) هيءَ بيت اصل ۾ ’سرود ڪليان ‘ هيٺ ڏنل آهي. (٤) گلزار غوثيہ. ’پٽن مٿي پير‘. (٥) حاشيي ۾ ڏنل چار ئي بيت [٢١/الف] ، [٢١/ب] [٢٢] ۽ [٢٣] خليفي نبي بخش صاحب جي هڪ قلمي نسخي تان ’سر ڏناسري‘ هيٺ ميين شاه عنات جي بيتن جي پويان ڏنل هئا، جتان قلمبند ڪيا ويا.

ڪِني ڪوڙا نہ ڪئا، پھنجا ڏاهَ ڏَقيرَ (١)
جيِ شَرفِ تھنجي شيرَا! سي نالائق نوازيين (٢).

[٢٣] مُنھنُ مُناري سامھُون، هِنيُون متي راهَ [ن ق]
جي شرف تُھنجي شاهَ! سي نالائق نوازيين (٣).

[٢٥] مُنھنُ مُناري سامھُون، توٽي ڪافر ڪَنِ [ن ق]
مَگَرُ مَتان تَنِ، ڏيھاڙي ڏورِ ٿئي (٤).

وائي – ١ *

پيرَ توڪي پرتا، پانڌيڙا پنجاب ۾. [د]
بادشاه بھاؤدين ڏونه حُبَئُون جي هَلَنْدا
روضو شاه رُڪن جو، ڏوري سي ڏسندا.
پيرَ توڪي پرتا

....

[٢٤] مُنه مناري سامھون، اکيون متي راه [د]
مگر تھنجي شاه، مونکي راه رسائيين(٥).

(١) گلزار غوثيه. 'پير چڏي نہ پانھنجا، توٽي ڏڏ ڏقير'. (٢) ن ق. 'نہ لائق نوازيين'. گلزار غوثيه. 'نالائق نوازنا'. هيءَ بيت 'گلزار غوثيه' توڙي شاه جي رسالي، سر ڏناسري د-٢، ۾ موجود آهي. رسالي جي پڙهڻي هن طرح آهي:

منه مناري سامھون، توڙي هئين متي پير
پير نہ چڏي پانھنجا توڙي ڏڏ ڏقير
شرف تنھنجي شير، نالائق نوازنا

(٣) اصل. 'نہ لائق نوازيين'. (٤) هي بيت شاه جي رسالي، سر ڏناسري د- ٢، توڙي 'گلزار غوثيه' ۾ ڏنل آهي. (٥) هيءَ بيت خليفي نبي بخش صاحب جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند
* هيءَ وائي 'گلزار غوثيه' تان ورتل آهي.

ٽيندن وَٽَ وصال جي، غوث جي ڳس هندا

ڀَلي ڀاوَن شاه ڪي، نوئِي دستَ چڙهندا۔

پيرَ توکي پرڏا

ڪلي سپ ڪوه تي، تازا تڙ ڪندا

آني سين، عِناتُ چئي، والي وڙ ڪندا۔

پيرَ توکي پرڏا

وائي-٢

تهنجي ڀاوَن شاه ڀلائي، سُجي سيئي ڏيسَ ۾. [ن]

وهر ودودي، جيءُ ضياءالدين، اڱڻ هون اللاهي۔

تهنجي ڀاوَن شاه ڀلائي

سورِيندَنِ کي رَسي سِگهوئِي، محمّد باقر ڀائي۔

تهنجي ڀاوَن شاه ڀلائي

وائي-٣*

سُمُنَ صالحنِ، توڙان طالبنِ، اصل آهي آسري. [انق]

زاهِدَ، اولياءَ، انبياءَ، اڳي اُت اچن۔

اصل آهي آسري

هلئو سڪ حبيب جي، تا پُراڻ پَسنِ۔

اصل آهي آسري

---

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سرود سارنگ' هيٺ ڏنل هئي جتان ڦيرائي هت آندي وئي آهي. "روضه السادات" ۾ پڻ هيءَ وائي ٿورو ٿورو ساڳي روايت سان ڏنل آهي.

سَئين سَروَري آئيا، ملتاني مرڪَنِ-
اصل آهي آمري
آڏرُ اساڏهين تئو، منجهان مُوحَدنِ-
اصل آهي آمري
جن ريلا رُنا رت جا، هاڻي سي نہ ڏسجن-
اصل آهي آمري
جَڪري نِـڌُوءِ جيئڻ، سُتا پُٽ سُونهن-
اصل آهي آمري
تني واسُ نہ ڇڏئو، جي تَرِئا منجهہ ترّن-
اصل آهي آمري
عَفوُ ڪريين عِناتَ سين، شالَ برڪت تن تنن-
اصل آهي آمري.

فصل ٽيون*

[١] لالَ شهبازَ قلندرَ حُسيني، مَلوَنڊِي موچارَا! [ن]
آڪَڙيُونْ، عنات ِچئـي، آهِنَ تو آهـارَ
مَجُڻُ پانيو ڏارَ، سائينءَ لڳــ سيدَا! تون.

[٢] ڳاوي ڪيچ ُقندارَ، ڏَکَنُ پُورَبُ مالوي [ن،ق]
آڪَڙيُون عنات ُچئي، جاڳَن شوق شَبْدار
ديکينديُون دربارَ، اِخْلاصانْ عثمان ِجي (١).

[٣] سورتَ (٢) هندُ هَريَلَ ۾، لال ڳاوي گجرات (٣) [ن،ق]
ڏَکن پُورب مالوي، تن پڻ تُهنجي ذات

[١ الف] ڏُولتهہ جي دَربار، جين ڏئي تين ڏوه ونا [ن،ق]
سدائين شهباز جي، تو آگو مجي آر
ڪين مون ڏُونه نيڪ نهار، سائينءَ لڳ، شريف چئي (٤).

[١ ب] جن ڏئي تين ڏوهَ ويا، ڏُولتهہ جي دربار. [ن،ق]
نور تجلي تُنهنجي تڪيي، دائم وسي ڏُار.
قلندر قلوب ۾، سدائين سنڀار.
پير! تنهنجي پار، اسين سلامي، شريف چئي.

---

* هن فصل جي متن توڙي حاشيي وارا سڀئي بيت اصل ۾ ن توڙي ق ۾ 'سرود ڪليان' هيٺ ڏنل هئا، جتان ڪڍي هت رکيا ويا آهن.

(١) ن. جون (٢) ن. سورت (٣) ن. جي بي پڙهڻي: 'هند سند هاڪ هريل ۾، لال ڳاوي گجرات' (٤) هيٺيون بيت ن توڙي ق ۾ جدا ڏنل آهي:

سؤنرو قلم سهوان جو، جت دوليہ جي دربار
سيائي شهباز جي، تو آگو مجي آر
مون ڏانه نيڪ نهار، سائينءَ لڳ، شريف چئي.

هيڪل ٿنگٿاهنڌ جهين، تن پڙاها(١) وائي وات
اِيَ تو ڪان مڱهون ذات، شال پسهون پير پٽن سين.

[٣] ذو ڪنب ناماچار، اي پير تهنجو پڌرو [ن ق]
ملوندي موچار، ڏٿو ٿٿو ڏسين ۾(٢).

وائي — ١

شهباز لال! گنبذين نور جي ٿٿو. [ن]

هند، سند هاڪ هريل، آواز اصفهاني

قلندر شاه ڪمال- گنبذين نور جي ٿٿو

[٣/الف] جهڙوني تون لال، آءٌ تهڙوني دان گهران [ن ق]
تو ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، نظر سين نهال
بالله! لڳ، بلال سين، پلا ڪريين پال (٣)
سنج شاهه! سوال، اي ئ الله لڳ اسانهجو.

[٣/ب] لال! منهنجي حال جي، آن ڪي معلوم مڙيائي [ن ق]
الله لڳ احسان سين، سنهو سيائي
تالي ڪيتري آنهجي، تني تن ڪي تازائي
عمر آجائي، بخش تني، بلال ڪي.

[٣/ج] ڏوجو ڏسن شاه جو، جيت پير پاڪيزا پير [ن ق]
لکين(٤) ڪٿهن. لال ڪي، فاضل ۽ فقير
جڙي اچي جاگهٽين، منجهه هندوري هير
ڏيهون، ڪٿي چٽي، ڪير، حسيني حضور مان.

---

(١) ن. اهائي (٢) ن ۾ فقط هي ٻه سٽون آهن ۽ آخري سٽ هن طرح آهي: 'ڏٿو ٿيو ڏسين ۾، ملوندي موچار'. ق ۾ چار سٽون آهن، ۽ پويون ٻه سٽون اڳيون هن فصل جي ٻورئين بيت جي شروع واريون آهن. (٣) ق. ' بالله لڳ بلال جا، اي اگهايو آواز'. (٤) اصل. لکي.

چارئي يار، دينـدار

ڏرتيءَ ڏاڪيا ڏمال- گنبذين نور جي ٿئو

شيخ بهاؤدين، صدردين، شاهه رُڪن دينا

شيخ فريد جهانيان جي لال- گنبذين نور جي ٿئو.

وائي-٣*

ميندي لالَ لائيندءيون، سهيليون! هٿ ڳل هار گلابَ تني ڪي. [ن]

سيد شهباز ڪامل قلندر، در دولهه سي ايندءيون-

ميندي لالَ لائيندءيون.

....

فصل چوٿون

[١] وجي پانڌي! پَسُ، قُبو ڪامل پِيرَ جو [ن ق]

ته حال هدايت هوءِ جو، گُهرُ ڏيکاري گَسُ

خَيرَدينُ خير جو، ڏي ڏهـاڙي ڏَسُ

دِلاسو دُرسُ، ڏو آکي عاجزَن کي.

[٢] آصلائي اُستاد ڏُونهه، حُب هنيين ۾ پاءِ [ن ق]

ته ٿئي طالب! ڏُهنجي، اڳيان جانبَ جاءِ

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سرود رامڪلي، هيٺ ڏنل آهي.

سونهي شاهُ سَڪر ۾، بُلنـدُ پِيرُ بَجاءِ
پَهون تون پاجهاءِ، تہ روشن هن راهَ تَئي*.

[٢] اصلائي اُستاد ڏُونه، جيءَ پَهنجو جوڙ [انق]
تـهِنْ نالائق نوازئا، ڪامل ڏِئِي ڪوڙ
جا وَهي راهَ رَفِيق جي، تَهِنْ تان مَنُ نہ موڙ
طالبَ! توڙان توڙ، پازي چڙي نہ پانهجا*.

[٣] جئي شاهُ سَڪر ڏڏي، جَهِنْ اسان جو سوال سُئو [د]
نيڪُ گڏيس شاهہ نَصُردين، جَهِنْ تي خاصو نظر ڪئو
جينْءَ پاچاڻائين پئو، تينْءَ عناتائي آگِرا (١).

[٤] سڀ چڱا، سڀ اُجرا، سڀ ترڪش جا تِيرَ [د]
پوڻا ايئن عنات جا، ڪُل نيزي نيزي پِيرَ
جني صافَ ضَميرَ، تن اوڏو پيرُ، عناتُ چئي (٢).

[٣] مؤ سلامي، شريف چئي، منجهہ قطر ۾ ي ڪوڙ [انق]
جن پيرن پوڇائون ڪريين، لطف تني جو لوڙ
ترت وسند ۾ين توڙ، جه حُب حبيبن ر ڪيين (٣).

* هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڪلياڻ' هيٺ ڏنل آهن. (١) روايت بخشعلي شاهہ (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو. (٣) هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڪلياڻ' هيٺ ڏنل آهي.

وائي*

ڏُوڻهُ ڏِل درياءُ، شاهہ سخي پيرُ لَڪي! [ان ق]
جِنَّ، ڏِءَ، ماڙهو، پَريُونَ، پيرين پُونْ پَڪي-
دولهہ دل درياءُ

جــِي آيا سي آگهــيا، تيڙَا سبِ آڪي-
دولهہ دل درياءُ

اسان هِن دَرَ جِي، اصل آهي چڪي-
دولهہ دل درياءُ

فصل پنجون†

[۱] جَني ڏنو جِت، قبــو ڪوريجي پِيرَ جو [ان ق]

[۱/الف] ڏنوسون ڏُوُرا، قُبو ڪوُريجي پير جو [ان ق]
جهي دين دنيا جا دائما، سي ڪم ٿيا سڀ پورا
بخشُ ٿيو، بلال چئي، حاصل حضورا
چئاسُون سورا، جو دوسن دلاسو ڪيو*.

[۱/ب] قبو ڪامل پير جو، ڏٺوسون ڏورا [ر]
ڪم اسان جا قائم ٿيا، حاصل حضورا
چئاسون سورا، حضوران هوندل شاه چئي (۱).

---

* 'گلزار غوثيه' ۾ هيءَ وائي ٻئي صاحب ڏانهن منسوب ٿيل آهي.

† هن فصل هيٺ، متن ٻوڙي حاشيي وارا اهي بيت جن جي آخر ۾ ستاره * ڏنل آهي سي **ن** ٻوڙي **ق** ۾ "سرود ڪلياڻ" هيٺ ڏنل هئا جتان ٻئي، مضمون جي لحاظ سان هت 'سرود ڏنا سري' ۾ هن فعل هيٺ ڏنا ويا آهن. (۱) روايت ميان بخش علي شاه.

ڪُرنشُون قُلُوبَ منجهان، ترتُ ڪيائون تت
پُوريون ڪِينِ پاتشاهه، جي چڱيون هِين چِت
هُتي جون هِتِ، هاجُون جوڙي هلئا*.

[٢] آهيداڻي پيرَ ڪي، ڪِج صبح جو سلامُ [انق]
هَلِي اُت حاضر تِي، ڪَهجُ اِيءُ ڪلامُ
گولا ۽ غلامُ، اسين آنهجا آهيُون(١).

[٣] مٿي نُورُ نِيلڪنِ، تهنِ کي آڏي ڪانهي ايلَ [انق]

[٢/الف] آهيداڻي آجـرا، چوٽن سندا چـوٽ! [انق]
اجهو اسانهجو آهيو، آثر سندي اوٽ
اسين سلاءي شيخ جا، تون ڪج مهر سين موٽ
ڪوڙني سين ڪوٽ، ڪامل پرتڻ، قطب چئي*.

[٢/ب] آهيداڻي آجرو، سنڌ ۾ سونهي شيخ [انق]
آميد علي چئي، اسانهجو، آهـي پير سين پيڪ
وڃيو ڌماڙي ڌيڪ، ڪوريجي قتال کي(٢)*.

[٢/ج] آهيداڻي آجـرو، ڏٺي اڪين ٿئي عيد [انق]
يوسف چئي، آءُ اتهين(٣)، جت خوشي آن خريد
مٿو گهور مريد، پر پيراڻي پار ڏي.

[٣/الف] لڳو ٿو لهريون ڪري، نور نيلڪن ماڻ [ر]
مون تان ڪڻ م پاڻ، پرياڏا پيڙهيءَ ڏٺي(٤).

---

(١) ن. 'اسين انهجا آهيون، گولا ۽ غلامُ' (٢) اصل.' قطار کي' (٣) ن. 'آءُ جاڻ اتهين' ق. 'آءُ يار اتهين' (٤) روايت ميان محمد علي شاه ۽ پڙ شاه جي رسالي، سر ڏنامري د - ٢، ۾ هوبهو انهيءَ روايت سان ڏنل آهي. خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي ۾ هيٺينءَ روايت سان ڏنل آهي:

پنهنجو پاري ڪري، نُور نيلڪن سان
مون تان ڪڻ م پاڻ، پرياڏا پيڙهيءَ ڏٺي.

ذاتِ ذاتارَ هٿ ۾، ساريو ڏي سبيلَ
سي پازي پرتئي پير! جي پلئہ لڳا پهيڙا.

[۴] وجهي دست داوَن ۾، چئج صاحبَ ۽ سڄاڻَ [انق]
آنْ کي پاڙهي جاڻ، اسين ڪَهندا ڪيترو.

[۵] وچينءَ وير وَري، جن سَهجان ڏنو شيخ کي [انق]
ويو تن ڏري، ڏک ڏُکَنْدو ڏيل تان.

[۶] سانجهيَ ڪئو سلام، جن سهجان اچي شيخ کي [انق]
تني جو ڪلام، وجي حضرت حاصل ٿئو.

[۷] سُهماڻيَ، سيد چئي، جني پَرِيا پير [انق]
ويندي تهينْ وير (۱)، اڳيان نت نوازئا.

[۸] ساتي! وجي شيخ ڏُونْھُ، ٺپانڊي پير چُميج(۲) [انق]
ادب سان، عنات چئي، وجي رات رهيج
گُجهانــدر گُرهيج، محبتان مُرشد سين*.

[۴/ب] لڳو ٿو ليڙيون ڪري، نُور نيلڪن وَٽ [د]
مون تان ميهر م متٽ، پُرياڌا پيرڙهيءَ ڏٽي (۳).

[۴/ج] پيرانديءَ پيرن جي، جُنبي ڪجي جاٽ [د]
جني مندي‌ءَ وات، ماڻڪ لين مڱريا (۴).

---

(۱) اصل. تنهن وير (۲) اصل. پير چُئيج (۳) روايت ميان محمد علي‌شاه ۽ پڻ شاه جي رسالي، سر ڏناسري د - ۲ ۾ ڏنل آهي (۴) روايت ميان محمد علي شاه.

[۹] ساٿي! وڃي شيخ ڏونهہ، تہ ڪرنش ڪج ڪهي: [انق]
پاڙي(۱) پٽن ڪير ڪي، نظر ڪج سهي
وڃن(۲) سڀ لهي، اهڪايون، عنات چئي*.

[۱۰] ساٿي! وڃي شيخ ڏونهہ، تہ سهسين ڏيج سلام [انق]
تو وٽ مير منگر اُمراءِ توڪي نون چام
پسئو ڪنڌي لام، اسين جيهون ٿا جهان ۾*.

[۱۱] سهجان اڇي شيخ جي، ڇمي چائٽ جن [انق]
وٺو متان تن، ڏارت ڏڪندو ڏيل تان.

[۱۲] خاصا ڪبڙ خاص جا، چوڪنڌي چوڌار [انق]
جني سوڙٿو شيخ کي، تن(۳) وهلي ڪندو وهار
سالڪ جي سنيار، دلگيري دور ٿئي.

[۱۱ الف] بخت بلند تن، جني سهڻند شيخ ڏونهہ [انق]
قيمت سنديون ڪونيون، تو ترت ڏياري تن
سڀئي پيا در ڪيئي پنن، سڪيون ٿا شريف چئي.

[۱۱ ب] سڀئي سدائين نمرا، جڳي پاڙي پيٺرانا [انق]
سيڪنهن باب، بلال چئي، صاحب سيانا
جڳي حبيبن ڄاڻا، تن کي غير گس نہ آئيو.

[۱۱ ج] مرشد منهنجي مون تي ڪرم ڪيو [ر]
لپيٽيو لڳن تسي، لهي لوهہ ويو
تسي توهہ ٿيو، حضوران هوندل شاه چئي (۴).

(۱) اصل. 'پاري' (۲) اصل. 'ويون' (۳) ن. تن کي (۴) روايت ميان بخش علي شاه.

[۱۳] خاصا ڪَپڙ خاصَ جا، جاڳهه نُور پِري [ان‌ق]
جَني سونرئو شيخ کي، تن جِي جُوء هَرِي

[۱۳ (الف)] ٻـرپـٽ ساري پير کي، آيانون آجهور. [ان‌ق]
پسي وڻ وليءَ جا، لٿو هنيـڙي هور
تنهن جي گنبذ نور ڳچ ٿئي، تڪ نه پئي تور
منجهه مولودي محبوب جا، وينا ڪرن وور
جهـَلي ڪوريجي ڪور، صاحب ڪان، شريف جئي.

[۱۳ (ب)] گنبذ پسي گُلَّ، هينيون منهنجو هند ٿيو [ان‌ق]
پسڻ جو پير جو، تنهن جو ڪونهي تُلَّ
سخيءَ جي، شريف جئي، مُهر ڪونهي مُلَّ
پيون ڳالهيون چڏيو چُلَّ، سيڪنهن صبح شيخ ڏونه.

[۱۳ (ج)] صُفا، قُبا، ڪوٽ، ڪچهريون، جت جاءِ جڙيون جڙ گير(۱) [ن]
بهشت جي، بلال جئي، منجهه هندوري هير
حاجي جوڳي (۲) خاص خدا سان، سچا سندءِ سير
شاه عنات، شاه نصيرالدين، اولادي امير
مَن مُرادون پُنيون، پرين سين تنهن پير
اچن جي آس پئي، ڪيئن کنڌون ۽ ڪير
جيم وساريين وير! ٻاله لڳا آهين پنهنجڙا.

[۱۳ (د)] عطر ۽ عنبير جي، منجهه چوکنديءَ چِڪ [ان‌ق]
ڪوڙ ڪوريجي پير جي، سچي آهئون سِڪ
تن کي پوڄ پياري پڪ، جن نايو ڪنڌ، قطب جئي.

[۱۳ (هـ)] جنهن سهرو ميرل تي ڪيو ڪوريجي ڪتار [ان‌ق]
ترت منجهه تڪرار، نوازيائين نگاه سين.

---

(۱) اصل. جڙ ڪير (۲) اصل. 'هئا جي جوڳي'. صحيح 'حاجي جوڳي' جو شيخ موسيٰ جو همعصر ۽ هم صحبت بزرگ هو ۽ شيخ موسيٰ جي مقام بر ئي مدفون آهي.

ڪندو وَرُ وَرِي، آهيــداڻي اُجَرو(١).

[١٤] چالَ ۾ سُڪين ساگرا، برڪتَ محمّد مير [ان ق]
جي نوازيل نَبيَّ جا، سي توکي ٻنهي پاسي پير
تو ۾ جُهلَنِ جهالارِنِ وارِيُون، مٿي ڪِئو ماير
سائرَ تُهنجي سِيرَ، وَهي وَلاسِيي ساميهين(٢).

[١٤/الف] سَرُ سَيَرَ سَرهو ساگرو، جنهن جي لهر لاثاني(٣) [ان ق]
شيخ سونهارو سيين ٻَرِين، صاحب سبحاني
ٿي ولايتَ وليءَ جي، آن سين اگهين احساني
سور جي اني، ڪا پيرَ! ڏيار هُون پانهجي(٤).

[١٤/ب] سَرُ سُيَرُ سَرهو ساگرو، جنهن جي لهر سيڪا لال [ان ق]
وِچِي نوبت نيڪ جي، يوسف چٽي، جالَ
جي آيا سي اگهيا، ڪوريجي وٽ ڪالَ(٥)
ڪَرهو(٦) پيلائيي پالَ، پيرَ! پرچي پاڻ ۾.

[١٤/ج] شالَ ۾ سُڪين ساگرا! برڪت رب جبّارَ [ان ق]
جنهن تو راج رَسائيا، چوکنديءَ چوڌارَ
مهتا ميائين ۾، وِڻا ڪن واپارَ
تو ۾ جهُلَن جهالارين وارِيون، پايو هار هزارَ
رَسيين تن، رنگريز چٽي، آچيا جي آپارَ
وهين وِيرو تارَ، سُيِرَ سدائين ساگرا.

---

(١) اصل ۾ آخري مصرع 'ڪندو ور وري، آهيداڻي اجرو' شروع ۾ ڏنل رکيل آهي، ۽ ن ۾ 'واني' ڪري ڄاڻايل آهي. (٢) هيءُ بيت ن ق ۾ موجود آهي ۽ جملي سگهڙن ۽ راوين جي زباني روايتن موجب ٻڌ ميين شاهعنات جو چيل آهي ۽ نہ ڪنهن ٻئي جو. (٣) اصل. 'لالاني' (٤) هن بيت [١٤/الف] کان وٺي [١٤/ج] تائين اصل ۾ 'سر ڪاموڏ' هيٺ ڏنل هئا، جتان نپائي هت آندا ويا آهن (٥) ق. 'ڪوريجي ڪتال' (٦) ن. ڪج.

[د ١٥] دُرست دَروازي(١) ساهون، جُهَا وِير جُهَارُ(٢)
پِيرُ جَني جو پارُ، وارُ نه ونگو تن جو.

[١٦] شيخَ سونهارا، صاحبَ دولت، ڏِجاهُون خوشي جي ڪِير [اذق]
اڳئين ڪان پڻ اڳري، ثابت هلي سِيرَ
مِهر تنهي موج سين، پازين مٿي پِيرَ!
وَهر هوءِ وزيرَ! ساڻ اولاد، عناتَ جي(٣).

[١٧] ڪِينُ ڏِنئي، ڪِينُ ڏِيار، هوتي هت ڪٿي [ذ]
لائي سونُ لڳن ڪي، آتان خاڪ ڪٿي
اٿي پرن پٿي، اسان ءِ اولاد جي(٤).

[١٤/د] ربّ ۾ وچن رامهير، جتي آبُ نه سيلُ(٥) [اذق]
انٿ ۽ ليي مٿهنڪو، ڏڏ ۾ قدر قليلُ
واحد تٿي وسيلُ، جو ميڙهون سلامت ساگري(٦).

[١٧] سَر سَير سَرهو ساگرو، جتي سخي شاه عناتُ [اذ]
جو نوازيل نبيءَ جو، عليءَ جو اولادُ
عارفن ۾ ايڏين، جيئن علي شاه عرفاتُ
جُنبيئو تت جهاز تي، جت ڪهاٽئين پٽني نه گهاٽ(٧)
ڪاري ڪاتيبَ واتُ، ڪي مون جُه ڪمائيو(٨).

(١) ن. 'درازي' (٢) ق. 'جهُون ويرجهاز' (٣) اصل. 'اولاد شاه عنات جي' (٤) روايت ميان الله ڏنو شاه ۽ ميان امام علي شاه (٥) اصل. 'آب نه اصيل' (٦) اصل ۾ هيءَ بيت 'سرود مارئي' هيٺ ڏنل آهي، جتي ان معنوي لحاظ سان پورو نٿي سگهي ٿو. (٧) اصل. 'جت گهاٽ نه پٽني ڪهاٽئين، تتي جنبئو تي جهاز' (٨) اصل ۾ هيءَ بيت 'سرود ڪلياڻ' هيٺ ڏنل آهي. آخري سٽ جي پڙهڻي غور طلب: 'ڪيمون جنهن ڪمائيو'(؟).

وائي- ۱ *

اويس قرني، پاڻ پرني، پوري آس، عنات جي [ن]

موسىٰ چئج پرينِ کي، سهسين سلام سيني-

پوري آس عنات جي

مخدومَ پريا(۱)، لالَ لنجار، حيدر شاه سَني-

پوري آس عنات جي

ابوبڪر هارنَ ولي(۲) لالين لالَ حسيني-

پوري آس عنات جي

چڙ تڪبر، پڙه حجّ اڪبر، [پس مير مدني]

پوري آس عنات جي

وائي -۲ †

ٽيندا مَدَت مڙيئي، وَلِيَ ولايَتَ، ساڻ عنايت [ن]

حضرت ميران تاج پيران، ذاني ذَه سيئي-

ٽيندا مدت مڙيئي

اول بهاؤدين، صدردين، ساڻي شيخ سيئي-

ٽيندا مدت مڙيئي

---

* اصل ۾ هيءَ وائي 'سرود رامڪلي' هيٺ ذنل جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

(۱) اصل. پريان (۲) اصل ائين (هارون ولي).

† هيءَ وائي اصل ۾ 'سرود ڏول عرف موهل' جي متن جي شروعات ۾ حاشيي تي ذنل جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

هوتِي، لاکو، پَلي، پَسايو، ساڻي ٿيندا سيئي -

ٿيندا مدت مڙيئي

احمد، محمد، مبو، قاسم، جي وَرائين ويئي

ٿيندا مدت مڙيئي

بيبي فاتي ديرين ڪَتياڻي، درسَ ايرفَ، عَرضَ ايهيئي -

ٿيندا مدت مڙيئي

پيرُون منا (١)، ياڻي پوٽا (٢) آءُ پيراندي پيهي -

ٿيندا مدت مڙيئي

وائي (٣)

سهڻا يار (٤)، لڳ ستار، اي ميان! شرم سميجا! رک منهنجو [انق]

سيّد اسحاق، حاجي ڇيسر، پاتڻائي موچار.

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

صابُوليا سگهون سهر ميان، آئين (٥) سچي ساڻ سچار.

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

ڪامل پنهنجي (٦) سُتا ڪنهي، سڪردين ديندار.

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

سنڌُ دائو سُٺو سائُو! اي سوال سينه سوار.

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

سپارس، شريف جي، ڪرهو سهين ڪلتار (٧).

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

---

(١) اصل. انين (٢) اصل. ياڻيي پوتا (٣) اصل ۾ هيءَ وائي 'سرود ڪلياڻ' هيٺ ڏنل آهي (٤) ن. 'سهن يار' (٥) ن. 'سيتا آءِ ي، ق. ستيا انين (٦) ن. ڪامل پني (٧) اصل ۾ هيءَ مصرع 'ڪامل پني - الخ' کان اڳ ڏنل آهي.

ڪَرِئو، ڪاڪو، ٻِبِي سَجهو ڪي[1]، اُڏو[2]

آري، حاجي [پير هَڙيئي][3]-

ٽيندا مدت مڙيئي

پير برڊائو، بدردين، پيا! منديون معاف مڙيئي-

ٽيندا مدت مڙيئي

سيّد عالي، سيد حسين، وجيو ڏِس ڏِهاڙي [ڏيئي]-

ٽيندا مدت مڙيئي

اچن جي آس ڪَري، تن جو پير وَرايو پاڻي[4] [پيهي]-

ٽيندا مدت مڙيئي

لائق فائق[5] لالُ لَلاڏِي، ريل سُونهاري ريهِي-

ٽيندا مدت مڙيئي

جيسَرَ جُنگان مُولَ سوچارا، آهي مُهِرَ مٿيئي-

ٽيندا مدت مڙيئي

پاڙي آهيون پيرَ تُهنجي، عِزتَ ڏِجاهُون ايهي-

ٽيندا مدت مڙيئي

پَڪي پاتُشاڻي تهنجي، هي جي آيا پيهي-

ٽيندا مدت مڙيئي

(۱) اصل. سجوڪي (۲) اصل. ادو (۳) اصل ۾ 'حاجي' کان پوءِ مسلسل 'پير برادئو- الخ، سچي مصرع ملائي لکيل آهي. مگر معنيٰ مان ظاهر آهي ته هي ٻه جدا مصراعون آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان درستي ڪئي وئي آهي. (۴) اصل. ' پيرورايو پاڻهي' (۵) اصل. لائق ڀائڪ.

سُنارِي مرسل ڪي(١) ڏيج نياپو نيئِي(٢)-
ٽيندا مدت مڙيئي

الله ڪارڻ عرض عِنات جو، ڪِج وڏي در ويهي-
ٽيندا مدت مڙيئي

وائي (٣)

آهيئُون سڪ سڄاري، ڪونرَ ڪوريجهي پيرَ جي [ن]
شاه نصردين، شاه عِنات، پاڙي سڀ سونهاري-
آهيئون سڪ سڄاري
حاجي جوڳي ڄن حاج جو(٤) ٽيندو پاڻ انياري (٥)-
آهيئون سڪ سڄاري
شاه حيدر خاص خراسان، رکو لڄ ٿماري-
آهيئون سڪ سڄاري
ياالله! لڳي، بلال چئي، عرض سڻيهو انصاري-
آهيئون سڪ سڄاري

---

(١) اصل. مناري مؤمن ڪي (٢) اصل ۾ هيءَ مصرع 'جيسر جنڪان - الخ' ڪان اڳ ڏنل آهي
(٣) اصل ۾ هيءَ وائي 'مروڊ ڊول عرف مومل' جي متن جي وچ ڌاري حاشيي تي ڏنل آهي
(٤) اصل. هاج جو (٥) اصل. انياني.

سرود جيتسري

[١] آجُ آڏياڻُون آڏَ(١)، دل ۾ ديواريون ڪري [انق]
سَجَڻَ ساهَ پساهَ جينْ، مون سين آهينِ گڏَ(٢)
کهڙا ڪَريين سڏَ(٣)، هِهڙن هيڪانْدَن ڪي.

[٢] آجِ چيائون ايئَن، پِلِي آگڻِ آئيا [انق]
اونداهيَ ۾ سوجهرو، تَنُ ڪيائون تيئَن
آنءُ تهِنْ ڪانگلِ ڪيئَن، ويڻ وَرائي آچيان.

[٣] آنءُ ڪيئَن ويڻُ وَرائيَان، قَرِيباڙي ڪانگ [انق]
مَٿي اگڻِ اُسري، چڙهِي ڪئائين چانگَ
بانگِي ڏِني بانگ، تان اُتانئين ٿي آئيو.

[٤] اُتانئين ٿي آئِيو، ڳالهِيين ڳاٽ پِري [انق]
مون سين مانَ ڪري، سَجيون سُپيرينِ جون.

[٥] هَٿُ چُري، آڪ قَري، مونيَ لَمي ڪانگ [انق]
پِرينِ سانگ سُسانگ، موٽي ايندا مون گهري.

---

(١) ق. آڏ. (٢) ق. ڪنڌ. (٣) ق. کهڙو ڪريين سڏ.

[٦] ڦِريائين وِيٺُ ڇٽِي، پوءِ دِلاسو ڪَنِّ [اق]
اصلانْ ئي، عِناتُ چئي، اِيَ پَرِ سُپِيرينِ
پلوءِ جِنِ ۾ مَنِّ، ڏوراپائي نِيهنَ جڙُون.

وائي

آجُ گهرِ، آجِ گهرِ، ايندا سُپرينِ، ويني ڪانگ اُڏايان [ن]
اِيهين پانيان.
چَرِنَدِيَ ساَلَ، پَروِڙيِم ڪالهہ، سرتين گالهہ سٺايان.
اِيهين پانيان
اِلاهي! عِناتُ چئي، راٺو راتوڏوءِ رانيان.
اِيهين پانيان.

سرود پورب

فصل ڀهريون

[۱] پُورَبِ پرِينْ سَنْدامِ، آهينِ اِلابــاسَ ۾ [ن‌ق]
اُڏايان، عِنات چئي، ڪالهُون ڪي ڪانگامِ
خبر سي ڏِيندامِ، جِي ماءُ! مالوِ آئيا.

[۲] پُورب گَڏئا جَنِ، تن مون سين ڳالهہ ڪئي [ن‌ق]
اِلاباسي، عِناتُ چئي، تا وَرَنُ وايون ڪَنِ
اجِ ڪِ ڪالهہ اَچَنِ، مون منجها مالَ پروڙئو.

[۳] مَتي پورَبَ پنڌُ، سَدائــيــن سامينِ جو [ن‌ق]
نايائون گُرَناتَ ڪي، ڪِيرَت ڪري ڪَنڌُ
هِت هُتي جو هنڌُ، جوڳي جوڙي هَلئا.

[۴] جوڳِينِ يارانو، آهي نہ آدَمَ-ذات سين [ن‌ق]
سَنمِ سڀ جهانَ ۾، تِــنــي جــو طعنو
جَن رِيَ هِينئَڙوحيرانو، سي اچن وري، عِنات چئي.

[٥] سامِي ٿئين تان سُڌنات ٿِيُ، ناتہ ڏورِ مُڙهنهُئي (١) ڏيهہ [ن ق]
حِرصُ هَڪلِي پاڻهجو، تون وَهمَ وساري ويهہ
آونهون مُلڪِ عنات چئي، ڪَنِ چِلِي لَڌو نہ ڇيهہ
مَڙهي ماتِ جِي پيهہ، تہ ويني ٿِي ويرُ ٿئين.

[٦] سامِي ٿِئين تان صبورُ (٢) ٿِيُ، جو صبر تہ سامِي (٣) [ن ق]
اوري لَهُہ، عِنات چئي، جي مَحرمُ مُدامِي
جي آجا انعامِي، سي آدَبُ آديسي سڪئا.

[٧] سامي ٿئين، سُکَ طلبئين، سُکين نہ سامِي [ن ق]
اجا اوريين پسندَ ۾، ويئين وِسامِي
تون گَڏئين نہ ڪَهنْ گُرَ ڪي، چايين انعامِي
هِي جي مَحرمَ مُدامِي، سي آدبُ آديسي سڪئا.

[٨] گَنگا، گومتِي، مَٿرا، جمنا جهُارِينِ [ن ق]
داغ دوارِڪا (٥) دائمِا، ڏسيو ڏيارِينِ

---

(١) ن. هيڪي ق. هيڪڙي (٢) اصل. سڀُورُ (٣) ن. 'جو صبر تہ سامي' (٤) شاهہ جي رسالي، سر پورب د - ٢، ۾ هيءُ بيت هيئين طور ڏنل آهي:

سامي چايين، سک طلبيين، سُکين نہ سامي
اجان اوريين پسند ۾ ويئين وسامي
گر ڪي تون نہ گڏئو، چايين انعامي
سامي مدامي، پورو رهج پرينءَ سين.

(٥) ن. دارڪا.

هلو ته تڪيا پسون تن جا، جي جهنگين
جهونگارين
مر نانگا نهارين، اسان ڏونه عنات چئي.

[٩] گنگا، گومتي، متراء جمنا جيتيائون [انق]
ماري مصرين سين، ڪفر ڪنائون
درست دياءِ دين تي، امر آندائون (١)
تن اسلام آئون، گهڻو آڪنبي آهيان.

[١٠] عرب، عجم، روم، شام، پريو پرتڪال پسن [انق]
ڪابل، ڪشمير، غزنوي ڏونگر ڏيهہ ڏسن
سمرقند (٢)، سيد چئي، بابو بلخ وسن
جيلاهہ گنائون پير گسن، تي حرم ٺئا مطلوب سين.

[١١] پوربيا پوري وئا، آسڻ آڌي رات [انق]
سيم نہ سناسين جون، اي پچارون پريات
جوڳي ڪا جا ذات، اوءِ مت نہ معذورين جا.

[١٢] نانيان کوہ ڪري، چلو جي چنبي مٽي (٣) [انق]

(١) ق. 'دياءِ دين تي امر آندائون' (٢) ق. 'سمرڪٽ'. (٣) ن. 'چلو جڻن چنبي مٺي' ق. 'چيلو جي چنبي مٺي'

داغ ڏٺائُو دائما، ويروتارِ وري
تَنَّ اندر تڪئو، پسو تان مَ پري
ڏَنَيرُڏارڏَري(١)، آئين ڪو مارِڳُ منجهائي لهو.

فصل ٻيو

[١] چڙهيو مَنهَن چُونهَن، ڪانگل! جي ڪُنبَ لَئين [انق]

[١/الف] ورونهن ڪر ويهي، ڪانگل قريبن جي
ماربـــن سـپيرين ڪـــي، اکڙيون ٻئي
شريف چڱي سيٺي، اڏامي آڻ پرين. [انق]

[١/ب] ڪانگل قريبن جا، اچي وائيءَ وَڻ
تو ۾ بوءِ، بلال ڇڻي، مشڪ ڪٿوري مَڻ
اچين عجبين جـــو، اورانگهي اڳـــڻ
توکي پسي تڻ، سورنئون صاف ٿئي (٢). [انق]

[١/ج] سورنئون صاف ٿئي (٣)، تن پسي توکي
ٻيٺين [ڪوه]، بلال ڇڻي، چانئين پَر ڇو ٿي (٤)
ڏيل ڇڏيو ڏوکي، سنيها مٺي ڪري (٤). [انق]

---

(١) ق. 'ڏٻر ڏار ڏري'. (٢) اصل. "آءٌ سورنئون صاف ٿئو". هيءَ بيت توڙي هن کان پوءِ ٻيو بيت [١/ج] شاه جي رسالي جي ڇهن قلمي نسخن ۾ موجود آهن (ڏسو ڊاڪٽر دائود پوٽي جو مضمون "شاه جي رسالي ۾ تحريفون"، رسالو "نئين زندگي"(لطيف نمبر، ماه آڪٽوبر ١٩٥٤ع). هيءَ بيت شاه جي ڇپيل رسالي (بمبئي ڇاپو) سر پورب، ۾ پڻ [موجود آهي جتان چوٿين مصرع جي تصحيح ڪئي وئي آهي. رسالي جي ڇاپي ۾ ٽئين مصرع هن طرح ڏنل آهي: "اچي عجبين جو اورانگهج اڳڻ" (٣) اصل. "سورنئان صاف ٿيو". شاه جي رسالي ۾ ڏنل پڙهڻي مطابق تصحيح ڪئي وئي آهي. (٤) شاه جي رسالي جي قلمي نسخن ۾ هنن ٻن مصراعن جي پڙهڻي هن طرح ڏنل آهي (ڏسو ڊاڪٽر دائودپوٽي جو مذڪور مضمون):

"ٻيهي ٻچ، بلال ڇڻي، جا ۾ جوکي
ڏيل ڇڏي ڏوکي، سور سٺي ٿي سڄڻي".

مِيان! مون مَنُ موهِيو، جِني سندي سُونهن
اُني جِي، عِنات چئي، ويهي ڪر ورِونهن
اوڏو تي(١) چئو اُونئَن، سنيها سيڻن جا.

[٢] ڪانگ تُهنجي چانگ، مُهنجو جڏو جي جيارئو [انق]
جي ڪيانئا ڪينَ لَئين(٢) ٻوليون(٣) سر ٻيرانگ
تِيَهُون(٤) آس، عِنات چئي، اج آجُوڻي آنگ
اُڏءِ(٥) مٺان ڦانگ، تہ ڪَرَ جاوَن آوَن پرِين(٦).

[٣] لَئين ڪُجاڙيا لاءِ، مٿي پٽَين ٻير ڪٿو [انق]
ڪانگا! قريبن جي، ڪا ڳالھ ڳريئي آه
سنيها ڪي سڄڻين، سگھو تي سُڻاءِ
اُڏءِ سي اٿاءِ، ڏني جن(٧) ڏک لهي.

[٤] هٿ چُري(٨)، آڪ ڦري، آرتَ ڏِرڪي مالَ [انق]
ڪالهؤن ڪِي ڪانگ ڪَري، وايون منجھ وصالَ

---

(١) اصل. 'اوڏي ٿي' (٢) ق. 'ڪي ليئي' (٣) ن. ٻولي ق. ٻوليين (٤) ق. اٿهون
(٥) ق. 'آڏ ن ءِ' (٦) شاه جي رسالي، سر پورب د-١، ۾ هيءَ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

ڪانگل تنهنجي چانگ، جڏو جيءَ جياريو
لامن مٿان لت ڏئو، ٻولين سر ٻيلانگ
آڏر مٿان ڦانگ، تہ ڪر جاون آون پرين.

(٧) اصل. 'جهن' (٨) ق. 'چڙي'

ايندا آجِ ڪَ ڪالَ، سَوَنَّ ٽئا مون سَقرا.

[٥] ڪالهہ ڇُڙَنْدِيَ مالَ، جُڪس پروڙئِم پريتڻو [انق]

سڄڻ ايندم شالَ، آسائِتي اڪَ قَرِي.

[٦] وڇوڙئا ميڙ پرين، سڪ سڪندين لاه [ر]

ايڙي سگهہ سچا ڏٽي، تو هي ڪي جڳاء

تون جِني جو طالبو، مهر تِني ڪي پاء

ميڙائي جو ماء، ڪانگ لوَنْدو ڪڙهين(١).

[٧] اڄ واڏائي واهَ، آندي ڪانگ قَرِيب ڏونه [انق]

پِڳو هِنيون سَچو ڪِئو، سيڻن جي صلاحَ

آندا پرين اللَّهَ، ايَ سڏ مُهنجا صاب پئا(٢).

[٨] مَدَنَ سِر ميان! ڪُجاڙو ڪانگ لئِين [انق]

---

[٧] ڪانگل ڳالهہ چئي، اڄ ٿاريوسون جندڙو [انق]
ساڻي بات، بلال چئي، اندر روح رهي
هيئي جئي ڏک ڏينهن جا، ويا سور لهي
ايندا ميڻ سڄي، اڄ دوس منهنجي دائري.

[٨-الف] ڪانُ ڪانُ ڪانگ ڪري، تو مٿان انگهن آڻهي(٣) [انق]

---

(١) ميان امام علي شاهَ دان پهتل روايت مطابق. (٢) هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر پورب د-١، ۾ هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

آنديون ڪانگ قريب جون اڄ واڏايون واه — من مرادون هنيون ٿيون سرهايون ساه

آندا پرين اللّهہ، سڏ منهنجا ساب پيا.

(٣) اصل. " مٿان انگ نہ الهي".

مکڻ ماکي مصري، ڏيهاڙئون ڏيين
جي هُرن منجهه هنيين سي تو ڏنا ڏيکارِ مون.

[٩] وئو ڪانگ ڪهي، واڌايون وصالَ جون [ر]
اڄهي سڄڻ آئيا، وڏي ناهہ نهي
وِيَت سپ وهي، سينڌ سلامت آئيا (١).

فصل ٽيون

[١] جتي ڀانيم جِيڻُ، آتيئي ڳڏئا پِرين [ن ق]
اوتي اکڙِين سين، نيڻ پِرئائم نيهن
ڏُکَ ڳرهيان ڪِينءُ، جو وئا سيئي وِسريِ.

[٢] مون غافلِ گوشي، سُگهڙ پرين سانپيئيا [ن ق]
سَجَڻَ وئا سوسي، اڳيان ڏُکَ عنات چئي.

[٣] ڳُٽين پِرين رُنامِ، اوڳڻ رُسي سَيڪو [ن ق]

ڀيرو چئي، پرين جي، ڪا انس ڳالهہ ڪري
پٽ نہ پير ڌري، آهيو چوءِ آيا پرين.

[٨ ب] ڳالهايان، ڳهر لانيان، ڪارون ڪانگ کريان [ن ق]
ڀيرو چئي، ڀيرن مير نايو نيڻ ڌريان
ڀروڙين. ڀٽريان، حقيقت عن حال جي.

---

(١) ميان امام علي شاهہ کان ٻڌل روايت مطابق.

جُڪس ٻاروتڻ ۾، ڪي ڪَبيرَ ڪنءِ
تهان پوءِ ٿنءِ، سپيرين ڪؤن سُڪڙا.

[٤] تـڳان جنِ تَوار، آسَرَ اُنِ گُـذاريـان [ن ق]
اهڙا پرين، عنات چئي، صاحب ميڙ ستارَ!
ٻاجهائي ٻيهار، مَـتـي اڱڻِ آئـيـا.

[٥] متي چانئٽ چت، هنيون در دوستن جي [ن ق]
اڪيُون آسائتيون، تيـون نِهارين نت
سڄڻ سين ثابت، الا! نيهن نـباهئيين (١).

[٦] پَلپَلَ پـورَ هـزار، مونکي سندا سَڄڻين [ن ق]
تينءَ سي وَهنِ اکيون، جينءَ سي ڪُوهَي نارَ(٢)
سَڄَڻُ سانـگ سڏائيا (٣) هُتا جيَ جيارَ
ٻـاجهائي ٻيهـارَ، متـي اڱـڻِ آئـيا.

[٧] متي اڱڻ آسري، ڪاملُ ڪئو (٤) ڪَرَمُ [ن ق]
سائي تيـنِ سامُهين، جا يـلائي پرمُ
جا دوسان ٻاسي دَمُ، سا لِکائي لَـکُ لَهي.

( ) هيءُ بيت اصل ۾ 'سرود ڌناسري' هيٺ ڏنل هو جتان تپائي هت آندو ويو آهي. (٢) اصل. 'ڪوي نار' (٣) اصل. 'سڏائيو' (٤) ن. ڪري.

وائي-١ *

تيئڙا سُڪَ سَبيلَ، غَمَ گوندر گوشي ٿئا. [ن]

پرينَ پرچي پاڻَ ۾، ڏُران ڏنائون ڏيرَ-

تيئڙا سُڪَ سبيل

مونَ مَنُ موهئو، سيڻن جيَ سُڏيرَ-

تيئڙا سُڪَ سبيل

وائي-٢ †

اچا رات[ڏم] آئيو، مُهنجون اکڙيون پرين ڏي. [ن]

....

آهہ آس، عِناتُ چئي، پرين سين پاڻ پرچائيو-

اچا رات [ڏم] آئيو

—⁂—

* هيءَ وائي اصل ۾ "سرود ڪاموڏ" هيٺ حاشيي تي ڏنل هئي جتان ڇپائي هت آندي وئي آهي. ڪلهہ جي شروع ۾ اصل "ٿئا سي سڪ سبيل" جا الفاظ آهن ۽ ٻئاڙيءَ واري مصرع جي آخر ۾ "ٿئا تيئڙا سڪ سبيل" جي ورائي لکيل آهي جنهن جي آڌار تي درستي ڪئي وئي آهي.

† هيءَ وائي اصل ۾ "سرود توڏي" هيٺ حاشيي تي لکيل هئي جتان ڇپائي هت آندي وئي آهي. ظاهر آهي تہ هن وائي جو متن اڌورو آهي.

سرود ليلا

[۱] ڏوريون ڏور سنجوڙجون، ڪنه اولانبئان اچن(۱) [ن]

....

....

[۲] سَڌ ڪري پُڇيائون، پَرَدَران پيهي (۲) [ن ق]

سي آرت سِين، عنات چئي، وَرُونهَن ڪَنِ ويهي

نَوَ لکو نيئي، ڪَتَر سيئَن ڪانڌُ ڏيهُونَ.

[۳] ڪَتَر سيئَن ڪانڌ ڏيهون، سيُاڻي سندوءِ [ن ق]

راءِ وچايـــو روءِ، وِهاڻـــيَ واڻُــنِ تي.

[۴] وَرَسان وڏءِ ڪاڻ، تون ڪَرَ سان ڪلون پائين [ر]

اهڙي ڏون اڻ جاڻَ، ڪَڻ چڙيو تُهه ميڙيين(۳)!

[۵] سويي! لوپيينْ هارَ، تو ليلا! حيلا هٿ ڪئا(۴) [ن ق]

گهُرين تان گهٽين پَرِيين، نوَ لڪا نِبارَ

(۱) ن ۾ 'سرود ليلا' هيٺ هيءَ پهرئين سٽ ڏنل آهي. ظاهر آهي ته هيءَ بيت جي پهرئين مصرع آهي جا لکي وئي آهي پر ان بعد ٻيون مصراعون رهجي ويون آهن. (۲) اصل: 'سڌ ڪري پڇايائون، پردار پيهي' (۳) روايت حاجي عمر جانڊيو (۴) ق 'ليلا حيلا هٿ ڪيءَ'

جانْ دَرِ هُئينءَ داسَڙي، تان سُونئينءَ ريَسينگارَ
ڪامِلَ وَري ڪارُئينْ(١) ورَنهہ! وچائج وارَ
چنيسَرَ سردارَ! ڪو عَفُوڪَريين(٢) عنات چئي.

[٦] ڪارُون آڻُيُون(٣) ڪانڌ ڪي، تہ بروئي ريجهائيج [ان ق]
سوڍي! تون سُهاڳ ڪي، پوري! پِرم ڏيج
ليلا! ليلائيجِ، اٿئي ماڳُ منٿ جو.

[٧] سوڍي! سڪينءَ، سيّد چئي، سي ليلا چڙ حيلا [ان ق]
پائي پاند ڳچي ۾، چئج وَر تون وسيلا(٤)!
ڪانڌ ڪوڏيو تن جو، جن ڪي صبر سبيلا
مُهنجا ڪرت قليلا، تون دوس آهين داسڙا.

[٨] دوس مهنجا داسڙا! هيَ ڳالهہ هنيين سين لاءِ [ان ق]
ڪئم ڪَچايون ڪيتريون، سي ميان! تون ميٽاءِ
هارُ هٿانْ مون ڇڏيو، ڪينْ چنيسر چتاءِ.

[٧] ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون سوڍي سڪئين [ان ق]
راتيان روءِ، رنگريز چئي، گهڻو سهاجهي سڏ
پائي پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبيءَ گڏ
هڏ نہ چئو ننڊءَ لڏ، جي ڪارُون آڻين ڪانڌ ڪي(٥).

---

(١) ن 'وَرِي ڪارئي' (وَرِي ڪارئي؟) (٢) ق. 'عفوڪر' (٣) ن 'ڪارُو آريئو'
(٤) هيءَ سٽ صرف ن ۾ آهي (٥) شاهہ جي رسالي، سر ليلا د-١، ۾ هيءَ بيت ذنل آهي ۾ منجهس ٻي مصرع ڪانهي.

يَلا ! نِي يَلاءِ، مونکي مِهڻيِ- هابُ مٽان ڪرين.

[٩] اڳيون آنءُ نہ ليکيان، پويُون ڳُڻُ مَ پيتارَا! [ن ق]
چنيسر سردارَا! ڪو عَفُو ڪرين عِنات چئي.

وائي *

[ن] آءُ پِرين گهر پيهي، چنيسر! هارُ هٿان مون ڇڏئو
پڇن ليلا، اوءُ ڪِن حِيلا، ٻهران اڇي ٻيٺي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏئو
دوسُ نيائون داسڙو، ويساهِي ورُ ويهي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏئو
اوڳڻ عيب مٽايون مُهنجون، ڍولِيا! ڍُڪ سيئي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏئو
تو دَرِ اڇِي داسڙا ! آرَ ڪنديس آنءُ ڪيهي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏئو

---

* ن ۾ نقط ٽِل ۽ ٻهريون ۾ مصراعون ڏنل آهن. هيءَ وائي شاهہ جي رسالي، سر ليلا د-١، ۾ ڏنل آهي جتان پويون ۾ مصراعون کنيون ويون آهن. هن وائي جي ٻهرين ٻن مصراعن جو مفهوم، شاهہ عنات جي مٿي ڏنل بيت نمبر [٢] جي مفهوم سان ملي ٿو، جنهن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ وائي شاهہ عنات جي چيل آهي.

سرود آسا

[۱] ’اَلف‘ جنِي ڪي انگُ، رهيو آهي روح ۾ [انق]
’ميمَ‘ مُشاهدي گڏئا، جِئان لتَن زنَگُ
’للامئون‘ جني لنگهيو، تن ڪي آوتَڙائي تڙُ تئي.

[۲] جان جئين تان جيءَ چئو، بولِي ٻي ۾ وارِ [انق]
ڪَرهِي وَج ۾ قاضيين، منجهئي مُفتِي ڊارِ
ننـڍِي سـنڌ نافعُ، وڏو سَنڌ [۾] وسارِ
هِي جا خالق خَلَقَ خلقئِي، سَهُ ڏهن جي آرِ
نَظَرُ ڪري نيارِ، جن ڪِمئو تن ڪَنئو.

[۲/الف] وجي ٻچ وٽن ڪي، جڏهن سيوا ڪن. [انق]
ٺڪـــر، پيتـــر، اٺيون، سيڻي سٺهن.
سخاوت، شريف چئي، اي‌ءَ دل ۾ درختن.
ڦيرئو ٿا ڦيرڪن، نيٽ نيڪيءَ پانهنجيءَ.

[۲/ب] وجي ٻچ وٽن ڪي، جڏهن ڦر ڪن. پوءِ [انق]
اُن سِر پايو انگڙا، سٽيي سيو ڪوءِ
نيت نيڪيءَ پانهجي، ٿيو نيچو پوءِ
ٿُر ٻهينجيءَ توءِ، مونيئو مُنڌ ڪري.

[٣] پاڻ جيئڻ، پرينءَ ملڻ، اِيَ سَدائتين سَڏَ [انق]
مُوتُواقبل آنْ تَمُوتُوا، تان تو سُئي نہ حَدَّ
جيئڙي پرين نہ لَڌَ، مَرُ تہ مِلين محبوب کي.

[٤] جي مُنهن ڏئين تون ماڏهيئن، هنيون ڏئين هوتَ [ر]
تہ چُنِيَ چارئي پوتَ، اوسَهُ وِنِي اُڪرين(١).

[٥] رَهِي نہ رَتِيَ جيتري، ڏِنِي جني ڏُئار [انق]
تون تني سين گهارِ، اوڏا آڏي پَڪڙا.

[٦] چِٽِي چُري چِتَ ۾، ڏِنِي جني ڏَڪَ [انق]
وَرِ تني ڏونه وڪَ، ڪوءِ پارهن ماه پَئِن جا.

[٧] ڳالهيون مَنَّ سَنديون، پرينِ پَرَوڙين مُور [انق]
هَلِي تَنِ حضورِ، ڪوهُ وِلَلِين وات سين.

[٨] ڪاتبَ ٿا لکن، مَتان ڪا خطا پِرين [انق]
نَنڍِي وڏي ڳالهڙي، جوڙيو جمع ڪن
تون پاڙيسي تَن، جي حرف نہ چِڏين هيڪڙو.

[٩] مس گهٽي ڪ ڪاغذ گهٽو، لَکڻ لَکَ هزارَ [انق]
آنْ ڪينءَ آچيان عام کي، پرين تُهنجا پارَ

(١) هيءُ بيت حاجي عمر چانڊيي جي زباني قلمبند ڪيو ويو.

تهنجي تُهانْ ڏارَ، آنْءَ ڪتابت ڪن ڏيان.

[١٠] ڪَنُ گهرجي ڪَلمون، سِيڪَهن سُٺِ لاءِ [ق]
فڪر سين ڦيراءِ، تہ هَمَہَ ڪي حَقُ چوين.

[١١] لتاڙيو لوڪ ڪــي، وجيو پريــن پَسَنِ [ق]
مون تي اکڙين، وڏا ٿـورا لائيا.

[١٢] سَڏي پاڻَ سَچو ڪري، عشقُ نہ ڪري آڏَ [ق]
اِيَ تان سائرَ سَڌَ، ڪَئي جا قوال سين.

[١٣] سَچي چوڙٿ سُرِي، چوڙيين جي آڏ ـ گِنڍِ [ق]
تہ ڪَڙو لاهيين ڪنڍِ، سَپيريان جي سير ۾.

[١٤] اِيَ گِنڍِ ڇُهنڊيَ نہ ڇُڙِي، هَرِ هَرِ هٿ مَ پاءِ [ق]
ڪوڙيين وڏا ڪيترا، اِنَ وَرَ منجهائيِ ماءِ
هٿي هٿي ڪندا هاءِ، اِتِ هاڪ هزارين وٺا.

[١٤ الف] ساڄن ساڻُ ڪمان، آهي دوست دڪان جي [ا،ق]
تنهن جو خط خطائي نہ ٿيو، ڪاتبَ جنهجي ڪان
باز گشتي، بلال چئي، هٿن نيٹن سير نيشان
اهڙا سُرت سُجاڻ، سڪيين خوب شڪار جا (١).

[١٤ ب] پاتئي ڪشَ (٢) ڪمان، تہ تيءَ بهادر بلال چئي [ا،ق]
مون نن اندر آهيين، ڪاري هڻ مَ ڪان
ساڄن سُرت سجان، مٽان طبين جهي تات پُوئين (٣).

(١) هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڍول عرف مومل' هيٺ ڏنل هو جتان ڪنيو ويو آهي (٢) اصل. 'ڪس'، (٣) هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڍول عرف مومل' هيٺ ڏنل هو، جتان ڪنيو ويو آهي.

[سرود ڪاپائتي *]

فصل پهريون

[١] پيُون سَپ ڪَتَنّ، مان ننڍائي نہ لَهي [ن ق]
اوُگهَٽوُ، عناتُ چئي، آيا سُت پُڇنَ
الا! اگيان تَنّ، ڪاٽيارِي ڪا مَ ٿئي.

[٢] پيون سپ ڪَتَن راتِ، مَان ننڍائي نہ لَهي [ن ق]
اوگهٽو، عِناتُ چئي، پُڇنِ سٽ پِرِيات (١)
سَنهون جِني سات(٢)، مَرڪي آوءِ مَتينديُون.

[٣] پيون سپ ڪتن پوءِ، مان ننڍائي نہ لَهي [ن ق]
جا ڪَرَ جاڻي قضئي، سا پيري ۽ روءِ
اوبَرَ جو، عِناتُ چئي، حرصُ جِهنَ ڪي هوءِ
تِهن ڪي پورهئو پلئہ پوءِ، سودو صرافن ڪان.

---

* ن توڙي ق ۾ 'ڪاپائتي' جو سر جدا ڏنل ڪونہ آهي؛ ڪاپائتي سر جا جملي بيت 'سرود آسا' هيٺ 'آسا'، جي بيتن سان گڏوگڏ ڏنل آهن. جتان جدا ڪري هت 'سرود ڪاپائتي' هيٺ مرتب ڪيا ويا آهن.

(١) اصل. 'ايا سٽ پڇن پريات' (٢) اصل. 'سنهون جني جي سات'.

[۴] سَنجهي تَئم نہ سارَ، صبح سُتيئي ويو [ذق]
آڏڪِي تند، عِنات چئي، مَهتَ نہ آيس مارَ
سپاجها ستارَ! اُميريامِ مَ اَلڙي.

[۵] سَنجهي تَئم نہ سُتِّ، صبح سُتيئي ويو [ذق]
هيڪ تُلهو، ٻئو تورو، لَسي پيمِ نہ لُتِّ
آلا آنءَ آپُتِّ، اُميريامِ مَ اَلڙي.

[٦] ڪاپي منجها ڪينَ تَئو، جانْ پيريم پَلي پَتِ [ر]
سَونتِ نہ آيم سُتَ جي، پاٽان موڙهيم مَتِ
اندر وَهي آيَتِ، سُپيريان جِي ڳالهڙي[1].

[٧] تان ڪينْ ڪاپاتي ڪَتُّ، جانْ سين اٿئي[2] [ذق]
اونگهہ اکين ۾
سَونْڪِي وير، سيد چئي، ويسريائي ۾ وتُ
پيرمُ ۽ پيرتُ، سُتينِ مُور نہ سِڄِي.

[٨] پائي پاند ڪپاه، مون آتڻ سيپ نهارئا [ر]

[٦] ڪتيم ڪين، نرمُ، ڪيئن مترڪي آئي متڻيان [ذق]
پسيو ست سرتين جو، مونکي تئي شرمُ
منجهہ بازار، بادل چئي، پلا وڪ پرمُ
قادر ڪر ڪرمُ، جيئن اڳلوئي اڳهائيين.

(1) ميان امام علي شاه کان پهتل روايت مطابق. (2) ق. 'جا نسين اٿئي اوگهہ اکين ۾، تان ڪين ڪاپاتي ڪت'.

ڪٽي ڪانهه پساهه، سرتيون وچي ستيون(۱).

[۹] سُتيون سِيءَ مَرَن، جي پيرينِ سي چوڙينِ [انق]
آچا ۾ عيدُنِ، اوڏينِ اوءَ عنات چئي.

[۱۰] رات رَمَندي ڏول سين، نئون نيهن لڳوم [انق]
سُيان وِچ سرتئين، سو سينگارُ تيوم
راتوڻي رَڳاڻَ جو، ايُ رَڳُ اڳيئي هوم
پِرين پَئي لا يوم، مونکي ميثاقان اڳي.

فصل ٻيو

[۱] تَنَ سُکُ، مَن جوڙئون، مَلمل ڪتين چؤتارُ (۲)
....

[۹] سُت سنباهيو سرتين، سڙنـــي موچارو [انق]
تون پڻ چرکي سين چاهه ڪري، اٿ ساجهر سوارو
يوسف چئي، ان جاءِ ۾ آهي ڪونهه چاڻ چارو
وَر ڏئي وارو، تہ اڪلونــــي اڪهائيي.

(۱) ميان امام علي شاهه ڪان پهتل روايت مطابق. (۲) اصل. ن توڙي ق ۾ هيءَ سٽ هن طرح ڏنل آهي: 'تن سک، من جوڙئون، ململ ڪتن چوتار، ٻيرم خاصو' ۽ ان بعد بيت [۲] ٻئي جون ٻيئون ٽي سٽون ڏنل آهن، جو جڻ تہ هڪ بيت آهي. مگر شروع واري هن سٽ جي ڏيکڻ مان ظاهر آهي تہ اها 'ڪتن چوتار' تي پوري ٿيڻ گهرجي. غالباً ٻئي بيت جي پهرين سٽ ۾ پڻ پهريان فقرا ساڳيا هئا ۽ فقط آخري الفاظ 'ٻيرم خاصو' هئا، پر ڪاتب غلطيءَ وچان پهرئين بيت جي شروع واري سٽ ۾ ٻئي بيت جا آخري الفاظ ملائي، پهرئين بيت جو باقي حصو ڇڏي، ٻئو بيت لکي وجي پورو ڪيو. اسان انهيءَ گمان جي بناء تي [۱] ۽ [۲] بيت جون پوريون سٽون نئين سر لکيون آهن. پيو تہ انهن ٻنهي سٽن ۾ لفظ 'جوڙئون' پڻ اسان پنهنجي خيال موجب لکيو آهي، 'ن' ۾ اصل پڙهڻي 'جڙونئو' آهي.

[٢] تَنَ سُکَ، مَن جوڙئون، پيرُمَ ڪَن خاصو [ن ق]
ڪاپاتينِ صراف جـو، دائم دِلاسو
اُني جو، عِنات چئي، جِمَ چڙهين پاسو
آدَڻَ ۾ آسو، ڏيندِيون ذِرتِ نَقاشَ جو.

[٣] ڪاپاتـيَ ڪَتئو، تُلـهو ۽ تـورو [ق]
سَنئين پوءِ صراف ڪي، جينءَ قولي نہ قورو
آگهايين، عِناتُ چئي، ڏَڏيَ(١) جـو ڏورو
جتِ تُرندو تورو، تِت(٢) ڪاٽياري ڪامَ تَئي(٣).

[٢] تن جهونو، تن زيب، جي پيرم ڪتن پوءِ [ن ق]
تن ڪاپاتين، قطب چئي، درست دلاسو هوءِ
آسڻ پسج ان جا، لِله ڪارڻ لوءِ
پَرو ڏينديون پوءِ، هِت پڻ حق ڏسندِيُون.

[٣] پاٿان پيـيون مامري، جني يانيو ڪال [ن ق]
سَرهيون گهڻو، شريف چئي، جني ٿڪ نہ مال
سي اوڍينديون لال، جن پڄيون ناهن پوٽيون.

---

(1) اصل. ڏڏن (2) اصل. 'اَت' (3) هيءَ بيت شاه جي رسالي، سرڪاپائتي د-1، ۾ هيئين، طرح ڏنل آهي، جنهن جي آڌار تي متن ۾ 'ڏڏن' جي بدران ڏڏي' ۽ 'اَت' جي بدران 'تت' لکيو ويو آهي:

سٽ ڪاپاتيءَ ڪتئو، ٿلهو ۽ ٿورو
اگهيو، عنات چئي، ڏڏيءَ جو ڏورو
جت ترندو تورو، تت ڪاٽياري ڪا م تئي.

محمد فقير جي 'رازنامه' ۾ هي بيت هن طرح ڏنل آهي:

سنئين پئي طرفن کي، شل قولي نہ قورو،
اگهائي شاه عنات چئي، هن ڏڏيءَ جو ڏورو،
جڏهن تدنزو تورو، تڏهن ڪاٽياري ڪام تئي.

[٤] رَنَڊِيا جني رهڙيا، محبت پائي مَنّ [ق]
ٻَنِي سندي سُٽ ڪي، صَراف ڏي سَڪَنّ
سِي ڪٺي هَٿ نه وَجَنّ، اُن جو گهَرَ وِيني ڏي آگهٺو.

[٥] جوڙي ويٺيون جوٽ سِين، اُوءِ ڪاپاٽيون ڪي [ق]
پيون سپيٺي سي، جي پيٽ پورهاتيون پانهجي.

[٦] توڙي پرت پِريان جي پُوتَ، چورين توءِ چَر ڪتڙا [ن ق]
ساجَهر ڪَن سَوارِيُون، ڪاپو ڪارڻ قُوتَ
زُمرد سان ياقُوتَ، ڏينديون ستَ سيّد چئي.

[٧] ڪو وَهُ ڪاپاٽيين، جينءَ ڪتن ۽ ڪنبن(١) [ن ق]
ڪارڻ سُودَ سَوارِيُون، آڏَڻَ منجهہ آچِنّ
قطروڻي ڪوڙيون لهي، تَندُ سنديائي ڏَنّ
اُن جي سُٽ، سيّد چئي، تا صراف سَڪَنّ
موتِي مُلُ وڻَنّ، سود(٢) پهنجي سُٽ جو(٣).

[٤] جي سنهون ڪتڻ نہ سِکي، تہ رنڍائي روڙ ي [ن ق]
تنهن جو سُٽ، شريف چئي (٤)، نيندا طنابي تور ي
ڏُلهي ۽ ڏور ي، ويچاريءَ ســـان وَڙُ ٿئي.

(١) ن. 'ڪتن ۽ ڪنبن، ڪو وه ڪاپاٽئين' (٢) اصل. اوءِ (٣) هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر ڪاپاٽي د-١، ۾ ڏنل آهي، جتي پهريون ٻہ سٽون ساڳيون آهن ۽ ٽي سٽ ڏنل ني ڪانهي، چوٿين سٽ نالي واري آهي جا هت ڪنئي وٺي چاڪاڻ تہ ن ق ۾ ڪانهي، پنجين سٽ رسالي جي بيت جي هن طرح آهي: ' اگهيا سٽ سندن، پاٽي ترازي نہ تورڻا، (٤) ن. 'سيد چئي' جڏن تہ ن جي پڙهڻي 'سيد چئي' آهي، انهيءَ ڪري ٽي سگهي ٿو تہ هيءَ بيت شاه عنات جو هجي.

[٨] نِکي ڪَتي پاڻِ، نَکِي ڪَتائي پورِهئي [ن‌ق]
آرَٽ اوڏِيائي نہ وِجي، نہ تِهن ڪوريَ سندي ڪاڻِ
جِهن سين پِرين سندي رهاڻِ، تِهن اونو ناهہ
اُگهاڙ جو.

[٩] پائي مالَ آرَٽ ۾، ڪتين نہ ڪُوڙي! [ن‌ق]
اُتندي آتڻِ وِنئن، جه تو مٿي تي موڙِي
نَمَتِ ڪج نُوڙِي، تہ سَچِ صرافن سين پُئين.

[١٠] سَچِ صَرافن سين پُئين، تہ پڻ ڪَتِج ۽ ڪَنبِجِ [ن‌ق]
آدِيَ جو اُتيو، آتڻ منجهہ آچِجِ
صبر جو، سَيد چئي، متاعَ مُور وَنِجِ
اُت آدَبَ سان آتِج، جت سُت سَنياهِين سَرتِيُون.

[١١] تاجي ڏيرئون ڏِير، اُجندِي عِناتُ چئي [ر]
تِهن ۾ هڪڙو سير، اُٽڻ ۾ اوڪو ٽِئو(١).

[١٢] چرخو ائين چور، جينءَ پُون پُٽڪو نہ سُٽي [د]
آدِيَ جو، عِناتُ چئي، اٿي آتڻ اور
تِهان پوءِ تورِ، تہ تُهنجو سُٽ برابر سون ٿئي(٢).

[٨] ارٽ اوڏيائي نہ وجي، ڪاپو ڪين ڪري [ن‌ق]
پرت نہ آهيس پهيءَ جي، چڏيائين [ڏار] ڏري
ڪا جا ڳالهہ، قطب چئي، آهي آن ڳري
جن ڏانهن ور وري، پيرم بخشي تن ڪي.

(١) ۾ (٢) ميان امام علي شاهہ دان بهتل روايت مطابق.

سرود ڏهر*

فصل پهريون

[۱] ڪَنڌا تو ڪيهي ڪئي، پَر پيونءِ منجهه پِرتِ [ن‌ق]
رِيَ ساڙهه(۱)، سيدَّچئي، تون ڪينءَ گهاريين هت
نگاهه(۲) ڪج نِرتِ، متان وڃي ڏينئي واڙ ۾(۳).

[۲] ميان! محبوبن جي، جي سا واڙِ ٿئان [ن‌ق]
تہ غيرُ گَس پِرينَ جي، اچڻ ڪونہ ڏئان
جاڏڪيتان جِئانْ، هُئانْ شالَ(۴) حضورَ ۾(۵).

---

* ن ۾ 'سرود ڏهر' جدا طور لکيل نہ آهي. ق ۾ 'سرود آسا' جي بيتن جي حاشيہ تي "متفرقہ سر ڏهر" جي عنوان هيٺ 'ڪونج' بابت هيٺيان ٽي بيت قلمبند ٿيل آهن جي شاه جي رسالي، سر ڏهر د-۴، ۾ پڻ موجود آهن:

۱- ڏِٺَمِ جنهن سين ڏِسڪيو ڪونج نہ ڏاڍي ڪَنڪَ،
ماري ماري تڪ، وِلَرَ سَڀِ وِڇُون ڪيا.

۲- ماري سيرا ڪيڙا بغَلَ منجهہ بندوق،
ماريو ميرَ ملُوڪ، لَتاڙِيو لَڪِ چَڙهي.

۳- ڏِٺَ وَڃنيئي ڏِسِيُون ماري مَربن شالَ،
اِهان توني ڪالَ، وِڌو وِڃُ وَرِهَنَ ڪهي.

مٿيان ٽيئي بيت چڏيندي ۽ 'شاه جي رسالي' ۾ 'سر ڏهر' جي مضمونن کي مد نظر رکندي، ن ۽ ق ۾ مختلف سرن هيٺ ڏنل ڪي خاص بيت هت 'سرود ڏهر' هيٺ مرتب ڪيا ويا آهن. (۱) اصل. 'ساڙه' (۲) اصل. 'نڪا' (۳) هي بيت اصل ۾ 'سرود مارئي' هيٺ ڏنل هو، جتان کنيو ويو آهي. (۴) اصل. چال. (۵) هي بيت اصل ۾ 'سرود مارئي' هيٺ ڏنل هو، جتان کنيو ويو آهي.

[۷] ڪنڌا اسان ساٿ، جي تون هَلين موهہ ڏي(۱) [ن،ق]
تہ ڏينهان ڏُک نہ سارِيين، گهڻو ريجهايين رات
تون(۲) تُهنجي ذات، پڙ رِهائي(۳) پٽن ۾(۴).

فصل ٻيو

[۸] چارِي نہ مارِي، نہ ڪو لوڙائو لَڙي [ن]
وَڳ ويهارِي وِيسرا، پَٽنِ ۾ پارِي
ڪاڻا ڪيڪانن تي(۵)، هيڪن هزارِي
سُرهي سا، عِنات چئي(۶)، ڏٽ وطن وارِي
چارِنِ رِباري، ڪيڙي هيٺ ڪنگهارَ جي(۷).

فصل ٽيون

[۹] پِلِي ڪي پوُڌرِن، جي واسُ وَنَڻَ آئيا [ق]
تني ڪي ڪوُنرن، ڏنا هنڌ هنيين ۾(۸).

---

(۱) 'موهہ ڏي' (اصل اٿين). (۲) ن. 'تو'؛ ق. 'توء'. (۳) ن. 'پر رَهائي'؛ ق. پرڻايون. (۴) هي بيت اصل ۾ 'سرود مارئي' هيٺ ڏنل هو، جتان ڪنيو ويو آهي. (۴) اصل. 'ڪاڻا اڪيي ڪانن تي'. (۶) اصل. 'سرهي شاه عنات چئي'. (۷) هيء بيت ن جي شروع ۾ ڪن متفرق بيتن سان گڏ لکيل هو، جتان ڪنيو ويو آهي. (۸) هيء بيت ن ۾ 'سرود سر راڳ' هيٺ لکيل هو، جتان ڪنيو ويو آهي.

سرود مومل راڻو*

[١] گُلبدن جون گُجريون، آرمَ اوڊيائون [ان ق]
چونڊا تيل ڦُليلَ سين، واسنگ ويڙهيائون
مُشڪ محبت پاڻ ۾، لِڳين لايائون
ڪوڏان پوڏائون ڪَڇُئان، سيلا سَنڌيائُون
اِهڙيَ پر، عِنات چئي، راڻو رانيائُون
سَوموٽي ڪينءَ پاهُون، جووَجي ڪاڪ قَرارِئو (١).

[١] ساوڻ منڌ، شريف چئي، وِڃُون جنهن ورَنِ. [ان ق]
اوءِ آنائين اڳِريون، جي لوڌيري رَهن.
جيڏي پيڪَ پاڻَنِ جي، تهڙو رَتو منجهه اکين.
جيڏو (٢) ماه هِلالَ جو، تهڙي ڀِيرِ ڀِرن.
ٻيِنسر ٻوٽا پيڪ (٣) لَڙهِئين، موهيو مٿن موتين.

* ن ۾، 'سرود ڊول عرف مومل' ڏنل آهي.
(١) هيءَ بيت، شاه جي رسالي، سر 'مومل راڻو' د - ٦، ۾ پڻ ڏنل آهي، پر ان ۾ ٣ ۽ ٤ سٽ ڪانهي. ميان محمد علي شاه ۽ ميان امام علي شاه کان پهتل روايتن ۾ باقي چئن سٽن جي پڙهڻي ساڳي 'شاه جي رسالي' واري آهي، انهيءَ ڪري ان کي ترجيح ڏني وئي آهي. ن ۽ ق ۾ پهرين سٽ جي آخر ۾ 'ارم اوڊيائون' جي بدران 'ڊاڍيَر ڏکيائون' ۽ ٻيءَ سٽ ۾ ؛ واسنگ ويڙهيائون' جي بدران 'جهنلي جهيڀيائون' آهي. ٥ سٽ ۾ 'شاه جي رسالي' جي پڙهڻي 'انهيءَ پر' آهي، ۽ ٦ سٽ جي پڇاڙي "جو گل گجر کي گڏئو" آهي. (٢) اصل. جهڙي. (٣) اصل. 'پيڪ'.

[٢] مومل، سومل، سَھڄان، تيون آتڻ آڏائين [انق]
سَچا وَٽَ سرڪنڊ جا، چَندَنُ چيرائين
مرُ، ڪتوري، ڪيوڙو، لُوڻُ ڪٿو لائين
راڻو تيون رانئين، اهڙي پرِ عناتُ چئي.

[٢] راڻو ريجهايو جيڏيينُ، سڻ پَنِنِ سندا پارَ [انق]
ڪن سينگار، سَيد چئي، وجهن هزاري هارَ
وارَ وِسيهرَ آڳرا، متي ڪيسَ ڪپارَ(١).

وڏي سَري آنِ ڪي، جي لالَنِ تي لَٽڪَنِ.
آسَڻَ پاسَڻ آنِ جا، پاڪيزا پٽين.
ڪنهن سبان سناسي آئيو، آتڻ مَٿِهي آنِ.
سُوڏيون شڪارينِ سين، ظاهِرِ ڪيون جوڳين.
سَرها شڪاري ٿيا، تہ دايُون تهِي دَرنِ.
تازي (٢) ڪاهيائون تڪيڙا، وجنِ ۽ وِهسَنِ.
اچي ڪاڪِ ڪندين ٻ، ڏارو ڪيو ڏاڻين.
ڪين آچِهي آنِ ڪي، تہ ڪين ڪامڻ ڪي ڪهنِ.
جا مومل مَنِ مَنجهنِ، سا راڻو رِيبي هلئو.

[٣] هُو جي ڪاڪ ڪناري ڪامڻيون، پائين هزاري هارَ [انق]
ڪُنوارِيون، قطب چئي، مهسين ڪن سينگارَ
تين جو پَرهَڻ پيرَمُ بادلا، ڏُرڪڻ چگيءَ ڏارَ
آن جي ٻوليءَ موهيا پاٻهيا، ڪن ڪونجن جيئن ڪَنڪارَ
تَنِ جهي لوڏي آيا لوءَ ٻ، پَٽين سُٽي پچارَ
جا مڙين جي مهندار، سا مومل مائي ميندري.

---

(١) اصل. ’جي هٿا ڪيس مٿي ڪپار‘. (٢) اصل. تبزي.

هُنا سائو سُوارَ، پر مومل ماڻي مينڌري.

[۴] ادا! تو آديسُ، جو تون اچين سامي سَمگئو [انق]
ڪئانْ ڪئو ڪاپڙي، وَرَنهہَ ايُ تو ويسُ
سو تون آڇهُون ڏيسُ، جٿانْ تو راول رڱئا.

[۵] ڪِ ڪوهنيوءِ مَنڊُ، ڪِ سامي! تون سچي ڪريين [انق]
جوڳي تينءَ جَهرڪئو، جينءَ چوڏهينَ ماه چَنڊُ
سُرهو گهڻو سرڪنڊُ، بابُو ٿو بويُون موئي.

[۶] ڪِ ڳالهايوءِ خلافُ، ڪِ سامي! تون سچي ڪريين [انق]
جوڳي تينءَ جهرڪئو، جينءَ سو سورجُ صافُ
ڪَتوريانْ خوش بافُ، بابو ٿو بُويُونْ موئي.

[۷] لُڏن ليمي لامَ، وَٽئو پينگهُون پَٽَ جون [انق]

---

[۶] سامي! ڪيج سچي، متان ڪا ڪوڙي ڪريين [انق]
تون سچوئي لال ٿيو، ڪهڙي رڱَ رچي
ڪَهج بات، بلال چئي، اوڏو تون اچي:
آئان ٿي بچي، مس اچي ڪو مينڌرا (۱).

[۷/الف] ليمي لامَ لُڏن، وَٽئو پينگهون پَٽ جون [انق]
سُونهَنِ سُورجانَ اکري، اهڙا پار پَٽن.
ڪاري رات، قطب چئي، ڪَرَ ڪيوٽيون ٿيون ڪيون.
پئو پَڙلاءُ انَ پار جو، سُوڌو شڪارين.

(۱) اصل. 'آئان ٿي ڪو بچي، اچي مس مينڌرا'.

اُتان ئي عَنبيرَ جا، اُدمئا عَـذُبانَ
ڍنگر ڍَٽَ کندين تان، اُنا پاٿو آڻَ
ڄَٽَ ڄُڳيرَنِ آئي، ڪاهيائون ڪيکانَ
آچٺو آجهورَنِ ۾، تا ٻَهکن ٻُورَ ٻهاڻَ
کوڙن ڏان ڪَرَ ڪنيائون، تہ ڪَرَ نانگن جا نڏانَ
آئي گـامِ گُمانَ، لَتا لوڏيڙنِ ڪي.

[٨ا] باغ، باغيچا، بنگلا، راڙيون جت رَمَن [انق]
اوئسُ اُيرٺو عَنبرين، ڪَرَ کهٽيون تيون ڪونِ
اُتان ئي عنبير جا، ڇَتا تـا چُلنِ
عاقِلَ ڪي آچَنِ، ڪاڻي انهيَ ڪاڪَ تي.

باڻي پلاڻ پٽوءَ ڪيئي، گهوڙن تي گهوٽن.
آتڻ مٿي آئيا، تيئي تماشو تن
آڻين نيڳيون ناتر جهيڻن، جن جا سُنهن پيريا موتين
ڪيا آئي خوش ٿيا، ٻولائن ٻانهين
راڻو نهائي راڻين، ڪونڌرُ ڪنوارين راڻيو.

[٧ب] وَتو پينگهيون پٽَ جون، لُڏن منجهه ليار [اذق]
لالين لڳن آهري، جهڪي تي چوڌار
سنهي شڪاري تيي، ڏٺا انهيءَ ڏار
ٿيندا موملَ هٿي موچار، جيئن راڻو ريجهائي جهليو.

[۹] ڪاهي آيا ڪاڪ تي، لَڙي لوڏاڻي(١) [انق]
جت پَدَمڻيون پيدا ٿيون، لُڏن لاماڻي(٢)
خوشي ڪٿائون ڪين تي، ڪو جاڻندڙ جاڻي
راڻي نِي راڻي، مومل ماڻي مينڌري.

وائي- ا

آيا ڪاڪ کهي، اِيَ سَبَ سُٺي شڪاري ڳالهڙي [ق]
آبَ آرتي ڳاڙهون، وينا لَالَ لهي-
آيا ڪاڪ کهي

[۹ الف] دِتُ پڻ مُونکي ونتُ، جي پيرين پائيم پانهنجي [ذق]
مائينءَ ڪارڻ سُورين! مون ڏانهن ميڙ ۽ مهڪ
وڏي تيهُن ڪنت، جي راڻو ريجهي جهڙيون!

[۹ ب] راڻو ريجهي جهڙيون! تہ مان منهنجون سڀاڳ [انق]
آءٌ تو ڪارڻ سورين! هنڌ سورين تي ماڳ
پلو ڪري پاڳ، جي سوڍل اچي شريف چئي.

[۹ ج] واڳ ورائي وَلُ ڍولا! ڏتن آءٌ (٣) [انق]
ڪاڪ تنهنجي، قطب چئي، تون راڻين جو راڄ
اڳ ڪڙهو ڪشٽيو. تہ مرتبون تمو سڀاڳ
مون توهين سين چاڳ، مومل چئي مينڌرا.

[۹ د] ساريان ڪيهڙو مرتبون، سوڍي جي سڀاڳ [انق]
موتي ايندو مون ڏي، ور ورائي واڳ
ڪامل جا، قطب چئي، منجهه مشڪل ماڳ
پيندڙ! پيرين پاڳ، راڻو رنجهي آئيو.

(١) ن. 'لوڏيري'. (٢) ن. 'لاماري'. (٣) اصل. 'دت آءٌ'.

سرها گهٽو، سيّد چئي، راڻا رات رَهِي -

آيا ڪاڪِ ڪهي

وائي-٢ *

چانگي چڙهو چَڪئو، ڪِي جو ڪاڪِ ڻڙاءِ [ان ق]

١. ڪَرَهو سَرهو ڏيه ۾، تِهين ڏبُ نہ ڏاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ ڻڙاءِ

٢. ڪَرَهي ڪَرايُون رَتيُون، نائي ناگيلاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ ڻڙاءِ

٣. پِڪُون جي پانن جون، هاريائين حلقاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ ڻڙاءِ

٤. پاهُ پِرائي آئيو، لالي لَبوڻاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ ڻڙاءِ

٥. وَڳ واسيائين پانهجو، سيٽي سراهياءَ -

ڪي جو ڪاڪِ ڻڙاءِ

---

* هيءَ وائي، شاه جي رسالي، سر مومل راڻو ۾، ڏنل آهي مگر ان ۾ مصراعون نمبر ٦، ٧ ۽ ١٠ ڪين آهن. مصراعون نمبر ٣، ٤ ۽ ٥ رسالي جي پڙهڻي ۾ موجود آهن جتان ڪنيون ويون آهن، ۽ ن ق ۾ ڪين آهن. وائي جي ٿلهه (شروع واري سٽ) ڪان سواءِ باقي ن ۾ فقط مصراعون نمبر ١، ٢، ٦، ٨ ۽ ٩ آهن، ۽ ق ۾ فقط مصراعون نمبر ٦، ٧، ٩ ۽ ١٠ آهن. رسالي ۾ مصرع نمبر ٢ جي پڙهڻي 'ڪرهي ڪانئيل رتا' آهي، ۽ مصرع نمبر ٩ جي پڙهڻي 'تون ڏاتي ڏيٽ ڏئي، تون راڻو، تون راڄ' آهي.

٦. پُوڄَ پياري هلَئا، ڏاتي ڏول مَلاءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٧. پنهي ڪاڪ ڪنڌين ۾، پيو وجي پرلاءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٨. مومَل مُحتاجيون ڪَري، عاجزيون اڳياءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٩. تون سوڍو، تون سُپرين، تون راڻو، تون راءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

١٠. مومل ماڻي مينڌرِي، لٽس گيرَبُ گاءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

سُرود بلاول

فصل پهريون

[۱] سَمُون سِنڌِ سَمَن ۾، جڳَري جهو نہ ڪوءِ [ن.ق]
اُنو پهر، عنات چئي، آيو ايئن هي چوءِ
الا! اچِي ڪوءِ، ڏَڏُ وڏو ڏانُ گهري.

[۲] ڏَڏُ وڏو ڏانُ گهُري، هوتِياڻيَ هتاءِ [ن.ق]
سَمِي سَخاوَت جو، نہ گِيرَبُ نہ گاءِ
جاءِ وَڏلو آءِ، تہ ڏئين ڏان ٻين کي(۱).

[۳] پيهي پِنُ پاڌار ۾، جت گهُرُ گنگا جَر راءِ [ن.ق]
چَڏُ حيلا هِن هندَ جا، تون جڳري پاسي جاءِ
اوڏوتِي، عِنات چئي، ڳاچ تَنهين جو ڳاءِ(۲)
سُکن ايندوءِ ساءِ، ويندي ويلهہ وسري(۳).

---

(۱) ن. 'جاءِ وڏلو آءِ، ڏيئي ڏانُ ٻين کي'. (۲) ن. 'ڳالهہ تنهن جي ڳاءِ'. (۳) هيءَ بيت شاهہ جي رسالي، سر بلاول د-۲، ۾ موجود آهي، جتي ٻي سٽ جي پڙهڻي هن طرح آهي: 'ڪر ياد الله کي، ڳاچ تنهين جو ڳاءِ'.

[٤] پيهي پنُ پاتار ۾، جت گُهرُ گنگا جَرُ جامُ [انق]
شڪستن، سيد چئي، تُرتُ ڪارائي طعامُ
جُهُ واسريو وريامُ، تہ ريلبندو رُونٺَن ڪي.

[٥] پيهي پن پاتار ۾، جت گُهرُ گنگا جَرُ گُلُ [ر]
حيلا چڙ هن هنن جا، پورا هَڏ ۾ پلُ
پانُوندرُ بيٺو ڏئي، پريو ماڻڪ ملُ
سُورُ ڏنهين سان سَلُ، اِيُ ڏاتارُئي ڏڏن جو(١).

[٦] آکين پنُونُ نيهُنُ، جن گنگا جَرُ گَڏئو [انق]
سڪئو تي سُرڪ ڪي، ڪالهہ سچوئي ڏينهن
سندو موتين مينهن، تن تي جال وسايو جکري.

[٧] جي آڻ سُتي آهيين، تہ ڏَڻُ اِتانئي ڏارِ [انق]
پانُوندَرِ پاتارَ ۾، جاءِ جَکرو جُهارِ
برڙي بيٺ ڪنڌارِ، وڃي لَهريون لَڳيُونَ.

[٨] سمون سانوڻ مينهن جيئن، رات وسي ۽ ڏينهن [انق]

[٨ الف] گنگا جتر ڏونهہ گسن، تن ڪوڙيين لايا ڪيترا [انق]
طاماعن (٢) تيت ٿئي، ويندي وڏي وسن
ڏيئي جيي ڏاتار دَر، چارون پهر چسن

---

(١) ميان امام علي شاه ڪان پهتل روايت مطابق. (٢) اصل. 'طاماعوئن'.

جيئن گهُرجي جن کي، تن ڏِياري تيئن

ڏاتُرُ سچِي ڏيهه ۾، تون قرض ڪِيين ڪيئن

وَڃ گنگا جَر سيئن، ته سُکي ٿئين سيّد چئي.

[۹] راءِ وَت رهاڻــي، سدا سُوانين جِي [انق]

آچِــي آسائن کـــي[۱] خزاني کـــاڙِي

جُنگ نہ پَسين[۲] جکرو، هلي هوتياڙِي!

ڏارَت ڏيهاڙي، پِچِي گهوٽ گهڻن جِي[۳].

[۱۰] جَو وَهي سو لهِي، ڏات نہ آهي ذات ڏي [انق]

آريون اپوجهن جون، سمون چامُ سهِي

جو راءَ وَت رات رهِي، ٿِهن کي جُکي

جانڪيتان نہ ٿئي.

ڪيئن اُتا ڪسّ، سخا ساڻ شريف چئي.

[8/ب] چڱيري چڱي ڪري، گهتر سيڪو ڪاءِ [انق]

تن هيٺي هٿي ڪنيئو، جي نتر پڻ لاءِ

سخاوت، شريف چئي، صاحبن سيباءِ

مال ميڙي گهتر ماءِ! ڪيئي نئو نہ پاڻ سين.

[8/ج] ڪئي نئو نہ پاڻ سين، ميڙي ميڙي مالُ [انق]

جي سخاوت ڪيا، تن کي ڪين ڪريندو ڪالُ

جو تن پيٽاهي جو پالُ، تہ چڙ سڙوا شريف چئي.

---

(۱) اصل. 'آسائونن کي'. (۲) اصل. 'پسي'. (۳) ن. 'ڪوٽ گرن جي' ق. 'ڳوٺ گهرن جي'.

[۱۱] سَمن سَميجن ۾، جَهڪرِي جهو نہ هوءِ [نق]
سيّد چئي، سوالين کي، عاقلُ ايئَن ئِي چوءِ
جينءَ گهرُجي جن کي، تن کي ڏيان توءِ
سامَ سَمي جِي هوءِ، جيڪي ٿئي جهان ۾.

فصل ٻيو

[۱] آيا ڏُونه ڪَرَنَ، ئِي جي ميرا مگٽا [نق]
تَرتُ لاهي تن کي، ويلهُن جا وَرَنَ
مَٿي ميرن راضي ٿئو، ڏانُ گهُرن جينءَ ڏَنَ(۱)
ٻهنجي [منجهہ] ٻَرنَ، اُن سين هردم
هَمُثائي ڪَرِي(۲).

[۱/الف] ڏيئي ڪَرمُ ڪَرَنَ جو، دانُ ڏئي مٿي نہ دَمُ [نق]
عاقِلُ آسائن کي، گوندرُ لاهي غَمُ
سخاوت، شريف چئي، چامُ ڪمائي چَمُ
راڄ تنهين جي رَمُ، تہ طاماعُو تار ٿئين.

[۱/ب] آئيو چوئي ايئن، پلي ڪري آئيا [نق]
جيئن گهرجي جن کي، تَن ڏياري تيئن
سخاوت، شريف چئي، ڪيِ هَمثائيءَ هيئن
گهوڙا گهيئن جيئن، ڏئي موچارا مگٽين (۳).

---

(۱) اصل. 'مٿي مون راضي ٿئو، ڏان گهرُون جينءَ ڏن'. (۲) ق. 'هَمثائي ڪري'. (۳) اصل. 'مگٽي'.

[٢] ڏڏُ تي ڏان گهر، ڇڏ وڃا جو وَرَنُ [د]
انئي پهر، عِنات چئي، آيو پاڻ پِرَنُ
ڪوڙئين ڏئي ڪَرَنُ، نِيلون نامَ ڏٽين ڪي(١).

[٣] ڏڏ تي ڏان گهر، وِڃـا ويڙهي لاه [د]
انئي پهر، عِنات چئي، آيو پاڻ ڳچي ۾ پاء
تہ ڏِڪي ڍولُ سنداء، اوڳڻ اڳيان پوئيان(٢).

فصل ٽيو

[١] ٿَر ڏونگر جي وچ ۾، مُنهن ڪِئو آچنِ جي [ن ق]

....

[ا/الف] چـڙهن. چونـڪيون جنهن سهن، ڪارهن لک ڪروڙ [ن ق]
پـرو پيپـڻ (٣) ناهي، ڪو، جيلهيي جسوڙ (٤)
آلابندي آئيو، ڪاه (٥) جنهين سين ڪوڙ (٦)
دودو تان نہ دهليو، ڏيٿر پـسي ڏوڙ (٧)
مالـڻ (٨) چوءِ مٿير جي، هـلـيي آئيي هـروڙ (٩)
ڪنوڙيو ڪارڻ ڪهور (١٠)، سـرٽيون جهـلي سـوڙو.

[ا/ب] ابڙا! آيون تو ڳري، سي سائـو! سـرٽيون پـس [ن ق]
آڪهه، اڙين آهيين، تـو جاڙيجا! جـس

---

(1) هي بيت 'شاه ديواني جي درگاه' (نري، تعلقو ماتلي) جي جهوني مسجد جي اندرين ديوار تي لکيل هو جتان اتاريو ويو. ان بعد حاجي عمر چانديي جي زباني روايت موجب قلمبند ڪيو ويو. پڻ هيءُ بيت نصرپور جي هڪ قلمي بياض ۾ قلمبند ٿيل مليو.

(2) هي بيت 'شاه ديواني جي درگاه' جي جهوني مسجد جي ديوار تان اتاريو ويو.

(3) ن. 'پيڪن' (4) ن. 'جسول' (5) اصل. 'ڪاء' (6) ن. 'ڪول'. ق. 'ڪوڙ' (7) ن. 'دول'، هيءَ سٽ ق ۾ ڪانهي.

(8) اصل. 'مالن' (9) ن. 'آئين هرول' (10) ن. 'ڪريو ڪارن ڪول'.

ڪَتي سمو آبڙو، سَرٽيون(١) جهن ڳَري

سو مُرموٽائي ڏي، مَڃُڻ اُچَل عيراقين نه سَهي.

[٢] ڳَجي ڏي گوڙيون، در چَلِيين ڳَرِ سَرٽيين(٢) [ن ق]

ڏِسي هَٿ نه ڏَهسيو(٣) ڏَر ڏَير ڏوڙيون(٤)

سي لاڪِي (٥) نه لوڙيون، جي تو آجهي(٦) آبڙا!

آيا(٧) عيراقِين (٨) چڙهي، تن تُرڪَن (٩) ناه ترسُ

اکِيان ڪَنڌُرَن ڪِلو وارنو، جني مُنهن ۾ مَسُ

هٿيو هوٽيڪن ڪي، لاهين قطب چوءِ ڪَسُ

سَمون چامُ سَرسُ، آتِ هَٿي مَٿيرو مِصرئون.

[١/ج] سامُون سَمي جهَليُون، تو آلادين اچي [ن ق]

سانگيون مائُن هٿ ڪيون، مَرُ اوراهون اچي

جانَڪيتان، يوسف چٺي، آن وت اهڙو رنگ رچي

الا! شالَ بچي، عالَم اِنَ آچَلَ ڪان.

[٢] گُجَريان ٿي گَجيئون(١٠) تنهن چَليَن چِهُ نه ڪوءِ [ن ق]

مَهانٺي محمود پِڙ (١١) جن جو منجه، مجلس هوءِ

ڪافر ڪٺو ڪرمائيين ١٢) جنهن تي هٿي دانهياٿي جوءِ

مِيمُ جنهين جي مَنَ ۾، هت سنبهي سوءِ

مگَن موٽي، شريف چٺي، اٺو پهر اوءِ

ڪَرهل پَريان ڪوءِ، او مانُور سکهو مانڊئو (١٣).

---

(١) اصل. 'سرنيون' (٢) اصل. 'آئيا' (٣) ق. 'عراقي' (٤) اصل. 'تَرڪين'. (٥) ق. 'گهر سرٽيين در چليين' (٦) ن. 'ڏسيو' (٧) ن. 'ڏر ڏير ۽ ڏوريون'. ق. 'ڏر ڏير ۽ ڏوڙيون' (٨) اصل. 'لاڪين' (٩) ن. 'اجا' (١٠) اصل. 'گجئو' (١١) ق. 'ير' (١٢) ق. 'ڪرماني' (١٣) ق. 'ماڏئو'.

[٣] سِر تان سَرِڻيون(١) نہ ڏيان جي هَميرائا ٻارَ [ن ق]
مون وٽ مَهائين گهٽا، تون ڪَر ٺاڪُر مير نَهارَ
آُبيٺو، عِنات چُئي، ڳِنهِي جاڙيجو يارَ
رِٺملُ ربَّ آهارَ، ٿو سَمو سونَهريُون هٿَي.

(١) اصل. 'سرنيون'.

سرود ديسي

فصل پهريون

[۱] گولي بندي ڏاهہ، زر خريد(۱) جتن جي [انق]
آجپڻ، عنات چئي، هٿ آريچن آهہ
سومان سڏُسهاءِ، جين ٻانهي ڪونين ٻاجهہ سين(۲).

[۲] ٻانهي ٻانهوٽي، ڪنيزڪ ڪيچين جي [انق]
ٻئي ٻاروچي هٿ ۾، سر- چڳون چوٽي
الاهي! عنات چئي، وڃهن م ويڇوٽي
معذور ڪي موٽي، پڇندا پب- ڏٽي(۳).

[۳] ڪنيزڪ ڪيچين جي، ٻانهوٽيي ٻانهي [د]
مي ڪيئن وڃن وسري، جني جي اندر جاني
آڳڻ آساني، شل ڪيچين جني ڪام ٿئي (ع).

---

(۱) ن. 'زرخريدي' (۲) هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر کوهياري د - ۳، ۾ پڻ موجود آهي، جتي ٻيءَ سٽ ۾ 'اڄ پڻ عنات چئي'، ۽ ٽيءَ سٽ ۾ 'سو سون سڏ سهاءِ' آهي. (۳) هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر کوهياري د - ۳، ۾ هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

ڪنيزڪ ڪيچين جي ٻانهي ٻانهوٽي
ٻئي ٻاروچي هٿ ۾، چڳن سين چوٽي
ٻانهن کي موٽي، ٻانهي پڇندو پب ڏٽي.

(ع) ميان محمد علي شاه جي روايت مطابق.

[٣] آئي بوءِ بَنڀورَ کي، سرهي منجها ساٿَ [ن،ق]
بيٺا بازارين ۾، لائــي جَــتَ جَـبَاتَ
دران(١) ڍيوارئين چڙهئو(٢) ٽيون راڙيون ڪن
رَئاتَ(٣)
پنهون آندي پاڻ سين، جهڙيائي جماتَ
اُنَن تان، عناتُ چئي، لٿي جارَ جَڪات(٤)
سندي هوت حِماتَ، ڪيچَ پهتو قافلو(٥).

[٣ الف] تن جو ساٿُ سڄوئي سُرهو، ھي جھي هوت اچن [ن،ق]
خوشبوءِ ڪنوريان ئي گهٽي، سُرَ ھڻ مٿيي تَن
راڙيون رهاڻيون ڪيئو، بايون ٻوليون ڪَن
جنهن جي سونهن سورج جهڪو ڪئو، سو سردارُ سَين
اوڏا عزيز آن. جا، ٻيا ٻڻ چار. چـَون
پُنيءَ پنهون چام جي، سيڻي سُونيـَن
بـازار. منجھ. ڀنڀور جي، پينر! تا پـُوڻَن
اچي اوتارا ڪيئا، جوڙي منجھ. جتَن
قطب چئي ڪيچين، آجهو آرياڻي آتهين.

[٣ ب] پينرا! هن ڀنڀور ۾، مون جي سيڻ ڪيا [ن،ق]
ان جي ڪرهن ڪلنگيون، قطب چئي، پيڙا تن ٻيا
آئي عطر اوتيا، جڏ پنهوڙا ٻيھر پيئا
سُرها ٻيھر ٿيا، سڄي هن شهر جا.

(١) ن. 'دننر' ق. 'ڏنئر' غالباً 'ڏُنئر'= (سهڻيون زالون).جتي ڏنئر ڏون، چوٿا چڪ ڪيو" (شاھ) (٢) ن. چڙهيون.
(٣) اصل. 'روات'. (٤) اصل. 'زڪواة'. (٥) شاه جي رسالي، سر ديسي د-٧، ۾ هيءَ بيت فقط ٽن سٽن (١، ٢ ۽ ٦) سان ڏنل آهي.

[٤] سُرھي منجھا ساڻئين، آئي ٻنيورين ٻوءِ [انق]
جَتن جَباتون لائيُون، ڪي هلڙين هوءِ
ڪَٿوري ڪرزينن ۾، ڪِين اِلاچي اوءِ
سسئي اُت، سيد چئي، ريڌي پَسي رُوءِ
اَنڱولي آھيان گلبُوءِ، تون سڃائج سات ڏٺي!

[٥] ڪيچي ٿي ڪَنئين سُئا، ڏسايا ڏيرن [ر]
آئي اُت جھيڪئا، مِهري مهمانن
مُهنجي اڳيان تَن، شل وائي ونگي نہ ٿئي(١).

[٦] چالَ مَ پاروچا وَڃين، دوسَ مُهنجا دور [انق]

[٥ الف] ڪنهين ڪيچي سُئا مون، تن اچي ڏسايو ڏيرن [ر]
اهي احمق آري ڄام جا، واريا تان نہ وَرَن
سائي پَٽ سغلات جون، مهارون منجهن
آئي اڱڻ جهيڪيا، ڪرها ڪيچ ڏنين
صابر! اڳيان تن، ڪانهي جاءِ جواب جي (٢).

[٥ ب] ڪنهين ڪيچي سُئا مون، سچ نہ آيا سهي [ر]
مون لوڏي ۾ لکيا، تہ هايو ڪندا هي
ڪن تا پارسي پاڻ ۾، ٻرو بڪيرو زي.
آءٌ سنڌي سمجهان ڪينڪي، مون سان تا عربي ڪن اي
من ربڪ و من نبيڪ و ما دينڪ، چون اکر اهي
تني مهندان وڃي، شل وائي ونگي نہ ٿئي (٢).

(١) ميان بخشعلي شاه جي روايت مطابق. (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو. حاجي عمر چيو تہ صابر، بلال شاه جو خليفو هو، ۽ هي ٻئي بيت ان جا چيل آهن.

تَن ۾ طاقت ناهہ ڪا، تون پنهون چام پَرور
اڪِڙيونِ، عنات چئي، پوتيون انهيَ پُور
هُئانْ هوت حضور، جيانْ جانڪيتانْ نہ مران.

[۷] ڪَڙيا، پينڊَ، ڪُرجينونْ، سَليطا ٻورا [.]
اُنن سِر، عنات چئي، نڏائُونْ نورا
مون پانيو گورا، پر سَالا جام پنهونء جا(۱).

[۸] ڪُجاڙئانْ ڪاهي، شُترَ اُن سينگارئا [نق]
ٿَليون، ڏؤنرَ، هَلريُون، پَلاڏيُون پائي
اُت پُٽَ(۲)، عنات چئي، ڪَرَهَلَ ڪُڏائي
ٻانيڙ ڪي ٻَروچ جو، آسرو آهي

[۸] ڪَرَها ڪيچ قلات جا، شُتَرَ سينگاريا جَن [نق]
پَنهنجہ ڪيائون پاڻ ۾، ڇيريون ڇوڙيون تن
مَتان اوڏيءَ وير، آئن ۾، تَليُون ڪَيِن نيہڪن
آئيو آڏيءَ رات جو، ٻُوٽهن ٿا ٻڌن
مَڇن سسئي ڪي مار تئي، ٻوتا ڪَيِن پيڪن
وئي وَرُ وات ٿيا، چاڙهي تي چانگن
ڪاهيائون، قطب چئي، ٻغدي ٻلوچن
مون گهر مان اچَن، آهيان جن جي آسري.

(۱) ميان ٻخشعلي شاهہ جي روايت مطابق. (۲) ن. 'ٻيئا پٽ'.

واڳُون وَرائي، ڦيرينِ مانَ فقيرَ تي(۱).

[۹] اُتَ پُتَ، عنات چئي، مَرَن ۽ موڏا [انق]
پُونيو پوِيو پائيان، ڪَرهن کي ڪوڏا
چارين جي چانگن کي، ورائي(۲) گوڏا
اُلگاريا(۳) اوڏا، ته وِجي پهچندا پِرينءَ کي.

[۱۰] ڪوءَ وِچَڙَ وائي، هَلڻُ سَهان نه هوتَ جو [انق]
کَڙيا، پينڍ، کُرجڻيون، ڪَشينِ ۽ ڪيچائي
آسبابُ اُن(۴)، عنات چئي، سُونهن رَکيائي
ڏَسڻُ ڏونگرين کي، تَنَ کي تسلائي
مار مَرڻون مائي(۵)، ته آنءَ رِيجهائي رَهائيان(۶).

[۱۱] سيئي چوندِيون ساءَ، اهڙي ڳالهہ عناتُ چئي [انق]
وجهيو اکيون وِيسري ور ۾ وِيئي آهہ

(۱) شاه جي رسالي، سر ڏيسي د-۷، ۾ هيءَ بيت شاه جي نالي سان ذيل آهي:
شتر ان سينگارڻا، ڪچاڙئان ڪاهي   ناڻون، نوڙي، هلوڻون، وڻا چيڙ ڇمڪائي
لنگهيا لڪ، لطيف چئي، ويا ڪرهل ڪڏائي   پانڌ ڪي پروچ جنهن آسرو آهي
واڳون ورائي، ڦيرين مان فقير تي.

(۲) ق. ورائي (۳) ق. الڪارڻا. (۴) اصل. 'اسباڀان'. (۵) اصل. 'معذور مار ۾ تون مائي'.
(۶) هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر ڪوهياري د-۴، ۾ پڻ عنات جي نالي سان موجود آهي، جنهن ۾ چوٿين سٽ جي پڙهڻي 'ڏسڻ ڏونگرين جو'، ۽ آخري سٽ جي پڙهڻي 'مار ۾ تون مائي، ته روئي هوت رهائيان' آهي.

پنهونءَ سين پيياءِ، تون ڪينءَ آساري اوجهرين(١).

وائي *

ساٿين ننڍا(٢) بارَ، تان تون رات سَچيائي سُمَهين [ن]

سَليطا شُترن تــي، ڪاهيائون قطــارَ.

ساٿين ننڍا بارَ

پُڇي ڏِهہ ڏيرنِ جا، وِچايين نہ وارَ.

ساٿين ننڍا بارَ

جي اوجاڳي تو ڪِئا، اکينِ ۾ اوتارَ.

ساٿين ننڍا بارَ

تو ڪي نياڻون نہ پاڙ سين، ڪهلئا نہ چام ڪوهيارَ.

ساٿين ننڍا بارَ

آنِي جِي، عنات چئي، پُڇي ونءِ(٣) پيزارَ.

ساٿين ننڍا بارَ

---

(١) ق ۾ هن بيت جي پڙهڻي هن طرح آهي:

وڃهيو اکيون ويسريون ور ۾ ويٺي آهہ

تون ڪيئن آساري اوجهرين، پنهونءَ سين پيياءِ

آئي ڪي پاڌاءِ، مسان پاجهائي مون ڏئي.

* هيءَ وائي ن ۾ اصل 'سرود بلاول' جي متن جي حاشيي تي لکيل هئي، جتان ڪڍي وئي آهي.

(٢) اصل. 'ننڍا' (٣) اصل. وڻا.

فصل پيو

[١] هوتن ڏاران هاڻ، مُهنجو قدر ڪير لهي [انق]
سُتيس تيلاه سرتيون! اديُون! هيُس اڄاڻ
ساٿي سنجهي لنگهئا، پره اڳي پاڻ.
تون تن پنيَ ڏاڻ، تہ سُکين پئين سسئي!

[٢] ڪوه ڪُجاڙڏا روء، جتن لئي نہ جاڳهين [انق]

---

[١] هوتن ڏاران هن ڏيهہ، منهنجو قدر لهي نہ ڪوء [انق]
ريءَ رات رڙارئيين، هت پاڙيچيون! ٻوء
سونهون جو ساٿن جو، سو محب منهنجو هوء
پيان ميڙان پوء، ٻنڀا ڪاڻ قطب چئي.

[٢/الف] سا تون ڪيئن سوڳي، جا ساريون راتيون سمهين (١) [انق]
باسيئين چو نہ، ٻلال چئي، اوجاڳا اوڳي
مارينديءَ موڳي! صبح سُڪَ ٻيرين جا (٢).

[٢/ب] آتـــيءَ اماري، ننڊ نـــہ ڪجي ايتري [انق]
جاڳي جترُ نہ هارئين، جيئن وروُنهين واري
ٻُرج ٻير پنهونءَ جي، پتره جو ٻاري
جتن جيياري، وري ونـــدر وَتَ ٻ.

[٢/ج] جڏهن جتن لَڏيو، تڏهن ٿيم سارَ (٣) [انق]
ڏايم هُوند ڏاگهن کي، ونئي چوٽيءَ(٤) وارَ
ٻنيور منجهہ، ٻلال چئي، لَري ڪڻن لَهار
پنهونءَ جي ٻيزار، سرتيون سات نہ ڇڏيان.

---

(١) ق. 'سيج وڇائيو سمهين، سا تون ڪيئن سوڳي' (٢) ق. 'سور ٻرين جا' (٣) ق. ٿيم نہ سار.
(٤) اصل. 'چٽيءَ'.

اُپينينَ(۱) چو نہ، عنات چئي، جڏهن سونچل
ساٿين سوءِ
پانيڻ چوءِ: 'بروچ ڏُونه ڪيچ هلنديڪوءِ' (۲)
اِيَ پرِ ڪُپَرِهوءِ، جينءهوءِ سانگيتونسُمَهين.

[۳] سسئي سُک سُهاءِ، ڏيرن ڏونگرِ سين وَٽين [ن ق]
وڏا وَنَ(۳) وَهَہ گِرا(۴) ڍِجان تَنهين ڏاءِ
آيل! پاروچن ڪـي، ريجهائـي رَهاءِ
ماں مُهنجي ڪاءِ، چَپَر-ڏٺي سارَ لهي.

[۲/۵] جڏهن جتن لڏيو، جي تڏهن ٿيم خبر [ن ق]
چُنيءَ مين چانگن کي، وڌم ميٽ مهر
ٻنيور ۾، بلال چئي، صبر ڪن صابر
اولـــي اڪابرَ، آءٌ جتيائيءَ نہ جيئي.

[۲/۶] رات ڪتسيندي ڪرها، جـــي پرو مون پيو [ن ق]
تہ ٿيو مشاهدو ماڻهين، جو هين ڪامل ڪر ڪيو
سالڪ ساڻ سرتيهين، عوند پنهونءَ پيچ پيو
پروار ي ڏنم ورَ ڪي، شُوندَ پانهنَ ساڻ پيو
ڪارون ڪيچين مين ڪريان، تہ وٺين آئين وڌو
ڪنيزڪ، قطب چئي، ناتہ هيءَ مسڪي ساڻ نيئو
آرياڻي اهو، پنڪو سنيج (۵) پتارَ! مون.

(۱) ق. اپيلين (۲) هيءَ سٽ ق ۾ ڪانهي (۳) ق. وڏا ور (۴) ن. 'وَهڪرا' ق. وَهُڪرا
(۵) ق. سڻ.

[٤] ڪرڙا ڏونگر ڪيچ جا، جت بيدي سُڄي ٻَرُ [ر]
آڻ سونهي، عنات چئي، ڏوريندي ڏونگرُ
ويچاريَ ڪي وَرُ، والي! سيڙج وَلهو(١).

[٥] ڪرڙا ڏونگر ڪيچ جا، جت سُڄن نَرَ نيلا [ر]
آچن اُت، عنات چئي، هيڪليَ حيلا
جن جا وَر نہ وَسيلا، تن ٻاتاڙن ٻيلي ٿئين(٢).

[٤] سونهي ناهہ سج ۾، ٻــدو منجهہ ٻـرن [ذق]
ٻانڀڻ ٻيلُون ٻـڏيُون، چيتا منجهہ چـُرن
هيڪلائيءَ جي هند تي، آهي گهاءُ گهـرن
وَهلا هوتَ ورَن، ڪـُل ڪارڻي قطب چئي.

[٥ الف] وڏا وڻ وڻڪار جا، جت پون مينهن ماڪـُون [ذق]
سڄن تيون، شريف چئي، اکيان هاڙهي جون هاڪون
جتي اينديُون اوطاقون، اتي وجهيج ٻاجهہ ٻروچ ڪي (٣).

---

(١) ميان امام علي شاهہ کان پهتل روايت مطابق. (٢) ميان امام علي شاهہ کان پهتل روايت مطابق.
شاهہ جي رسالي، سر آبري د - ٢ ۾، هيٺيون بيت ڏنل آهي:

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سڄن نيلا
اتي عبداللطيف چئي، اچن هيڪلين حيلا
جت ڪڙم نہ قبيلا، تت رسج رهبر راهہ ۾.

(٣) ميان بخش علي شاهہ جي روايت موجب:

تن جون، شاهہ شريف چئي، سڄن هاڙهي منجهہ هاڪون
اينديون اوطاقون، اچي ٻاتاڙن ٻيلي ٿئين.

حاجي عمر چانڊيي جي روايت موجب آخري سٽ جي پڙهڻي:

جت اينديون اوطاقون، ات اچي ٻاتاڙن ٻيلي ٿئين.

[٦] ڪَرڙا ڏونگر ڪَهہ گهٽي، جت بڙ پَڪَٽُ بيريانُ [ن‌ق]
اُت ڏاهن ڏاهپ وسري، حريفن حَيرِيانُ
سسئي لنگهئو، سيد چئي، محبت سين ميدانُ

[٦/ب] ماڏا ڏونگر ماڪ جنهين، لَڪيون گهٽيون لَسِ [ن‌ق]
اُت چيتا چورَ، مولين مورَ (١) ٻيا سيچاڻا سَهسِ
سَرَه سانئورا، ڪيرن گانئورا (٢). ٻَرن ٻانورا، جت
راڳن جي رهسِ
پنهون چام پَهسِ، اُتِ موتِ، قطب چئي ڪارڻي!

[٦/ج] ميرُن ماڪُ مٿي ٿيو، جن جو واڪو منجهہ، ويڙهين [ن‌ق]
چَراڪ چيتا چور گور (٣) سَرَهيو (٤) سيڙهين.
جهرڙ (٥) جُهنا ۽ جهنگيون، جت نانگ مٿي نيڙين
ڪَنڍيءَ وير، قطب چئي، زهري ۾ جهيڙن. (٦)
پلا ڪيچ پيڙين، آسُونئي سين ساڻڙي (٧).

[٦/الف] ڪَرڙو ڪانيو ڪيرٽر (٨)، رات ڏڻائين روهُ [ن‌ق]
مونکي پنڌ پري ٿئو، ڪرهن پانيو ڪوهُ
سُمهڻ جـــو سرتيون! ڏونگر لاٿو ڏوهُ
توڙان ٿيس توهُ، پهتي ڪيچ قطب چئي.

[٦/ب] هاڙهو، پٻُ، هگور نئن (٩) جبل جاڏا جيت. [ن‌ق]
پانيءَ پَراڙُون ڪيتريون، تانگهون گهٽيون تيت.
اڪيان سُجهي هيبت حَبَجي، جت ناه مروئن مَتَ. (١٠)
هوتَ! وهلو هيت، آءٌ ڪارڻ ڏٺي قطب چئي.

---

(١) ق. پولن مور (٢) ق. 'گينورا' (٣) ن. 'چولڪور' ق. 'چؤلنڪور' (٤) اصل. 'سارا هيو'
(٥) ن. 'جيرڙ' ق. 'جهرڙ' (٦) ق. ۾ پڙهئي 'چيڙن' (٧) ن. 'اسونئي سين ساٿ ري'
ق. 'سونهي سين ساڏڙي'. (٨) ن. 'ڪيرسر' (٩) اصل. 'هميرنئن' (١٠) اصل. 'جت مروئن
ناه مت'.

جن جو آرياڻي اڳوان، تن کي ڪانهي
باڪ ٻهير ۾[1].

[۷] اُونهان، گُونهان، گهاڙيونُ، جت آڏا جاڏا لڪَّ [انق]
زهري، بحري، باز برن ۾، چلئو پائين چڪَّ
نَيُون، نڪُون، نونڊڙا، جت آڙلُون آما اڪَّ
منجها اُڪنب، عناتُ چئي، هلي ڪارڻ حقّ
جت جهولا لڳن جهڪ، اُت قيرج واڳ
فقير تي.

[٨] راڪس ريڪس، گَيَ، گور ڪر، گوگينور، لڪ لَسَّ [انق]

[۷] گَيِ گينڊا، ٻنڊ ٻينڊا، جت سرهن سيچاڻا سينهن [انق]
آڪُڙ، انب، آمريون، جت ٻڻُون. ماڪُون مينهن
ڪرڙا آت، قطب چئي، ڏاڍا تيِن ڏينهن
هيءَ نسورياڻي نينهن، پهچاڻي پرينءَ ڪي.

[٨ الف] نيرڙ نيڪُون، ڪرڙا ڪيپُون، آت ڪورڪرن جا ڪسّ [انق]
ابابيل آنڊيون، پيا لوڪڙ گهٽا لسّ
وينيون آهن واٽ تي، آت تانگهُون ڪيو تسّ

---

(۱) شاه جي رسالي، سر ديسي ۶-۲ ۾، هيءَ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:
ڪرڙا ڏونگر، ڪاه گهڻي، جت برپٽ ۽ بيابان
ڏاهن ڏاهپ وسري، ٿڪا حريف ٿي حيران
مستي لنگهيو سيد چئي، محبت مين ميدان
جنهن جو آريڻي اڳوان، تنهن کي ڪونهي باڪ ٻهير ۾.

(۲) اصل. 'آرنڊي'.

آرياڻيَ جا، عنات چئي، ڏونگر ڏينديءَ ڏس
سَنڌيِ چانگن چَسَّ، وڃي پير نرنديءَ پٻ ڀرِ(١).

[٩ أ] ڪِتَّڪهو نِمر، نيت، نَڙ، جت ورڪ وسيهر ويڙ [انق]

ات پيرُ نہ پئي پاڻيٺيون، ڪنهن مجازياڻيءَ مَس
هيءَ هلي ڪارڻ هوت جي، پئيءَ مات سَرسِ
قطب چئي ڪيترا، تنهن ڪي جبَلَ ڏنا جَسِ
پيرُنباڻي! پنهونءَ جي تَنَ ڀر آهي ترس
تيلان رهيا رَسِ، وڃي پاڻيڻ جا پروچ سين.

[٨ ب] ماڻي سَنجهي هليا، ڪاهياڻون قطارَ [انق]
سَتَّي هُيس جيڏيون! صبح تم سارَ
هلي هوتُ چيت ڪري، الله تو آهارَ
آڏا ڏونگر لڪيون، جت تاڪُنِ جي تِوارَ
ڪارا رڃ(٢)، قطب چئي، چوڏاري چوڌارَ
پَربن مٿي پولڙا، جيت هيڪاندا هزار
پُڄتي مون پيزار، آت موتِڄ چانم چتين جا.

[٩ الف] ڪيت ڪَتهُو، وڻ لال لَهِڻُو، سُڄن منجهہ سيارَ [انق]
گولاڙا ڳرن تي، نڙيو پڻون نيارَ

---

(١) ميان امام علي شاهہ کان مليل روايت موجب هيٺيون بيت مليو، جنهن ۾ سڪهي ٿو تہ ڪ جداگانہ بيت هجي:

متان ڪي ماندي ٿئين، اڳيان وندر ٿينديءَ وس
الن جا، عنات چئي، ڏونگر ڏينديءَ ڏس
نيڻ لهندا پس، تہ پير ٿرنديءَ پٻ ڀر.

شاهہ جي رسالي، سر آبري د ١٠، ۾ پڻ هي ساڳيو بيت هن طرح ڏنل آهي:

متان ڪي ماندي ٿئين، اڳيان وندر ٿينديئي وس
اونين جا، عنات چئي، ڏونگر ڏينديءَ ڏس
سنڌيِ چانگن چس، پير ٿورنديءَ پٻ ڀر.

(٢) اصل ۾ ربچ.

آونهانْ ڪُنَّ، عِنات چُئي، پُونَ پوارئين پيڙَ
سا مُنتِ مَيَنسينِمِيڙ، جا واقف ذوڙڪار جي.

وائي *

هلي هلي ماءُ! مون ڳالهه سڻائي ڪيچين جي ڪاءِ [ن]
پُري پُري پس، گنگن جي گساءِ (۱).
ڪيچين جي ڪا
ڪو جو ڏس ڏيرن جو، توکي ني ڏيندا.
ڪيچين جي ڪا

ڪيهرين، ڀيرين، ڀانئرو، ويڙهيو جهلين. وارَ
ڀُنهون! ڀرنياڻيءَ جيءَ، ڀُڏِج، آتَ ڀاڪارَ
ڀيرو ڪيچ پيارا! ڪاڻ تي قطب چئي.
[ب-۱] ڪاريهر، قطب چئي، جت ڪارا (۲) راڳا روجهه [انق]
ٽانڪاريون مير تڪرين، ڏونگرن جي ڏوجهه
پَسون پوارئين پؤ گهڻو، سُونهن پونهي نه سوجهه
آهيان گهڻي (۳) اپوجهه، تو دلاسي دوست جيان.

---

* هي وائي **ن** ۾ 'سرود پورب' جي حاشيي تي ڏنل آهي.

(۱) اصل ۾ هن وائيءَ جون هيءَ چارئي مصراعون جدا ڏنل ڪين آهن؛ البت هيٺين طرح سمون ڏنل آهن جن جي آڌار تي مصراعون قائم ڪيون ويون آهن:

"پُري پري پس، گنن جي گس
توکي ڏيندا ڏيرن جو ڏس
آئي مون چپر چت سڻائي
ڪيچين جي ڪا ۾ هلي
هلي هلي ماءُ مون ڳالهه
سڻائي ڪيچين جي ڪا
سا وائي جا وڏڪار ۾."

(۲) اصل. 'ڪانا' (ڪاڻا). (۳) اصل. 'گهڻو'.

اي مون [عطر اگهري] چيڙ چِت سهاءِ.
ڪيچين جي ڪا
وائي جا وڏڪار ۾ [سائي مون سيباءِ].
ڪيچين جي ڪا

فصل ٽيو

[١] بُرفتنِ جي باتِ، وندر ٽيس ويڙ ۾ [انق]
ڏوري ڏهُ، عناتُ چئي، تَنڪ تَني لئي تاتِ
روجهنِ گڏي راتِ، هوت پچندي هَبَ ۾.

[٢] ڏُونگر ڏٺا نہ مُون، چانگن آڳَ چڪاسئا [انق]

---

[١] آهي انهيءَ پار ڏي، سنئيءَ سڪ گهٽي [انق]
'بيا' بُرفتن جي، وائي مُند وٺي
مُشڪان مٺي پانئيان، آن جي پيرَن جي پٽي
لايان لالَ لگن کي، ڪٿوري ڪٽي
ٿي قربان، قطب چئي، جاڏي ڇيڪُ ڏٺي
وڃان واڳ وٺي، هُتان هوت حضور ۾.

[٢/الف] آٿ نہ اوڳارين، ڏاڳهن ڏيهہ، چتائيو [ر]
اهي بوتا هاٺ، بلال چئي (١)، منجهون ٿا هارين
سفر ٿا سارين، جيڪو ڪيچ پراهون پند ٿئو (٢).

[٢/ب] چانگن اڳ چڪاسيا، جي ڏٺا مون ڏونگرن. [ر]
ڪٿهي رهن، قطب چئي، بوتا منجهہ برنِ
وڻ جي ولين چانئيا، چانگا شال چرنِ
واحد لڳ وَرنِ، پانهين، پنڌڻ جن سين (٣).

---

(١) اصل. 'اهي بوتا شاه بلال چئي'. (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو. (٣) ميان محمد علي شاه کان پهتل روايت مطابق.

بوتا بُرفتن جا، پاهڻ پائين پُون
آللا! آهين تون، اُت آسُونهين عنات چئي(۱).

[۲] ڏاگها، چانگا، ڪرها، ليڙا اُت جماز [انق]

[۲/ج] ڪرها ڪيچ قلات جا، ماءِ! جوراڻا جت [انق]
ونيو وڃن پاڻ سين، ٻروهي (۲) ٻرفت
مانئي ستڏ ٿئي، جني ساڻ جيهت(۳)
هن واڳن مٿي هٿ، آءُ پاڪوڙا پڇيو جيان(۴).

[۳/الف] ڪرهن پيرَ ڪڙي، هٿا جي هوتن سين [انق]
آسُونهي اوجهڙ ۾، اوري ڪيم اڙي
سائين شوق، شريف چئي، جُمڄين تي چڙهي
ڪُهين تي ڪڙي، ٻنهون پچڻ آئيو.

[۳/ب] آسب عراقي آن جا، ڪرها سندا ڪيچ
سونهن سوارن اڳري، جن جا ٻاڳن رتا ٻيچ
سبز سيڱون هٿ ۾، بغدين تي بلوچ
پانهن ساڻ ٻروچ، پاريا قول قطب چئي.

[۳/ج] هلندي هاڙهي سامهين، وڏا پيت پياس [انق]
اتي آربائين جا ڏونگر ڏس ڏناس
واڳهوڙا ويڙهين ۾، ڪُرڪت ٻيتا ڪڏياس
چرندا روجهه رڃن ۾ ڏوران سي ڏناس

---

(۱) ميان محمد علي شاه ۽ امام علي شاه کان ٻڌل روايتن مطابق:
ڏونگر ڏنا نہ مون، چانگن اچ چڪاسڻا
پهڻ جو هب جو، سيا پانئين پون
بر وڏو، بار ڳهڻو، الله! آهين تون
جن جو بار ٻنهون، آنديون ڪن عنات چئي.
(۲) اصل 'بروئي' (۳) ن. 'جنيسا جهت' (۴) هي بيت قطب جو آهي.

بَرُ بلوچن لنگهئو، سانجُهر ٻڌي ساز
ڪاز، ڪوئلون، قُمريون، جت سهڪن(١) شاهي باز
شاه پَريُون اُن سُڄ ۾، جت عارفن آواز
ڏي ٻيلياڻي ٻاجهہ، اُت آسونهين عنات چئي.

[٤] ذَڪي، ڏُڪيا نہ ڪُڏڪيا(٢) ڪَٽُ نہ ڪُڇيائون [اَنق]
پُونڊي ٻـارَ ٻيڪيا، پُوتـين(٣) ٻـَڌائون
جُود جَمازي جهانجهرا، ڪامُئين ڪاهيائون
آڏيَ رات، عناتُ چئي، ليڙا لانڇيائون
چُل مَ جام چئين جا، پنهون پَرانهون
اچين اوراهون، تہ جيان جاڏڪيتان نہ مران.

[٥] سَئين ٻـازَ شِڪرا، ٻَـڌُو منجهہ ٻَرنِ [اَنق]

ڪٿي ٻئي، اتي، قطب چئي، عارفن آتاس
همراهيءَ ۾ هوت جي سي سڀ ساڻ نياس
تيلان ڪيچ پُنياس، وجي ٻاروچاڻي ٻاجهہ سين.

[٥] مٿي نئن ملير جئي، ڏونگر سون ڏٺا [اَنق]
چيڪارا چتَن ۾، ٻيا ڪارا ريڇ ڪيٺا
ٻيرَ لنگهئڻ سي پَهٽين، هُون چرن منجهہ، چٺا
منهنجا هوت مٺا! ڪا ڪتل ڪيچ، قطب چئي.

---

(١) ق. سئين. (٢) اصل. ’ڪرڪيا‘ (٣) ن. ’پوتئي‘.

راڳا شير، سيّد چئي، ڳريين منجھ ڳرن
آنءُ هلي هوتن ڏي، تان هلئا هوت(۱) گهرن
وِڃي مان وَرن، آنءُ آسائتي آهيان.

[٦] پَسي ڏَڪر ڏار، مَڇُڻ هَلَڻ ۾ هيٺي وهين [انق]
مَهندان مجازياڻيون موتيون، سٽي پند پچار
پُرِج پير پنهونءَ جي، پائي حقيقت هار
وِڃي تيندينءَ ڪيچ ڪي، اوڏي آلا هار
صحي لهندءِ سار، آري جام عنات چئي(۲).

[٦ الف] مَ تي ڪاهل ڪيچين لئي، متان ڏوه ڏئين [ر]
تنهنجو بخت، بلال چئي، اصل ٺئو ائين
ڪهه، تہ ڪيچ ٿئين، وڃي هيڪاندي هوت سين(۳).

[٦ ب] جبل پسي جال، متان موٽيين مسئي! [انق]
لنگهائيندو لڪيون، تو سين پلو ڪندو پال.
ڪنڌيج ڪيم، قطب چئي، هل پرانهين حال(٤)
پسندينءَ پنهونءَ پال، هنيون گڏبوءَ هت ۾.

[٦ ج] ڏ هلاجي دلگير ٿي، جبل پسي جال [انق]
سڄي هيبت هت جي، ميرن جا مثال
يوسف چئي، اِن جوءِ ۾(۵)، ڪيچ ڪوهيارا! ڪهال
مشڪل جاءِ(٦) محال، آت آءُ واڳ ورائي ولها!

---

(۱) ن. 'تان هوت هلئا'. (۲) شاه جي رسالي، سرآبري د ۲، ۾ هيءَ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:
پسي ڏونگر ڏار، جم هلڻ ۾ هيٺي ٿئين مجازاڻيون موتيون سٽي پند پچار
تون پوئي پانج پرينءَ لئي حقيقت جو هار سگهي لهندءِ سار، آريائي عنات چئي.
(۳) روايت ميان محمد علي شاه ۽ حاجي عمر چانڊيو. (٤) اصل. 'هال' (۵) اصل. 'جاءِ ۾'.
(٦) اصل. 'جان'.

[٧] راهو ويا رَهِي، تُهنجا ڪيچي ڪالهه ويا [ر]
ڏَر ڏونگر، بَر بَهيمُ، آر گهر وِچ وَهي
چَڙهي چنجن چوٽئين، ڪِج تون سات صحي
وڏا ڪيا وٽن ۾، اُت گورِن گس گهي
ايندء لالُ لَهِي، آريسائي عِنات چئي(١).

[٨] جن جا رات رُسي ويا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ [ق]
پاڻ ڪنيائون نہ پاڻ سين، نڪي سات ٿمر
هَن جِن بودَنِ بَرِ، آيو ڪو عِنات چئي.

[٦/د] همراهيءَ سين هوت جي، جبل مڙوني جاءِ [ڻق]
ڪَهندي ڪيچين ڏي، ويندي رات وهاءِ
جيڪي وڻ وڻڪار جا، ڏسان آني جي آهاءِ
ڪين ڪوهيارا ڪاهِ، مٿي واڳ ورائي ولها.

[٧] سائي نہ پانڌي، سڃي شهر ڀنڀور ۾ [ڻق]
هيءَ هيلي هيڪلي هب ۾، ڀيرين پيادي
پسي جبل، يوسف چئي، معذور ٿي ماندي(٢)
هاديءَ هيڪاندي، ڪئي پاڻ پنهونءَ سين.

[٨] آيس بوءِ بوتن جي، ات ڪامڻ ٿي قزاق [ڻق]
تنهن وندر مڙوني واسئو، اوءِ چپولي چاڪ
ڪارو روهه، قطب چئي، مٿان وسي ماڪ
جت اٿ سونهيءَ اوطاق، آت ور پانهڻ جا پروچ تون.

---

(١) ميان امانو علي شاهه کان پهتل روايت مطابق. (٢) اصل. 'ٿي معذور ماندي'.

[٩] جن جا رات رُسَن، ڏينهان سي ڏوريندیُون [ق]
آنِ جا عينَ، عنات چئي، نسئو ڪينَ نسَن
وجي ٽٽنگ ٽسَن، آريَ جا(١) احسانَ سين(٢).

[١٠] هيَ گسي، هو گسُ، هيَ پيرَت(٣) هو پيچرو [ن ق]
وانڪڙ(٤) وڏوئي ڪئو، ويندَن پُٺي وَسُ
آسونهي عنات چئي، ڏنس ڏونگر ڏَسَ

---

[٩] سسئيءَ سُهائي، ٻولي ٻاروچن جي [ن ق]
ٽانگهيئو ٽنگ ورن ۾ تي آڏيءَ آڏائي(٥)
آتڻ ور ورائي آئيو، تنهن تي ڪرهل ڪڏائي
تو ٻنهون ٻُڌائي، ڪامڻ ڪي قطب چئي.

[١٠/ا] هلي هارڻ سامهيون، جيڏانهون ٽڙ ڏونگر ۾ ٻَرَ [ن ق]
هيٺس حقيقت حق جي، واقع ٻُڌيءَ وَرَ
مرن جا آنَ ماڪ ۾، تا ڏاڍا سُڄن ڏَرَ
ورچ چام! ستَرَ، مون تي ڪارڻ ڏٺيءَ قطب چئي.

[١٠/ب] رندن رانو روه ڪهڻو، آت هيڪلي هلي [ن ق]
ڪرهن جو، قطب چئي، مارڪ مُنڌ ملي
پُرت پوارا پولڙا، پيون گهٽلون تي ڪلهي(٦)
پيرو چام پيلي، ڪيئو وڏلو ويل تنهين.

[١٠/ج] هوتن جا هڏب ۾، ڏوٽين ڏنس ڏس [ن ق]
جبل ۾، يوسف چئي، ڪٿهِ ڏڻائين ڪس

---

(١) اصل. 'آريجا' (٢) ٻن عرصي بيت شاه ديواني جي درگاه جي مسجد (ٿري، تعلقو ماتلي) جي اندرين ديوار تي لکيل ڏٺو ويو جتان قلمبند ڪيو ويو. (٣) ق. 'پيرٽ'، (٤) ن. 'وانکر'. ق. 'وانڪو'، (٥) اصل. 'اهايي'، (٦) اصل. 'ڪلهو تي ڪلهي'

جَڳِ ۾ رَهيس جَسُ، سَگُر ملي سات ڪي(١).

[١١] سَگُر ملي(٢) ساتِ، ڪَنڌيَ تُئي قافلو [نق]
اَنِن تان عِنات چئي، اِيَ مَڙِيائي معاف
تَرِڪي تانُ مَ تَرافُ، توڏي جو تَڙ پيڙ ۾.

وائي – ١*

[ن] ڪيچي خَبَرَ ڏجاهُون، آءُ ڏکڻ پِريَان پارَ جا!
ڪَرَ ڪِسي ڏُورِ ٿَئا، بِچُا بَـدُ بِلَائون.
آءُ ڏکڻ پريان پار جا!

وانڪڻ(٣) وڏائي ڪيا، ويندن پٺيان وَسَ
تيلان رَهيا رَسَ، پانيڻ جا پروچ سين.

[١!] ٻـرُ وڏو، بارُ ڳرو، ڪچا سي ڪنـُواتَ [نق]
ڪندا ڪيئن، قطب چئي، مٿي چـُرنِ چاتَ
الله رکي آن ڪي، ڪنان آجَ آساتَ
ڪُهـَرُ لنگهائيندو گهاٽ، اچي آريائي آتـهين.

(١) شاه جي رسالي، سر آبري د - ٦، ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح 'لطيف' جي نالي سان ڏنل آهي:
هيءُ ڪسي هيءُ ڪس، هي ٻهڻ هي ٻيڇرو
ويچاري وڏو ڪيو، ويندن ڪارڻ وس
ليڙن جي، لطيف چئي، ڏونگر اٿيئي ڏس
جڳ ۾ رهيس جس، سگر ٿي سات جي.
(٢) اصل. 'هلي' * ن ۾ هيءُ وائي 'سرود کنيات' جي متن جي حاشيي تي لکيل هئي، جتان نپائي هت آندي وئي آهي. (٣) اصل. 'وانڪـُر'

بَرڪَتَ محمّد مير جيَ، ڪندو ڪوڻ هلائون.

آءَ ڏڪڻ پريان پار جا!

وائي —۲*

هوت هاڙهي ڏاري هوندا، وَانءِ وَهلِي سات سين [ر]

ڏڪو پنڌ، نہ پيچرو، سونهان وچن رُونڊا.

وانءِ وهلي سات سين

آسونهينِ، عِنات چئي، پير پهٽين پُوندا.

وانءِ وهلي سات سين

فصل چوٿون

[۱] سَرَهَ گَڏبُئِي سسئي! سوڙهيَ منجهہ سَهِي [ر]

طرح پچندءِ تَڪڙي، پاروچا پٺي

آڻي ڏيندءِ هٿ ۾، ڪِتابَت ڪَهِي

پهنجي پاڻ هٿن سين واچيندينءَ وَهي

ثَمرجن صحي، تن ڪونهي آهُڪ عنات چئي(۱).

---

* هيءَ وائي شاه جي رسالي، سر معذور د – ٦، ۾ ڏنل آهي، ۽ پڻ ميان امام علي شاه کان مليِ.

(۱) هي بيت شاه جي رسالي، سر ديسي د – ٥، ۾ موجود آهي، پر ان ۾ سٽن جو سلسلو بدليل (۱، ۴، ۲، ۳، ٥) آهي، جنهن کي ميان امام علي شاه کان پهتل روايت موجب درست ڪيو ويو آهي.

[٢] جبل منجهه جاڀولَ، ٻُڌان شال ڀروچ جي [ر]
ڀير ڪَڙِيندي(١) پٻ ڏي، ڇَپر ڏيندمِ ڇولَ
آرياڻي، عِناتُ چئي، ڪي جي ڪِيڙا قولَ
سي ٻانيڻ توسين ٻولَ، پارِيندو پَٻَ ڏڏي(٢).

[٣] آنءُ او ڳيِ اهڙي، تيلانِ تي پاڻ پرِنيانَ پرِينءَ کي [ان ق]

[٢/الف] مون سڀين ڳالهه ڪيئُون، ڪيچين ڳالهيون ڪوه جون(٣) [ان ق]
مون مٿو ناه ڪو، وڄڻ ڇور ڇيڙُن
چاڙهين(٤) وڏيون ڇپرين، ٻانهون ات ٻيون
آڏو ڪيچ، قطب چئي، نيڪُون نيڙ نيون
آو هلي اوڏاهين مٿ ٻر ڪري هوتَ هنيون
جت ساهين(٥) ڪيمَ ستيئُون، ات فضل ٿئي(٦) فقير سين.

[٢/ب] ٻيو ڪنهين جو ڪينڪي، جيڏو آرياڻيءَ اختيار [ان ق]
تڪين تسي تورا ڪري، پرڏيهين جو ٻار
قافلي هيڪل جو، مونهون آ سردار
ڪيچي ڪرهي، قطب چئي، صاحب آه سوار
آباڙائي آن کي، جن جو ڀاري ٻار
اڳين جو اڳوار، تو ٻوٻن ٻوٺواريون ڪري.

[٣] مون گهر نيئي مهماڻَ، ڀينر! پاڻ پنهونءَ جا [ان ق]
ڪيچانءُ آيا، قطب چئي، جتَ جوراور جاڻَ
تن هڏ نه ليڪ لڳائيو، مون نه ڀروڙيو پاڻ
ڏاڏائي ڏيرن ڪي، ٻاتائون ٻلاڻ

(١) اصل. 'ڪرِيندي'. (٢) هي بيت اسان کي حاجي اسماعيل راڌي بنديجي (لالوکيت، ڪراچي) وٽان مليو. (٣) اصل. 'ڏونئين ڳالهيون ڏيهه جون'. (٤) ن. 'چارون' (٥) ق. 'اتي ساهن' (٦) ق. 'شال فضل ٿئي'.

ڪَنديس ڳالھ پنھونءَ سين، ڪيچ وڃي ڪھڙي
ٻِسگھو مونکي سُپرين، ذات آهيان جھڙي
هوت پَسِي ھِھڙي، هِيَ نِهو نماڻي پاڻ سين(۱).

[٣] سَرتيون ۽ ساهيڙيُون، سڀ مُهنجو تُور [ن ق]
ايندِيون هيون آتڻ ۾، جيڏيون جوڀَن پورُ
هوت نہ مونکي مون، مڙيو ڪن مذڪور(۲)
آنءُ چاڻ پسان هوت حضورُ، هو واريو وِهارين مون.

[٥] آئِينْ جي وَرَن واريون، وڃو سڀ مونکي [ق]
ڪانہ هلندِي ڪيچ ڏي، ڪَرِهو م ڪونکي

ونڃي وَرَ وات ٿيا، تنگن ڏيئي تاڻ
آيل! آءٌ اڃاڻ، نا تہ ٻاروچي ٻاجھہ ڪھٽي.

[٤] رهنديس ڪين رتيون، لَنَ جاڙ مقابل جيڏيُون! [ن ق]
ڪيچي قول قرار ڪري ويا (۳) ڏيئي ڏير ڏتيون
وريتيون وَرن سين، مون ٻرور ڪي ٻرتيون
ٻولي 'صحت عدالت داتا' (۴)، انين سهڪيون، هوءَ سرتيون
مونڻ جون متيون، ڪاڪيون آچيو ڪيم ڪي(٥).

---

(۱) ق ۾ هن بيت جي سٽن جو سلسلو بدليل (۳، ۱، ۲، ۴) آهي. (۲) هي سٽ فقط ن ۾ آهي. (۳) ق. 'ڪيچي قول ڪري ويا' (۴) ن ق. 'دادا'؛ ق جي ٻي پڙهڻي 'داتا' (؟) (٥) ن. 'مونڻ جون متيون، متان ڪا مونکي ڏئي'. ن توڙي ق جي متن ۾ ذلل بيتن جي سلسلي مان معلوم ٿئي ٿو تہ غالباً هي بيت 'قطب' جو آهي.

پوءِ مَ ويڇوڻي، اسان سين عِناتُ چئي(١).

[٦] ڪينْ پِرَ گوڏي ڪوچ(٢)، ڪينْ ڄنگهه جُلائج راهه ۾ [ن ق]
آني جا، عِناتُ چئي، سَلِيْطا ثابوت
آهي اکين قوت، ڏسڻ ڏونگرن کي(٣).

[٧] لَڪانْ لَڙُ مَ لڪ، ڪَهُه پَرانْهينْ ڪيچ ڏي [ن ق]
آسانْبَنِ، عِناتُ چئي، ڏي سيني سڪ
ڏُکنِ پُٺِي سُڪَ، تِيْنِ سِگهائِي سسئي!

[٧ الف] هل م هيڻي هاڻ، ڪَهه، پرانهين ڪيچ ڏي [ن ق]
وَرَ سهين تيءَ م ويسلي، وڃه مَ قطب چئي ڪاڻ
ماڻي سنجهي لنگهيا، تون تنيءَ پٺيءَ تاڻ
پيرين پچندءِ پاڻ، شال سکين پُوندينءِ سسئي!

[٧ ب] هئن هڏ مَ چئو تہ، آهي ڏوهه ڏيرن [ن ق]
ايءَ انگ اکين لکئو، جو پنڌ پيو پيرن
مُورَهنِ ڪا مس ٿئي، مُونهين اِن سهيرن
ڪئو ضابطو زيرن، ڪيچين جو قطب چئي.

(١) هي بيت شاه جي رسالي، مرزا بري د - ص، ۾ هيٺين طرح ڏنل آهي:
اٺين جي ورن واريون وڃو سڀ موٽي
ڪانڌ هلندي ڪيچ ڏي ڪرهو ۾ ڪوٽي
ڪڍيم ڪا چوٽي، وڌم جوڳ جتن لاءِ.

(٢) ن. 'ڪين پيرَ ڪوري ڏيج' (٣) ق ۾ هي بيت هيٺين طرح ڏنل آهي:
ڪين پيرَ ڪوري ڏين، ڪين ڄنگهه جلائين راهه
آني جو، عنات چئي، سليطو ثابت آهه
قوت اکين آهه، ڏسڻ ڏونگرين کي.

[٨] ڏُونگر اُتانهان، تنهانْ اُتاهيون لَڪيُون(١) [انق]
اُڪنڊ آريچن جي، سرتيون! آنءُ نہ سَهان
واقف نہ وڻڪار جي، رَهان ڪ ڪيچ وَهان
پَر جي پيرُ لَهان، تہ رڙهڻ راحت پائيان.

[٩] ويهي وجهہ مَ وير، هَلُ تہ هيڪاندي ٿئين [انق]
دل ۾ دور مَ آڻ تون، سندو قُرڻ قيرُ
پَر جي لهين نہ پيرُ، تہ بہ راحت آه رڙهڻ ۾(٢).

[ـ/ج] ڇـپر ڇـتـُـون جڻ مـُـٺي، آئـي سـپ وٽراه [انق]
سـُرهيون سـُـپـيرين جون ڳالهيون ويٺي ڳاء
تـِـنهن جي وائي وس نہ ڇڏيو، جڻ جر مٿي جاء
ڪيچين ڪوڏ، قطب چئي، لڪ چڙهيو ليلاء
اينڌا منڌ! مٿاء، آهـيـن جن جـي آسري.

[ـ/د] ڇپر ڇٽون جڻ مـُـٺي، ميـنـهن مـتـهـينـئان پوءِ
نوري موري اتهين، جـڻ ڪٿوري خوشبوءِ
ڪـتـن(٣) واس قطب چئي، ڪر آصح عطر هوءِ
سـُـرهو سات منڌوءِ، آءُ هوت! هيـنـيـون ٿي پائنـيـتان.

[٨] اج نہ من قرار، پيو سؤنڪو ساه ۾(٤) [ر]
نيٺي هليا ٻـــار، مٿي ساٿيہ سپرين(٥).

---

(١) ق. 'اڪيون' (٢) هيءُ بيت شاه جي رسالي، مر معذور د- ٤، ۾ هيٺين طرح ڏنل آهي:

مر تہ موچاري ٿئين، ويهي وجهہ م وير
دل ۾ آن مَ دور تون، قرڻ سندو قيرُ
توڻي لهين نہ پير، تو ءِ راحت آهي رڙهڻ ۾.

(٣) ن. 'ڪتن' (٤) اصل. 'سات ۾' (٥) هيءُ بيت ميان محمد علي شاه کان مليو ۽ ان روايت موجب 'ٻلال' جو آهي.

[۱۰] تَتيَ ڪوسيَ ڪاهہ، ڪانهي ويلَ وهَڻ جي [د]
اَٽ سسئي! ٻڌ سندرو، تهنجو پنڌ پرانهون آهہ
عشق آريَ جامَ جو، چقمق جينءَ چهڻاء
اڪين مان، عنات چئي، پاڻي پنبڻين واهہ
ڪانهي اَن اونداهہ، جن ڏنو پير پنهونءَ جو(۱).

وائي — ۱ *

ڏونگر ڪونہ پسندينَ ڏاڍو، جُه تو ڪاڍو ڪيچَ ڏي [ن]
جيڻي ڪهہ ڪنديون، سي پرين پسنديون، مٿي پب پيراڍو.
ڏونگر ڪونہ پسندينَ ڏاڍو
....

وائي — ۲ †

اوڏا آهين آرِي(۲)، تون تُي مَ ڪَهارِي [ن ق]
ائــي(۳) هل هــاڻ ملندينَ هوت ڪي.
جاڳينءَ تان نہ جَتن لئي، اٿئين تان نہ آساري
تون ڏُي مَ ڪهاري
هئڙا پاروچن جا چوڏاري تو چاري.
تون ڏُي مَ ڪهاري

(۱) روايت ميان محمد علي شاهہ ۽ حاجي عمر چانڊيو.
* هي وائي ن ۾ 'سرود جمن' جي متن جي حاشيي تي ڏنل هئي، جتان ڏيائي هت آندي وئي آهي.
† ق. ۾ هيءَ وائي 'سرود ڪارايل' جي آخر ۾ ڏنل آهي. (۲) ن. 'اوڏا آهين اڙي' (۳) ن. 'آي'. ق. 'اِي'.

آڏا آڪ لَڪَ لَڪِيون، ڪَهَہ ڏونگرين ڪارِي-

تون تُي مَ ڪهاري

ويهہ مَ واڏڙين تـي، وسائي واري(١)-

تون تُي مَ ڪهاري

(١) هيءُ مصرع نُقطِ ق ۾ آهي.

سرود سورٺ

[١] ٻارتُ ٻولي جا ڪَري سا مون گهٽو سُهاءِ [ذق]
جت اچي ڪونه، عناتُ چئي، پير آتيءِ پاءِ
جَهَلَ جَهروڪي ناهہ ڪا، خاصي خَلوَتَ آهہ
جيڪين تو جڳاءِ، سو ڏيين تہ ڏيہُ سٽي.

[٢] راجا رنگ محل ۾، جاجڪُ سَر زمين [د]
جا هنيائين هٿن سين، سا سُئي بالا بينَ
جت اچن نہ اُڙدابيگيون، اُت ڪوٺايو آمينَ

---

[١] سرمنڊل ۾ سارنگيون، آت هٿا ڪَماچا ڪَٿيين [ذق]
جنهن آتڻ تون آئيو، آت ڪُڇيو تان نہ ڪنهين
جڳ سيڪاي تو جنهن کي، سٽي تَنَدُ تنهين
جيلانہ صلاح هيس، شريف چئي، تيئن ڪيائين سير سَٽيئين
مُڪَنائين مڱڻهار ڏُونہ، ناليڪي تَٿيين
آتان آڻيجا هُس ايلچيا! جٿان وات وَهيين
سيڪا تيس سَٽيئين، ڏمندي ني ڏاتار کي.

[٢/الف] جاجڪُ جهونا ڪُرڙَه، ۾ آيو آس پٺي [ذق]
تندُ تُنبيري تَنَ ۾، راجا کي رَهي
سرَ هو ٿئو، شريف چئي، ٻرڙيئس سِرُ صحي
ٻيو ٻت رَهي، ڏسين ۾ ڏياچ جي.

تازي ڏيـوسِ تڪڙا، جوهر پاڻي زينَ
ٻيو مَڱي ڪينَ، ڏاران سِرُ سيّد چئي(١).

[٣] راجا رنگ محل ۾، ٻهر ٻارت ٻاڪاري [ر]

[٢/ب] باغَ، ٻالائون، ٻارڪتهـُون، قلعا، ڪچهريون، ڪوٽَ [ن،ق]
ميرُ مٿي ماڙيءَ تيو، ايءَ سڀ آڏي اوٽَ
ٻوليي ٻارت جي مٿي، آتِ ڪهرايو گهوٽَ
ڪوڙيين ڏنائين، قطب چئي، تنهن جن ٻيرن وٽ ٻاٺيوٽ
مٿو مُقابل. موتَ، ايندءِ الـوفـا ٻـئـا.

[٣/الف] مٿو ملڪ مٿاءِ، ڪُڙهہ سورٺ (٢) ست ڪهوريان [ن،ق]
جو ڏنئي بيت، ٻلال چئي، سو سکهو ٿي سٿاءِ
خاصي خلوت خاص ۾، وٻهي تندُ وڄاءِ
تنهنجي ڏيڻ لاءِ، مون ميرُ ڪهٽا ڏينهن ساانڍيو.

[٣/ب] ويٺي ڪُڙهہ سر آسري (٣) ڪا جا تند توارَ [ن،ق]
راجا ڪهٽو ريجهائيو، چارڻ جي چانڪارَ
تنهن اسبُ عراقي موڪليو، ٻيا خاصا خدمتگارَ
گڏ گوشي ٻاڻ ۾، جيڻن سيئي سين وارَ (٤)
ٻئي ٻول ٻتهون ڪٺا، قطب چئي، قرارَ
عالم ۾ اظهار تيو، ٻڇم ٻئي ٻچارَ (٥)
جڻن لکيو تيئن لوڙئو، ايءَ ٻهت مڱڻهارَ
ڏنو ميرُ ڏاتارَ، سورٺ ٻـڻ سُواسيئو.

---

(١) هيءُ ۽ هن بعد [٣] بيت، شاه جي رسالي، سُر سورٺ د-١ ۾، ھڪئي ٻوبان ڏنل آهن، ۽ مٿاءِ مان ظاهر آهي ته ٻئي شاه عنات جا آهن. ميان امام علي شاه کان ٻڌل روايت مطابق ٻڻ هي ٻئي بيت شاه عنات جا آهن. (٢) ق. 'ڪور سورٺ'. (٣) ن. 'ويٺي ڪُڙهہ اسري'.
(٤) ق. 'جڻن سين سيئي وار'. (٥) ق. 'عالم ۾ اظهار، ٻئي ٻچار ٻچم ۾'.

تَندُ تُهنجي مڱڻا، چِتُ وڏو چاري
اڳيون بيت، عناتُ چئي، وهلو ڏي واري
هيُ سر سينگاري، پاتَ! پلئہ تو پائيان.

[۴] کهنْ جهنْ چارڻُ چال، چيُون ڪري چوگانَ ۾ [ذق]
تهنْ ڪي دل ۾ دُوجي ڳالهَڙي، مَڱ نہ تُسي مالِ
اي سڀ ريڌا راڳ سين، دَر دالئون ديوال(۱)
سرُ سهُڪي ڳالِ، آلا! ڪيم اُهَڪو گهُري!

[۵] جيڪي گهُرين سو گهوريان، ٻيجل ٻولج ڪي ٻيو [ق]

[۴ الف] ٻارتُ ٻولي جا ڪري، چارڻُ ڪنهن جنهن چال. [ذق]
سا سُئي سهيلي سيڪنهن، منجهہ داتا جي ديوال.
تنهن ڪي ڪارون ڪن، قطب چئي، تان سَڱ نہ تُسي مال.
جو آيو سر سوال، سو سُهت هٿيڪو مڱڻو.

[۴ ب] ٻارتَ ڪيي جو ٻوليو، تيئن راجا ريڌو رات. [ذق]
سڀ پاريائين پانهنجي، جا وائي ڪيائين وات.
ڪاتيائين، قطب چئي، پُڄاڻان پريات.
ڏاتارَ جيي ڏات، تسي پاڇاڙي پڌري.

[۵ الف] ماڙيون مال مَتهيليون، جهَل قيمت هيي سين ڪوٽُ [ذق]
ماڻڪ موتي مُهرون ڏيين، ٻيجليا ٻهروت (۲)
تنهنجن ٻيرن وٽ ٻيروزيون، چارڻ! ڪريان چوٽ
ٻو گهٽيني کهوٽُ، سو مارين جيم تون مڱڻا.

---

(۱) اصل. 'در دالائون ۽ ديوال'. (۲) اصل. 'ٻيجليان ٻن روت'

سر سَنپت ڳڙهہ(۱) نہ پڙي، جانْ تندُن سين توريان
ڳُجهي آهِہ ڳالهڙي، آءٌ تہ آنْءَ اوريان
ڪُلهنئان ڪوريان، ڪِ جاجڪا! جٿي ئي
سين ڏِيَين(۲)!

[٦] ڪُجاڙو گهُرِين، جِينْءَ وِيئو وِيرا! وڃائيِن [انق]

[ﻫ/ب] جيو چارڻ نہ ڪرين، جهَل هزاري هارُ [انق]
آءٌ مال متاع سڀ گهوريان، بچي هيءُ پتارُ
تون پڙهايل پرين جو (۳)، گهرين ڪالهوڪي ڪپارُ
ڪندون ڪيئن، قطب چئي، ايندو ڪارُ ڪنگهارُ
هي راءُ رائين جو، آهي جيءُ جيارُ
مٿي جنهن مدارُ، سو متان مارين مڱتا!

[ﻫ/ج] مالُ مُلڪ سڀ مڱتا! جهلي قلعن سين ڪوٽُ (۴) [انق]
پرچي پاڻ! پساهہ ڪٽِ، لاهي ڏمر ڏوٽُ
جو گهٽيئي گهوٽ، سو مالڻ چئي، جيم مارئين.

[٦] محلن اوبر مڱتو، تو ڳڙهہ مٿئي ڳائي [انق]
جنئي جاجڪ جوڙيو، پچَل پرائي
ڪُلهي لائي، قطب چئي، تو راجا ريجهائي
پلئہ آو پائي، دانَ دُهرا آئيو.

---

(۱) ق. 'گهر'. (۲) شاه جي رسالي، سر سورٺ د-آ، ۾ هي بيت هيئينءَ طرح ڏنل آهي:
چارڻ ٻول ٻڌو، گهريوءَ سو تان گهوريان گهرسورٺ هيسين نہ پڙي، جان تند برابر توريان
ڳجهي آهہ ڳالهڙي، اوري آءٌ تہ اوريان ڪلهئون ڪوريان، ڪ جاجڪا جٿي مان ڏيين؟
(۳) ن. 'تون پهرايل پرين جو'. (۴) ن. 'قلعن ئي سين ڪوٽ'؛ ق. 'قلعو ۽ ڪوٽ'.

جو ڪئوءِ راڳُ رَبابَ سين، هنيين منجهه هُرين
اُوپرِ چَڙهه، عِناتُ چئي، مَچڻ ڪين ڪُرين
جهڻ سين تون تُرين، سو آءٌ اڪين سين ڏيين.

[٧] سُڻ چارڻ! سورت چئي، پائي! رڪ پيرم [ن‌ق]
منتَ اتئي مگتا! راجا گُنهي مَ رَمُ (١)
تان ڪو دَمج دم، تہ ڏسان منهن ڏياچ جو.

[٨] خاتون راڻي چوءِ، پيتا! جِمر مونائيين مگٽو [ن‌ق]

[الفَ] سو ڪيئن دَمهي دَمُ، جو 'انيِ' مُلا آئيو [ن‌ق]
مَرُ ڏيکاري ڏهہ ڪي، جو هن ڪامِل ڪئو ڪَمُ
آئي سو سُواس، تہ وَهي پلائي پَرمُ
ڳِنهي پيجل سين رَمُ، سِرُ سورٹہ شريف چئي.

[بَ] چارڻ مارڻ آئيو، سُڻ تون سهيلي [ن‌ق]
آءٌ توسين تيئن ڪريان ڳالهڙي، جيئن تون منجهہ جي مهيلي
پُڌائي پڻ ڪي، تيچ مَ ڳهيلي
وَهي وهيلي، ڪا اها بات بلال چئي.

[جَ] ڪاڻو ڪيڻ آئيو، سنير سهيلي! [ن‌ق]
لوڪان لڪائي ڳالهڙي، ايءَ ڪامل توسين ڪيي
خبر ان خيال جي، متان پُڌري ٿي
ايءَ اکهين تي، ڪَرو ڪرم قطب چئي.

[٨] ڏيڻ وڏي ذات، جن وَتُو تن ڪتئو (٢) [ن‌ق]
ڪين موٽين، شريف چئي، پوئي ايءَ پَهات (٣)
ڏينهن گذري رات، تون گهڙيون سڻ گهڙيال جون!

---

(١) ن. 'گُنهي راجا رمُ'. (٢) ق. 'وتئو تن ڪتئو، ڏيڻ وڏي ذات'. (٣) ق. 'ڪن سونهن ڪي شريف چئي ايءَ بخشي بات'.

آيو جو آس ڪري، سَرُ پَلئہ تهن پوء
سو سِرُ سُگهندو هوء، جو ڏجي نامِ اللہ جي.

[٩] دَر دَر دانهن مَڏي، ڪوه توڪِيهُون(١) ڪريين [انق]
پاڻيُون، دايُون، راڻيـوُن، متان سُٽن سِي
متو مناسب مُهنجو، تَنَـدُ تهُنجـيَ تِي
سِرُ سياڻي ڏي، ماڻَ قلعوْ(٢) پوء قبول ٿِر.

[١٠] سو آهي ڪهڙو تـوڪُ، جو تـون سرُ [انق]
گُهرين شرمائيو

....

[٩/الف] دَر مـٿـي دانهون، جي تـو ڪيون مگٿا! [انق]
داتـا لايون دل مين، سالڪ صدائون
مـٿـي آٿـيـو مگٿو، اوپـر اتانهون
بَخششُون، بلال چئي، آتِ ڪوڙيين ڪيائون(٣)
جو آيو اڳاهـُون، سو مَرڪيي هلئو مگٿو.

[٩/ب] مگٿو پنڻ (٤) ملوڪ ڪي، ڪنهن ڏورئان ڏس آيو [انق]
پانهين آو پولائيو، راٿـيـن ريجهايو
جـٺـيي مـٿي جاجڪ جي، [دواهہ دل لايو] (٥)
سِرَ تي سوايو، قلعو (٦) ڏنائينس قطب چئي.

[١٠] دل بادَل بارگَهـُون، ڪرڻ ڪچهريون ٿوڪَ [انق]
زربفت، زري، حـَريرچا (٧)، راڻيون ۽ روڪَ
حڪم ساڻ حـَڪيم جـي، لڏيو وڃن لوڪَ
مهند تني موڪ، مـَڃيو جن شريف چئي.

---

(١) ق. 'ڪيڪون'. (٢) اصل. 'ڪلو' (٣) اصل. 'بخشون آت، بلال چئي، ڪوڙيين ڪيائون' (٤) ق. 'پسڻ'. (٥) اصل. 'لڳس من موچارو' (٦) اصل. 'ڪلو'. (٧) اصل. 'زربفت زوءري هربرچ'.

آنءِ مٿان ٿئي گهوريان، رچَ ۾ راڻيون ۽ روڪُ
مُرُ سٽي سَيو لوڪَ، تہ تو مَگيو ۾ مون مڃيو.

[١١] جَنهين تَڪ تارو، تو راجا رَمِي اُتهين [انق]
خاصي خلوت خان جي، اُتهين اوتارو
سڪيو نہ سورٺ وَرُ، نَنو ناڪارو
آنءِ تيلان سِرُ گهران، توڪان تمارو
جَنتي سٽي جاجڪ جي، لڳس مَن موچارو
ڏينهينءِ سوارو، تہ ڏيڪاريان ٻئي ڏيهہ ۾.

[١١ الف] جو ڏنائين سِرُ سِهي ڪري، سو سُواميءَ سورٺ [انق]
ايءَ خبر خُراسان ۾، دليءَ آباڙي (١) ڏِنَ
پيون پڻ ٻُڌون هُيون، راڻيون راجا وٽِ
هَنَ ڪَرُ مُلهايو، قطب چئي، گهڙي ڪيائين نہ گهٽِ
مٿِي ۾ مِيرَ هي وَٽ (٢)، تنهن ڪي جَس جيڏري ليکئو.

[١١ ب] جَس جيڏري لکئو، مري لڌائين مانُ [انق]
پاڻهي رکيو پاڻهجو سورٺ وَرَ سَتهانُ
ڏي تو نانءُ الله جي، مير وڏيو سلطانُ
راضي ٿيس رحمانُ، نا تہ هتي ڪوڻن ڏٺي ڪئين هٺا.

[١١ ج] ڪَنَڌ ڪپي، ڏرُ ڏُٻي، ٿڙ ڦاڙي ڪي ڦوڪَ [انق]
راڻين راهو مَنڊئو، ٿي قلعي ۾ ڪُوڪ (٣)
ڪونڙ قرارئو، قطب چئي، مٿو ڏنو ملُوڪ
اي آهي ڳالهه اچُوڪ، جيئڻ جانءُ تان نہ ٿئي.

---

(١) ن. 'اباري' ق. 'اباڙي' (٢) ق. 'مير هين وٽ' (٣) ق. 'اٿي قلب ۾ ڪوڪ'.

وائي *

مٿو ۾ ڪينڪارَ يارِ، آجان ڏان ڏيندوسين مڱڻا(۱)! [انق]

هالا، جالا، چوڙا سما، ڪاٺي، ڪالي، پهڻ وارَ (۲)-

مٿو ۾ ڪينڪارَ يارَ

سي سيئي ملهائيا، سورٺ وَرَ سردار-

مٿو ۾ ڪينڪارَ يارَ

---

* ن ۾ هن وائي جو فقط اهو ٽلهه ۽ اهي ٻه مصراعون ڏنل آهن، جي ق ۾ پڻ آهن. ق ۾ هيٺيون چار مصراعون شروع ۾ وڌيڪ ڏنل آهن، ۽ جيئن ته اهي ساڳيون مصراعون ڏوري ڏيرڦار سان شاه جي رسالي، سر سورٺ داستان ٽئين جي آخر ۾ آندل وائي ۾ پڻ موجود آهن، جنهن ۾ عبداللطيف جو نالو موجود آهي، انهي ڪري ق وارديون اهي مصراعون مٿي متن ۾ نه رکيون آهن:

لجيندو ڏو لاهيان، ڪينهي منجهه ڪپار
سر ۾ سڄڻ ناه ڪي، موٽ مَ مڱڻهار
مٿي اتي منهجي، جي هٿا سسين سو هزار
ته هرهر وڍير هيڪڙو، تهنجي تند تنوار

(۱) ق. 'اچا ڏان ڏيندوسين ٻٺا مڱڻا' (۲) ق. 'هالا، جالا، چوڙا سما، ۽ ٻئي پهن وار'.

سرود سارنگ

فصل پهريون

[۱] تاڙي ڪِي تَوارَ، پِپيهل پِتَيو هِيُون [انق]
هارين هر سنياهيا، سَرها ٿيا سنگهار
لاهيين ڏک ڏاتار! اللاهي عِنات چئي

[۲] بادل! وسئو وَسُ، ڪر پيرو ان پُون (۱) [انق]

[۲/الف] وِڄُن لال وَرَنَ، ڏِيُن اوتون آتر سامهيُون [انق]
پرِيا تـــڙ ترائيون، موهيا مينهن مَنَ
انـــو عمرڪوٽ تـــي، سَوانهي سارُنَ
جهجهي جوئيجَن تي سوڌي آهي سَمَنَ
بادل ڪيا، بلال چئي، مٿي داليءَ دَنَ
آڳي ڪـي امنّ، خالق سڀ خلق سين.

[۲/ب] وِڄُون وسڻ آئيون، پرچي منجهه پَتَنَ [انق]
ٿي سرهائي سنڌ ۾، ڏِريو ڏانهن ڏِنَ
سرهيون سنگهاريون ٿيون، ان جون منڍيون (۲) منجهه مَنَ
قطب چئي، ڪانڌن سين، ڪلن ۾ ڪَنَ
وجهيو منجهه وَتَنَ، ڏِيُن مَڪڻ مهمانن کي.

---

(۱) ق. ’ پيريو مٿي پُون‘. (۲) اصل. ’ان جي منڍي‘.

ڏڻ جڻ مرن ماڙهئين(۱)، اچ لاهيندڙ ڏون
واحد ڪر وسون، ته آهکي لهي عنات چئي.

[۲] اُنو ڏيٿُ پٽُ پارڪر، اُنو سارو سوارو [ن‌ق]
مينهن سور نه منيو، 'ونگو' ويچارو
اُتا پٽ 'پراڻ' جا، 'لڪڙي' 'سامارو'
وڏي گاه وڏو ٿئو، تنهن موه ۾ موچارو

[۲/ج] وچون وسڻ آئيون، چمڪيون چوڌار [ن‌ق]
پلٽيون 'پراڻ' تي، پيون ڏاهي جيءَ ڏار
تن ريلون رات، رجائيون، پانڌين ڪي پچار
'هٿونکي' هٿيڪيون، لهن 'سامرجيءَ' مار
پهچون 'پاڙليءَ' تي(۲) ڪي 'ڪڪيجيءَ' ڪنار
چمڪيون 'چيل' تي (۳) آڪم لائي آر
'ڊلهيريءَ' 'ڊينگاڻ' ڏونه، وڏا سپ ولهار
تڙ سيڻي تار ڪيا، مينهن ۽ ملار
لاٿو ڏڪ ڏاتار، ٿيو قرار قطب چئي.

[۳] ڏٺي مبارڪ ماڻهين، مارنگ سراسر [ن‌ق]
سوڏو آيو سوڏن تي، ٿوريو وسي ٿر
وارا ڪيو ونگي تي، اوتون ڏي اپر
ڪٽڪرن ڪوڙ، قطب چئي، ٿيو ڏونه ننگر
آڪم آرا لائيا، چاٽاريو چپر
وچڙين وارا ڪيا، بوندون پون بکر
بادل برابر، ڪيي سٿائي سنڌ تي.

(۱) ق. 'ڏٺين، جٺين، ماڻهئين'. (۲) ن. 'پارليتي'، (۳) ن. 'چمڪيون چيلتي'.

وِڃُڙيــنِ وَرِي ڪئو، ’دِلــي‘ تي ڏارو
’تَرائي‘ تارِ ڪئائــين، ’وَهيــرِي‘ وارو
ٿَڏا وڻ ’وَلهــار‘ ڇا، جت صَدر سونهارو
اڪڙيــن آرو، اوڏاهيــن عنــاتُ چئي.

[٤] ڪِيائون ميرانْ سندو مُجرو، جَرڪيون سي جيلانَ [ر]
وري غوث بهاؤالدين وٽ، مَرڪيون مِ ملتانَ
ڪوِي خُراسانَ، سُڪــ وَسايئون سنڌڙي(١).

[٥] ڪويُون خُراسانَ، ڍَها دلي ڏِينديُون(٢) [نق]
اَچي ’اَچ‘ اَڪتيُون، مَرڪيون(٣) منجهه مُلتانَ
رات وهائنِ(٤) ’ريلَ‘ ۾، سر ’پِيي پوني‘ پانَ(٥)
رِئا پَٽَ پُراڻَ، پِر ’وَنگي‘ واڏائيون(٦).

[٦] ’رُوم‘ رِجائي موٽيُون، سنڌڙي ڪَر لهنَ(٧) [ر]

---

[٦] هيليندِيون پُراڻ ڪي، جهڙيو جيسر ميرِ [نق]
ڪونڌيري ڪَڪَرانڊ تي، وَسن وِيرا وِير
تن رجايو رُوپاهَ - تَرُ، پيون هالاري هير
ڪِئائون، قطب چئي، مٿي داليءَ ڏير
پلائيءَ جي پير، مانوڻ سِڪون لاٿيون.

(١) ميان امام علي شاه کان مليل روايت مطابق. هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر سارنگ د-١، ۾ پڻ ڏنل آهي. (٢) ن. ’ڍُنا ڍَلي ڏيديون‘ ق. ’ڍَها دلي ڏي ڏيُون‘ (٣) ق جي ٻي پڙهڻي: ’جهَرڪيون‘ (٤) ق. ’وهائين‘ (٥) ن. ’پيي پُو تي پهان‘ ق. ’پيي پوني پاڻ‘ (٦) ق جي ٻي پڙهڻي: ’ونگي پر واڏائيون‘ (٧) ٻي روايت: ’ڪر پڄن‘.

پڪو ڏُٽ پنجاب جو، جيسرمير جهمَنَ
آيون عمرڪوٽ تي، 'وَنگي' واجا ڪَنَ
'ڇَڇ'، 'چوڙ'، 'چاچرو'، چُلايو چمڪن
اِن پَرِ مينهن وَسَنَ، الاهي! عِناتُ چئي (۱).

[۷] 'روُم' رِجائي موِنيُون، سنڌ ڪٽي سامان [ر]
ڪن جو ڪاڏو 'ڪيچ' ڏي، ڪي ماٿين ٿيون
ملتان (۲)
الاهي! عِناتُ چئي، ڪنوٽيون خُراسانَ
اللّٰه(۳) ڪيواحسانَ، خوب ڪنوائي موِنيُون (۴).

[۸] 'روُم' رِجائي، ڪيائـون 'مدينو' مَنَّ [ر]
روضي پاس رسولَ جي، وڄڙيون وارا ڪَنَّ
ساگري سمن شاه تي، گونگا مينهن گَجَنَّ
بحر ٿُنا 'بدين' تي، نيڙ ٿا نمنَّ
وڄڙين ويس مٿائيا، 'وَنگي' واجا ڪنِ
ڇَڇ، چوڙ، چاچرو، چوه منجهان چمڪنِ

---

(۱) روايت حاجي عمر چانڊيو، ۽ پڻ ميان امام علي شاه ۽ اللّٰه ڏني شاه کان مليل روايتن مطابق.
(۲) ٻي روايت: 'ڪن جو ڪاڏو ڪچ ڏي، ڪي ٿيون ماٿين ملتان' (۳) ٻي روايت: 'نادر'
(۴) ميان محمد علي شاه ۽ ميان امام علي شاه کان مليل روايتن مطابق.

عرش ڪرسي جوڙ سڄي، حڪم هيٺ هلن
ان پر مينهن وسن، الاهي! عنات چئي (١).

فصل ٻيو

[١] سارنگ کي سارين، ماڻهو، مِرگهه، مينهيون [د]
آرون آبر آسري، تــاڙا تــوارين
سپون جي سوند جون، نئين سچ نهارين
پلر پيارين، آڇاين عنات چئي(٢).

[٢] پرين، مينهيون ۽ مينهن، ڪين سما ٿيئي چڱا(٣) [ن ق]

[٢ الف] مينهون مينهن سونهن، سونهن. مور ملار ۾ [ن]
وڻ سونهن. ولهارين، تڙ ريلي راڄ سونهن.
مانڊائيون ۽ مانيون، پريا پاڻ سونهن.
مڪڻ مهمانن ڪــي، ڏينديون ڏڌ سونهن.
ٻاڻن اڳيان ٻانهيون، دايون در سونهن.
چام چئي، جنين کي، لويون لڪ سونهن.
پڪا پٽ سونهن، تن ۾ سونهن سپرين.

(١) ميان محمد علي شاه کان مليل روايت مطابق. (٢) ميان امام علي شاه کان مليل روايت مطابق. شاه جي رسالي، سر سارنگ د-١، ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح ذڪل آهي:

ماڻهو، مرگهه، مينهيون، سڀ سارنگ کي سارين
آرون ابر آسري، تاڙا تنوارين.
سپون جي سوند جون، نئين سچ نهارين.
پلر پيارين، آڇين آب اڪنڊرو.

(٣) ن. 'پرين، مينهون ۽ مينهن، تيئي چڱا ڪين سما' ق. "ڪين سما ٿيئي چڱا، پرين مينهون ۽ مينهن".

ھن لائجي نينھن، ھن وسائي ھن ڏھي.

[٣] بادل! وسئو وس، تو وني وس ٿئي [ن ق ر]
اُڃئا جي، عنات چئي، رات تني کي رس
وڃ نہ سگهي گاھ کي، رڃ نہ لڳي ڪس
نيڻ تمندا پس، وس تہ ورن سپرين(١).

[٤] ڪي پارڪر ڪي ڍورِ، ڪي آروڙي عنات چئي [ن ق]

[٣/ب] مينھن سونھن مينھن ۾، پڪا سونھن پٽ [ن ق]
ولوڙا وٿاڻ ۾، ماڻيون سونھن مٽ
آڏيءَ وس آئي ڏسو، ڏاڻي سونھن ڏٽ
وينہ ولهار ۾ سونھي، چڻون سڻن چٽ
پرين پاسي ڪٽ، سيج سونھن سپرين.

[٤/الف] مينھاڻي موٽ ڪئي، رڃاڻي ريلي [ن ق]
بس نہ ڪري، بلال چئي، ترن سينءَ ٿيلهي
پراڻيون پر ٿيون، ڀڻون ٿيون ڀيلهي
مارنگ(٢) ستو ڍلهي، لاٿو ڏرت ڏيہ تان.

---

(١) ھن بيت جون ٽي سٽون (١، ٢ ۽ ٤) ن ق مطابق آھن، ۽ ٣ سٽ جو واڌارو حاجي محمد موڍي جي روايت جي آڌار تي ڪيو ويو آھي، جا ھن طرح آھي:

تو وسندي وس ٿئي، وس تون بادل وس — اڃئا ھر پڻ ٿي، تون تني ڪارڻ وس
وڃ نہ سگهي گاھ کي، رڃ نہ لڳي ڪس — ھي نيڻ تمندا پس، وس تہ ورن سپرين

شاھہ جي رسالي، سر مارنگ د ٣٠، ۾ ھيءُ بيت ھيٺين طرح ڏنل آھي:

تو وسندي وس ٿئي، وس بادل وس — اڃايون عنات چئي، رات تني کي رس
نيڻ تمندا پس، وس تہ ورن سپرين.

(٢) ٻي پڙھڻي: 'مانڙ'.

وڃون ولهارين(١) وُنيون، پرچي پَٽَ حضور
ڏُکُوئَنِ ڏئَ ڪاهيا، سٽي ان مذکور
سَڄڻ هئڙا ڏورِ، مونکي مينهن ميڙِئا.

[٥] آروڙانُ تي اُنيون(٢)، وَنگي(٣) سيئَن وسن [انق]
تڙ سيئي تار ٿئا، مَر عالم پَٽَ پسن
جي جني جا سيکڙو، سي تن کي ربّا! رسن
هي جي ڪَرڪَسنِ، سيِ تين آرِڪ(٤) عنات چئي.

[٦] وڃن وَنڪا ويس، نوکنبد ناڏ ٿئا(٥) [انق]

[٣/ب] مينهائي موٽ ڪيي، مر ريجائي ريلهي [ن]
آڇو(٦) آب پُور ڪنديهين، پاندا ٿو پيلي
ڪلام، قطب شاه جو، اگهيو آن ويلهي
ڏوليو مَ ڏيلي، ڪانڌُ ڪامڻ کي ڪڌهين.

[٣/ج] ٿرُ ڏونگر ٿيلهي، وڃن سڀ وَنهيان ڪيئا [انق]
سنڌ سواريون آئيون، رات ٿي منجهه ريلي
ڇتڻ پکيهين(٧)، ڏَٿَ پيٽُهين، تازي طبيلي
پيرُو چئي، پُر ٿيا جي وانجيا کي ويلي
ڏوليو مَ ڏيلي، ڪانڌ ڪامڻ کي ڪڌهين.

[٨] اتران ٿي آئيون، تن وڃن وسي ڪئا ويس [انق]
نوڙيهين نيل التيو، ڏرَ رجيا سڀ ڏيس
پکا سُونهن پَٽ ٻ، سڄڻ ڏيسان ڏيس

(١) اصل. 'ولهاري' (٢) ن. 'وئيون' (٣) ن. ونگو. (٤) ق. 'آرڪ ڏين'. (٥) ق. 'نوکنبد ناڏ ٿيا، ڪئا وڃن وڳا ويس'. (٦) اصل. 'اڇئو'. (٧) ن. 'جر پکي' ق. 'ڇتڻ پکي'.

پَلَٽئا پاريون ڪَري، مٿي نُوٽَنِ نيسَ
آهَرُو اوطـاڪُنِ ۾، ماڙي وينا ميسَ(١)
سَڄَڻَ ديسان ديسَ، پَـڪا رکن پاڻَ ۾.

[٧] اڇا آنبرَ آنبرِينِ(٢)، بُوندون بَس نہ ڪَنَ [ن ق]
ڪارا ڪَڪَرَ ڪوڙِ پِيِ، وَسڪاڙي وَسَنَ
سانوڻَ مندَ، سيَد چئي، اکيون پِيُ پسَنَ
جي محبَ مُهنجي مَنَ، سي مينهن مونکي ميڙئا.

[٨] 'وهيرو' ۽ 'واريـڪو'، تَـرُّ 'ترائي' پس [ن ق]
اُنئي اُتاهين ٿئـي، سندو لـڏن گـس
ڪارائي ۽ ڪَسُ، ڏِٺي جهِنَ ڏُور ٿئي.

ڪامڻ پيچن ڪيس، مونج ڪاند قطب چئي.

[الف] ڪامڻ ڪٿهي ڪاند ڪُون، پيءَ پرديس ۾ جاءِ [ن ق]
سيتاري ميءَ نہ لهي، اوڏو آءِ، ۾ جاءِ
ڏينهان نيهان (٣) جو لڳي، ڪامل ڪوسو واءِ
سانوڻ مند سرتيون! وڃي ۾ وَرُ وڃاءِ
مون توهي مين چاءِ، سفر گهورئو سپرين!

[ب] سفر گهورئو سُپرين: گهر مدائين گهار. [ن ق]
پَسيي پيءَ پـر ٿيا، هيءَ آسه جي آر.
سهاڳڻ، شريف چئي، وصالان نـہ وسار.
ٿي ڏيه (٤) ڪيم نهار، سائيہ هونده سيڪيي.

---

(١) ن. 'آهَرُون' ق. ١. 'آهرُو' ٢. 'آهرُون'. (٢) اصل. 'عنبر عنبرين' (٣) اصل.
'ڏيهان پيهان' (٤) اصل. 'ڏونه'.

[۹] ڏاڏَرَ ڏُوڪي اُٺَئا(۱)، توارئو تاڙي [ن ق]
سُٽي سنگھارن سعيو ڪئو، سامُونٺا ساٺي(۲)
پٺا(۳) ڏُھن ڏُھائن ۾، وَچِ وجھئو واڙي
پِيَنِ پَٽَنِ ۾ پرِ ڪئو، جي ڳوٺ سڪيا ڳاڙي
پِرِينِ جي پاڙي، هيھُون سُسانگُ(۴) سيد چئي.

[۹/الف] آويٽر سٽون آئيا، ستي سُوھَر ميٺهن [ن ق]
ڪينوٽن ڪار تي ڪيِي، ۾ جھم راتو ڏينھن
وَسيَن. تان ويرسيئن، ڪاھُوء تڙ قطب چئي.

[۹/ب] ريلُون راتئي آئيون، ڪينوٽيون ڪيراھَن. [ن ق]
چينوڙيء چيتائيو، ھاري ھڙ وَھن.
تاماريون تڙن. تي، پٽلر سي پِيَن.
ڪڪيجيء، قطب چئي، موجون ڪيون ميٺهن.
جي ڏرَ ڪانٺيا ڏينھن، صاحب سي ساوا ڪيا.

[۹/ج] ميٺهن آئي ماٺهن مهسين مڙھايون [ق]
لٿو ڏک ڏرڙ پريا تڙ ترايون
اوھن واريون آسريو، رَنين ٿيون رايُون
ڪي سھڙنديِ ڏُيَن سامُھيُون، ڪي ڏريائين ڏايُون
وجھي ڪير خوش ٿيون، ماڻين ۾ مايُون
ڳيھي هليا ڳيھ ڪي، ٻڙ ڪيو پٽرن. پايُون
پيرُو چئي، پٽن ۾، ڪن ولوڙا وايُون
جھي رُڪاٽن رنجائيا، تن ولھن واڏايُون
ٻايون ۾ دايون، ٻڪي سُونھن ٻانھنجي.

---

(۱) ن. 'دادَرَ ڊوڪي آٺا' ق. 'ڊادر ڊُرڪي آٺا' (۲) اصل. 'سانري'. (۳) ن. 'پيا'.
(۴) اصل. 'سسانگا'.

[١٠] سارنگَ سار لهيج، اللهُ لڳ عناتُ چئي [ر]
پاڻي پوج پٽن ۾، ارزان آنَّ ڪريج
وطن وسائيج، ته سنگهارن سک ٿئي(١).

[١١] جيسين سحرَ سنيري، تيسين وڏُرَ وَسُ [ر]
ڪانگهاريون وهڪيون، پارَ رُئندا پَسُ
راتِ اُني ڪي رَسُ، اُجيون جي عناتُ چئي(٢).

[١٢] ڏُونگها آچ مَ اُن ڪي، ڪاسا جني ڪم [ر]
پنندي پر ڏيهه ۾، تن سوڍين ٿئي شرم
آتينِ گهٽي ادب سِين، ڳالهائينِ نرم
قادر ڪر ڪرم، اُني ساڻ عنات چئي(٣).

[١٣] پاڇاڻي پئي، ڪٺو آڳاڻيئي آڳرو(٤) [نق]
سَرهيون سنگهاريون ٿيون، پيارينِ ٻهي
ڇُڪيسِ سَپ چئي، تڏ مولي مينهن وسائيا(٥).

---

(١) ميان محمد علي شاه ڪان مليل روايت مطابق. شاه جي رسالي، سر سارنگ د-١، ۾ هيءَ بيت موجود آهي، پر ٻهرين سٽ هن طرح ڏنل آهي: 'سارنگ سار لهيج، الله لڳ اڄين جي'. (٢) روايت سارنگ فقير جت. (٣) ميان امام علي شاه ڪان مليل روايت مطابق. هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر سارنگ د-٤، ۾ ڏنل آهي، پر آخري سٽ هن طرح آهي: 'قادر ڪر ڪرم، ته ان جي وطن ۾ وس ٿئي'. (٤) ق. 'آڳاٽيان اڳرو، پاڇاڻي پئي'. (٥) هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر سارنگ د-١، ۾ هيئنءَ طرح ڏنل آهي:

پاڇاڻيءَ پئي، ڏٺو آڳاٽيا اڳرو
جڏهن ڇڪس سپ چئي، تڏهن مولي مينهن وسائيا.

[١٤] ڏاهي ڪ پوري، پر وٺي پهنجي وَر ڪي [ن‌ق]
سندي سانوڻ ڏينهڙين، جهجڻ ۽ جهوري
هيَ تهن گهوري، جو سياري سڄي.

[١٥] وڄڙيون ويساند، شال م وڏهوٽي وهو(١) [ن‌ق]
اڇي جا آڻ - اوٺ جي، ڀڄي سا ڀراند
محبت ماڪ مينهن جي، پوي پڪي پاند
وَرُ هوتان سين هيڪاند، پاڀوهڻ پرين ۽ سين.

[١٦] پيئي ۾ پاتار، اُوپرَ سُونْ آبُ گُهري [ن‌ق]
پيڙي پيڙين نہ ٿئي(٢)، توڻي حيلا ڪري هزار
سڪڻ سڪو سپ ڪان، سرتيون! سپ جمار
جيلانه محبت ڪي موچار، تين جوهر جو ڳي ٿئي.

وائي

سَيَت ٿئي سٺائـي، ميـان بادل! [ن]
وس تہ وسن ڏينهڙا

ڏِتُ وٺو پٽ پارڪرُ، سُڃي اِيَ سَرهائي -
وس تہ وسن ڏينهڙا

هُئي آريڃي، عناتُ چئي، ريلي پُون رجائي -
وس تہ وسن ڏينهڙا

---

(١) ق. 'شال مَ وڏوڏهين و هو، وڄڙيون وسياند'. (٢) ن. 'پيڙي پيڙي' نہ ٿئي'.

سرود تـوڏي

فصل پهريون

[۱] جئانْ گهڙي تئانْ گهيڙُ، آوَتِڙائين تڙُ تئي [ن‌ق]
ذَمَ وٽ جُنو ظاهِرا، مَنُ مِهارَ سِين ميڙُ
سا نَدي پانئي نيڙُ، جهن اهڙي سڪ سيدَ چئي(۱).

[۲] تِڪان تِڪَ گهٽِي، سڪ تِهانْ ئي اڳِري [ن‌ق]

---

[۱] تڪي نہ توري، نٿي نِهاري نہ گهڙي (۲) [ن‌ق]
متي متي مهراڻ جا، گهيڙ پسئو گهوري
ٻحرن منجهہ، ٻلال چئي، آڌيءَ جو اوري
تيلاهين ووري، وڃيو مَحب مِهار سين.

[۲/الف] ڪاري رات ڪچو گهڙو، جرُ جهجهو ۽ جالَ [ن‌ق]
سانيرَ مٿي سوهڻي، ٿي مڃي پڪي جا پالَ
سڻي لوڪ، شريف چئي، ڪنئين ان خيالَ
ساهڙ جيءَ سنيالَ، آنڪي ڪٿي آڪارين.

---

(۱) ن. 'جنهن کي اهڙي سڪ سيد چئي سا ندي پانئي نيڙ'. هيءَ بيت شاه جي رسالي، سُر سهڻي د-۳، ۾ هيٺين طرح ذنل آهي:
ڪپر ٻڃن ڪوڙيون، جئان گهڙي تئان گهيڙ ذم سين جسو ظاهري، من مهار سين ميڙ
سا ندي پانئي نيڙ، جنهن کي سڪ ساهڙ جي.
(۲) ق. 'نيڙ نهاري نہ گهڙي، تڪي نہ توري'.

پاتا اُنَ پاتارَ ۾، دريا ڏنگَ هٽِي
اڪڙيون، عِناتُ چئي، وِينيون پار وَٽِي
ساٿِي جَن ڏٽِي، تن سين مهراڻُ مَيا ڪَري.

[۳] ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، رِءَ نِهاري ريتَ [ن ق]
ڪٿِي نيڻَ خوش ڪئو، پَسئو ٻانْڌِي پيتَ
اُت مَ اچِي پيتَ، آنْڪِي ڪِي عِناتُ چئي.

[۴] مهاران مَهِي، ڪا جا پيتائين(۱) پريمَ ڪي [ن ق]
تهن سُرڪَ مُرڪَ مَستانُ ڪي، لڳيسِ ڏُڏَ ڏَهِي
تانْ تانْ تان نہ رَهِي، جانْ پيرو نہ ڪيائين پاڻ تي.

[۵] گهِڙِي اُنهيَ گهيڙَ تان، جتي لَهر لالائِي [ن ق]

[۲/ب] پيلو سپ ريلو، ٻوڙي ٻنهي ڪنديين. [ن ق]
اوٺيهہ، اونداهي چنڊ جي، پوريءَ همت. پيلو
مانوڻ مُنڊ، شريف چئي، ماٿرُ سويلو
اچي مَ ٿيلو، سائين سُتڙ ڏوئيين (۲).

[۲/ج] ڪرڪِل (۳) ڪوچَ ڪَنن تي، آرَ آبتو گهورُ [ن ق]
گهيڙ سنڀالي سُوهڻي! اڄ درياءُ ۾ پيو ڏَورُ
بي خطا، بلال چئي، لوري لڳيس لــورُ
هو ٻاٿي هيءُ ٻورُ، شال مدد ٿئي ميهارَ جي.

[۵/الف] لَهر لالائي، ڪــوڙ ڪٿوريءَ آيــري [ن ق]
اچيين، مچيين (۴)، ماٿهئين، بوءِ ٻا ڳُوئن آئي

---

(۱) ن. 'پيتيان' (۲) ن. 'ڏوئيين'. (۳) ن. ڪرڪر. (۴) ن. 'اچي مچي'

ڪَنبي ڪِينَ ڪُنَنِ پِرَ، توڙي گهيڙن گهيرائِي
هُيَس سِڪ، سَيّدُ چئي، جَهنْ لُڙئون لنگهائي
مولِي مَلائِي، محبتي مهار ڪَي.

[٦] پاڻيَ سان پِهُه پئو، ڊارَنِ تي ڊارو [انق]
رُوحُ رَڳُون رَتُّ رات جو، پئي پارَنِ تي پارو
مُنڌَ لئي مهارَ ڪِئو، چارن تي چارو
سُئائين سَڌ، سيّد چئي، نارَن تي نارو
اوڪَرِ اوڪارو، پُجهانْ تِنُس پاجهَ جو.

گهيڙي ڪالهہ، قطب چئي، مُنڌ چوليين چِلاني
ٿِي سُرهي سَياني، آجُ پَٽهہ پَٽهہ پنهي ڪنديين.

[٥ ب] لَهر چِلڪو چولَ، وَهڻ ڪٿوريءَ واسٿو [انق]
آصَحُ باس عطر جي، اڇي منجهان اولَ
آب عنبيران اڳرو، ڏئي جهلڪا جهول (١)
پنهون پاري پول، گهڙي ڪالهہ قطب چئي.

[٥ ج] گهيڙي انهيءَ گهيڙ تان، جت درِيا جو دڙڪو [انق]
پيڙي لنگهي نہ ان پارِ تان، جت ڪُنن جو ڪڙڪو
اُڀڪئو آرُن تي چڙهي، توڙي سِير ڪري سَڙڪو
يوسف چئي، ان جاءِ ۾، ناهي پانهُن جو پَرڪو
والي ڪيچ وَرُ ڪو، جيئن سَيَڙ مِلي مون ساهون.

---

(١) اصل. 'چلڪا چول'.

فصل پيو

[١] هاديَ لڳ هنيان! پڇج پار پرين کي [انق]
جن اکين سِڪ، عِنات چئي، تن ڪهڙو ڏوه ڏيان
مِهارَن ميان! مونکي سَنئون سُنهايو پيچرو.

[٢] ميڙئو ميڙئو ڪانهن، مٿي ٻِر ٻيڙا ڪريين [انق]
ڪوه نہ سڪ سَنباهيين، تون پانهجي پانهن
آهن ڪِينَ آڳانهن، سَڄڻ سِڪنديِن کي.

[٢ الف] ڪانڌين ڪنديءَ ڪوهُ، تان ڪي تَرُ پانهن، سڀين [انق]
سڀجي ٻيڙو ٻيراهَ جو، ڇڄَ ڇلڪا ڇوهُ
مائيرَ ميڙ، شريف چئي، تَرج وَٺي توهُ
ڪڇڻي ڪونهي ڏوهُ، ٻڏليءَ تي ٻيڙلو ٺئو.

[٢ ب] ميڙئو ميڙئو ڪڪي، مٿي ٻَر ٻيڙا ڪرئين [انق]
ڪوهُ نہ سڪ سنباهيئين، تون پنهنجا ٻَڪّي
گهُرُ الله جي رَکّي، ٻحرن منجهہ ٻلال چئي.

[٢ ج] ڏنڊيون، ڏوريون، واهڻيون، تنهان ٻَري سڀ تار. [انق]
جان گهڙنديءَ سوهڻي، تان نظر ڪري نيهار.
بس نہ ڪرئين، ٻلال چئي، ڪهڙي لڳئي آر.
وڃنديءَ جان هن پار، تان گهرج گهاتي نهن سين.

[٣] ميرا مَنهَن مَـڄَ، سانياران ساهــڙَ جا [انق]
اڪيون آسَرَ لائيـو، راڙي راڙي رڄَ
جي هَلن ساڻ سَڄَ، تن رازق! تون رَسائين.

[٤] گهڙَڻُ وَهيڻو مون، مَڙَڻ هَٿ پئن جي [انق]
ساهڙَ! سِڪندين جو، تَرسُ پروڙج تون
هلڻ هوتن ڏونه، سي مَجُڻ وات وڙيين.

[٥] گهڙَڻُ مُهنجي وَسِ، مَڙَڻُ هَٿ پَئَن جي [انق]
ساهڙُ سِڪندِين سين، مَجُڻ پوءِ عَڪسَ
تِن جو باب نہ بسِ، پِرين جهن جو پار ۾.

[٤/الف] تيڪَ تَرڻو وَهہ تار، دعوىٰ ڪيئو درياء سين [انق]
لال لهرين وچَ ۾، ڪُنن مير قرار
اَبڙڪي سا آرن تي، پرين جنهن جو پار
آپيڻ نہ اورار، اَن جو بابُ بلال چئي.

[٤/ب] پيچُلَ پنهي ڪنڌين، وَهن اَبتا آر [انق]
ڪاري رات، قطب چئي، ڪيري ڪئي خمار
گهڙ سنيالي سوهڻي، پَسج پاڻيءَ پارَ
جنهن کي محبت ساڻ مهارَ، سا آگا! تون آڪارين.

[٥] جي گهڙن، مڙن سي، ترسُ م پسي تار [انق]
دونهيون ڏسي دوست جون(١) اکين لڳي آر
اڃن ڪَنَ ڪپينديون، پرين جن جو(٢) پار
آپيڻُ نہ اورار، ان جو بابُ بلال چئي.

---

(١) اصل. 'دوس جون' (٢) اصل. 'جنهن جون'.

[٦] جي ماڻ جيڏيون وسهو، تہ آنءُ نہ وهيٽي پاڻ [انق]
دل در ماندي دوس ري، تن جي ڌاٽو تاڻ
لڌيس نيهن نڌاڻ، نا تہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي!

[٧] وچ وٿاٽين (١) وهڪون، سانياران سندان [انق]
ڏونهيون ٻرن دائما، ٻچان تي ڪيٽان
وروڪئو ويران، ترهو ڪئو تار تران.

[٨] پسئو وڻ وهسي هنيون، سانياران سندان [ر]
چنا، منهن، مينهيون، وڻهيان وٿاڻان

[٧ الف] باري باه، ٻلال چئي، هوء جا پار مهار [انق]
دونهيون دوس دکائيون، سانياران سنگهار
اوئيس اکڙين جو وجي ويرئون تار (٢)
وجي ويروتار [وجود ۾] سيڻن جي سنيار
آوتڙ تري تار، سنجهي ملي سوهڻي.

[٧ ب] دونهان دکن جيڻن، منهنجي ميهارن جي [انق]
اکين آرو لائيو، تن منهنجي تيڻن
آئين جي پليو باڙي واريون! هاڻي سٺو هيڻن
ڏسو جي ڏک ڌرو تہ ڪريو قطب چئي ڪيڻن
هلو ساهڙ سيڻن، تہ گهر ور وچنان وسري.

[٨] پريون پرئين پر، پار پونديون پس [ا]
آٺيو هٿي آر ۾، ونجهين پونيس ور

---

(١) اصل. 'وٿاٺي' (٢) اصل. 'وجي ويرو تار'

آکڙين، عنات چئي، لايو لهہ سيٽان
آنءُ ڪڙهان تي ڪيٽان، هو سڄڻ ڪين سارين مون(۱).

[۹] هوءَ جا ٻري باهہ، منهن مهارن جي [انق]
اکيون اُن اُهاءَ، اچن ڪن ڪپينديون(۲).

[۱۰] رات اونداهي، ري گهڙي، نڪا سيٺهہ ساڻ [ق]
وڃهي، ويرم نہ ڪري، پريان ڪارڻ پاڻ
محبت ڪي مهراڻ، سڪي سيوڻي پٽ ٿئو(۳).

[۱۱] پڇو پاڻي وارين، تہ هي زر جبات ڪٿا [انق]
لهرين لوڏي جو مڪو، پيڙو منڌ ملا
اولن منجهہ، عنات چئي، ڪٿوري ٻهڪا
سائر سوهڻا، سيوئي سرهو ٿئو.

سانباهو سموند جو، قطب چئي تون ڪر
تو پانيو آڳ گهر، پر آهيين آڙ اکين ۾ (۴).

---

(۱) ميان امام علي شاه ڪان پهتل روايت مطابق (۲) هي بيت شاه جي رسالي، سر سهڻي د-۵، ۾ پڻ موجود آهي. (۳) هيءَ اصل ۾ 'سرود مارئي' جي متن جي حاشيي تي لکيل هو جتان ڪنيو ويو آهي. (۴) پڻ هي بيت شاه جي رسالي، سر سهڻي د-۷، هيٺينءَ پڙهڻي سان موجود آهي:

پس جي پار پونديون، پريون پرئين پر
آڏيو وجهي آر ۾، وڃيو پوئس ور
سانباهي سموند جي، قطب چئي ڪا ڪر
تو پانيو آڳ گهر، تان آهيءَ آر اکين ۾.

وائي *

اي يار! آنءُ جا طامع آهيان تُهنجي- [ق]
مون منجهه عيب آپارَ
'آمر' اوڏي نه وڃان، 'نهِي' ڪئس نڪارَ-
مون منجهه عيب آپارَ
سوٽ محمّد ڪارڻي، آڙئنِ جا آدارَ!-
مون منجهه عيب آپارَ

* ق ۾ هيءَ وائي 'سرود آسا' هيٺ ڏنل آهي، جتان نيائي هت رکي وئي آهي.

سرود ڪاموڏ

[۱] تَختُ، بَختُ، تَڙُ، تماچي(۱)، نُوري سڀ نَوَنَ [انق]
نانءُ نيابت گَندري، سيني سُونه سمَنَ
لَکين لياڪا ڪئا، سارِي رات سَين
پايُون دايُون تهن ڪي (۲)، اڇئو پير پڇَنِ
ڪامَڻِ ڪامَ(۳)، عنات چئي، تهن ڪي آهي منجهه اکين
ڏنَيسِ ڏيهَ ڏٽين، معافيَ جي مُهر ڪري.

[۲] بَخت بُلند جَنَ، تني منجهان نُورَئينْ(۴) [انق]
گامين، ناسين، گاندرين، تَماچي سَندَنَ
هردم ڏهه ڏي تنِ، آنو پهر عنات چئي(۵).

[۱] تنهن سر 'ڪينجهر' نامُ، جئان نوازي نُورَئين (۶) [انق]
تخت تنهين تڙ تي، پائي ويٺو جامُ
سُهائس، شريف چئي، غريبائو گامُ
تماچيءَ تمامُ، عيب آنيءَ جا ڍڪئا.

(۱) ن. 'تماچي جام کي' ق. 'تماچي جام'. (۲) ن. 'پاهنجيون تهن کي'. (۳) ن. 'ڪامل ڪام'. (۴) اصل. 'نورئي' (۵) ن. 'آنو پهر عنات چئي، هردم ڏهه ڏي تن'. (۶). اصل. 'نورئي'

[٣] جهڙي سونهن سنڌياس، تهڙو ڪنجهر ڪين پئو [ان ق]
طُولَ تنهين جي سين، راڻيون آچن
نہ راس
مورچل پاڻ مَتاس، آيو تماچي هٿي.

[٤] تهڙو ڪنجهر ڪين پئو، جهڙي سونهن سنڌياس [ق]
مَنڌِ مياڻيون، مَڪَرا، مڙيئي معاف ٿئاس
ريس راڻين ڇڏئي، وهي ڪانہ وتاس
مورچل مَتاس، آيو تماچي هٿي(١).

---

[٢] جيهي تماچي، م متري، جو آگلن آڪ [ان ق]
هو جو(٢) ڪينجهر تي سو سپ لاتائين لاڪ
سُهائيس، شريف چئي، متلاحن جو ماڪ
پلو نوريءَ پاڪ، جنهن نتر سپ نوازئا.

[٣ الف] جيلانه پاڻ نہ ڏنائين، تہ نوازي(٣) نُورَ نين(٤) [ان ق]
تنهن سُهائي، شريف چئي، جو ساموهيءَ سائين
سمي سيٺي مچيا، جي عرض آتائين
آن ڪي ڏنائين، ڏاڏاڻڪي ڏن ء.

[٣ ب] چِتا، ڏنگيون، پيڙيون، ملڪ جني جا مڏ [ان ق]
سمي سي سيڻ ڪيا، هيٺا جنهي هڏ
جام! (٥) پرتيئي لڏ، سانگين جي شريف چئي.

---

(١) شاه جي رسالي، سر ڪاموڏ د - ا، ۾ هيءُ بيت هيئينءَ طرح ڏنل آهي.
تهڙو ڪنجهر ڪين پئو، جهڙي سونهن سنڌياس
منڌ، مياڻيون، مڪڙا، مڙيئي معاف ٿياس
مورچل مٿاس، ايو هٿي جام هٿن سين.
(٢) ق. 'هتو جو'. (٣) ق. ۾ پڙهئي: 'تئن نوازي' (٤) اصل. 'نوري'. (٥) ق. 'رب'.

[٥] ڏيا، ڊانڊ، ڏوءِ، ڪاڄ جني جو ڪکيون [انق]
آڻي منجها آيري، مشڪ ڪتوري بوءِ
تن راڻين اهڙي روءِ، آئڙيون گهڻو عنات چئي.

[٦] آگلائي آهير، رهن ڪنجهر ڪنڌيين [انق]
پڪين پينو تن جي، گهني جام وزير
لائن آهڪ عنبير، چٽ چڙيائون آڳهين.

[٥ الف] پاپوڙا پينڊين ۾، مٺي مٺائين مٺوءِ [انق]
آن جون ڪاريون ڪکيءَ هاٿيون، چتين ڇڇي ٻوءِ
عطر لائين آوءِ، ڪالهہ نوازيون قطب چئي.

[٥ ب] ڪکي هڏ ۾ ڪاءِ، ڇچي هٿونئي نہ سهي(١) [انق]
وڏي نہ وڪٽي، آڏيءَ اوڏي ناهہ
رکيائين، رنگريز چئي، تڻن تماچيءَ لاءِ
سمون تنهين جي ساءِ، تو ڪري معاف ميائيون(٢).

[١] پاپوشي پلنگ مير، چارا پسي جام [انق]
رهيو تنهن ڪي روح ۾، نوريءَ سندو نام
تڙ تماچي بخشئي، ملاحن مدام
گانڊرائو گام، ڪانڌورئو قطب چئي.

---

(1) ق. 'ڇچي هٿ نہ ڇهي، ڪکي هڏ نہ ڪاءِ'. (2) شاہ جي رسالي، سرڪامو ڊ-1، ۾ هي بيت هيئين، طرح ڏنل آهي:

ڇچي هٿ نہ ڇهي، ڪکي هڏ نہ ڪاءِ
نہ وڏي، نہ وڪٽي، اڏيءِ اوڏي ناهہ
سمون تنهن جي ساءِ، تو ميائيون معاف ڪري.

.شاهہ جي رسالي ۾ آيل بيت ۾ هيئين سٽ (نمبر3) وڌيڪ آهي:

'پاڪ رکيائين پجرو، ٿن تماچي لاءِ'.

[٧] وَنجهہ ڪوڙيائون وِچ ۾، چارا تن ڏاري [ن ق]
پٽر وڏائون پِنَّ جو، سَوارو ساري
آن جي(١) اوتاري، آچي جام تماچي تڪڙو.

[٨] پَڪي لانگوڻين جي، آچِي لتو جام جُلي [ق]
مَنَهن پيهون مَسَندا، جُهڳَنِ پاس جُهلي(٢)
ڪنجُهرُ سڀَ ڪُلي، تن اُگهاڙن انعام ڏيو.

[٩] آنءُ گندرو غريبُ، رهان ڪنجُهرَ ڪنڌيين [ن ق]
توسين جامُ قريبُ، ڏَنُ چِڏيندو ڏيجَ ۾(٣).

[١٠] جيڻءِ تون مُهاڏو، آهيين چوڪو گَنڊرو [ن ق]

[الف] هوءِ نَتَرَ هوءِ ٻيڙيون، هوءِ ملاحن ماڪُ [ن ق]
تني جي تڙ تماچي آئيو، پلو ڏين پاڪُ
اکين تي ٻڌ اکرو، ڏنـن سمي جام سهاڪُ
سڀ لاڻائين لاڪُ، ڪنجهَرَ تان قطب چڙي.

[بُ] نَڙا، نَتَرَ، ٻيڙيون، سُونا جن جا ساجَ [ن ق]
ريلن ۾، رنگريز چڙهي، رهيا مونهن راجَ
موچارا مچين جا، ڪهڻَ رَڏين ڪاجَ
آني جا آواجَ، سُونهائا سمي جام ڪي.

---

(١) اصل. 'آني جي'. (٢) اصل. 'مَنُون مَنُون مسندا، جهڳن پاس جهلي'. (٣) ن. 'ڏن چڏائيندو ڏيج مان'. شاه جي رسالي، سر ڪاموڏ د - ١، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:

تون تماچي تڙ ڏڻي، آءٌ گندري غريب
توسين جام قريب، ڪين ڏن چڏاني ڏيج سون.

آنءُ عرض ڇوندي چار ڪي، جو مَجيندو ماڻو

ڪَنڌيَ(١) جو ناٿو، ڪوڏ گهرندو ڪڍهين.

[١١] مهنجو مَجي ڪاڄُ، تون ڪايو پانَ پِڪُون هٿين [ن ق]

سَمان! سُيانُ آونئن هٿين، جهڙوئي تون آڄُ

ڪنجُهرِ راڻيون راڄُ، سڀ سلامي گاندرين.

[١٢] ماڻهو ڇُونِ سي، آنءُ آهيڙياڻي آهيان [د]

توريُ جي ڏرن جا، مون ڪان چڱا سي

چارَ تماچي جي، نَظَرَ نوازِي آهيان(٢).

وائي

[ن] ڏي مَنُ موهٿو چار

جو سُونهنُ سَينِ(٣) ۾ وِتري گندري

ڏي مَن موهٿو چار

سَمي سُونهاڻي، محبت هاڻي

مهاڻي مهَا سُوندَرِي گندري

ڏي مَن موهٿو چار

—※—

(١) ق. 'ڪنڌي'. (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو. (٣) اصل. 'سيني'.

سرود ڪارائيڙو *

[١] دِل ۾ دور مَ ڪاءِ، پيهي سَنجهہ سوجهارُ سَر(١) [انق]
آتانَ ئي، عنات چئي، 'آباچي'(٢) ۾ آءَ
چِلڙِ چُنج م پاءِ تون، ڪَرِ ڪُوٺا(٣) سين چاءَ
رکي جن الله، وارُ نہ وِنگو تَن جو.

[الف] چِلڙ چڏ چري، وانءَ آڏامي آڄ ۾ [انق]
آرميرو آرڪ ڪري، جنهن جي بات بري
مانجِ ڪوٺ، قطب چئي، پاڪيزا پري
تنهن سر وانءَ مري، جت هيرو چڻن هنجهڙا!

[ا/ب] ڪيهڙي ڪم ڪنل ڪرين، پورا پنل م ڪاءِ(٤) [انق]
ونين جو وچائيو، تنهن ڏهان(٥) پانئج ڏاءِ
نجهان ڪوڏ، قطب چئي، ڪر ڪوٺا سين چاءِ
موتي مهراڻاءِ، چڻئو چانگارج هنجهڙا!

* ن. 'سرودڪارائيرو'. ق. 'سرود ڪارايل'. (١) ن: اصل عبارت: "سنجهہ سوچار سر". ق. "پيهي هنجهہ سوجهار سر، دل ۾ دور م ڪاءِ". (٢) ق. 'آباچي'. (٣) ن. 'ڪونرا'. ق. 'ڪونران'. (٤) ن. اصل صورتخطي: "ڪيهڙي ڪم ڪنل ڪترين پورا پل مڪاءِ". ق. "ڪيهڙي ڪم ڪنل ڪٿي، پورا پنل م ڪاءِ". (٥) اصل. 'ڏهٿا'.

[۲] جيلاهه ڪُونَن(۲) منجهه ڪَڪورَ، تيلاهه پونئر [انق]

پُٽڪَن پُيالَ سَرِ'(۱)

لَلا تي لالُ ٿئا، منجهان آبَ آدورَ

اُهڪُ نہ ڪَن، عنات چئي، اُن چاري چُغَل چورَ

هَنجَهن لٽا هورَ، پابوڙي(۳) پير ڏري.

[۳] هَنجَهه هُتي جو حالُ، چِلڙِ چُنجَ نہ اُگهيي [انق]

[۲/الف] رِءَ پابوڙي پتڻ جي، هڏ نہ ڏري پير [انق]

بنا ڪُونڻ، بلال چئي، ٻيي هنجهہ ڪانهي هير

اونهي گهونئي وچ ۾، سي سُونٺائين سير

تيلاهين سوير، وڃئو هُت حاضر ٿئي.

[۲/ب] پابوڙي پتڻ جي، آئيو پير ڏري [انق]

چُوٽي ڪوڻ، قطب چئي، پاسي ٿئي نہ ٻري

سونکي ايءَ معلوم ٿي، جا هنجهہ ڳالهہ ڳري

سچ پڻ تن سري(۴)، اهڙي آئيڪ جن جي.

[۳/الف] ٻکن ايئن نہ ٻجهيو، تہ ڪو سُونٺو سر هنجهن.

ڪنگ، ڪانيرا، ڪانئرا، اوڏانهه ڪين اچن

مدائين، شريف چئي، موتي موڪ چڱن

لالئون سي لڀن، جني سُنهن مهراڻ ڏي.

[۳/ب] سي ٻگا ڪوهه ٻجهن، جي چُوڙو چڱن چڪ ۾ [انق]

اچو آب لکئو، هميشه هَنجهَن

---

(۱) ن. 'ڪونرن'. (۲) ن. اصل صورتخطي: پهور پُرِ ڪَن پيال سر' (۳) ن. 'پاپونڙي'

(۴) ق. 'ٿي سچ سري'.

پَکين پائي آئيو، سندو جُوءِ جمالُ
لَلَو تيلاه لالُ، جيلاه آئڙئو اَن عنات چئي.

[٤] هَنجَهه هتي جي سِڪَ، چلڙ چنجَ نہ اَگهيي [ن ق]
آيو اِج، عنات چئي، پَکين(١) لائي پِڪَ
تار ڏنائين تِڪَ، تانگهي تئي نہ طالبو.

[٥] ڪوڙيين جي ڪائو تئي، سمونڊ توءِ نہ سُکن [ن ق]
لالُون سي لهنِ، جنين سودو سَچ سين.

[٦] ڪَري سانگ سَرينْ، روهانْ اَڏاٿينْ هَنجهڙا! [ن ق]

بيوقوف، بلال چئي، گهونيتا(٢) گهمن
سي لالون ڪين لهن(٣)، جي گدورا گهوگهيتين جا.

[٤ الف] سَر جهنجهي جنر جُوءِ، اونهي بحر بلال چئي [ن ق]
حاصل تي هنجهن کي، حال هدايت هوءِ
واصل ٿيي وصال سين، سدا روءِ بروءِ
آمل چڻن اوءِ، پيئون جي پاتار ۾.

[٤ ب] رکي طلب تار جي، چُڻج موتي مهراڻاءِ [ن ق]
وِٽين جو وڃائيو، تنهن ڏهان پانڄ ڏاهءِ
يوسف چئي، ان جاءِ ۾، سر جو ايندء ساهءِ
رکي جن الله، تنهان پاريهڙي پاسي ٿئي.

[٦ الف] راهيش سندن روهه، هين سر سانگيي آئيا [ن ق]
چڻن چانگارين چيت ۾، اُنو پهر اوءِ

(١) ق. پکن. (2) اصل: 'گونيتا' "بيوقوف، بلال چئي، گهونتياگهمن" جي بي روايت هن طرح ملي آهي:
"بي پتا، بلال چئي، منجهان چڪ چڻن".

اڳئان ڏاڍي ڏيهو ڏاٻ ڪي، پائج پير هرين
آدبُ ڪج، عناتُ چئي، جتي تار ترين
تانڻتانڻ تانڻ مَ مرين، جانڻجانڻ موتي مَ ملي(١).

ٻچا تنهن جي ٻاجهہ ۾، پڪين چڏيا پوءِ
لٽلا ميلن لوءِ، سلامت، شريف چئي.

[٦/ب] هتان آڏامي هيت، چوٽو چڻ آئيا [نق]
تن ماٺيهہ مٿن، شريف چئي، چارون پٿر چيت
جنهن جوءِ گذارين هنجهڙا، ڏاڍي ڏيو م تيت
ٻڪي جن ٻرت، تينهان ڀاريهڙي ڀامي ٿئي.

[٦/ج] ڏاڍي ڏيو سنپائيا، پٿر ٻاتائين [نق]
رازق رکي جن ڪي، سي اچن نہ آتاهين
اي چڏ چيتري تن ڪي، جن نظر مٿاهين
جن هنيين هيناهين، سي ملن سلامت شريف چئي.

[٦/د] راهڪ روهہ منديـن، هيت چوٽو چڻ آئيا [نق]
ڏاڍيءَ ڏيو سنپائيا، رازق رکي تن
قلوب منجهہ، قطب چئي، وائي وحدت جن
سي ڀاريهڙي نہ ٻسن، هميشه هي هنجهڙا.

[٦/هـ] جنهن ڪي صاحب ستر سونهائيو، سو چئي چت وڏي [نق]
هنجهہ جو منجهہ پروڙيو، سائين ٻاڻ سڏي
هينئڙو حبيبن سين، چڏيائين ڪَڏي
ڏاڍي ڏيو آڏي، تنهن ڪي ڪندا ڪوهہ قطب چئي.

[٦/و] ونءِ ڀاريهڙي ڀامي ٿي، ڏاڍي ڏيو ڪٿي [نق]
اسان محمد مجيو، مٿي جنهن مٿي
هينئڙو حبيبن جي، ويو واڳ وٺي
چاڻي هيڪ ڏٺي، جو قادر آهہ قطب چئي.

---

(١) ن. موتي نہ ملن.

[٧] ڏيهَر ڏُڏيَ ڏاءِ، مَڇُڻَ پَڪَ پُسائيين [ذق]
تُنهِينَ جو تڙَن ۾ تو ماري تَڪي ماهُ
اوڏاهين اُڏاءِ، جيڏانهه چِڪَ نہ چلهو.

[٨] جيڏانه چِڪَ نہ چِلهو، نہ ڪو ڪَڪُ نہ سَڪُ [ذق]
چِلڙَ ۾ چُنجَ هڻي، جِمَر پُسايين پَڪُ
لُڙَ جو لنگهي لَڪُّ، آچو پيءُ عِنات چئي.

[٩] چُنجَ ڪيمَ چِڪَ ۾، اوڏو آءِ مَ اِتَّ [ذق]
وانءُ اُڏامي آچَ ۾، جت موتين ناه مَتَّ
هونگارِج هنجهن سين، چُگي لائي چِتَّ
پَڪي رک پرِتَّ، تي طالبُو تارِ جو.

[١٠] جهڙي لات لَئين، تهڙو جي چوڙو چُٽين [ق]
نباهي نئين، هوند پَڪَ پانهجا پاڻَ سين(١).

وائي — ١

هيِ هنجهہ هت نہ چُٽندو، چُوڙو جو چِڪَ گاڏئون [ذق]
تانگهي تَئي نہ طالبُو، پِهڻَ منجهہ پرِنْدَو -

هي هنجهہ هت نہ چُٽندو

(١) اصل ۾ هيءُ بيت 'سرود پورب' جي حاشيه تي ڏنل آهي، جتان ئيائي هتي رکيو ويو آهي.

جيلاه اِن لَل لَلو هنجهڙو، تيلاه روه رسندو (۱)

هي هنجهه هت نه ڇُٽندو

ٻَچا پهنجا ٻاجهه سين، ٻَکي وجي پَسَندو (۲)

هي هنجهه هت نه ڇُٽندو

ڏاڀي سندي ڏيب ڪان، ٻلي ان ٻچندو (۲)

هي هنجهه هت نه ڇُٽندو

وائي — ۲

جو سَرُ سَرهو سوجهرو، هَنجهه هُتيئي هُونِ [ن‌ق]

ذاتي ذڪر جبار جو، چِت چيتارئو چُونِ۔

هنجهه هتيئي هُونِ

آمَلَ جِتِ آمُونگرا، پاڻيَ تهنْ پونْ (۳)۔

هنجهه هتيئي هُونِ

چَلهِي چِلُڙ چِڪ ۾، پهنجا پَکَ نه ڏونْ (۳)۔

هنجهه هتيئي هُونِ

وجهُو هدايت هوءِ ۾، راتو ڏينهان رُونْ (۳)۔

هنجهه هتيئي هُونِ.

---

(۱) ن. ’ اِن لَل لاءِ لو هنجهڙو ٻهڻ منجهه پرندو، تيلاه رُوه رسندو‘. ق. ’ ان لل لاءِ لو هنجهڙو، تيلاه روه رسندو‘. (۲) آخري ٻني مصراعون فقط ق ۾ آهن. (۳) آخري ٽيئي مصراعون فقط ق ۾ آهن.

اضـــافـــا

[قلمي نسخن ۽ روايتن ڪي اتاري، ڇپائي لاءِ آخري بياض تيار ڪرڻ وقت ڪن 'سرودن' سان ڪي بيت ۽ وايون رهجي ويون ۽ انهي ڪري ڇاپي هيٺ ڪين آيون. اهي جملي رهيل بيت ۽ وايون، ۽ مختلف سرودن' هيٺ هت اضافي طور ڏنا وڃن ٿا، ۽ اميد ته ڪتاب جي ٻئي ڇاپي وقت متن ۾ موزون جاين تي رکيا ويندا. ن. ب]

سرود ڪنڀات

تهن ويڙ وانگي ڪونہ وٺو، ميي جوءِ جيڏاهين [ق]
جي ڏوري ڏٺائين(۱)، سي ڪوهر ڪاهوڙين تڪئا.

سرود سر راڳ

[۱] آئين سُمهو ساٿئا! پَل سُڪاڻ سِر ڏيئي [ر]
نکو ڪپر ٿو ڪُن ڪري، نڪا ماڻَي منجهہ مهي
اتي جا، عنات چئي، ويا لاڳا سپ لهي
جهن آهي لڄ ڪنئي، اسين آهيون اُن جي آسري(۲).

(۱) اصل: 'اوري جي ڏٺائين'. (۲) ميان محمد علي شاه کان پهتل روايت موجب. هي بيت هيٺين ٻن بيتن سان ٻيڙيو، جي شاه جي رسالي، سر سر راڳ، ۾ ذيل آهن:

ٻيڙياتا! ٻيئي تو نہ ڦهنديون ڳالهڙيون سڄيون راتيون سمهين، پر سڪاڻ ڏيئي
صباح سيئي، پار پڇندءِ خبرون (د - ۲)

سڪاڻئا ۾ سمهيو بندر جان پئي، ڪپر ٿو ڪن ڪري جه ماڻي منجهہ مهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناکئا! (د - ه)

[٢] سوداگر سمونڊ جا، لاجو لال ونيج [د]
اڇا اولا عاج جا، چڱا چٽائيج
سڙه سيٺي سقلات جا، ڪوها خوب ڪٽيج
ست سُڪان سَر ڪري، ڇهہ ڇڇهريون آڏيج

[٢/الف] نـاڪئـا نهاري، مجڪم جهـاڄ مـڪـري [ن ق]
تاتـج تـن تـراز جا، سيٺـي سـاري
ڏڃي ڪئـج پانهجـا، ننـڪـر نـهاري
اکيان سمنڊ مڏ پنـڌ تي، تکو تواري
تن ڪي آڳو آڪاري، جن شَفيعُ مـٺن شريف چئي.

[٢/ب] ننـڪر ڪنـيا نـاڪئـي، الله آساري [ن ق]
آمت سنـدو ڪارڻي، هليـا سفر سنياري
سـُوڏيون ڏي سڳريُون، تن وڻجارن واري
ميون مسافرن ڪـي ڏڪـم ڏيکـاري
آيا اوتاري، اوءِ سلامـت شريـف چئي.

[٢/ج] نيئي پنڌي بـار، وڃـ سوداڪـر سنبهي [ن ق]
گهڻين تورين ڏينهڙين، اچي ڪندءِ سارَ
بندر ۾، بلال چئي، تنهنجي ڪين آه پچارَ
تن ڪڏهن ڪين وساريو، جي او تنهنجا يارَ
ايڏي مٽي آر، تون ڪيئن وتين ويسرو.

[٢/د] ڪو جو وريو واءُ، جنهن پر ڏڃن ناڪئا [د]
وَرَ تن ونجهہ، ڦنا ڪيا، اہر ئي اونداهہ
ناڪئن نـڪـاهہ، ٽـلو گوندر ڪاڏئون (١).

---

(١) ميان محمد علي شاهہ ڪان مليل روايت موجب هيءُ بيت بلال جو آهي.

ٻارهن، تيرهن، پندرهن، سترهن سينگاريج
ساري سِٽ، سيد چئي، پوري پُڄائيج
ملاح معلم خبرون، پڇي پروڙيج
"وسقٰهم ربهم شراباً طهورا"، پاڻي پاڪ پئيج
جهن ڪي سڪي سيڪو، پرين سو پسيج
لڙ ۾ ڪين لُڏيج، ته سُتڙ سانوڻي ٿئير(١).

سرود رامڪلي

هئي هئي اُتهين تا نہ، بينڪ بيراڳين جي [١]
ساز، سڱيون ۽ سرندا، نڪي سامين جا سامان
اُدي ۾، عِنات چئي، ڪيرت چڙيائون ڪانہ
هٿا تان سرت سجان، پر ڪهن طعني ڪان
تيرٿ وٺا(٢).

سرود مارئي

مارُو مارِ مَ سومرا! ماريو مال وٺين(٣) [١]

---

(١) ميان محمد علي شاه کان ٻڌل روايت موجب. هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر سر راڳ د - ٦، ۾ ٻئي ڏنل آهي، پر بيت جي معنوي سٽاء مان معلوم ٿئي ٿو تہ غالباً شاه عبداللطيف جو ناهي. رسالي جي ڏنل بيت موجب ٦ ۽ ٧ سٽ هيٺين طرح آهي:
سادي سٽ، سيد چئي، پوري پڄائيج،
ملا معلم خبرون، پڇي تون پوريج.
(٢) ميان محمد علي شاه کان ٻڌل روايت مطابق. (٣) اصل. 'مارو مال وٺن'.

آجائي جو عنات چئي، تون صاحب سڻ سٽين
پوءِ بند لاهه تنين، جيڪي ڪٽين قيد ٿيون(١).

هو پڻ مائٽ منهنجا، آءٌ پڻ آهائي [ن ق]
آڪي اباڻن ڪي، ڪو وڃي واڏائي
تہ سڀڪي ميل نباهيو، جا چارين ۾ چائي
منٿون، آڻيجاه مارئي، جا ڳنڍن ماڳائي(٢)
ڪرسي(٣) تنهن، قطب چئي، ملير ملهائي
سنڌڙ(٤) سيائي، ايءَ ڪيي سرهيي سومري.

سرود پرڀات

[١] مڱڻهڙ ماج ڪٿي، ويا وڃاڻ وهاڳ لٿي [ن ق]
تن ريجهائيو راڄيو، تالون تند هٽي
ڪنهڙ جنهن ڪس ويا، سا ٻچيو وچ پٽي
ويرم نہ ڪر ولها! اڃا رات گهٽي
طاماعن ٽٽي، سهڙ آه شريف چئي.
[٢] مڙي مڱڻهار، آيا رونجهي راءِ ڏونه [ن ق]
تنهن نالائق نوازيا، سهڙ چام سردار
بادل جيئن، بلال چئي، وسي سڀڪنهن وار
پسي پيلي ڪنڌيون، ثريا نيڻن ثار
ڪين جو ڏنن ڏاتار، جيئن ٿيا پڙ پڙين مين.
[٣] وڃي ڏج وهاڳ، صبح سهڙ چام ڪي [ن ق]
مان تنهنجو ميهر مين، ريجهي سڀئي راڳ
وريئي بخت، بلال چئي، پلو ٽٽيئي پاڳ
پايين سو سهاڳ، جو هوئي هميشه مڱڻا!
[٤] صبح سهڙ چام ڪي، ڪج سويرو سوال [ن ق]

---

(١) ميان محمد علي شاهه ۽ عباس علي شاهه کان مليل روايتن مطابق. (٢) ق. 'ڳنڍن سا ڳائي'.
(٣) اصل ائين. (٤) ق. سنڌڙ.

سرود ڏناسري

مُنهن مناري سامهون، ڏِٺم نوري نيلَ [د]
پِرنِ پاهر منجھہ ٿا، ڪوڙيين جت قنديلَ
حضرت جي حضور ۾، زاريون ڪن ذليلَ
سيّد پير سبيلَ، ٿو پوڄ پياري پَهِيڙا(۱).

وائي — ۱

مڳان مهرباني، شيخ بهاؤدين پير پنجابي! [ن]
قائم دين، امين قريشي، ڏسيهون راه رباني -
مڳان مهرباني

ڏيکارج ڏاتار ڪي، حليمي؏ جو حال
آڏان ٿي اڻ مڱهيو ميڙي آڻين مال
لنگهو ٽيڙو لال، ويندي ڪالهہ قطب چئي.
[انق] وڃن ساڄ سڻين، ڪنجهيون ڪماچا ڪينرا [٥
مندا! مڱڻهار چئي، ڪيرت ڪانہ ڪڻين
رونجهي پاس رهين، تہ لنگها لاڪيڻو ٿڻين.

سرود ڏناسري

[انق] سهوائي شهباز جو، جان ڏيکڻوسون ديوان
جتي ولين وهڪون، ات خوب بڻو آستان
مٿان مينبر پير جو، هيٺ چلي مهران
جاڻي اچن زارتُو، توتي جملو سڀ جهان
پيرَ! پاڻيهي چاڻ، جيڻن امين سلامي شريف چئي.

(۱) ميان محمد علي شاه کان مليل روايت مطابق. هي؏ بيت شاه جي رسالي، سر ڏناسري د - ۱،
۾ پڻ موجود آهي.

وائي — ٢ *

تون تان منهنجا پير ! متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين [ر]
ونهيان ونهيل پير، متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
تون پير آهين پنجاب جو، اسين سنڌ فقير -
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
رهيو آهين روح ۾، شاهه رڪن سڌير -
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
مدد ڪر مريد جي، دليئون دستگير -
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
عنات جي اولاد جو، پردو رکج پير -
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين(١)

وائي — ٣

عاشقن امارو، مورائين مخدوم ڏي [ن]
اهل اولادي، تنهن ڪرشادي، محمدزمان پير موچارو -
عاشقن امارو
نِمِ نوراني، پِرَن فرقاني(٢)، سانجهر سنجهہ سوارو .
عاشقن امارو

---

* هيءَ وائي 'گلزار غوثيہ' ۾ ڏنل آهي. (١) شاهہ جي رسالي، سر ڌناسري د -١، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي، جنهن جي پهرين سٽ هن وائيءَ جي ٿلهہ سان ملي ٿي :

متان منهنجا پير، ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
اوڏو تون اڪارئين، صاحب شيخ سڌير
جيلاني جهانگير، هت جهلج هانءُ سون.

(٢) اصل ائين .

پَسي پُڙ پيرَن جو، مهنجي چت لڳو چارو.
عاشق اارو

گودڙيا هن گس تي، شغل ڪن سَوارو.
عاشقن اارو

ويراڳين نہ وِسري، نانگن نيهن نظارو.
عاشقن اارو

سرود آسا

ورٺو ورقُ وصال جو، آئي ورونهڻ واهَ [ق]
آميدون ارواح، پِيَّ پسَندي پُنيُونْ.

سرود ديسي

سونهين نہ روهين، ٻر ڏسي جر هارِيان [د]
ڪيچي ڪالهہ ڪري ويا، منصوبو مونهين
ڏيرن تانِ ڏاڍِ ڪئي، هيٺيءَ سان هونهين
تنگن ۾ تونهين، رس ڪامل شاه قطب چئي(١).

---

(١) ميان محمد علي شاه ڪان مليل روايت مطابق.

عام روايتي بيت

[نوٽ: قلمي ذخيري توڙي سگهڙن جي عام روايتن مان ڪي بيت شاهه عنات جي نالي سان مليا آهن، مگر مشڪوڪ آهن. اهي بيت هيٺ ڏنا وڃن ٿا، انهيءَ لاءِ ته محفوظ رهن. ن- ب]

سرود جمن

آئي آڳ عشق جي، تنهن ۾ پاڻ پچاءِ [ق]
دل منجهه دونهون دکاءِ، ته سگهو ملين سڄڻين.

جي هوءِ تاڻين تند کي، ته تون تند ۾ تاڻ [ق]
اکهي ان اهڃاڻ، سالم تند سڄي رهي.

نيهن سڄاڻي نين جي، جي وڃان سي وصال [ق]
عيب عاشقن جو، سبب جي سنڀال
جڏهه هوءِ ٽٽا پاڻي حال، ته ويٺي وڃ تن وسري.

جهرا ڪٺي جهڪورئا، پڻون پروڙيو جن [ق]
تون ڪينءَ اکيان تن، پورا پاسنگ پانئيون.

ڪنچو ڪنچ ڪيم ڪي، پٽڪي ڪانهي جاءِ [ق]
نٿرت سين وجاءِ، منهت ماندوءَ ماڙهئين.

منتا آئي جاڳ، نند نه ڪجي ايتري
تو جو سانيهه پانئيو، سو آهي مانجهاندي جو ماڳ

آئيئي شاهه عنات ُ چئي، متان لهين منجهون لاڳُ
سلطاني سُهاڳ، ننڍون ڪندي نه ملي(١).

سرود ڪنڀات

ڪرها! ڪوڙي ول ڪي، ڇترئا! ڇتڪ ُ مر پاءِ [١]
ڏسي ڳاڙها گلڙا، پنهنجو هنيون نه هيراءِ
پاڻ پٽلي ڪر جاءِ، پرين! پرائي پوک ڪان(٢).

آڏو ڪارو آن، ڳاهُ ٽورو ڏنهينس. [١]
تزبيت جي تل سان، رڱي راس ُ ڪرنهينس.
ٽڙا جيڪي ٽهر جا، محبت سان ملهينس.
حقيقت جي عشق جو، توبهه تنگ ڪشهينس.
رڪيب جي رمز جا، تيهن ٻه پير پائهينس.
پچاڙي پريت جي، وڪڙ ڏيئي وجهينس.
واڳون جي وحدت جون، پٺيون تون پڌرينس
ڏُنبچي دوستيءَ جي، رڱي راس ڪرينس.
جنوئي جذب جي، آره آڏي ڏنهينس.
مڪٿارو محبت جو، چُست منجهان چاڙهينس.
”قل هو الله احد الله الصمد لم يلد ولم يولد ولم
يڪن له ڪفواً احد“، اهو جوهر جڙينس.
آليانُ ادب جو، وات ڪڙيارو ڪرينس.

---

(١) روايت حاجي عمر چانڊيو. شاهه جي رسالي، سر ڏهر د - ٣، ۾ هي بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهن:

متان آئي جاڳ، ننڊر نه ڪجي ايتري
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ٿئي

ڪين سمهه ڪين جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري
اي مانجهاندي جو ماڳ، جو تو ستيه پائيو.

(٢) ميان محمد علي شاهه کان مليل روايت مطابق.

پوءِ ٻ ھَرين ھلندو ڪينڪي، تِيھن ٽوري ٿھلائينس.
جي آتائي آٿينس، ته اچي سِڏو، عِنات چئي (١).

سرود رامڪلي

جوڳي آھن جوءِ ۾، وڙا نہ ويراڳي
جندا تو جاڳي، نانڪا ڪين نھارڻا. [ق]

جوڳي آھن جوءِ ۾، پر نھاريندڙ ناھہ
جي مَتھيسي مَن ماھ، سي ٽاٽي ٽورا ڪاپڙي. [ق]

جوڳي آھن جوءِ ۾، جندا ٿي جوان
ڪاھ ته لڳيئي ڪانُ، منجھان نانگن نينھن جو. [ق]

جي سزاوار سڪڻ جا، اھان سي آھين
ويٺا وچائين، جتي سناسي سُٽين. [ق]

---

٠١ سَڳَر سناسين ڪي، ڪو جو پَتھُ پيو [ر]
اندر آديسين جتي، محبت مَچُ ٿيو
ويراڳين ويو، هُٺڻُ هَٿُ هنيين مان*.

٠٢ هٿڻ هٿ هنيين مان، ويو ويراڳين. [ر]

---

(١) عام روايتن مطابق، سنڌ توڙي بھاولپور طرف، ائين چيو وڃي ٿو ته ڀٽائي صاحب ھيٺيون بيت ميين شاھ عنات ڏانھن چوائي موڪليو، جنھن جي جواب ۾ ميين شاھ عنات اھو بيت چيو. ڪن راوين جي چوڻ موجب، ھيٺيون بيت ميين شاھ عنات يا ڪنھن ٻئي ڀٽائي صاحب ڏانھن چوائي موڪليو، جنھن جي جواب ۾ مٿيون بيت ڀٽائي صاحب چيو. اھي راوي آنھيءَ بيت جي آخري سٽ ھن طرح پڙھن ٿا ته: ”ائين ني آئيس، ته ھوءَ سُڏو شاھ لطيف چئي“: ڀٽائي صاحب طرفان بيت:

ماري ڪُنڀي مون، ھن وھٽ مين وڏا وس ڪئا
ڪاتات ميڪارينس تون، منھنجي سواريءَ سڏو نہ ڏئي.

* ھيءَ بيت ۽ ھن کان پوءِ ٻيا مڙيئي بيت، جن جي آخر ۾ 'ستارو نشان' ڏنل آھي، سي اسان کي ٻٽ شاھ تي ڀٽائي صاحب جي ھڪ فقير کان مليا. غالباً اھي بيت عنايت فقير چوڏي جا چيل آھن.

سدائين صاحب ۾، ڪاپڙي ڪنبن،
گنگا لوڀي گودڙيا، جمنا جهرمير ڪن،
آني جا، عنات چئي، ڏاڍا ٺوڪ ٻسيجن
هنگلاجان هلن، وڃن ويراڳي نڪري*.

[د] ٠٣ وڃن ويراڳي نڪري، اهي پورب پرواسي
آني جي اندر ۾، ’ڪروت‘ ۽ ’ڪاسي‘
باس نہ ڪا باسي، ويراڳين وجود جي*.

[د] ٠٤ ويراڳين وجود ۾، رهيو آهي رامُ
اصل آو، عنات چئي، ساراهيئون سُبحان
ڪاري لڳو ڪانُ، اديون! آئن آن جي*.

[د] ٠٥ اديون! آئن آن جي، ٿوري ڪانُ لڳن،
تتي ڏينهن ڏونگر ۾، ٻڌري پٽ پٽون،
نہ مڙهيون نہ ماڳ ڪيئون، نہ ڏونگر ڏسُ آئن،
او ڪاپڙي، عنات چئي، پورب ٿا ٻسجن،
ڏسيون ڏيهہ هٿن، ڪو وَڏُ ويراڳين کي*.

[د] ٠٦ ڪو وَڏُ ويراڳين کي، وڏا سيئي وَڏَ
اديسي آئي ويا، هئو جٺي ڏيندڙ ڏَڏَ
آني ڏانهن، عنات چئي، ڪاهي پڄ ڪَڏَ
هي مڙهيون هي مَڏَ، ويا لاهوتي لطف سان*.

[د] ٧ لاهوتي لطف سان، ويا سامي سيئي
ڪينَ وسارج ڪاپڙي، ٻَئي اِنَ ٻيهي
راول ريجهائيي، تي رسيلي رحمان سان*.

[د] ٠٨ ويراڳي ويراڳ تي، واڪا ڪيو وَرَن،
ڏينهن تتي ڏونگر ۾، آپراٿا اڃن،
آني جا، عنات چئي، ڇپون ٻهر ڇيڻن،
سگهر سناسين، آهي پورب پارَ جو*.

[د] ٠٩ سيئي پورب پارَ جيي، تن خبر نئي ڪَري

تڪيا تاڪي چڙهيا، ويراڳين وري
سناسين سري، هو جا مالها مَنَ جي*.
١٠ هُو جا مالها مَنَ جي، سَري سناسين [ر]
آئي جا، عنات چئي، تڪيا تاڪ وڃن
جي پورب تا پَسجن، هلو ته ڏوريون آن کي*.
١١ هلو ته ڏوريون آن کي، جي جمنا جُهارين [ر]
'نانــي' ۽ 'نارائسر'، ڪَوِيشَر ڪاهين
لوڪ ته لڪائين، سَڙن، سَلين ڪينڪي*.
١٢ سَڙن، سَلين ڪينڪي، وِهسن ويروتار [ر]
آئي ويا، عنات چئي، تَندَ وڃائي تار
سامِيڙا سَتار، ڪَجي ڪَنڪا ڪَڏئا*.
١٣ ڪَجي ڪَنڪا ڪَڏئا، .... [ر]
'ترڪ الدّنيا و اَصل العباده'، اي آئي لاءِ آئي
پَڌَن نه پيائي، هر رنگ سِپ هرنام ٿيو*.
١٤ هر رنگ سپ هرنام ٿيو، ڪُرو گودڙيا [ر]
پِڳت جي پِڳوان جا، سي سامي سودڙيا
مَلنگي مولَهوڙيا، راول رتا رام ڪان*.
١٥ راول رَتا رام ڪان، آديسي آهين [ر]
سي جوڳي جدا پاڻ کي، ويراڳي پائين
اوڪي ويل، عنات چئي، اَمن وت آهين
مالها مَلهائين، اَحَدَ عَبدَ عين ٿيا*.
١٦ اَحَدَ عَبدَ عين ٿيا، چارئي پيرت پَڙهن [ر]
پُورا هُئا پنجن سان، ڇَهِيُون نه ڇڏيو تن
ساريو سَتَ صِفاتُون، آئين منجهه اَٺِيَن
نوئين نظر ناٿ تي، ڏهين پيا ڏسجن
حسابي حساب جان، يارهن ياد ڪَن
سناسي، سيد چئي، بارهين مان پَڄجن
ايءُ ثابت سَبَق جين، آنءُ امرُ ڪهوري آن جي*.

سرود مارئي

[ر]

ٻُڌيو جهڙي مارئي، سيکهو وارو وار
ڀيڻيءَ رات ڀنور جي، سُرليون ٻڌي سنّيار
ڀَڪر ٻاٻاڻي ڏيهہَ جا، اُڀورا ڀنج ڀيار
تيهہ ميخون، تيهہ ڳن، ڇيت تيهن جو چار
ساڍيون ڇهہ ويهون ڇانگ ۾، ساڍ تيهن جو سار
تہ تهنجو ڪنُوهرُ ڪارو نہ ٿئي، ڪامل! انهيءَ ڪار
سيکهي ملنديڻ، عنات چئي، ڀيچنديڻ ڀنهوار
ٿيندو جيت قرار، جال ملنديڻ جيڏيين(١).

سرود پرڀات

[ر]

او مڱڻا مڻا، جن جي سڌ صبح سين
ڪُلهي ڀاڻي ڪينرو، وڃائي وڻا
تنين جي ڀوڻا، ڪيرت ڇاڻي ڪون ڪو(٢).

[ق]

ٻکي ڪن نہ ڀورهئو، ميرو ڪين وَلين
جان تون ڏيندڙ تَن، تان آس آساهين نہ لهي.

سرود ڌناسري

[ر]

سلطاني، ملتاني، دلبر جاني! سڻ هماري بات
ڏينهن ٿيندو هيڪڙو، ٻي مڙياڻي رات
آئي سون، عنات چئي، ڏاتر وٽان ذات
ان وٽ سندي ذات، ٻاڏي ٿيندي ٻڌري(٣).

[ق]

ٿَڪ ۾ رهج ٿڪجي، تري پاس تريج
پيرن ساڻ ڀريج، منهن ٻئي مريج تون.

---

(١) ميان امام علي شاهہ ۽ ميان بخش علي شاهہ کان مليل روايتن مطابق. (٢) ميان محمد علي شاهہ ۽ عباس علي شاهہ کان مليل روايتن مطابق. (٣) ميان محمد علي شاهہ کان ملل روايت مطابق.

ٿيءِ اوڏو، ڪوڙ گوڏو، هَٿَل هنياريَ حُبُّ [ق]
هلندا ڏونه محبُ، تن مهت ملندو ماڙهيئن.

سرود ڪاپاٽي

آٿي اور الله مان، چرخي مان چيتُ لاءِ [ر]
توکان پڇندا پُنوَّين جو، تو ڪيترا سير ڪتياءِ؟
مي سپيرَ ثابت ٿي، تُهنجا ٿي تُرندا
اڳيان سُڄي محمّد ڪارٽي، جو عالم سندو آه
اک اشهد چاءِ، تہ مسلماني مائِٽين(١).

ڪتيم مي چمار، تہ ڪا تندن مان تاجي ڪريان [ر]
آهي سڀئي ڪري ڪڍايم، ڇهہ سڀئي ڪتئي سردار
پاٺي آيتس، پاند ۾، تہ ڏه سڀئي ڪتئي ڏاتار
جهنُ وَرَ اهڙاپار، تهنُ جي ڪامڻ ڪاپوڪوه ڪري(١).

ڪتن ۽ ڪنبن، ڊڄن ڏاءِ صرافَ جي [ر]
اوسيڙو اسر جـــو، آهـــي ڪاپاتين
وره ويچارين، راتو ڏينهان نہ لهي(٢).

ڪتيئي ڪين ارٽ ڪي، اها تَندُ نہ وڃي توءِ [ر]
توکان اڳيان پوءِ، طنابي پڇندا تڪڙو(٣).

سرود مومل راڻو

ميني سَمن ڪاڪ تي، راڻن هَميرن [ر]
هُتان آيو ڪونہ ڪو، هيتان لک وَڃن
ويندي ويچارن، عذر اوڏاهين ڪونہ ڪيو(٣).

---

(١) ميان امام علي شاه ڪان مليل روايت مطابق. (٢) ميان امام علي شاه ڪان مليل روايت مطابق، هڪ ٻي نامعلوم روايت موجب هيءُ بيت ٻئاٽي صاحب ڏانهن منسوب آهي. (٣) روايت حاجي عمر چانڊيو. (٣) ميان محمد علي شاه ۽ عباس علي شاه ڪان مليل روايتن مطابق.

سرود ديسي

[ق] جو ميڙانو سڄڻين، ڏٺي سو وارهين واءُ
وَهين ۽ واٽَ مٿاءَ، هينئڙي آسرَ نہ لهي.

[ق] آسرَ لڳي سوريان، آڄُ اڳڻ ڪيڏانِ
ڏونگر ڏينهن لڳان، مان وَرُ ڪَن سُپرين.

[ر] ڏونگر جي ڏهڪاء جي، نہ هئي قافلي ڪي ڪل
مان سلامت لنگهنو، مٿان جوڙ جبل
ڪندو آري جاءِ آچل، جتي ڏکي واٽ جبل جي(۱).

ڪئي جي نہ هئي، پانهي پاروچن جي
اِن سگ مقابل سئي، سندين ٿي سئي
هئن تان لَڄ لٿيي، هن جو هلڻ هوت ڏي(۱).

سدا سُور نہ هُون، گوندر وڃن گذرنو
اوکيَ جا، عيناتُ چئي، پَهڻر ٿورائي ٿُون
چڱا ايهڙين چُون، تہ دَرُ نہ مَنجهي دوس جو(۲).

پاروچا پيا گنڍا، اهڙو ڪونہ ٿيئو
آمت ڪارڻ اڱرو، روشَنُ رب ڪئو
تينئهانُ پوءِ ٿئو، وسيلو وڏڪار پر(۳).

---

(۱) ميان محمد علي شاہ کان مليل روايت مطابق. (۲) ميان امام علي شاہ کان مليل روايت مطابق. پير صاحب محمد راشد رحہ (’روضي ڌڻي‘) جي ملفوظات ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

سدا سور نہ هون، گوندر وڃن گذرنو
اهڪايون، عاقل چئي، پرکا ڪارڻ پون
چگا انين چون، تہ در نہ منجي دوست جو.

(۳) ميان امام علي شاہ کان مليل روايت مطابق.

سرود سورٺ

[اڻق]

ميين مڱڻهار سپين، ڪا جا ڳالهہ ڳجهي
پاڻين، داڻين، راڻين، آت سوجهي ڪين نہ سُجهي
ويرڻي پيا وماس ۾، عاقل ويا اُجهي
هيڪي پيچل پُجهي، ني ڪري خبر ڪنگهار ڪي(۱).

سرود ڪاراڻيڙو

[ق]

سندا هنجڻن هڙا، مڙ مٺيڻي هُون
'ذالک الکتاب لا ريب فيه'، آيا اِيءَ هي چُون
پر اڪريُون هُون، جي پسن اِن ڪتاب کي.

[ق]

وسريون تن، ڪتابتون، ڏٺو جن ڪتاب
هُوَ الاول والآخر، آهي تن رباب
ٺٽرا سي ڪباب، اوءِ هجي ونا هوءِ ۾.

[اڻق]

گسن ۾ مَ گذار، ڪکن ۾ ڪوهُ ڦرين
وجي وحدت ويَ ۾، کهونا چڏي گهار
حقيقت هنجهن سين، طريقت توار
منجهان شرع شريعت جي، تَنُ تيڻان ني تار
مَنُ معرفت سين، آندرُ ڪٽي آجار
هدايت جي هُوءِ ۾، چٽيو تون چانگار
پاريهڙي! اِنَ پار، ڪونہ ولِيني ڪڏهين(۲).

—✻—

---

(۱) شاه جي رسالي، سر سورٺ د - ۱، ۾ هيءَ بيت هيٺينءَ پڙهڻي سان موجود آهي:
ميين ڪي سپين مڱڻي، ڪا جا ڳالهہ ڳجهي سا پاڻيهينءَ داڻيهين پانهيهين، سوجهي تان نہ سُجهي
پٺا وير وماس ۾، عاقل ويا آجهي ڪوڙين جي ڪرير ري، ويٺي مت منجهي
هيڪ پيچل ني پجهي، ني خبر هٿي ڪنگهار ڪي.

(۲) شاه جي رسالي، سر ڪاراڻل د - ۱، ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:
ڪنڌيَ ۾ ڪوه ڪرين، گسن ۾ مَ گذار وجي وحدت ويءَ ۾، اکهوتئون چڏي گهار
شريعت جو سَرُ لهي، تن تئان ني تار حقيقت هنجهن سين، طريقت توار
منجهان معرفت سين، اندر ڪٽي آجار هدايت جي هوءِ ۾، چٽو تون چانگار
تہ پاريهري اِن پار، ڪونہ ڏسين تون ڪڏهين.

مختصر سمجهاڻي ۽ اشارا

(هيٺ ڪارين چورس ڏنگين وارا عدد شاهه عنات جي بيتن (متن) جي نشان آهن ۽ سنهين چورس ڏنگين وارا عدد ٻين شاعرن جي بيتن (حاشيه) جو اهڃاڻ آهن. ن - ب)

سرود ڪلياڻ

- **تفصيل:** هن سرود ۾ جملي 12 بيت 2 وايون شاهه عنات جون، 2 بيت شاهه شريف ۽ 2 بيت شاهه بلال جا آهن.
- **مقصد:** بندي جي ازلي پاڻهپ ۽ ڌڻي تعاليٰ جي ٻي انت رحمت جو اقرار. نبي صلعم جي عظمت ۽ ساڻن سچي محبت جو اظهار.
- **خاص نڪتا:** ڌڻي تعاليٰ جي ٻي شمار رحمت واري مضمون کي [2] ۽ [9] بيت ۾ شاهه عنات. ۽ سندس نقش قدم تي شاهه شريف ۽ بلال. بالڪل نئين پيرايي ۾. ۽ نهايت دلنشين مثالن سان ورجايو آهي، جو سنڌي شاعريءَ ۾ پهريون مثال آهي. 'انهي ڪان ئي وڌيڪ. آءُ پال پلي جا پانئيان وارو مرڪزي خيال پوين شاعرن لاءِ مشعلِ راه بنيو آهي.

فصل - 1:

[1] ڏنا = ڏنا وائنا - پڌرا.

[2] سائرُ = سمنڊ - درياءُ. سائر - لهريون = پاڻي جون جملي لهريون. ريج وڻ = ريج تي اپرندڙ جملي وڻ. پکين پک = ذات پکين جا ڪنبپ. وڙين ۾ = (وڙ ج وڙيون = وڻن ۽ گاه واري سائي جوءِ - چَنِ) چنن ۾. ڪَڪَ = جملي گاهن جا قسم. پرک = پروڙ. پالَ = تورا.

[الف/2] اُڀ تارا = آسمان جا جملي تارا. پن وڻان = جملي وڻن جا پن. ڌَر اوپـَرِ = (ڌَر = ڌرتي + اوپڙ = جيڪي ڪي اُپائي) جيڪي ڪجهه زمين ۾ اُپري - جملي نباتات. ڊهه. ڊرنءَ = سفيد ڪرڪ واريءَ جا ڍڳ ۽ وڏيون ايراضيون. طُومار (ع. ڊگهو دفتر)= ڊيگهه - گهٽائي.

[ب/2] جـه = جيئن.

[3] مٺي = وٺ. ڪاند = وڏ گُردائي - حلم - بردباري. پلائي. ٻاجهه. بخشش. ڪر ڳڻ اسان سامهان = آڏو تون اسان سان ٻاجهون ڪر.

[5] گهرون گهٽ - الخ: سندن گهرون گهٽ آهن. پر تنهنجي رحمت ۾ ڪين اُميدون اجان ئي گهٽيون آهن.

[الف/5] جَـپُ = بندگي ڪر. مـچڻ = مٽان. ويسرو = بيخبر. چاڪر = نوڪر- ٻانهو. پلڻ مهينن ڪي - الخ = مهينن ۾ ڪو هڪ ڏهاڙو تون بندگي تو ڪرين (؟). سمانا = مانائتا. سکيا - آسودا.

[ب/5] ڪير جي ڪلتار - الخ = جي ڪچا ڪر ڪير، سي ڏسيو ڳوڙها ڳاڙيان.

[6] تنئان = تن ڪان. اوباهو = نجات - ڇوٽڪارو. توه = ٻاجهه. لوح = ازلي ڦرهي.

[7] پهيڙا = پانڌيڙو. هن پار ويندڙ مسافر.

[8] اڳاهون ڪئو = ڏور ڪئو. مَـگَـرُ = مچ. دوزخ. ذوق ۾ جنتن = جنتن جي ذوق ۾. محمدين - الخ = محمد صلعم جي پيروڪارن کي وڌائين. گهڻو ڪرين. يا نجات بخشين.

[9] پهرا پون پرين جا = جيڪي پريان آهن. تن جي چوڪي پئي هلي (منڪر نڪير جي، عزرائيل جي، رب جي نظر جي). واري وار = واريءَ جا ڪڻا ۽ جملي وار. سهائي سچ ستار = رب کي سچ وڻي.

وائي: صُور ڏڪاءُ ڏيندو = (ملڪ اسرافيل ڏنڊ ڦوڪيندو) محشر ٿيندو. اکيون سچ ڪيندو = سچ لهي نيزي پاند ايندو.

هيءَ وائي، شاهہ جي رسالي، سر سارنگ د -1، ۾ ڏنل آهي. پر آخري نالي واري مصرع اُن ۾ ڪانهي.

فصل - 2:

[1] الست = الست بربڪر (ڏٺي جو روحن ڪان پڇڻ ته: ڇا آءٌ اوهان جو ربُ ناهيان). سُـل = [سلڻ ("لاڙ جو محاورو") = سلڻ] ٻڌاءِ - خبر ڏي.

[2] صغير = ننڍا گناه. ڏونگر = جملي جبل ۽ جابلو ملڪ. ريج = جملي درياهن جي پيچ واري زمين. اريج = جملي باراني زمين.

يعني ننڍا ننڍا گناه ڳاڻيٽي کان ٻاهر ڪيم. يا هر جاءِ ڪيم. ڪوڙن سندا ڪارٽي = ڪوڙيـين (گهڻن) جا ڪم ڪندڙ. ڪٿهين ڪا ڪريج = ڪٿي ڪا ڳلي ڪج. سائينءَ لڱ سجـيـج - الخ = سائينءَ لڱ رحم جي نگاه ڪج.

[4] سهاين (سهائو = چمڪندڙ، روشن) سهائي وارن- روشن ضمير وارن.

وائي: موجن سين [موجو ۽ موجا "ر. موزه"] = جتيءُ سان. جت مپ نـه = جتي جاءِ ڪانهي - پهڻ پيٺي ڪانهي. پاونگ پير رپائين = رڪيب ۾ پير رکيائين. براق تي سواري ڪيائين.

سرود جمن

- **تفصيل:** هن سرود ۾ جملي 14 بيت ميين شاهہ عنات جا، 10 بيت شاهہ شريف جا، 6 بيت شاهہ بلال جا، ۽ 2 بيت شاهہ قطب جا شامل آهن.
- **مقصد:** سچي سڪ وارن کي سڄڻ جي وصال کان ڪير بہ موڙي نٿو سگهي. سچو عاشق اندر ۾ سڪ سانڍي ۽ عام سان نہ اوري، ۽ پڻ رقيبن کي نظرانداز ڪري، محبت جي واٽ وٺي منزل مقصود کي پهچي. عشق جو بيمار طبيبن جو محتاج ناهي، سندس دوا محبوب جو ديدار آهي. محبت جا متـوالا، ڪڙي ۽ قاتل جا هيراڪ آهن. متارا موڪيءَ وٽ محض شراب جي نشي خاطر ايندا هئا ۽ انهيءَ ڪري سپ جو نالو سڻندي ئي ڊپ ۾ ساه ڏنائون.
- **خاص نڪتا:** نينهن کي لڪائڻ ۽ عام سان نہ اورڻ، 'محبت جي بيمارن ۽ ويڄن' توڙي 'مو کي ۽ متارن' جي مضمون کي شاهہ عنات ۽ سندس پٽن پوٽن (شاهہ شريف، شاهہ بلال، ۽ قطب شاهہ) نهايت سهڻي نموني ۾ نباهيو آهي.

فصل - 1:

[1] اُپينا = پينا - اُپا. تن جو لک نہ لحظو لنگهئو - الخ: تن جي هڪ گهڙي بہ غفلت ۾ ضايع نہ ٿي، جيتوڻيڪ رقيبن رنڊڪ وڌي. ويروتار = تارئون تار - تمام گهڻو.

[2] اولي اور = پردي يا لک ۾ ياد ڪر. وحدت گڏئو وت = اڪيلائي اختيار ڪر. هيڪڙائي سان دل لاءِ.

[الف/2] نڪٽين = اڪيلي. ماڳهين. ٻَرو = تپ - بُخار. ميڙائو = ميلاپ - وصل.

[ب/2] توءِ = تہ پڻ. پرو = خبر. چوءِ = چئو.

[ج/2] ڊِڪ مَ = ڊڪون يا دٻيل دانهون نہ ڪر - ڪُڙڪ نہ - ڪِنجهہ نہ.

مشاهدو = ديدار. وصال. سلان = ٻڌايان.

[د/2] سينهن = شينهن. ٻهر پيو = ٻڌرو ٿيو. سنئون تني جو ڏينهن - الخ = تن جو ياڳ سٺائو.

[هہ/2] ملاحظي = ملاحظي ڪان - حجاب ڪان. چورپائي نہ چون = پڇا تي پڻ نہ ڪچن. ٻڌر هڏ نہ پُون = ڪڏهن بہ ظاهر نہ ٿين. بارُ = بردبادي.

[3] لوري = ڪان - تير. "جنهن مونکي رت رئاڙيو" : ٻي روايت (حاجي عمر چانڊيو) "جنهين رت رئاڙيو". هي بيت قديم نسخي ن ۾ موجود آهي ۽ پڻ حاجي عمر چانڊيي جي روايت موجب شاهہ عنات جو چيل آهي ۽ انهي ڪري متن ۾ رکيو ويو آهي، حالانڪ هيءُ بيت شاهہ جي رسالي، سر آسا د - 3، ۾ پڻ موجود آهي.

[4] وهٽو = لنگهٽو. گذر. سِڪَ سَيرن ڪي = (دوست ڏانهن وڃڻ وارين) واٽن لاءِ واجباءِ.

[5] اڻ چوندن = نہ چوندڙن. چوندن = چوندڙن - چوڻ وارن. پايو مُنهن مُونن ۾ - الخ = گوڏن ۾ منهن ڌري - ڪنڌ هيٺ ڪري. هيءُ بيت شاهہ جي رسالي، سر جمن د - 7، ۾ موجود آهي، پر اُن جي ٻي سٽ هن طرح ڏنل آهي: "انٿي پهر ادب سين، پر اهائي پار".

[6] ڪوهُ = ڇو. اندر جا = جيڪا تڪليف اندر ۾ آهي. ڏ ڏَن = موڳَن - اٽڇاٽن.

[الف/ 6] دوسَ = دوست.

[ب/6] دُو روغَين (ف. دروغ = ڪُوڙا) = ڪُوڙن. جر = جيئن مَ - متان. گهڙي اچن نہ گهٽ = پاٺهي اندر پيهي نہ اچن. گهٽ = لنگهہ. لڪَڻ لٽ = عادتون ڇڏ.

[ج/6] ٻَر پُڏا (ٻَرِ = ريت + پُڏا = خراب) = ڪُريتا - بدڪار. مَنَ ڪُڌا = اندر جا ڪوتا. ڪَهُ ڪَهُ جي ڪرين = جيڪي بڪ بڪ ڪن. ڪلڪل ڪن.

ٻنڊ = اهي پاڻ. ڊاڙ ڊڙين = ڊاڙ هڻن - لاف زني ڪن. دليئون ناهہ ناهين.

[7] دارون = دوا - سُتي. ڪارون = جتن - حيلا. ويڄ = طبيب. نارون = نبضون. سيڻ = سڳا (مائٽ) - عزيز. دوست. ڏکندو. = آزار - بيماري. هيءُ بيت ٻنهي قلمي نسخن ۾ ڏنل آهي ۽ انهيءَ ڪري متن ۾ رکيو ويو آهي، حالانڪ هيءُ بيت شاهہ جي رسالي. سر جمن د - 2 - ۾ پڻ موجود آهي.

[الف/7] ڪل = خبر. ڪِري = پرهيز ڪي - بيماريءَ جي رک ڪي. پيڙ = آزار - بيماري. عام روايتن ۾ هن بيت جي معنيٰ ۾ هينيون بيت مشهور آهي:

ويڇــن ويـنـي ٿـي، دوسـت پيـهـي در آئيــو،
پڳــو هــانءَ سـڄو ٿيــو، ڳــچ ڳنـڍيــا پيئــي،
پيــڙ پيــري پيئــي، اڇــڻ ســاڻ عجيبَ جــي.

[ب/7] ويڇنئون وري =ويڇن کان پوءِ وري. تڪ تري = ڦڪي، جا تريءَ تي رکي ڦڪجي. ٿپ ٿري = زخم ميڻجي.

[ج/7] عين (ع) = اکيون. ٻڇيائون = نظر سڄيائون. رَڇ = ڊوڙ. پَـهائـيـو = 1. (گهاء تي) پهو رکيو. زخم جو علاج ڪيو. 2. پاه ڏنو (اُنن کي گر کان پاه ڏيڻ) - مرهم ڏنو.

[د/7] تنهن ڪر تون چاڻي = اي دوست! تنهنجي خبر توکي ٿي آهي. جا نہ آڇجي عـام کـي = جيڪا عـام ماڻهن وٽ پڌري نہ ڪجي.

[8] ٻي روايت: "تن کي ڏکندو ڏور لڳي" يعني تن کان پيڙ پري لڳي.

فصل - 2:

[1] سکر = چڱي. پڪ = پيالي جي پچاڙيءَ وارو ڊُڪ. نانهہ = نيستي - نابودي ('هستي' جو ضد). تــڪَ = ڳيت.

[2] هيءُ بيت شاهہ جي رسالي، سرود جمن د - 4، ۾ موجود آهي، ۽ جيئن تہ هيءُ بيت شاهہ عنات جي رسالي جي قلمي نسخن ۾ ڏنل نہ آهي ۽ صرف راوين وٽان مليو آهي، انهيءَ ڪري غالباً شاهہ عنات جو چيل نہ آهي.

[الف/2] ڏيکاريو ڏيو = 1. تجلو ڏيکاريو. 2. راه روشن ڪئي. ڪيو = نشي ۾ مخمور ٿيو. پر ڪئو پيو = پري پيو.

[ب/2] وهسيا = خوش ٿيا - سرها ٿيا. بازو اُن بلال چئي - الخ = اُن جي چئني عضون (ٻہ هٿ ۽ ٻہ پير) جا ڦـٽ چڪن. 'انت اولاڪ' = (انت = چيهہ + اولاڪ = سـ..ري جو وهٽ) آخري حد کي پهچندڙ. مام جا ماهر.

[3] پروڪو = پر سال وارو - گذريل سال جو. پرو = اُهڃاڻ - اشارو. بارهي ماه = بارهين مهيني - سال کان پوءِ: ('متارا' بارهن مهينن بعد 'موکي' وٽ آيا هئا، ان واقعي ڏانهن اشارو - يعني موکي متارن کي ٻڌايو تہ اهو شراب جو اوهان بارهن مهينا اڳ پيتو، تنهن ۾ نانگ جو زهر گڏيل هو.) سَـپاٽو = سَپُ وارو. سَرو = شراب. ڳالهاءِ هونِ ڳرو = هڪل حشمت وارا مڙس هئا.

[الف/3] وَنُ وَنُ = رنگ رنگ. وِتـرو = وڌيڪ.

[ب/3] بٺي = شراب چڪائڻ جي ڪوري. شاهہ جي رسالي، سر جمن د -4، ۾ هن بيت جي آخري سٽ هن طرح ڏنل آهي: "سرها سر ڏيو، چکن سرڪ سيد چئي".

[ج/3] اُپـَٽ =کول. مَـنَڌ = شراب. وٽي ڪٽي وٽ = پيالو ڪٽي ورهاءِ.

[د/3] دو - آستو = دو. آشتو = ٻہ پيرا باه ڏنل يا چڪايل شراب. وٽـڪ = رنگ. ڪيـن - الخ: 1. ڪَـين خمار ٿيو = انهن کي نشو ٿيو. 2. ڪين خُمار ٿيو = مستن تي نشو چڙهيو.

[4] ڳري = وٽ. پرسان. هيءُ بيت امام علي شاهہ کان پهتل روايت مطابق شاهہ عنات جو آهي. شاهہ جي رسالي، سر جمن د -4، ۾ هيءُ بيت هڪ وڌيڪ سٽ سان هيٺينءَ طور موجود آهي ۽ انهيءَ ڪري خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي تہ شاهہ عنات جو ئي چيل آهي:

هٿ ڪنيو سڌ ڪري، مو ڪي ماءُ ڳري
نہ ڪنهن ماريا جنگ ۾، نہ ڪنهن سور ٻري
اوري هئا تہ آئيا، جيڪس وئا پري
هاڻ روئان ڪيئن ڪري، مادر متارن ڪي.

[5] ۽ [6] هي ٻئي بيت شاهہ جي رسالي، سر جمن د - 9، ۾ موجود آهن. ۽ جيئن تہ اهي بيت راوين وٽان مليا آهن ۽ شاهہ عنات جي رسالي جي ٻنهي قلمي نسخن ۾ موجود نہ آهن، انهي ڪري غالباً شاهہ عنات جا نہ آهن.

سرود ڪنيات

- **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات جا 35 بيت ۽ هڪ وائي، شاهہ شريف جا 10 بيت، شاهہ بلال جا 4 بيت، شاهہ قطب جا 26 بيت، رنگريز جو 1 بيت ۽ 2 بيت بنا نالي شامل آهن.
- **مقصد:** 1. سجڻ جي سونهن سچ، چنڊ ۽ تارن کان ڪثر آهي: "ڪيئن قنديلن اڳري، پيشاني پرين". 2. حق جي محبت دائم قائم آهي ۽ مجازي محبت عارضي آهي. جواني جو ڪنواٽ اڻ جهل ۽ اٿاسو آهي هو ڪوڙيون ۽ ڪڙيون وليون پسي هرکي ٿو ۽ اکن ۽ لاٽن ۾ وات جهي ٿو، پر چندن کان مُنهن موڙي ٿو ۽ ان کي ڇپاڙي چوپا ڪري ٿو. هن نٿين نيش کي نير وجهي قابو ڪرڻ ضروري آهي. 3. اي ڪرها! حقيقي محبوب جي طلب رک ۽ ان ڏانهن وک وڌاءِ. لاڪيٽي ڪنواٽ جو پنڌ پرين ڏانهن ئي آهي. اي ميا! وک وڌندي پاءِ تہ "ڍڪيءِ ملون ڍول کي".
- **خاص نڪتا:** 'اڻ جهل ڪنواٽ کي سنگهرون ۽ سيٽ، پئينڊ ۽ نير پائي سوگهو ڪرڻ' واري مضمون کي ميين شاهہ عنات توڙي سندس پٽ ۽ پوٽن (شاهہ شريف، بلال شاهہ ۽ قطب شاهہ) نهايت موثر لفظن ۽ دلپذير مثالن سان ورجايو آهي.

فصل - 1:

[1] تارا = اکين جا تارا. اوتارا = ماڳ ۽ منزلون. وَنيُون = اکيون.

[2] چوڏهن ڏائِي چوڏهيون - الخ = توٽي هي چنڊ سيني تارن سان گڏجي ڪڻ چوڏهن چوڏهيون بنائي. پُونهَ = پونم - چوڏهين جو چنڊ. پاٽ = روش - مهاندا.

[الف/2] آيِنَ = آسمانن ۾ - مڙني آسمانن جو. پونيِن = سڀني زمينن جو. اوجَلو = سهائو - روشني. جوئِي (جوئڻ > جوهڻ = نظر ڪري نهارڻ) = ڏسي. پِرٿِي = زمين. وِٿي = پوي. هوئي = ٿئي. چوئي = چوي.

[ب/2] سُهاءُ = سوجهرو. اُهاءُ = تجلو. ڪَرَ = رقيب. مُلاءُ = وٽان. سُٽيهُون = اسان ٻڌون - اسان کي ٻڌڻ ۾ اچي.

[ج/2] سَهيٽو = 1. سهائي وارو 2. سونهون 3. سڪ وارو - محبت وارو. وٽڪ = چمڪات - تجلي. سجيائون نيڻ = اکيون ڪٽي ڏنائون.

[3] سُڪائون = مجتائن.

[الف/3] اَڏِتَ! = اي سج! هيڪاندي هوئي = وصال وقت.

[ب/3] سارهُون = اسين سارينُون - ياد ڪريون.

[ج/3] پسيا = نظر آيا. ايندا سير = واٽ سان ايندا.

[د/3] چئن ڏسين = چئن ڪُندن - چئني طرفن. "سَـهسين اثارين عالمين اُن کي آهي آڳاهه" = پر محبوب کي تہ ارڙهن هزار مخلوق جي دنيائن جي خبر آهي.

[هه/3] پارهو = پاريو - پورا ڪريو. اقرار = وعدا.

[4] سانجهي ساتيرا = سانجهيءَ ويل اڀرندڙ ست تارا يعني "ڪَتَ".

[5] **ڪاند** = صبر - بردباري. تي = تيئن. ڪَـلـي = اڪيلي ويچاري. "ماٽڪ ٻاري مٽئون، جهيٽي پلڪن پاند" = 1. (انتظار ۾) ڇپرن هيٺان (پلڪن پاند) آهستي (جهيٽي) روشن ماٽڪيون (اڪيون) ڪٽي پٽي نهاري. 2. پلنگ لڳ آهستي مٽيون روشن ڪري پٽي رکي.

[6] اوٺو اُتر سپرين = سڄڻ اُتر (اتر جي ٿڌي واءُ) ڪان اولو (ڍڪ) آهي.

[6] پوڄ جهلي تو پِـڪ = تو هڪ ذرو هٽ ڪيو آهي. نهاريندي نيئر سين- الخ = 1. نيئر يعني نهيري جي پرسان بيهي نهاريندي رهي آهيان، پر تو منهنجي سڪ ذرو بہ پوري نہ ڪئي آهي. 2. اي چندبا! تان ڇا پر 'نَـيَـر' (سج) ڏانهن نهاريندي بہ منهنجي ذرو بہ سڪ نہ لٿي آهي.

[9] ڪـڙيا مٿي ڪندَ = روءِ زمين تي نڪري نروار ٿيا- حسن جي تجلي سان روانا ٿيا. جهن مورچي مَـندَ = انهيءَ ڪاراڻ جا نشان (جيڪي، اي ..ندبا! تو ۾ آهن.)

[الف/9] اٿهون ات ڊائي = ات ملڻ جو انجا... اٿئون.

[ج/9] آڏت = سج. تہ ڪر سيائي - الخ = تہ پوءِ ڇڻ سيئي ڪاڄ سَـريا.

[د/9] چوڏهين ڪندين = ستن ئي زمينين ۽ ستن ئي آسمانين (؟). چـوڏس چنـائي = چئني ڏسين تـي روشنائي.

[هه/9] تارنئون = تارن کان وڌيڪ. پلڪ = نظر جو هڪ لمحو. 2. حسن جي هڪ گهڙي. ماٽڪ ٻرن - الخ = جن جي ابرو جي ڪمان (قوس) هيٺان ڪئين ماٽڪ پيا چمڪن (= محبوب جي سهٽين اکين جي روشنائي).

[10] لوڏا مونِ = سندن لوڏ.

[الف/10] پل سوج = (پل = اونداهي + سوج = سوز = ساڙڻ) اونداهي کي روشن ڪندڙ. ٻرن آڪاسين اڪيون = محبوب جون اکيون آسمانن تـائين روشني ڪن. سندين سهائي - الخ = سندن سونهن جي تجلي اونداهي کي ڊڪي ٿي (روشن ڪري ٿي). سروڄ (= سراج) = روشن ڏٺا. ڪوچ = نظر. چوڪي. سي آڳي - الخ = سي ڏٺي دور ڪيا.

[ب/10] ڪري پاڻ پرين سين - الخ = چندبا اُپريو تہ ازخود سڄڻ سان اکيون اٽڪايائين. اپينو عرصات ۾ = آسماني خال ۾ نروار ٿي بيٺو. پوڳي گل پنور = پوئر گل ماٿي. محضر = دستاويز. فتويٰ.

[ج/10] عذبان = منو پرين (؟). پونيون = چوڏهين جا چندبا.

[11] هيءُ بيت فقط زباني روايت ذريعي مليو آهي، ۽ جيئن تہ شاهه جي رسالي، سر ڪنيات د - 1، ۾ موجود آهي، انهي ڪري غالباً شاهه عنات جو ناهي.

[12] چوڏس = چئني ڏسين - چوطرف. هي بيت نسخي ن ۾ موجود آهي ۽ سنڌ جي رسالي ۾ پڻ موجود آهي، پر ٻنهي روايتن ۾ قدري فرق آهي.

[13] سَپاڻِي = صبح جو اُيرڻ وقت واري ڳاڙهاڻ. جَلوو = تجلو. جوت = روشني.

[14] ڪَتيون = (ڪَتي ۽ ڪتيون) مشهور نکٽ 'ثريا'. ڪَپتَ = ڪَٽ ڦٽ - جهيڙو. ڳوڙهَيون = ڳتيل.

[14] اَچُرَ = (اَ = نہ + چُر = چُرندڙ = نہ چرندڙ) هڪ هنڌ قائم. سَاتيِرن سينءِ =(ساتيرا = ست تارا يعني 'ڪٽ' وارو نکٽ) ڪٽ جي نکٽ وانگر. ڪَسندو = گهندو - خصومت رکندو.

فصل - 2:

[1] چِتَ = من - دل. وِيڻ = ڳالهاءِ - سوال (يعني 'الست بربکم' وارو سوال). ڪَرهَ = اي ڪرها!

[2] وِيڙ =وڻن ۽ وَلين واري جُوءِ. ڪَئوءِ وَسُ = طاقت ورتي اٿئي - سگهارو ٿيو آهين.
ريهون = رڙيون. ڪاريندءِ = ڪرائيندءِ.

[3] ڪَسئو = ڪشيو - پنڌ ۾ پلاٽيو - پنڌ ۾ ڇڪيو يا ڪاهيو. ڪچو = ننڍو. ڪاه = ڏکھي منزل. ورچي - الخ = واٽ جي پاسن کان گاھ ڏسي، گوئرو هلڻ جي نہ ڪري. ڪامن (ڪامِ ۽ ڪامون) = لڪڻ.

[4] آٿاسو = بيپرواه - بيغرضو. تو تُوهي ۾ ٿاٿو = توکي تُوهي ۾ ہل يا زور آهي. تاڙَ = مُنهن مٿان سوگهي ٻڌل مهار. سرواڻُ = اڳواڻ (قافلي جو). مَيزلَ = منزل.

[الف/4] ناڪِي = ناڪيلي. توڏَ = 'اي توڏا!'. ڪَسِيندءِ = ڪشيندءِ - ڪاهيندءِ. ڇڏيندءِ نہ ڇِئو = ڇوهو هلڻ نہ ڏيندءِ.

[ب/4] جايون = جاءِ جا گل (گل ڦل).

[5] سوٽ = پڪي پختي وٽ سان. سيٽُ چمڙي جو رَسو. لانچهُون = ٻَڌون. سُڌَڙيڪو سيد چئي - الخ = اي ڪرها! اُتي جو ڪيٽ (ٻني) هوشيار ڏٺيءِ جو آهي (۽ نڌڙڪو ڪونهي.) ڦيٽ =جُٽ ڦٽ جو ڳالهاءِ - اوپالو. هُندَ هَن = هوندين.

[5] ڪَڙي = (زنجير سان) قابو ڪري. واڳي = واڳ وجهي. ان ميي ريٽي رٽ = انهيءِ زورآور (رٽ) اُٺ مهٽي نست ڪيا.

[6] دو دستيون دوران - الخ = (دو دستيون = ٻِيٺيون - ٻٽيون - دُورانَ = مضبوط) جنهن کي ٻيٽيون زنجيرون واڳن يا پچاڙين طور پيل آهي، ۽ ٻي سيني وٽان پڻ رُڪ جي سنگهر جڪڙيل آهي. مٿي اڪن آڪڙيَ - الخ = وَٽاڻ ۾ ٻڌو پيو آهي تہ بہ پيو اڪن لاءِ تاٿائي. سو هاڙهيو تون هٿ ڏئين = 1. اهڙي هاڙهياري تي تون هٿ ٿو رکين (ڪهل ٿو ڪرين)! 2. اهڙو هاڙهيارو ڇو نہ تون هٿن سان پاڻ ڏيئي ڇڏين!

[7] نهرا = ('پورا' جو ضد) مضبوط. پَيڏَ = پئيندي - پير واريون چموٽيون - مضبوط رسا يا زنجير. آڪڙيو اڪن تي = ڪڙن اَڪن جي پوٽن تي ڳاٽ ڪنيو. ڏي ليوئي لاهَ = ٻڌو پيو آهي تہ بہ پيو واجهائي (لئڻ = ٻڌڻ).

[الف/7] ڪُولَ (= ڪُ +وَل)= خراب ول. وَهيٺو = وَس ۾- هٿ وَسيڪ. پنهنجي ڪُرين = (ڪر = پُري - نسل) پنهنجي اصل نسل ڏانهن موڙينس.

[ب/7] هيٺو هَٿ وسيڪَ سو - الخ = جيسين هيٺو آهي تيسين هٿ وسيڪ آهي، پر جيڪڏهن ڪائي مَتو تہ پوءِ مڪر ۽ لُچائي ڪندو. سوَ سَليمي سوڳَها = گهٽا سالم وٽيل (مضبوط) ۽ سوگها. ڪرهو ڪين - الخ = (تہ من ٻئي طرف واجهائڻ بدران وٽاڻ تي بيهي) ڪي ڪجهہ چارو ڪائي. بيهارج

برجاءِ - الخ = ڪيس هڪ جاءِ بيهارج يعني تہ پنهنجي ڏوري ۾ هٽ وسيڪ ڪري بيهارج، جو اجا هن ڪي ڇهڇڻي (ميدان جي آزمائش) ۾ (پيٽ خاطر) ڪاهي وجهو.

[ج/7] سـُـوَڻ = مضبوط وٽيل . پـوءِ نيئـر ساڻ نئيـن = نيـر پيـل اٿـس تـہ بـہ اوڏهيـن لڙي پـوي ٿـو. اوباهـيوس = دعا سان ڪامياب ڪريوس.

[د/7] ڪـُڌاتـُـورو = بد بنياد - ڪـُلچٽو - بدعادتو. ڏي ساٽي تي ماٽي = (ساٽو ڪرڻ = بدلي ۾ وهڻ مٽائڻ) سوڏي تي مٽي چڙ. ايٽِي = هڪ گاهہ جو قسم - خسيس گاهہ. آٽي = لچي پچي. اُڦراٽي = ڦـُنڊي ڦوڪجي. گيردارُ = نشي واري - گهـر آڻيندڙ. وِهاٽي = زهر وارو اثر ڪري. اوڏو وانءُ مَ اُن ڪي = اُن ول جي اوڏو نہ نينس.

[هہ/7] تـَرُ ڦـري = لچي پچي. ڦـڪـِي ڦـُلـِي جنهن جي = جا ول گندي (ڦڪي ڦلي واري) آهي. ڏسج ڏيهہ ڏٽين جو =1. ملڪ جي مالڪن جي هن تکي تاب کي ڏسج 2. ڏسجانءِ! هي ضلعو يا ملڪ زوراور مالڪن جو آهي.

[و/7] رَهہ - واٽ = منزل وارو پنڌ. چِـلو (= ف. چلـہ) ستن، ڏهن يا چاليهن ڏينهن جي پرهيز - عبادت يـا رياضت ۾ پرهيز - رڪُ. قرادين = پورن انجامن تي.

[8] چندن جا چوپا ڪري = چندن کي بـہ آڏو گـابرو چـباڙي چوپا ڪـري ڇڏي. سـَـرڪنڊ = چنـدن - صنـدل. لڳارَ = پاڙ - چـڪ.

[الف/8] سر ڪنڊئون - الخ = چندن کي ڇڏي اڪ ڦر ڪاٽي. ان ايـڏي سين ڀر - الخ = ايڏي زوراوري سان مـگ ٿيو وينو آهي- اهڙا هاجا ڪيو تہ بہ آڪڙيو وينو آهي.

[ب/8] جباتُ = عمدي مشڪ. آڪڙ وڻ = اڪن جا وڻ. ناگيل وَلِ = خوشبوءِ دار ناگر وَلِ.

[ج/8] لنگهڻ = بـُـکَ - فاقو. ڪاءِ = ڪاٽي. جتاءِ =جتائي - خبردار ڪري - چتائي.

[9] چالَ = شال. موڏ = موڏو - اٺ. چاريين = آءٌ توکي چاريان. توڏ = 'اي توڏا!'. تـَرسهـُـون = ترسون - انتظار ڪريون. تان نہ ترسهون تن کي = تـن لاءِ نـہ ترسون (يعني اهڙو تکو هل جو انهـن کـان اڳ لنگهي هلي پهچون).

[9] پائيين = آءٌ توکي پايان. وجهيين = توکي وجهان. تـُرنگ = رنگين تارون - مهارن جا ڏاڳا. چاريين = آءٌ توکي چاريان. سارُون =(سارَ ۽ سارون) سنڀالون - يادگيريون. ڪـارُون = منٿـون - دانهـون. هوندي رات = اجا باقي هجي. مڙهون = مڙهون - گڏجون.

[10] ڪـَرهُ = اُٺُ - ڪرهو. ڀـهاڻُ = هن سالن جو يعني ہہ - سالو ڪنواٽ).

[11] ڪـَـہُ = گهٽو پنڌ - وڏي منزل. هاوانَ = هاواٽا - افواهہ - هـَلَ _ ڊپ ۽ خوف جا). اَهـَڪـِي = اوکي - ڏکي.

فصل - 3:

[1] بٺ = بي اثر - نود، اندر سڙيل - ڪلچٽو. هورين = آهستي. رُٺَ = رُٺل - ڪاوڙيل. وڏ وٽي = رٺي - ڪاوڙئي.

[الف/2] هيڪاندو ٿيين = هلي گڏجين. ڪاڻ = گهٽتائي - اوڻائي. پهچائجاهون = اسان کي پهچائج. رات هي = اڃان رات ٿي هجي (يعني رات وهامي نہ).

[ب/2] جوٽُ = جوڙ - تو جهڙا (پنڌ ۾). خاطر (ع) = دل ڪوٽُ = دغا - بيائي. اپوٽُ = ڪچو - اڻ ڪاهيل. ڪجائين = ٿڪائين. ڪٽ گام = ڏکي هلڻي.

[3] چرهو = چارو. سرهو = تازو خوشبوءِ وارو. سڦرو = صاف. مانو مَر وهين = شال آهستي نہ هلين. ڪرها ڪر سنداءَ - الخ =اي ميا! تون (اُنن جي) انهيءَ ٻڻ جو آهين جو پلاٽيا تہ منزل رسيا.

[4] ڪوڙيون ڏيئي چوڙ = ڳرو ملهہ ڏيئي خريد ڪر ۽ چوڙي اُن جي مهار وٺ.
سٽ = سٽاءُ - سودي جي رٽ. پرين مٽي = سڄڻن ڏانهن.

[5] نيٽ = چر جا سيٽ (مضبوط رسا).

[الف/5] سونهي آيو = جاچي آيو. جايون = جاءِ جا گل.

[ب/5] چارُ = چرڻ. اُلڪار = (ترڪي. الغار. ايلغار) موج واري ڪاهہَ.

[6] وهين = وهہ واريون ڪڙيون قاتل وليون.

[الف/6] ڏيين =آءُ توکي ڏيان. آهُرَ = (ف. آخور = مال جي ڪاڏي لاءِ ڪُونر) وقت جو چارو يا ڪاڏو. ڪر ڦلن جي = لوُنگن جي. پلاٽي = ننڍو پلاڻُ. وهاٽي = وهاٽيءَ رات. گڏجهُون = گڏجون.

[7] ڊسا پايو ڊاک = ڊاک جو جهجهو چارو آهري ۾ آڻيو پايان. موتن ڳتو مهرو = موتين سان جڙيل منهن جي مٿان بيهندڙ چارو. لنڪڻ لوڏيين لاک = گور بند جي هيٺان لاک رتا لنڪٽا لوڏئين. ٻر = رڻ ۾. ڊڪي = پرهہ ڦٽيءَ جو سوير. سلهون = ملون.

[8] تيزيين = تيز وهڻ تي. ونڪا = بانڪا - بهادر. سرتا آپ سجان = هڪجيڏا ۽ پاڻ سمجهدار. گهوري تن وجهان = 1. آءُ پاڻ کي مٿانئن گهوري وجهان 2. "گهوري تن وجان" (؟) = آءُ پاڻ مٿانئن گهوريان.

[9] سوار سرتا = هڪجيڏا هسوار. چوڏس رين = چوڏهينءُ جي رات. اڻ ڪاهيا ڪيڪان = جڙا جوان گهوڙا. اچن اوءِ - الخ = هو اهڙو تڪا اچن جهڙي چڻ چڙهيل ڪمان مان تير ڇٽو. ڪامل ڪنت = سيني وصفين سهٽا ڪانڌ. پيچ پنيءُ = پرهہ ڦٽيءُ.

[الف/9] ڏر = ڏرتي - ميدان. اصح عراقي = نج عراقي نسل جا. جوپ = نوجوان - مضبوط. گهلون چت ڪيون = آڏو دشمنن جون فوجون چتايون (يعني انهن ڏي رُخ رکيو). لڳا ٻيرن ٻاڻ = ٻن پرن (يا پکن) وارا تير لڳا. ڪر ڪجائي آئيا = رقيبن کي چڪچور ڪري آيا.

[ب/9] تهہ ترڪين تيز ڪري = ترڪي تلوارن جي ڦرن (blades) کي تکو ڪري. پلاٽين پهہ ڪئو = پڪو ارادو ڪري (اڪ چنپ ۾) قلعي جي ديوارين تي چڙهائي ڪن ٿا.

[10] پائي = ساٿي. هاهر = هونگر.

[10] پونهيءُ ماه = چوڏهينءُ ماه - چوڏهين جي رات.

سرود سر راڳ

● **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات جا 18 بيت ۽ هڪ وائي، شاهہ شريف جا 3 بيت، شاهہ بلال جا 3 بيت، ۽ شاهہ قطب جا 3 بيت، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. جيڪي سمنڊ سوجهيندڙ هڪ الله کي مڃي، نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي سنياري، سفر تي نڪتا، سي منزل مقصود کي رسيا. اي سامونڊي وڻجارا! توڪل جي ٻيڙي تيار ڪري، ان ۾ ادب ۽ اخلاص جو وکر وجهہ تہ پار پهچين. پراڻي ٻيڙي ڇڏي نئين ڪا تيار ڪر ۽ ان ۾ عمدو وکر وجهہ ۽ اڳتي جو اڌو نہ ڪر: آڏو ڪوبہ اهڪ ڪونهي. سچن واپارين، سچا وکر وهايا. اي ڏٺي، تن جون ٻيڙيون پنهنجي ٻاجهہ سان سلامت رکين. هو 'آوي' (جتان انسان اچي ٿو) کان آيا آهن، ۽ هت وڻج وهائي 'جاوي' (جيڏانهن انسان موٽي وڃي ٿو) روانا ٿيندا. 2. جنهن ويچاريءَ جو ور وڻج خاطر ڏوراهين ڏيهہ ويو آهي، سا سندس سلامت موٽڻ لاءِ فالون پائي ٿي، مڃتائون مڃي ٿي ۽ دعائون گهري ٿي، بندر تي اچي واجهائي ٿي ۽ خيرون پڇي ٿي. ڪيس واڌايون ملن ٿيون تہ سندس ور ورڻ وارو آهي. اهڙيون وريتيون ورن جي ورڻ جي خوشيءَ ۾ پاڻ سينگارين ٿيون ۽ گهر سنوارين ٿيون. جن جي جهازن تي ڌڻيءَ جي نگاهہ آهي، تن کي ڪو لوڏو ڪونهي. سهاڳڻين جا نيڪ ور خير جو سفر پورو ڪري سلامت وطن وريا آهن ۽ سندن سچائيءَ سببان مڻائڻ ملڪ ڌڻين بندر جا محصول معاف ڪري ڇڏيا آهن.

● **خاص نڪتا:** شاهہ عنات سامونڊي سوداگرن کي معنوي طور هڪ تہ انهن نيڪ ٻندن سان تشبيهہ ڏني آهي، جي سچي سڪ مان حج تي وڃن ٿا، ۽ ٻيو وري هن جهان ۾ آيل انسان سان ڀيٽيو آهي، جنهن کي هت وکر وهائي وڻج خاطر ٻئي ڏيهہ (ٻئي جهان) ڏانهن وڃڻو آهي. شاهہ عنات کان اڳ جي شاعرن وٽ اهي مضمون ۽ معنوي نڪتا ناپيد آهن. هن وريتين جي پنهنجي ورن لاءِ سڪ کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي، ۽ سيلون (پرلڪان) کان پريان جاوي تائين ويندڙ سنڌ جي سوداگرن جو اُهڃاڻ ڏنو آهي. انهن ساڳين مضمونن کي سندس پٽ ۽ پوٽن (شاهہ شريف، بلال شاهہ ۽ قطب شاهہ) پڻ سهڻي پيرايي ۽ تفصيل سان نباهيو آهي.

فصل - 1:

[1] ڏونہ = ڏانهن. جنبڻا = ڏوڪي هليا. سنپاريائون = ياد ڪيائون. تيلاهن = تڏهن. ستڙ = سنئين تڙ.

[2] قيمت پري ڪرءِ = 1. ڪو ٻيڙو قيمتي وکر سان پري 2. ڪو جهاز قيمت ڏيئي ياڙي ڪري. اُهاريين = هاڪاريين (ٻيڙو، غوراب). جس = ناموس.

[2] ساز = ساز سامان. مڪرو = ٻيڙو. باز = 1. بازي ڪاڻڻ - اُٿلي پوڻ 2. موٽ. معلم = معلوم. پوءِ = پوي. جدئان = جدي مان (يعني تہ مڪي ۽ مديني شريف پهچڻ کان اڳ). جس پرائيين = فائدو حاصل ڪرين.

[3] توهہ = توڪل. طراز = (ع. طراد) ٻيڙي. مٽان ڪي من لوڏئين - الخ = ٻين جا وڏا ٻيڙا ڏسي دل نہ لوڏجان. عدنئان = عدن مان. حاج = گهرج - ضرورت. جہ = جيڪڏهن. ناڪُون = ناڪئو. جہ

ناڪون ٿيو نواز - الخ = جيڪڏهن ناڪئي تي نوازش ٿي يا جيڪڏهن ناڪئي نوازش ڪئي تہ مڙيئي شيون هڪ اگهہ ۾ وينديون، يا جيڪي بين کي ملندو سو توکي پڻ ملندو.

[5] پچاڙي = لوڏي - چولي. سُڪاڻي = سکاڻ وارا - ناڪئا!

[6] قرنقل = لونگ. پارچا = ريشمي ڪپڙا. اگر = عود جي خوشبودار ڪاٺي. پتي = پراڻي. پاڙ مَ = پاڙي تي نہ ڪر. سائر سچي سير = سمنڊ جي تک سجهي پئي. اُهک = اهنج - مشڪلات. جر جو ڪاري نير = پاڻي ۾ جوکو يا ڏپ ڪونهي.

[7] ڇهو = تکو واءُ جو برسات وقت لڳي - سمنڊ جي تک.

[8] آوي = اهو ماڳ جتان انسان هن فاني دنيا ۾ اچي ٿو. جٽان = جتان. جه سو وڻج ٿيون = 1. سندن سودو سهڻو ٿيو 2. جيئن ٿي سندن سودو پورو ٿيو. جاوي = 1. اهو ماڳ جيڏانهن انسان هن دنيا مان موٽي ٿو 2. جاوي جو ملڪ.

فصل - 2:

[1] تواري = سڏي - اوساري. اُپي مڳي اوسهيون = فالون پائي ۽ واڌائي گهري. ڳالهاري = ڳالهائي.

[1] گهر سوريا (مصدر. سورڻ) گهرن کي بهاري ڏني. جر پوڇيا = پاڻيءَ ۾ آکا وڌا. کيانتا = خوشيءَ جي خبر آڻيندڙ ڪانگ!

[2] التي سچ = سچ لٿي مهل. جر تڙ = سمنڊ يا درياءَ جي تڙ تي. ڏئا ٻوهيان (مصدر. ٻوهڻو) = ڳوهيل اٽي مان ڏيا ٺاهي، اکن سان گڏ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيان (پيٽائون ڏيان تہ مان اچن).

[3] جر جهاريان = 1. پاڻيءَ جي شيوا ڪريان. 2. پاڻيءَ هٿان پيغام موڪليان. خضر پير = درياءَ جو بادشاه. ولاتن = ڏورانهن ڏيهن. جڳ = زمانا. ڳرهيان = اوريان.

[4] وڃينءَ جي ويهي - الخ = جل پوڄا جي هڪ رسم (سچ لٿي مهل تالهيءَ ۾ اٽي جا ڏئا ٻاري، اکن سميت، پوتيءَ جي پلوءُ سان ڍڪي پاڻيءَ حوالي ڪرڻ). اوسهہ اتي پيئي = فال جي واڌائي ائين ملي. سنگيا نہ سيئي = انهن تي سنگ يا محصول نہ پيو - انهن تي ڏن نہ لڳو. ڪنڍ ڪيڙائو = ڏيهہ ڏوريندڙ.

[الف/4] کين = خوشي ۽ صحت جي واڌائي. ماڻ = تازگي - سرهائي. سونگي = سنگ وٺندڙ - ڏن وٺندڙ. پاڻيٽ = موتي. ڳني = ڳنهي - وٺي.

[ب/4] عميق = اونهو. سنگئو = محصول پريندڙ - ڏن ڏريندڙ.

[5] ڪتندي = ڪتيندي (سٽ). ڪال = ڪالهہ. چڙي ارٽ مال = چرکي جي تند کلي پئي (سٽائو سوڻ ٿيو.)

[الف/5] وڻهرئا = ساوا وڻ. سنپاريم = سوريم - ياد ڪيم (مجتا خاطر). پرٿا = مون پيٽيا (انهن تي سلام پريم).

[ب/5] بادوان = (ف. بادبان) سڙهہ. مهرو = ٻيڙيءَ جي اڳيل واري تخت تي ڪتل منو. تاڻ = چڪ - سڪ. ڪل = دوربيني. چولٽي = 1. ٻيڙي ۾ پنهنجي ور جي لوڏ 2. پنهنجي ٻيڙي جي لوڏ.

[6] سڪاڻي = سڪاڻ وارو - ملاح - ناڪئو. اوڙکي = ڏسي معلوم ڪري.

[7] پر لڪان = لنڪا (سيلون) جي پريان.

[8] لاڳو = سُنگ - محصول.

[8] ڪارو = سمنڊ. ڪيڙيائون = جهاڳي پورو ڪيائون. مـِني = منـو پاڻي يعني درياءُ. ڪارو ڪيڙيائون - الخ = سمنڊ جهاڳي پورو ڪيائون ۽ هاٿي سندن ٻيڙيون اچي مني درياءُ ۾ گهڙيون. ڊوياٰئون = 1. نظر رکيائون. 2. پهچڻ جو پهہ ڪيائون.

[9] قـَندُ = قصر قند(مڪران ۽ ايران جي سرحد تي هڪ تاريخي شهر). جونڪـِي ٿـئا = 1. ذوقي ٿـيا = خوش ٿيا. ڏاني = ڏن پريندڙ (ڏيهہ).

[10] ڪيائون تاڪيد ترازئين = ٻيڙين کي تکو ڪاهيائون. هـُر مچ = هرمز جو بندر ۽ شهر (ايران جي ڪناري تي).

سرود رامڪلي

- **تفصيل:** هن سرود ۾ جملي 22 بيت ميين شاهہ عنات جا، 2 بيت شاهہ شريف جا، 3 بيت شاهہ بلال جا، 10 بيت شاهہ قطب جا ۽ 1 بيت يوسف جو، شامل آهن.
- **مقصد:** 1. سچن فقيرن جو فاني دنيا سان لاڳاپو ٽٽل آهي. هو حق جي ڳولا ۾ هر جاءِ ڦرن ٿا ۽ سيءُ سياري تن کي تسيا ڏيئي بندگيءَ ۾ مشغول رهن ٿا. طمع کي ترڪ ڪري هنن هڪ ڌڻيءَ سان لنو لاتي آهي. اهڙن درويشن کان شل دم به جدائي نہ ٿئي 2. توڪي بہ جي سچو فقير ٿيڻو آهي تہ سچو جوڳ ڪماءِ. ريا ڇڏ، توڪل ڪر ۽ پنهنجو پاڻ سڄاڻ.
- **خاص نڪتا:** شاهہ عنات پهريون شاعر آهي، جنهن جوڳين، ڪاپڙين، آديسين، سامين ۽ سناسين کي تفصيل سان ڳايو آهي. 'سيتپري' ۽ 'مهيسري' فرقن جا پهريون دفعو اهڃاڻ ڏنا اٿس. سندن تيرٿن ۽ تڪين مان ڪرناٽڪ، ملبار (ملي واڙ)، ڪوڪن، جڳن ناٿ (جڳنات)، رنگاماٽي، 'مهر پـُري' ۽ هنگلاج جو ذڪر ڪيو اٿس، ۽ گورکنات ۽ ويرنات جهڙن ماهہ جوڳين جا نالا ڪنيا اٿس.

فصل - 1:

[1] سيتپري راميسري جن ڏنو ڪرناٽڪ = ڪرناٽڪ (ڏکڻ هندوستان واري طرف) جي لحاظ سان 1. سيتپري = سيتپور يا سڌپور جا فقير ۽ 2. راميسري = 'جتنگ راميشور' جا فقير. سڌپور (Siddhapur) ۽ جتنگ راميشور (Jatinga Rameswara) ٻئي ميسور جي ضلعي 'چتل درگ' (Chitaldrug) ۾ قديم آستان آهن ۽ انهن ٻنهي جاين تي راجا اشوڪ طرفان ٻڌ ڌرم جا متا اُڪريل آهن، جي اڃا تائين موجود آهن.

[2] جڳنات = جڳن ناٿ مندر، جو اوڀر بنگال (هندوستان) جي پـُري شهر ۾ آهي. رنگاماٽي = يعني رنگامتي جو هن وقت اوڀر پاڪستان ۾ چٽاگانگ جي جابلو اراضي جو مرڪزي شهر آهي، پر اڳوڻو رنگامتي، مرشد آباد ضلعي ۾ هو، جتي ٻڌ جي مندرن جا آثار موجود آهن. چيني سياح 'شوان سانگ' (Huen Tsang) پڻ ان جو ذڪر ڪيو آهي. ڪوڪن = ڏکڻ هندوستان جو هڪ پرڳڻو. ملي وار = ملبار (ڏکڻ هندوستان جو ساحلي پرڳڻو) ڪيڙائو ڪندن = ڏيهہ ڏوريندڙ.

[3] پون = (اتر جو ٿڌو) واءُ. پوارا ڪري = سختيءَ سان چوٽ لڳي. سمرٽيون = مالهائون - تسبيحون. وٿ = وٿي. الک = بي مثال مولي - ڌڻي.

[3] پورو تائين پوءِ = ذري جيترو به. لوءِ = وصال وارو اصل ماڳ.

[4] اتر مُٺ = اتر جي ٿڌي هوا لڳڻ. وهسن = خوش ٿين. ولهه = سخت سيءُ. لانگوٽ بند = لانگوٽ ٻڌندڙ فقير. پون ڏين نه پٺ = اتر جي واءُ کي پٺي ڪانه ڏين (پر جوڳ ۾ سامهان ٿي ويهن.)

[5] پٽ = ڪستا. گهرا = گهرن مان. مَهيسِري = فقيرن جو هڪ گروه (مهيشوري؟). اُپِيَن = ٻيهن. دور درا = درن ڪان پري. شهرت = پنهنجي مشهوري - ناموس. ورا = 1. چنتا = ڳڻتي 2. پُري = پُٽ (مٽ مائٽ). لنءِ جي سُڃي لِڪَ ڙي = ذرو به محبت جو ڪٿي سڄهين. تن ڳرا = تن وٽان. يا ايهاالذين - الخ= اي ايمان وارا مومنو! ڏٺي ڏانهن ڏيان رکو - بالڪل سچو ڏيان. ڏٺائون = چونڊيائون - پوري طرح قبول ڪيائون. هيءُ بيت شاهه جي رسالي، سر رامڪلي د - 6، ۾ فقط هيٺين ٽن سٽن سان ڏنل آهي:

پنن ڪين پٽ ڪٽي، گهرن ڪين گهرا
مهيسي مخلوق جي اپين دور درا
پڇن توءِ شرا، جي اندر عدالت ان جي.

[6] ولهون = سخت سيءُ. تپيسر = تپسيا ڪندڙ - جوڳ ڪمائيندڙ. ملا = وٽان.

[الف/6] نڪي لوچن لوءِ = واهڻ نه ووڙين - ڳوٺ نه ڳولين.

[ب/6] بري بات - الخ = بڇڙي ڳالهه کي شينهن مثل سمجهن (ع ان کان ڊڄن).

[7] سرڳ =سرخ - ڳاڙهي مچ وارا.

[7] راهه رفيق جي = گروءُ جو گس. ڪارون ڪريان = آزيون ڪريان.

[8] تڪين سين توڙا - الخ = جوڳين کي تڪين (هڪ هنڌ ماڳ مڪان بنائي ويهڻ) سان پوئي ڪانه.

[9] ڪونرن جينءَ = گلن جيئن.

[10] لک نه آهي لب. = ذري جيتري به طمع ڪانهي.

[10] وهه = پور - اوسيڙو.

[11] اوڳا ليکي عام جي = عام جي ليکي ته هي ڇريا يا بي خبر آهن. ڇانپي- مهٽي مکي . چيڙ = چيڙهه (سٽپ ع مٽي). ڪٺائون ڳرئين ڳاڙها وار = وارن جون وٽيل ڇڳون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائون (دز ع دونهين سبيان).

[12] جوڳي جاڳي لو = جوڳين رات جو جاڳي وسندڙ بستي يا ڳوٺ (لوءِ) کي ڇڏيو.

[13] ترڪ ما شغلاه = دنيا جا ڌنڌا ترڪ ڪيائون. ڪمر بسا = سندرا ٻڌل. با همت فقير. ويڇوٽي = وڇوڙو.

[13] لانگ بند = لانگوٽي ٻڌل. روئي = ڪپاهه. ڪستين بستين ڪمرين = چيلهن کي ثابوتي سندرا ٻڌل. جال = جهجهيون - گهڻيون. سڳن = سولو سوڻ. ڏڙڪ = رليون - گودڙيون. حبان رتائون حال = سڪ سان پنهنجو نينهن اجاريائون. سال = ثابت.

فصل - 2:

[1] ’مهر پُري‘ = ٻاجهه جي مڙهي - ڪنهن تڪيي جو نالو. ’وير نات‘ = وڏي مهاگروءُ جو نالو.

[1] نهاري هون = اسان کي ڏيکاري. ڏي هون = اسان کي ڏئي.

[2] اوڳ = سَماءِ - سانڌ.

[3] پريتڙو = محبوب.
[الف/3] وڻ تون وير وهين = 'وير ناٿ' گرو وٽ پهچين.
[ج/3] دلق = فقيراڻو وڳو. لائج ڪير لباس = ڏيکاءُ جو لباس نہ ڪج. ٻاهريون ڪوڙو ڏيک نہ ڪج.
[4] گورک = مهاڳرو 'گورک ناٿ'.
[5] شاهہ جي رسالي، سر رامڪلي د - 9 ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

ناٿ جتهين ننڊ، تت نهارئو جوڳيين ڪي ڪُويساها ڪاپڙي، پُرئا مٽيين پنڊ
هو هن هي هنڊ، تي هونهين ويا هنگلاج ڏي.

شاهہ عنات جي هن بيت جي جواب ۾ غالباً هيٺيون بيت شاهہ عبداللطيف چيو، جو رسالي ۾ مٿئين بيت کان پوءِ لاڳيتو ڏنل آهي:

ناٿ جتهين ننڊ، تت پڻ نهارئو جوڳين سي سويساها ڪاپڙي، پُرئا پرانهين پنڊ
هوءِ هن هين هنڊ، هُن هنگلاچان هٿ ڪئو (رامڪلي د - 9)

هن بيت کي پيٽيو (6) سان.

[6] نجهرو = تڪيو. مڙهي - ماڳ. جُهار = بندگي. مٿئائون = ڏورايائون.
[7] مرڻ آمنا جن = جن مرڻ قبول ڪيو آهي.
[7] جاڙ = جٿ. اُهاڙ = پيرو - گس.
[8] آڪرا = تيار. گهور = نگاه - نظر. ودي = 1. ڏوري. 2. دنيا جا لاڳاپا لاهي.
[الف/8] هوءِ = هونگار.
[ب/8] ذر = ذرتي. الک = بي م... ڏٺي. انهي ڪمال = اهڙيءَ ڪماليت ساڻ.

سرود مارئي

- **تفصيل:** هن سرود ۾ جملي 56 بيت ۽ 3 وايون مين شاهہ عنات جون، 9 بيت شاهہ شريف جا، 2 بيت شاهہ بلال جا، 25 بيت شاهہ قطب جا، 2 بيت يوسف جا ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.
- **مقصد:** 1. مارئي عمرڪوٽ ۾ بند آهي ۽ چاهي ٿي تہ ڪو قاصد هجي، جو اباڻي پار وڃي. سندس حال جون ڳالهيون ٻڌائي. هو پنهنجي وطن ۽ ويڙهيچن کي ساري ٿي ۽ سندن ماڳ ۽ تڙ، مال ۽ ڦر، ۽ ڏٺ تي سندن غاريبي گذر کي سنڀاريندي انهن جا اُهڃاڻ ڏئي ٿي. 2. وري وطن جي وس ياد ڪري ٿي ۽ پلر جي پالوٽ ۽ گاهن جي گلزاري جا اُهڃاڻ ڏئي ٿي ۽ عمر کي ٻاڌائي تہ هيءَ حڪومت ۽ عيش واري حياتي توکي هميشہ نيبهہ نہ ٿيندي، انهيءَ ڪري عادل ٿي ۽ مونکي آزاد ڪر. 3. عمر راضي ٿي مارئي کي آزاد ڪري ٿو، "عمر اُماڻي، آيو سام سيد چئي،" ۽ مارئي پنهنجي وطن وري پنهنجو گهر سنواري ٿي ۽ خوشيءَ جا ڏينهن گذاري ٿي.
- **خاص نڪتا:** مين شاهہ عنات صوفياني رنگ ۾ حقيقي تمثيلن جي بدران، سنئون سڌو مارئي کي ڳايو آهي، جا عمرڪوٽ ۾ بند آهي ۽ پنهنجو وطن ساري ٿي. آخرڪار عمر کيس سام طور سلامت وطن ڏانهن موڪلي ٿو، جتي وڃي هو خُوش گذاري ٿي. هيو تہ مين شاهہ عنات پهريون شاعر

آهي، جنهن مارن جي زندگي ۽ ٿر ۾ سندن ماڳن ۽ ترن ۽ گاهن گلزارين کي نهايت ئي تفصيل سان بيان ڪيو آهي ۽ سندس ڏنل ڪي ٽاٽا ۽ اُهڃاڻ هن وقت تائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سندس پٽ ۽ پوٽن (شاهہ شريف، شاهہ بلال ۽ شاهہ قطب) پڻ سندس پيروي ڪندي، مارن جي رهڻي ڪهڻي کي نهايت ئي تفصيل سان ورجايو آهي. ٿيون تہ ميون شاهہ عنات پهريون ۽ هن وقت تائين اڪيلو شاعر آهي، جنهن مارئيءَ جي سونهن جي تعريف ۾ سچا سارا چار بيت نهايت موثر انداز ۾ چيا آهن، ”ڪوٽي ٻانهون ڏي، لوڪان ليکي وڃڙي.“

فصل - 1:

[1] ڏہ = ڏيهہ. اپي ڏي = بيٺي ڏئي. پائر = پائر ڏانهن - پائر ۾ (پائر يا پاور، ننگر پارڪر جي پريان ڏکڻ اوڀر طرفان هڪ آباد اراضي). آن پڻ تنهين کي - الخ = آءٌ ان قاصد جي منٽي ۽ دز اکين سان ڀهاريان.

[2] ڪانونبا = ٿر جو ڏٿ ميوو (ڪانونبن جي ول، جنهن ۾ ٻير جيڏا ڪنمنڙا، ڳاڙها ڪانونبا). انو ڀهر = انئي ڀهر. واڇوٽو = هڪ ڏٿ واري گاه جو نالو. وهاڄ = جيڪي ڪي ميڙي وهائين - وهاٽيءَ جي توڻ - وهائي جو قوت. آواڄ = آواز.

[3] گانجرو = ڪوهہ جي وَرَت (ڍگهو رسو) جي چوٽيءَ ۾ ٻڌل ڪاٺي، جنهن ڪي اره جي زور سان ڇڪين. ڪڙين = ڇڪين. تاسياريون = اجايل (ڳايون، ٻڪريون وغيره). ساڳِين = ولر ولر ڪيو واري سان ٻيارين. تيڻ = 1. ڪوه مان پاٽي ڪڍڻ جو ڪوس ۽ ورت 2. ڪوه مان پاٽي ڪڍڻ جو وارو. تاٽين = ڇڪين.

[4] رٻاري = قاصد. انئي جو اوني = اٺ وارو جنهن مينهن جي وس جي خبر آندي. تليون = ڀٽن جي وچ ۾ ڏهرن واريون ترايون. سٹوني = آباد ۽ سائي. ڪانا = بند.

[7] هن بيت ۾ مختلف ترن ۽ ڳوٺن جا نالا ڪنيل آهن، جي مهراٽي، ٿر ۽ ڪپري طرف آهن. انهن مان ڪن جا اُهڃاڻ هي آهن: موڪل ڊہ = ننگر پارڪر طرف، پسايو = پساين جو ڳوٺ، جو ويڙهي جهپ لڳ تعلقي ڏيپلي ۾ آهي، ميرِ جهپ = غالباً 'ويڙهي جهپ' جو تعلقي ڏيپلي ۾ آهي، راڇاري = 'راڇهاري' جا عمرڪوٽ تعلقي ۾ مُهراٽي واري اراضي ۾ نُهٽي لڳ آهي، رتٺون = غالباً 'رتنهاري' جو 'ڀالوا' جي اوڀر طرف آهي. ڪُوڻ = ڪُنڊ (پنهنجي ڏيهہ واري ڏس).

[7] ساڏوهيون = چارين (ڪبڙين) جو هڪ قسم. سوياٹون = لامون ڪپياٹون. ڪرڙ اڏياٹون = ڏاس جي ڪرڙين جا گهر ٺاهياٹون. چڙهي رهيا چوٽئين = ڀٽن جي چوٽين تي ويٺا. مڪ = ڪچا ٻيرون، ڪوڪڙ = سڪل ٻيرون.

[8] اڳاٽي ڏاڪڙين = وڏين تڪليفن سان. جميان = 1. زمين اندران (اونهن کوهن مان) 2. زور سان ڇڪي. سانيڪا = سٺ پرهہ اونها ڪوه. سنجن = کوهن تي ورت وارين.

[8] تيڻ تيلياٹون = ڪوس ۽ ورت کي تيل مکياٹون. ڪوهہ ڏلهياٹون = ننڍڙا ڪوهر. تن کي مٿان ڪانيون ڏيئي مٽيءَ سان ڍڪياٹون (جي وري ٻيءَ مند ۾ اڃي کوليندا. سانگي ماٺهو گاه سانگي اڃي ڪنهن جوءِ ۾ رهن ۽ ڪوهر کٹن، جڏهن اتان لڏين تڏهن اهي ڪوهر ڏلهي ڇڏين). گوسي = کوهن مان پاٽي ڪڍڻ وارا - وارو وارينڊڙ - وارو ڪڍائيندڙ.

[9] هن بيت ۾ وس جا گاهه ڳڻيل آهن. ڪــهہ = هڪ قسم جو سنهون گاهه. جنهن تي مال کير ڪري. ڪُورِي = ريشم جهڙي نرم قسم جو گاهه. ڏهہ مڪٽي = ڏهن (ڏها = هيٺاهين زمين) جي پرسان چاول مڪٽي گاهه. ڀيريو = وريو - ڦريو. هُلرو = ويڪرن پنن وارو مليرڙو (جنهن جي ڀاڄي ٿئي). للرو = للر (جنهن جي ڀاڄي ٿئي). لنب =سنهڙو ڊگهو گاهه. لاڻي = هڪ قسم جو ٻوڙو. جو ذائقي ۾ ڪارو ٿئي (۽ جنهن مان 'ڪار' ٺهي). هنجن = جهولين ۾. ڊامڻ يا ڊامڻ. ڊڪٽي. ڪانو ۽ ڪرٽو مڙيئي گاهه آهن. ڪرير = ڪرڙ. سڻ = مشهور ٻوڙو. سيارچ = گاهه جو قسم. ٿاهرٺا = اطمينان سان ويٺا. گهر ڪٽيرن کير = ڪٽي اوڊيندڙ ماين جي گهر واڌائي.

[10] واٽين ڪٽن = ڪٽا اُٽن. قوت ڪڪائون = گاهن ۽ ٻوٽن مان گڏ ڪيل ڏٿ (ٻج. ڦر ۽ ڀاڄي). ڀاٽائون پٽن = غالباً "پاتائون پٽن" يعني ٿانون (پٽ = پيالو) ۾ وندياڻون. آهراري = استعمال جي لحاظ سان غالباً ڪو گاهه (جنهن جو ٻج ڏٿ طور ڪاڌو ۽ رڌو وڃي) جنهن جا سٿا ڪري رکن (شاهہ عبداللطيف لفظ 'آراڙي' آندو آهي. جنهن جي معنيٰ ڪو ڪاڌو. جو مارو ماڻهو ڪائين). دو پيازا = باصري ٻوڙ. اگر = خوشبوءِ. آس = کير ۾ پاٽي ملائي پيڻ لاءِ خاص تيار ڪيل آچ - ڪچي لسي. اُست = لسي. آڪوري = ڪاڙهي. ڪانا = بند.

[11] اودا = بالڪل ننڍڙا گوندا. گوندا = ڦرن پورڻ لاءِ ننڍا واڙا. تنديا = ڊگها سڳا يا رسا. جن ۾ ويڇوٽين تي ڳراها ٺهيل. جي ڦرن جي ڳچين ۾ وجهي. ڦرن جي يڪي قطار ٻڌي ڇڏجي. (تندو. تنديون ۽ تندا. تنديا). نيهيرا = نهيرا (کير رلوڙڻ لاءِ اپيون ڪتل ڪاٺيون). نيٽا =چم جا وٽيل ننڍا رسا. جي کير ولوڙڻ لاءِ منڌيءَ ۾ وجهجن). سيٽا = سهٽي سٽاءُ وارا - ساهيٽا. ويٽا = رٽا. ڪيٽا = تڪرار. عڪس = ضد - ڪاوڙ.

[12] ڦرڪرا = وڏا ڦر (ٻڪرين جا. جي چرڻ جهڙا ٿيا هجن پر اجان ڌڻ سان نہ پهرائجن). لار = ننڍڙا ڦر (کير پياڪ). ڦوهرا =وڏيرڙا ڦر (جي ڌڻ سان پهرائجن. ڇيڪٽ = دانهون. ڇيلاٽن جي = ڇيلن جي. تلين =ٻن پٽن جي وچ ۾ 'ڏهر' جي هيٺاهين ترائي واري زمين (تلي ۽ تليون). پوءِ توار = توار (وٽندڙ آواز) پئي پوي. ٻٽا = ٻن لارن واريون چڙيون.

[13] نورانيا = اهي وڏا ڦر جن جون اجان پُنيون نہ ڪتريون ويون آهن. پانور = وڏا پٽ ڦر - پانُر ڦر. واهوندي = سياري پوري ٿيڻ تي ڏکڻ ۽ اولهہ ڪنڊ واري هوا (بهار جي مند جو پهريون اُهڃاڻ). ڦانگن = وٽن ٻوٽن جون ٽاريون (خصوصاً 'ڦوڳ' جون). مڪي ڦور = ٽارين ۾ ساوا پن ٿيا. اٺاها اجهور = گاهه جون رکيل ڇنُون يا جُوٻون (جي پاسي تي ٽاري ڇڏجن ۽ جن ۾ مال نہ ڇڏجي)- اٺاوا وِيءِ. هور = ڊپ ڊاءُ.

[14] ٻانهن ويڙهيون = ٻانهن ۾ لاڙيل ڏاس يا ان جون ويڙهيون (جي ڏنار ڪتين). جهٽڪ = ٿوري ويرم ۾ - جهٽ پٽ. اٽڪ = ڳانڍاپو (دل جو).

[15] ڇاڙهيون = ٻڪريون. ويڙهن واهن واڪ = ڇنن ۽ جوين ۾ ڦرن يا مال کي ڦيرائين. سوڪڙ = اهي پيرُون جي ٻاٽهي پٽ تي ڇٽن. ڪوڪڙ = سڪل پيرون (جي ڇانوَ ۾ سڪائين). مجر ماڪ = مجر جي ماڪ ساين ڇارين واري ماڪ. جا پيرن ڇوندڻ وقت منهن کي لڳي).

[15] لما = ڊگها. لاڪيون = لاک رتل.

[16] جاڦرائو، ڪاهو، وڪاهو، ٻانڌيو ۽ راڻاهو، اهي سڀ ٽڙن جا نالا آهن، جي ڪپري تعلقي ۾ 'اچڙي ٿر' واري اراضي ۾ آهن.

فصل - 2:

[1] ويهن = گهٽيون (ويهہ ۽ ويهون). سيارچ = گاهه جو قسم، جو وس تي موري.

[2] نوٽيون، واحد 'نوڻ' = ٻن پٽن جي وچان اونهي هيٺاهين - مَڙهي جي نوڻ (جنهن مان مينهن جو پاڻي وهي). رُهيائين = ريليائين - پاڻيءَ سان پلٽيائين. نيجل = نئين جل (؟). پهرئين مينهن جو پاڻي. ٽوپڙا = ننڍڙا تنگ يا چَلها. موئن = هيڪار اتارين.

[2] چڙهيون، واحد 'چَڙهي' = ڪوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چم جو ٻوڪو - ڪوس. واريا = ڪوهہ ۾ هيٺ وجهڻ. ڪونيٽ = هڪ وڻ جو نالو - ڪير. پُوڻ = ڦرٽي - ڪَپي (جنهن جي مٿان ورت جو رسو چڪجي). ات = تمام گهڻو. ڪت = مر (مٽيءَ) جا سنهڙا سنهڙا ذرا.

[4] پيٽيون = اباڻا ماڳ.

[الف/4] سانيي = وطن جا ساٿي.

[ب/4] ريلن منجهہ = گاهه وارين ساين اراضين ۾ (ريل ۽ ريلون). قراريون = مطمئن. سدا ساٿهہ ڪن = سدائين ساٿيهہ ۾ رهن (۽ سانگ خاطر لڏ پلاڻ نہ ڪن).

[6] مٿي ونهيان ويڙ = اهي آسودا، گاهه واري جُوءِ تي ويا.

[7] گاموين = گام وارين - وانڍين.

[الف/7] ايل =آڻ - ڪاڻ - ميار.

[8] مارو ماڳ مهر ۾ = اهي مارو جن جا ماڳ مُهراڻي لڳ يا مهڙ واري اوريين ٿر ۾ آهن. زيريون = پيرن واريون ٻيڙيون.

[9] رهندو ٿي رهاءِ = نهايت گهڻو سيبائي ٿو. سونا = طعنا - مهڻا.

[10] چيچرا = ڪونيٽ (وڻ) يا ڪنڊي جا ٻور.

[الف/10] ڍاٻر جي ڍارين = جي وڏيون ويڙهيون ڪتين.

[ب/10] ڪيرن ۾ = ڪونيٽ جي وڻن جي ڇانون ۾. تاڻيو پائين تُن = ڦاڻل ڪتن جا سوراخ پرين (ڪٿو وٽي مٿان چڪي ويڙهي پوءِ تن پريندا آهن) جُهريون جهاڳين جهن = اونهيون ڊوريون ڳولين.

[11] پٽيءَ ڪنيو پرم = سوپياوان جوان زال پلڻ ڪنيو.

[13] ڦريون = وٽن ۽ ٻوٽن جون ڦريون. اوپڙ ڦونگيون = ڪنييون جيڪي پيدا ٿيون (؟). پڪو = ڏٽ پڪو. مريڙا = مليرڙا (جن جي پاڇي ٿئي). ولهارن = ساين چنن ۾. ٻارڻ ڪونيٽ ڪن = ڪونيٽ جون ڪانيون رڌ پچاءِ وقت ٻارين (ڪونيٽ جي ڪائين جهڙو ٻيو ٻارڻ ڪونهي، چوندا 'ڪونيٽ جهڙي ٻي سُجر ڪاني ڪانهي'). پهون = ٻڪريون. پوچ = سڀ - سراسر.

[13] موڪ = عام جام. ڪوري = گاهه جو قسم.

[14] هيڪانديون ٿي = گڏجي.

[14] ڏهيون: واحد 'ڏهي' ڏونرو. جڻايين = 1. دير ڪرين 2. روڪين - رهائين.

[الف/15] مهرو ٻاڻان = مهري جي ڏڪ جهڙو پائيان.

[16] ڏارت = سختي - تنگي - ڏڪار.

[الف/16] پالار = ڇيڙن وارا پسيءَ جا ڇڳا - پالوندر.

[ج/16] ڪُهڙيون = ڪوهه جي مٿان بيسانگيون ٿوٽيون (جن ۾ پوٽيون پڌل. جن جي مٿان ورت وارجي).
آڏو = ننڍي تانگهي ڪڏ. جنهن ۾ ڪوس جو پاڻي وڃهجي (جو پوءِ وهي نڪ ۾ پوي) ۽ ان جا پاسا: "ڪانڌ مَ ڪهڙ ڪوڙ. مون جهڙ ڏٺو اُپ ۾" (لطيف).

[17] ڪُوڻ ڪهاءِ = ڪنڌ (واري وچ) چمڪي.

[19] سانجهيءَ سنجن - الخ = سانجهي (رات) جو ڪوهن مان پاڻي ڪڍن ۽ صبح جو چارين (ڪيڙين) ۾ مال چارين ۽ پيرون چوندين.

فصل - 3:

[1] ڏٺو = ڏڪار - ڏڪ.

[2] جنڊين = جنڊن ۾ (جنڊا = ڪاٺ جا ڪجاوا جن ۾ دلا رکجن). پالَ = ڳوڻ، رلي يا ڪو بيو ٽپڙ جو اس کان جهوپن جي آڏو پال ڪري ٽنگين - گُرڙي.

[3] ڪرڙ = ڏاس جون ڪرڙيون.

[الف/5] سهل سهاڳ = سولو (عيش وارو) سهاڳ.

[6] هن بيت ۾ ماڳن ۽ تڙن جا نالا آهن. جن جو هنن سٽن لکڻ وقت پتو نه پئجي سگهيو آهي.

[7] اوريون ٿر = مُهراڻي کان وني اڳتي مهڙ وارو ٿر (جنهن ۾ ڪيماٻه، منڙيو، ويرا واه، لوڻيو ۽ ٻيا ننڍڙا واهڻ اچي وڃن ٿا). پريون پارڪر = 'موکي' جي پريان پارڪر شروع ٿئي ٿو. سانيڪا سوري = سٽ پره اونها کوهه ڪٽي.

[الف/7] آڏ ٿري = ٿر ۽ پارڪر جي وچ وارو ملڪ ('ويرا واه' کان هيٺ لهندي 'آڏٿري' شروع ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪتيِ ننڍيون بنيون ته ڪتي سنئون پٽ).

[9] اووٽ = اڻ وس (مينهن نه وسڻ واري حالت).

[الف/9] ڪوڏ ڪسڻ ڪانپايون = هيج ۽ خوشيءَ مان ڪوهن مان پاڻي ڪڍن. مٿي ڦهڦن = ڪاٺ جي تختن تي (جن تي پير رکي ورت وارجي). ڦڙهري تي. ڦار = پار - آوازي يا اُنهن جي وٽ.

[ب/9] اگوندرا = جهجها. ڪرهيون: واحد 'ڪرهي' = ٻنيءَ ۾ گول چونئري مثل جاءِ (جا ڪايا ۽ ڪانيون ڪوڙي سڻ ۽ ٻُوهه جي ٻوڙن سان ٺاهين. جنهن جي اندر سنگ وغيره رکن. جي مهينن تائين محفوظ رهن). ٻرهيون = نئين ويايل ٻڪري يا ڳئون جو ٿئين ڏينهن کان پوءِ وارو ڪچو گهاٽو کير.

[ج/9] وراڻ = ور ور ڪري مينهن جو وسڻ.

[د/9] ساهيون: واحد 'ساه' = سپ سونا ڳهه.

[12] ڪرجينون = ڪڙيا (لڏ ٻلاڻ لاءِ).

[12] اونهي ٿر = گهاٽي ٿر (اونهي تڙ (؟)= سٽ پرهن وارو اونهو کوه).

[17] سڻ ڏيو سر جهوپڙين - الخ = پنهنجي جهوپڙي کي سڻ جي ٻوڙن سان پئي ڍڪي. ڪوٽي ٻانهون ڏي = (گهرجي) ڪُنڊن کان سندس ٻانهون پيون پسجن.

[الف/10] ويو اوهس انبرين = ڪڪرن ۾ وچ جا چمڪاٽ تن جو شعاع به جهڪو ٿي ويو.

[18] وڄون پسي وماسيون = ڪنوٽيون پڻ ڏسي ويچار ۾ پئجي ويون.

[18] وانجڻ = تڪڻ - جوهڻ - جانچڻ (بري نظر).

وائي: ڪرجاڻ = ڪوٽي - دير.

سرود پريات

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 26 بيت ۽ 3 وايون ميين شاهه عنات جون، 5 بيت شاهه شريف جا، 1 بيت شاهه بلال جو، 4 بيت قطب شاهه جا، 1 بيت پيرو جو، 1 بيت اوپايي جو، 1 بيت يوسف جو، ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. ٻيلي ڏٺي، رونجهن جو سردار سپڙ ڄام ڇوٽاٽي ڏيڻ جو ڏاتار آهي. پر اي مڱڻا! عقل ۽ اٽڪلون نه ڪر، عاجز ۽ اٻوجهه ٿي ڪانئس ڏان گهر ته توکي مالا مال ڪري ڇڏي. جي تون پاڻ کي چارڻ ٿو چوائين ته وقت تي ڪيرت ڪر ۽ وهاڳ ڳاءِ. ٻئي ڪنهن در ۾ وڃ، جو تنهنجا سڀ ڪم اتان ئي پورا ٿيندا. 2. اي ڏاتار! آءٌ مسڪين ۽ ڪنگال آهيان، پنهنجي مهر ڪر ته مانائتو ٿيان.

● **خاص نڪتا:** ميين شاهه عنات، نه فقط سپڙ ڄام جي سخا کي ڳايو آهي، پر ان سلسلي ۾ هڪ عام مشهور روايت استعمال ڪئي آهي، جا مختصر طور هن ريت آهي: ٻيا سڀ منگتا ۽ چارڻ، ساز کڻي وڃي ڪيرتون ڪندا هئا ۽ سپڙ ڄام کان دهرا دان وٺي ورندا هئا. هڪ پنگلو ۽ رونٽو چ' ڻ، جو ڄنگهن ٻانهن کان معذور هو ۽ جنهن کي پائرن گهران ڪڍي ڇڏيو هو، سو پن . ڻ ڪڻ' ڇڙ جي درٻار ۾ ويو ته ان کي پڻ پنهنجي ڪرم ۽ ٻاجهه سان مالا مال ڪري ڇڏيائين، ح ده ر تند تار وڄائڻ يا ڳائڻ سکيوئي ڪونه هو ۽ ڪيس ٻيا سگهڙ منگتا ڪڏهن به پاڻ سان وٺي ڪين ويندا هئا. هن محتاج لنگهي عرض ڪيو ته 'پويان نندڙا ڪها اٿم ۽ منهنجي گهر واري لاڳ ٿي گهري'، ته ويتر ڪيس ڏئي ڇڏيائين.

فصل - 1:

[1] اور = اڄل - پلٽ. پنگرئا = پنگلا - محتاج.

[1] سو سوار = سو ياد ڪر، ان جي ڪيرت ڪر. ڏئار = ڏنجهو - ڏوک.

[2] وڃا = علم. عقل - چاڻ. گهري = گهرن جي. ڇندا = ڇنتا - ڳٽتي - اوسيڙو.

[3] ويلا لهه وهاڳ جي = وهاڳ (سُر جنهن ۾ ڪيرت ڪجي ۽ ساراهه ڳائجي) جو وقت سڃاڻ ۽ ساراهه ڳاءِ.

[5] تريون = گهوڙيون. اوڙکيو = ڏٺو. ويلهه = ڏک ٻک.

[6] ويلون = خيراتون. ولهن = ڪنگالن. ناڻ = ٿاڻ (گهوڙن جو) - ٿاڻ وارا گهوڙا. ناڪرو = سردار. ڇانگون = ٽوليون. توءِ نه تلن = ته پڻ برابر نه ٿين.

[9] لول = الول. الولايون - عيش ۽ خوشيون.

[9] پاڻ پٽي (پٺي؟) = جوان زال (جنهن کي ڪاڏو پيتو گهرجي). ساهه = سڀ ڪُجهه.

[11] ڪڙماين = ڪڙم وارن - عزيزن مائٽن. پاڻ = محبت جو پائڻ - پال. پٽيرا پت = پٽين پٽين - گهڻا.

[12] لينگو = 1. ڪنگال 2. محتاج 3. خوار. لوءِ بلوءِ = ڳوٺ ڳوٺ ۾ (مشهور ته سڃو ڪنگال آهي).

[13] ساڄ سڏيائي نہ لهي = ساز وڄائڻ جي ڪيس سڌ ئي ڪانهي.

[الف/13] ڏهاءِ = ڏوراهين ڏيهہ مان.

[14] ٻارڻ = منگتو. ريلي = پلٽ ڪري. ڏڏ جيئن ڏهر رڃائيو = ان محتاج کي ائين سکيو سائو ڪيو، جيئن مينهن وسي 'ڏهر' (ٻن پٽن جي وچ واري زمين کي پاٽيءَ سان پري تازو ڪندو آهي.

[14] سمگئو = سرفراز ڪيو - خوش ڪيو.

فصل - 2:

[1] آجڪو (ع آذوقه) = قوت. پرين = راضي ٿين. ويهين ڏين وهاڳ = ڪيئي (مڱڻا) ان جي ڪيرت ڪن.

[2] ويڻ وماسج = عرضُ ويچارج.

[2] پيءُ = پرين - سڄڻ.

[3] سپ سرهي ڪير = سپ وڻ پڻ سرها ٿيا .

[4] آزرديون = ڏک واريون. عاجزي واريون. چوٽاٽي = چام چوٽي جو پٽ (چام سپڙ).

[ج/5] ڪرنگيءَ ڪر = (جي نماڻا ۽) ڪوماڻل رنگ تي آهن. دارين = ٻئي جهان.

[6] سَر = تلاءَ - سخا جو سر چشمو. جُڪي = تنگي.

[8] شاهه جي رسالي سر پرياتي د - 1 ۾ هيءُ بيت هيٺين پڙهڻيءَ سان ڏنل آهي:

پيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهين اٺي آڏي نہ ڪرين، سپڙ ساڻ سهڻ
رونجهي رات اپنٺا پيتنٺون پاٽڻ ميڙي تٺان مٽ، چوندي پرئا چارٽين.

[8] پڙپيئي = حاصل ٿيئي.

[10] شاهه جي رسالي، سر پرياتي د - 1، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:

چڏ وڄا جي وائي، ڏڏ تي گهرج ڏان تون سپڙ رات سنيائيا، تازي تو لائي
جو چاٽي نہ ڪائي، تنهن سين ٻيلي ڏٽي ٻاجهہ ڪئي.

[11] شاهه جي رسالي، سر پرياتي د - 1، ۾ هي بيت هيٺين طرح ڏنل آهي:

جاجڪ چاٽن جا، سا پر آنءُ نہ سکيو سيڻ نہ نينم پاڻ سين، سڱا جي سياءَ
جي رنجائيين راءِ، تہ پڻ تاري تنهنجي.

[12] هي بيت زباني روايت ذريعي مليو آهي، ۽ غالباً هن کان اڳ آيل بيتن [2] ۽ [2] مبني آهي، هڪ جدا طور مستقل بيت سمجهڻ نہ گهرجي.

وائي - 1: شاهه جي رسالي، سر سهڻي د - 4، ۾ وائي موجود آهي، جنهن ۾ ٻيءُ مصرع هيٺينءَ پڙهڻيءَ سان پهرئين مصرع طور ڏنل آهي:

"الاهي عنات سين نوازيين نماڻا"

وائي - 2: داون = دامن - پلئہ - آسري.

سرود ڌناسري

- **تفصيل:** هن سرود ۾ 58 بيت ۽ 11 وايون ميين شاهہ عنات جون، 7 بيت ۽ 1 وائي شاهہ شريف جي، 13 بيت ۽ 1 وائي شاهہ بلال جي، 2 بيت شاهہ قطب جا، 1 بيت لاکي جو، 1 بيت لکمير جو، 1 بيت عبدالله جو، 2 بيت قاسم جا، 1 بيت عليم جو، 1 بيت منون جو، 1 بيت راول جو، 2 بيت صمد جا، 1 بيت ڪٽي جو، 2 بيت هوندل شاهہ جا، 1 بيت اميد علي جو، 2 بيت يوسف جا، 1 بيت رنگريز جو، ۽ 22 بيت بنان نالي، شامل آهن.
- **مقصد:** ولين ۽ بزرگن سان عقيدت ۽ سندن فضيلت ۽ فيض جي ساراهہ.
- **خاص نڪتا:** هن سرود مان ميين شاهہ عنات جي صوفي طريقي، مڙني ولين ۽ بزرگن سان سندس دلي محبت ظاهر ٿئي ٿي. شاهہ عنات پهريون شاعر آهي، جنهن نهايت ئي تفصيل سان ٻاهرين وڏن ولين توڙي سنڌ جي گهڻن ۾ گهڻن درويشن جو نالو ڪنيو آهي ۽ ڪين ساراهيو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان 'سرود ڌناسري' جي ساراهہ واري مضمون جو غالباً باني مباني آهي. سندس پٽ ۽ پوٽن، سندس عقيدتمندن توڙي ٻين شاعرن پڻ سندس پيروي ڪئي ۽ سر 'ڌناسري' جي ساراهہ واري مضمون کي عام مقبول بنايو.

فصل - 1:

[1] شيخ جي = حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ، قادري طريقي جو باني مباني.

[2] ڏنگر ڏيلي ڇڏئين = اسان ڪان منهن مٽي ڇڏين.

[3] جهندو پاٽڻي = غالباً سمن جي دور جو بزرگ، جنهن جو قبو ٺٽي ڪان اتر طرف 'ساموئي جي قديم بستي لڳ آهي.

[الف/4] پرم = ڏڪ - پردو - اوٽ.

[ج/4] اتر جي اٿي = سياري ۾ اتر جي ڪنڊ واري سخت ٿڌي هوا. هڻ ڪٽي = هيٺو ۽ هيٺ ڪر - دفعي ڪر.

[ب/6] پڄائيين سر = سر بستي مراد پوري ڪرين.

وائي - 1: تقصيران = گناهہ - ڏوهہ. اسيران = قيد ۾ پيل - بند ۾ ڦاٿل.

وائي - 3: رڪن = شيخ رڪن الدين (غوث بهاؤالدين جو پوٽو).

فصل - 2:

[ب/1] پرنيان = سونپيان.

[ج/1] ڪٽيهون = اسان کي ڪري.

[ڌ/1] راوي = راوي ندي، جا اڳ ملتان لڳ وهندي هئي. راوي ريل ڪنڌين ۾ = راوي جي ڪناري وارين ساين ۽ آباد اراضين ۾.

[هہ/1] الي جي وائي = ذڪر جي تنوار سان 'يا الله' جو سڏ هڻڻ (ملتان ڏانهن ويندڙ راهہ جا پانڌي 'الو پڙهي' چوڪي وارينداً يعني راهہ جي پنڌ تي اسرندا، ۽ پوءِ انهيءَ پنڌ ۾ صبح شام الو پڙهندا'. هن طرح جو سڀ پانڌي اتر ڏڪڻ تي ٻہ صفون ٺاهي هڪٻئي کي سامهون ٿي ويهندا. پوءِ اول انهيءَ صف وارا جن جو منهن الهندي طرف هوندو، ذڪر جي تنوار سان 'يا الله' جو آواز بلند ڪندا ۽ سڄي طرف

(اتر طرف) سلام طور ٿورو رخ ڦيريندا. جواب ۾ وري سامهين صف وارا 'يا الله' جو آواز ذڪر جي توار سان بلند ڪندا ۽ ڪبي طرف (اتر طرف) رخ ڦيريندا. اهڙيءَ طرح يارهن ڀيرا ڪندا ۽ ٻئي صفون جملي ٻاويهہ سڏ 'يا الله' جا تنوارينديون. ان ڪي 'الو پڙهڻ' يا 'الي جي وائي ڪرڻ' چوندا). لڏ ۾ لاڙائي = اي لاڙ جا فقيرا همت نہ هار (سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان مختلف جماعتون ملتان ڏانهن راهہ جي پنڌ سان روانيون ٿينديون آهن. جن مان هڪڙا، لاڙائي، يا 'لاڙي'، ٻيا ٽر وارا، ٽيا 'ڪاري وارا' وغيره. لاڙائي فقير بدين جي ڏاڪڻي ڀاڱي ۽ ولاسيي ڪان نڪرندا ۽ اچي شيخ عيسي جي درگاهہ تي گڏبا ۽ اتان جماعتي احرام ٻڌي روانا ٿيندا ۽ اول بڪيرن ۾ پهچندا. اتان روانا ٿي پهرئين منزل شيخ موسي ۽ شاهہ عنات جي درگاهہ تي ڪندا ۽ پوءِ اڳتي منزلون ڪندا ويندا.

[ب/9] واهند = سکر ضلعي جي موجوده روهڙي ڊويزن ۽ ضلعي رحيم يار خان جي اراضيءَ مان هڪ قديم دريا۽ جي ڦٽل پيٽ جو نالو - 'واهند واري راهہ' سان ويندڙ پانڌي ڏهرڪي ۽ احمد پور جي وچ ڏاري 'واهند' ٽپندا.

[د/9] گهڙيا منجهہ گهاري = گهلوءَ جي گهاري (درياءَ جو اڳيون پيٽ) ۾ پير پاتائون.

[هہ/9] گهلو = 'گهلو جو گهارو' يا 'گهلو درياءَ' (اڳئين وقت جو). جو اُچ جي ڀرپان آهي. ملتاني فقيرن 'راهہ جي پنڌ' بابت جي بيت چيا آهن. تن ۾ گهلو جو خاص ذڪر آهي- مثلاً:

آڏو پنڌ پنجاب جو آڏو اپاڙو لنگهائيين لطف سين گهلوءَ جو گهارو
پرين جو پاڙو، مٺي سين نہ مٺيان.

[ز/9] قاسم ڇٽي = قاسم فقير اوٺو. جو تعلقي ٽنڊي الهيار (لڳ ڳاڙهو صدر) جو وينل هو. سندس پٽ ميان شفيع محمد 1958ع تائين بڪيرن ۾ رهندڙ هو ۽ سندس عمر 85 کن ورهيہ هئي.

[10] ٻيءَ، پٽ، پوٽو = حضرت بهاؤالدين زڪريا رحہ. سندس فرزند شيخ صدرالدين ۽ سندس پوٽو شيخ رڪن الدين.

[22] تو سانپارا = تنهنجي سامهون - توڏي منهن ڪري.

وائي - 1: نوئي = نوان مريد جي پهريون دفعو پانڌي ٿي ملتان وڃن (هڪ 'ڪُهنا' يعني اڳيان جهونا ۽ ٻيا 'نوئي').

وائي - 2: وهر ودودي = الاهي مدد. ٻاجهہ پري مدد. سوريندن =ياد ڪندڙن.

وائي - 3: سمن صالحن- الخ = آمري هيٺ شيخ بهاؤالدين زڪريا جي چلي جي جاءِ هئي، جنهن جو نشان آمري جي پاڙ ۾ هڪ دري جيترو سوراخ هو. جو تحفة الڪرام جي تصنيف وقت پڻ موجود هو. اُتي ملتان جا فقير اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ ميلو ڪندا هئا. آمري = گدامري جو وڻ (جو ٽنڊي جان محمد کان اڌ ميل کن اوير طرف پراڻ جي ڦٽل ڊوري تي بيٺل هو. جتي اڳاٽو قبرستان آهي. جو اجان تائين "آمري وارو مقام سڏجي ٿو". اهو آمري جو وڻ ڪافي اڳاٽي وقت کان اتي بيٺل هو. جنهن جي باري ۾ ڪنهن سگهڙ چيو تہ: "تون ابل سندي آمري، ڪ تون لاڪي سندي لال". ميين شاهہ عنات آمري جو نالو ملتان جي پانڌيئڙن جي سلسلي ۾ ڪنيو آهي. جنهن مان سمجهجي ٿو تہ 'ٽر واريون جماعتون' انهيءَ آمري وٽ اچي منزل ڪنديون هيون. يا اهي پانڌي آمري وٽ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ اتان راهہ جو احرام ٻڌي، جماعت ناهي روانا ٿيندا هئا. سروري = غالباً مخدوم نوح جا مريد (جن جي غلبي سببان ملتان جا مريد دستور موجب آمريءَ هيٺ ميلو نہ ڪري سگهيا. تان جو شيخ بهاؤالدين زڪريا جي

اولاد مان شيخ شهرالله سنڌ ۾ آيو ۽ سندس ڪوشش سان ملتان جي مريدن جو دستوري ميلو وري شروع ٿيو (تحفة الڪرام ص 402). جکرو نڌو = موجوده ٽنڊي الهيار تعلقي واري اراضي جو مشهور درويش هو، ۽ وفات بعد آمري جي مقام ۾ مدفون ٿيو. ستا پٽ سونهن = اهڙا درويش انهيءَ خاڪ ۾ مدفون آهن.

فصل - 3:

[1] ملوندي = مروندي (اصل ۾ ايران جي مروند، شهر جو). قلندر لال شهباز، شيخ صدرالدين (بن حضرت بهاؤالدين زڪريا) ملتان واري جو همعصر ۽ ساٿس صحبتي هو (تاريخ معصومي).

فصل - 4:

[1] خيردين = شاهہ خيرالدين بن احمد شاهہ، حضرت پيران پير شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جي اولاد مان هو. سنہ 911هہ ۾ بغداد ۾ ڄائو، ۽ 27 - رمضان سنہ 1027هہ ۾ سکر ۾ وفات ڪيائين، جتي سندس روضو آهي.

[2] استاد = شاهہ خيرالدين، جنهن شاهہ عنات جي والد شاهہ نصرالدين کي طريقت جي راهہ ڏيکاري.

[4] نيڪ گڏيس شاهہ نصر دين - الخ = شاهہ نصرالدين وجي شاهہ خيرالدين سان مليو، جنهن مٿس فيض جي نظر ڪئي. جينءَ پاڇائين پـُٺو = جيئن پاڇاٽا ۽ پوءِ، تيئن عنات جو اولاد ويتر وڌ هوندو.

[5] ترڪش = ٻـَٿـِي (تيرن رکڻ جي).

وائي. اصل آهي ڇڪي = فيض جي وندُ ڇکي آهي.

فصل - 5:

[1] ڪوريجو پير = شيخ موسيٰ آهيداڻي، جنهن جو مقبرو ٽنڊي الهيار کان چار ميل ڪن ڏکڻ طرف آهي. شيخ موسيٰ، روايتن موجب، غوث بهاؤالدين زڪريا ملتاني جو خليفو هو. ڪرنشون = خدمتون. هاجون (حاج > هاج) = ضرورتون.

[2] آهيداڻي پير = شيخ موسيٰ

[الف/2] چوٽن سندا چوٽ = سردارن جا سردار. ڪوڙني سين ڪوٽ = 1. گهڻن ئي جا پرجهلا. 2. گهڻن پاتين واري هي حويلي (گهر).

[ب/2] قتال =وڏو درويش (اُچ جي مشهور درويش شيخ راڄن قتال جي لقب جي لحاظ سان).

[3] ايل = رنڊڪ. پهيڙا = پانڌي - راهہ جا ساٿي.

[10] جيهون تا = جيئون تا.

[الف/11] سهند = سونهائپ - لاڳاپو.

[ب/11] نمرا = صحتمند.

[ج/11] لپيٽئو لڳن تي = جو لڳن مٿان لپٽيل هو.

[12] سونرئو = ياد ڪيو.

[13] جوءِ هري = رهايش واري جاءِ سائي ۽ آباد.

[الف/13] اجهور = آسائش جي جاءِ.

[هہ/13] ڪتار = قتال - وڏو مجذوب درويش.

[14] ساڱرو = درياءُ جو ڦاٽ، جو شيخ موسي جي مقام کان اولهہ طرفان لاڳيتو وهندو هو. جنهن جي نالي پويان پوءِ ساڱرو واهہ مشهور ٿيو. ولاسيو = تعلقي بدين جو ڏکڻ اپرنديون پاڱو، جنهن ۾ موجوده شهر 'ڪڍڻ' ۽ ٻيا آسپاس وارا ڳوٺ اچي وڃن ٿا.

[ج/14] چوکنڊي = غالباً شاهہ عنات يا سندس والد جي چوڪنڊي (چوڏيواري ۽ مزار) ڏانهن اشارو.

[16] وزير =درويش حاجي جوڳي، جنهن جو لقب 'وزير' هو.

[17] هوتي = غالباً درويش 'مشائخ هوتي' ڏانهن اشارو، جنهن جي مزار ٽنڊي آدم کان ڇهہ ميل ڪن ڏکڻ - اوڀر طرف آهي.

[د/14] رامهور = 'رهمور' جو ڳوٺ، جو موجوده اسٽيشن نبي سر کان ڏيڍ ميل ڏکڻ اولهہ طرف آهي.

وائي - 1: اويس قرني = 1. شهر 'قرن' جو مشهور دلي، جو آڳاٽو ٿي گذريو. 2. سنڌ جو ولي 'اويس' جنهن جو مقبرو، موجوده ڪوٽڙي - دادو ريلوي لائين جي ڪبي طرف ٻڌاپور اسٽيشن لڳ آهي. مخدوم پريو = شايد گنجي ٽڪر جي دامن ۾ مدفون مشهور درويش پريو، جنهن جو ذڪر تحفة الڪرام ۾ آهي(؟). لال لنجار = مخدوم ساهڙ لنجار، جنهن جو مقبرو ڪوٽڙي - دادو ريلوي لائين لڳ اولهہ طرف، اسٽيشن انڙپور جي نزديڪ آهي. حيدر شاهہ سني = شهر 'سن' لڳ اوڀر طرف مدفون بزرگ حيدر شاهہ، جو مخدوم بلاول جو معتقد هو. ابو بڪر = غالباً سيد ابوبڪر، آمري (تعلقي سيوهڻ) جو بزرگ. هارون ولي= غالباً درويش هارون مگريو، جو درويش هوتي جي فرزندن احمد ۽ محمد جو همعصر ۽ هم صحبت هو. لال حسيني = قلندر شهباز سيوهاڻي.

وائي - 2: حضرات ميران = حضرت پيران پير عبدالقادر جيلاني. بهاؤالدين = مخدوم بهاؤالدين زڪريا ملتاني. صدرالدين = شيخ صدرالدين ملتاني (مخدوم بهاؤالدين زڪريا جو فرزند). هوتي = درويش هوتي بن لاکو، جو 'مشائخ هوتي' جي نالي سان مشهور آهي ۽ ٽنڊي آدم کان ڏکڻ - اوڀر طرف مدفون آهي. لاکو = درويش هوتي جو والد. پلي= درويش پلي، ساڱري درياءُ جي ڪنڌيءَ جو بزرگ، جو شيخ هوتي بن لاکي جو همعصر هو. احمد، محمد = شيخ احمد ۽ شيخ محمد، درويش هوتي بن لاکي جا فرزند. ڪرٿو = غالباً شيخ ڪرهو پانداري، جو موجوده بدين تعلقي ۾ مدفون آهي. سيد عالي = ميون سيد عالي شيرازي، جو مڪلي (ٺٽي) جي قبرستان ۾ مدفون آهي.
سيد حسين = شاهہ مراد، جو مڪلي تي مدفون آهي. پاتڻاٽي = غالباً 'جهنبو پاتڻي' جنهن جو قبو مڪلي جي ٽڪريءَ جي اترئين ڇيڙي وٽ آهي.

وائي (3) حاشيہ ص 114. سهڙ يار..... سميجا = مخدوم ساهڙ لنجار ('لنجار' سمن جو هڪ قبيلو آهي).

سرود جيتسري

- **تفصيل:** هن سرود ۾ شاهہ عنات جا 6 بيت ۽ 1 وائي آهن.
- **مقصد:** سچي سڄڻ جي سچي محبت، ڪانگل ذريعي ڏانهنس سنيها ۽ سڄڻ جي اچڻ جون واڌايون.
- **خاص نڪتا:** هي سرود پهريون دفعو شاهہ عنات جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل آهي، ۽ شايد ان وقت جيتسري سر، سنڌ ۾ عام مقبول هو. هندوستاني موسيقي ۾، جيتسري 'پوربي ٺاٺ' جي راڳني آهي، جنهن جو وادي سر 'گنڌار' (يا 'ڪرج') آهي.

[1] اڏ = اڏاوتون - نجهرا. هيڪاندن = ويجهن - گڏوگڏ رهندڙن.

[5] موني لمي ڪانگ = ڪانءُ ٽوٽيءَ چڙهيو لاتيون ڪري (سڻائو سوڻ سڄڻ جي اچڻ جو).

سرود پورب

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 28 بيت ۽ 2 وايون ميين شاهه عنات جون، 1 بيت شاهه شريف جو، 3 بيت شاهه بلال جا، ۽ 2 بيت پيرو جا، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. پوربين فقيرن سان پريت ۽ سندن تڪين ۽ تپسيائن جو ذڪر. سچو سامي فقير ٿئين ته سچي گرو (سڏنات) واريون وصفون پاڻ ۾ پيدا ڪر: صابر ٿي ۽ سڪن کي ڇڏ. 2. پرين جي قاصد ڪانگ سان ڳالهيون "سنيهو کي سڄڻين، سگهو ٿي سڻاءِ". سڀ سوڻ سولا ٿيا ۽ اميد ته سڄڻ ايندو ۽ وڇوڙو ويندو. اچ قريبن جو ڪانگ وصال جون واڌايون ڏيئي ويو آهي. 3. سڄڻ سان صحبت ۽ سندس پچار "تڳان جن توار، آسر ان گذاريان." پرين آيا ۽ "ٿيڙا سک سبيل، غم گوندر گوشي ٿيا."

● **خاص نڪتا:** پورب ڪان ايندڙ ۽ پورب پوريندڙ فقيرن جا پار پتا ۽ سندن آستان ۽ تڪيا، پهريون پيرو شاهه عنات تفصيل سان بيان ڪيا آهن. قرب جي قاصد ڪانگ کي پڻ پهريون پيرو شاهه عنات تفصيل سان ڳايو آهي.

فصل - 1:

[1] مالو = مالوا (جو ملڪ).

[2] منجهان مال پروڙئو = چرخي جي مال ڇڙي پئي ۽ انهي سهٽي سوڻ مان مون صحيح ڪيو.

[5] سڏنات = سچو مهاگرو.

[6] صبور = هميشه صبر ڪندڙ.

[7] محرم = حال محرم: الاهي راز جو ڄاڻو.

[8] جهارين = پوڄا خاطر ڏورين. داغ دوارڪا دائما - الخ = دوارڪا کي جڏهن ٻــ ڏوري ڏسن نڏهن داغ ڏيارڻ جي رسم ادا ڪن.

[9] مصرين سين = ترارن سان. امر آندائون = امر مجيائون. تن اسلامن = تن اسلام وارن.

[10] پرتڪ = 1. پورچوگال 2. الهندي طرف وارو ڏيهه. تي محرم ٿيا = تڏهن مام پروڙيائون.

[12] نانيان ڪوه ڪري = ناني (هنگلاج) جو جبل پيٽي. دنيرَ ڏار ڏري = سرڪش نفس ڪان جدا ٿي. مارگ = (وصال واري) واٽ.

فصل - 2:

[1] چونهن = مَنهن جي ڪنڊ واري وڏيل ڪاٺي.

[ب/1] اچي وائيءُ وڻ = اچي مٺي لاٽ ڪر، جا دل کي وڻي.

[ج/1] ڇانين پر = لامن جي چوٽي تي.

[2] چانگ = لات. هيرانگ = هيسانگ (ٻن انگهن وارو هيلنگهه). جي ڪيانتا- الخ = اي خوشيءَ جا قاصد ڪانگا! جي تون هيسانگ تي ويهي چگيون لاتيون ڪرين. ڦانگ = ٽاري. انگهو. اڏءُ مٿان ڦانگ = اڏري وچ ڪانگ (فال طور واڌائي وٺڻ لاءِ عام فقرو).

[3] پٽين پير ڪئو =زمين تي هلندي.

[4] هٿ چري - الخ = عام ويساه موجب اهي ٽيئي سهڻا سونهن.

[ب/8] ڳرلائيان = ڳچيءَ لايان. ڪارون ڪريان = منٿون آزيون ڪريان.

فصل - 3:

[1] ڳرهيان = اوريان. بيان ڪريان.

[2] سانپيڻيا = گڏيا. سوسي = هٿ سان ڪئي.

[3] ڪبير = وڏا ڏوه.

[7] دوسان پاسي = سڄڻن وٽ. لِڪائي لڪ لهي. = ذرو بہ لڪن جي برابر آهي.

سرود ليلا

- **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات جا 9 بيت (هڪ اٺپورو) ۽ 1 وائي، ۽ هڪ بيت رنگريز جو، شامل آهي.
- **مقصد:** ليلا! هار جي لالچ تي پنهنجو ور وڃائي، هاڻ ٿي روئين! پر هن وقت ٻيا هنر حيلا ڇڏي، آزيون نيازيون ڪري، چنيسر ڪي روئي ريجهاءِ.
- **خاص نڪتا:** شاهہ عنات پهرين ٻن بيتن ۾ 'ليلا چنيسر' جي قصي جي روايت جا اهڃاڻ ڏنا آهن تہ ڪيئن ڪونئرو ۽ سندس ماءُ ڪَهي لهور ۾ آيون، ۽ پڇا ڳاڇا بعد آتڻ ڪري ڪتڻ ويٺيون. نو لکو هار ڪٽي تنگيائون ۽ رات جو ان جي شعاع تي چرخو چورڻ لڳيون. جڏهن هار جي هاڪ وڃي ليلا جي ڪنين پئي، تڏهن چيائون تہ من "نو لکو نيئي، ڪتر سين ڪانڌ ڏيهون".

[1] ڪن اولاٿان اڄن = قصي جي روايتن موجب، ڪونئرو ڪي سهيلين اولاٿبو (طعنو) ڏنو تہ "تون وري ڪو چنيسر پرڻبين!" ٻيءَ روايت موجب، ڪونئرو جي شادي وقت گهوٽ جي بدران چنيسر ساٽس لائون لڌيون ۽ ڪيس نشاني طور پنهنجي منڊي ڏنائين، جنهن تي چنيسر جو نالو لکيل هو. پوءِ جن اها منڊي ڏٺي، تن ڪونئرو ڪي اولاٿبا ڏنا تہ "پنهنجو ور چنيسر تہ ڳولي هٿ ڪر".

[3] سُپاٽي = صبح جو سوير.

[4] لوپين = توکي لوپ لالچ ڪنيو.

[5] سونئينءَ = سهٽي پئي لڳينءَ. ڪامل وري ڪارئين = اهڙي بي مثل پتار خاطر.

[7] ڪارون آٿيين = آزيون نيازيون ڪري مڃايئين.

سرود آسا

- **تفصيل:** هن سرود ۾ 13 بيت ميين شاهہ عنات جا، 2 بيت شاهہ شريف جا، ۽ 2 بيت شاهہ بلال جا، شامل آهن.
- **مقصد:** توحيد جا طالب هميشہ سنئين راه تي آهن. نئڙت ۽ نياز ۽ پنهنجو پاڻ نہ پائڻ، سڄڻ جي وصال لاءِ لازمي آهن. سڄڻ جي هڪ ساعت سان ٻين جا ٻارهن مهينا مٽ نہ آهن. پرين جي پچار تن من ۾ سمايل

هجي، عام سان اورڻ روا نہ آهي. عشق جو ناتو هڪ النّي 'اڏ ڳنڍ' جي مثال آهي، جا محض چپٽين سان ڪانہ ڇڙندي. ڪنن تي ڪيئي جدا آواز پون ٿا، فڪر ڪر تہ هر آواز ۾ حق جي تنوار سٽين.

● **خاص نڪتا:** هن سچي سرود ۾ حقيقي محبوب جي ڳولا، ۽ وحدت ۽ ڪثرت جي ڳوڙهن صوفيانہ نڪتن جي اپٽار ٿيل آهي.

[1] الف = الله. ميم = محمد (ﷺ). مشاهدي گڏئا = ملاقي ٿيا. زنگ = ٻيائي جو ڪٽ. لامئون = نفي واري 'لا' واري منزل مان گذر.

[2] ڪرهي = ڪاوڙجي.

[4] اوسهہ = چڱي فال. چڱيءَ ريت.

[5] ڏئار = سور. ڏکيائي.

[9] تهان ذار = توکان سواءِ. ڪتابت = بيان. حقيقت.

[الف/12] خط = تير (تشبيهہ طور). خطائي نہ ٿيو = هرگز نہ گٿو.

[ب/12] طبيبن جي تات پوئين = (زخمي ٿي) حڪيمن جي حوالي ٿئين.

سرود ڪاپائِـتي

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 20 بيت ميين شاهہ عنات جا، 2 بيت شاهہ شريف جا، 1 بيت شاهہ بلال جو، 2 بيت شاهہ قطب جا، ۽ 1 بيت يوسف جو، شامل آهي.

● **مقصد:** 1. پيون سڀ پيون ڪتين پر مونکي ننڊ نٿي ڇڏي "سنجهي ٿئم نہ سار، صبح ستيئي ويو". 2. جيڪي چڱو ڪتين ٿيون ۽ جن سان صراف راضي آهي تن سان صحبت ڪر. جن دل جي سچي محبت سان ڪتيو، تن جو تلهوَ ستُ ئي گهر ويٺي اگهاميو. نيڪ ڪتڻ واريون، هميشہ ڪتين بہ پيون تہ ڪنبن بہ پيون. اي اوبسري! تون بہ ائين ڪر "سچ صرافن سين پئين، تہ پڻ ڪتج ۽ ڪنبج". رڳو ڏيهہ ڪي ڏيکارڻ لاءِ ڪاپو نہ ڪر: "چرخو ائين چور جيئن پونءُ پٽڪو نہ سُٽي". اهڙيءَ پر، تنهنجو سٽ سون جي برابر ترندو.

● **خاص نُڪتا:** اڳ چرخو ۽ آتڻ عورت جي زندگيءَ جو مکيہ پهلو هو ۽ ان بابت شاعرن پڻ پهنجي ڪلام ۾ ڪي اهڃاڻ ڏنا آهن. غالباً شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن هن مضمون کي تفصيل سان نباهيو آهي، ۽ پڻ بندي جي چڱي عمل، ان جي سڦري ڦل ۽ رب جي رضامندي وارن حقيقي نڪتن کي هن مضمون ۾ تمثيل طور سمايو آهي.

فصل - 1:

[1] اوگهٽو = خريدار.

[3] جا ڪرجاٽي - الخ = جنهن کي عمل جي ڦل جي چاڻ آهي، سا چرکو بہ ڦيرائي پئي ۽ روئي بہ پئي تہ من پوره‍يو صاب پوي.

[4] آنڪي = ڪچي. اميريام = تند کي منهنجي ڏنل ڳنڍ.

[5] لسي پيم نہ لڌ = سهڻي لسي تند ڪتڻ جي مونکي پروڙ نہ پئي. اپڌ = اڻ چاڻ.

[6] ۽ [7] هي بيت زباني روايت ذريعي مليا ۽ شاھ جي رسالي سان پيٽڻ ۾ غلطي وچان ڇپجي ويا آهن. بيت [6] شاھ جي رسالي، سر ڪاپائتي د - 2 ۾، ۽ بيت [8] سر ڪاپائتي د - 1 ۾، موجود آهي. اهي بئي بيت شاھ عنات جا نہ آهن.

فصل - 2:

[1] من جوڙئون = دل خوش. چوٽار = تندن جي عدد جي ڳاٽيني جي لحاظ سان تاجي جو نالو (چوٽار ململ = چوٽار تاجي تي سهڻي اُٽيل ململ).

[2] پيرم = چرخو - ڪاپو - ڪتڻ. آسو = سٽاءَ - بيهڪ. آسرو (؟). نرت نقاش = سهڻي سٽاءَ ۽ نقش (واري تاجي) جو.

[4] طنابي = 'طناب' جي ماپ سان ڪچڻ وارا (خريدار). هي بيت شاھ جي رسالي، سر ڪاپائتي د - 1، ۾ توري ڦيرگهير سان هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

جان سنهو نہ سکي تہ مر رنڌائي رهڙي — سٽ اني جو سڦرو ويا ترازوءَ ۾ توري

تلهي ۽ ٿوري، ويچاريءَ سين وڙ ٿئو.

[8] هيءَ بيت شاھ جي رسالي، سر ڪاپائتي د - 1، ۾ هيٺين پڙهڻيءَ سان ڏنل آهي:

نکي ڪتين، نہ ڪتائين، نہ ڪين ڪوريءَ ڪاڻ

جن ربيع سين رهاڻ، تن ادو ناہ اگهاڙ جو.

[8] پهي = ڪپھ جي سنهي پوٽي.

سرود ڏهر

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 5 بيت ميين شاھ عنات جا شامل آهن.

● **مقصد:** ڪن خاص وڻن، جاندارن يا شخصن جي ماحول يا خوبين ۽ خصوصيتن جو ذڪر.

● **خاص نُڪتا:** ميين شاھ عنات ڪنهن پيٽيءَ ڪندي جو وڻ بيٺل ڏسي ان کي خطاب ڪيو آهي، ۽ غالباً سنڌي شاعريءَ ۾ اهو مثال آهي. ساڳيءَ طرح شاھ عنات پهريون شاعر آهي جنهن لاکي ۽ راءِ ڪنگهار بابت بيت چيو آهي. هڪ بيت پوئرن ۽ گلن بابت آهي، جو آڳاٽي هندي شاعري جو مکيہ مضمون آهي.

فصل - 1:

[1] پريونءَ = پرديس.

[2] غير گس پرين جي - الخ = ڪنهن بہ ڌاريي (رقيب) کي محبوبن واري واٽ تان لنگهڻ نہ ڏيان.

[3] موھ = غالباً 'موهر' - يعني مهراڻو (تر ۽ سنڌ جي سِنڌي واري آباد اراضي). رهائي = نهي - سونهي.

فصل - 2:

لوڙائو = لوڙھ هٽندڙ ـ چوپائي مال جي زوري ڦر ڪندڙ. ويسرا = اڪيلا. ڪانا = هنا. ڪيڪاڻ = گهوڙن. رباري = هڪ قوم جو نالو. جي مال جا ڌڻ ڌارين. ڪيڙي هيٺ = سپر يا ڍال هيٺ - پناھ هيٺ.

فصل -3:

ڪونئرن = مکڙين - نون ڦلن گلن.

سرود مومل راڻو

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 9 بيت ۽ 2 وايون ميين شاهہ عنات جون، 3 بيت شاهہ شريف جا، 1 بيت شاهہ بلال جو، 4 بيت شاهہ قطب جا، ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.

● **مقصد:** مومل ۽ سندس پيٽن ۽ سهيلين، پنهنجي سونهن ۽ سينگار سان راڻي کي موهي پنهنجو ڪيو. ۽ راڻي ڪاڪ تي کهي اچي مومل ماڻي.

● **خاص نڪتا:** هن سرود جي ڪافي بيتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ غالباً شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن عورت جي سونهن ۽ سينگار کي دل کولي ڳايو آهي. ۽ سنڌيءَ ۾ مجازي شاعريءَ جو بنياد وڌو آهي. ميين شاهہ عنات جي پٽن ۽ پوٽن پڻ مجازي سونهن جي مضمون کي نهايت سهڻي نموني سان نباهيو آهي.

[1] آرم = ارمڪ جو اوچو اعليٰ ڪپڙو. ڪڇٽان = چولا. رانيائون = موهيائون - ريجهايائون.

[1] لوڏيري = لڏاڻي ۾. ماه هلال = پهرين تاريخ جو چنڊ.

[3] . پٽن = نوجوان نينگرين. وسيهر = ڪارو نانگ. ڪيس = وار. سائو = سورهيہ ۽ وڏ گُردا.

[3] بيرم بادلا = ڪپڙن جا قسم. بابِهيا = بابيها (ڳاڙهي رنگ تي مائل خوبصورت ڳيرا، جي منيون بوليون ڪن). لوڏي = شڪار جا ڳولائو. لوءِ = ڳوٺ - ماڳ.

[4] آديس = سلام. سمڱٿو = پريو، پرپور ٿيو. آڇهون = اسان کي ڏس. جٽان تو راول رڱٿا = جتان تو پنهنجا ڪپڙا رڱي لال ڪيا.

[5] ڪ ڪو هنيوءَ منڊ = يا تو ڪو جادو ڪيو!

[7] عذبان = منيون خوشبويون - منا هبڪار. ڏُنگر (ڏونگر، ڏُونگر) = 1. وڏي مينهن کان پوءِ سنهيون بونڊون. 2. اوهيرا. بور ڀهاڻ = ٻن سالن وارا ڪنواٽ. ڪوٽن تان - الخ = مومل ۽ سندس سهيليون، ڪوٽ جي ديوارين مٿان ڳاٽ ڪڍن تہ چڻ واسينگن ڦڻ ڪڍيا.

[8] اوئس اپرٿو انبرين = ڪڪرن ۾ تجلو ٿيو. آسمان ۾ اهاءَ ٿيو. کهٽيون ٿيون ڪون = وڄون ٿيون چمڪن.

[9] لڏن لاماڻي = پينگهہ جي لوڏن تي لڏن. خوشي ڪٽائون ڪين تي = 1. مست مخمورن لاءِ خوشي جا سامان پيدا ڪيائون. 2. مست مخمورن کي ڏسي خوشي ڪيائون.

[الف/9] وڏي ٿيهون ڪٽ = اسان کي وڏو ڪنيو حاصل ٿئي.

وائي - 1:

آب ارتي - الخ = (ڪاڪ جو) ڳاڙهي رنگ تي مائل پاڻي ڏسي منزل ڪري ويٺا.

وائي - 2:

چرهو = چارو. پاه پرائي آئيو = سهڻو رنگ حاصل ڪيائين. لدرڻا = لڏوڻي مان.

سرود بلاول

- **تفصيل:** هن سرود ۾ 17 بيت ميين شاهہ عنات جا، 6 بيت شاهہ شريف جا، 1 بيت شاهہ قطب جو، 1 بيت مالڻ جو، 1 بيت يوسف جو ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.
- **مقصد:** 1. سنڌ جي سمن سميجن ۾ جکري جهڙو سخي کونہ ٿيو جو ڏڌن کي ڏان ڏنائين. اي محتاج منگتا! تون پڻ حيلا ۽ هنر ڇڏي، نئڙت ۽ نياز سان کانئس گهر تہ توکي مالا مال کري ڇڏي. 2. 'کرن' پڻ مسکينن منگتن جو اجهو ۽ اوٽ آهي. اي مگتا! تون هنر ۽ حرفت کي ڇڏي، پورو بنجي کانئس ڏان گهر تہ توکي نوازي. 3. سورهيہ ابڙي سمي تي فوجون چڙهي آيون تہ سامون موٽائي ڏي، پر هي دلير مرد ذرو بہ نہ ڌهليو ۽ اتي جنگ جوٽيائين پر 'هميراڻا ٻار' دشمن جي حوالي نہ ڪيائين.
- **خاص نڪتا:** هن سرود ۾ شاهہ عنات سنڌ جي سخي ۽ سورهيہ سردارن کي ڳايو آهي، ۽ پڻ سندن نسبت کي اهڃاڻ ڏنا آهن: جکري کي 'هوٿياڻي' (هوٿيءَ جو اولاد) ۽ کرن کي 'همئاڻي' سڏيو اٿس. ميون شاهہ عنات، جکري جي تعريف ۾ "گُهر گنگا جر راءِ" واري انوکي تشبيهہ جو موجود ۽ جکري جي سخاوت کي الاهي صفات سان تعبير کرڻ واري صوفيانہ نکتي جو باني مباني آهي: "سام سمي جي هوءِ، جيڪي ٿئي جهان ۾." ابڙي سمي جي بهادري کي ساراهيو اٿس. چاکاڻ تہ هن سر ڏنو پر سامون نہ ڏنيون. سندس معتقدن مان مالڻ ۽ يوسف، علاؤالدين جي دودي تي چڙهائي جا پار پتا ڏنا آهن، ۽ شاهہ قطب انهي لشکر کي "ترکن جي فوج" کري سڏيو آهي. شاهہ شريف پنهنجي هک بيت ۾ (گجريان تي گجئون - الغ) 'گجرن' ۽ 'تانور پٽي' بابت آڳاٽين روايتن جا اهڃاڻ ڏنا آهن.

فصل - 1:

[1] هوٿياڻي هٿاءِ = سخي جکري جي هٿان. ڏسو هيٺ (9). ڏئين ڏان ٻين کي = هو توکي ايترو ڏيندو جو تون خود ٻين کي ڏان ڏيندين.

[3] پاتار ۾ = اونهي عميق ۾. گُهر گنگا جر = گنگا جي جر جو موتي (يعني جکرو). ڳاچ تنهين جو ڳاءِ = تنهن جي تعريف کر. ويلهہ = تنگي - تکليف (روزگار جي).

[4] جُہ واسِريو = جـِي وسڻ جي کيائين. ريليندو = پُـر آب کندو - پوچ پياريندو. رونڻن کي = محتاجن کي.

[5] پاٽوندر = درياءُ دل سردار.

[6] شاهہ جي رسالي، سر بلاول د - 3، ۾ هيءُ بيت هيئنيءَ طرح ڏنل آهي:

جٿن گنگا جر هارئو، تٿن اکين پنو نينہ سکين تي سلام کي، صباح سارو ڏينہ

سندو موتين مينہ، جال وسايو جکري.

[7] جي اڻ ستي آهين - الغ = جيکڏهن تو وٽ کير جي سرکي بہ ناهي، تہ سخي جکري وٽ پهچ تہ پنهنجي ڏڻ وارو ٿئين. جهار = ووڙ - واکاڻ. ٻرڙو ٻيٽ =جهونا ڳڙهہ کان ڏکڻ طرف سمنڊ جي کناري لڳ هک ٻيٽ. کنڌار = کنڌيءَ ٿان. ٻرڙي ٻيٽ کنڌار - الغ = جکري جي سخاوت جي پالوٽ سنڌ جي سرحد کان پار وڃي کاٺياواڙ ۾ ٻرڙي ٻيٽ تائين پهتي.

[9] رهاٽي = پچار - ڳالھ. آسائن = اميد وارن - آسائتن. جڪرو.... هوتياٽي = جڪرو ڄام اُڍي جو پٽ هو ۽ سندس ماءُ مشهور هوتل نگامري هئي. جنهن جي سونهن سببان ڪيس 'هوتل پري' سڏيندا هئا- هوتياٽي يعني هوتل - ڄائو.

فصل - 2:

[1] همئاٽي = يعني سخي ڄام 'ڪرن' جو همون جو پٽ هو يا همون جي اولاد مان هو.

[2] وڇا جو ورن = سياٽپ وارو نمونو. پاڻ پرن =پاڻ سونپ.

فصل - 3:

[1] منهن ڪئو اڇن جي = جيڪي فوجون سڌيون چڙهيو اچن. سرٽيون جنهن ڳري = جنهن وٽ سامون. اڇل عراقين نہ سهي = عراقي گهوڙن جي سٽ نہ جهلي.

[الف/1] ڪارهن = يارهن. پيڱن = پيادل فوجن - لشڪر جي قطارن. جليبي جسوڙ = 1. ترارن ٻڌل پهلوان. 2. همت ڀريا نگران يا داروغا (جي مٿان نظرداري ڪري فوج جي سچي اٿالي ڪي اڳتي وڌائيندا هلن). الابندي = علاؤالدين (الابندي > الاوندي > علاؤالدين) جو. ڪاهہ جنهن سين ڪوڙ = جنهن سان بيشمار فوج. ڏير = دَنيرَ - پهلوان. هروڙ = (ف. هراول) پيش قدمي ڪندڙ پيادل فوج. گهڙيو ڪارڻ گهور = سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. سرٽيون جهلي = سامون جهلي. سوڙو = وڙائتو.

[ب/1] سائو = اشراف ۽ صابر سورهيہ. آڳهہ = اَڏ - جهل. اڙين = مصيبت ۾ ڦاٿلن. جاڙيجا = اي ابڙا سما (جاڙيجا، سنمن منجهان آهن.) عراقين = عراقي نسل جي زوراور گهوڙن. ترڪن = دهلي جو لشڪر. ڪونئرن = سورهيہ شهزادن (ابڙي ۽ سندس ساٿين). ڪلو ورائو = جنگ لاءِ تيار ٿيا. هوٽيڱن = حملو ڪندڙ دشمنن.

[ج/1] سانگيون = تراريون. سائن = صابر سورهين.

[2] در چليين = فوجن سامهون. ڳر سرٽيين = سامن وٽ. ڏهسيو = ڊنو. ڏير = پهلوان. ڏوڙيون = بيٺيون قطارون فوجن جون. سي لاڪي نہ لوڙيون = لاڪي جهڙي پهلوان بہ انهن جي لوڙهہ نہ هنئي (انهن کي ڦري ڪٽي نہ ويو).

[2] گجريان تي گجيون - الخ =گجرن جي طرفان جي فوجون چڙهيون. تن جو ڇيهہ ئي ڪونہ هو ڪرماٽيين = تراريں ('ڪرمان' جون نهيل). ڪرهل ڀريان ڪوءَ - الخ = 'سانور' مان مراد غالباً 'ٿانور ڀٽي' آهي، ۽ مٿي 'جنهن تي هئي دانهياٽي جوءِ' جو اشارو 'گجٽي' ڏانهن آهي، جنهن جي پٽ کي ٿانور جهليو ۽ هن ويچاري دانهون ڪوڪون ڪيون. اڄ تائين چوٽي آهي تہ "اسان جي گجٽي واري دانهن آهي". انهيءَ دانهن تي، غالباً گجرن جو لشڪر چڙهيو جنهن اچي ٿانور کي ماريو. ٿانور ڀٽي جي شهر جا ڪنڊر، اُپرندي ناري جي قديم وهڪري جي ڪنڌيءَ تي، جنهڻ لڳ (اسٽيشن فضل ڀنبرو، ضلعو ٿرپارڪر) موجود آهن.

[3] مهائيين = همت ڀريا بهادر جوان. رڻمل = رڻ جو مل - بهادر. سونهريون هٽي = تراريون هٽي.

سرود ديسي

● **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات جا 41 بيت ۽ 6 وايون، شاهہ شريف جا 2 بيت، شاهہ بلال جا 6 بيت، قطب شاهہ جا 33 بيت، يوسف جا 3 بيت، صابر جا 2 بيت، ۽ بنان نالي 5 بيت، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. آءٌ جتن جي تہ ڇڻ زرخريد گولي آهيان، شال ٻاجهہ مان مونکي ٻانهي ڪري ڪوٺين! پنهون جي ساٿ سڄي پنيور کي واسي ڇڏيو آهي. مونکي سندس ئي آسرو آهي، جٺان توڙي مران پر سندس حضور ۾ هجان. اي پنهون ڇام مون هيٺيءَ کي هيڪلو ڇڏي مَ وڃج! پر هنن اٺ الائجي ڇو سينگاريا آهن: "ڪوءِ وڃڻ وائي، هلڻ سهان نہ هوت جو". 2. اي سسئي! جي تنهنجو پنهون ڇام سين نينهن هو تہ پوءِ ويسري ٿي ڇو ستينءَ! هاڻي سندن پير پڇائي اُٿي پنڌ پئو. "هوتن ڏارن هاڻ، منهنجو قدر لهي ڪير!" آءٌ ويسري ٿي ستيس جو اڃاڻ هيس، هاڻي آءٌ ور پٺيءَ ويندس، مان ڪا ڇپر - ڏٺي منهنجي سار لهي. اي منڊ! اڏو ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي ٻيا سڃا ٻر ۽ جهنگلي جانور، پر "جن جو آرياڻي اڳواڻ، تن کي ڪانهي ٻاڪ ٻهير ۾." 3. سسئي پنهون ڪارڻ پنڌ پئي: "جن جا رات رسن، ڏينهان سي ڏوريندين." "ڏونگر اتاهان، تنهان اُتاهيون لڪيون، پر جي پير لهان تہ رڙهڻ راحت پانئيان." "تتيءَ ڪوسيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي"، "ڪانهي ان اونداهہ، جن ڏٺو پير پنهونءَ جو". هن اسونهيءَ کي ڏونگرن پڻ ڏس ڏنا ۽ "جڳ بہ رهيس جس، سگر ملي ساٿ کي".

● **خاص نڪتا:** هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات توڙي سندس پٽ ۽ پوٽن، ڪيچين جي ساٿ جي سينگار، سسئيءَ جي سنبت، ۽ آڏو جبلن، لکن ۽ جانورن جا پار پتا نهايت تفصيل سان ڏنا آهن.

فصل - 1:

[1] ڏاهہ = ٻانهي. آڇڻ = خدمتگار. سهاءُ = وٺي.

[2] ٻانهوٽي = ٻان ۾ آيل ٻانهي - گهٽ درجي جي ٻانهي.

[2] اماني = بي مانائتي.

[3] جبات = خوشبويون (؟). رئات = (ع. رئِ = ڏسڻ) ديدار. جاز جڪات = تڪليف واريءَ ونڊ - سختي.

[الف/3] مر = خوشبوءِ.

[ب/3] ٻيڙا = سينگار جا ڳانا. سير =وانون.

[4] هلريون = جُهلون. ڪي هلرين هوءِ = سهٽين جهلين جنسار لاٿي ڇڏيا. ڪرزينن ۾ = خرجينن ۾ - ڪڙين ۾.

[7] سليطا = (ع . سلطة = تڏو) تڏا. نڌائون (نُـهڻ = جنڊن ۾ دلا نوڙين سان ٻڌڻ) = ٻڌائون. پرسالا = پروڪي سال جا - هڪ سال جا نندا ڳوٺرا. مون پانيو گورا - الخ = مون پانيو تہ هي نندا هڪ سال جا ڪنوات آهن (۽ انهن کي ڪنهن وڏي منزل لاءِ ڪين پلاڻيندا.)

[8] اُٺ پٽ = پيارا پٽارا اُٺ. ڪرهل ڪڏائي = ويا ڪرهل ڪڏائي.

[9] الڪاريا (الگاريا) = هَلڪاريا - 'هَلي' ڏيئي هڪليا.

[10] ڏونگرين کي = انن کي ('انن' کي 'ڏونگرن' سان تشبيهہ ڏني وئي آهي.)

[11] ويسري = غفلت ۾. اساري = بنا سُرت جي - موڳي. اوجهرين = ننڊ ۾ اوجهراٽيون کائين.

فصل - 2:

[1] سکين پئين = توکي سک نصيب ٿين.

[1] ريہارين = سڄڻ جي قاصدن - پرت جي پيغام پهچائيندڙن.

[2] سونچل ساٿين سوءِ = ساٿين جي سانباهي جو پڙلاءُ تنهنجي ڪن تي پيو.

[الف/2] سوڳي = سجاڳ - هوشيار.

[د/2] جتيائي = جتي ٿي.

[هـ/2] نهو = پاڻ سان وٺي وڃو - نيو.

[3] سسئي سک سهاءِ - الخ = سسئي جو سک ڏيرن، ڏونگرن ۾ (واٽ وارن) وٽن سان وابستہ آهي. وهہ ڳرا = ڏکيا لڪ - ڏکيون واٽون.

[4] بيدي بر = سجا ۾ سخت بيابان.

[4] ٻانين ٻيلون ٻڌيون = ممون ميڙا ڪيو وتن. آهي گهاءُ گهرن = گهرن وانگر آهي (يعني تہ 1. هيڪلائيءَ ۾ سُڃ ۾ ڪيس گهر ڪري رهڻو پوي ٿو. 2. پنهونءَ جي حب ۾ هيڪلائيءَ کي بہ گهر ڪري سمجهي ٿي.)

[5] ٻاتاڙن= پريشان حال هيٺن ۾ اڪيلن.

[الف/5] اينڌيون اوطاقون = خالي بيٺڪون - سڄون منزلون.

[ب/5] ماڏا ڏونگر = ڏکيا ۾ جاڏا جبل. سيچاٽا = باز. سانورا = سبز رنگا. گانورا = گينواريل - مست. ٻانورا = ٻگڙيل - شوخ. راگا = ٻيلائي شينهن. ٻهس = وهلو - ترت.

[ج/5] سَرهيو = حملو ڪيو. جهرڙجهنا = جبلن جا جهڏا ۾ غارون. نيڙ =نمنديون - هيٺاهيون واديون.

[6] حريفن حيريان = هوشيارن کي بہ حيراني ٿئي. ڪانهي ٻاڪ ٻهير ۾ = ساٺ واري وهنڊڙ قطار ۾ ڪو پوُ ڪونهي - راه ۾ ڪو دپ ڪونهي.

[الف/6] توڙان ٿيس توه = آخر تائين مهر ۾ ٻاجهہ ٿيس.

[ب/6] تانگهون =زهري بلائون.

[7] گهاٽيون = وٽن سان ڇانيل واديون. نيون، نڪون، نونڊڙا = هيٺاهيون وهنڊڙ واديون. آڙلون = اَزگر بلائون. آما اَڪ = جهنگ جا انب ۾ اڪ.

[7] اَڪڙ = اڪن جي وٽن سان ڇانيل اراضيون.

[ب/8] = تاڪئن جي = جهنگ جا جانور جي حملي ڪرڻ لاءِ تڪين پيا.

[9] ورک وسيهر =زهري نانگ.

[الف/9] سيار = گدڙ. گرن تي = جبل جي غارن مٿان.

[ب/9] ٽانڪاريون = ڊگهين لامن سان ڪنڊن وارا ٻوٽا. ڏوجهہ = ڏکيائي - ڏوجهرو. يون پوارئين = خوفائتين پيٽين. سوجهہ = سرت - سمجهہ.

فصل - 3:

[1] برفت =ڪوهستان جي زوراور قوم. برفتن جي بات - الخ = سسئي کي سچ ۾ سرڪش برفتن جي چوٻول بہ ڇڻ وندر ٿي آئي.

[الف/3] کهين تي ڪڙي = ٽڪلن لاءِ تڙي ڪڙي - هيٺڻ خاطر يڪدم.

[4] ڪٺ نہ ڪچيائون = نڙيءَ مان آواز ڪونہ ڪيائون - ڪُٽڪيائي ڪين. پوندي بار - الخ = بار لڏڻ وقت ڳڙيا ٿي تہ ان جا ٻوٽ ٻڌي ڇڏيائون. جُود جمازي جهانجهرا = جهانجري رنگ جا تيز رفتار اُٺ. ڪامُئين ڪاهيائون = لڪڻ سان هڪليائون. لانچيائون = ٻڌي هٽيڪا ڪيائون (رواني ٿيڻ خاطر).

[5] گريين منجھ = غارن منجھ ('ڳِر' يا 'ڳُر' = جبل جي غار جنهن ۾ اڪثر شينهن رهن - جبل جو جهڙو).

[5] ڇيڪارا = ڳورُ ڳهمندڙ - آزاد ڦرندڙ. ڇنن ۾ = وڻن سان ڇانيل هيناهين وادين ۾. ڪارا ريڄ ڪَنا = ڪارا ڪِٺ رڃ - بالڪل ڪارا رڃ. ڇنا = پيرن جا نشان. پير لنگهئو سي پهڻين = انهن رڃن جي پيرن جا نشان پهڻن ۾ ڇپين وڃان لنگهندا وڃي سندن ڇرن تي پهچن.

[7] ايندءُ لال لهي = لال پنهون توکي ڳولي اچي لهندو.

[8] بودن = اٺن.

[9] نسئو ڪين نسن = سُڪيو ڪين سُڪن. ٽٺنگ = اُٺ. تسن =سرها ٿين.

[10] پيرت = پيري واري واٽ. وانڪڻ = هيڏانهن هوڏانهن ڳوليندڙ.

[ب/10] مارڳ منڌ ملي = منڌ واٽ جهلي.

[11] تراف = پير. ترڪي تان مَ تراف - الخ = پيٽيو شاھ عبداللطيف جي سٽ "توڏن جون تڙ پيڙ ۾ تريون ترڪن تام".

وائي -1: ڏڪڻ = اي ڏکڻ جي هوا!

فصل - 4:

[2] جاٻول = چوٻول. پير ڪڙيندي = اٺن جا پير ليڪيندي - پير ڪٽندي.

[3] پرنيان = سونپيان.

[4] اَنءِ چان = آءٌ چوان.

[6] ڪين پر ڳوڏن ڪوڄ =ڪي ڪجھ ڳوڏن پر رڙھ. سليطا ثابوت = اٺن تي انهن جا تڏا پوري طرح ٻڌل آهن.

[7] اَسانبن - الخ = هتي جي لاڳاپن کي ترڪ ڪر.

[ج/7] چٹون مُٺي = خوشبويون اُتاري.

[د/7] ڪتڻ واس = سرهي 'ڪتڻ' گاھ جي خوشبوءِ.

سرود سورٺ

● **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهه عنات جا 11 بيت ۽ هڪ وائي، شاهه شريف جا 4 بيت، شاهه بلال جا 3، بيت قطب شاهه جا 12 بيت، ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.

● **مقصد:** منگتو سُر ۾ جا سَينِ تو هٽي، سان مونکي گهٽو سيبائي ٿي پر "سر سهڪي ڳال، الا ڪيم اهڪو گهري". اي منگتا! توکي ڇا کپي جو اهڙو ساز وڄائڻ وينو آهين؟ "جيڪي تو جڳاءِ، سو ڏيين ته ڏيه سٽي". سورٺ چيو ته: 'اي مڱڻا! راجا ڳنهي مَ رمر. خاتون راڻي، راءِ ڏياچ کي چيو ته: 'ابا! مڱڻي کي متان موٽائين'. راجا چيو ته: 'اي مڱڻا! در در دانهن مَ ڏي'. جي 'مٿو مناسب منهنجو تند تنهنجيءَ تي' ته صبوح ساڻ سر وڍي کڻ. سر ٻه ڪا شيءِ آهي جو گهرندي پيو شرمائجين! چارڻ چيو ته 'ڏينهينمر سوارو، ته ڏيکاريان هٿي ڏيهه ۾'. راءِ ڏياچ وڏيءَ دل سان سر ڏنو ۽ چيائين ته "هي مٿو ته صرف تنهنجي ڪينڪار ۽ مرحبا ۾ ڏيان ٿو، اجان ٻيا ڏاڻ گهرجن ته اهي به گهٽائي ڏيان."

● **خاص نڪتا:** ميون شاهه عنات غالباً پهريون شاعر آهي، جنهن مڱڻي ۽ راءِ ڏياچ جي قصي کي پنهنجي بيتن ۾ ڪافي تفصيل سان ڳايو آهي. راءِ ڏياچ جي ماءُ خاتون راڻيءَ جو پنهنجي پٽ کي سر ڏيڻ لاءِ همتائڻ وارو اشارو، ميين شاهه عنات جي بيت ۾ نهايت موثر انداز ۾ بيان ٿيل آهي. ميين شاهه عنات جي پٽ ۾ پوڻن، خصوصاً مڱڻي ۽ سورٺ جي سوالن جوابن کي موثر نموني ۾ نباهيو آهي.

[1] ٻارٺ = سوالي - منگتو. جهروڪو = محلات جي گنبذ جي خاص ڇڇهري، جتي بادشاهه اچي ويهي.

[1] اٺڻ = ڪم - ڪارج. نالڪي = پالڪي.

[2] سا سٽي بالا بين = اها بين مٿي محلات ۾ ٻڌجڻ ۾ آئي. اڙدا بيگيون = خاص ٻانهيون.

[الف/2] پڙ پيس = پلئه پيس - حاصل ٿيس.

[ب/2] بارگهون = بارگاهون - شاهي درٻارون.

[4] ڇيِون ڪري = آلاپ ڪري.

[ب/5] پرين جو = پريئن طرف (انيراءِ) وارن جو.

[6] مڇڻ ڪين ڪرين = متان ڪي رنج ٿئين.

[6] جنٽي = سرندو.

[7] دمج دمر = ڪا گهڙي صبر ڪج.

[الف /7] 'اني' = انيرار. سواس = ان کي سٺو واس ڏي ۽ سينگار.

[ج/7] ڪرو ڪرم = کهڙو ڏوه ڪرم ڪي.

[8] خاتون راڻي = وڏي راڻي (راءِ ڏياچ جي ماءُ). سگنتو = سرهو.

[8] سوٽين = سپ ڪان اڳ سمجهندڙن - پهرين پارکن. پهاٽ 1. سوچ - سمجهه. 2. چڱي ورچ.

[10] رڃ = سون چانديءَ جا ٽول.

[10] دل بادل بارگهون = ساز سامان ۽ درٻارون. حريرچا = پٽ پٽيهر. مهند تني موڪ = اڳتي انهن لاءِ سيڪجهه.

[11] جنهين تڪ تارو - الخ = راجا سهي سنبهي تاري سامهون تو اسهي ('تاري سامهون' وڃڻ ۾ نقصان آهي، پر هو تہ پاڻ سر ڏيڻ لاءِ تيار آهي).

[ج/11] راهو منديو = پنڻ ڪيو - ماتر مڃايو. اچوڪ = بي عيب - نهايت سهڻي.

وائي: هالا، جالا - الخ. =مشهور قومن جا نالا.

سرود سارنگ

● تفصيل: هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات جا 24 بيت ۽ 1 وائي، شاهہ شريف جا 2 بيت، شاهہ بلال جا 2 بيت، قطب شاهہ جا 2 بيت، پيرو جا 2 بيت، چامر جو 1 بيت، ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.

● مقصد: 1. تاڙي تواريو، سنگهار سرها ٿيا ۽ هارين هر سنياٿيا تہ اجهو مينهن وٺو. واحد! ڪر وسون تہ ڏڪ ڏولاوا ڏور ٿين! اميدون پوريون ٿيون: هـر ڏس تـان ڪنوٽيـون ڪنـوي آئيـون ۽ سـڄو ملـڪ وسـي پيـو.
2. جيت، جانور ماٺهو مڙيئي مينهن ۾ خوش آهن. مينهن هجن، سڄڻ ساٿيهہ ۾ هجن ۽ مينهون پاڻ تي هجن: سڄڻن سان نينهن لائجي، ۽ مينهين پٺارين ڪي موج سان ميڙجي ۽ ڏهجي. پورهيي خاطر پري ويل ساٿي بہ وس ۾ اچي وطن پيڙا ٿين ۽ "سانوڻ مند، سيد چئي، اکيون پي پسن." وسڪاري ۾ هر ڪا وريتي پنهنجي ور سان خوش: "ڏاهي ڪ پوري، پر وٽي پنهنجي ور ڪي". وڇڙيون! اوهين بس نہ ڪجو، محبت جي بوند مر پئي پڪا پسائي ۽ سڄڻ پسائي. "ور هوتان سين هيڪاند، پاٻوهڻ پرينءَ سين".

● خاص نڪتا: ميين شاهہ عنات توڙي سندس پٽ ۽ پوٽن، سانوڻ جي مينهن جو ديسان ديس آل جال وسڻ ۽ سنڌ جي هر پاڳي تي پالوٽ ڪرڻ جا احوال نهايت تفصيل سان ڏنا آهن. ۽ پڻ مڙني جيتن ۽ جانورن ۽ مالوندن پاڳين جي سانوڻ مند ۾ سرهائي واري مضمون کي سهڻي نموني ۾ نباهيو آهي. سارنگ جي سر ۾ 'سڄڻن ۾ مينهين' جي سرهائي واري مضمون جو غالباً ميون شاهہ عنات موجد ۽ باني مباني آهي.

فصل - 1:

[1] پپيهل پتيو هنيون = تاڙي جي تانگهہ لٿي ۽ مينهن جو پڪو آسرو ٿيو.

[2] ڏڻ ڇڻ = چوپايو مال.

[الف/2] لال ورن =ڳاڙها رنگ. 'جوٽيجا' ۽ 'دالي' ڳوٺن جا نالا.

[ب/2] منڊيون منجهہ مٽن = مانڊاٿيون وڏين ماٽين ۾ (ڍايل مال ۽ جهجهي کير جي نشاني).

[ج/2] هن بيت ۾ جن ڳوٺن جا نالا آيل آهن سي سانگهڙ، ميرپور ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾ واقع آهن.

[3] ونگو = ٽنڊي باگي ۽ ڏيپلي تعلقن جي دنگ وارو ملڪ. پُراڻ = پراڻو درياءُ جنهن جي وهڪري جا نشان ميرپورخاص تعلقي کان وٺي هيٺ ڏکڻ طرف ڊگهڙي ۽ ٽنڊي باگي تعلقي جي حدن ۾ موجود آهن. لڪڙي ۽ سامارو = ساماري تعلقي واري اراضي ('لڪڙي' غالباً 'اڪڙي' جي بگڙيل صورت آهي. 'اڪڙي' پٿوري اسٽيشن لڳ مشهور ماڳ آهي.) موهـر = موهـر - مهراڻي واري اراضـي. ترائي = ڏيپلي تعلقي جو هڪ ڳوٺ. صدر = غالباً درويش ڳاڙهو صدر، جنهن جي مزار ٽنڊي الهيار تعلقي جي ڏاڪٽين پاڳي ۾ آهي. اهو ماڳ اڳ 'ولهار' جي نالي سان مشهور هو.

[5] رٺا = ردا - مينهن جي پاڻيءَ سان پريا.

[6] ڪر لهن = سار لهن.

[6] پيلينديون = پسائينديون - پاڻيءَ سان پرينديون. ڪونهيرو = شهدادپور تعلقي ۾ مشهور پراڻو ڊورو. روپاه تڙ = بدين تعلقي ۾ 'روپاهه' جا ڪنڊر مشهور آهن. جو ڪنهن وقت سومرن جو تخت گاهه هو. ان جي اولهه طرفان پراڻي دريا جي پيٽ جا نشان آهن- غالباً اهو 'پراڻ درياهه' هو جنهن تي 'روپاه - تڙ' مشهور هو. هالار = سنڌ ۽ ڪڇ جي ڏکڻ - الهندين سرحد تي مشهور اراضي جو نالو.

فصل - 2:

[1] مرگهه = هرڻ. آرون (واحد. 'آر') = تڏ جهڙو جيت. جو مينهن وسڻ کان اڳ (اپريل، مئي ۽ جون جي شروعات ۾) جهولي ۽ گرمي واري مند ۾ وڻن ۾ سنهڙو چٽو مسلسل آواز ڪري.

[2] کين سما = سهڻي (سانوڻ) مند ۾.

[ب/2] ويٽ = چڱي رٺا - سهڻي سٺا. چنون = وڻن ۽ گاه واريون ساوون هيناهيون اراضيون. مٺن چٽ = خوشبوءِ اتارين.

[ج/4] وانجيا ڪي ويلي = جيڪي هڪ ويلي جي توڻ (قوت) کان بہ محروم هئا.

[5] ارک = غائب، - ختم.

[5] نوٽيين نيل التيو = هيناهين وهندڙ گهارين پاڻي آٽي پلٽيو. سجڻ ديسان ديس = سجڻ پري پرڏيهه ۾ آهن. ڪامڻ پچن ڪيس = گهر واريءَ جا وار پيا پسن (يعني مينهن جي مند شروع ٿي وئي آهي).

[6] ونڪا ويس = رنگ بہ رنگي ورن. نوڪنڊ ناڏ ٿٺا = سيني ملڪن ۽ طرفن تي گوڙيون ٿيون. پاريون ڪري = اوتون ڪري. نوٽن = نمندين - هيناهين. نيس = پاڻيءَ جا گهارا. اهرُو = زهري جيت (نانگ بلائون). اوطاقن ۾ = پنهنجي جاين (سوراخن ۽ ڏرڙن) ۾. ماري ويٺا ميس = ڏنگائي ڇڏي چپ ڪري ويٺا.

[7] انبر = ڪڪر. انبرين = آسمانين - پي = سڄڻ - دوست.

[الف/7] نيهان = سانوڻ کان اڳ گرم جهولي واري مند.

[9] ڏهائن ۾ = وڏن ساڙهن ۾ (ڍڪر جا وڏا 'ساڙها' جنهن ۾ گهٽي نير واريون مينهون يا ڳايون ڏهجن). سکيا ڳاڙي = کير جي ذري لاءِ پٽي سکيا. سُسانگ = سانگي سان سهٺو وقت گذارڻ.

[الف/9] اوپر سون = مٿان. موهر = مهراڻو (کپري، عمرڪوٽ ۽ ساماري واري اپرندين اراضي - ٿر ۽ سنڌ جي سرحدي اراضي). ڪار = ماڳ جو نالو. ويرسيئن = ويرسي سوڍن جي بستين واري اراضي. 'ڪاهوتڙ' = ماڳ جو نالو.

[ب/9] ريلون رانئي آئيون = سنوان آباد پٽ پري آيون. ڪيراهن = ڪيراهن (ڳوٺ جو نالو) تي. چٽوڙي = ميرپورخاص تعلقي ۾ ڳوٺ. تاساريون = اجايل. ڏر = چُلها، چُکهه ۽ سوراخ. ڪانيا = ساڙيا.

[ج/9] رايون = ڳايون (رنگ جي لحاظ سان). سهڙندي = وٿاڻ تي پهچڻ سان. رڪاٽن = رُکي ماني کائڻ واريون حالتون (کير نہ هجڻ سببان).

[11] سحر = اهو جهڙ جو افق تان آهستي آهستي ٿي مٿي چڙهي. وڏر = ننڍو ڪڪر جو جهٽ ۾ گهڙي کن لاءِ اوهيرو وسائي. ڪانگهاريون = ستائون - کير واريون (ڳايون، مينهون). وهڪيون = کير ڏيڻ بس ڪيائون.

[12] ڏونگها = ننيڙا ٽانو (ڪير جا پريل پيڻ لاءِ). ڪاسا = وڏا ويڪرا وٽا يا پيالا. ڪاسا جني ڪم = اهي مال وارا پاڳيا جن وٽ ڪير جهجهو آهي ۽ جي وڏا شاهي وٽا پري پين ۽ ڏين.

[13] پاڇاٽي = پوئين مند واري مينهن. ڪٿو آڳاٽيئي اڳرو = آڳاٽي مينهن ڪان ٻـ اهو وڌيڪ پيو.

[15] ويساند = ويسانهين - دير. شال مَ وڌهوٽي وهو = ناراض ٿي بس نـ ڪري ويهو. اڻ - اوٺ = مينهن جي نـ وسڻ واري حالت. پڇي سا پراند = اها سختي ختم ٿئي. ور هوٽان سين هيڪاند = شال سڄڻن سان گڏ گهارجي.

[16] پيڙي پيڙين نـ ٿئي = ڪپر يا ڪنڌيءَ جي ڪوين ۾ نـ وهي (يعني تـ اها سپ وچ ۾ پاڻيءَ جي سطح تي پئي تري ۽ مينهن ڦرڻيءَ لاءِ پئي واجهائي).

وائي. هئي اريجي = پاڻيءَ ٻنان هئي. ريلي پون رجائي = سراسر وسي پٽ پسايا.

سرود توڏي

● **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاھ عنات جا 17 بيت ۽ 1 وائي، شاھ شريف جا 3 بيت، شاھ بلال جا 6 بيت، قطب شاھ جا 6 بيت ۽ يوسف جو 1 بيت، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. سهڻيءَ کي سچي سڪ آهي، جنهن ڪري 'جتان گهڙي تتان گهيڙ، اوتڙان ئي تڙ ٿئي'. ميهار وٽان ڪا مهي جي سرڪ چکيائين، جنهن موهي مستان ڪئي، ۽ پاڻ تان پيرو نـ پڇائين. سچي محبت ڪيس لُڙئون لنگهائي پار پئي ڪيو ۽ محبتي ميهار سان ملايو. 2. اي سهڻي! ڪانهن ڪک ميڙي کهڙا ترها تي ٻڌين! سڪ کي اڳواڻ ڪر تـ پار پهچين. "گهڙڻ وهيٺو مون، مڙڻ هٿ ٻڌن جي". اي جيڏيون! آءُ پاڻ وهيٺي ناهيان، هيءَ نينهن جو ناتو آهي نـ تـ ڪنن ۾ ڪير گهڙي! پرئين پار، محبتي ميهار جا منهن ۽ وٽاڻ پسيو پئي وهسان، ۽ پريان پرنڌڙ باھ جي اهاءُ تي پئي تار تران: "محبت کي مهراڻ، سڪي سيوئي پٽ ٿيو". سهڻي ٻڏي، تـ سندس ٻيڙا لهرين لوڏي اچي ڪنڌيءَ پيڙا ڪيا، ۽ انهن جي خوشبوءِ سڄو درياءُ واسي ڇڏيو "سائر سو هٽيا، سيوئي سرهو ٿئو".

● **خاص نڪتا:** سنڌي شاعريءَ ۾ سهڻي بابت (؟) پهريون بيت قاضي قادن جو ملي ٿو ('سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙئي - الخ). پر ميون شاھ عنات غالباً پهريون شاعر آهي، جنهن سهڻيءَ کي ايترو گهڻو ڳايو آهي. درياءُ جي پار ميهار جي پاڻ ۽ دونهين، منهن ۽ چنين جا اهڃاڻ ميين شاھ عنات ۽ سندس پٽ ۽ پوٽن ڪافي تفصيل سان ڏنا آهن. ميون شاھ عنات پهريون شاعر آهي جنهن سهڻيءَ جي ٻڏڻ بعد سندس ٻيڙن جي خوشبوءِ ۽ ٻهڪاءُ سان سڄي سائر جي سرهي ٿيڻ واري نازڪ نڪتي کي بيان ڪيو آهي.

فصل - 1:

[1] اوتڙائين تڙ ٿئي = ڏکيي گهيڙ وٽان پڻ سولو گهيڙ ٿي پئي. نيڙ = نندو گهارو.

[2] دنگ هٽي = ٻيڙا غرق ڪري ڇڏيا.

[الف/2] آنڪي = ڪچي گهڙي تي.

[ب/2] ڍوئيين = اماڻيئن.

[ج/2] گهور = ڪُن. لوري لڳيس لور = [illegible] سڪ ۽ تانگھ ڪنيس. پور = دلو.

[3] رِءَ = صحيح – ثابت (ٻي پڙهڻي: رَءَ = درياءَ جي رءَ واري ڪنڌي). ٻانڌي = درياءَ ۾ لڙهندڙ يا هيٺ
گپ ۾ گتل ڪاٺ جا ٿلها بند. پيٽ = ڦيٽ – ضرب.

[4] هي بيت شاهہ جي رسالي، سر سهڻي د – 4، ۾ هن طرح ڏنل آهي:
مهـــاران مهـــي، پيتـــائين پريـــم جـــي
ارڪ سرڪ، سيد چئي، لڱس ڏوت ڏهـي
سگهي تان نہ سهي، ملي جان نہ مهار کي.

[5] لڙئون = ڀرپور درياءَ جي لڙيل ميري پاڻيءَ مان.

[ب/5] اصح = خالص. اول = پاڻيءَ جي وڏي ڇولي – اٿل. جهول = اونهي پاڻي وارو هيٺاهون گهيرو.

[6] ڏارن تي ڏارو = 1. وڏين ڇولين جون اٿلن تي اٿلون – پاڻيءَ جا وڏا ڏار يا ڇول. 2. سهڻيءَ جو ڏارو
اتي ڏريو. چارن تي چارو = ميهار انتظار ۾ نظر ۽ جانچ پئي ڪئي.

فصل – 2:

[1] هنيان = هتان. سنهايو = ڏيکاريو.

[2] پيرا ڪريين = گهمرا ڪرين (غالباً صحيح "پيڙا ڪريين" = گڏ ڪريين). پانهجي پانهن = پنهنجي
پاڻ . اڳانهن = اڳتي – ڏوراهان.

[الف/2] پيلو ٿئو = تقدير ۾ ڪچو گهيڙو پلئہ پيو.

[3] ميرا منهن = ڪاراڻ تي مائل ڇنا – جهونا پراڻا ڪک ('ميرا منهن' اصطلاح لاءِ ڏسو شاهہ جي سٽ
"ميڙان منهن مارن جا، ماڙين تي نہ مڻين".)

[4] وڙهئيين = پلاٽيين.

[الف/4] اڀکي سا آرن تي = درياءَ جي وهڪري جي رخ تي سا چڙهي. اپيڻ = بيهڻ. اورار = اورينءَ پر.

[ب/4] ٻچل = ٻن آرن جي گڏجڻ واري جاءِ (جتي پاڻيءَ جي تکي پلٽ ۽ اڇل هجي).

[5] مڇڻ پوءِ عڪس = مٿان رنج ٿئي.

[7] ڪيٽان = ڪين. وروڪئو = ٻانهن سان ور ڏئو. ويران = ورن ڪي – ڇولين کي.

[8] ونهيان وڻاٽان = 1. سندن وڻاڻ سکيا ۽ وسندڙ آهن. 2. سندن وڻاڻ تي بيٺل مال متارو ۽ آسودو
آهي. سيٽان = ساڻن.

[10] زر جبات = زري وارا ڪپڙا ۽ خوشبوءِ. پيڙو= ڳانو. منڌ ملا = سهڻيءَ وٽان. اولن = ڇولين – اٿلن
ٻهکا = هيڪار. سوهڻئا = سهڻي وٽان – سهڻيءَ جي ڪري.

سرود ڪاموڏ

● **تفصيل:** هن سرود ۾ مِنين شاهہ عنات جا 12 بيت ۽ 1 وائي، شاهہ شريف جا 4 بيت، قطب شاهہ جا 3 بيت
۽ رنگيز جا 2 بيت، شامل آهن.

● **مقصد:** 'تخت، بخت، تڙ، تماچي، سڀ نوريءَ کي نمن'. سچي ڪينجهر ۾ سنديس سونهن سرس آهي. ڄام
تماچي، نوريءَ خاطر اڇي ميرن مهاڻن وٽ لٿو، ڇني هيٺ ڇنڊ ۽ منهن هيٺ مسندون پئجي ويون.

ڪينجهر گندرن کي انعام ٿي ملي. نوريءَ کي ڄام پنهنجي پٽ راڻي بنايو ۽ 'مورچل مٿاس. ايو تماچي هٿي'. نوريءَ جي سفارش تي غريب گندرن جا عرض اگهاڻا ۽ مٿانئن محصول معاف ٿيا. بخت جي انهي بلنديءَ هوندي به نوري نياز ۽ نِوڙت سان ڪرنشون ڪندي رهي، ۽ چئي ته "سمان! سيان اوئٽن هئين، جهڙوئي تون اڄ" - آءٌ ساڳي شريب گندري آهيان پر "ڄام تماچي جي، نظر نوازي آهيان".

● **خاص نڪتا:** ميون شاهه عنات پهريون شاعر آهي، جنهن نوري ۽ ڄام تماچي جي محبت جي داستان کي ايترو ڪولي ڳايو آهي. ميين شاهه عنات ۽ سندس پٽ ۽ پوٽن، ڪينجهر جي گندرن جي مڇيءَ جي ڌنڌي ۽ روزمره جي رهڻي ڪهڻي جا پار ۽ اهڃاڻ ڪافي تفصيل سان ۽ نهايت موثر انداز نموني ۾ ڏنا آهن.

[1] نون = نمن - سلامي ٿين. نانءُ نيابت گندري = نالي ۽ نسب ۾ گندري. لياڪا ڪئا = ليا پاتا. ڪامڻ ڪام - الخ = نوريءَ کي اکين ۾ ڪا محبت جي مڻ آهي.

[1] سر = تلاءُ - ڍنڍ. سهاٽس = وٽيس - ڪتس آيس.

[2] ڏه ڏي تن = ڄام تن کي ڏيهه (وڏيون اراضيون) جاگير ۾ ڏئي.

[3] طول = قد. مورچل = مور جي کنبن جا وجڻا.

[3] آڳ = آڳهه - پرجهلو. لاڳ = محصول. نتر = ٻيڙين جي قطار - ٻيڙا (يعني ٻيڙين وارا مهاڻا ۽ ٻيڙين جي بيهڻ جا بندر).

[4] مڏ = مهاڻن جا گهر. مياٽيون = مڇيءَ جا ماڳ. مڪرا = ٻيڙا.

[الف/4] پاڻ نه ڏنائين = پاڻ نه پانيائين. تي نوازي = تنڌهن نوازي. سهائي = 1. وٽي 2. نوازي. ساموهي = ساموئي (سمن بادشاهن جو شهر). اتائين = ڇيائين. ڏاڏاٽڪي = ابن ڏاڏن جي ڪينجهر ڍنڍ.

[ب/4] ڇتا = تڏا (ڇتا (؟)= مڇي مارڻ جا اوزار - ڇنيون).

[5] ديا = واحد 'ديو'. مڇي جو هڪ قسم (6 يا 7 انچ کن ڊگهي مڇي). دانر = ننڍڙي انچ سوا کن ڊگهي مڇي. دوءِ = مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهي ۽ ڊگهي جنهن کي سيسر وانگي سوند، قد منو فوٽ کن).

[الف/5] پاٻوڙا = 1. پيڻ جي ول جو پن 2. پيڻ جي گل جو ڦر (جنهن جي اندر ڪارا ڏوڏا ٿين). پندين = ڇيين.

[6] آهير =گهٽ ذات وارا مهاڻا. پيئو = گهڙيو - آيو. ڇٽ ڇڏيائون = ڪکي بوءِ ڇڏيائون.

[6] ڪافورئو = ڪافور جي خوشبوءِ سان واسيو - سرهو ٿيو.

[8] منهن پييون مسندا = ڪڪائن ڇنن هيٺ مسندون (تخت) رکجي ويون.

وائي: مها سوندري = وڏي حسن واري.

سرود ڪارائيڙو

● **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهه عنات جا 10 بيت ۽ 2 وايون، شاهه شريف جا 4 بيت، شاهه بلال جا 3 بيت، قطب شاهه جا 6 بيت، ۽ 1 بيت يوسف جو، شامل آهن.

● **مقصد:** اي هنجهه! ڳڙتي ڇڏي وڏن ۽ اڇن اجرن تلائن ۾ گذار. ڇڪ ۽ چلڙ وارن دهن ۾ نه ڇڳ پر ڪوٽين کي پنهنجو قوت بناءِ. سهڻا للا هنجهه. اونهي اڇي پاڻي ۾ رهڻ سان ئي مانائتا ٿين. هنجهن کي لاشڪ ڪا پوئتي جي اون آهي، هو روهن ۽ پهاڙن مان سانگ خاطر هت آيا آهن ۽ وري وطن موٽندا. هتي ماري سندن مارڻ لاءِ ڊپ اڏيو وينا آهن. پر اي هنجهڙا! جيسين موتي نه ڇڳين تيسين مٿان ڪنهن دام ۾ نه ڦاسي مرين!

ڇڪ وارا ڇلها جتي ڏير گاه ڇانيل آهي، اتي نہ ڇٽج. متان ڪنهن ماريءَ جي ور چڙهين. تون اڏامي ڪنهن تار پاڻي واري تلاءَ ۾ پهچ، جتي ڪک ڪهڙ ۽ گپ ڇڪ نہ هجي، ۽ جتي موتي اڻ ميا هجن. اي هنجھہ! تنهنجي لات ڪهڙي نہ مٺي آهي! جهڙي تنهنجي ٻولي مٺي آهي، تهڙو ئي جي چارو چڻين (يعني وڏين صاف ڍنڍن ۾ موتي چڳين، جتي ماري جي پهچ نہ آهي) تہ هوند پاڻ ٻچائي سلامت وطن ورين.

● **خاص نُڪتا:** ميون شاھہ عنات غالباً پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن هنجهن کي ڳايو آهي ۽ للن هنجهن جي اوچي ذات، سندن مٺي لات، سندن اصل وطن روه، چوڻي خاطر سنڌ ۾ سندن سانگ، ۽ سندن مارين ۽ شڪارين جا تفصيلي اهڃاڻ ڏنا آهن.

[1] دور م ڪاءِ = ڳڻتي نہ ڪر. سوجهار سر =1. وڏي سر يا تلاءَ جي سوجهہ ڪر، ڳولا ڪر. 2. ڪنهن وڏي ڍنڍ جو نالو 'يعني سنجهيئي وجي 'سوجهار سر' ۾ لهہ. آباڇي = 1. 'آب اڇي' يعني اڇي اُجري پاڻي. 2. ڪنهن ڍنڍ يا وڏي تلاءَ جو نالو. ڪرڻا = ڪرڻيون (ڪوٽي جي ول جا ٻہ قسم: 1. 'مــنال' جا پاڻيءَ جي اندر ٿئي جنهن جي چوٽيءَ ۾ 'ڪوٽي' يعني 'ڪوٽيءَ جو گل' ٿئي جنهن کي 'نيلوفر جو گل' پڻ سڏجي. اهو گل پاڻيءَ جي سطح ڪان ٻاهر مٿي ايري بيهي ٿو. 2. ٻي 'ڪرّال' جا پڻ 'مــنال' جهڙي، ۽ جنهن جي چوٽيءَ ۾ پڻ 'ڪوٽي' يعني 'ڪوٽيءَ جو گل' 'نيلوفر جو گل' ناهي).

[الف/1] ارمرو = غالباً 'هرمرو' (ول جو هڪ ٻج جنهن جو واس ڏوپ ڪن). ارگ ڪري = بيمار ڪري. ڪوڻ = ڪوٽي.

[ب/1] ڪمر = 'مــنال' ۽ 'ڪرّال' جي ول جي پاڙ ۾ 'گند' جنهن مان ڏانديون ڦٽن، جن جي چوٽين ۾ سنهڙي ٻج وارا گول ڦر. 'مــنال' جو 'ڪمر' ذرا ننڍو ۽ پاڻيءَ جي سطح ڪان هيٺ ٿئي، 'ڪرّال' جو 'ڪمر' وڏو ۽ پاڻيءَ جي سطح ڪان مٿي ايري بيهي. تنهن ڍهان = تنهن ڏيي ڪان.

[2] پال سر =ڪنهن وڏي تلاءَ يا ڍنڍ جو نالو. للا = هنجن جو قسم، جي رنگ جا اڇا ۽ سيني ۾ سهڻا ۽ مٺيون لاتيون ڪن. للا تي لال ٿيا = للا هنج تڏهن وڏي مرتبي وارا ٿيا.

[الف/2] سي سونائين سير = اهي ماڳ ووڙيائين.

[ب/2] اپيڪ = بيهڪ. عادت.

[ب/3] بيوقوف ٻلال چئي - الخ = هن سٽ جي ٻي روايت: "ٻي پتا، ٻلال چئي، منجهان ڇڪ ڇٽن".

[5] ڪاٺو ٿئي = پاڻي لاٿ ڪري - پاڻي گهٽجي ٿورو ٿئي.

[6] ڪري سانگ سرين - الخ = ڍنڍن ۽ تلائن ۾ ڪي ڏينهن گذارڻ خاطر هنجھہ پهاڙن مان اڏاڻا.

[ج/6] پهير = لوڙهي جي ٽاپ ٽاپ (ماري ٻين سيني طرفن ڪان ٿورا ٿورا ڍنگهر ڏيئي ڇڏيندا ۽ فقط هڪڙي واٽ ڇڏيندا، جنهن تي 'ڍپ' يا 'دام' اڏي ڇڏيندا).

[7] ڏيهر ڏڏيءَ ڏاءِ = 'ڏير' جو گاه ڏڏي ڏانءُ وارو آهي (ڏير گاه اڪثر تانگهي پاڻي ۾ ٿئي، جنهن ۾ ماري ۽ شڪاري لڪي ويهن).

[9] مت = ڪاٿو - انداز (مت ڪار < مقدار).

اضافا

سرود ڪنيات. ويڙ = جوءِ. وانگي = ڪو ماڻهو - ڪا پهر. ميي = اٺ. ڪوهر = ڪوه - تڙ.

سرود سر سريراڳ. [2] وسقهم ربهم شراباً طهورا = پنهنجن نيڪ ٻانهن کي ڏٺي پاڪيزو شراب پياريو.

سرود رامڪلي. ڪيرت = بندگي - ڪتا.

سرود پرڀات. [1] وهاڳ = تعريف ۽ ساراه.

Though a percursor of Shah Abdul Latif who was introduced to the world a century ago, [1] Shah Inat has not yet come into limet-light and his poetry had remainde unpublished to this day. It was the fortuitous discovery of two manuscripts whichprompted me to undertake a critical edition of Shah 'Inat's poetry. In 1944 was discovered a manuscript written during the first quarter of this century and ten years later was discovered another manus;crpit transcribed sometime between 1802 and 1811 A.D.

Finding that each of these manuscripts contained but a part of his compositions and that a considerable volume of his verse was yet current through the oral tradition of the people, an attempt was made during the last ten years to record the latter from every nook and corner of the country particularly from all the living memebers of the poet's family. The presents edition is based on a careful comparison and collation of the two manuscript collections and the record of the oral tradition and the application of the evaluative criteria to sift the poet's genuine compositions from the spurious ones. As a result 469 ***bait's*** and 42 ***waees*** of Miyun Shah 'Inat and 373 ***baits*** and 2 ***waees*** of other poets-- his son, grandsons and followers who composed under his inspiration-- have been laid under contribution. This is a valuable record falling within the domain of classical Sindhi poetry which is now being published for the first time.

London,
August, 1963.

N.A. BALOCH,
Editor

~~~~~~~~*****~~~~~~~~

[1] Ernst Trumpp's edition of *Shah-jo-Risalo* at Leipzig in 1866, and earlier in 1863, his article on one of its chapters "sorath, ein Sindhi Gedicht aus dem grossen Divan Des Sayyied Abd-ul-Latif. bekannt unter dem Namen Shah-jo-Risalo order: Buch des Shah" in **ZDMG** 17/1863.
~~~~~~~~

contemporary individuals. These two streams had not yet come to a confluence: each followed its own course. While the bardic tradition was more widely diffused, spiritualpoetry had successively found its great exponents in the great Sufi poets reaching almost its climax both in form and expression, in the compositions of Qadi Qadan (d. 1551 A.D.) and Shah Abdul Karim (d. 1620/21 A.D.), the great grand-fatherof Shah Abdul Latif. They were the great predeccessors of Miyun Shah 'Inat, and we find their poetry essentially spiritual and didactic in content, little related to the life of the people on their traditional heroes, folk-tales and romances.

According to the family accounts. from his very childhood Miyun Shah 'Inat was found of music and sat listening to the musicians and the professional minstrels in the village essemblies. By birth he belonged to an orthodox Sayyid family and had imbibed the love of Islam, the holy Prophet and the great saints. He had listened to the musicians and the minstrels and was also conversant with the spiritual contents of the poetry of his predeccessors. combining the two traditions, the forged a new line as a 'saint-poet of the people',[1] singing about their heroes in war and peace and their traditional tales and romances as well as about the traders, weavers and the monsoon rains on which depended the prosperity of the people. He also treated the spiritual themes of love and hope in his poetry and composed verse in praise of the saints and selfless devotees in search of God.[2]

The volume of his poetry that has reached us pertains to twenty two main topics covering all the above themes, each a chapter by itself, headlined in the extant manuscripts as 'SURUD' indicating the specific mode in which each one was to be sung. Thus, a background of music tradition is imlpicit in the poetical compositions of Miyun Shah 'Inat, though due to a long lapse of time the conceptual pattern of music is lost to us and only the verbal text has survived.

Fortunately, the new era in Sindhi poetry heralded by Miyun Shah 'Inat, soon found its greatest exponent in Shah Abdul Latif (b. 1689--d. 1752) who was yet in his twenties or even younger when Shah 'Inat deid. According to the oral tradition current to this day, Shah Abdul Latif is said to have gone and met the elderly Shah 'Inat more than once and they recited to each other some of their parallel verses on common themes. However that may be, there remains no doubt that young Shah Abdul Latif was strongly influenced by the form and technique used by Miyun Shah 'Inat, and within the framework of his own poetic genius he adopted them even to the extent of using some of the same idioms and expressions though with a more precise skill and insight. No doubt Shah Abdul Latif soared higher in the realm of ideas than Miyun Shah 'Inat who, as a pioneer, was mainly concerned with the contents of his new themes and experiments in the use of powerful idiom and fresh imagery to render the description more vivid and more poetic. But in so doing, he set the fashion and poved the way for the advent of Shah Abdul Latif the immortal poet of Sindhi language and one of the greatest powets of the world.

[1] Chapters 4, 6-8, & 13-22.
[2] Chapters 1- 2, 3, 8-10, & 12.

INTRODUCTION

Shah 'Inayatullah, popularly known as Miyun Shah 'Inat, belonged to a branch of Rizvi Sayyids which separated from the main family stock at Bakhar in Sindh sometime during the 14-16th Centuries A.D., and came down to settle at Nasarpur, the historical town in the present Hyderabad district. His father, Shah Nasruddin, was a respectable religious man who in his advanced age became a follower of Shah Khairuddin of Sukkur (d.1027 A.H 1618 A.D), the renowned saint of *Qadiriyyah* order, thus changing from the *Suhrawardiyyah* order to which the Rizvi Sayyids traditionally belonged, to the *Qadiriyyah* order. According to the family tradition, it was due to the blessings of Shah khairuddin that Shah 'Inayatullah was born to Shah Nasruddin in an advanced age. The birth date of the poet is not recorded, and it may be inferred that he was born during the decade of the Saint's death (between 1617-1627 A.D.).

In accordance with the family tradition of the Sayyids in Sindh, Shah 'Inayatullah must have received his basic education in some *madrasah* but the internal evidence from his poetry does not show his advanced knowledge of Persian, Arabic or Islamic Philosophy. On the other hand, there is ample proof of his intimate knowledge of music, the Sufi saints, the life of villagers in Sindh and their folk-ways and folk-tales, and of various places particularly in the Sindh region and the adjoining country of Kachh. He seems to have travelled far and wide in these areas.

During the later part of his life, he saw the decline of the Central Mughul Empire at Delhi and the rise of the leaders of the local Kalhora Dynasty with whom he had all his sympathies. In one of his baits, he eulogized the emerging leadership of Mian Nasir Muhammad (1692 A.D.) who had established his authority over Chanduka, the present Upper Dadu and Larkana districts. In another *bait* we find him appealing to Mian Yar Muhammad, the son and successor of Mian Nasir Muhammad, to recover for him the herd of camels taken away by one Langah. No further reference is found to the subsequent Kalhora ruler, Mian Noor Muhammad whom the poet's grandson Bilal Shah, has mentioned in one of his verses. Our poet was already of an advanced age when Mian Yar Muhammad came to power, and most probably he died sometime earlier during his Chieftainship (1708-1713 A.D.).

Thus Shah 'Inayatullah or Miyan Shah 'Inat, as he has been affectionately called by his progeny and the people, was essentially a poet of the 17th century A.D. He was a classical poet in as much as he used the classical Sindhi idiom and employed the classical forms of Sindhi ***bait*** and ***waee*** or ***kafi*** in his poetry. Yet he heralded a new era in the domain of Sindhi poetry by combining the poetic contents of the age- old bardic tradition and of the more cultivated spiritual thought of the sufi - saint poets. Prior to this, Sindhi poetry had been nurtured by the country bards and the professional minstrels to commemorate the valour of the heroes in wars or the munificence of the generous in peace and to entertain the people by composing and singing their folk tales and pseudo-historical romances. it was also employed by the sufis and the saints as a medium to express their spiritual ideas and experiences or convey their personal approval or disapproval of the deeds of some

1st Edition	October 1963	1000 Copies
2st Edition	2010	1000 Copies

All rights reserved. No part of this book may be reproduced in any form or by any electronic mechanical means, including storage and retrieval system, without express permission in writing from the publishers.

Price: Rs 350 – 00

Available at
SINDHI ADABI BOARD'S KITAB GHAR
Tilak Incline, Hyderabad, Sindh
Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

POETRY OF SHAH INAT

(THE RENOWNED SINDHI POET OF THE SEVENTEENTH CENTURY)

Edited by
Dr. N:A.BALOCH

Sindhi Adabi Board
Jamshoro, Sindh
2010